

جادو سائنس

جادو ۽ سائنس

(ٽن جلدن ۾)

— جلد ٻيو —

جادو ۽ سائنس

(ٽن جلدن ۾)

— جلد ٻيو —

از

سر جيمس جارج فريزر

مترجم

سومار علي م. سومرو

ايم-اي (آنرس).

سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ اسيمبلي بلڊنگ،
بندر روڊ، ڪراچي.

تلڪ چاڙهي،
حيدرآباد، سنڌ.

ڇاپو پهريون،　　　　١٩٦١ع　　　　٢، هزار ڪاپيون

هن ڪتاب جي اشاعت جا سڀ حق ۽ واسطا
سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن.

15-00
قيمت [redacted]

ملڻ جو پتو:-

١. سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ اسيمبلي بلڊنگ، بندر روڊ، ڪراچي.
٢. سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال، اسٽيشن روڊ، حيدرآباد سنڌ.

هي ڪتاب ”نواءِ سنڌ“ پرنٽنگ پريس، ڪراچيءَ ۾ ڇپيو،
۽ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو.

مترجم جو نوٽ

علم الانسان جي ماهرن جي راءِ آهي تہ، حضرت انسان، جو انسان کي ذري گهٽ ارتقا جي بنا، عروج تي نظر اچي رهيو آهي، سو اڄ کان ڪروڙين سال اڳ انتهائي وحشي حالت کان درجي بدرجي ترقي ڪندو، متين پنهنجي موجوده منزل تي پهتو آهي. اڄوڪي تهذيب ۽ تمدن، جنهن تي اسين ايڏو ناز ڪري رهيا آهيون، سا نہ هڪ صدي جي پيدائش آهي، ۽ نہ ڪنهن هڪ زماني جي، پر حقيقت هيءَ آهي تہ اسان کي پنهنجن ابن ڏاڏن کان آهستي آهستي ورثي ۾ ملندي آئي آهي- اهي ابا ڏاڏا، جن کي اڄ اسين اڻ سڌريل ۽ وحشي چئي حقارت آميز خطابن سان نوازي رهيا آهيون. لکين سال اڳ، جڏهن انسان ذات کي ناموافق ماحول ۾ قدرتي عناصر جي رحم وڪرم تي ۽ اڻ تنها ڇڏيو، تڏهن سندس اڻ گهڙيل دماغ جي جيڪا ڪيفيت رهي هوندي، تنهن جو اسين شايد تصور بہ نہ ڪري سگهون. اهو انهيءَ وحشي اڻ سڌريل انسان جي مشاهدن ۽ تجربن، ڪاميابين ۽ ناڪامين جو ئي نتيجو آهي، جو اڄ اسين قدرت جي اهڙن پوشيده رازن کي ڳولي سگهيا آهيون، جن کي پيا تہ ڇڏيو، پر رڳو اڳين صدي جا ماڻهو بہ "خدا جي رازن ۾ هٿ وجهڻ" سمجهندا هئا، ۽ جي اڄوڪي زماني جي سائنسي ايجادات کي هو ڪرامات ۽ معجزن کان سواءِ ٻيو ڪو نالو ڏئي ڪين سگهن ها.

ارتقا جي اصول مطابق، موجوده انسان، ٿيندي ٿيندي، 'چمپنزي' نسل جي بانڊر نما جانور جي هڪ گهراڻي مان نڪري، آهستي آهستي، پنهنجي پوئين شڪل وصورت، عادتن ۽ خصلتن کي ترڪ ڪندو، اڄ اچي هڪ شائستہ ۽ مهذب انسان جي منزل کي پهتو آهي.

ظاهر، هيءَ ڳالهه هڪ بي‌خبر ماڻهوءَ لاءِ ڪيڏي ڳوڙهي آهي، پر ارتقا جي اصولن کان باخبر ۽ سمجهه، ٻوجهه رکندڙ ماڻهوءَ لاءِ اهيءَ انيڙي ڳالهه، ۽ فڪر ۽ غور جا داستان پڙهڻ آهن. ٿورو ئي غور ڪري ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته اڄوڪي انسان کي پنهنجي اهيءَ وحشي حالت کي ڇڏڻ ۾ ڪيترو نه ڏکيو عرصو لڳو هوندو، ڪيس ڪهڙين نه دشوارين سان مقابلو ڪرڻو پيو هوندو، ۽ ڪيتري نه ڪيس جدوجهد ڪرڻي پئي هوندي! سندس ظاهري وضع قطع ۽ جسماني ساخت کي هڪ هيبتناڪ "حيوان" جي حالت کان ڦري، هڪ خوبصورت انسان جي شڪل ۾ تبديل ٿيڻ ۾ ڪيترين نه ارتقائي منزلون طي ڪرڻيون پيون هونديون!

اهو نه ٿيو سندس جسماني تبديليءَ جو احوال. پر حضرت انسان مخلوقات جي ٻين ساهوارن کان جيڪا فوقيت ۽ برتري حاصل ڪئي آهي، سا رڳو سندس جسماني فضيلت جي مرهون منت نه، پر خاص طرح سندس دماغي صلاحيتن جي ئي محتاج آهي. جنهن شيءِ کي اسين "عقل سليم" ۽ "انساني شعور" سڏيون ٿا، سو ته انسان کي تنهان ئي زياده تڪليف ۽ چالاڪيءَ کان پوءِ نصيب ٿيو آهي. اوائلي انسان کي جڏهن پهريائين پنهنجي دماغ کان ڪم وٺڻ جي صلاحيت جو احساس ٿيو، تڏهن هن جو ڌيان سڀ کان اول پنهنجي ارد گرد ماحول ڏانهن ڇڪيو، ۽ هن انهن سڀني فطرتي قوتن تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪئي، جي سندس وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ هميشه ساڻس برسر پيڪار هيون. هن جي اڻ اسريل ۽ انيڙي دماغ انهن سڀني شين - وڄ، گجگوڙ، برسات، طوفان، سج، چنڊ ۽ انهن جي گرهڻ، زندگي ۽ موت، وغيره جي اسباب و علل ڄاڻڻ لاءِ جاکوڙ شروع ڪئي. اهيءَ جاکوڙ ۾ ڪيس هڪڙا خيال ترڪ ڪري، وري وري ٻيا نوان خيال اختيار ڪرڻا پيا. جيئن جيئن سندس تجربي ۽ مشاهدي سندس اڳوڻن خيالن جي ترديد ڪئي، تيئن تيئن هن سچ حاصل ڪرڻ جي تلاش ۾ نيون واٽون ۽ اڳواٽ اڻ ڏٺل

راهون اختيار ڪيون. اڄوڪو 'سمجهدار' انسان، جو پنهنجي اوائلي زماني جي پاڻ کي وهم پرست سڏڻ کان دريغ نه ٿو ڪري، تنهن کي جيڪڏهن اهي ماحول ۽ انهن دشوارين سان مقابلي ڪرڻ جو اڄ به ڪو موقعو ملي، ته امڪان اغلب آهي ته هو اهڙو ڪجهه به نه ڪري سگهي، جهڙو سندس پيشرو پنهنجن بچاءَ لاءِ ورتي ۾ ڇڏيو. اهو سچ آهي ته اوائلي انسان ڪائنات جي مختلف مشاهدات متعلق جيڪي اسباب و علل سوچيا، ۽ جن تي هن گهڻي زماني تائين ڳنڍي ڌاري، سي آخرڪار باطل ۽ بي بنياد ثابت ٿيا. ان هي ڳالهه تسليم ڪرڻ کان سواءِ نه ٿو رهي سگهجي ته بعد واري زماني جي تحقيقات ۽ کوجنائن جو اصلي بنياد اوائلي انسان جا اهي ئي باطل ۽ ڪوڙا نظريا ۽ عقيدا هئا، جن انسان جي موجوده زماني جي سائنس کي جنم ڏنو. جيستائين اوائلي انسان جي وهمن ۽ پرمن کي بي حقيقت ثابت نه ڪيو ويو، تيستائين حقيقي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي ڪا گنجائش ئي ڪانه هئي. ۽ اهڙن محققن کي، قديم زماني کان وٺي سوين ائين ورتي ۾ سليل ڳالهين کي اوچتو ئي باطل چوڻ ۽ باطل ثابت ڪرڻ ۾ ڪهڙو نه جيءُ جو جوکو ملي، ڪيترو ئي هوندو، تنهن جا ڪيئين مثال تاريخ ۾ موجود آهن، جن جي بيان ڪرڻ جي هتي ڪا خاص گنجائش ۽ ضرورت ڪانهي.

بهرحال، هيءَ دنيا، گذريل ڪروڙن ۽ اربن سالن کان وٺي، ترقي ڪندي آئي آهي، ۽ ظاهر آهي ته اها ئي دنيا، جا اڄ هڪ اهڙيءَ منزل تي اچي پهتي آهي، جتي انسان پنهنجي قرب ۽ ڀرپاسي ماحول تي مڪمل قدرت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، آسمان ڏانهن اکيون کنيون آهن، ۽ جنهن ڪائنات جي خلا ۾ معلق سيارن جي تسخير جي ڪوشش شروع ڪئي آهي، اها ئي دنيا ۾ ڪن صدين يا هزارن سالن کان پوءِ، ڪو اهڙو انسان آباد نظر اچي، جنهن جي نظرن ۾ اڄوڪو انسان به محض ان ئي ابتدائي وحشي دور جو هڪڙو آخرين يادگار ثابت ٿئي — ته اها

ڳالهه ڪا ناممڪن نه آهي. جهڙيءَ طرح اسان پنهنجن پيشروئن جي حاصل ڪيل حڪمت ۽ اخذ ڪيل نتيجن جي ڍير مان ڳولهي ڦولهي سچ ۽ سون ارڪي ڪم آندو آهي ۽ سندن غلطين کي ميٽ ۽ انڪار جائي ڦٽو ڪري ۽ انهن متعلق ورائي خيال ترڪ ڪري، ترقيءَ جي راهه ۾ پنهنجو قدم اڳتي کي وڌائيندا آيا آهيون، بلڪل اهڙيءَ ئي طرح اسان جا پويان به اسان جي غلطين کي به حقيقت سمجهي، اسان جي ڪاميابين مان فائدو حاصل ڪري، حق جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ ڪائنات جي مڪمل تسخير جي منزل مقصود ڏانهن گامزن نظر ايندا... ۽ اهو زمانو پري نه ٿو نظر اچي، جڏهن هيءَ آدم جو اولاد چنڊ ته ڇا خود، اڃا به ڪنهن زياده بلند مقام تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو.

"جتي عرش نه اڀ ڪو، زمين ناهه ذرو،
نه ڪو تارو چنڊ جو، نڪو سج سرو،
اتي آدمين جو نڪو ڏک ڏرو،
اتي اڻهه اڙو، لات ڏنائون لاهه ۾!" —"شاهه"

زير نظر ڪتاب علم الانسان جي گوناگون شاخن مان هڪ شاخ سان وابسته آهي. جيئن مٿي عرض ڪري آيا آهيون، انسان ڪائنات جي حقيقت ڄاڻڻ لاءِ ڏاڍا ٽڪر هنيا آهن ۽ سندس انهيءَ طويل جدوجهد جو داستان به اوترو ئي طويل آهي، ان کي ڪنهن هڪ يا ٻن جلدن اندر ماپائڻ ناممڪن آهي. سنڌي زبان ۾ شايد هي پهريون ئي دفعو آهي، جو حضرت انسان جي هن ڪوشش جو داستان سنڌي خواندي عوام اڳيان پيش ڪيو وڃي ٿو. ٻين ٻولين ۾ خاص طرح انگريزيءَ ۾ ته انهيءَ موضوع تي انتهائي دلچسپ، مفيد ۽ غور و فڪر جي غذا سان ڀرپور ڪيئي جلد لکيا ويا آهن، پر اسان جي مادري زبان علم جي انهيءَ شاخ کان تاحال بي بهره رهي آهي. سنڌي ادبي بورڊ ان ڪري مبارڪباد جو مستحق آهي، جو هن انهيءَ ڏس ۾ دلچسپي ورتي،

پروفيسر فريزر جي جڳ-مشهور ڪتاب (Golden Bough) جو هيءُ سنڌي ترجمو پيش ڪيو آهي.

انسان جي دماغي ارتقا، معاشرتي نظام، سماجي جوڙجڪ ۽ سندس تهذيب و تمدن جي تحقيقات ۾ پروفيسر فريزر جون خدمتون سڀني دانائن ۾ مسلّم آهن. جنهن ڪتاب جو اسان ترجمو پيش ڪري رهيا آهيون، سو دراصل ٻارنهن جلدن ۾ لکيل آهي ۽ منجهس جيڪي به حقيقتون پيش ڪيون ويون آهن، انهن جا مثال ڏنا ويا آهن، تن جون اختياريون ۽ حوالا به انهن ۾ ڏنل آهن. پر جيئن ته اهي ٻارنهن جلد عام ماڻهوءَ جي دسترس کان بالاتر آهن، ۽ نه وري عام ماڻهوءَ وٽ ايترو وقت آهي، جو انهن جو مطالعو ڪري منجهائن مستفيض ٿي سگهي، انڪري فريزر صاحب انهيءَ درياهه کي ڪوزي اندر بند ڪري، اهو سڀ مواد اختصار طور هڪ جلد اندر سمايو آهي — جنهن جي ترجمي کي اسان ناظرين ڪرام اڳيان پيش ڪرڻ جي هيءَ ڪوشش ڪئي آهي. اصل ڪتاب جي اختصار جو هيءُ سنڌي ترجمو به جملي ٽن جلدن ۾ شايع ٿي رهيو آهي.

ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ جي دوران ۾ انگريزيءَ جا ڪي اهڙا الفاظ ۽ اصطلاح سامهون آيا، جن جا هم معنيٰ لفظ سنڌيءَ ۾ ملڻ مشڪل هئا، جنهنڪري گهڻن هنڌن تي انهن لفظن ۽ اصطلاحن جي تلاش ڪرڻي پيئي آهي. اهڙن مشڪل مرحلن تي مسٽر محمد ابراهيم جوئي نهايت همدرديءَ ۽ پنهنجائپ سان منهنجي رهبري ڪئي ۽ جيئن ته هن ميدان ۾ منهنجي هيءَ پهرين ڪوشش هئي، انڪري منهنجي ٻوليءَ ۾ نقص ۽ انداز بيان ۾ نا پختگي هئڻ هڪ لازمي امر هو. انهيءَ ڏس ۾ محترم جوئي صاحب گهري دلچسپي ورتي ۽ انتهائي محنت سان منهنجي ناقص ڪوشش کي سڌاريو ۽ ڪامياب بڻايو، جنهن لاءِ آءٌ صاحب ممدوح جو نهايت شڪرگذار آهيان.

اميد آ، جنهن اعليٰ مقصد کي مد نظر رکي سنڌي ادبي بورڊ هي ڪتاب شايع ڪري رهيو آهي، سو سنڌي پڙهيل عوام جي دلين ۾ علم ۽ ڄاڻ جي انهن روشنيءَ جي جوت جاڳائڻ ۽ سندن خيالن ۽ نظرين کي ڪچو، اڌر حقيقت پسندانه بنائڻ جي صورت ۾ حاصل ٿي سگهندو.

ڪراچي،
١ جولاءِ، ١٩٥٩ع.

— سومار علي م. سومرو.

فهرست

باب			صفحو
چوڏهون	خدائي بادشاه جو مارڳ	......	٦٢٥
	(١) ديوتائن جو اُنا ٿيڻ	......	٦٢٥
	(٢) جسماني طاقت ختم ٿيڻ تي		
	بادشاهن جو مارڳ	......	٦٢٧
	(٣) مقرر ميعاد جي پوري ٿيڻ		
	تي بادشاهن جو مارڳ	......	٦٤٩
پنڌرهون	عارضي بادشاهه	......	٦٧١
سورهون	بادشاه جي پٽ جي قرباني	......	٦٨٥
سترهون	روحاني ورثو	......	٦٩٥
ارڙهون	وڻ جي روح کي مارڻ	......	٧٠١
	(١) وڻسپتائيءَ جا لقاب پوش آچو	......	٧٠١
	(٢) ڪارنيوال کي دفن ڪرڻ	......	٧١٣
	(٣) موت کي ٻاهر ڪڍڻ	......	٧٢٧
	(٤) اونهاري کي آڻڻ	......	٧٣٦
	(٥) اونهاري ۽ سياري جي جنگ	......	٧٤٧
	(٦) ڪوسٽرو بوڪو جو موت ۽		
	اٿوڻ جنم	......	٧٥٠
	(٧) نباتات جو موت ۽ اٿوڻ جنم	......	٧٥٣
	(٨) هندستان ۾ ساڳيون رسمون	......	٧٥٤
	(٩) جادوءَ جو چشمو	......	٧٥٦

باب			صفحو
اڻٽيهون	اڊونس جي ڏند ڪٿا	......	٧٦٥
ٽيهون	شام ۾ اڊونس	......	٧٧٣
ايڪٽيهون	قبرص ۾ اڊونس	......	٧٧٩
ٻٽيهون	اڊونس جا ساٿ سڳڻ	......	٧٩٣
ٽيٽيهون	اڊونس جا باغ	......	٨٠٧
چوٽيهون	اٽس جي ڏند ڪٿا ۽ ان جا ساٿ سڳڻ	......	٨٢١
پنجٽيهون	اٽس نباتات جو ديوتا	......	٨٣٣
ڇٽيهون	اٽس جا انساني نمائندا	......	٨٣٧
سٽيهون	مشرقي مذهب مغرب ۾	......	٨٤٥
اٺٽيهون	اوسيرس جي ڏند ڪٿا	......	٨٥٩
اڻيتاليهون	اوسيرس جا سڳڻ ساٿ	......	٨٦٣
	(١) عوامي رسمون	......	٨٦٣
	(٢) سرڪاري رسمون	......	٨٨٣
چاليهون	اوسيرس جي نوعيت	......	٨٩٣
	(١) اوسيرس، اناج جي ديوتا جي حيثيت ۾	......	٨٩٣
	(٢) اوسيرس، وڻن جي روح جي حيثيت ۾	......	٨٩٩
	(٣) اوسيرس، آباديءَ جي ديوتا جي حيثيت ۾	......	٩٠٠
	(٤) اوسيرس، اهل ممات جو بادشاه	......	٩٠٢
ايڪيتاليهون	آئسس	......	٩٠٥

ٻائيتاليهون	اوسيرس ۽ سج	۹۱۱
ٽيتاليهون	ڊائونيسس	۹۱۵
چوئيتاليهون	ڊيميٽر ۽ پرسيفون	۹۳۳
پنجيتاليهون	شمالي يورپ ۾ اَنَ-ماءُ ۽ اَنَ-ڪنواري	۹۴۷
ڇائيتاليهون	اَنَ-ماءُ، ڪيترن ملڪن ۾	۹۷۹
	(۱) اَنَ-ماءُ، آمريڪا ۾	۹۷۹
	(۲) ايسٽ انڊيز ۾ چانورن-ماءُ	۹۸۲
	(۳) اَنَ جي روح جو ماڻهن اندر واسو	۹۹۴
	(۴) اَنَ جي ماءُ ۽ ڌيءَ جي صورت ۾ ٻٽي نمائندگي	۹۹۷
ستيتاليهون	لٽيرسز	۱۰۰۷
	(۱) لاباري جا گيت	۱۰۰۸
	(۲) اَنَ جي روح جو قتل	۱۰۱۰
	(۳) فصل لاءِ انساني قربانيون	۱۰۲۴
	(۴) اَنَ جي روح جو مقدس انساني نمائندن ذريعي قتل	۱۰۴۰

جادو ۽ سائنس

(ٽن جلدن ۾)

— جلد ٻيو —

باب چوڏهون

خدائي بادشاه جو مارجڻ

١- ديوتائن جو فنا ٿيڻ: ديوتائن کي، انسان سان مشابهت رکندڙ مخلوق جي حيثيت ۾ سمجهيو آهي، جيئن ته هو انهن فاني آهن، ان ڪري هن، بلڪل قدرتي طور، پنهنجي انهيءَ مخلوق کي به ساڳي افسوسناڪ حالت ۾ مبتلا تصور ڪيو آهي. چنانچه، گرين لينڊ جي رهاڪن جو اعتقاد هوندو هو ته هوا سندن سڀني کان وڌيڪ طاقتور ديوتا کي به ماري سگهي ٿي ۽ جيڪڏهن انهيءَ ديوتا جو ڪنهن ڪتي سان واسطو لڳي ويندو، ته پوءِ هو يقيناً موت جو شڪار ٿي ويندو. جڏهن هنن عيسائين کان خدا متعلق ڳالهيون ٻڌيون، تڏهن هو بار بار اهو ئي سوال پڇندا رهيا ته ڇا اهو خدا ڪڏهن به نه مرندو آهي؟ ۽ جڏهن ٻڌائون ته هو ڪونه مرندو آهي، تڏهن حيران ٿيا ۽ چيائون ته پوءِ اهو سچ پچ تمام وڏو ديوتا هوندو. ڪرنل ڊاج جي سوال جي جواب ۾ اتر آمريڪا جي هڪ ڳاڙهي هندستانيءَ کيس ٻڌايو ته هيءَ دنيا "عظيم روح" ٺاهي آهي. وري جڏهن ڪرنل پڇيو ته "عظيم روح" مان سندس مقصد ڪهڙي "عظيم روح" يعني نيڪيءَ واري يا بديءَ واري سان هو، تڏهن هن هڪدم اهو جواب ڏنو ته "اڙي يار، انهن ٻنهي مان ڪنهن هڪ سان به نه، جنهن جو مطلب ناهي، ڇاڪاڻ ته جنهن 'عظيم روح' هيءَ دنيا خلقي هئي، سو ته گهڻو زمانو ٿيو ته مري چڪو آهي. يقيناً هو ايتري ساري زماني تائين زنده رهي نه ٿو سگهي". فلپائين ٻيٽن جي هڪ قبيلي جي ماڻهن هسپانوي فاتحن کي ٻڌايو ته 'خالق' جي قبر ڪئبونين جبل جي چوٽيءَ تي آهي. هاٽينٽاٽ قبيلي وارن جو ديوتا، يا روحاني هيرو، هيتسي ايبيب ڪيئي دفعا مري، وري

وري جيئرو ٿيندو رهيو. سندس تربتون، گهڻو ڪري جبلن جي درميان سوڙهن لڪن جي وچ ۾ نظر ايندبون آهن. هاڻينٽات قبائلي جڏهن انهن قبرن مان ڪنهن هڪ وٽان لانگهائو ٿيندا آهن، تڏهن اهي ڀلاري بخت خاطر ان جي مٿان هڪ پٿر اڇلائيندا ويندا آهن ۽ ساڳئي وقت چوندا ۾ پڙڪندا آهن ته "اسان کي جام مال ڏي". يونان جي وڏي ديوتا، زيئس جي قبر ته هلندڙ دور، يعني عيسوي سن جي شروعات واري زماني تائين به، سياحن کي ڪريٽ ٻيٽ ۾ ڏيکاري ويندي هئي. ڊيئونيسس جو لاش ڊيلفيءَ ۾ اپولو ديوتا جي سوني بت جي پاسي ۾ دفن ٿيل هو ۽ سندس قبر تي هيءُ ڪتبو لکيل هو ته "سيميل جو پٽ، ڊيئونيسس، هن هنڌ دفن ٿيل آهي". هڪ ٻيءَ روايت مطابق، خود اپولو کي ڊيلفيءَ ۾ دفن ڪيو ويو هو. چاڪليڻ ته چيو وڃي ٿو ته پٿاگورس (فيثاغورث) ان جي قبر تي هڪ ڪتبو هڻايو هو، جنهن ۾ ٻڌايو هئائين ته ديوتا کي اڄگر ڪهڙيءَ طرح ماريو هو ۽ هن جو لاش ٽپائيءَ هيٺان ڪيئن دفن ڪيو ويو هو.

خود مصر وارا عظيم ديوتائون انهيءَ عام انجام کان مستثنيٰ نه هئا. پر بعد واري زماني ۾، جڏهن مئل ماڻهن جي لاشن کي دوائن وسيلي غير معين عرصي تائين سڙڻ ۽ خراب ٿيڻ کان محفوظ رکڻ جي ايجاد سندن روحن کي زندگيءَ جو نئون پروانو ڏنو، تڏهن ديوتائن کي به انهيءَ نئين ايجاد جي برڪتن ۾، جنهن ديوتائن خواه انسانن کي بقا جي معقول اميد ڏياري، شريڪ ٿيڻ جي اجازت ڏني وئي. ان کان پوءِ هرهڪ صوبي کي پنهنجي پنهنجي ديوتا جي جدا قبر ۽ ان جي جدا "ممي"* هوندي هئي. اوسيرس ديوتا جي 'ممي' مينڊيز ۾ رکيل هئي، ته ٿينيس وارن کي 'انهوري' ديوتا جي 'ممي' هئڻ جو فخر حاصل هو.

* قديم مصر جي حڪيمن هڪ اهڙي حيرت انگيز دوا ايجاد ڪئي هئي، جا مئل ماڻهن جي لاش کي لڳائڻ سان ڪين گرڻ، سڙڻ ۽ خراب ٿيڻ کان محفوظ ڪري ڇڏيندي هئي. مصر جي قديم قبرستانن مان اهڙيءَ طرح محفوظ ڪيل جيڪي لاش مليا آهن، تن کي "ممي" سڏيو وڃي ٿو.

۽ هيليئو هولس وارا وري 'تمز' ديوتا جي 'سمي' جا مالڪ هئڻ سبب خوش ٿيندا هئا. بابل جا وڏا ديوتائون جيتوڻيڪ پنهنجن پوڄارين کي فقط خوابن ۽ تصورن ۾ پنهنجو ديدار ڪرائيندا هئا، تڏهن به ڪين سندن جسماني بيهڪ، جذبن ۽ نصيب جي معاملن ۾ انسان وانگر ئي تصور ڪيو ويندو هو. ڇاڪاڻ ته انسانن وانگر ئي اهي هن دنيا ۾ ڄمندا هئا، ۽ ماڻهن وانگر ئي اهي محبت ڪندا، وڙهندا ۽ مرندا هئا.

۾ جسماني طاقت ختم ٿيڻ تي بادشاهن جو مارجڻ:

جيڪڏهن وڏا ديوتائون، جيڪي هن دنيوي زندگيءَ جي گوڙ ۽ گهمسان کان دور رهن ٿا، سي به آخرڪار موت جو شڪار ٿيندڙ سمجهيا وڃن ٿا، ته پوءِ هڪ اهڙي ديوتا لاءِ، جيڪو انساني گوشت جي ڪمزور پڃري ۾ رهي ٿو، هيءَ اميد نه رکڻ گهرجي ته هو اهڙي انجام کان بچي ويندو، حالانڪ اسان ڪن اهڙن آفريڪي بادشاهن جي باري ۾ به پڙهو آهي، جن پاڻ کي محض پنهنجي جادوگريءَ جي زور تي لازوال تصور ڪيو هو. هائي، ڪي وحشي قبائلي، جيئن اسين اڳي ئي ڏسي چڪا آهيون، انهن سمجهن ٿا ته سندن، ۽ پڻ سڄيءَ ڪائنات جي سلامتي انهن ديوتا ماڻهن، يا خدا جي انهن انساني روپن، منجهان ڪنهن هڪ جي زندگيءَ سان وابسته آهي. چنانچه، اهي قبيلا خود پنهنجي زندگيءَ جي سلامتيءَ جي خيال کان اهڙي ماڻهوءَ جي زندگيءَ جي انتهائي گهڻي حفاظت ڪن ٿا. پر هنن جي خواهه ڪيتري قدر به خبرداري ۽ حفاظت ڪئي وڃي، ان جي باوجود اهڙي انسان ديوتا کي پيرسنيءَ، ڪمزوريءَ ۽ آخرڪار موت جي منهن ۾ وڃڻ کان ڪنهن به طرح بچائي ڪونه سگهبو. هن جي معتقدن کي اهڙي المناڪ ضرورت کي ڪنهن نه ڪنهن وقت منهن ڏيڻ لاءِ پاڻ کي تيار رکڻو پوي ٿو ۽ آخرڪار، جڏهن اهو وقت اچي سهڙي ٿو، تڏهن اهي جيئن تيئن ڪري پنهنجي ديوتا جي موت جي حقيقت کي تسليم ڪن ٿا. اهڙي ماڻهوءَ جي ڪمزوريءَ ۽ موت ۾ هڪ

زبردست خطرو سمايل آهي؛ ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن قدرت جي
سڄي نظام جو دارومدار اهڙي انسان-ديوتا جي زندگيءَ تي آهي،
تہ پوءِ هن جي قوتن جي تدريجي ناتوانائيءَ ۽ آخرڪار موت،
جي صورت ۾ فنا ٿي وڃڻ مان ڪائنات تي ڪهڙين ڪهڙين
نہ وڏين مصيبتن ۽ شامتن جي ڪڙڪڻ جو انديشو رکڻ گهرجي؟
اهڙين شامتن کي ٽارڻ جو بس فقط هڪ ئي طريقو آهي، جنهن ئي
اهڙا اهڃاڻ نظر اچن تہ اهڙي انسان-ديوتا جون قوتون سلب
ٿيڻ لڳيون آهن، تہ هن ئي کيس قتل ڪري، سندس روح کي فنا
ٿيڻ جي خطرناڪ اثرن ظاهر ٿيڻ کان اڳ ئي ڪنهن طاقتور ۽
قوي الجثہ جانشين ڏانهن منتقل ڪرڻ گهرجي. اهڙي انسان-ديوتا
کي، پيرسني ۽ بيمارين جي اثرن کان ڇڙي مرڻ بدران،
مٿين طريقي سان قتل ڪرڻ مان جيڪي فائدا آهن، سي وحشيءَ
جي نظرن ۾ عيان آهن. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن انسان-ديوتا
اهڙيءَ طرح مري ٿو، جنهن کي اسين قدرتي موت جو نالو ڏيون ٿا،
تہ پوءِ وحشيءَ جي خيال موجب اُن جي معنيٰ اِها ٿي تہ ديوتا
جو روح رضاڪارانہ طور سان پنهنجي خاڪي جسم کي ڇڏي نڪتو
آهي، ۽ هاڻي هو ان ۾ واپس ورڻ کان انڪار ڪري رهيو آهي،
يا جيئن وحشين جو وڌيڪ عام اعتقاد آهي، روح کي ڪنهن
زبردست ديو يا جادوگر سندس جسم مان زوريءَ ڪڍي ٻاهر ڪيو
آهي، يا وري انهيءَ ديو يا جادوگر روح جي سير وتفريح ۾ رڪاوٽون
وجهي، کيس پنهنجي جسم اندر دوباره داخل ٿيڻ کان روڪي
رکيو آهي. انهن سڀني مان ڪنهن بہ هڪ حالت ۾ انسان-ديوتا
جو روح سندن پوڄارين جي هٿن مان هليو وڃي ۽ ان سان گڏ
سندن آسودگي ۽ خوشحالي بہ ڪائنات موڪلايو وڃي، ايتري قدر
جو، سندن وجود ئي خطري ۾ پئجيو وڃي. جيتوڻيڪ وحشي
پنهنجي مرندڙ ديوتا جي روح کي سندس چپن يا نامن مان ٻاهر
نڪرڻ وقت ڦاسائن، ۽ پوءِ کيس ڪنهن طاقتور جانشين ۾ منتقل
ڪرڻ جو ڪو انتظام بہ ڪري سگهن ها، تہ بہ آهي اهڙيءَ

طرح پنهنجو اصل مقصد حاصل نہ ڪري سگهن ها، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن انسان - ديوتا بيماريءَ وگهي مري ها، تہ سندس روح لازمي طور پنهنجي جسم جي ڪمزوريءَ ۽ ٿڪاوٽ جي آخرين مرحلن ۾ هجي ها ۽ اهڙيءَ صورت ۾ جيئن تہ روح اڳي ئي ڪمزور ۽ بي طاقت ٿي پوي ها، ان ڪري هو، خواه ڪيس ڪهڙي بہ طاقتور جسم ۾ منتقل ڪيو وڃي، وري بہ پنهنجي سست ۽ غير متحرڪ وجود جي ماڳيءَ ئي حالت ۾ گهليندو رهي ها، ان جي برعڪس، کيس قتل ڪرڻ سان، اول تہ سندس پوڄاري سندس روح کي پنهنجي جسم مان ٻاهر نڪرندي ئي وري پڪڙڻ ۽ کيس ڪنهن موزون جانشين ۾ منتقل ڪرڻ جي خاطري ڪري سگهن ٿا، ۽ ٻيو تہ سندس قدرتي قوت جي گهٽجڻ کان اڳي ئي کيس قتل ڪرڻ سان، هو اها بہ خاطري ڪري سگهن ٿا تہ انسان - ديوتا جي طاقت ناس ٿيڻ سان گڏ هيءَ ڪائنات بہ ناس ڪا نہ ٿيندي. اهڙيءَ طرح، انسان - ديوتا کي قوهہ جوانيءَ ۾ ئي انهيءَ نموني ۾ قتل ڪرڻ، ۽ سندس روح کي هڪ طاقتور جانشين ۾ منتقل ڪرڻ سان وحشيءَ جا سڀ مقصد پورا ٿي ٿيا ۽ سندس سڀ خطرا ۽ انديشا ٽري ٿي ويا.

ڪمبوڊيا ۾ "باهہ" ۽ "پاڻيءَ" جي صوفي بادشاهن کي قدرتي موت وگهي مرڻ ڪونہ ڏنو ويندو آهي. چنانچہ جڏهن انهن مان ڪو هڪ، سخت بيمار ٿي پوندو آهي ۽ اٿان جا چڱا مڙس سمجهندا آهن تہ سندس صحتياب ٿيڻ جي اميد باقي ڪانهي، تڏهن کيس خنجر هڻي ماري ڇڏيندا آهن. ڪانگو جي ماڻهن جو اعتقاد هوندو هو، جيئن اسين هن کان اڳي ڏسي آيا آهيون، تہ جيڪڏهن سندن سردار، "چٽومي" کي قدرتي موت مرڻ ڏنو ويندو، تہ سڄي دنيا فنا ٿي ويندي، ۽ هيءَ ڌرتي، جنهن کي هو ئي پنهنجيءَ طاقت ۽ اهليت سان جهلي بيٺو آهي، سا پرزا پرزا ٿي ويندي. چنانچہ جڏهن هو بيمار ٿيندو هو ۽ شبدش موت جو امڪان ظاهر هوندو هو، تڏهن اهو ماڻهو، جنهن کي سردار جو

جانشين ٿيڻ نصيب ٿيڻ وارو هوندو هو، سو سندس ڪمري ۾ نوڙيءَ يا ڏنڊي سان داخل ٿيندو هو، جنهن سان هو کيس گهٽي يا چٿي ماري ڇڏيندو هو. ميروءَ جي حبشي بادشاهن کي ديوتائون ڪري پوڄيو ويندو هو، پر جڏهن به پادرين جي مرضي پوندي هئي، تڏهن اهي بادشاهه ڏانهن هڪ قاصد موڪليندا هئا، جو وڃي کيس مرڻ جو حڪم ٻڌائيندو هو. پادري اهڙي حڪم لاءِ ديوتائن جي غيبي آواز کي اختياريءَ طور پيش ڪندا هئا. اهو حڪم ايتان جا بادشاهه ارغامينيس جي دور حڪومت تائين هميشه مڃيندا آيا. ارغامينيس مصر جي بادشاهه ٽالمي ٻئي جو همعصر هو. هن يوناني تعليم حاصل ڪئي هئي، جنهن جي اثر ڪري کيس سندس هموطنين جي وهمن کان نجات ملي ويئي هئي. انڪري هن پادرين جي انهيءَ حڪمنامي کي مڃڻ کان انڪار ڪرڻ جي همت ڪئي ۽ سپاهين جو هڪ دستو ساڻ ڪري، هو "سونهري مندر" ۾ گهڙي پيو، جتي هن سڀني پادرين کي قرار جي تڪليءَ ڏار جو پڪ ٻڌايو.

آفريڪا جي انهيءَ طرف، اهڙي قسم جون رسمون جديد دور تائين به ڦهليل نظر اچن ٿيون. فئزوقل جي ڪن قبيلن ۾ ته بادشاهه کي هڪ خاص وڻ هيٺان ويهي روزانو انصاف ڪرڻو پوندو هو. جيڪڏهن هو بيماريءَ يا ٻئي ڪنهن سبب ڪري سجا پيارا ٽي ڏينهن ساندهه اهو فرض ادا نه ڪري سگهندو هو، ته سندس ڳچيءَ ۾ سرڪڻي ڦاهي وجهي، کيس وڻ ۾ لٽڪايو ويندو هو. ڦ سرڪڻي ڦاهيءَ ۾ ٻه تکيون پاڪيون اهڙي نموني سان ڳاهي رکيون وينديون هيون جو جڏهن بادشاهه جي جسماني وزن پوڻ سبب ڦاهي ڇڪجي تاڻ تي ويندي هئي، تڏهن اهي پاڪيون بادشاهه جي گردن وڍي ڇڏينديون هيون.

اڇي نيل درياهه جي ڪنارن تي رهندڙ "شلڪ" قبيلي جي ماڻهن ۾ پنهنجن ديوتا-بادشاهن کي ڪمزوريءَ يا ٻڍاپي جي پهرين علامت ظاهر ٿيڻ سان ئي ماري ڇڏڻ جو رواج اڄ ڪال

ڪو ٿورو ئي زمانو اڳ قائم هو. جيتوڻيڪ اها ڳالهه
ته اهو رواج اڄ به پوريءَ ريت ختم ٿي چڪو آهي، يا فقط
ڍلو آهي. ٿورائي سال ٿيا ته ڊاڪٽر سي. جي. سيلگمين انهيءَ
رواج متعلق ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان جاچ پڙتال ڪئي هئي.
'شلڪ' قبيلي وارا پنهنجي بادشاهه کي جيڪو احترام ڏين ٿا،
تنهنجو خاص سبب سندن اهو اعتقاد معلوم ٿئي ٿو ته بادشاهه سندن
قبيلي جي نيم-ديوتا هيرو، نياڪانگ جي روح جو ٻيو جنم آهي،
جنهن سندن گهراڻي جو بنياد وڌو هو، ۽ پنهنجي قبيلي کي سندن
موجوده ملڪ ۾ آباد ڪيو هو. 'شلڪ' مذهب وارن جو ايمان
آهي ته سندن ديوتا يا نيم-ديوتا نياڪانگ جو روح وقت جي
بادشاهه جي جسم اندر نئون جنم وٺي اچي ٿو، جنهنڪري اهي خود
بادشاهه کي به ڪنهن حد تائين ديوتائي خصلتن سان نوازيندا
آهن. پر جيتوڻيڪ 'شلڪ' قبيلي جا رهاڪو پنهنجن بادشاهن
کي مذهبي نوعيت جي احترام وارين نظرن سان ڏسندا آهن ۽
کين ناگهاني موت کان محفوظ رکڻ لاءِ هر ممڪن تدبير اختيار
ڪندا آهن، ان جي باوجود سندن "اعتقاد آهي ته بادشاهه کي
ڪنهن به صورت ۾ بيمار يا ڪمزور ٿيڻ نه ڏجي، متان سندس
گهٽجندڙ طاقت سبب مال بيمار ٿي پوي ۽ ان جي نسلي افزائش ۾
ڪا رڪاوٽ پئجي وڃي، متان فصل پنهنجي اندر سڪي سڙي
وڃن ۽ خود انسان به بيمارين ۾ مبتلا ٿي، جئين پوءِ ٿين وڌيڪ
تعداد ۾ مرڻ لڳي." انهن شامتن کي روڪڻ لاءِ 'شلڪ' قبيلي
وارن نوٽ، پنهنجن بادشاهن کي بيماريءَ يا ڪمزوريءَ جي پهرين
علامتن ظاهر ٿيڻ کان ئي ماري ڇڏڻ جي باقاعده رسم هوندي
هئي. زالن جي جنسي خواهشن جي پوريءَ طرح تڪميل نه ڪري
سگهڻ کي، جن جو وٽن تمام گهڻو تعداد هوندو آهي، ۽ جي
فشودا ۾ وڏين جاين اندر جدا جدا رهايون وينديون آهن، وڌاڻ
ضعف جي هڪ پڪي علامت سمجهيو ويندو آهي. بادشاهه ۾ جڏهن
اهڙا خطرناڪ ڪمزوري نمايان ٿيڻ لڳندي هئي، تڏهن سندس

زالون قبيلي جي سردارن کي انهيءَ حقيقت کان آگاهه ڪنديون
هيون جي، عام روايت مطابق، بادشاهه کي سندس انجام کان واقف
ڪرڻ لاءِ منجهند جي وقت، جڏهن هو تيز گرميءَ ۾ ننڊ ۾ غافل
ٿيو ستو پيو هوندو هو، سندس منهن ۽ ڳوڏن تي اڇو ڪپڙو وجهي
ڇڏيندا هئا. موت جي سزا جي انهيءَ حڪم جي تعميل ۾ ٿوري ڪا
دير ڪانه پوندي هئي. انهيءَ موقعي لاءِ هڪ خاص جهوپڙي
اڏي ويندي هئي، جا بادشاهه کي انهيءَ جهوپڙيءَ ۾ وٺي ويندا هئا،
جتي هو هڪ ڪنواري ڇوڪريءَ جي ڳوڏ ۾ مٿو رکي ليٽي
پوندو هو، جنهن کان پوءِ جهوپڙيءَ جي دروازي کي گاري سان
لِپي بند ڪيو ويندو هو ۽ انهي کي ڪاڏي پٽيءَ ۾ ٻاهر کان هوا ۽ ٻک
۾ رهڻ واکهي مرڻ لاءِ اهڙيءَ بي سروسامانيءَ جي حالت ۾ اڪيلو ڇڏيو
ويندو هو. اوائلي رسم اهائي هوندي هئي، پر اها اٽڪل پنج ڇهئون
اڳ منسوخ ڪئي وئي هئي، ڇاڪاڻ ته اهڙن بادشاهن منجهان ڪو
هڪ جنهن کي انهيءَ طريقي سان مارڻو ويو هو، سو انتهائي دردناڪ
عذاب سهي، سهي مئو هو ۽ جيو وڃي ٿو ته هاڻي بادشاهه کي سندس
سردار انهيءَ انجام کان اڳواٽ ئي آگاهه ڪندا آهن، جنهن کان
پوءِ ڪيس هڪ اهڙيءَ جهوپڙيءَ ۾ وٺي وڃي گهُٽي ماريندا
آهن، جا خاص طور انهيءَ موقعي لاءِ ٺاهي ويندي آهي.

ڊاڪٽر سيلگمين جي تفتيش مان معلوم ٿئي ٿو ته ”شلڪ“
بادشاهه کي نه فقط ڪمزوريءَ جي پهرين علامتن جي ظاهر ٿيڻ
تي موزون مائٽن ۽ سوٽن سان مارڻو ويندو هو، پر مٿس صحت ۽
طاقت جي هوندي ڪوهه ۾، ڪنهن به وقت، ڪنهن رقيب يا مخالف
طرفان متواتر حملي ٿيڻ جو امڪان رهندو هو، جنهن ۾ ڪيس سان جي
سٽ ڏيئي پنهنجو تخت و تاج بچائڻو پوندو هو. ”شلڪ“ قبيلي
وارن جي عام دستور موجب ڪنهن به بادشاهه جي پٽ کي وقت
جي بادشاهه تي حملي ڪرڻ ۽ ساڻس وڙهڻ جو حق حاصل هوندو هو
۽ جيڪڏهن هو وقت جي بادشاهه کي مارڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪندو
هو، ته ڪيس ان جي جاءِ تي حڪومت هلائڻ جو اختيار به ملي

ويندو هو. جيئن ته هرهڪ بادشاهه کي وڏو حرم ۽ لاتعداد پٽ
هوندا هئا، ان ڪري تخت ۽ تاج جي اميدوارن جو تعداد ڪنهن به
وقت ڪو ٿورو ڪونه هوندو، جنهنڪري وقت جي بادشاهه کي
هر وقت پنهنجو سر تريءَ تي کڻي گهمڻو پوندو هوندو. پر مٿس اهڙو
حملو، جنهن ۾ ڪاميابيءَ جي ڪا اميد رکي سگهجي، سو فقط
رات جي وڳڙي ۾ ئي ٿي سگهيو، ڇاڪاڻ ته ڏينهن جي
وقت ۾ بادشاهه پاڻ کي محافظن ۽ دوستن جي سوڙ ۾ گهيريل
رکندو هو، جنهنڪري تخت جو طالب ايترن سارن گهيرن کي
چيري، بادشاهه تائين پهچڻ ۽ مٿس ڪامياب حملي ڪرڻ جي
مشڪل ئي ڪا اميد رکي سگهندو هوندو. باقي رات جي وقت
ڳالهه ئي ٻي هوندي هئي. ڇاڪاڻ ته ان وقت محافظن کي
رخصت ڏني ويندي هئي، ۽ بادشاهه فقط پنهنجين دل گهرين زالن
سان گڏ لوڙهي اندر اڪيلو هوندو هو، ان وقت ڪيس بچائڻ ۽
سندس حفاظت لاءِ، ٿورن ريدارن کان سواءِ، جن جون جهوپڙيون
ٻاهرو پيل هيون، ڪو به ماڻهو سندس قريب ڪونه هوندو هو.
چنانچ، اونداهيءَ رات جون گهڙيون ئي بادشاهه لاءِ خوف ۽ خطري
جي مند هونديون هيون. چيو وڃي ٿو ته هو رات جو سڄو وقت،
باقاعده طور هٿيار بند ٿي، پنهنجين جهوپڙين جي چوڌاري نوسيندو،
اونداهه پاڇن ۾ گهوريندو، يا ڪنهن اونداهي ڪنڊ ڪرڇ ۾
ديوليءَ تي بيٺل هڪ سنتريءَ وانگر بلڪل خاموش ۽ هوشيار
ٿيو بيٺو هوندو هو. آخرڪار، جڏهن سندس رقيب اچي سهڙندو
هو، تڏهن ٻنهي جي درميان انتهائي خاموش فضا ۾ موتمار مقابلو
شروع ٿي ويندو هو، جنهن جي سڪوت ۾ فقط ڍالن ۽ ڀالن جي
ٽڪرجڻ جو وقتي آواز خلل انداز ٿي، ظاهري سڪون جو پڙدو
چاڪ ڪري وجهندو هو، ڇاڪاڻ ته ريدارن کي مدد لاءِ نه
پڪارڻ ئي بادشاهه لاءِ فخر جو باعث سمجهيو ويندو هو.

'شلڪ' خاندان جي بانيءَ، نياڪانگ وانگر، قبيلي جي
هرهڪ بادشاهه جي مندر ۾ پوڄا ڪئي ويندي آهي، جو سندس

قبر جي مٿان اڏيو ويندو آهي ۽ بادشاه جي قبر سندس چمن واري ڀوت ۾ ٺي بڻائي ويندي آهي. بادشاه جي قبر وارو مندر نياڪانگ جي مندر جهڙو هوندو آهي، جو ڪن جهوپڙين ۽ هڪ لوڙهي تي مشتمل هوندو آهي. انهن مان هڪ جهوپڙي بادشاه جي قبر مٿان ٺي اڏي ويندي آهي ۽ پر ان وارين ٻين جهوپڙين ۾ پوچاري ۽ محافظ مقيم هوندا آهن. نياڪانگ ۽ بادشاهن جي مندرن ۾ ڪوبه ظاهري تفاوت ڪونه هوندو آهي ۽ منجهن جيڪي به مذهبي رسمون ادا ڪيون وينديون آهن، سي به ظاهري طور هڪ جهڙيون ٺي هونديون آهن، پر نياڪانگ جي مندر جي رسمن ۾ رڳو ٿورو تفصيلي فرق هوندو آهي، جنهن جو اصلي سبب نياڪانگ جي حرمت ۽ بزرگي آهي. بادشاهن جي مقبرن جي مٿان اڏيل مندرن جي خدمت چاڪري ڪي پوڙهيون زالون يا ڪي معمر مرد ڪندا آهن، جي نياڪانگ جي مندرن جي محافظن سان مشابهت رکندا آهن. آهي محافظ گهڻو ڪري مرحوم بادشاه جا پوڙها نوڪر، يا سندن بيوه زالون، هونديون آهن، جن جي مرڻ پڄاڻان سندن وارثن کي اهو حق حاصل ٿيندو آهي. ان کانسواءِ نياڪانگ جي قبرن وانگر، بادشاهن جي قبرن تي به چوپاين ڍورن جون مڃتون مڃيون وينديون آهن.

اهڙيءَ طرح: 'شلڪ' قوم وارن جي مذهب جو مکيه جز پنهنجن مقدس يا ديوتائي- بادشاهن، خواه اهي مرده هجن يا زنده، جي پوڄا معلوم ٿي رهيو آهي. انهن سڀني بادشاهن ۾ انهيءَ هڪ پاڪ- روح جو واسو سمجهيو ويندو آهي، جو سندن نيم- ڏند ڪٿائي، پر دراصل تاريخي حيثيت واري، بانيءَ کان وٺي پشت پوشت سندس جانشينن جي ذريعي صحي ۽ سلامت اسان جي (دور تائين هلندو آيو آهي، ان ڪري پنهنجن بادشاهن کي زنده اوتار سمجهي، جن جي چڱڀلائيءَ تي انسان، حيوان ۽ اناج جي ڀلائيءَ جو دارومدار آهي، 'شلڪ' قوم وارا پنهنجن بادشاهن کي وڏي ۾ وڏي عزت ڏيندا آهن ۽ انهن جي هرطرح حفاظت

ڪندا آهن. اسان کي جيتوڻيڪ هيءَ ڳالهه نهايت ئي عجيب ۽ غيرمعمولي نظر اچي رهي آهي، پر هن قوم ۾ پنهنجن مقدس بادشاهن کي ڪمزوريءَ يا بيماريءَ جي علامت ظاهر ٿيڻ سان ئي قتل ڪرڻ جي رسم، هن ڪري ئي جنم ورتو آهي جو هڪ طرف ته کين پنهنجن بادشاهن جي وجود ۽ هستيءَ لاءِ گهڻي ۾ گهڻو احترام ۽ عزت هوندي آهي، ٻئي طرف کين پنهنجي بادشاهه يا ڪنهن ٻئي ته ان پاڪ روح کي، جنهن جوان جي جسم اندر واسو هوندو آهي، محفوظ رکڻ جو فڪر به لاحق هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ طريقي سان ئي هو ان کي مهارت جي انتهائي مڪمل حالت ۾ رکي سگهڻ جو يقين رکن ٿا. پر نه، اسين ته ائين به چونداسون ته اها قوم پنهنجي بادشاهه لاءِ انتهائي ادب، احترام ۽ قدر هئڻ جي بهترين ثابتيءَ طور کيس قتل ڪرڻ جي رسم ئي پيش ڪري سگهي ٿي، ڇاڪاڻ ته، جيئن اسين مٿي ڏسي آيا آهيون، هو بادشاهه جي زندگيءَ يا روح کي پوري ملڪ جي آسودگيءَ سان اهڙيءَ ته هم آهنگيءَ سان وابسته سمجهن ٿا جو، جيڪڏهن بادشاهه بيمار يا ڪمزور ٿيندو، ته پوءِ چوپايو مال به مرضن ۾ مبتلا ٿيندو، نه وڌندو نه ويجهندو، فصل پَچڻ ۾ سڙي ختم ٿي ويندا، ۽ بني آدم بيمارين وگهي عام، جام مرڻ لڳندو. چنانچه، سندن راءِ ۾، اهڙين سڀني آفتن کان نجات حاصل ڪرڻ جو بهترين طريقو بادشاهه کي عين ان وقت ماري ڇڏڻ آهي، جڏهن هو اڃا تندرست ۽ توانو ئي آهي، ته جيئن اهو پاڪ روح، جو هن کي سندس وڏن کان سالم حالت ۾ مليو آهي، سو ساڳيءَ حالت ۾ سندس ڪنهن اهڙي جانشين ڏانهن منتقل ٿي وڃي، جڏهن هو پنهنجي پوريءَ طاقت ۽ جوڀن ۾ هجي. ۽ جنهن کي بيماريءَ ۽ پيرسنيءَ جي ڪمزورين اڃا نهوڙڻ شروع نه ڪيو هجي. اها خاص نشاني، جا بادشاهه جي موت جي پروانې تي مهر جو ڪم ڪندي آهي، سا تمام زياده اهميت واري ۽ معنيٰ خيز آهي. جڏهن، هو پنهنجين انيڪ زالن جي جنسي خواهشن کي پوري

ڪرڻ کان قاصر ٿي پوي، يا ٻين لفظن ۾، جڏهن هو، پوريءَ يا اڌوريءَ طور، پنهنجيءَ جنس ۾ اضافي ڪرڻ کان بس ڪري ڇڏي، تڏهن کيس هڪدم مري، پنهنجي جاءِ ڪنهن ٻئي قوتمند ماڻهوءَ لاءِ خالي ڪرڻ جو وقت اچي پهتو آهي.

بادشاه کي قتل ڪرڻ لاءِ ٻين مختلف سببن سان گڏ، جڏهن مٿين سبب تي غور ڪجي ٿو ته معلوم ٿئي ٿو ته ماڻهن، مويشين ۽ زمين جي آباديءَ جي قوت بادشاه جي قوت سان اهڙي ته هم آهنگ طريقي سان وابسته آهي، جو ان جي ناڪاميابيءَ ڪري، ٿوري گهڻي عرصي کان پوءِ انساني، حيواني ۽ نباتاتي زندگين جو صفحهء هستيءَ تان غائب ٿي وڃڻ يقيني امر آهي. ان ڪري، هن ڳالهه ۾ ڪوبه تعجب ڪونه آهي ته 'شلڪ' قوم وارا پنهنجي بادشاه کي بيماريءَ، پيري ۽ ڪمزوريءَ جي سببن کان قدرتي موت مرڻ نه ڏيندا آهن، ۽ ان کي روڪڻ لاءِ ڪيئي تدبيرون اختيار ڪندا آهن.

بادشاهن جي موت ڏانهن هن قوم جيڪو رويو اختيار ڪيو آهي، تنهنجي هڪ هيءَ خصوصيت آهي، جو اهي سندن اهڙي موت کي "موت" جي نالي سان ڪونه سڏيندا آهن. هو ائين ڪونه چوندا آهن ته بادشاه مري ويو آهي، پر پنهنجن ابن ڏاڏن، نياڪانگ ۽ ڊاگ وانگر، جي سندن قبيلي جا پوريان به بادشاه هئا، هو "هليو ويو آهي"، جيئن انهن (نياڪانگ ۽ ڊاگ) لاءِ به اهائي روايت عام آهي ته اهي مئا نه، پر فقط نظرن کان غائب ٿي ويا آهن. ٻين ملڪن، جهڙوڪ روم ۽ يوگنڊا جي قديم بادشاهن جي پراسرار طور تي گم ٿي وڃڻ متعلق جيڪي حڪايتون موجود آهن، سي به شايد ان حقيقت ڏانهن اشارو ڪري رهيون آهن، ته اتي به بادشاهن جي زندگيءَ جي حفاظت ڪرڻ خاطر کين قتل ڪرڻ جي ساڳيءَ نوعيت جي رسم وجود ۾ هئي.

انهن سڀني ڳالهين جي مدنظر، هيءَ حقيقت ظاهر ٿئي ٿي ته 'شلڪ' قوم جا خدائي بادشاهن جي متعلق اعتقاد ۽ عمل

”نيميءَ جي پوڄارين“ ۽ ”پيلي جي بادشاهن“ جي متعلق مروج اعتقادن ۽ عملن سان مشابهت رکن ٿا، بشرطيڪ ”پيلي جي بادشاهن“ جي باري ۾ منهنجو قائم ڪيل نظريو درست هجي. پنهي حالتن ۾ اسان کي خدائي بادشاهن جو هڪ اهڙو سلسلو نظر اچي رهيو آهي، جن جي حياتيءَ تي انسان، حيوان، ۽ پنهن ۽ پارين جي آباديءَ جو دارومدار رهي ٿو، جن کي دوبدو مقابلي ۾، يا ڪنهن ٻئي طريقي سان ان مطلب لاءِ قتل ڪيو وڃي ٿو ته جيئن سندن مقدس روح پنهنجي پوري جوڀن ۽ جوانيءَ سان، مرض ۽ ڪمزوريءَ، يا وڏيءَ عمر جي ڪدورتن ۽ غلاظتن کان پاڪ ۽ صاف حالتن ۾ سندن جانشينن ڏانهن منتقل ٿي وڃن، ڇاڪاڻ ته سندن معتقدن جي راءِ ۾، بادشاهه جون اهي ڪمزوريون ۽ ڪوتاهيون ماڻهن، مرن ۽ فصلن ۾ به اهي ئي ڪمزوريون ۽ خرابيون پيدا ڪنديون. خدائي بادشاهن کي مارڻ جي رسم جي انهيءَ سمجهاڻيءَ ۾ ڪن نڪتن، خاص طرح سندن ديوتائي روحن کي سندن جانشينن ۾ منتقل ڪرڻ جي طور ۽ طريقي تي زياده مڪمل ۽ تفصيلوار بحث اڳتي هلي ڪنداسون، تيسين اسين هن عام رسم جي ٻين مثالن ڏانهن متوجه ٿيون ٿا.

’اڇي نيل‘ درياهه جي ماٿريءَ ۾، مختلف، خود مختيار ۽ آزاد قبيلن جي هڪ برادري مقيم آهي، جنهن کي ”ڊنڪا“ سڏجي ٿو. انهن قبيلن جا عام ماڻهو پاڪيا ۽ مالدار آهن، جي پنهنجن ڏاندن جي لا تعداد ڌڻن جي دل و جان سان خدمت ۽ خبرداري ڪندا آهن، جيتوڻيڪ هو ساڳئي وقت رڍون ۽ ٻڪريون پڻ پاليندا آهن، ۽ سندن زالون ٿوري ٿوري مقدار ۾ مڙن ۽ ترن جي پوک پڻ ڪنديون آهن. پنهنجن فصلن ۽ خاص طرح چراگاهن جي آباديءَ لاءِ هنن جو گهڻو دارومدار بارش جي باقاعدگيءَ تي هوندو آهي. جيڪڏهن وڃي ٿو ته انهن ويچارن کي مسلسل ۽ طويل خشڪساليءَ جي موسم ۾ بيحد تڪليفن ۽ ڪشالن جو مقابلو ڪرڻو پوندو آهي ۽ سندن صبر جو پيمانو لبريز

ٿي ويندو آهي. انڪري، اڄ ڏينهن تائين برسات وسائيندڙ جادوگر انهن جي قبيلن ۾ نهايت ئي اهميت وارو شخص هوندو آهي. حقيقت ۾، قبيلي جي ظاهري اختياريءَ وارن جن ماڻهن کي سياح، ۽ اجنبي ماڻهو سردار يا شيخ جي لقبن سان نوازيندا آهن، سي دراصل انهيءَ قبيلي جا حقيقي يا خيالي مينهن - وسائيندڙ جادوگر هوندا آهن. انهن مان هرهڪ ۾ ڪنهن مرحوم مينهن وسائيندڙ جي روح جو واسو سمجهيو ويندو آهي، جو انهن معزز پيشي وارن جي مسلسل پشتين مان ڦرندو گهرندو، وٽس پهتل هوندو آهي. انهيءَ روحاني قوت هئڻ سبب هڪ ڪامياب مينهن وسائيندڙ تمام وڏيءَ اختياريءَ ۽ طاقت جو مالڪ هوندو آهي ۽ هرهڪ اهم معاملي ۾ سندس صلاح ورتي ويندي آهي. انهيءَ عزت هوندي به، ياڪٽي چئجي ته انهيءَ اعزاز هئڻ ڪري ئي، ”ڊنڪا“ قبيلي جي ڪنهن به مينهن وسائيندڙ جادوگر کي بيماريءَ يا پيريءَ سبب قدرتي موت مرڻ نه ڏنو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ برادريءَ وارن جو اعتقاد آهي ته جيڪڏهن ڪو اهڙو حادثو پيش اچي ويندو ته ماڻهو ڏڪار ۽ بيمارين سبب مکين وانگر مرندا، چوپايو مال ڦر ڏيڻ بند ڪندو ۽ اناج پچڻ ۾ بيٺي بيٺي سڙي ويندو. انڪري، جڏهن به ڪو مينهن وسائيندڙ پاڻ ۾ پيريءَ ۽ ڪمزوريءَ جون علامتون محسوس ڪندو آهي، تڏهن هو پنهنجي اولاد کي چوندو آهي ته هو مرڻ ٿو چاهي. ”آگار ڊنڪا“ قبيلي وارن ۾ اهڙي موقعي تي هڪ وڏي قبر کوٽي ويندي آهي، جنهن ۾ مينهن وسائيندڙ ليٽي پوندو آهي ۽ سندس دوست ۽ مٽ مائٽ چوڌاري بيهندا آهن. رکي، رکي هو قوم وارن کي مخاطب ٿيندو آهي: ڪين پنهنجي قوم جا گذريل ڪارناما ياد ڏياريندو آهي، ڪين پڌائيندو آهي ته هن ڪهڙي طريقي سان مٿن حڪومت هلائي، ڪين ڪهڙا ڪهڙا مشورا ڏنا ۽ آهي ڪانئس پوءِ ڪهڙي نموني هلن، جڏهن هو پنهنجو اهو وعظ ختم ڪندو آهي، تڏهن ڪين قبر ڍڪڻ لاءِ حڪم ڏيندو آهي. بس، پوءِ ته مٿانئس مٽيءَ جا ڍير اڇلايا ويندا آهن ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ هو ساهه گهٽجڻ

سبب هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويندو آهي. ”ڊنڪا“ برادريءَ جي سڀني قبيلن جي مينهن وسائيندڙن جي مُعزز زندگيءَ جو، ڪن معمولي تفاوتن سان، عام طور اهو ئي انجام ٿيندو نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر سيلگمئن کي ”ڊنڪا“ برادريءَ جي ”خور-ادار“ قبيلي وارن ٻڌايو ته هو جڏهن پنهنجي مينهن-وسائيندڙ لاءِ قبر کوٽي مڪمل ڪندا آهن، تڏهن هو سندس گهر وڃي کيس گهٽو ڏيئي پورو ڪندا آهن. ڊاڪٽر سيلگمئن جي هڪ مخبر جو پيءُ ۽ چاچو مينهن وسائيندڙ هئا ۽ ٻنهي کي پراڻي قانون مطابق، بلڪل باقاعده طور ماريو ويو هو. جيتوڻيڪ مينهن وسائيندڙ نوجوان به هوندو آهي، ته به جيڪڏهن منجهس ڪنهن مرض جون علامتون ظاهر ٿينديون آهن، ته کيس هڪدم قتل ڪيو ويندو آهي. ان کان علاوه، مينهن-وسائيندڙ کي اتفاقي موت کان بچائڻ لاءِ به هر احتياطي تدبير اختيار ڪئي ويندي آهي، ڇاڪاڻ ته اهڙو موت، جيتوڻيڪ مرض يا پيرسنيءَ جي ڪمزوريءَ واري موت جهڙو سنگين ۽ خطرناڪ نه هوندو آهي، ته به ان جي نتيجي ۾ قبيلي کي مرض ۾ مبتلا ٿيڻو پوندو. جيئن ئي هڪ مينهن-وسائيندڙ کي ماريو ويندو آهي، تيئن ئي سندس قيمتي روح کي ڪنهن نه ڪنهن موزون جانشين ۾، خواه اهو سندس پٽ هجي، يا ڪو ٻيو قريبي عزيز، منتقل ٿيل سمجهيو ويندو آهي.

وچ آفريڪا جي ”بنريو“ بادشاهيءَ ۾، ڪي ٿورائي سال اڳي هڪ اهڙي رسم هوندي هئي، جنهن جي مطابق جيئن ئي بادشاه سخت بيمار ٿي پوندو هو، يا پيريءَ سبب بيمار ٿيڻ شروع ٿيندو هو، تيئن ئي کيس پنهنجن هٿن سان پاڻ کي مارڻو پوندو هو. ڇاڪاڻ ته هڪ پراڻي پيشنگوئيءَ مطابق، جيڪڏهن ڪنهن به وقت بادشاه قدرتي موت مرندو، ته پوءِ ان خاندان جي هٿن مان حڪومت جون واڳون هليون وينديون. اهڙو بادشاه گهٽو ڪري زهر جو پيالو پي، پنهنجو خاتمو ڪندو هو؛ جيڪڏهن هو اهڙي قدم کڻڻ کان هٻڪندو هو، يا اهڙو

بيمار هوندو هو، جو پيالو ڪوري نہ سگهندو هو، تہ پوءِ ان حالت ۾ سندس زال جو اهو فرض هوندو هو، تہ هوءِ ڪيس هٿ سان زهر ڏي. ڪانگو درياہ جي اترين علائقي ۾، جڏهن ڪبانگا قوم وارن جي بادشاہ جي پڄاڻي قريب معلوم ٿيندي آهي، تڏهن قوم جا جادوگر سندس پڄيءَ ۾ رکي وجهي ٿوسين آهستي آهستي ڇڪيندا رهندا آهن، جيستائين هن جو ساهہ نڪرجي ويندو آهي. ڪنگيرو قوم وارن جو بادشاہ، جيڪڏهن جنگ ۾ زخمي ٿي پوندو آهي تہ پوءِ سندس ساٿي ان کي قتل ڪندا آهن، پر جي اهي ڇڏي ڏيندا اٿس تہ پوءِ جيتوڻيڪ هو رحم لاءِ واڪا ڪري ڪيڏيون بہ التجائون ڪندو آهي، تہ بہ سندس ويجها عزيز اهو ڪم پورو ڪندا آهن. هنن جو چوڻ هوندو آهي تہ هو اهو ڪم ان ڪري ڪندا آهن تہ متان سندن بادشاہ ڪنهن دشمن جي ور چڙهي وڃي ۽ اهو ڪيس بيعزتيءَ سان قتل ڪري. نائجر درياہ جي هڪ وڏي شاخ، 'بيدو' درياہ جي ڪنارن تي "جوڪو" نالي هڪ بت پرست قوم آباد آهي. انهن جي ملڪ ۾ "گاتري" شهر تي جنهن بادشاہ جو حڪم هلندو آهي، تنهن کي شهر جا وڏا ماڻهو هن طريقي سان منتخب ڪندا آهن: شهر جي پرين مڙسن جي راءِ ۾، جڏهن ڪنهن بہ بادشاہ تمام گهڻو وقت حڪومت ڪئي هوندي آهي، تڏهن اهي خواہ مخواہ اعلان ڪندا آهن تہ 'بادشاہ بيمار آهي'- اهي الفاظ هڪ گر جي حيثيت اختيار ڪري چڪا آهن، جن جو مطلب هرڪو اهو ٿي سمجهندو آهي تہ بادشاہ کي قتل ڪيو ويندو، جيتوڻيڪ اهو مقصد ان کان وڌيڪ واضح ڪري ڪونہ چيو ويندو آهي. ان کان پوءِ هو فيصلو ڪندا آهن تہ بادشاہ جو جانشين ڪنهن کي بڻايو وڃي. قوم جا با اثر ۽ چڱا مڙس پنهنجي ميڙ ۾ اهو بہ طئي ڪندا آهن تہ نئون بادشاہ ڪيتري وقت تائين حڪومت هلائي. حاضرين مان هرهڪ ماڻهوءَ کان اهو سوال پڇيو ويندو آهي ۽ انهن مان هرهڪ جيترن سالن جي منظوري ڏيڻ چاهيندو

آهي اوترين ڪائيءَ جون ننڍيون لڪريون زمين تي اڇلائي پنهنجيءَ مرضيءَ جو اظهار ڪندو آهي. پوءِ بادشاهه کي ان فيصلي کان آگاهه ڪيو ويندو آهي ۽ هڪ وڏيءَ دعوت جو انتظام ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ بادشاهه کي جُوَن جو ٻير پياري مدهوش ڪيو ويندو آهي. جڏهن بادشاهه نشي ۾ مدهوش ٿي ويندو آهي، تڏهن کيس پالن مان چمڙي ڦاڙي، نئين بادشاهه کي تخت تي ويهاريو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح ”جُوڪو“ بادشاهه کي به خبر هوندي آهي ته هو گهڻن سالن تائين حڪومت نه ڪري سگهندو، ۽ ان کي به پنهنجي پيش نشينن وانگر هڪ ڏينهن قتل ٿيڻو پوندو. هو آخرين انجام کان باخبر هوندي به، انهيءَ معزز عهدي لاءِ اميدوارن جي کوٽ ڪانه هوندي آهي. بادشاهه کي مارڻ جي اها رسم ساڳئي نموني ڦونڊي، وُڪاري ۽ گاتري قبيلن ۾ به موجود آهي“. اتر نائيجيريا جي ”حاسا“ قوم وارن جي ٽن بادشاهن، ’گوبر‘، ’ڪاتسينا‘ ۽ ’دائرا‘ ۾ جڏهن به بادشاهه ۾ بيماريءَ يا ڪمزوريءَ جا آثار ظاهر ٿيندا هئا، تڏهن هڪ عملدار جنهن کي ”هاتيءَ جو قاتل“ سڏيو ويندو هو، سو اچي، پڪ ڏيندو هو ته کيس گهڻو ڏينهن ماري ڇڏيندو هو.

انگولا جي اندروني علائقن ۾ ”ماتيامبو“ هڪ وڏو بادشاهه يا شهنشاهه آهي. انهيءَ علائقي جي ”چالا“ نالي هڪ ننڍي بادشاهه، پورچوگيزن جي هڪ ڪوجنا ڪمڙ ڏواي جي ماڻهن کي ”ماتيامبو“ جي موت جي طريقي متعلق هي بيان ڏنو هو ته ”اسان ۾ اها رسم اوائل کان وٺي هلندي آئي آهي ته ’ماتيامبو‘ کي يا ته جنگ ۾ مرڻو هوندو آهي، يا وري ان کي زوريءَ قتل ڪيو ويندو آهي. اسان جي موجوده ’ماتيامبو‘ کي پوڙهن نموني مان مرڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته هو پنهنجيءَ جفاڪشيءَ جي نتيجي طور تمام گهڻو وقت زنده رهيو آهي. اسين جڏهن اهڙي قسم جو مشورو ڪري ان کي مارڻ جو فيصلو ڪندا آهيون، تڏهن اسين کيس پنهنجن دشمنن سان جنگ ڪرڻ جي

دعوت ڏيندا آهيون. اهڙي موقعي تي اسين سڀئي سنڌس خاندان جي سڀني ڀاتين سان گڏجي جنگ جي ميدان ڏانهن ويندا آهيون، جتي اسين پنهنجا ڪجهه ماڻهو قتل ڪرائيندا آهيون. جيڪڏهن هو پنهنجن دشمنن کي قتل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا آهن، ته پوءِ ساڳي طرح ڪرڻ لاءِ اسين به تيار ٿيندا آهيون. انهيءَ موقعي تي اسين ٽن يا چئن ڏينهن تائين جنگ و جدل ۾ مصروف رهندا آهيون، جنهن کان پوءِ اسين کيس ۽ سنڌس زالن وغيره کي دشمن جي رحم و ڪرم تي ڇڏي، اوچتو اتان ڀڄي نڪرندا آهيون. اسان جو بادشاهه پاڻ کي اهڙيءَ طرح دشمن جي هٿن ۾ تنها ۽ بي يارو مددگار ڏسي، اتي هڪ عارضي تخت ٺهرائي ان تي چڙهي ويهندو آهي ۽ پنهنجي ڪٽنب جي سڀني ڀاتين کي پنهنجي چوڌاري اچي ويهڻ لاءِ سڏيندو آهي. ان کان پوءِ هو پنهنجيءَ ماءُ کي سنڌس قريب اچڻ جو حڪم ڏيندو آهي، هوءَ سنڌس قدمن وٽ اچي جهڪي ويهندي آهي، سڀني کان اڳ ۾ هو سنڌس سسي ڌڙ کان ڌار ڪندو آهي. ان کان پوءِ هو ساڳيءَ ريت پنهنجن پٽن کي هڪ ٻئي پٺيان قتل ڪندو آهي، انهن کان پوءِ سنڌس زالن ۽ ٻين مائٽن مٽن جو وارو ايندو آهي. انهن سڀني جي ڪم تمام ڪرڻ کان پوءِ هو پنهنجيءَ سڀني کان وڌيڪ پياري زال، ”اٿنا ڪيولو“ جي زندگيءَ جو خاتمو ڪندو آهي. انهيءَ ڪوس کان پوءِ، هو نهايت شاندار ۽ رعب دار طريقي سان ملبوس ٿي پنهنجي موت جو انتظار ڪندو آهي، جنهن ۾ وڌيڪ دير ڪانه ٿيندي آهي. سنڌس موت هڪ اهڙي عملدار جي هٿان ٿيندو آهي، جنهن کي ’ڪانيڪنها‘ ۽ ’ڪنيڪا‘ نالي ٻن همسايه طاقتور ۽ بااثر سردارن موڪليو هوندو آهي. اهو عملدار اڳ ۾ سنڌس پانهون ۽ ٽنگون سنڌن وٽان وڍيندو آهي، جنهن کان پوءِ ان جو سر لاهيندو آهي. آخر ۾ وري خود انهيءَ عملدار جي گردن اڏائي ويندي آهي. انهيءَ خونريزيءَ شروع ٿيڻ کان اڳ سڀئي سردار اتان اٿي هليا ويندا آهن، ته جيئن انهيءَ ’ماتيامبوو‘ جي

موت جو نظارو پنھنجين اکين سان نه ڏسن. ’ماتيامبو‘ جي مرڻ واريءَ جاءِ تي پھچي، سڄيءَ ڪارروائيءَ کي اکين سان ڏسڻ، ۽ انھن هنڌن تي نشان ڪرڻ، جتي سندس مٿين پن طاقتور دشمن سردارن سندس گردن، پانھون ۽ ٽنگون دفن ڪيون ھونديون آھن، منھنجو فرض آھي. ’ماتيامبو‘ جي مرڻ کان پوءِ، اھي سردار مرحوم بادشاھ ۽ سندس خاندان جي سڄيءَ ملڪيت تي پنھنجو قبضو ڄمائيندا آھن ۽ اھا پنھنجي قيامگاھ ڏانھن کڻي ويندا آھن. انھن جي وڃڻ پڄاڻان، آءٌ مرحوم ’ماتيامبو‘ جي وڍيل ڪٽيل لاش جي کفن ۽ دفن جو انتظام ڪندو آھيان. اھو فرض پورو ڪري، آءٌ سندس راڄڌانيءَ ڏانھن ويندو آھيان، جتي آءٌ نئين حڪومت جو اعلان ڪندو آھيان. انھيءَ کان پوءِ آءٌ وري انھيءَ جاءِ تي واپس ويندو آھيان، جتي ’ماتيامبو‘ جي گردن، پانھون ۽ ٽنگون دفن ٿيل ھونديون آھن. پوءِ آءٌ اھو لاش ۽ مرحوم بادشاھ جو پيو سڄو مال متاع ۽ ملڪيت چاليھن پانھن جي قيمت ڏيئي ڇڏائيندو آھيان ۽ نئين مقرر ٿيل ’ماتيامبو‘ جي سپرد ڪندو آھيان. ھن کان اڳي به سڀئي ’ماتيامبو‘ انھن حالتن سان لنگھيا آھن ۽ موجوده ’ماتيامبو‘ جي پڄاڻي به اجھو ائين ئي ٿيندي.“

زولو قوم وارن ۾ به پنھنجي بادشاھ کي گنجھن يا اڇن وارن پوڻ سان ئي ماري ڇڏڻ جي رسم ھئي معلوم ٿئي ٿي. اھا ڳالھ ھيٺين تحرير مان ظاھر ٿي رھي آھي، جا ھڪ اھڙي ماڻھوءَ جي لکيل آھي، جو اڻويھين صديءَ جي شروعاتي حصي ۾ زولو قوم جي بدنام ۽ ظالم بادشاھ، ”چاڪا“ جي دربار ۾ ڪجھ عرصو رھيو ھو: ”منھنجي مٿان بادشاھ جي اھڙي غضبناڪ ڪاوڙ جو سبب، وارن جو ھڪ بيڪار خوشبودار تيل ھو، جنھن جي متعلق مسٽر ”فيئرويل“ بادشاھ کي يقين ڏياريو ھو ته اھو وڏيءَ عمر جي سڀني نشانين ۽ علامتن کي غائب ڪرڻ جو ھڪ ئي ۽ يڪ ٽڪ علاج آھي. جڏھن کان ولي ھن ٻڌو ھو ته اھڙو تيل پاڻ تيار ڪري سگھبو، تڏھن کان ئي ھن ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنھنجي

انتهائي خواهش ظاهر ڪئي ۽ هو هر هڪ موقعي تي امان کي پنهنجي انهيءَ انتظار ڪان باخبر ۽ آگاهه ڪرڻ کان ڪونه ٽرندو هو. خاص طرح جڏهن اسين انهيءَ تيل کي دستياب ڪرڻ جي مهم تي روانا ٿي رهيا هئاسين، تڏهن ته سندس حڪم، احڪام بلڪل واضح طور انهيءَ مقصد ڏانهن اشارو ڪري رهيا هئا. زولا قبيلي وارن جي وحشيانه رسمن مان هڪ هيءَ به معلوم ٿي رهي آهي ته هو بادشاه جي عهدي لاءِ انتخاب جي لائق ڪنهن به اهڙي ماڻهوءَ کي نه سمجهندا هئا، جنهن کي گهنج يا اڇا وار هوندا هئا. چاڪان ته هڪ جنگجو قوم جي بادشاه ٿيڻ لاءِ اهي ٻئي علامتون نالائقيءَ ۽ نااهليءَ جون انتهائي نمايان نشانيون آهن. ساڳي وقت اهو به تمام ضروري آهي ته سندن بادشاه ڪڏهن به انهن ثبوتن کي ظاهر ٿيڻ نه ڏي ته هو حڪومت ڪرڻ جي لائق ۽ اهل نه رهيو آهي ۽ ان ۾ انتظام رکڻ جي صلاحيت ختم ٿي چڪي آهي. چنانچه هيءَ ڳالهه ڏاڍي اهم آهي ته هو انهن ڪمزورين کي، حتي المقدور، ماڻهن جي سامهون ظاهر ٿيڻ نه ڏين. ”چاڪا“ کي اڇن وارن جي خوف اچي وڪوڙيو هو، جيئن ته انهن جو اچڻ، هن لاءِ اهو چتاءُ هو ته هائي ڪيس شان و شوڪت ۽ دٻدٻي واريءَ دنيا مان" لاڏائي جي تياري ڪرڻ کپي، چاڪاڻ ته اڇن وارن نمودار ٿيڻ کان پوءِ بادشاه جو موت يقيني هوندو هو“. انهيءَ مصنف، جنهن جا اسين وارن جي تيل واري مزيدار لطيفي لاءِ ٿورائتا آهيون، تنهن اهو واضح نه ڪيو آهي ته اڇن وارن ۽ گهنجدار صورت وارو هڪ زولو سردار شان و شوڪت واريءَ هن دنيا کي ڪهڙي طريقي سان ڇڏيندو هو، پر ساڳيءَ نوعيت جي ٻين مثالن جي آڌار تي اسين هيءُ اندازو ڪري سگهون ٿا ته ان کي به قتل ڪيو ويندو هوندو.

— بادشاهن کي ڪنهن شخصي وڏ ظاهر ٿيڻ سان ئي قتل ڪرڻ جي رسم ۾ صديون اڳ ’ڪافر‘ قبيلي وارن جي ”صوفالا“ بادشاهيءَ ۾ به موجود هئي. اسان ڏٺو آهي ته صوفالا جي بادشاهن

ڪي سندن رعايا ديوتا ڪري سمجهندي هئي، ۽ ڪائنءَ ضرورت مطابق برسات يا آس لاءِ دعا گهري ويندي هئي. تنهن هوندي به جيئن ايان ڪي هڪ قديم پورچوگيز تواريخ نويس جي هيٺين تحرير مان معلوم ٿئي ٿو، ڪا ٿوريئي جسماني اوڻائي، جهڙوڪ ڏند پڄڻ، هن جي موت لاءِ ڪافي سبب سمجهيو ويندو هو. اڳئين زماني ۾ هن ملڪ جي بادشاهن ۾ اهو رواج هوندو هو ته جڏهن به هنن ڪا شامت اچي ڪڙڪندي هئي، يا منجهن ڪا جسماني وڏ، جهڙوڪ نامردي، ڪا وچڙندڙ بيماري، اڳين ڏندن منجهان ڪنهن هڪ ڏند جو ڪرڻ، جنهن ڪري هو بد صورت لڳي، يا ٻئي ڪنهن به قسم جي خرابي، يا جسماني تڪليف، نمايان ٿيندي هئي، تڏهن اهي زهر پي، خود ڪشي ڪندا هئا. اهڙين اوڻاين کي ختم ڪرڻ لاءِ هو پنهنجيءَ زندگيءَ جو خاتمو آڻي ڇڏيندا هئا، ڇاڪاڻ ته هو چوندا هئا ته بادشاهه کي هر نقص کان پاڪ هئڻ گهرجي، نه ته سندس عزت لاءِ بهتر اهوئي آهي ته هو پيو جنم اختيار ڪري، جتي هرهڪ چيز ڪامل ۽ مڪمل آهي. پر جيڪو 'ڪئتيف' (بادشاه) منهنجي وقت ۾ حڪومت ڪري رهيو هو، سو پنهنجن وڏن جي انهيءَ روايت تي هلڻ لاءِ تيار ڪونه هو، ڇاڪاڻ ته هو نهايت عقلمند هو ۽ سندس رعب اڳيان ڪنهن جو وس ڪونه هلندو هو. جڏهن سندس اڳيون ڏند ڪري پيو، تڏهن هن سڄي شهر ۾ پڙهو ڏياري اعلان ڪيو ته سڀني کي هيءَ خبر هئڻ گهرجي ته منهنجو اڳيون ڏند ڪري پيو آهي ۽ هرهڪ کي گهرجي ته جڏهن به هو مون کي انهيءَ ڏند کان سواءِ ڏسي، اتي مون کي حسب سابق، بادشاهه جي حيثيت ۾ سڃاڻي ۽ تسليم ڪري. جيڪڏهن منهنجا ابا ڏاڏا پاڻ کي ماريندا هئا، ته اهي احمق هئا، پر آءٌ اها حماقت ڪانه ڪندس. ان جي برعڪس، جڏهن منهنجي مرڻ جو وقت ايندو، تڏهن مون کي ڏاڍو ڏک ٿيندو، ڇاڪاڻ ته بادشاهيءَ کي محفوظ رکڻ، ۽ دشمنن کي مارڻ لاءِ منهنجي زندگيءَ جي باقي رهڻ جي سخت ضرورت

آهي؛ چنانچه، آءٌ پنهنجن پوين کي به صلاح ڏيندس ته هو انهيءَ بيوقوفيءَ کان باز رهن."

صوفالا جو جيڪو بادشاه اڳين ڏند جي ڀڃڻ کان پوءِ به زنده رهيو، سو اٿوپيا جي بادشاه، ارگيمينس وانگر هڪ دلير ۽ سڌارن آڻيندڙ بادشاه هو. هن مان اسان اهو انومان ڪڍي سگهون ٿا ته اٿوپيا جي بادشاهن کي قتل ڪرڻ جو سبب، صوفالا ۽ زولو بادشاهن وانگر، سندن جسم تي ڪنهن ظاهري وڏ يا نقص جي پيدا ٿيڻ، يا ڪمزوريءَ جي علامتن ظاهر ٿيڻ جو هوندو هو. بادشاهن کي قتل ڪرڻ لاءِ پوڄاري جنهن غيبي آواز کي اختياريءَ طور استعمال ڪندا هئا، تنهنجو مقصد اهوئي هوندو هو ته اهڙي ڪنهن به بادشاه جي حڪومت مان ملڪ ۽ ماڻهن مٿان مصيبتون نازل ٿينديون، جنهن جي بدن تي ڪي نقص ظاهر ٿيا هوندا، يا جيڪو ڪمزوريءَ، پيريءَ ۽ مرض سبب بيڪار ٿيل هوندو. اهو غيبي آواز بلڪل اهڙي ئي نموني جو هوندو هو، جهڙو اسپارٽا وارن کي "منڊيءَ حڪومت" کان خبردار ڪندڙ غيبي آوازهو. انهيءَ انومان کي هن حقيقت مان وري زياده تقويت ملي رهي آهي ته اٿوپيا جي بادشاهن کي مارڻ جي رسم ترڪ ڪرڻ کان گهڻو عرصو اڳ، کين سندن جسامت، جسماني طاقت ۽ ظاهري خوبصورتيءَ ڪري انهيءَ معزز منصب لاءِ منتخب ڪيو ويندو هو. اڄ ڏينهن تائين واداڻي جي بادشاه کي ڪابه جسماني وڏ نه هئڻ گهرجي، ۽ اُنڪنا جي بادشاه کي جيڪڏهن ڪوبه ظاهري جسماني نقص مثلاً ڪو ڀڳل يا سڙيل ڏند، يا ڪنهن پراڻي زخم جو داغ وغيره هوندو آهي، ته کيس تخت تي ڪونه ويهاريو ويندو آهي. اڪائيل جي ڪتاب ۽ ڪيترين ٻين اختيارين موجب، جسماني وڏ وارو ڪوبه بادشاه آئرلينڊ تي حڪومت ڪونه ڪري سگهندو هو، جنهن ڪري جڏهن عظيم بادشاه ڪورمئڪ مئڪ آرٽ جي هڪ اک حادثي ۾ نڪري ويئي، تڏهن هو

هڪدم تخت و تاج تان دستبردار ٿيو.

اٿيوپي کان اتر اوڀر طرف، گهڻن ڏينهن جي مسافريءَ کان پوءِ، ’آئيو‘ جي بادشاهي ايندي آهي. ”آئيو“ قوم تي هڪ اهڙو بادشاه حڪومت ڪندو آهي، جو ڏاهوميءَ جي بادشاه کان گهٽ مطلق العنان نه آهي، پر ان هوندي به، هو حڪومت جي هڪ اهڙي قانون جو پابند آهي، جو بلڪل ذلالت آميز ۽ غيرمعمولي آهي. جڏهن به سندس رعايا جو اهڙو خيال ٿيندو آهي، ته هو سندن مرضيءَ موجب حڪومت نه ٿو هلائي، ۽ اهڙو خيال گهڻو ڪري بادشاه سان ناراض ٿيل سندس چالاڪ وزير ئي حرفتبازيءَ سان ساده دل رعايا جي دل و دماغ ۾ پيدا ڪندا آهن، تڏهن اهي پنهنجي بادشاه ڏانهن هڪ خاص وفد جي ذريعي طوطن جي آنن جو تحفو ڏياري موڪليندا آهن، جنهن جو مطلب اهو هوندو آهي ته وفد جا ميمبر جيڪو پيغام کڻي آيا آهن، سو بلڪل صحيح آهي. اهو وفد بادشاه جو ڌيان هن ڳالهه ڏانهن ڇڪائيندو آهي ته حڪومت جي ڪاروبار ڪيس ايتري قدر ٿڪائي ڇڏيو آهي، جو سندس رعايا جي راءِ ۾ ڪيس سرڪاري ڪم جي فڪرن ۽ ڳڻتين کان ڪناره ڪش ٿي، آرام ڪرڻ گهرجي ۽ ڪجهه وقت لاءِ ننڊ جو مزو وٺڻ گهرجي. بادشاه پنهنجي رعايا جي سندس آرام لاءِ اهڙيءَ طرح فڪر ڪرڻ ڪري شڪرگذاري ڪندو آهي، ۽ پوءِ بظاهر ننڊ ڪرڻ جي اراديِ سان پنهنجي خاص ڪمري ۾ هليو ويندو آهي، جتي هو پنهنجين زالن کي ڪيس پوساڻي مارڻ لاءِ هدايتون ڏيندو آهي. انهيءَ حڪم جي هڪدم تعميل ڪئي ويندي آهي، جنهن کان پوءِ سندس پٽ نهايت خاموشيءَ سان، جڻ ته محل اندر ڪابه ردوبدل ڪانه ٿي آهي، انهن ساڳين شرطن تي، ته هو فقط تيستائين حڪومت جون واڳون سنڀاليندو، جيستائين سندس رعايا کانئس مطمئن هوندي، تخت تي چڙهي ويهندو آهي.“

سال ١٧٧٤ع ڌاري، ’آئيو‘ قوم جي هڪڙي بادشاه، جنهن کي سندس وزيرن دستوري طريقي سان تخت تان لاهڻ جو ارادو ڪيو،

هو، تنهن سنڌ طرفان سوڪليل طوطن جي آڻن وارن کان صاف انڪار ڪيو ۽ ڪين چوائي موڪليو ته ڪيس ننڊ ڪرڻ جي ڪا به ضرورت ڪانه هئي، پر ان جي برعڪس، هو پنهنجي رعيت جي مفاد خاطر بيدار ۽ هوشيار رهڻ جو فيصلو ڪري چڪو هو. وزير هن جي اهڙي ديده دليريءَ ۽ قانون جي ڪليل خلاف ورزيءَ تي متعجب ۽ ناراض ٿيا ۽ ولي بغاوت ڪيائون، پر آخرڪار، تمام گهڻي خونريزيءَ کان پوءِ هنن کي شڪست فاش نصيب ٿي. اهڙيءَ طرح بادشاهه پنهنجيءَ همت ۽ دليريءَ سان وزيرن ۽ صلاحڪارن جي ظلمي چنبي کان پنهنجي جان آزاد ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ پنهنجن پوين ۽ وارثن جي رهبريءَ لاءِ هڪ نئون مثال ڇڏي ويو. بهرحال، ائين پيو لڳي ته پراڻي رسم جلدئي دوباره جنم ورتو ۽ ان تي اڻويهين صديءَ جي ڏري گهٽ آخر تائين عمل ٿيندو رهيو، چاڪاڻ ته هڪ عيسائي ڪئٿولڪ مبلغ انهيءَ رسم جو سنه ۱۸۸۳ع ۾ اهڙي طريقي سان ذڪر ڪيو آهي، جڻ ته اها اڃا تائين موجود هئي. هڪ ٻيو مبلغ اولهه آفريڪا جي "ايگبا" ۽ "يوروبا" قبيلي وارن جي هڪ رسم جو ذڪر ڪندي، سال ۱۸۸۱ع ۾ لکي ٿو ته: "هن ملڪ جي عجيب ۽ غريب رسمن مان هڪ، بغير ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي، بادشاهه تي مقدمي هلائڻ ۽ ڪيس سزا ڏيڻ جي رسم آهي. جيڪڏهن بادشاهه پنهنجن حقن جي مقرر ڪيل حدن کان ٻاهر لنگهي، عوام جي ناراضگيءَ جو باعث ٿيو هوندو، ته ان حالت ۾ سندس صلاحڪارن مان هڪ تي پنهنجي شهزادي کان "ننڊ ڪرڻ" جي مطالبي ڪرڻ جو گرانبار فرض عائد ٿيندو آهي، جنهن جو سڌو ساڌو مطلب اهو هوندو آهي ته 'زهر کائي، مَر'. جيڪڏهن آخرين وقت تي بادشاهه جي همت ٻڌي، جواب ڏيڻي پئجندي آهي، ته پوءِ اهڙيءَ حالت ۾ سندس ڪو دل گهريو دوست اها آخرين خدمت سرانجام ڪندو آهي ۽ نهايت خاموشيءَ سان، جيئن عام ماڻهن ۾ رازافشائي نه ٿئي، هو رعايا کي بادشاهه جي موت جي خبر پڌڻ لاءِ تيار

ڪندو آهي. ”ٻوروٻا“ ۾ وري اهو ڪم ڪجهه مختلف طريقي سان پورو ڪيو ويندو آهي. ”اويو“ جي بادشاهه کي جڏهن پٽ ڄمندو آهي، تڏهن اتان جا ماڻهو معصوم ٻار جي ساڄي پير جو چيچڪي منيءَ مان نمونو لاهي، قبيلي جي چڱن مڙسن (اوگبوني) جي گهر ۾ رکندا آهن. جيڪڏهن بادشاهه ملڪ جي رسمن ۽ رواجن تي عمل ڪرڻ ۾ ڪا ڪوتاهي ڪندو آهي، ته هڪ قاصد، ڪجهه به ڳالهائڻ ڪانسواءِ، کيس سندس پٽ جي پير جو نمونو ڏيکاريندو آهي. بادشاهه کي معلوم هوندو آهي ته قاصد جي انهيءَ اشاري جي معنيٰ ڇا آهي. هو خاموشيءَ سان زهر پي، سمهي پوندو آهي“. پراڻي زماني ۾ ’پرشين‘ قوم جا ماڻهو هڪ اهڙي حاڪم کي پنهنجو آقا ۽ مالڪ ڪري تسليم ڪندا هئا، جو هنن تي ديوتائن جي نالي ۾ حڪومت ڪندو هو ۽ کيس ”خدا جو وات“ سڏيو ويندو هو. جڏهن هو پاڻ کي ڪمزور ۽ بيمار محسوس ڪندو هو، تڏهن هو، جيڪڏهن مرڻ کان پوءِ پنهنجي پٺيان چڱي نالي ڇڏڻ جو خواهان هوندو هو، خاردار ٻوٽن ۽ گاهه جو هڪ وڏو ڍير تيار ڪرائي، ان جي مٿان چڙهي، قوم وارن کي خطاب ڪندو هو، جنهن ۾ هو کين ديوتائن جي خدمت ڪرڻ جي تلقين ڪندو هو ۽ آخر ۾ سائن وعدو ڪندو هو ته هو پنهنجي رعايا جي ڀلائيءَ لاءِ ديوتائن ڏانهن ويندو ۽ سائن ڳالهائيندو. تنهن کان پوءِ، هو مقدس شاهه بلوط جي وڻ جي سامهون دائمي ٻرندڙ مچ مان ڪجهه باهه کڻندو هو ۽ ان سان ڪکن ۽ ڪنڊن واري ڍير کي دکائي پاڻ پنهنجي ۾ ٽپ ڏيئي، پنهنجو خاتمو ڪندو هو.

۳- مقرر ميعاد جي پوري ٿيڻ تي بادشاهه جو مارجڻ:-

جن حالتن جو اسان هيلتائين بيان ڪري آيا آهيون، تن سڀني ۾ خدائي بادشاهه يا پوڄاريءَ کي سندس معتقد فقط اهڙي وقت تائين حڪومت ڪرڻ جي اجازت ۽ اختياري ڏيندا آهن، جيستائين ڪا ظاهري وڏي يا ڪرندڙ صحت جي ڪا ظاهري نشاني، يا

پيرسنيءَ جي ناتوانائي کين خبردار نہ ڪندي آهي تہ هاڻي هو پنهنجن سڳورن فرضن جي بجا آوريءَ لاءِ موزون نہ آهي، پر هن کي تيستائين قتل نہ ڪيو ويندو آهي، جيستائين اهڙيون علامتون سچ پچ ظاهر نہ ٿينديون آهن. ڪن قومن تہ پنهنجي پادشاهہ ۾ ڪمزوريءَ جي معمولي علامت ظاهر ٿيڻ تائين بہ انتظار ڪرڻ کي خطري کان خالي نہ سمجهيو آهي، جنهنڪري انهن پنهنجن پادشاهن کي ڀوهہ جوانيءَ ۾ ئي ختم ڪري ڇڏڻ کي ترجيح ڏني آهي. چنانچہ هنن هڪ ميعاد مقرر ڪيو آهي، جنهن کان پوءِ پادشاهہ کي حڪومت ڪرڻي ئي ڪانهي ۽ ان جي ختم ٿيڻ سان ئي کيس مرڻو آهي. اهو ميعاد اهڙو ٿورو هوندو آهي، جو انهيءَ قوم وارن کي پڪ هوندي آهي تہ رواجي حالتن ۾ سندن پادشاهہ انهيءَ وقفہ ۾ نہ پوڙهو ٿيندو ۽ نہ ڪنهن مهلڪ مرض ۾ مبتلا ٿيندو. ڏکڻ هندستان جي ڪن علائقن ۾ اهو عرصو ٻارهان سال هوندو هو. چنانچہ، پراڻي زماني جي هڪ سياح جي بيان مطابق، فيلاڪيئر ۾ ”بت پرستن جو هڪ مندر آهي، جنهن ۾ هڪ اهڙو بت رکيل آهي، جنهن کي تمام گهڻي عزت ۽ احترام جي نظرن سان ڏٺو ويندو آهي، ۽ هر ٻارهين سال اتان جا رهاڪو ان تي هڪ زبردست ميلو لڳائيندا آهن، جنهن ۾ آسپاس جا بت پرست شريڪ ٿيڻ لاءِ اڻين پيٽنجي پوندا آهن، ڇو تہ اهي ڪنهن وڏي جشن ۾ حصي وٺڻ لاءِ آيا آهن. مندر جي ذاتي ملڪيت ۾ وڏيون پنيون ۽ ٻارا شامل آهن، جن مان ان کي گهڻي اپت ٿيندي آهي. انهيءَ صوبي تي هڪ پادشاهہ حڪومت ڪندو آهي، جنهن جي منصب جو مدو ٻارهان سال، يعني هڪ ميلي کان ٻئي تائين، هوندو آهي. سندس رهڻيءَ ڪهڻيءَ جو طريقو هن طرح آهي:- جڏهن اهي ٻارهان سال پورا ٿيندا آهن، تڏهن انهيءَ ميلي تي بيشمار ماڻهو ڪٺا ٿيندا آهن ۽ برهمڻن کي کارائڻ تي تمام گهڻو پئسو خرچ ڪيو ويندو آهي. پادشاهہ پنهنجي لاءِ ڪاٺيءَ جو هڪ اوچو صندل ٺهرائيندو آهي، جنهن جي چئني طرفن کان ريشمي ۽ رنگ برنگي پڙدا لٽڪايا

ويندا آهن. ان ڏينهن هو مندر جي پاڪ حوض ۾ وڃڻ سان، سوڻن ۽ دهلن، باجن سان غسل ڪرڻ ويندو آهي . اهو ڪم پورو ڪري، هو بت ڏانهن ايندو آهي ۽ سندس پوڄا پاٺ ڪندو آهي. پوءِ هو انهيءَ صندل تي چڙهي ويندو آهي ۽ سڀني حاضرين جي روبرو هو پاڻ سان ڪي تيز چاقو ٻه، مٿي کڻي ويندو آهي، جن منجهان هڪ سان هو پنهنجو نڪ، پوءِ چپ، ڪَن ۽ ٻيا عضوا ڏاڍيءَ ڦڙتيءَ ۽ تيزيءَ سان وڍيندو اڇلائيندو ويندو آهي، ساڳئي وقت، جيتريقدر ٿي سگهندو اٿس، اوتريقدر جلد هو پنهنجي جسم تان گوشت جا ٽڪر وڍيندو ويندو آهي، جن کي هو ڏاڍيءَ تيزيءَ سان پري اڇلائيندو رهندو آهي، تان جو هن جو ايترو گهڻو رت خارج ٿي ويندو آهي، جو مٿس بيهوشي طاري ٿيڻ شروع ٿيندي آهي، ۽ ان کان پوءِ هو پنهنجو گلو پاڻ وڍي ڇڏيندو آهي. هو اها قرباني انهيءَ بت جي حضور ۾ پيش ڪندو آهي، ان کان بعد ٻه، جيڪو ماڻهو ٻارهن سالن تائين حڪومت ڪرڻ جو خواهان هوندو آهي، ۽ انهيءَ ميعاد پوري ٿيڻ کان پوءِ، بت جي محبت وچان پنهنجي قرباني پيش ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي، تنهن کي انهيءَ موقعي تي حاضر رهڻو پوندو آهي ۽ بادشاه جي انهيءَ قربانيءَ جي سڄي رتوڇاڻ کي ٻه اکين سان ڏسڻو پوندو اٿس. بس، پوءِ انهيءَ جاءِ تان ئي کيس کلهن تي کڻي بادشاه بڻايو ويندو آهي .

ملبار جي ساحل تي، ڪلڪٽ جي بادشاه جو لقب "سمورين" يا "سموري" آهي. هو برهمڻن کان ٻه، زياده اوچي مرتبي جي هجڻ جو ڏيکاءُ ڪندو هو ۽ پاڻ کي فقط نظرن کان غائب ديوتائن کان ئي ڪجهه گهٽ رتبي وارو سمجهندو هو. رعيت هن جي انهيءَ دعويٰ کي تسليم ڪندي هئي، پر برهمڻ اُن کي بيهوده بڪوات ۽ قابل نفرت لپاڙ سمجهندا هئا ۽ پنهنجي انهيءَ بادشاه کي محض هڪ شودر کان وڌيڪ رتبي ڏيڻ لاءِ تيار ڪين هئا". اڳئين زماني ۾ "سمورين" کي ٻارهن سالن جي راڄ کان پوءِ پنهنجيءَ رعيت جي روبرو پنهنجي هٿ سان پنهنجو گلو وڍڻو

پوندو هو. ڇو ته سترهين صديءَ جي آخر ۾ انهيءَ قانون ۾ هيٺين طريقي سان درستي آندي ويئي هئي: ”گذريل زماني ۾ هن ملڪ اندر ڪيترائي عجيب و غريب رواج هوندا هئا، جن مان ڪي رد ڪيا ويا ته باقي ڪي تمام عجيب وغريب ۽ حيرت انگيز رواج اڃا تائين موجود آهن. اهڙي هڪ پراڻي رسم هئي ته ”سئموريئن“ فقط ٻارهن سالن تائين حڪومت ڪري ۽ ان کان وڌيڪ هرگز نه. جيڪڏهن هو انهيءَ عرصي کان اڳ نه مري ويندو هو، ته ان صورت ۾ هو عام ماڻهن جي روبرو خاص طرح اڏيل ڦاسيءَ تي چڙهي، پنهنجن هٿن سان پاڻ کي وڍڻ ڪٽڻ جي تڪليف ڏيندڙ رسم ادا ڪرڻ جي مصيبت کان بچي ويندو هو. انهيءَ موقعي کان اڳ، هو پنهنجن سڀني اميرن ۽ وزيرن لاءِ، جي لاتعداد هوندا هئا، هڪ وڏيءَ دعوت جو انتظام ڪندو هو. دعوت جي ختم ٿيڻ کان پوءِ هو سڀني حاضرين کي سلام ڪندو هو ۽ انتهائي شرافت سان، ڪاٺيءَ جي ٺهيل صندل تي اڏيل ڦاسيءَ تي چڙهي ويندو هو، جتي هو سڀني ماڻهن جي سامهون پنهنجن هٿن سان پنهنجي سسي ڌڙ کان ڌار ڪندو هو. انهيءَ ڪارروائيءَ جي ختم ٿيڻ سان سندس ڌڙ کي ڏاڍي شان، مان ۽ عزت آبروءَ سان جلوس جي صورت ۾ کڻي، ساڙيو ويندو هو. انهيءَ خونريزيءَ کان فارغ ٿيڻ بعد، امير ۽ وزير گڏجي نئين ”سئموريئن“ جو انتخاب ڪندا هئا. اها رسم مذهبي نوعيت جي هئي، يا اهو فقط هڪ سماجي رواج هو، تنهنجي مون کي خبر ڪانه آهي. هاڻي انهيءَ رواج کي ترڪ ڪيو ويو آهي. اڄ ڪالهه جي ”سئموريئن“ هڪ نئين رسم رائج ڪئي آهي. ٻارهن سالن جي حڪومت ڪرڻ کان پوءِ هو سڄي ملڪ ۾ جشن ڪرڻ جو اعلان ڪندو آهي. بادشاهه لاءِ هڪ وڏي ميدان جي وچ ۾ هڪ شاندار شاميانو اڏيو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ ڏهن يا ٻارهن ڏينهن تائين خوب محفلون ۽ ميلا، ناچ ۽ گانا ۽ مسخريون ۽ چرچا ڪيا ويندا آهن ۽ ڏاڍي عياشي ڪئي ويندي آهي. رات

ڏينهن ٽوبون ڇوڙيون وينديون آهن ۽ ميلي جي ختم ٿيڻ تي
حاضرين منجهان ڪن ٻه اهڙن ڇهن ٻانڪن ۽ ٻي ڏهن نوجوانن کي،
جن کي سر تري تي رکي بادشاهي تاج هٿ ڪرڻ جي آرزو
هوندي آهي، ۽ جن کي "سمورين" کي سندس شامياني اندر،
ٽيهن يا چاليهن هزارن محافظن منجهان پار پهچي ڪيس مارڻ
جي همت هوندي آهي، انهي ڪارنامي ڪرڻ جي اختياري
ڏني ويندي آهي. جيڪو ٻه انهن سڀني کان اول "سمورين"
کي قتل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آهي، سو بادشاه ٿيندو آهي.
سنه ١٦٩٥ع ۾ هڪ اهڙي محفل منعقد ڪئي وئي هئي ۽
"ٿيني" بندرگاه وٽ، جو ڪلڪت کان پندرهان سامونڊي ميل
ڏکڻ طرف واقع آهي، هڪ وڏو ۽ عاليشان خيمو نصب ڪيو
ويو هو. ان سال حاضرين منجهان فقط ٽي اهڙا جوڌا جوان نڪتا،
جي انهي خطرناڪ مهم کي سر ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا ۽ ترارين ۽
ڀالن سان مسلح ٿي، بادشاهي محافظن مٿان اچي ڪڙڪيا، پر سندن
تيرن ۽ تلوارن جي حملن جو تاب نه جهلي سگهيا. آخرڪار،
شاهي محافظن مان گهڻن کي قتل ڪرڻ بعد، هو ٻه ماريجي ويا.
انهن جوانن منجهان هڪ جانباز جو پندرهن يا سورهن سالن جي
عمر جو ڀائٽيو ٻه ان وقت ساڻس گڏ هو. هن جڏهن پنهنجي چاچي کي
محافظن تي حملو ڪندي ڏٺو، تڏهن هو ٻه سندس پٺيان لڳو رهيو
۽ جنهن وقت هن پنهنجي چاچي کي زخمي ٿي، ڪرندي ڏٺو،
تڏهن هو سپاهين کي ماري شامياني اندر پهچي، ۽ بادشاه تي
وار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. هن جو ڌڪ اهڙو ته سڌو
هو جو، جيڪڏهن شامياني جي ڇت ۾ لٽڪيل پتل جو هڪ
وڏو شمعدان هنجي مٿان ڪري، سندس وار کي خطا نه ڪري
وجهي ها، ته ٻئي لحظي ۾ بادشاه سلامت جو سر سندس ڌڙ کان
ڌار ٿي وڃي ها. پر هو جيستائين پاڻ سنڀالي ٻيو وار ڪري
ٿي ڪري، تيستائين بادشاه جا محافظ ان تائين پهچي ويا ۽
کيس اتي جو موقعو ئي نه ڏنائون. منهنجو خيال آهي ته اجا

تائين ساڳيو ئي ”شموريٿن“ حڪومت ڪري رهيو آهي. اها محض
اتفاق سان انهيءَ ساحل تي آيو هوس ۽ مسلسل ٻن، ٽن ڏينهن ۽
راتين تائين ڍولن جا آواز ٻڌندو رهيس“.

جنهن انگريز سياح جي بيان جو مون ذڪر ڪيو آهي،
تنهن اهو ميلو پنهنجين اکين سان ڪونه ڏٺو هو، جيتوڻيڪ هن
دور کان ڍولن جي چٽن جا آواز ٻڌا هئا. خوش قسمتيءَ سان،
انهن ميلن جي تفصيلن، ۽ منجهن مرندڙ ماڻهن جي تعداد جو
سچو بيان ڪاليڪٽ جي شاهي ڪتبخاني ۾ محفوظ رکيل آهي.
اٺويهين صديءَ جي آخرين حصي ۾، انهن تحريرن جو مسٽر
ڊبليو. لوگن معائنو ڪيو هو، جنهن ۾ ڪيس ان وقت جي حڪمران
شخصي مدد ڪئي هئي. ان جي تحريرن مان انهيءَ دردناڪ
واقعي ۽ ان جي خوفناڪ منظر، ۽ انهيءَ هنڌ جي پليءَ پٽ خبر
پوي ٿي، جتي اها وحشي رسم سنه ١٧٤٣ع تائين ڪڏهن ڪڏهن
ادا ٿيندي آئي، جنهن کان پوءِ اها وري ادا نه ڪئي ويئي.

جنهن ميلي ۾ ڪاليڪٽ جو بادشاه پنهنجي تاج ۽ زندگيءَ
جو ويڙهه جي نتيجي تي داءُ لڳائيندو هو، تنهن کي ”وڏي قرباني“
سڏيندا هئا. اهو ميلو هر ٻارهين سال لڳندو هو ۽ اٺاويهن ڏينهن
تائين هلندو هو. انهيءَ ميلي جي تاريخ مشتري سيّاره جي واپسي
گردش شروع ٿيڻ وقت ٻڌي ويندي هئي. جيئن ته ميلي جي تاريخ مشتري
گرهه جي آسماني ڏيک مطابق مقرر ڪئي ويندي هئي، ۽ جيئن ته اهڙن
ٻن ميلن جي وچ وارو عرصو ٻارهن سال هوندو هو، جو ذري گهٽ مشتري
جي شمسي گردش جو عرصو آهي، ان ڪري اسين بخوبي هي
انومان ڪري سگهون ٿا ته انهيءَ درخشان سياره جو بادشاه جي
زندگيءَ ۽ تقدير سان سڌو سنئون واسطو سمجهيو ويندو هو،
جنهنڪري ٿي مشتريءَ جي گردش جو ايام بادشاه جي حڪومت
جي عرصي جو مساوي هو. اهو ڪٿي ڪين ٿي هجي، ان ۾ ڪو به شڪ
ناهي ته انهيءَ موقعي کي وڏي ٺاٺ ۽ ڌام ڌوم سان ”تيرونا وائي“
مندر ۾ ملهايو ويندو هو، جو ”پوناني“ درياه جي اترين ڪناري

تي واقع هو. اها سرزمين هن وقت ريلوي لائين جي ڀاسي ۾ آهي. جيئن ريل اتان تيزيءَ سان نڪرندي ويندي آهي، تيئن انهيءَ مندر جون چوٽيون، جي گهاٽي جهنگ ۾ ذري گهٽ ڍڪيل هونديون آهن، دور کان درياه جي ڪناري تي اڄ ب نظر اينديون آهن. انهيءَ مندر جي الهندي ڦاٽڪ کان هڪ بلڪل سڌو ۽ سنئون رستو، جو آسپاس وارين ساريال زمينن جي سطح کان ٿورو مٿيرو آهي، ۽ جنهن جي ٻنهي ڪنارن سان گهاٽن ۽ ساوڻ وڻن جي ڇت ٺهيل آهي، سو هڪ ميل تائين سڌو وڃي، هڪ مٿاهين ۽ چاڙهيءَ واري ڪناري سان ملي ٿو، جنهن تي اڄ تائين قديم زماني جي ڪن، چئن بلند چبوترن جا ڦٽل نشان موجود آهن. انهن مان سڀني کان زياده بلند مناري تي فيصلي واري ڏينهن تي بادشاه اچي ويهندو هو. اتان جيڪو نظارو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، سو نهايت دلڪش آهي. ساريال ٻنين جي سڌن ميدانن جي هُن طرف، جتان هڪ ويڪرو درياه ور وڪڙ ڪندو لنگهندو نظر ايندو آهي، اتاهان ميدان آهن، جن جا سرسبز لاهه گهاٽن ٻيلن سان ڇانيل آهن ۽ دور، گهڻو دور، الهندي گهاٽن جو عظيم سلسلو نظر جي حد تائين هليو وڃي ٿو، جنهن جي پٺيان وري نيلگري ٽڪرين جي ساوڪ آسمان جي هلڪي نيلي رنگ سان ملي، هڪ ٿي وڃي ٿي.

ار، بادشاه جي زندگيءَ جي انهيءَ دردناڪ پڇاڙيءَ وقت، سندس خيال قدرت جي انهيءَ دلڪش نظاري ڏانهن ڇڪيل ڪونه هوندو هو، هن جو ڌيان ته ويجهڙائيءَ ۾ هڪ ٻئي نظاري ڏانهن مبذول رهندو هو. ڇاڪاڻ ته سڄو هيٺاهون پٽ فوجن سان ڇانيو پيو هوندو هو، جن جا جهنڊا سج جي تيز روشنائيءَ ۾ پيا جهولندا هئا ۽ سندن مختلف ڇانوڻين جا سفيد خيما اڌورين پڪل سارين جي سبز ۽ سنهري رنگ جي پس منظر ۾ دور کان چٽيءَ ريت نظر ايندا هئا. ميدان ۾ چاليهن هزارن کان ب زياده جنگي جوڌا بادشاه جي حياتيءَ بچائڻ خاطر سر جي ست ڏيڻ لاءِ موجود رهندا هئا، پر

جيڪڏهن سڄو ميدان فوجن سان ڀريو پيو هوندو هو، ته سا گهڙي وقت انهن جي وچان جيڪو سوڙهو رستو، مندر کان ولي بادشاه جي ويهڻ واريءَ جاءِ تائين ٺهي ويو، سو بلڪل صاف پيو هوندو هو ۽ ڪابه ساه واري چيز ان تي نظر ڪانه ايندي هئي. رستن جي ٻنهي طرفن کان ڇنبدار ڪاٺين جو لوڙهو لڳل هوندو هو، جنهن جي ٻنهي پاسن کان چمڪدار ۽ تيز نوڪدار ڀالن جو جهڳ ته جهنگ نظر ايندو هو، جي هزارها مضبوط ٻانهن ۾ اٿين جهليل هوندا هئا، جن ته انهن ۾ ٻڌهه چميل هئا. ڀالن جي تيز چمڪدار ڦرن جون نوڪون انهيءَ تنگ ۽ خالي رستي جي وچ تي پاڻ ۾ مليون، فولاد جي ڏکي ڪمان لاهي بيٺيون هونديون هيون. بس، هيئنر سڀ تياريون مڪمل ٿي چڪيون هيون. بادشاه پنهنجيءَ ترارڪي گهمايو ته سا گهڙي وقت مندس پرسان بيٺل هڪ هاٿيءَ جي پٺيءَ تي نهري سون جو هڪ ٿلهو زنجير وڄو ويو. اهو ئي مقرر ڪيل اشارو هو. هڪدم اڌ ڪن ميل پري، مندر جي دروازي وٽ ماڻهن جي هجوم ۾ چرپر نظر اچڻ لڳي. چند گهوڙيسوار، جن جي ڳچيءَ ۾ گلن جا هار پيل هئا، ۽ بدن تي رک مکيل هين، ماڻهن جي وچ مان نڪري ٻاهر ٿيا. انهن هن فاني دنيا جو آخرين داڻو، پاڻي استعمال ڪيو هو ۽ پنهنجن دوستن ۽ عزيزن سان آخرين ڀاڪر پائي، انهن جون دعائون حاصل ڪري، موت سان مڙداني مقابلي ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتا هئا. هڪ لحظي کان پوءِ هنن ڀالن سان ڍڪيل رستي تان اڳتي وڌڻ شروع ڪيو. رستي تي پهچندي ئي، ساڄي ۽ کابي نيزي بردارن کي ماريندا، ڪاٽيندا ۽ زخمي ڪندا، ڪڍندا، ڀڃندا ۽ ٻيچ وخم ڪاٽيندا، اهڙيءَ ڦڙتيءَ سان پنهنجي منزل مقصود ڏانهن وڌندا ٿي آيا، جن ته سندن جسمن ۾ ڪو هڏو ئي ڪونه هو ۽ هو سراسر گوشت و پوست جا ٺهيل هئا. پر سندن سڄي چستي ۽ چالاڪي بيڪار ۽ بي سود هئي. هو هڪ پئي پٺيان، ڪي بادشاه جي ويجهڪ قريب، ته ڪي ان کان گهڻو دور، ڪرندا، ۽ مرندا رهيا، ۽ مرڻ ۾ راضي رهيا، نه ان لاءِ ته، ڪين ان جي صلح ۾ ناپائدار

۽ بي بقا شاهي تاج نصيب ٿيڻ وارو هو، پر محض ان لاءِ ته دنيا وارن اڳيان سندن دليريءَ، شهسواريءَ ۽ تلوار بازيءَ جي مهارت جو مظاهرو ٿئي ۽ سندن واه واه ٿئي. ميلي جي پوين ڏينهن تي به ساڳيءَ بي ڊپائيءَ ۽ بهادريءَ جي نمائش ۽ انساني زندگيءَ جي ساڳي فضول ۽ بيڪار قربانيءَ جو بار بار مظاهرو ڪيو ويندو هو، پر جيستائين اهڙا ماڻهو جيئرا آهن، جي محض زندگيءَ تي عزت ۽ آبرو، ناموس ۽ ناماچار کي ترجيح ڏين ٿا، تيستائين شايد ڪا به قرباني فضول ۽ بي فائده نٿي ٿي سگهي.

قديم هندستان جو هڪ مقامي تواريخ نويس لکي ٿو ته "بينگال ۾ هڪ عجيب و غريب رسم آهي، جنهنڪري تخت و تاج جي مالڪ ٿيڻ لاءِ پشت بپشت ورثي جو رواج موجود ڪونهي... جيڪو به ماڻهو وقت جي بادشاه کي قتل ڪري ۽ ان جي تخت تي وهڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آهي، تنهن کي هڪدم بادشاه ڪري تسليم ڪيو ويندو آهي. سڀ امير، وزير، سپاهي ۽ رعيت هڪدم ان جي حڪم جي تعميل ڪندا آهن ۽ سندس اڳ جهڪندا آهن، ڪيس اهوئي درجو حاصل ٿي ويندو آهي، جهڙو سابق بادشاه کي هو، جنهن ڪري سندس حڪم جي بنان ڪنهن چون وچرا جي تعميل ڪئي ويندي آهي. بينگالي چوندا آهن ته 'اسين تخت جا وفادار آهيون، جيڪو به تخت تي ويهندو آهي، تنهنجا اسين بندا آهيون ۽ ان سان ئي سچا رهندا آهيون.' سوماترا جي شمالي ڪناري تي، پاسيئر جي ننڍڙي بادشاهيءَ ۾ به ساڳي رسم هوندي هئي. قديم پورچوگيز سياح ۽ تواريخ نويس، ڊي-بئروس، جنهن اسان کي اها ڳالهه ٻڌائي آهي، سو حيران ٿي لکي ٿو ته ڪو به عقلمند ماڻهو اتان جي بادشاه ٿيڻ لاءِ رضامند ڪونه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته اتان جا ماڻهو پنهنجي بادشاه کي گهڻي وقت تائين زنده رهڻ نه ڏيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اتان جي ماڻهن جي دماغ تي جنون سوار ٿيندو آهي ۽ سيئي گڏجي شهر جي گهٽين مان جلوس جي صورت ۾ هي خطرناڪ رڙيون

ڪندا ويندا آهن "بادشاه کي مرڻ گهرجي"، جڏهن بادشاه اهو موت جو راڳ ٻڌندو هو، تڏهن سمجهندو هو ته سندس پڄاڻي اچي ويئي آهي. جيڪو ماڻهو کيس ڌڪ هڻي ماريندو هو، سو شاهي خاندان منجهان ئي هوندو هو ۽ جڏهن هو خونريزيءَ جو اهو ڪم سرانجام ڪندو هو، تڏهن تخت تي وڃي ويهندو هو، جنهن کان پوءِ کيس باقاعده طور بادشاه تسليم ڪيو ويندو هو، پر ان لاءِ هڪ وڏو شرط اهو هوندو هو ته هو انهيءَ سڄي ڏينهن تائين تخت تي صلح ۽ سانت سان قابض رهڻ ۾ ڪامياب ٿئي. پر، بادشاه جي قاتل کي گهڻو ڪري انهيءَ مقصد ۾ ناڪاميابي نصيب ٿيندي هئي. پورچوگيز سياح ۽ تاجر فرنائو پيريئس ڊي اينڊريڊ چين جي سفر ڪندي، رستي ۾ جنهن ڏينهن پاسيئر جي بندرگاه ۾ مصالحن جي کيپ کڻڻ واسطي لنگر انداز ٿيو، تنهن ڏينهن ٻن بادشاهن کي، نهايت صلح ۽ سانت سان، بغير ڪنهن شور ۽ غوغا جي، قتل ڪيو ويو هو. پر ان هوندي به، شهر جو سڄو ڪاروبار حسب معمول هلندو ئي رهيو، ڇو ته بادشاهن جو قتل انهيءَ ملڪ ۾ روزمره جو هڪ معمول هو. درحقيقت، هڪ موقعي تي ٽن بادشاهن کي انهيءَ خطرناڪ بلنديءَ تي چاڙهيو ويو ۽ ٽنهي کي انهيءَ ڏينهن اندر موت جي گرد آلود رستي تي هڪ ٻئي پٺيان گامزن ٿيڻو پيو. اتان جا ماڻهو جيڪي انهيءَ رسم کي، نه فقط قابل تعريف، پر ڪن حالتن ۾ ديوتائن وٽان مليل پڻ سمجهندا آهن، سي ان جي حق ۾ هن طرح سان صفائي پيش ڪندا آهن ته خدا، بادشاه جهڙي زبردست ۽ اعليٰ هستيءَ کي، جو سندس ٻارن هن دنيا جي حڪومت هلائي ٿو، تيستائين انهيءَ طريقي سان هرگز نه مارائيندو، جيستائين هو کيس سندس ڪڌن ڪرتوتن ڪري اهڙي انجام جي قابل نه سمجهندو. سوماترا جي خط استوائي علائقي کان گهڻو پري، قديم زماني جي 'سلٽو' نسل وارن ۾ به ساڳئي قسم جي حڪومت جو رواج پيل معلوم ٿئي ٿو. جڏهن "گن" ۽ "جارميرڪ" نالي ٻن قيدين 'سلٽو' قوم جي بادشاه

۽ راڻيءَ کي قتل ڪرڻ جي سازش ۾ ڪاميابي حاصل ڪري، اتان وٺي ڀڳا، تڏهن اتان جا وحشي سندن پٺيان پيا، ۽ گھڻي مفاصلي تائين واڪا ڪندا ويا ته جيڪڏهن اوهين ايندا، ته پراڻي قانون مطابق اسين اوهان کي پنهنجي مقتول بادشاه جي بجاءِ حاڪم بڻائينداسون، پر بادشاه ۽ راڻيءَ جا قاتل ڀڄندا ئي ويا، ۽ وحشين جي وعدن تي ڪن ئي ڪونه ڏنائون، ڇاڪاڻ ته هو ائين سمجهي رهيا هئا ته هنن کين فقط پڪڙي موٽائي مارڻ لاءِ اهو چار وچايو آهي ۽ انهيءَ ڊپ کان هو ڊوڙندا ئي رهيا، تانجو وڌندڙ مفاصلي سبب وحشين جا واڪا ۽ سندن شور بلڪل بند ٿي ويو.

جنهن زماني ۾ بادشاهن کي پنهنجن، يا پراڻن هٿن سان مقرر ميعاد جي اختتام وقت موت جو ذائقو چکڻو ئي پوندو هو، تڏهن هنن لاءِ اهڙي عذاب ڏيندڙ فرض جي سرانجاميءَ جو پاڻ تان بار لاهڻ لاءِ ڪي عيوضي مقرر ڪرڻ، ته جيئن اهي ئي سندن پاران پنهنجي جان ڏين، هڪ قدرتي امر هو. معلوم ٿئي ٿو ته ملبار جي ڪن شهزادن پاڻ کي موت کان بچائڻ جو اهو ڍنگ اختيار ڪيو هو. چنانچه، انهيءَ ملڪ جي باري ۾ صحيح خبرچار رکندڙ هڪ مقامي اختياري اطلاع ڏني ٿي ته ”ڪن هنڌن تي، بادشاه ڪنهن مقرر ميعاد لاءِ، انتظامي ۽ ديواني اختيارن مقامي ماڻهن کي سوپيندا هئا. انهيءَ سرشتي کي مقامي ٻوليءَ ۾ ”تالا ويٽي پروتم“ جو نالو ڏنو ويو هو، جنهن جي معنيٰ ”قتل ڪرڻ ذريعي حاصل ڪيل اختياري هئي“... اها اختياري پنجن سالن جي عرصي لاءِ هوندي هئي، جنهن جي دوران ۾ واسطيدار ماڻهوءَ کي پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ انتهائي مطلق العنان اختيارات ڏنا ويندا هئا. پنجن سالن جي گذرڻ کان پوءِ انهيءَ شخص جو سر وڍي، هوا ۾ مٿي اڇلايو ويندو هو ۽ هيٺ بيٺل گوڙتا ان کي جهٽڻ لاءِ هڪ ٻئي سان خوب ڇتاپيٽي ڪندا هئا. جيڪو به ان کي هٿ ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪندو هو،

ننهن کي ايندڙ پنجن سالن تائين انهيءَ عهدي لاءِ نامزد ڪيو ويندو هو."

هڪ دفعو جڏهن اهڙن بادشاهن، جن کي مقرر وقت گذرڻ کان پوءِ مرڻون ٿي پوندو هو، پنهنجي دماغ ۾ عيوضين جي ذريعي مرڻ جو دل خوش ڪندڙ خيال ويهاريو، تڏهن هنن ان کي قدرتي طور، عملي جامو پهرائڻ شروع ڪيو، جنهنڪري ان ۾ ڪابه حيرت نه آهي، ته ڪيترن ئي ملڪن ۾ اسان کي اهڙي تجويز، يا ان جا آثار ظاهر طور نظر اچي رهيا آهن. اسڪنڊينيويا جي روايتن مان اسان کي ڪي اهڙا اشارا ملن ٿا، ته سئيڊن جا قديم بادشاه فقط نون سالن تائين حڪومت ڪندا هئا، جنهن کان پوءِ انهن کي قتل ڪيو ويندو هو، يا کين سندن بدران مرڻ لاءِ ڪو عيوضي تلاش ڪرڻو پوندو هو. چنانچه، "آن" يا "اون"، نالي سئيڊن جي هڪ بادشاه جي ڳالهه ڪندا آهن ته هن پنهنجي عمر جي درازيءَ لاءِ "اوڊن" ديوتا جي نالي قرباني ڏني، جنهن تي ديوتا طرفان کيس اهو جواب مليو ته هو تيستائين زنده رهندو ايندو، جيستائين هو هر نائين سال پنهنجن پٽن مان هڪ کي قربان ڪندو رهندو. چون ٿا ته هن اهڙي نموني سان نون پٽن کي قربان ڪيو ۽ جيڪر ڏهين ۽ آخرين پٽ کي به قربان ڪري ها، پر 'سئيڊ' قوم وارن هن کي ائين ڪرڻ نه ڏنو. جنهنڪري هو مري ويو ۽ کيس اپسالا وٽ هڪ دڙي هيٺان دفن ڪيو ويو. شاهي اختيار جي انهيءَ مقرر مدي هئڻ جو ثبوت اسان کي "اوڊن" جي تخت تان لهڻ، ۽ سندس جلاوطنيءَ جي هڪ عجيب و غريب روايت مان ملي ٿو. 'اوڊن' جي بداعمالن تي سخت ناراض ٿي، ٻين ديوتائن کيس برادريءَ تان لاهي، کيس جلاوطن ڪري ڇڏيو، پر ساڳئي وقت هنن "اوڊن" جي جاءِ تي "اولر" نالي هڪ چالاڪ جادوگر کي بادشاهي ۽ ديوتائي اختيارن سان نوازي، هن جو عيوضي ڪري رکيائون. انهيءَ عيوضيءَ کي به هنن "اوڊن" جو نالو ڏنو، جنهن انهيءَ نالي سان ڏهه سال

حڪومت ڪئي، جنهن ڪان پوءِ، اصلي ”اوڊن“ جي حالت بهتر ٿي ۽ هن نقلي ”اوڊن“ کي هڪالي، پنهنجي تخت ۽ تاج تي وري قبضو ڪيو. سنڊس نا اميد حريف سٺيڊن ڏانهن پڄي ويو، جتي هن پنهنجيءَ قسمت کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو ڪامياب ڪونہ ٿي سگهيو ۽ مارجي ويو. جيئن ديوتائون گهڻو ڪري فقط عام ماڻهو ٿي هوندا آهن، جي روايتن جي غبار پٺيان اسان کي پنهنجي اصلوڪي جسامت کان وڏا نظر ايندا آهن، ان ڪري اسين هيءُ انومان ڪيي ٿا سگهون تہ ’نارس‘ قوم جي هن قديم ڏند ڪٿا ۾ اسان کي سٺيڊن جي انهن بادشاهن جو هڪ منجهيل عڪس محفوظ ٿيل ملي ٿو، جي فقط نون يا ڏهن سالن تائين حڪومت ڪري تحت تان لهي ويندا هئا ۽ پنهنجي ملڪ لاءِ قربان ٿيڻ جي ذمہ داري پڻ لاءِ چڏي ويندا هئا. ائين پيو نظر اچي تہ اپسالا ۾ جيڪو ساليانو وڏو ميلو لڳندو هو، تنهن تي ٿي شايد بادشاه، يا سندس عيوضيءَ کي قتل ڪيو ويندو هوندو. اسان کي هيءَ خبر آهي تہ اهڙن موقعن تي جيڪي ساٿ سوڻ ڪيا ويندا هئا، تن ۾ انساني قرباني ضرور ڪئي ويندي هئي.

اسان کي ڪي اهڙيون ثابتيون بہ مليون آهن، جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ قديم يوناني فرمانروائن مان اڪثر جي حڪومت جو دور اٺن سالن تائين محدود هوندو هو؛ گهٽ ۾ گهٽ هيءَ ڳالهہ ضرور هئي تہ اٺن سالن جي هر عرصي کان پوءِ، نئين سر تاجپوشي ضروري سمجهي ويندي هئي، تہ جيئن کين پنهنجن مذهبي ۽ شهري فرضن کي خوبيءَ سان سرانجام ڪرڻ جي نئين سر طاقت حاصل ٿئي. اهڙيءَ طرح اسپارٽا جي آئين جو هڪ هيءُ قاعدو هو تہ هر اٺن سالن جي عرصي کان پوءِ شهر جا مئجسٽريٽ ڪنهن صاف، اماس رات تي آسمان کي غور سان ويهي سڄيءَ رات تائين خاموشيءَ سان جاچيندا هئا. جيڪڏهن کين رات جي دوران ۾ ڪو شهاب ثاقب، يا ٽٽندڙ تارو آسمان ۾ نظر ايندو هو، تہ هو سمجهندا هئا تہ بادشاه ديوتا جو گناه ڪيو آهي، جنهنڪري هو

ڪيس پنهنجي منصب تان تيستائين موقوف ڪري ڇڏيندا هئا، جيستائين اولمپيا، يا ڊيلفيءَ جو غيبي آواز ڪيس دوباره پنهنجي اصلوڪي عهدي تي فائز ڪري. اها رسم، جنهن مان انتهائي قديم زماني جي بوءِ اچي رهي آهي، سا اسپارٽا جي آخرين بادشاهي دور حڪومت جي دوران ۾ به مروج هئي ۽ ان کي فراموش ڪونه ڪيو ويو هو، ڇاڪاڻ ته خود اسان جي زماني (عيسوي سنه) کان فقط ٽي صديون اڳ، هڪ بادشاهه کي، جنهن پنهنجي ملڪ جي اصلاحي جماعت جي ميمبرن مان بد سلوڪي ڪئي هئي، گهٽين ٺي من گهڙيل تهمتن هيٺ سچ پچ تخت تان لاٿو ويو هو ۽ انهن سڀني کان وڏيڪ اهم ۽ نمايان تهمت هيءَ هئي ته هن سندس بدبختيءَ جي اها قدرتي نشاني صاف طور آسمان ۾ ڏٺي هئي.

اڳئين زماني ۾ جيڪڏهن اسپارٽا وارن ۾ بادشاهيءَ جو عرصو اٺن سالن تائين محدود هو، ته پوءِ اسين هي سوال قدرتي طور پڇي ٿا سگهون ته بادشاهه جي دور حڪومت جو خاص طرح ايترو مدو ڇو مقرر ڪيو ويو هو؟ انهيءَ جو سبب اسان کي قديم زماني جي علم نجوم جي ڪن اهڙن اسبابن مان ملي ٿو، جن تي يوناني ڪئلينڊر جو بنياد رکيل هو. سج ۽ چنڊ جي وقتن اندر جيڪو فرق آهي، سو اهڙن ماڻهن لاءِ جي اڃا مس وحشي حالت کان ٻاهر نڪري رهيا آهن، هڪ دائمي ڪچهارت پيدا ڪندي رهي آهي. هاڻي، اٺ سالو چڪر، اهو ننڍي ۾ ننڍو عرصو آهي، جنهن جي ختم ٿيڻ تي سج ۽ چنڊ هڪ ٻئي سان اچي وڪ ملائن ٿا ۽ هڪ ٻئي جي هيئان ۽ مٿان گردش ڪن ٿا. مثال جي طور، اٺن سالن جي عرصي ۾ چوڏهينءَ جو چنڊ فقط هڪ دفعو سال جي وڏي ۾ وڏي يا ننڍي ۾ ننڍي ڏينهن تي ظاهر ٿئي ٿو. قديم زماني ۾، ڪئلينڊر ۾ پوريءَ طرح قيرار آڻڻ جو ڪم مذهبي نوعيت جو هوندو هو، ڇاڪاڻ ته ان جي ذريعي ئي اهڙين صحيح موسمن جو پتو پئجي سگهندو هو، جن ۾ قوم جي ڀلائيءَ خاطر موزون ديوتائن کي راضي ڪرڻ جون

رسمون ادا ڪري سگھيون هيون. چنانچ، هن ۾ ڪوبہ تعجب ڪونهي تہ بادشاھ کي ملڪ جي مھا پوڄاريءَ، يا ڪن حالتن ۾ خود ديوتا جي حيثيت ۾ اهڙي مقرر ميعاد کان پوءِ تخت تان لاٿو ويو، يا قتل ڪيو ويو. آسمان جون اهي ٻئي عظيم ۽ تابناڪ هستيون جڏهن پنھنجو دورو ختم ڪنديون آهن ۽ وري انهيءَ چڪر کي نئين سر شروع ڪرڻ واريون هونديون آهن، تڏهن زمين وارا اهو خيال ڪندا آهن تہ سندن بادشاھ کي بہ پنھنجون خدائي قوتون کي دوباره جوان ڪرڻ گھرجي، يا تہ کيس اهو ثابت ڪرڻ گھرجي تہ سندس خداداد قوتون زائل نہ ٿيون آهن، نہ تہ کيس زياده طاقتمند ۽ مضبوط جانشين لاءِ جاءِ خالي ڪرڻ گھرجي. اسين مٿي ڏسي آيا آهيون تہ ڏکڻ هندستان ۾ بادشاھ جي زندگيءَ ۽ حڪومت جو جيوپيٽر گره جي دوري جي اختتام سان خاتمو ايندو هو؛ هوڏانهن وري يونان ۾ اٺن سالن جي ختم ٿيڻ سان بادشاھ جي قسمت زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ لٽڪندي رهندي هئي ۽ هڪ لٽڪندڙ تاري جي نظر اچڻ سان ئي ان جو فيصلو ڪيو ويندو هو.

ان جو اصلي سبب ڪهڙو بہ ڇو نہ هجي، بهرحال، هيءُ هڪ عجيب اتفاق آهي تہ اٺن سالن جو اهو چڪر، اسپارٽا جي بادشاهن کان علاوه يونان جي ٻين رياستن جي بادشاهن جي حڪومت جي عرصي ۾ بہ ساڳي طريقي سان اثرانداز هو. اهڙيءَ طرح، ڪريٽ ٻيٽ اجي ڪنوسس نگريءَ جو بادشاھ، "مينوس"، جنهن جي پراڻي محلات جا ڦٽل نشان تازو کوٽي ڪڍيا ويا آهن، اٺن سالن جي جدا جدا عرصي لاءِ حڪومت ڪندو هو. اٺن سالن جي هر عرصي کان پوءِ هو هڪ موسم 'ايڊا' جبل جي ديوتائن واريءَ غار ۾ هليو ويندو هو، جتي هو پنھنجي ديوتا پيءُ، زيئس سان همڪلام ٿيندو هو ۽ کيس گذريل اٺن سالن جي حڪومت جي ڪارگذارين کان واقف ڪندو هو ۽ ايندڙ اٺن سالن جي عرصي لاءِ هن کان نيون هدايتون وٺندو هو. هن روايت مان هيءَ ڳالھ صاف ظاهر آهي تہ اٺن سالن جي

مدي پڇاڻا بادشاه جون مقدس قوتون، ديوتا سان همڪلام ٿي، تازيون ٿي گهربيون هيون، جنهن ڪان سواءِ ڪيس تخت و تاج تان محروم ٿيڻو پوندو هو.

هيءَ جو ائينس وارن کي هر ائين سال مينوس بادشاه جي خدمت ۾ ست نوجوان ڇوڪرا ۽ ست ڪنواريون ڇوڪريون موڪلڻيون پونديون هيون، تن جي متعلق اسين هن انومان ڪيڻ ۾ اجائي اپهرائيءَ جا ذميدار نه ٿينداسون ته ائينس وارن جي اهيءَ سوغات جو بادشاه جي قوتن کي ايندڙ اٺ سالي چڪر لاءِ تازي ڪرڻ سان ضرور ڪو واسطو هو. ڪريٽ ۾ پهچڻ کان پوءِ، انهن ڇوڪرن ۽ ڪنوارين جو ڪهڙو حشر ٿيندو هو، تنهن جي متعلق مختلف روايتون موجود آهن. هڪ عام روايت اها آهي ته کين گورک ڌنڌي وانگر ور وڪڙ کائيندڙ هڪ غار ۾ بند ڪيو ويندو هو، جتي آخرڪار کين هڪ بلا ڳرڪائي ويندي هئي، يا اهي ان غار ۾ عمر تائين قيد رهندا هئا. ڪي وري چون ٿا ته انهن کي ڍڳي جي شڪل جهڙيءَ، يا ڍڳي جي سريءَ واري ماڻهوءَ جي صورت جهڙيءَ پتل جي ديگ ۾ جيئرو پچايو ويندو هو ته جيئن بادشاه ۽ سج ديوتا جي طاقت ۾ نئين سر اضافو ٿئي، ڇاڪاڻ ته اهو بادشاه سورج ديوتا جي اوتار هئڻ جي دعويٰ ڪندو هو. ڪرازڪر ”ٽالوس“ جي ڏندڪٿا مان، جو ڪنجهي مان ٺهيل هڪ ماڻهو هو ۽ جو ماڻهن کي پنهنجي سيني سان ڇنبائي باهه ۾ ٽپو ڏيندو هو ۽ کين پچائي ڇڏيندو هو، اسان کي اهائي حقيقت معلوم ٿي رهي آهي. چيو وڃي ٿو ته ”ٽالوس“ کي ”يوروپا ديويءَ“ ”زيئسس“ جي سپرد ڪيو هو، يا پيءَ روايت موجب ”هيفائيسٽس ديويءَ“ ”مينوس“ کي ڪريٽ جزيري کي ڏينهن ۾ ٽي دفعا ڦيري ڏيڻ لاءِ ڏنو هو. هڪ بيان موجب اهو ’ٽالوس‘ ڍڳو هو، پر پيءَ ڏند ڪٿا موجب هو سورج هو. ممڪن آهي ته جيڪڏهن ان تان ڏند ڪٿا جو لباس لاهي، کيس حقيقت جي نگاه سان ڏٺو وڃي ته هو ڪنجهي مان ٺهيل سورج ديوتا جي انساني جسم ۽ ڍڳي جي

شڪي واري مجسمي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه هو. ممڪن آهي ته اسج جي آڙاهن کي تيز ۽ تازي ڪرڻ لاءِ، ٻٽ کي انساني قربانيون پيش ڪيون وينديون هيون ۽ ماڻهن کي ان جي پوري جسم اندر پچايو ويندو هو، يا ڪين ان جي لهنوارن هٿن تان کسڪائي باهه جي آڙاهه ۾ اڇلايو ويندو هو. جيون ته ’ڪارٿيگينيا‘ جا رهاڪو ”مولڪ“ ديوتا کي پنهنجن ٻارن جي قرباني انهيءَ پوئين طريقي سان ڏيندا هئا. ٻارن کي هڪ ڪنجهي مان ٿيلهو، گابي جي صورت واري مجسمي جي هٿن تي ليٽايو ويندو هو، جتان اهي معصوم ٻار گسڪندا، هيٺ باهه جي کوري ۾ وڃي ڪرندا هئا ۽ انهن جي رڙين ۽ چيخن جي آواز کي دٻائڻ لاءِ، قبيلي وارا تنبورن ۽ توتارين جي زوردار سُر ۽ تار تي ناچ ڪندا هئا. ڪريٽ وارين روايتن جي ڪارٿيگينيا وارين رسمن سان جيڪا مشابهت آهي، تنهن مان هيءُ انومان نڪري رهيو آهي ته مينوس ۽ منوٽار نالن وارن ديوتائن سان جيڪي رسمون ۽ پوڄائون وابسته آهن، سي سيميٽڪ نسل وارين قومن جي ديوتا ’بعال‘ جي پوڄائن کان متاثر ٿيون آهن. انگريزن جيئڻ جي ظالم بادشاه، فئلارس ۽ سندس ڪنجهي جي ڏڳي جي روايت ۾ اسان کي مسلي ٻٽ جي ساڳيءَ نوعيت وارين رسمن جو پڙاڏو پڌرڻ ۾ اچي ٿو، جتي ڪارٿيگينيا وارن جي حڪومت مضبوط پاڙون پڪڙيون هيون.

لاگوس صوبي جي يوروبا قوم جي آئجيبو قبيلي جون ٻه شاخون آهن، جي ”آئجيبو اوڊ“ ۽ ”آئجيبو ريمن“ جي مختلف نالن سان مشهور آهن. انهيءَ قبيلي جي ”اوڊ“ شاخ وارن تي جنهن سردار جي حڪومت آهي، تنهن کي ”آوو جيل“ جي لقب سان سڏيو ويندو آهي ۽ ان جي شخصيت پر اسرار ماحول ۾ وڪوڙيل آهي. موجوده دور تائين ان جي رعايا مان ڪنهن به سندس صورت ڪانه ڏٺي هئي، پر جيڪڏهن حالات جي ڪنهن مجبوريءَ ڪان ڪيس انهن سان مخاطب ٿيڻون ئي پوندو هو ته هو پڙدي

پڻيان پيهي سائن ڳالهائيندو هو. قبيلي جي ٻي شاخ، ”ريمن“ تي جيڪو سردار حڪومت ڪندو آهي، سو ”آوو جيل“ ڪان گهٽ درجي وارو آهي. مسٽر جان پارڪنسنز کي ٻڌايو ويو ته گذريل زماني ۾ ٽن سالن جي حڪومت کان پوءِ انهيءَ زبردست سردار کي سائن سوڻن سان قتل ڪيو ويندو هو. جيئن ته اهو ملڪ هاڻي برطانوي تاج جي حفاظت هيٺ آهي، ان ڪري انهيءَ سردار کي قتل ڪرڻ جي رسم گهڻي وقت کان وٺي منسوخ ڪئي وئي آهي، جنهن ڪري مسٽر پارڪنسنز کي ان جي متعلق ڪي ۽ زياده تفصيل معلوم ڪرڻ نه سگهيا.

تاريخي دور ۾ بابل اندر بادشاهيءَ جو مدو عملي طور ته زندگيءَ تائين هوندو هو، پر اصولاً ائين نظر اچي رهيو آهي، ته اهو فقط هڪ سال تائين هوندو هو، ڇاڪاڻ ته هر سال ”زاگموڪ“ جي ميلي وقت بادشاهه کي بابل واري ”ايساگل“ مندر جي مردوڪ ديوتا جي مجسمي جا هٿ پڪڙي، ان کان نيون ساليانيون اختياريون وٺڻيون پونديون هيون. بعد ۾ جيتوڻيڪ بابل جو علائقو ’اسيريا‘ جي بادشاهن جي حڪومت هيٺ آيو، تڏهن به اسيريا جي بادشاهن کي پنهنجي اقتدار کي قانوني شڪل ڏيڻ لاءِ هر سال ”نئين سال“ واري ميلي تي شخصي طور حاضر ٿي، ديوتا کان اختياريون حاصل ڪرڻيون پونديون هيون. ڪجهه وقت کان پوءِ، ڪن بادشاهن انهيءَ فرض جي ادائگيءَ کي پنهنجي مٿان اهڙي ته چٽي پاتي، جو انهن بابل جي بادشاهه هئڻ جي خطاب تان ئي ڪٽي هٿ کنيون ۽ ان کان گهٽ درجي واري گورنري لقب تي ئي اڪتفا ڪئي. ازانسواءِ، تمام قديم زماني ۾، جيتوڻيڪ تاريخي دور ۾ نه، ائين معلوم ٿي رهيو آهي ته بابل جي بادشاهن يا سندن وحشي ابن ڏاڏن کي سال جي حڪومت پڄاڻان، نه فقط پنهنجي تخت ۽ تاج تان هٿ کڻڻو پوندو هو، پر ڪين پنهنجو سر به وڃائڻو پوندو هو. گهٽ ازگهٽ هيٺينءَ شهادت مان اسان انهيءَ فيصلي تي پهچي وڃون ٿا:

ٻيروسس نالي هڪ قديم تواريخ نويس مطابق، جو پاڻ بابل جي پادريءَ هئڻ جي حيثيت ۾ گهڻي اختياريءَ سان ڳالهائي رهيو هو، بابل ۾ 'ساڪائي' نالي هڪ ساليانو ميلو لڳندو هو، جو 'لوس' مهيني جي ١٦ تاريخ شروع ٿيندو هو ۽ پنجن ڏينهن تائين هلندو هو. انهن پنجن ڏينهن تي مالڪ ۽ نوڪر هڪ ٻئي سان جايون بدلائيندا هئا ۽ نوڪر مالڪن کي حڪم ڏيندا هئا، جي انهن جي فوري تعميل ڪندا هئا. موت جي سزا واري قيديءَ کي بادشاهي پوشاڪ پهرائي ويندي هئي، کيس شاهي تخت تي ويهاريو ويندو هو، ۽ هرقسم جي حڪم ڏيڻ جي ان کي اجازت ڏني ويندي هئي. هو خوب کائيندو، پيئندو ۽ عيش و آرام ڪندو هو، ايتري قدر جو کيس بادشاه جي سينڌين سان سمهڻ جي به اجازت ڏني ويندي هئي، پر پنجن ڏينهن کان پوءِ سندس شاهي پوشاڪ لاٿي ويندي هئي ۽ سائس عقوبتون ڪيون وينديون هيون ۽ آخرڪار کيس سوليءَ يا صليب تي چاڙهيو ويندو هو. انهيءَ مختصر عرصي لاءِ ان کي "زوگينس" جو خطاب ڏنو ويندو هو. انهيءَ رسم جي سمجهاڻي اهائي ٿي سگهي ها، ته خوشيءَ ۽ تماشي جي انهيءَ عام موقعي تي، هڪ غريب ۽ ٻيوس قيديءَ سان اها ٺٺولي ڪئي ويندي هئي، پر بادشاه جي سينڌين سان سمهڻ جي اجازت، انهيءَ سمجهاڻيءَ جي مخالفت ۾ هڪ فيصلي ڪن دليل آهي. هڪ مشرقي مطلق العنان حاڪم جي حرم جي پرده پوشيءَ جو خيال ڪندي، اسان کي اهو يقين ڪرڻ گهرجي ته انتهائي سنگين سبب کان سواءِ، هو ڪنهن به ماڻهوءَ، ۽ خاص ڪري موت جي سزا واري هڪ قيديءَ کي، پنهنجي حرم تي اهڙيءَ طرح حملي ڪرڻ جي اجازت ڪڏهن به نه ڏيندو. انهيءَ مجبوريءَ جو اصلي سبب، سواءِ ان کان ٻيو ڪوبه ڪونه ٿي سگهي ٿو ته ان مظلوم قيديءَ کي بادشاه جي بدران پاڻ کي قربان ڪرڻو پوندو هو، جنهن ڪري مشابهت کي مڪمل ڪرڻ خاطر، کيس اهي سڀ شاهي رعايتون ڏنيون وينديون هيون، جي هڪ بادشاه کي هئڻ

ضروري هونديون هيون. بادشاهن کي مقرر وقت تي قتل ڪرڻ
جو قانون اهڙو هو، جنهن کي اڳي يا پوءِ، بادشاهن منسوخ
ڪرڻ، يا ان ۾ اصلاح آڻڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي هوندي.
اسين ڏسي آيا آهيون ته اٿوپيا، سوفالا ۽ آئيو جي روشن دماغ
بادشاهن همت ڪري انهيءَ قانون کي ڪيئن نه رد ڪري ڇڏيو،
ڪئليڪٽ جي بادشاهن کي ٻارهن سالن جي مقرر وقت کان پوءِ
قتل ڪرڻ جو رواج، انهيءَ عرصي کان پوءِ پيش حملي
ڪرڻ جي رسم ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ ڪامياب ٿيندڙ اميدوار
کي بادشاه جي بدلي ۾ راڄ جو حق ڏنو ويو، جيتوڻيڪ هو
پاڻ کي محافظن جي گهيري هيٺ محفوظ رکندو هو ۽ حملي
ڪرڻ جي اجازت فقط رسمي هوندي هئي. انهيءَ قديم ۽ سخت
قانون جي ترميم جو مثال اسان کي بابل جي انهيءَ رسم مان به
ملي ٿو، جنهن جو اسين مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون. جڏهن
بادشاه کي قتل ڪرڻ جو وقت قريب ايندو هو، (بابل ۾
اهو وقت هڪ سال جي حڪومت کان پوءِ ٿو معلوم ٿئي)
تڏهن هو ڪجهه ڏينهن تائين تخت تان لهي ويندو هو، جنهن
جي دوران ۾ هڪ عارضي بادشاه حڪومت ڪندو هو، جنهن کي
قربان ڪيو ويندو هو. پهريائين ته بادشاه جي بجاءِ مرڻ وارو ماڻهو
ڪو بيگناه شخص ٿي هوندو، جو گهڻو ڪري شاهي خاندان جو
فرد هوندو، پر تهذيب جي واڌاري سان ڪنهن بيگناه ۽ معصوم
شخص کي ناحق مارڻ جو ڪم عام ماڻهن جي نظرن ۾ حقارت جوڳو ٿي
پيو هوندو، جنهن ڪري پوءِ ڏوهن ۾ موت جي سزا واري ڪنهن ڏوهاري
کي عارضي بادشاهي ڏني ويندي هوندي، جنهن کان پوءِ سندس
سر لاٿو ويندو هوندو. اڳتي هلي اسين گهڻن ئي ڏوهارين کي مرندڙ
ديوتائن جو ڪردار ادا ڪندي، پاڻ مرندو ڏسنداسون، ڇاڪاڻ ته
اسان کي اها ڳالهه هرگز نه وسارڻ گهرجي ته جيئن "شلوڪ"
بادشاهن جي حالات مان ظاهر آهي، ته بادشاه کي هڪ ديوتا،
يا نيم-ديوتا جي حيثيت ۾ ٿي قتل ڪيو ويندو آهي ۽ سندس

موت ۽ مابعد زندگيءَ کي پڻ ديوتائن جي زندگيءَ کي بغير ڪنهن نقص يا اوڻائيءَ جي قائم رکڻ جو ذريعو سمجهيو ويندو آهي ۽ ان ۾ ئي دنيا ۽ دنيا وارن جي نجات جو راز سمايل هوندو آهي.

هڪ سال جي حڪومت کان پوءِ بادشاه کي قتل ڪرڻ جي رسم جا ڪي آثار ”مڪاهٽي“ تقريب ۾ پڻ باقي بچيل معلوم ٿين ٿا، جا ’هوائي‘ ٻيٽن ۾ هر سال جي آخرين مهيني ۾ ملهائي ويندي هئي. الڪل هڪ سو سال اڳ، هڪ روسي سياح، انهيءَ تقريب جو هيٺيون بيان ڏنو آهي: ”مڪاهٽيءَ جي تقريب اسان جي تقريبن کان مختلف ڪانه آهي. اها سڄي مهيني تائين هلندي آهي ۽ ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ وارا پاڻ کي راڳن، ناچن، ناٽڪن ۽ مصنوعي مقابلن سان وندرائيندا آهن. انهيءَ ميلي جو افتتاح بادشاه کي ڪرڻو پوندو آهي، خواه هو ملڪ جي ڪهڙي به حصي ۾ هجي. انهيءَ موقعي تي بادشاه پنهنجو سڀ کان زياده قيمتي جبو ۽ فولادي ٽوپ پائيندو آهي، جنهن کان پوءِ کيس هڪ ننڍڙيءَ ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪري، ڪناري جي لڳ سير ڪرايو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن سندس رعيت مان گهڻا ماڻهو ڪناري وٽ سندس ٻيڙيءَ جي پٺيان هلندا رهندا آهن. بادشاه صبح جو تمام سوير ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ ته کيس پنهنجو اهو سير سج اڀرڻ کان اڳ ئي ختم ڪرڻو پوندو آهي. ٻيڙيءَ مان لهڻ وقت ۾ سندس استقبال ڪرڻ لاءِ سندس جنگي جوڌن مان، سڀ کان زياده طاقتور ۽ هڪ انتهائي ماهر نيزي باز منتخب ڪيو ويندو آهي. اهو جانباز ڪناري تان بيٺي بيٺي، ٻيڙيءَ کي غور سان جاچيندو رهندو آهي. جيئن ئي بادشاه ٻيڙيءَ تان لهي، زمين تي قدم رکندو آهي، ۽ پنهنجو چوغو لاهي ڦٽو ڪندو آهي، تيئن ئي اهو جانباز ڏاڍيءَ ڦڙتيءَ سان ڏانهنس هڪ ڀالو اڇلائيندو آهي، جو بادشاه کي جهٽڻو پوندو آهي، نه ته سندس موت يقيني هوندو آهي. اها سڄي ڪارروائي نهايت سنجيدگيءَ سان ڪئي ويندي آهي ۽ ان ۾ ڪو چرچو يا ٽوڪ

ڪونه هوندو آهي. ڀالي کي ٻڪڙڻ پڄاڻان، بادشاهه ان جي تيز نوڪ کي زمين طرف اونڌو ڪري، پنهنجي ٻغل ۾ جهلي، مندر (هيووو) ڏانهن ويندو آهي، جتي سندس رعايا هن جي انتظار ۾ بيٺي هوندي آهي. بادشاهه جي پهچڻ شرط سڀ ماڻهو مصنوعي جنگ ۾ مشغول ٿي ويندا آهن ۽ هر طرف ڀالا ٿي ڀالا نظر ايندا آهن، جي انهيءَ موقعي لاءِ خاص طور مڏن ڦرن سان ٺاهيا ويندا آهن. هماميءَ (بادشاهه) کي ڪيترن وقتن تي انهيءَ ڪل جهڙي رسم کي ختم ڪرڻ جو مشورو ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ هر سال هو پنهنجي جان جوکي ۾ وجهندو آهي، پر هن تي ڪو به اثر ڪونه ٿيو آهي. هن جو هميشه اهو ئي جواب هوندو آهي ته هو نيزي کي ٻڪڙڻ جو اهڙو ئي ماهر آهي، جهڙو ڪو ٻيو آن کي ڏانهنس ڦٽي ڪرڻ جو ماهر آهي. ”ماڪاهئي“ ميلي جي موقعي تي ملڪ جي سڀني ڏوهارين جون سزائون معاف ڪيون وينديون آهن، ۽ ڪو به ماڻهو ميلي جي سڄي عرصي ۾ اها جاءِ نه ڇڏي سگهندو آهي، جتي هو ميلي جي آغاز وقت موجود هوندو آهي.“

هڪ سال جي حڪومت کان پوءِ بادشاهن کي قتل ڪرڻ جي رسم تي اسان کي ان وقت ڪو خاص تعجب ڪونه لڳندو، جڏهن اسين ڏسنداسون ته اڄ به هڪ اهڙي بادشاهي قائم آهي، جنهن جي بادشاهه جي زندگي ۽ حڪومت فقط هڪ ڏينهن تائين محدود آهي. ڪانگو جي قديم بادشاهيءَ جي ”نگوئيو“ نالي هڪ صوبي ۾ هيءُ قانون مروج آهي ته جيڪو به بادشاهيءَ جي لوبي حاصل ڪندو آهي، تنهن کي تاجپوشيءَ واري ڏينهن ئي، شام جو قتل ڪيو ويندو آهي. انهيءَ تخت جي وراثت جو حق ’مسرونگو‘ نالي هڪ سردار کي مليل هوندو آهي، پر ان ۾ ڪو به تعجب ڪونهي ته هو پنهنجي انهيءَ حق تان دستبردار ٿي ويو آهي، جنهن ڪري تخت هميشه خالي پيو رهندو آهي. ”نگوئيو بادشاهيءَ جي تخت تي چند ساعتن جي شان و شوڪت ماڻڻ لاءِ ڪو به پنهنجي سر جي قيمت ادا ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه آهي.“

باب پنجويهون

عارضي بادشاه

ڪن ملڪن ۾، بادشاهن کي قتل ڪرڻ جي قديم رسم جي ترميم ٿيل صورت ۾، جنهن جي وجود جا آثار بابل ۾ مليا رهيا آهن، ڪنهن حد تائين اڃا به وڌيڪ نرمي آندي وئي آهي. بادشاه اڃا به هڪ سال کان پوءِ تخت تان دستبردار ٿئي ٿو ۽ ان جي بجاءِ هڪ عارضي حاڪم ٿاڦيو وڃي ٿو، پر انهيءَ عارضي بادشاه جي قليل دور حڪومت جي اختتام وقت هاڻي ڪيس قتل ڪونه ڪيو ويندو آهي، جيتوڻيڪ قديم رسم جي يادگار طور، جڏهن بادشاه کي سچ پچ ماريو ويندو هو، اڃا به مصنوعي قتل جو ڪڏهن، ڪڏهن ڏونگ رچايو ويندو آهي. هاڻي، اچو ته ان باري ۾ ڪي مثال وٺون. ڪمبوڊيا جو بادشاه 'ميئاڪ' (فبروري) مهيني ۾ ٽن ڏينهن لاءِ تخت تان لهي ويندو هو. انهن ڏينهن جي دوران ۾، هو ڪابه شاهي اختياري ڪانه هلائيندو هو، نه ڪنهن شاهي مهر کي هٿ لائيندو هو، ۽ نه وري ڪا اهڙي ڏل، يا ڪو اهڙو محصول اڳاڙيندو هو، جو انهن ڏينهن تي رواجي طرح وصول ٿيڻ جوڳو هوندو هو. اصلي بادشاه جي بدران انهن ٽن ڏينهن تي هڪ عارضي بادشاه حڪومت هلائيندو هو، جنهن کي "مداج ميئاڪ"، يعني "فبروري بادشاه" سڏيو ويندو هو. عارضي بادشاه جو اهو عهدو شاهي گهراڻي جي ڪنهن پراڻين مائٽ جي خاندان ۾ موروثي طور هلندو رهندو هو، ۽ حقيقي بادشاهيءَ وانگر، هن حالت ۾ به پيءُ کان پوءِ پٽ، يا وڏي ڀاءُ کان پوءِ ننڍو ڀاءُ، اهو عهدو ماڻيندو هو. نجومي هڪ سڀاڳو

ڏينهن مقرر ڪندا هئا، جنهن تي پنڊت عارضي بادشاھ جو فاتحانہ جلوس ڪڍندا هئا. ڪيس شاهي سواريءَ جي هاٿين مان هڪ تي، جنهن جي پٺيءَ تي شاهي پالڪي رکيل هوندي هئي، سوار ڪيو ويندو هو، ۽ جلوس جي پيشوائي اهڙا سپاهي ڪندا هئا، جي سيام، انام ۽ لائوس جي همسايہ قومن جي پوشاڪن ۾ ملبوس ٿي، انهن قومن جي نمائندگي ڪندا هئا. سوني تاج پدران، سنڌس مٿي ۾ اچي، نوڪدار ٽوپي پاتي ويندي هئي، ۽ هيرن، جواهرن سان جڙيل سوني ساز وسامان پدران، عارضي بادشاھ کي ڪاٺ جون نقلي شيون ڏنيون ويندڙيون هيون. حقيقي بادشاھ کي سلام ۽ نياز پيش ڪرڻ کان پوءِ، جنهن وٽان ڪيس ٽن ڏينهن جي بادشاهي ۽ انهن ڏينهن ۾ وصول ٿيندڙ سيني ڍلن ۽ محصولن اڳاڙڻ جي اختياري (پوئين رسم گذريل ڪن سالن کان وٺي ختم ڪئي وئي آهي) عطا ٿيندي هئي، هو جلوس جي صورت ۾ شاهي محلات جي چوڌاري، ۽ راڄڌانيءَ جي گهٽين وچان لنگهندو هو. ٽئين ڏينهن تي، دستوري جلوس کان پوءِ، عارضي بادشاھ هيءُ حڪم جاري ڪندو هو تہ هاٿين کان ”جانورن جي جهل“ کي لتاڙايو وڃي. اهو جهل بانس جي سنهين ڪاٺين جو هڪ وڏو پڃرو هوندو هو، جنهن کي چئني طرفن کان سارين جي سنگن جون ويڙهيون پڌل هونديون هيون. هاٿين جي لتاڙجڻ کان پوءِ سارين مان جيڪي جانور ڳاهجي نڪرندا هئا، سي تماشائي چونڊي گهر کڻي ويندا هئا، ڇاڪاڻ تہ سندن اعتقاد هوندو هو تہ انهن جانورن جي برڪت سان سندن فصل پلا ٿيندا. ڪجهہ جانور اصلي بادشاھ جي خدمت ۾ به پيش ڪيا ويندا هئا، جو اهي رڌائي، پاون کي ڪاٺي لاءِ موڪليندو هو.

سيام ۾، ڇهين چنڊ جي ڇهين ڏينهن تي (اپريل جي آخر ڌاري) هڪ عارضي بادشاھ مقرر ڪيو ويندو آهي، جو ٽن ڏينهن تائين شاهي حق ماڻيندو آهي ۽ اصلي بادشاھ انهن ڏينهن تي پنهنجي محلات اندر بند رهندو آهي. اهو عارضي

بادشاه تخت تي ويهڻ شرط پنهنجن بيشمار چاڙتن کي شهر جي مختلف طرفن ڏانهن ڊوڙائيندو آهي، جي بازار ۽ گهٽين جي ڪلهيل دڪانن تان اهڙيون سڀ شيون کڻي ضبط ڪندا آهن، جن تي سندن دسترس ٿي سگهندي آهي. ايتري قدر جو، انهن ڏينهن جي دوران ۾ بندرگاه تي جيڪي جهاز يا غوراب اتفاق سان اچي لنگرانداز ٿيندا آهن، سي به ضبط ڪيا ويندا آهن، ۽ سندن مالڪن کي پنگو ڏيئي اهي ڇڏائڻا پوندا آهن. عارضي بادشاه شهر جي عين وچ ۾ واقع هڪ پٿيءَ تي ويندو آهي، جتي ماڻهو هڪ سونهرو هرڪاهي ايندا آهن، جنهن ۾ رنگا رنگي جهلن سان سينگاريل ڍڳن جو جوڙو جوٽيل هوندو آهي. ڍڳن کي پاڪ تيل مليل، ۽ هر ڪي ڌوپ واس ڏنل ڪان پوءِ، عارضي بادشاه انهن سان ڌرتيءَ تي نئون اوڙون ڪيندو آهي، ۽ شاهي محلات جون وڏيءَ عمر واريون ڪنواريون عورتون هن جي بلڪل پٺيان ٿي پٺيان موسم جو پهريون ٻج زمين ۾ ڇٽينديون ويندديون آهن. جيئن ٿي انهن نئون اوڙن ۾ ٻج پئجي ويندو آهي، تيئن ٿي تماشائين جو هجوم چوڌل ٻج کي، گڏ ڪرڻ لاءِ اوڙن ڏانهن ڊوڙندو آهي، ڇاڪاڻ ته ماڻهن جو اعتقاد آهي ته پنهن ۾ اهو ٻج وجهڻ سان سندن فصل ڀلا ٿيندا. ان کان پوءِ ڍڳن کي پاچاريءَ مان کوليو ويندو آهي، ۽ ڪين چانور، مڪائي، تير، صابو چانور، ڪيلا، ڪمند ۽ هنداڻا کائڻ لاءِ ڏنا ويندا آهن. ماڻهن جو خيال آهي ته انهن شين مان ڍڳا جنهن به شيءِ ۾ سڀ کان اڳ ۾ چڪ هڻندا، سا ايندڙ سال سهانگي ٿيندي، حالانڪ ڪي ماڻهو انهيءَ مان بلڪل ابتو شگون ڪيندا آهن. انهيءَ سڄيءَ ڪارروائيءَ جي دوران ۾ عارضي بادشاه پنهنجو ساڄو پير ڏائي گوڏي تي رکي، هڪ وڻ سان ٽيڪ لائي بيٺو هوندو آهي. اهڙيءَ طرح، هڪ پير تي بيهڻ سبب هن کي عام طرح "ٽپ بادشاه" سڏيو ويندو آهي، پر هن جو سرڪاري لقب "فاپا فولاٽيپ" آهي، جنهن جي معني "آسماني فوجن جو مالڪ"

آهي. هو هڪ قسم جو وزير زراعت آهي، چاڪاڻ ته پنهن ۽ جانورن وغيره جا سڀ تڪرار ولس فيصلي لاءِ آندا ويندا آهن. تنهن کان سواءِ، هڪ ٻي ٻه اهڙي تقريب آهي، جنهن ۾ هو بادشاه جو ڪردار ادا ڪندو آهي. اها تقريب سال جي ٻئي مهيني ۾ (جو سرديءَ جي موسم ۾ ايندو آهي) ادا ڪئي ويندي آهي ۽ ٽن ڏينهن تائين هلندي آهي. ڪيس جلوس جي صورت ۾ ”برهمڻن جي مندر“ جي سامهون واري کليل ميدان ڏانهن وٺي ويندا آهن، جتي ”مي - پول“ جهڙن لڪڙن وانگر گهڻائي سينگاريل لڪڙا کتل هوندا آهن، جن تي برهمڻ نچندا، ڪڏندا ۽ ٽپا ڏيندا آهن. جيتري وقت تائين برهمڻ ٽپ ڏيندا رهندا آهن، اوتري وقت تائين ”آسماني فوجن جي مالڪ“ کي سرن مان ٺهيل هڪ ٿلهي تي، جنهن تي ليپو لڳل هوندو آهي ۽ مٿانس اڇو ڪپڙو وڇايل هوندو آهي، هڪ پير تي بيهڻو پوندو آهي. پاسي ۾ ڪاٺيءَ جي هڪ گهوڙي رکيل هوندي اٿس، جنهن جي مٿان چانو ڪرڻ لاءِ سنهري چٽي لڳل هوندي آهي، جنهن تي هو ٽيڪ ڏيئي بيهندو آهي ۽ ٻه برهمڻ پاسن کان سهارو ڏيڻ لاءِ بيهندا اٿس. نچندڙ برهمڻ جي هٿن ۾ مينهن جا سڱ هوندا آهن، جي هو نچندي، ڪڏندي، پاسي ۾ رکيل ٽامي جي هڪ وڏيءَ ديگ مان پاڻيءَ سان پري، تماشاين مٿان ڇڙڪائيندا آهن؛ ماڻهو سمجهندا آهن ته جيڪڏهن مٿن اهو پاڻي پوندو ته سندن وارا نيارا ٿيندا ۽ هو تندرست، توانا ۽ سکيا، ستابا رهندا. ”آسماني فوجن جي مالڪ“ کي ڪل ٽن ڪلاڪن تائين هڪ پير تي بيهڻو پوندو آهي. ائين سمجهيو ويندو آهي ته انهيءَ عمل ڪرڻ سان ”ديوتائن ۽ روحن جي برڪت نازل“ ٿيندي. جيڪڏهن انهيءَ دوران ۾ هن جو پير زمين تي ڪري پيو ته پوءِ بادشاه جي هٿان هن جي سڄيءَ ملڪيت ضبط ٿيڻ، ۽ سندس سڄي خاندان جي غلام ٿيڻ جو انديشو رهندو، چاڪاڻ ته انهيءَ ڳالهه کي بدشگوني سمجهيو ويندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ تباه ٿي ويندو ۽ تخت ۽

تاج لوڏي ۾ اچي ويندا. پر جيڪڏهن هو مستحڪم ٿي ويهندو ته پوءِ
ائين سمجهيو ويندو ته هن بد ارواحن تي فتح حاصل ڪئي. تنهن ڪان
سواءِ، ڪيس گهٽ ۾ گهٽ ظاهري طور، هيءَ رعايت به هوندي آهي
ته انهن ٽن ڏينهن اندر جيڪو به جهاز بندرگاه ۾ لنگر انداز ٿيندو،
تنهن کي هو ضبط ڪري سندس سڄو مال ۽ اسباب ڪٺي سگهي
ٿو، تنهن مان ڳڻ هن کي اهو به حق هوندو آهي ته اها رسم
ڪاميابيءَ سان پوري ڪرڻ ڪان پوءِ، جنهن وقت هو شهر ۾ داخل
ٿئي، تنهن وقت هو جيڪو به دڪان ڪليل ڏسي، تنهنجي سڄي
مال مان جيڪي شيون ڪيس وڻن، سي اتان کڻي وڃي."

سيام جي "ٽيپ-بادشاه" جون اهي رعايتون ۽ اختياريون
اڻويهين صديءَ جي وچ، ۽ ان ڪان به پوءِ واري دؤر تائين، قائم
رهيون. سابق تعليم يافته بادشاه جي دور حڪومت ۾، هن
عجيب و غريب شخصيت جي شان و شوڪت ۾ ڪجهه قدر ڪمي
آندي ويئي، ۽ ڪيس سندس عهدي جي ذميدارين ڪان آجو ڪيو
ويو. اڄ به هو اڳئين زماني وانگر برهمڻن کي نوي فوت ڊگهن
لڪڻن جي وچ ۾ لٽڪيل پينگهه ۾ ڪلابازيون ڪائيندي جاچيندو
آهي. پر، هينئر ڪيس پهي ڏسڻ بدران ويهڻ جي اجازت آهي ۽
جيتوڻيڪ اڄ به عام راءِ منجهانئس اهائي اميد رکندي آهي ته هو
ويٺي، ويٺي سڄي تقريب جي دوران ۾ پنهنجو ساڄو پير ڏائي
گوڏي جي مٿان رکي، ته به جيڪڏهن هو ٿڪاوٽ سبب پير
ڪٺي بدلائيندو ته ڪيس قانوني طور ڪا به سزا نه ملندي، حالانڪ
سندس انهيءَ حرڪت سبب عام ماڻهو ڪيس چڱين نظرين سان نه
ڏسندا. انهيءَ تقريب ۾ اچا ڪي اهڙيون ڳالهيون اڄ به نظر
اچن ٿيون، جن مان مشرق تي مغربي تهذيب ۽ نظرين جو غلبو
ظاهر ٿئي ٿو. تماشي گاه ڏانهن ويندڙ سڀ شاهراه گاڏين سان
پريا پيا هوندا آهن، بجليءَ ۽ ٽيليفون جا ٿنڀا، جي منتظر تماشاين
جي هجوم جي وچان سر ڪنيو بيٺا هوندا آهن، تن تي تماشائي
پولڙن وانگر چنبڙيا پيا هوندا آهن، ساڻ ٿي ساڻ، هڪ طرف

پراڻيءَ طرز جي هڪ ٻئي بند مان، جنهن جا وڄائيندڙ سرخ ۽ پيلي رنگ جي ڀڀڪيدار ڪپڙن ۾ ملبوس هوندا آهن، دهلن ۽ شرنائن جا آواز ڪندا رهندا آهن، ته ٻئي طرف ڀرين آڳاٽا سپاهي هڪ ٻئي سان قدم ملائيندا، جديد قسم جي ٻئي بئنڊ تي "مارچنگ ٿرو جارجيا" جو سُر آلاپيندا، نهايت ڦڙتيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن هلندا نظر ايندا آهن.

سال جي ڇهين مهيني جي پهرين ڏينهن تي، جنهن کي سال جو آغاز سمجهيو ويندو هو، سمرقند جو بادشاه ۽ سندس رعيت جا ماڻهو نوان ڪپڙا پائيندا هئا ۽ مٿي جي وارن ۽ ڏاڙهيءَ جي سنوارت ڪرائيندا هئا. ان ڪان پوءِ اهي راڄڌانيءَ جي پاسي واري ٻيلي ۾ ويندا هئا، جتي اهي ستن ڏينهن تائين گهوڙن تي سوار ٿي، تيراندازي ڪندا رهندا هئا. آخرين ڏينهن تي اهي هڪ سونو سڪو نشانو طور رکندا هئا، ۽ جيڪو به ان کي تير هڻڻ ۾ ڪامياب ٿيندو هو، تنهن کي هڪ ڏينهن لاءِ بادشاهه ٿيڻ جو حق ملندو هو. بالائي مصر ۾ شمسي سال جي پهرين ڏينهن، يعني ڏهين سيپٽمبر تي، جڏهن نيل دریاه جو پاڻي عام طرح پنهنجي اوج تي هوندو آهي، تڏهن دستوري حڪومت کي ٽن ڏينهن لاءِ معطل ڪيو ويندو آهي ۽ هرهڪ شهر پنهنجو پنهنجو حڪمران منتخب ڪندو آهي. اهو عارضي حاڪم مسخرن جهڙي ڊگهي ٽوپي مٿي ۾ وجهندو آهي ۽ سڻيءَ جي سڱ مان ڏاڙهي ٺاهي پائيندو آهي. جسم تي عجيب و غريب قسم جو لباس پهريندو آهي. هٿ ۾ بادشاهي اختياريءَ جي لڪڙي کڻي، ماڻهن جي هجوم جي وچ ۾، جيڪي منشين ۽ جلادن وغيره جي پوشاڪن ۾ ملبوس هوندا آهن، هو صوبي جي حاڪم جي رهائش گاهه ڏانهن ويندو آهي. اهو صوبائي حاڪم پاڻ کي تخت تان لاهي ڏيندو آهي، ۽ نقلي بادشاهه سندس تخت تي چڙهي، دربار منعقد ڪندو آهي ۽ اتي جيڪي حڪم جاري ڪندو آهي، تن جي تعميل لاءِ گورنر ۽ ان جا سڀ ماتحت

عهديدار بدل هوندا آهن. تن ڏينهن کان پوءِ انهيءَ نقلي بادشاه کي موت جي سزا ڏني ويندي آهي. جنهن صندوق يا قالب ۾ ان کي بند ڪيو ويندو آهي، تنهن کي باه جي شعلن جي نذر ڪيو ويندو آهي، جنهن جي رک مان نقلي بادشاه باهر نڪري نروار ٿيندو آهي. اها رسم قديم زماني جي انهيءَ دستور ڏانهن اشارو ڪري رهي آهي، جنهن موجب اصلي بادشاه کي حقيقت ۾ ساڙيو ويندو هو. پوگنڊا ۾ بادشاه جي پاٽرن کي جلايو ويندو هو، ڇاڪاڻ ته شاهي رت وهائڻ، خلاف قانون فعل سمجهيو ويندو هو.

مراقش ۾ فيض شهر جي مسلمان شاگردن کي پنهنجي بادشاه چونڊڻ جي اجازت ڏني ويندي آهي؛ اهو بادشاه پن ٽن هفتن تائين حڪومت ڪندو آهي ۽ کيس "سلطان الطلبا" جو خطاب ڏنو ويندو آهي. اها عارضي اختياري عام نيلام ڪئي ويندي آهي ۽ وڏي ۾ وڏي واڪ ڏيندڙ کي عطا ڪئي ويندي آهي. انهيءَ عهدي سان ڪي حقيقي رعايتون به شامل هونديون آهن، ڇاڪاڻ ته هڪ ته انهيءَ ماڻهوءَ کي حڪومت جي عرصي تائين ٽيڪسن ڏيڻ کان مستثنيٰ ڪيو ويندو آهي، ۽ پيو ته ان کي حقيقي سلطان کان ڪنهن احسان طلب ڪرڻ جو حق ڏنو ويندو آهي. هن جي درخواست کي گهڻو ڪري رد ڪونه ڪيو ويندو آهي، جا عام طرح سان ڪنهن نه ڪنهن قيديءَ جي آزاديءَ ۽ معافيءَ متعلق هوندي آهي. ازانسواءِ انهيءَ شاگرد- سلطان جا دوست ۽ عهوضي، دڪاندارن ۽ گهرن جي مالڪن تي عجيب و غريب چرچي ۽ پوڪ واريون ۽ من گهڙت تهمتون مڙهي، مٿن ڏنڊ وجهندا آهن. انهيءَ عارضي سلطان کي حقيقي دربار جهڙي شان و شوڪت ۽ دبدبي سان نوازيو ويندو آهي، ۽ هو دهلن، باجن ۽ وڏي شور و غوغا سان شهر جي رستن ۽ گهٽين مان جلوس جي صورت ۾ ڦرندو آهي ۽ سچو وقت سندس مٿان شاهي ڇٽي جهلي ويندي آهي. انهن نام نهاد ڏنڊن ۽ رضاڪارانه نذرانن جي رقمن مان، جن ۾ سلطان

به ڪافي رقم ۽ سيڙو سامان ملائيندو آهي، شاگرد هڪ عاليشان ۽ شاندار دعوت جو انتظام ڪندا آهن ۽ انهيءَ ڏينهن هو خوب مزا ڪندا آهن ۽ سڄو ڏينهن راندين روندين ۽ کيل تماشن ۾ گذاريندا آهن. پهرين ستن ڏينهن تائين اهو نقلي سلطان ڪاليج ۾ رهندو آهي، جنهن کان پوءِ هو شهر کان اٽڪل هڪ ميل ٻاهر درياهه جي ڪناري تي ڇانوڻي هڻندو آهي، جتي سندس هر جماعتي شاگرد ۽ ڪيئي شهري ساڻس گڏ رهندا آهن. ڇانوڻيءَ ۾ رهڻ کان ست ڏينهن پوءِ، اصلي سلطان وٽس ويندو آهي ۽ جيڪا به سندس درخواست هوندي آهي، سا منظور ڪندو آهي. ان کان پوءِ هو کيس وڌيڪ ستن ڏينهن لاءِ حڪومت ڪرڻ جي اجازت ڏيندو آهي، جنهنڪري اهو سلطان الطلبا گهڻو ڪري، ڪل ٽن هفتن تائين حڪومت هلائيندو آهي، پر پوين ستن ڏينهن مان جڏهن ڇهه ڏينهن گذري ويندا آهن، تڏهن اهو نقلي سلطان راتو رات شهر ڏانهن ڀڄي ويندو آهي. نقلي سلطنت جو اهو دور عموماً بهار جي شروعات، يعني اپريل جي اوائل، ۾ شروع ٿيندو آهي. انهيءَ رسم جو بنياد، چون ٿا ته هيئن پيو: سنه ١٦٦٤-١٦٦٥ع ۾ جڏهن مراڪش جو سلطان مولائي رشيد ثاني پنهنجي تخت تي قبضي ڪرڻ لاءِ جنگ جوٽي رهيو هو، تڏهن 'تازا' شهر ۾ هڪ يهوديءَ شاهي اختيارات ڦٻائي تخت تي قبضو ڪيو. پر انهيءَ بغاوت کي شاگردن جي مدد سان جلد ئي دٻايو ويو، جن پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ عجيب و غريب چالاڪيءَ کان ڪم ورتو. انهن مان چاليهن ڄڻن پاڻ کي صندوقن ۾ بند ڪرائي، انهن صندوقن کي سوغاتن طور يهودي غاصب ڏانهن موڪليو. اڌ رات جو جڏهن يهودي انهن صندوقن جي وچ ۾ ستو پيو هو، تڏهن هي جوڌا جوان خاموشيءَ سان صندوق جا پٽ مٿي ڪري ٻاهر نڪتا ۽ غاصب يهوديءَ کي قتل ڪري ڇڏيائون. انهيءَ ڪارروائيءَ ختم ڪرڻ کان پوءِ هنن اصلي سلطان جي نالي ۾ شهر تي قبضو ڪيو، جنهن جي عيوض ۾ سلطان، پنهنجي

احسانمنديءَ جي اظهار ڪري، شاگردن کي اجازت ڏني ته هو هر سال پاڻ منجهان هڪ عارضي سلطان منتخب ڪن. الهيءَ ڳالهه مان، جا هڪ قديم رسم جي بيخ و بنياد ۽ اصل مقصد سمجهائڻ لاءِ پيش ڪئي ويئي آهي، تنهن مان هڪ ڏاڍڪڻا جي بوءِ اچي رهي آهي. دراصل، ان جو بنياد ۽ اصل مقصد گهڻو زمانو ٿيو ته فراموش ٿي چڪو آهي.

ڪارنوال صوبي جي ”لاسٽوٿيل“ شهر ۾ فقط هڪ ڏينهن جي عارضي بادشاه منتخب ڪرڻ جي رسم هر سال، ويندي سورهين صدي عيسويءَ تائين، ادا ٿيندي آئي. ”لٽل ايسٽر سنڊي“ ڏينهن شهر ۽ قلعي جا سڀ: آزاد باشندا پاڻ، يا پنهنجن نمائندن ذريعي هڪ هنڌ ڪٺا ٿيندا هئا. منجهائئن هڪ چڻو، جنهن جي ناليءَ تي وسڪو نڪرندو هو، بهترين ڪپڙن ۾ ملبوس ٿي، گهوڙي تي سوار ٿي، تاج پهري ۽ هٿ ۾ شاهي ڏنڊو کڻي، شهر جي مکيه بازار وچان جلوس جي صورت ۾ ديول ڏانهن ويندو هو. سندس جلوس جي اڳيان هڪ چڻو اگهاڙي ترار کڻي هلندو هو. جيڪي به ماڻهو انهيءَ جلوس ۾ شريڪ هوندا هئا، سي سڀ ڏاڍي ادب ۽ احترام سان هلندا هئا. ديول جي دروازي تي پادري، پنهنجي بهترين جبي ۾ ملبوس ٿي، جلوس جي اچڻ جو منتظر بيٺو هوندو هو. ان جي پهچڻ تي، هو عارضي بادشاه کي هٿ کان وٺي قربانگاه ڏانهن نيندو هو، جتي هو کيس نصيحت ڪندو هو. ديول مان فارغ ٿيڻ بعد، هو ساڳئي دبدبي سان هڪ مخصوص جاءِ ڏانهن ويندو هو، جا سندس استقبال لاءِ خاص طور سينگاري ويندي هئي. اتي، هن لاءِ هڪ شاندار دعوت جو انتظام ڪيل هوندو هو. 'بادشاه' کي طعام واري ميز جي سيري تي ويهاريو ويندو هو ۽ جيئن هڪ شهزادي جي شايان شان هوندو آهي، سڀ خدمتگار گوڏن ڀر ويهي سندس خدمت ڪندا هئا. رات جي مانيءَ کان پوءِ اها تقريب ختم ٿيندي هئي، جنهن کان پوءِ هرڪوئي ڪلندو، خوش ٿيندو ۽ ڳائيندو ڳنهجي، پنهنجي گهر هليو ويندو هو.

ڪڏهن، ڪڏهن اهو عارضي بادشاهه هر سال نئين، ور هر نئين حڪومت جي شروعات وقت، هڪ ٻئي دفعو، هڪ ڏينهن لاءِ تخت تي ويهندو آهي. چنانچه، سوماترا جي ”جامبي“ بادشاهيءَ ۾ هي رواج آهي ته نئين حڪومت جي شروع ٿيڻ تي عوام جو هڪ ماڻهو فقط هڪ ڏينهن لاءِ تخت تي ويهندو آهي، ۽ سڀ شاهي اختياريون هلائيندو آهي. انهيءَ رسم جو بنياد هيءَ روايت ٻڌائي سمجهايو ويندو آهي ته ڪنهن زماني ۾ ڪي پنج شهزادا ڀائر هئا، جن مان چئن وڏن ڀائرن ڪنهن نه ڪنهن جسماني اوڻائيءَ هئڻ سبب تخت تي ويهڻ کان انڪار ڪيو ۽ اهو حق پنهنجي پنجين، ۽ سڀني کان ننڍي ڀاءُ لاءِ ڇڏي ڏنو، پر سڀني کان وڏو ڀاءُ هڪ ڏينهن لاءِ تخت تي ويٺو ۽ هن، اهڙو ساڳيو ئي حق، پنهنجي مرڻ پڄاڻا، پنهنجن پوين ۽ وارثن لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو، جو ڪين هر نئين تخت نشينيءَ جي موقعي تي ماڻڻ ڏنو ويندو هو. چنانچه، عارضي بادشاهيءَ جو عهدو هڪ اهڙي خاندان ۾ موروثي هلندو آيو آهي، جو شاهي خاندان سان وابسته آهي. بلاسپور ۾ وري هي رواج ٿو معلوم ٿئي ته راجا جي مرڻ تي، درباري برهمڻ مئل راجا جي هٿ تي کيرڻي رکي کائيندو آهي، ۽ ان کان پوءِ هو هڪ سال لاءِ سندس تخت تي ويهندو آهي. سال گذرڻ کان پوءِ برهمڻ کي سوکڙيون، پاکڙيون ملنديون آهن ۽ کيس ملڪ مان نيڪالي ڏيئي، سخت چتاءُ ڏنو ويندو آهي ته هو وري انهيءَ ملڪ ۾ واپس اچڻ جي همت نه ڪري. ”انهيءَ رسم جو مقصد بظاهر ائين پيو معلوم ٿئي ته راجا جو روح برهمڻ ۾ گهڙي ويندو آهي، جنهن کي سندس بيجان ۽ مرده هٿ مان کيرڻي کائڻي پوندي آهي. ان ڪري ئي برهمڻ تي سڄي سال تائين اک رکي ويندي آهي ۽ کيس فرار ٿيڻ جو موقعو نه ڏنو ويندو آهي.“ ڪانگڙا جي آسپاس جيڪي پهاڙي رياستون آهن، تن ۾ به اهائي، يا انهيءَ جهڙي رسم موجود نظر اچي ٿي. انهيءَ برهمڻ کي، جيڪو بادشاهه جي نمائندگي

ڪندو آهي. جلاوطن ڪرڻ، شايد بادشاه کي ماري ڇڏڻ جي رواج جو نعم‌البدل آهي. ڪارنيٽيا جي شهزادي جي تخت نشينيءَ وقت هڪ ڪڙمي، جنهن جي خاندان ۾ اهو ڪم موروثي هوندو هو، سنگمرمر جي هڪ پٿر تي چڙهي ويهندو هو، جو هڪ وڏيءَ ماڙيءَ ۾ ساين پنن جي وچ ۾ ڪتل هوندو هو. سندس ساڄي طرف ڪاري رنگ جي ڪانگهاري ڳئون، ۽ ڏاٻي طرف هڪ بدصورت ڏبري گهوڙي بيهاري ويندي هئي. ڳوٺاڻن جو هجوم سندس چوڌاري ڪٺو ٿي ويندو هو. ان کان پوءِ مستقبل جو بادشاه ڪڙميءَ جو لباس پهري، هٿ ۾ ريڊارن واري لٺ کڻي، درٻارين ۽ مئجسٽريٽن جي جهرمٽ ۾، ڪڙميءَ ڏانهن ايندو هو. ڪڙمي ان کي ڏسي، واڪو ڪري پڇندو هو ته "اهو ڪير آهي، جنهن کي آءٌ اهڙي فخر سان پاڻ ڏانهن ايندو ڏسان ٿو؟" ماڻهو چوندا هئا "ملڪ جو شهزادو". ڪڙميءَ کي پوءِ دم دلاسا ڏيئي، سنگمرمر جي پٿر واري جاءِ شهزادي جي حق ۾ ڇڏڻ لاءِ آماده ڪيو ويندو هو، جو هن شرط تي پٿر تان هيٺ لهندو هو ته کيس سٺ پئسا، ۽ سندس پاسن کان بيٺل ڳئون ۽ گهوڙي ڏنيون وڃن ۽ انهن سان گڏ کيس سڀني محصولن ڀرڻ کان معافي ملي. پر پٿر تان پير لاهڻ کان اڳ ۾، هو شهزادي جي ڳل تي ملڪي چماٽ هڻي ڪڍندو هو.

شهادتن جي ٻيءَ شاخ ڏانهن متوجه ٿيڻ کان اڳ ۾، انهن عارضي بادشاهن جي متعلق ڪي نڪتا خاص طور قابل غور معلوم ٿين ٿا. سڀ کان اول، سيام ۽ ڪمبوڊيا وارا مثال صاف طرح ڏيکارين ٿا ته بادشاهن جا فقط ديوتائي، ۽ جادوءَ سان واسطو رکندڙ اختيار عارضي عيوضين کي منتقل ڪيا ويندا آهن، ۽ نه کي پيا. اها حقيقت هن اعتقاد سان واضح ٿي رهي آهي ته پنهنجو پير زمين کان مٿي ڪري جهلڻ سان، سيام جو عارضي بادشاه بد ارواحن تي فتح حاصل ڪندو هو، ۽ ان جي برعڪس، جيڪڏهن ٻنهي پير هيٺ ڪري، زمين تي لڳو ته پوءِ سڄيءَ حڪومت

جو وجود خطري ۾ پئجي ويندو. وري، ڪمبوڊيا وارن جي "جانورن جي پهاڙ" کي لتاڙڻ، ۽ سيام وارن جي هر هڻڻ، ۽ ٻج ڇٽڻ جي افتتاح ڪرڻ جي رسم، پڻ فصل حاصل ڪرڻ جا ٽوٽڪا ڏيکاريل آهن، جيئن هاٿيءَ جي لتاڙيل جانورن، ۽ ڇٽيل ٻج کي گهڻ ڪٿي وڃڻ جي اعتقاد مان ظاهر ٿي رهيو آهي. تنهن کان سواءِ، جڏهن بادشاهه جو سياسي نمائندو هر ڪاهي رهيو هوندو آهي، تڏهن حاضرين ڪيس تمام گهڻي توجه سان جاچيندا رهندا آهن، نه هن لاءِ ته هو اوڙ سڌي ڪڍي رهيو آهي، پاڻ، پر محض سندس ٽنگ جي انهيءَ هنڌ کي ڏسڻ جا منتظر هوندا آهن، جتي سندس ريشمي جبي جو دامن ڪيس ڇهندو آهي، ڇاڪاڻ ته ايندڙ موسم ۾ آب و هوا ۽ فصلن جي حالات جو سڄو دارومدار انهيءَ ڳالهه تي سمجهيو ويندو آهي. جيڪڏهن "آسماني فوجن جو مالڪ" پنهنجي جبي کي گوڏن کان مٿيرو جهليندو آهي، ته ماڻهو ائين سمجهندا آهن، ته موسم برساتي ٿيندي ۽ لابارن ۾ زوردار مينهن وسي، فصلن کي ساڙي، چٽ ڪري ڇڏيندا، ۽ جيڪڏهن هو پنهنجي جبي کي مُري تائين لٽڪيل ڇڏيندو، ته موسم خشڪ ٿيندي. بادشاهه جي نمائندي جي ذري برابر به حرڪت سان قدرتي نظام، ۽ ان سان گڏ عام ماڻهن جي خوشيءَ غم، اهڙي قريبي نموني سان ڳنڍيل سمجهيا ويندا آهن. پر، فصلن کي ڇمائڻ جو فرض، جو اهڙيءَ طرح عارضي بادشاهه کي سونپيو وڃي ٿو، سو جادوءَ سان واسطو رکندڙ فرضن مان هڪ آهي، جو وحشي معاشري ۾ باقاعده طور بادشاهن کي ادا ڪرڻو پوندو هو. نقلي بادشاهه کي سارين جي پنيءَ ۾ اوچي صندل تي هڪ ٽنگ تي بيهڻ جو قاعدو، اوائلي دور ۾ شايد فصل کي وڌي ڪرڻ جو هڪ ٽوٽڪو معلوم ٿئي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ قديم "پرشين" لوڪ اهڙي ئي نوعيت جي جيڪا رسم ادا ڪندا هئا، تنهن جو مقصد اهو ئي هوندو هو. ڪوٽ ۾ جيڪا ٻڪي ۾ ٻڪي ڇوڪري هوندي هئي، سا هڪ جاءِ تي هڪ پير تي بيهي، پنهنجي جهولي ڪيڪن سان پري، ساڄي

هٿ ۾ شراب جو پيالو، ۽ ڏائي ۾ "ايلم" وڻ جو چوڏو جهلي، "ونزگانتوم" ديوتا کان دعا گهرندي هئي ته "فلنڪس" جي پوٽن کي ايڏو ڊگهو ڪر، جيڏو هن وقت منهنجو قد ڊگهو نظر اچي ٿو. پوءِ، شراب جو پيالو پي، هوءَ وري پيهر ان کي شراب سان ڀرائي، 'ونزگانتوم' ديوتا جي نذر ڪرڻ لاءِ ڌرتيءَ تي هاريندي هئي ۽ ديوتا سان گڏ آيل روحن جي خاطرداري ڪرڻ لاءِ، هوءَ پنهنجي جهوليءَ وارا ڪيڪ به زمين تي اڇلائي ڇڏيندي هئي. جيڪڏهن هوءَ انهيءَ سڄيءَ تقريب جي دوران ۾ هڪ پير تي بيهڻ ۾ ڪامياب ٿيندي هئي، ته سمجهيو ويندو هو ته فصل پلو ٿيندو؛ پر جي پير هيٺ ڪيرائي وجهندي هئي، ته پوءِ ماريل فصل جو انديشو ٿيندو هو. برهمڻن جو هوا ۾ جهولڻ ئي، جنهن کي "آسماني فوجن جي مالڪ" کي هڪ پير تي بيهي ڏسڻو پوندو هو، شايد اصل ۾ انهيءَ ساڳئي مقصد ۽ مفهوم جو حامل ٿو ڏسجي. اُئين ٿو نظر اچي ته انهن ماڻهن جو نسبتي يا نقالي جادوءَ جي اصولن جي بنياد تي هيءُ خيال هو ته برهمڻ جيئن جيئن مٿيرو ڪڏندا ۽ جهوليندا، تيئن تيئن ساريون وڌيڪ مٿاهيون اسرنديون، چاڪاڻ ته انهيءَ رسم کي لاباري جي تقريب سڏيو ويو آهي. روس ۾ رهندڙ "ليٽ" نسل جا لوڪ فصلن جي واڌ تي اثر وجهڻ جي خاص ارادي سان هوا ۾ جهولندا آهن؛ چيو وڃي ٿو ته بهار ۽ اوائلي اونهاري ۾، ايسٽر ۽ "سينٽ جان" جي ڏينهن جي درميان (اونهاري جي وڏي ۾ وڏي ڏينهن تي) "ليٽ" نسل جو هر هڪ ڪڙمي واندڪائيءَ جي وقت ۾ ڏاڍيءَ محنت ۽ شوق سان جهولڻ جي ڪثرت ڪندو رهندو آهي؛ چاڪاڻ ته هن جو اعتقاد آهي ته هو جيترو زياده اوچو جهوليندو، اوترو وڌيڪ ڊگهو سندس فصل نڪرندو.

مٿي ذڪر ڪيل حالتن ۾، عارضي بادشاه کي هڪ باقاعده رسم مطابق هر سال ٿئين سر مقرر ڪيو ويندو آهي؛ پر ٻين حالتن

۽ اهو تقرر ڪنهن خاص هنگامي حالت ڪي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي، جهڙوڪ: بادشاه کي ڪنهن سچي ڀڃي يا محض خيالي شر کان محفوظ رکڻ لاءِ سندس عارضي نمائندو مقرر ڪرڻ، جو ٿوري وقت لاءِ حقيقي بادشاه بدران سندس تخت تي ويهي. ايران جي تاريخ ۾ اسان کي اهڙا گهڻا مثال ملن ٿا، جن ۾ "شاه" لاءِ وقتي طور نمائندا مقرر ڪيا ويا آهن. مثال طور شاه عباس اعظم کي سنه ١٥٩١ع ڌاري ڪنهن نجوميءَ خبردار ڪيو ته مٿس ڪا آفت نازل ٿيڻ واري آهي، جنهنڪري ان مصيبت کي ٽارڻ خاطر هو تخت تان دستبردار ٿيو ۽ عارضي طور، يوسفي نالي هڪ منڪر کي، جو غالباً عيسائي مذهب جو پيرو هو، تخت تي ويهاريو ويو. حڪم مطابق مٿين عيوضيءَ جي تاجپوشي ڪئي وئي ۽، جيڪڏهن ايراني تواريخ نويسن تي اعتبار ڪجي، هن ٽن ڏينهن لاءِ نه فقط پنهنجي لاءِ شاهي نالو استعمال ڪيو، پر هن شاهي اختيارين به هلايون ۽ حڪم احڪام به جاري ڪيا. ٽن ڏينهن جي انهيءَ عارضي بادشاهيءَ کان پوءِ کيس قتل ڪيو ويو. بادشاه جي سر مٿان جيڪا مصيبت لامارا ڏيئي رهي هئي، سا سندس تارن جي گردش مطابق انهيءَ قربانيءَ ڪري ٽري وئي. عباس پوءِ پنهنجن نجومين جي صلاح و مشوري سان، سعيد ساعت ڏسي، وري تخت تي ويٺو ۽ سندس نجومين ان جي دراز عمريءَ ۽ خوش بختيءَ ۽ شاندار دور حڪومت جي پيشنگوئي ڪئي.

باب چوڏهون

بادشاه جي پٽ جي قرباني

گذريل باب ۾ جن عارضي بادشاهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، تن جي متعلق هڪ خاص ڳالهه، جا ڌيان تي اچي ٿي، سا هيءَ آهي ته آهي ٻن ملڪن (ڪمبوڊيا ۽ جامبي) ۾ انهن خاندانن جا فرد هوندا آهن، جن کي شاهي گهراڻي جي قريب سمجهيو ويندو آهي. عارضي بادشاهن جي اصل بنياد جو اهو نظريو جيڪڏهن صحيح آهي، ته پوءِ اسان کي هيءَ ڳالهه آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي ويندي ته اهي 'عارضي بادشاه' ڪن حالتن ۾ اصلي بادشاهن جي نسل مان چونڊيا هوندا هئا. شروعات ۾ جڏهن بادشاه پنهنجي بجاءِ ٻئي ڪنهن جي حياتيءَ جي قرباني قبول ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو هوندو، تڏهن ڪيس اهو ثابت ڪرڻو پيو هوندو ته سندس نمائندي جو موت به اهڙوئي ڪارگر ٿيندو ۽ ان جي ذريعي به ساڳيوئي مقصد حاصل ٿيندو، جهڙو هونءَ سندس موت ذريعي ٿئي ها. هاڻي، اها حقيقت آهي ته بادشاه کي هڪ ديوتا يا نيم-ديوتا جي حيثيت ۾ مڃڻو پوندو هو، ان ڪري جنهن عيوضيءَ کي بادشاه جي بدران پنهنجي قرباني ڏيڻي پوندي هئي، تنهن کي، ڪم از ڪم آن موقعي لاءِ، بادشاه جي سڀني ديوتائي خصلتن سان نوازڻ ضروري هو. جيئن اسين مٿي ڏسي آيا آهيون، ڪمبوڊيا ۽ سيام جي عارضي بادشاهن جي بلڪل اها ئي حالت هوندي هئي. انهن کي اهي فوق الفطري خصلتون ڏنيون وينديون هيون، جي معاشري جي اوائلي دور ۾ خود بادشاه جون هونديون هيون. پر بادشاه جي ديوتائي حيثيت جو بهتر عيوضي سندس پٽ

ڪان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪونہ ٿي سگهيو ٿي، جنهن ۾ بادشاہ جي خاصيتن جو خاصو حصو موجود سمجهيو ويندو هو. انڪري ٻيو ڪوبہ شخص بادشاہ لاءِ ۽ سندس ذريعي، سڄيءَ قوم لاءِ، سندس پٽ کان وڌيڪ موزون طريقي سان ڪونہ مري سگهي ها.

اسان ڏٺو آهي تہ 'آن' ۽ 'اون'، نالي واري سئيڊن جي بادشاہ پنهنجن نون پٽن کي "اوڊن" ديوتا جي اپسلا واري آستاني تي ان لاءِ قربان ڪيو هو تہ جيئن هو پاڻ زندہ رهي سگهي. پهرين نمبر پٽ کي قربان ڪرڻ کان پوءِ کيس ديوتا وٽان غيبي آواز آيو تہ هو تيستائين جيئرو رهي سگهندو، جيستائين هو هر نائين سال پنهنجن پٽن مان هڪ کي قربان ڪندو رهندو. جڏهن هن پنهنجي ستين پٽ جي قرباني ڏني، تڏهن هو ايترو تہ ڪمزور هو، جو کيس ڪرسيءَ تي کڻي وٺو پيو هو. ان کان پوءِ هن پنهنجو اٺون پٽ بہ قربان ڪيو ۽ نون سالن تائين بستري تي ليٽندي ليٽندي زندگي گذاريائين. نائين پٽ جي صدقي ڏيڻ کان پوءِ، هو ٻاروتن ۾ ٻڌل ٻار وانگر سڱ مان پيئندو رهيو ۽ جڏهن وڌيڪ نون سالن جي گذرڻ کان پوءِ، هن پنهنجي ڏهين ۽ آخرين پٽ جي قرباني ڏيڻ جو ارادو ڪيو، تڏهن سئيڊن جي باشندن کيس ان ڪم لاءِ اجازت ڪانہ ڏني، جنهنڪري هو مري ويو ۽ کيس اپسالا جي هڪ آتاهين ڍير تي دفن ڪيو ويو.

ائين پيو معلوم ٿئي تہ قديم يونان ۾، ڪم از ڪم هڪ ايترو پراڻو شاهي خاندان ٿي گذريو آهي، جنهن جي هر وڏي پٽ کي سندس پيءُ ۽ آتا جي رهڻ واري ڪمري ۾ قربان ڪيو ويندو هو. جڏهن زرزس بادشاہ پنهنجي بيشمار ۽ جڙيل لشڪر سان گڏ ٿيسلي رياست پار ڪري پنهنجن اسوارن دشمنن تي ٿرموپائليءَ وٽ حملي ڪرڻ لاءِ ويهي رهيو هو، تڏهن هو ائلس شهر ۾ اچي وارد ٿيو، جتي کيس لئفيشيئن زيئس جو آستانو بہ ڏيکاريو ويو، جنهن جي متعلق سندس رهبرن کيس هڪ عجيب قصو ٻڌايو، جو قريبا هن طرح هو: هڪ دفع جو ذڪر آهي تہ انهيءَ ملڪ جي هڪ بادشاہ،

جنهن جو نالو ’اٿامس‘ هو، تنهن ’نيفيل‘ نالي هڪ عورت سان
شادي ڪئي، جنهن مان کيس ’فِرڪسس‘ نالي پٽ ۽ ’هيلي‘
نالي هڪ ڌيءَ ڄائي. ڪجهه عرصي کان پوءِ هن وري ”آئنو“
نالي هڪ ٻيءَ عورت سان شادي رچائي، جنهن مان کيس ’ليئرچس‘
۽ ’ميلي سرٽس‘ نالي ٻه پٽ ٿيا. پوئين زال پنهنجيءَ ڀاڄ جي
ٻن ٻارن، فرڪسس ۽ هيليءَ کي ڪانئر سهندي هئي ۽ هن ڪين
مارڻ جو منصوبو بنايو ۽ پنهنجي انهيءَ بد ارادي جي تڪميل
ڪرڻ لاءِ ڏاڍيءَ هوشياريءَ کان ڪم ورتو. سڀ کان اول
هن پنهنجي ملڪ جي سڀني عورتن کي هن ڳالهه لاءِ آماده ڪيو
ته آهي اناج جي ٻج کي زمين ۾ وجهڻ کان اڳ خفيه طور خوب
پڄائين، جنهن جي نتيجي ۾ انهيءَ سال فصل ڪونه ٿيو ۽ ملڪ ۾
قحط پيو، جنهن ۾ ڪيئي ماڻهو مري ويا. ان کان پوءِ بادشاه
پنهنجن ڪن ماڻهن کي ”ڊيلفيءَ“ جي غيبي آواز وٽان ڏڪار
جي سبب معلوم ڪرڻ لاءِ اوڏانهن اماڻيو. بدڪار ماٽيليءَ
ماءُ قاصدن کي رشوت ڏيئي سمجهايو ته هو واپس وڃي بادشاه کي
ٻڌائن ته غيبي آواز جو اهو حڪم آهي ته جيسين سندس پهرين
زال جا ٻه ٻار ”زيئس“ ديوتا اڳيان قربان نه ڪيا ويندا، تيسين
ملڪ قحط ساليءَ جي مصيبت کان نجات حاصل ڪونه ڪري سگهندو.
”اٿامس“ بادشاه اهو جواب ٻڌي پنهنجن ٻنهي ٻارن کي گهرايو،
جي ان وقت رڍن جي ڌڻ سان هئا. پر سونهري کل واري هڪڙي گهيٽي
پنهنجي زبان کولي، ٻارن کي ان خطري کان آگاه ڪيو، جنهن
ڪري انهن ٻنهي ڄڻن انهيءَ گهيٽي تي سوار ٿي، بري ۽ بحري
سفر اختيار ڪيو. اتفاق سان جنهن وقت هو سمنڊ مٿان اڏامي رهيا هئا،
تنهن وقت ڇوڪري گهيٽي جي پٺيءَ تان ترڪي، هيٺ ڪري پيئي ۽
سمنڊ ۾ ٻڏي مئي. فرڪسس بچي ويو ۽ ڪولچز جي ملڪ ۾ اچي
پهتو، جتي سورج ديوتا جو پٽ حڪومت هلائيندو هو. فرڪسس
اتي بادشاه جي ڌيءَ سان شادي ڪئي، جنهن کيس ”سانٽي سورس“
نالي هڪ پٽ ڄڻي ڏنو. اتي هن اهو سونهرو گهيٽو، ڀاڄ جي

ديوتا، زيئس، جي حضور ۾ قربان ڪيو، پر ڪن جو چوڻ آهي
ته هن ان ڳهيڻي کي لئفسشين زيئس اڳيان قربان ڪيو ۽ سونهري
کل پنهنجيءَ زال جي ڀيڻ کي ڏنائين، جنهن ان کي ”آئرس“ جي
پاڪ آستاني ۾ پيئل شاه بلوط جي هڪ وڻ ۾ ميخ سان ڪوڙي
ڇڏيو. [انهيءَ وچ ۾ اٿاماس بادشاه جي ملڪ ۾ هڪ غيبي آواز
پيشينگوئي ڪئي ته ملڪ کي مصيبت کان نجات ڏيارڻ لاءِ خود
بادشاه کي قربان ڪيو وڃي. چنانچه، اتان جا ماڻهو پنهنجي
بادشاه کي گلن جا هار وجهي، قربانگاهه ڏانهن وٺي ويا،
جتي کيس قربان ڪرڻ تي هئا، ته کيس سندس پوٽي، سائٽي
سورس، جو اوچتو ڪولچز مان آيو هو، عين وقت تي اچي بچايو،
يا هرڪيولس، جو ان وقت بادشاه جي پٽ فرڪسس جي اچاتائين
زنده هئڻ جي خوشخبري کڻي آيو هو، تنهن اچي بچايس. اهڙيءَ طرح
اٿاماس بادشاه بچي ويو، پر بعد ۾ هو پاڳل ٿي پيو، ۽ هن
پنهنجي پٽ، ليئرچس کي ڪو جهنگلي جانور سمجهي، کيس ماري
وڌو. ان کان پوءِ هن پنهنجي باقي بچيل پٽ، ”ميلي سرٽس“
کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان کي سندس زال آئنو بچائي
ورتو ۽ پٽ کي ساڻ ڪري اتان ڀڄي نڪتي، ۽ پوءِ آن کي پاڪر
۾ جهلي، دور، جبل جي هڪ اوچي چوٽيءَ تان ٽپي، سمنڊ ۾
ٽپو ڏنو. ماءُ ۽ پٽ، ٻئي سامونڊي ديوتائن ۾ تبديل ڪيا ويا
۽ پٽ کي ٽينيڊوز ٻيٽن ۾ وڏي عزت حاصل ٿي. بعد ۾
معصوم ٻار سندس ٽالي قربان ڪيا ويندا هئا. زال ۽ ٻارن کان
اهڙيءَ طرح محروم ٿيڻ کان پوءِ، بدنصيب اٿاماس پنهنجو ملڪ
ڇڏيو ۽ غيبي آواز کان دريافت ڪيائين ته هاڻي هو ڪٿي
رهي. کيس آگاهه ڪيو ويو ته جتي به جهنگلي درنده سندس آجيان
۽ آدرڀاءُ ڪن، اتي کيس سڪونت اختيار ڪرڻ گهرجي. اتفاق
سان هو بگهڙن جي هڪ اهڙي ٽوليءَ جي مٿان وڃي پيو، جي
رڍن کي چيري ڦاڙي ڳڙڪائي رهيا هئا. هن کي ڏسنديئي، بگهڙ
ڀڄي ويا ۽ پنهنجي شڪار جي رت سان ڀريل بچت اٿاماس لاءِ

چڙهي ويا ۽ اهڙي نموني سان غيبي آواز جي پيشنگوئي پوري ٿي. پر جيئن ته اٿامس بادشاه کي سڄي ملڪ جي گناهن جي پاداش ۾ قربان ڪونه ڪيو ويو هو، ان ڪري ديوتائن طرفان حڪم ڪيو ويو ته سندس خاندان جي هر نسل جي وڏي پٽ کي، پشت بپشت، ۽ بنان ناغي جي، ان وقت قربان ڪيو وڃي، جڏهن هو ٽائون هال ۾ قدم ڌري، جتي اٿامس جي گهرن سان هڪ جي طرفان، لئفسشين زيئس ديوتا کي قرباني ڏيڻ ۾ ايندي هئي. زرزيس چوي ٿو ته انهيءَ انجام کان بچڻ خاطر، انهيءَ خاندان جا ڪيئي فرد غير ملڪن ڏانهن فرار ٿي ويا هئا. پر انهن مان ڪي گهڻي عرصي پڄاڻا وري موٽي آيا هئا ۽ ٽائون هال ۾ گهڙندي، جڏهن کين محافظن پڪڙي ورتو، تڏهن کين گلن جا هار پارائي، ڏاڍي شان ۽ مان سان جلوس جي صورت ۾ گهمائي، آخرڪار قربان ڪيو ويو. اهڙن واقعن جا مثال ڏاڍا مشهور هئا، جيتوڻيڪ اهي بار بار ڪونه ٿيندا هئا. چوڻ ته، هڪ گفتگوءَ جو ليکڪ، جو افلاطون چيو وڃي ٿو، ڪارٿيگينئس جي انساني قربانين جو ذڪر ڪري، وڌيڪ بڌائي ٿو ته يونانين ۾ به اهڙيون ڪارروايون عام جام هونديون هيون. هو ڏاڍي نفرت جوڳي ۽ دهشت زده نموني سان ٻڌائي ٿو ته لائيڪائيس جبل تي اٿامس بادشاه جا پويان ڏاڍي ظالماڻي ڍنگ سان انساني ٻل چاڙهيندا هئا.

اسان جي هن شڪ کي، ته پوين دورن ۾ به اها وحشي رسم ترڪ ڪانه ڪئي ويئي هئي، انساني قرباني ڏيڻ جي هڪ اهڙي مثال مان تقويت ملي رهي آهي، جا پلوٽارچ جي زماني ۾ ”بوئيوشا“ جي هڪ قديم شهر- ”اورچومينس“ ۾ ڏني ويئي هئي، جو انهيءَ تواريخ نويس جي پيدائشي شهر کان ڪي ٿورا ئي ميل پرڀرو هو. انهيءَ شهر ۾ هڪ اهڙو خاندان رهندو هو، جنهن جي مردن کي ”پسولوئيس“ يا ”دونها ڪيل“ ۽ عورتن کي ”اوليئا“ يا ”ناس ڪندڙ“ جي نالن سان سڏيو ويندو هو.

هر سال "ائگريٿونا" جي ميلي تي، "ڊيٿونيسس" جو پوڄاري اگهاڙي ترار هٿ ۾ کڻي، انهن عورتن جي پٺيان پوندو هو، ۽ منجهانئن جنهن کي به پڪڙي وجهندو هو، تنهن کي کيس قتل ڪرڻ جو حق حاصل ٿيندو هو. "پلوٽارچ" جي زماني ۾ به، "زوئيلس" نالي هڪ پوڄاريءَ پنهنجو اهو حق سچ پچ استعمال ڪيو هو. اهو خاندان، جنهن کي گهٽ ۾ گهٽ سال ۾ هڪ دفعو پنهنجو هڪ ٻاتي قربانيءَ لاءِ پيش ڪرڻو پوندو هو، سو شاهي نسل جو هو، چاڪاڻ ته انهيءَ خاندان جا ماڻهو پنهنجو شجرو "اورڪومينس" جي قديم بادشاه، "ميناس" سان وڃي ملائيندا هئا. ميناس جي دولت، چوندا آهن ته، اٿاهه ۽ بي پايان هئي ۽ ان جي شاهي خزاني جي عمارت جا ڦٽل نشان اڄ به، ان جاءِ تي ڏيکاريا ويندا آهن، جتي "اورڪومينس" ٽڪرين جي ڊگهي سلسلي جون آخرين پهاڙيون 'ڪوپائڪ' ميدان ۾ ملي زمين جي سطح سان هڪ ٿي وڃن ٿيون. هيءَ روايت مشهور هئي ته ان ملڪ جون عورتون شراب پي، ٻڪيءَ ۾ گلن جا هار وجهي، مستيءَ ۾ جبلن ۽ ميدانن ۾ رلنديون ۽ گهمنديون وتنديون هيون، جنهنڪري بادشاه جون ڌيئر، جي سڄو وقت محلات جي خلوت ۾ چرخو هلائينديون، ۽ سٽ ڪتينديون رهنديون هيون، سي انهن کان سخت نفرت ڪنديون هيون. پر هڪ وقت اهڙو به آيو، جڏهن ديوتائن جي غضب شهزادين کي سندن خلوت گاه ۾ به نه ڇڏيو. هڪ دفعي شهزادين جي دل ۾ هيءَ عجيب تمنا اچي پيدا ٿي، ته انساني گوشت تي آدم خورن وارن محفل رچائي وڃي. تنهي ڀينرن پُسڪا وڌا ته ان لاءِ ڪهڙي پنهنجو پٽ ڏئي. اتفاق سان شهزادي "ليوسائپيءَ" جي نالي پُسڪو نڪري پيو، جنهن پنهنجي پٽ، 'هپاسس' کي قربانيءَ لاءِ پيش ڪيو. تنهي ڀينرن مدهوشيءَ جي عالم ۾ ان ٻار کي چيري ڦاڙي کاڌو. انهن گمراه عورتن جي بنياد سان "اوليئا" ۽ "پولوئيس" پيدا ٿيا، جن سان مردن کي اهو نالو ان ڪري ڏنو ويو، جو آهي

پنهنجي ماتم ۽ ڏک جي اظهار ڪرڻ لاءِ ڪارا ڪپڙا پائيندا هئا.

اورڪومينس ۾ شاهي خاندان جي ماڻهن مان انساني صدقي وٺڻ جو رواج، وڏيءَ اهميت وارو آهي، خاص طرح هن ڪري، جو اورڪومينس ۾ 'ميناس' باداشاه جي وقت کان گهڻو اڳي، خود اٿامس بادشاه حڪومت ڪندو هو ۽ چاڪاڻ ته شهر جي ٻاهران "لئفشين" نالي هڪ جبل آهي، جنهن تي، 'ٿسلي' جي 'اٿاس' جبل وانگر، 'لئفسشين زيئس' ديوتا جو آستانو ٺهيل هو جتي، هڪ روايت مطابق، اٿامس پنهنجن ٻن ٻارن فرڪسس ۽ هيليءَ کي قربان ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو. اٿامس جي روايتن کي سندس ٻوين جي رسم سان مشابهت ڏيڻ سان اسان اهو انومان ڪري سگهون ٿا ته قديم زماني ۾ ٿسلي ۽ بوئيشيا ۾ هڪ اهڙو خاندان حڪومت ڪندو هو، جنهن جي بادشاهن کي رعيت جي ڀلائيءَ خاطر لئفسشين زيئس ديوتا اڳيان قربان ڪيو ويندو هو، پر انهن اها موتمار ذميداري پنهنجن وڏن پٽن مٿان ڪٿي اڇلائي هئي. زماني جي گذرڻ سان انهيءَ ظالمانه رسم کي ايتري قدر ته ڪمزور بڻايو ويو، جو شاهي خاندان جي فرد بدران هڪ گهيٽو قربان ڪيو ويندو هو، پر ان لاءِ اهو شرط ضرور هوندو هو ته جنهن وقت شاهي خاندان جوڪو پاتي ٽائون هال ۾ لئفسشين زيئس" ديوتا اڳيان قرباني پيش ڪندو هو، ان وقت وڏي شهزادي کي ٽائون هال ۾ وڃڻ کان پرهيز ڪرڻي پوندي هئي. پر جيڪڏهن هو همت ڪري موت جي انهيءَ مندر ۾ قدم رکندو هو، ۽ پاڻ کي چاڙهي واڙي ديوتا جي ڏيان تي آڻيندو هو، جنهن مهربانيءَ طور سندس جاءِ تي هڪ گهيٽي جي قربانيءَ تي ڪٿي اڪ لاٿار ڪئي هئي، ته پوءِ سندس سر تي جيڪا قديم زماني جي ذميداري هئي، سا هڪدم پنهنجي پوريءَ قوت سان مٿس عائد ٿي ويندي هئي ۽ اهڙيءَ حالت ۾ ڪيس ڪابه ڳالهه موت کان محفوظ نه رکي سگهندي هئي. باڌشاه، يا سندس اولاد مان ڪنهن هڪ

کي قربان ڪرڻ جي رسم کي هن اعتقاد سبب، جو قديم معاشري جي وحشين ۾ عام جام هوندو هو، قحط سالي سان هن طرح وابسته ڪيو ويو هو ته، آب و هوا ۽ برسات لاءِ بادشاه ئي ذميدار آهي ۽ انهن مان هڪ جي بيرحميءَ، يا ٻئي جي بيقاعدگيءَ سان نه پوڻ ڪري، بادشاه کي پنهنجي جان جي قيمت ادا ڪرڻ گهرجي. اٿامس جي خاندان، اهڙيءَ طرح، ديوتائي يا جادوي ڪمن کي شاهي منصبن سان ملايو آهي. اٿامس جي ڀاءُ، سالمونيس، جا بعد ۾ ديوتا هئڻ جي دعوي ڪئي هئي، ته هن مان ٻه اسان جي، انهيءَ انومان کي تقويت ملي رهي آهي. اسان ڏٺو آهي ته هيءُ گستاخ انسان خود زيئس ديوتا هئڻ جي دعوي ڪندو هو ۽ وڄ ۽ گجگوڙ تي قبضو ۽ قدرت هئڻ جو نقل ڪرڻ لاءِ هو دهل وڄائيندو، ۽ مشعلون ٻارائيندو هو. جيڪڏهن اسين انهيءَ مشابهت تي غور ڪنداسون ته معلوم ٿيندو ته هن جي مصنوعي گجگوڙ ۽ وڄ رعيت تي محض رعب وجهڻ جي ارادي سان ڪانه هوندي هئي، پر آسماني رحمت کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ شاهي جادوءَ جي هڪ جنتر جي حيثيت رکندي هئي، جنهن جو آهي فقط هڪ ڪمزور نقل هئي.

اولهه ايشيا جي سيميٽڪ بادشاهن ۾ ٻه ڪنهن وڏي خطري جي هنگامي حالت ۾ پنهنجي پياري پٽ کي سڄيءَ قوم جي ڀلائيءَ خاطر مرڻ لاءِ پيش ڪرڻ جو هڪ قديم رواج هوندو هو. چنانچه بائيبلس واري ”فلو“ يهودين جي باري ۾ پنهنجيءَ هڪ تصنيف ۾ لکيو آهي ته ”اها هڪ قديم رسم هئي ته، شهر يا قوم جو حاڪم ڪنهن ٻه قومي مصيبت جي نازڪ وقت تي، غضبناڪ ديون ۽ بد روحن کي راضي ڪرڻ لاءِ سڄيءَ رعايا جي ٻاران پنهنجي پٽ کي قربانيءَ لاءِ ڏيندو هو. اهڙن پٽن کي عجيب و غريب سانن سوٽن سان ماريو ويندو هو. چنانچه ان ڪري ’ڪروسس‘ جنهن کي فونيشين لوڪ خود اسرائيل چون ٿا، پنهنجي ملڪ جي بادشاه هئڻ ڪري، پنهنجي هڪ ئي سڪيلڌي پٽ، جعد کي (جعد لفظ جي فونيشين ٻوليءَ ۾ معنيٰ

ٿي سگهيو آهي) جنگ جي زماني ۾ شاهاڻو لباس پهرائي، قربانگاه تي ٻڌي قربان ڪرايو، ڇاڪاڻ ته ان وقت سندس ملڪ هڪ طاقتور غنيم جي چڙهائيءَ سبب سخت خطري ۾ مبتلا هو." جڏهن موئاب جي بادشاه تي اسرائيلي فوجن گهيرو ڪري، کيس سخت پريشان ڪيو، تڏهن هو پنهنجي وڏي پٽ کي، جو سندس مرڻ پڄاڻا سندس تخت و تاج جو مالڪ ٿئي ها، پاڻ سان گڏ مندر ڏانهن وٺي ويو، جتي هن کيس جيئرو ساڙائي، ديوتا جي تقاضا پوري ڪئي.

ٻاب ستاويھون

روحاني ورثو

اسان جي هن نظريي ڏي، ته قديم زماني جي وحشي قومن ۾ بادشاهن کي ٿوري عرصي کان پوءِ قتل ڪيو ويندو هو، هي اعتراض اٿي سگهي ٿو ته اهڙي رسم هئڻ سبب ته شاهي خاندان آهستي آهستي ختم ٿي ويندو. انهيءَ اعتراض جو هيءُ جواب ٿي سگهي ٿو ته اوائلي دورن ۾ بادشاهي هڪ خاندان ۾ محدود ڪانه هوندي هئي، پر واري وٽيءَ سان مختلف خاندانن ۾ ڦرندي گهڙندي هئي، ٻيو ته اهو منصب ورثي ۾ ڪونه ملندو هو، پر اهو هر گهراڻي لاءِ، حتيٰ ڪ اهڙن غيرملڪين لاءِ به، کليل هوندو هو، جي ضروري شرط شروط، جهڙوڪ شاهي خاندان جي ڪنهن شهزاديءَ سان شادي ڪرڻ، يا بادشاه کي دوبدو مقابلي ۾ شڪست ڏيڻ، يا مارڻ، وغيره پورا ڪندا هئا. ٻيون ته انهيءَ رسم جي وجود سبب، جيتوڻيڪ شاهي خاندان جي ختم ٿيڻ جو انديشو به ڪٿي هجي، پر ان جي باوجود، اهو ڪو ضروري ناهي ته اهڙا ماڻهو، جي انساني زندگيءَ جو ايترو قدر ڪونه ڪندا هئا، يا جن ۾ مستقبل جي متعلق ايتريءَ حد تائين دورانديشي ڪانه هوندي هئي، جيتري اڄ اسان ۾ آهي، سي متين خيال ۽ انديشن سبب ان تي عمل نه ڪندا هوندا. گهڻن ماڻهن وانگر ڪيترين قومن به اهڙيون رسمون ٻئي ادا ڪيون آهن، جن سندن وجود کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. ”پولينيشيا“ جا باشندا پنهنجي اولاد مان به پاڱي ٽي حصي کي باقاعدگيءَ سان قتل ڪندا هئا. مشرقي آفريڪا جي ڪيترن علائقن ۾ به اطفال ڪشيءَ جو ايترو ئي تناسب آهي.

فقط ڪن خاص خصلتن وارن، يا ڪن خاص حالتن ۾ ڄاول ٻارن کي جيئرو ڇڏيو ويندو آهي. انگولا جي ’جاگا‘ نالي هڪ فاتح قوم وارا پنهنجن سڀني ٻارن کي ان ڪري قتل ڪري ڇڏيندا آهن ته جيئن جنگ تي پيشقدمي ڪرڻ وقت عورتن کي وزن نه کڻڻو پوي. پنهنجي قوم جي گهٽيل تعداد کي پوري ڪرڻ لاءِ، آهي جن ماڻهن کي ڪهي ڪانئي ڇڏيندا هئا، تن جي ٻارهن ۽ چوڏهن سالن جي ڄمار وارن پٽن ۽ ڌيئرن کي گود ۾ وٺندا هئا ۽ انهن کي پالي پنهنجيءَ قوم ۾ شامل ڪندا هئا. ڏکڻ آمريڪا جي ’مباايا‘ قبيلي وارن جون زالون انهيءَ ٻار کان سواءِ، جنهن کي اهي پنهنجو پڇاڙيون ٻار سمجهنديون هيون، باقي ٻين سڀني ٻارن کي قتل ڪري ڇڏينديون هيون. انهن مان جيڪڏهن ڪنهن کي ٻه ٻعد ۾ ٻيو ٻار ڄمندو هو، ته اها اڳئين کي ڪهي ڇڏيندي هئي. ان ڳالهه ۾ تنهنڪري، اسان کي ڪو ٻه تعجب ڪرڻ نه کپي ته مباايا قوم وارن جي هڪ شاخ، جا ڪيترن سالن تائين هسپانوي فاتحن جي سخت دشمن هئي، مٿينءَ رسم هئڻ سبب بلڪل نيست و نابود ٿي ويئي. ’گران چاڪو‘ جي ڳاڙهن هندستانين جي لينگوئا قبيلي وارن ۾، عيسائي مبلغن هڪ عجيب و غريب رسم ڏٺي، جنهن کي هنن ”ننڍن ٻارن کي ڪڇيءَ ۾ ڪيرائڻ ۽ ٻين طريقن سان مارڻ جي ذريعي قومي خودڪشيءَ جي سوچيل ۽ رٿيل رسم“ ڪري بيان ڪيو آهي. ۽ نه وري، فقط ٻارن کي مارڻ جي ذريعي ئي هڪ وحشي قوم پنهنجي قومي خودڪشي ڪندي آهي: زهر جي استعمال کي ٻه هڪ نهايت مؤثر تدبير سمجهيو ويو آهي. ڪجهه سال اڳ ’اويت‘ نالي هڪ ننڍي قوم جاهلو علائقن مان هيٺ لهي، اولهه آفريڪا جي ڪلابار درياه جي ڏائي شاخ تي اچي آباد ٿي. جڏهن پهرين دفعي هنن کي عيسائي مبلغن ڏٺو، تڏهن انهن جو ڪافي تعداد هو، جو ٽن جدا ڳوٺن ۾ آباد هو. تڏهن کان وٺي، زهر جي ذريعي آزمائش وٺڻ جي طريقي، انهيءَ قوم کي ذري گهٽ فنا ڪري ڇڏيو آهي.

هڪ موقعي تي سچيءَ قوم پنهنجي بيگناهي ثابت ڪرڻ خاطر زهر پيتو، جيڪو پيتو ته انهن مان اڌ ماڻهو ته بروقت مري ويا، باقي اڌ، جيڪي جيئرا آهن، سي پنهنجيءَ مٿينءَ رسم سبب، اڳي يا پوءِ، فنا ٿي ويندا. اهڙن مثالن جي موجودگيءَ ۾ اسان کي ڪوبه تعجب نه ڪرڻ گهرجي ته ڪيترين قومن کي پنهنجي سچي کرائي جي ناس ڪرڻ ۾ ڪابه الڪ ڪانه ٿي آهي ۽ نه سندن اصولپرستيءَ يا طبيعت جي نزاڪت ان رسم جي ادائگيءَ کان کين روڪيو آهي. وحشين کي اهڙين خصلتن جو مالڪ سمجهڻ، ۽ منجهائن اهڙيون اميدون رکڻ، يا کين يورپي قومن جي قدرن سان ماپڻ، هڪ اهڙي غلطي آهي، جا عام طرح سان هميشه کان وٺي بار بار ڪئي ويئي آهي. جيڪڏهن منهنجن پڙهندڙن مان ڪو اهڙو خيال رکي ٿو ته دنيا جون سڀ قومون تعليم يافته انگريزن وانگر سوچين ۽ سمجهن ٿيون، ته پوءِ وهمي اعتقادن، رواجن ۽ رسمن متعلق هن ڪتاب ۾ جيڪي ثابتيون ۽ شهادتون جمع ڪيون ويئون آهن، سي سندس انهيءَ غلط فهميءَ کي دور ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن.

ديوتائن ۽ بزرگ هستين کي قتل ڪرڻ جي رسم متعلق جيڪا هت سمجهاڻي ڏني ويئي آهي، سا هِن نظريي يا اعتقاد سان وابسته آهي، ته مقتول ديوتا جو روح سندس جانشين جي جسم ۾ وڃي سمائجي ٿو، روح جي اهڙي نموني سان سمائجڻ جي مون وٽ "شلڪ" بادشاهن جي مثال کان سواءِ ٻي ڪابه ثابتي موجود ڪانه آهي، انهن وٽ خدائي بادشاه کي قتل ڪرڻ جي رسم خاص قسم جي آهي ۽ سندن ايمان آهي ته سندن شاهي خاندان جي بنياد وجهندڙ جو روح انهن جي هرهڪ قتل ٿيل بادشاه جي جسم اندر سمايل ٿئي ٿو، ٻر جيتوڻيڪ اهڙي اعتقاد جو حقيقي مثال مون وٽ هڪ ئي موجود آهي، جنهن لاءِ آءٌ شهادت ۽ ثبوت پيش ڪري سگهان ٿو، ان هوندي به مشابهت ذريعي اهو امڪان ظاهر ٿئي ٿو ته ٻين ڪيترين حالتن ۾ پڻ

مقتول ديوتا جي روح کي سندس جانشين شايد ورثي طور حاصل ڪيو هجي، حالانڪ اهڙين حالتن ۾ سڌي قسم جي ڪابہ ثابتي ڪانہ ملي سگهي آهي. چاڪاڻ تہ اسين مٿي ڏيکاري آيا آهيون تہ گهڻين حالتن ۾ ائين سمجهيو ويو آهي تہ موت کان پوءِ هڪ اوتار جو روح ٻئي اوتار جي جسم ۾ داخل ٿي وڃي ٿو، ۽ جيڪڏهن قدرتي موت ذريعي ائين ٿي سگهي ٿو، تہ پوءِ اوتار کي قتل ڪرڻ جي حالت ۾ بہ ائين ٿي سگهي ٿو. اهڙي قسم جو اعتقاد اوائلي انسانن ۾ يقيناً ڏٺو ويو آهي تہ هڪ مرندڙ انسان جو روح سندس وارث جي جسم اندر سمائجي وڃي ٿو. نياس علائقي ۾ عام طرح سان وڏو پٽ پنهنجي پيءُ کان پوءِ سرداريءَ جو حقدار هوندو آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن دماغي يا جسماني اوڻائيءَ سبب ان کي انهيءَ منصب لاءِ ناموزون سمجهيو ويندو آهي، تہ پوءِ سندس پيءُ، پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ ئي هن ڳالهہ جو فيصلو ڪري ڇڏيندو آهي تہ ان جي بجاءِ ٻيو ڪهڙو پٽ سرداري ڪندو. پر، ٻئي پٽ کي پنهنجو حق تسليم ڪرائڻ لاءِ هيءَ ڳالهہ لازم هوندي آهي تہ هو مرندڙ سردار جي روح کي سندس آخرين ساهہ سان گڏ، ٻاهر نڪرڻ مهل پنهنجي وات ۾، يا ڪنهن ٿيلهيءَ ۾، پڪڙي وٺي. چاڪاڻ تہ جيڪو بہ ماڻهو مرندڙ سردار جي پوئين ساهہ کي سندس روح سميت پڪڙڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو، سو انهيءَ مقرر ٿيل وارث سان هڪ جهڙو شريڪ سمجهيو ويندو. ان ڪري سردار جي مرڻ مهل سندس ٻيا پٽ، ۽ ڪن وقتن تي تہ ڪي اجنبي بہ، سندس روح کي جسم کان ٻاهر نڪرڻ وقت پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. نياس جي علائقي جا گهر زمين کان مٿي لڪڙن تي ٻڌل هوندا آهن ۽ ڪيترا دفعا اهڙا بہ واقعا ٿيا آهن تہ جنهن مهل مرندڙ سردار پوٺ پر زمين تي پئي، پنهنجا آخرين ساهہ کڻندو رهيو آهي، ان وقت سندس منصب جي اميدوارن منجهان ڪنهن نہ ڪنهن ڇٽي سردار جي گهر جي زمين مان سوراخ ڪيو، منجهانئس بانس جو ٻورو لڪڙو اندر

لنگهائي، سردار جو ٻوڏون ڀساهه ۽ ٻنهنجي وات ۾ جهلي ورتو آهي؛ جيڪڏهن ڪنهن سردار کي پٽ ڪونه هوندو آهي، ته ان حالت ۾ سندس روح کي ٽيلهيءَ ۾ پڪڙيو ويندو آهي ۽ پوءِ سردار سان مشابهت رکندڙ هڪ مجسمو تيار ڪري، ٽيلهيءَ کي ان سان ٻڌي ڇڏيو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ ائين سمجهيو ويندو آهي ته سردار جو روح سندس انهيءَ پٽ ۾ سمائجي ويو آهي؛

ڪن حالتن ۾ بادشاه ۽ سندس اڳن ڏاڏن جي درميان روحاني رابطي قائم رکڻ لاءِ، بادشاه وٽ انهن جي جسمن جي ڪن عضون يا ٻين حصن جي موجودگي ضروري سمجهي ويندي آهي؛ ميليبس ٻيٽن ۾ مثل بادشاهن جي جسماني حصن کي شاهي تبرڪات تصور ڪيو ويندو آهي، جنهنڪري انهن کي مقدس سمجهي ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان محفوظ رکيو ويندو آهي، چو ته اهي عضوا جنهن وٽ به هوندا آهن، تنهن کي تخت تي ويهڻ جو حق حاصل ٿيندو آهي. ساڳيءَ طرح، ڏکڻ ميڊاگاسڪر جي سڪاوالا قبيلي وارا مثل بادشاه جي گردن جي هڏي، نهن ۽ وارن جي هڪ چڳڻ کي واڳونءَ جي ڏند سان گڏ، هڪ جدا جاءِ ۾، جا انهيءَ ڪم لاءِ مخصوص هوندي آهي، اڳين بادشاهن جي اهڙن تبرڪات سان گڏي رکندا آهن. اهي شيون جنهن وٽ هونديون آهن، تنهن کي تخت تي ويهڻ جو حق حاصل ٿيندو آهي. تخت جي ڪنهن حقدار وارث کان جيڪڏهن اهي شيون کسجي وينديون ۽ سندس بدران ڪنهن غاصب جي ور چڙهي وينديون، ته ان حالت ۾ رعايا انهيءَ ماڻهوءَ جي حڪم ۽ اختياريءَ کي تسليم ڪندي، جنهن وٽ اهي شيون هونديون. اولهه آفريڪا ۾ ايبوڪوتا جو بادشاهه "اڻليڪ"، جڏهن مري ويندو آهي، تڏهن قبيلي جا وڏا ان جي جسم کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري، سندس سر مٽيءَ جي هڪ مٽڪي ۾ رکي، تخت جي وارث کي ڏيندا آهن، جنهن کان پوءِ آهو سر انهيءَ وارث لاءِ قابل احترام ٿي پوندو آهي؛ ڪن وقتن تي قبيلي جا ٻريا مڙس هن ٻڪ ڪرڻ لاءِ؛ ته مثل

بادشاه جون سڀ جادوي ۽ ڪرامتي قوتون سندس جانشين ۽ وارث وٽ برابر پهچي وينون آهن، تنهن بادشاه کي لاش جي گوشت کائڻ لاءِ مجبور ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح ايبيوڪوتا ۾، نہ فقط مئل بادشاه جو سر سندس وارث کي ڏنو ويندو هو، پر ان جي ڄڀ بہ وڍي تنهن بادشاه کي کائڻ لاءِ ڏني ويندي هئي. ان ڪري جڏهن بہ انهن وحشين کي ائين چوڻو هوندو آهي تہ، فلاڻو بادشاه حڪومت ڪري رهيو آهي، تڏهن آهي هيئن چوندا آهن تہ ”فلاڻي، مئل بادشاه کي کاڌو آهي!“ اولهہ آفريڪا جي هڪ وڏي شهر، لاگوس جي اندروني حصن ۾، اپادان جي ڳوٺ ۾ ساڳئي قسم جو هڪ رواج اڃا تائين هلندو اچي. اتان جو بادشاه جڏهن مرندو آهي، تڏهن سندس سر وڍي، اتان جي وڏي حاڪم، ”آلافن آف اويو“ ڏانهن موڪليو ويندو آهي، جو ’يوروبا‘ ملڪ جو شهنشاه تسليم ڪيو ويندو آهي؛ پر مئل بادشاه جي دل سندس وارث کي کائڻ لاءِ ڏني ويندي آهي. اها رسم ڪي ٿورا ئي سال اڳي اپادان جي تنهن بادشاه جي تخت نشينيءَ وقت ادا ڪئي ويندي هئي.

مٿين سڀني ثابتين ۽ شهادتن تي غور ڪرڻ سان، اسان سمجهي سگهون ٿا، تہ جڏهن بہ خدائي بادشاه ۽ پوڄاريءَ کي قتل ڪيو ويندو آهي، تڏهن اهو ئي يقين ڪيو ويندو آهي، تہ ان جو روح سندس وارث جي جسم اندر سمائجي وڃي ٿو. درحقيقت، سفيد نيل درياه جي ”شلڪ“ قوم وارن ۾، جتي بادشاه کي باقاعده طور قتل ڪيو ويندو آهي، آتي کائنس سندس تاجپوشيءَ وقت هڪ اهڙي رسم ادا ڪرائي ويندي آهي، جنهن جو مطلب اهيءَ ساڳئي مقدس ۽ قابل عبادت روح کي سندس جسم اندر داخل ڪرڻ جو هوندو آهي، جو سندس سڀني پيش نشينن ۾، جيڪي هڪ ٻئي جي پٺيان تخت تي ويٺا هئا، سمايل سمجهيو ويندو آهي.

باب اڻاويهون

وڻن جي روح کي مارڻ

١- **وڻيسمڊاڪيءَ جا نقاب پوش ناچو:** هاڻي، اسان کي هيءُ سوال پڇڻو آهي ته خدائي بادشاهه، يا پوڄاريءَ کي مارڻ جي رسم اسان جي جاچ جي خاص موضوع تي ڪهڙي روشني وجهي ٿي. هن ڪتاب جي اڳين حصي ۾ اسان کي هن يقين ڪرڻ لاءِ سبب مليا، ته 'بيلي جي بادشاهه' کي وڻن، يا نباتات جي روح جو اوتار سمجهيو ويندو هو ۽ ان ڪري، سندس معتقدن جي خيال ۾، کيس جادوءَ جي اهڙي طاقت حاصل هئي، جنهن جي وسيلي هو وڻن مان ميوو، ۽ زمين مان اناج وغيره پيدا ڪري پئي سگهيو. ان ڪري، هُن جا پوڄاري سندس زندگيءَ کي بيحد قيمتي سمجهندا هوندا، ۽ امڪان آهي ته هنن اُن کي ڪن اهڙين پابندين جي حلقي اندر محفوظ رکيو هوندو، جن جي ذريعي گهڻن هنڌن تي انسان-ديوتا جي زندگيءَ کي بد روحن ۽ جادوگرن جي بري اثر کان محفوظ رکيو ويندو هو. پر اسان ڏٺو آهي ته انسان-ديوتا جي زندگيءَ کي جيڪو قدر ۽ قيمت ڏني ويئي آهي، سا ئي کيس پيريءَ جي لازمي ڪمزورين ۽ پن اوڻاين کان بچائڻ لاءِ قتل ڪرڻ، انتهائي ضروري بڻائي ٿي. 'بيلي جي بادشاهه' جي حالت ۾ به ساڳيا ئي دليل لاڳو آهن؛ کيس به ان لاءِ ئي قتل ڪيو ويندو هو ته منجهس سمايل ديوتائي روح پنهنجي سالم حالت ۾ سندس جانشين ڏانهن منتقل ٿي وڃي. انهيءَ قانون ذريعي، ته هو تيستائين حڪومت ڪندو، جيستائين ڪو ان کان زياده طاقتور اميدوار کيس قتل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي، هڪ ٿي

وقت هي ٻه مقصد حاصل ٿيندا هئا، ته هُن جي ديوتائي زندگي پنهنجي پوري جوڀن ۾ قائم رهندي اچي، ۽ جيئن ئي انهيءَ جوڀن ۾ ڪي ڪمزوريون اچڻ لڳن، تيئن ئي اهو جوڀن ڪنهن موزون جانشين ۾ منتقل ٿي وڃي، ڇو ته جيستائين هو منصب کي پنهنجي طاقتور بازوءَ جي زور سان سنڀالي ٿي سگهيو، تيستائين هي انومان نڪري ٿي سگهيو ته هن جي قوت ۾ ڪا به گهٽتائي ڪانه آئي هئي ۽ ٻئي ڪنهن جي هٿان سندس شڪست، ۽ موت ثابت ڪندو هو ته سندس جسماني طاقت گهٽجي رهي هئي ۽ ان ڪري اهو وقت اچي پهتو هو، جڏهن سندس ديوتائي زندگيءَ کي ڪنهن وڌيڪ مضبوط ۽ طاقتور جسم اندر محفوظ ٿيڻ گهرجي. هن قانون جي اها سمجهاڻي، ته 'پيلي جي بادشاه' کي سندس جانشين جي هٿان قتل ٿيڻو هو، گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ قانون کي قابل فهم بڻائي ٿي. انهيءَ سمجهاڻيءَ کي 'شاڪ' قوم وارن جي نظريي ۽ دستور کان تقويت ملي ٿي، جي پنهنجي خدائي بادشاه جي صحت ۾ ڪمزوريءَ جي پهرين علامت ظاهر ٿيڻ تي کيس ماري ڇڏيندا هئا، ته متان سندس جسماني ڪمزوري سندن اناج، چوپائي مال ۽ ماڻهن جي ضروري قوت کي به پاڻ وانگر متاثر ڪري. تنهن کان سواءِ 'چتومي' جو مثال به ان کي تقويت ڏيئي رهيو آهي، جنهن جي زندگيءَ جي بقا تي سڄيءَ دنيا جي وجود جو دارومدار سمجهيو ويندو هو، ۽ جنهن کي ڪمزوريءَ جي پوريءَ علامت ظاهر ٿيڻ تي قتل ڪيو ويندو هو، وري، پوئين دور ۾ جن شرطن تي ڪاليڪٽ جو راجا پنهنجو عهدو ماڻيندو هو، سي بلڪل اهڙائي هئا، جهڙا 'پيلي جي بادشاه' جي منصب سان وابسته هئا. پنهي ۾ فرق رڳو اهو هوندو هو ته جتي 'پيلي جي بادشاه' تي ڪنهن به وقت حملو ٿي سگهندو هو، اتي ڪاليڪٽ جي بادشاه تي، ٻارهن سالن جي مقرر ٿيل عرصي کان پوءِ ئي سگهندو هو. ٻي جهڙيءَ طرح ڪاليڪٽ جي راجا کي تيستائين حڪومت ڪرڻ جي

اجازت، جيستائين هو پاڻ کي حملي آورن جي زد کان محفوظ رکڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي، انهيءَ اوائلي قانون جي نرم صورت هئي، جنهن موجب سندس زندگيءَ جو ميعاد مقرر هو، ٿهڙيءَ طرح اسين هيءُ انومان به ڪڍي سگهون ٿا ته 'نيمي جي بادشاه' کي جيڪا ساڳي نوعيت جي اجازت مليل هئي، سا به قديم زماني جي انهيءَ قانون جي نرم ۽ سڌريل صورت هئي، جنهن موجب ان کي به مقرر ٿيل عرصي کان پوءِ لازمي طور قتل ڪيو ويندو هو. ٻنهي حالتن ۾ ٻنهين ديوتا-ماڻهوءَ کي گهٽ ۾ گهٽ جيئري رهڻ جو موقعو ڏنو ويو هو، جنهن کان اڳين قانون تحت کيس محروم رکيو ويو هو ۽ ٻنهي دورن جي ماڻهن ٻنهي قاعدن جي انهيءَ فرق کي هن خيال کان شايد ڪٿي تسليم ڪيو هوندو ته جيستائين ديوتا-ماڻهو ترار جي زور سان پاڻ کي هر حملي کان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي پئي سگهيو، تيستائين کين هن انديشي ڪرڻ لاءِ ڪو به سبب ڪونه هو ته منجهس موتمار ڪمزوري اچي چڪي هئي.

اسان جو هيءُ انومان، ته قديم زماني ۾ 'نيمي جي بادشاه' کي مقرر عرصي کان پوءِ، کيس جيئري رهڻ جي موقعي ڏيڻ کان سواءِ، قتل ڪيو ويندو هو، فقط هن حالت ۾ خاطريءَ ۾ بدلجي سگهندو، جيڪڏهن اسين هن باري ۾ ثابتي ڏيئي سگهون ته انهيءَ "بادشاه" جي هم-رتبه هستين، يعني وڻن جي روح جي انسان-نمائندن، کي به، اتر يورپ ۾ مقرر ميعاد کان پوءِ قتل ڪرڻ جي رسم موجود هئي. درحقيقت هارين، نارين جي ڳوٺاڻن ميلن ۾ ساڳيءَ قسم جي رسم اهڙا چٽا نشان ڇڏيا آهن، جن جي صحت جي باري ۾ ڪو به شڪ پيدا ٿي نٿو سگهي. اچو ته هاڻي ڪي مثال وٺون.

ڏکڻ ٻويريا ۾ نيڊرپورنگ وٽ، وڻن جي روح جو 'وڻسپتائيڪ-نمائندو'— 'پي فنگسٽل'، جيئن کيس ڪوٺيو ويندو هو— متي کان وٺي پيرن تائين پاڻ کي پتن ۽ گلن سان ڍڪي ڇڏيندو هو، متي ۾ هڪ ڊگهي نوڪدار ٽوپي پائيندو هو، جنهن جون هيٺيون ڪنڊون سندس ڪلهن تي لٽڪنديون هيون ۽ اکين جي جاءِ

وٽ ڏسڻ لاءِ ٻه سوراخ هوندا هئس. سڄيءَ ٽوپيءَ تي ڪنول جا گل لڳل هوندا هئس، جنهن جي نوڪدار چوٽيءَ ۾ هڪ گلدستو لڳل هوندو هو. هنجي ڪوٽ جون ٻانهون ۽ آبي پوٽن جون ٿهيل هونديون هيون ۽ سڄو جسم ساون پنن سان ڍڪيل هوندو هوس. ٻي فنگسٽل جي پٺيان طرف کان هڪ، هڪ ننڍو ڇوڪرو هلندو هو، جو پنهنجي ٻاسي واري هڪ ٻانهن مٿي جهليندو هلندو هو. پٺيان ڇوڪرن جي هٿن ۾ اگهاڙيون تراريون هونديون هيون ۽ جلوس ۾ شريڪ ٿيندڙ ٻيا ماڻهو ۽ گهڻو ڪري تراريون کڻي هلندا هئا. اهي ڇوڪرا هر اهڙي گهر جي دروازي وٽ بيهندا خيرات لاءِ صدا ڪندا ويندا هئا، جتان کين خيرات، يا کنهن سوکڙيءَ پاکڙيءَ ملڻ جي اميد هوندي هئي. ماڻهو لڪي، لڪي ٻئن جي پوشاڪ ۾ ڍڪيل ڇوڪري جي مٿان پاڻي اڇلائي، کيس پڇائي چڙهيندا هئا، ۽ جڏهن هو پاڻيءَ ۾ ترٻتر ٿي ويندو هو، تڏهن سڀئي ڏاڍيون خوشيون ڪندا هئا. آخر ۾ هو پر واريءَ ڪسيءَ ۾ چيلهه جيتري پاڻيءَ ۾ لنگهي ويندو هو ۽ وچ نهر ۾ وڃي بيهندو هو. ڇوڪرن مان هڪ ڇٽو هيٺين ڇوڪري جي سسي لاهڻ جو سانگ رچائيندو هو. سٽايا ۾، ورم لنگين وٽ نوجوان ڇوڪرا گڏجي 'وٽمنڊي' ڏينهن تي اڇيون قميصون ۽ اڇيون سٿڻون پائي، چيلهه ۾ ڳاڙها رومال ٻڌي، انهن ۾ تراريون لٽڪائيندا هئا. سڀئي گهوڙن تي سوار ٿي، جلوس جي صورت ۾ ٻيلي ڏانهن ويندا هئا ۽ سندن اڳيان ٻه توتاري، پنهنجن توتارن کي زور، زور سان وڄائيندا هلندا هئا. ٻيلي ۾ اهڙي کان پوءِ هو شاه بلوط جي وڻن مان گهاٽيون ٽاريون وڍي، پاڻ منجهان هڪ اهڙي نوجوان کي مٿي کان وٺي پيرن تائين پنن سان ڍڪيندا هئا، جو ڪوٽ مان سڀني کان پوءِ گهران نڪتو هو. سندس ٽنگن کي جدا پنن سان وڪوڙيو ويندو هو، ته جيئن هو گهوڙي تي، سوار ٿي سگهي. تنهن کان سواءِ ان کي هڪ نقلي ڏگهي ڪچي ڏني ويندي هئي، جنهن جي چوٽيءَ تي هڪ نقلي سٿو ۽ منهن ٿهيل هوندو هو.

ان کان پوءِ هڪ ننڍو ”مي - وڻ“ وڍيو ويندو آهي، جو اٽڪل اٺ يا ڏهه فوٽ ڊگهو هوندو آهي. ان کي رنگ برنگ رومالن ۽ ٻين سان سينگاري، هڪ ماڻهوءَ کي کڻڻ لاءِ ڏنو ويندو آهي، جنهن کي ”مي - بيئرر“ (مي وڻ جو کڻندڙ) چيو ويندو آهي. انهن سڀني ڪمن کان فارغ ٿي، جلوس دهل ۽ باجا وڄائيندو ڳوٺ ڏانهن واپس ورندو آهي. جيڪي عجيب و غريب شخصيتون جلوس ۾ شريڪ هونديون آهن، تن ۾ ڪاريءَ صورت وارو هڪ ’موئر - بادشاهه‘ (مراڪش جي باشندن کي موئر چيو ويندو آهي) جنهن جي مٿي تي تاج رکيو ويندو آهي، هڪ ’ڊاڪٽر فولادي - ڏاڙهي‘، هڪ سپاهي ۽ هڪ جلاد شامل هوندا آهن. اهي سڀ ماڻهو ڳوٺ جي ٻاهران اچي هڪ چراگاهه ۾ بيهندا آهن ۽ ٻين ڪردارن مان هرهڪ منظوم تقرير ڪندو آهي. جلاد اهو اعلان ڪندو آهي ته ٻين سان ڊڪيل ماڻهوءَ کي موت جي سزا ملي آهي، جنهن ڪري هو آئي جو آئي، هنجي نقلي سريءَ کي ترار جي هڪ ئي ڌڪ سان جدا ڪندو آهي. ان کان پوءِ گهوڙيسوار ڊوڙندي ڊوڙندي ”مي - پول“ کي زمين مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ جيڪو به انهيءَ ڪم ۾ ڪاميابي حاصل ڪندو آهي، سو ”مي - پول“ کي رومالن، ربن ۽ سينگار جي ٻين سڀني چيزن سودو پاڻ وٽ رکندو آهي. اها رسم هر ٻئي يا ٽئين سال ادا ڪئي ويندي آهي.

سيکسني ۽ ٿورنجين ۾ ”وٽسنٽائيڊ“ تي هڪ اهڙي رسم ادا ڪئي ويندي آهي، جنهن کي ”جهنگلي ماڻهوءَ کي ٻوڙن مان ٻاهر ڪڍڻ“، يا ”جهنگليءَ کي ٻيلي مان ٻاهر آڻڻ“ جو نالو ڏنو ويو آهي. هڪ نوجوان کي پنن يا سيئور ۾ ڍڪي، ’وحشيءَ‘ جو لقب ڏنو ويندو آهي. هو ٻيلي ۾ لڪي پوندو آهي ۽ ٻيا ڇوڪرا ان کي ڳولڻ لاءِ نڪرندا آهن. جڏهن اهي کيس ڳولي ڪڍندا آهن، تڏهن ان کي ٻڌي، قيد ڪري وٺي ايندا آهن ۽ خالي بندوقن سان مٿس فير ڪندا آهن. هو هڪدم زمين تي ڪري پوندو آهي ۽ مرڻ جو بهانو ڪندو آهي. يڪدم هڪ

ٻوڙو ڇوڪرو، جنهن کي ڊاڪٽر جهڙا ڪپڙا پيل هوندا آهن، سو اتي اچي سهڙندو آهي ۽ هيٺ سمهيل ڇوڪري جي اس مان رت ڇوڙيندو آهي، جنهن کان پوءِ هو دوباره زنده ٿي پوندو آهي. پوءِ سڀيئي خوشي ڪندا آهن ۽ انهيءَ ڇوڪري کي هڪ گاڏيءَ سان ٻڌي، شهر ۾ وٺي ويندا آهن، جتي هرهڪ کي ڏيکاريندا ويندا آهن ته هنن 'وحشيءَ' کي پڪڙيو آهي. هرهڪ گهر جي دروازي وٽ کين ڪا نه ڪا سوکڙي ملندي آهي. سترهين صديءَ جي شروعاتي سالن ۾، ارزگيبرگ ناليءَ هڪ ڳوٺ ۾ 'شروو ٽائيڊ' واري ڏينهن تي هر سال هيئين رسم ادا ڪئي ويندي هئي. ٻن ماڻهن جي شڪل وحشين وانگر ٺاهي، هڪ کي سڻڀر سان، ۽ ٻئي کي پلال سان ڍڪي، سڄي شهر جي گهٽين ۽ رستن تان ڦيرائي، آخر شهر جي وڏي چونڪ ۾ آندو ويندو هو، جتي هنن کي پڇڻ لاءِ ڇڏيو ويندو هو ۽ پوءِ سڀيئي ماڻهو سندن ڪڍ پوندا هئا. ڪجهه دير ٽائين ڊوڙڻ، آخر کين خنجرن ۽ بندوقن سان ماريو ويندو هو. زمين تي ڪرڻ کان پوءِ، آهي عجيب نموني سان بيهوش ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي، ڇڪريون کائيندا هئا ۽ ٽيلهين منجهان، جي کين اڳواٽ ڏنيون وينديون هيون، تماشبينن مٿان رت ڇڙڪائيندا هئا. هيٺ ڪرڻ کان پوءِ، ڳوٺاڻا کين تختن تي سمهاري، ڳوٺ جي شرابخاني ڏانهن کڻي ويندا هئا، شرابخاني ڏانهن ويندي، سڄي رستي ۾ کاڻين ۾ ڪم ڪندڙ مزدور پنهنجن اوزارن سان ٽوٽارا ٺاهي وڄائيندا ويندا هئا ۽ اهڙي ڏک ڏيندا هئا، ڄڻ ته هنن ڪو وڏو شڪار ڦاسايو آهي. بوهيميا ۾، شلوڪينا وٽ اڃا ٽائين 'شروو ٽائيڊ' تي هڪ اهڙي ئي رسم ادا ڪئي ويندي آهي. هڪ ماڻهوءَ کي وحشين جهڙا ڪپڙا پارائي، شهر جي سڀني گهٽين مان ڊوڙائيندا، هڪ اهڙيءَ گهٽيءَ ۾ آڻي ڪيڏيندا آهن، جنهن جي اڏ وٽ هڪ مضبوط رسو آرپار ٻڌل هوندو آهي. آهو ماڻهو ڇاٽي واٽي انهيءَ رسيءَ تان ٽاپو کائي ڪرندو آهي ۽ سندس پٺيان پوندڙ مٿانئس اچي پوندا آهن

۾ ڪيس گرفتار ڪندا آهن. جلاد هڪدم ڊوڙندو وڻس وڃي پهچندو آهي ۽ پنهنجي ترار سان رت سان ڀريل انهيءَ ٿيلهيءَ کي وڍي ڇڏيندو آهي، جا سندس جسم جي ڪنهن حصي سان ٻڌل هوندي آهي ۽ اهڙي نموني سان هو ڪيس قتل ڪرڻ جو نقل ڪندو آهي. بس، ’وحشي‘ قتل ٿي ويندو آهي ۽ رت ۾ ٿڦيل سندس لاش ڦٿڪندو رهندو آهي. پڇي ڏينهن تي ٻلال ۾ ڍڪيل ’وحشيءَ‘ کي تختي تي سمهاري، سندس جلوس ڪڍي، ڪيس آخرڪار ڳوٺ جي تلاءَ تي کڻي ويندا آهن، جتي ان کي جلاد پاڻيءَ ۾ اڇلائيندو آهي. انهيءَ رسم کي ”ڪارنيوال کي دفن ڪرڻ“ چوندا آهن.

سيمڪ (بوهيميا) ۾ ’وٽسنڊي‘ ڏينهن تي بادشاهه جي سسيءَ لاهڻ جي رسم ادا ڪئي ويندي آهي. ڳوٺ جا نوجوان هڪ هنڌ گڏ ٿي، ويس بدلائي، ڇيلهه سان ڇوڏن جو پٽڪو ٻڌندا آهن ۽ هڪ هٿ ۾ ڪاٺ جي ترار، ته ٻئي ۾ بيد جي ڪاتيءَ جو توتارو کڻندا آهن. ’بادشاهه‘ کي ڇوڏن جو جبو پارائيندا آهن، جنهن کي گلن سان سينگاريو ويندو آهي. پيرن ۾ وڏن ۽ ويڪرن پنن وارا بوٽا ٻڌندا اٿس ۽ منهن تي نقاب هوندو اٿس. هٿ ۾ هڪ گلدار ٽاري ڏيندا اٿس ۽ هڪ ٽنگ ۾ رسو ٻڌي، ڳوٺ جو هڪ ڇوڪرو ڪيس جلوس سان گهليندو وٺي هلندو آهي. جلوس ۾ شريڪ ٿيندڙ ٻيا سڀ ڇوڪرا نچندا، ڳائيندا، باجا ۽ سيٽيون وڄائيندا، خوشيون ڪندا ويندا آهن. هرهڪ گهر ۾ آهي ’بادشاهه‘ کي ڇڏي ڏيندا آهن، جو ڊوڙي اتان فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جلوس ۾ شامل نقلي سپاهي، پنهنجيءَ ڪاٺ جي ترار سان بادشاهه جي ڇوڏن واري جبي کي ڌڪ هڻندو آهي. ان کان پوءِ خيرات گهري ويندي آهي. بادشاهه کي قتل ڪرڻ جي رسم، جا هن ڳوٺ ۾ ڪجهه قدر ڏيهي پڄي ويئي آهي، سا بوهيميا جي ٻين علائقن ۾ اهڙي ڍنگ سان ادا ڪئي ويندي آهي، جو ته ڪو سچو واقعو ٿي رهيو آهي. ڪونيگرالز ضلعي جي ڳوٺن ۾ ”وٽمنڊي“ ڏينهن نوجوان ڇوڪريون ۽ ڳوٺاڻا ڇوڪرا بهترين لباس ڍڪي

۽ رنگا رنگي پکين پڌي ميدان ۾ اچي ڪٺا ٿيندا آهن. ڇوڪريون لائيم جي هڪ وڻ هيٺان بيهنديون آهن، ته ڇوڪرا ٻئي هيٺان. نوجوان ڇوڪرا ’رائيءَ‘ لاءِ هڪ هار پوئيندا آهن، ته ڇوڪريون ’راجا‘ لاءِ. ’راجا‘ ۽ ’راڻي‘ منتخب ڪرڻ کان پوءِ، سڀئي گڏجي، جوڙي جوڙي ٿي، ڳوٺ جي شرابخاني جو رخ ڪندا آهن، جتي هڪ نقيب، شرابخاني جي گئلريءَ تان ’راجا‘ ۽ ’رائيءَ‘ جي نالن جو اعلان ڪندو آهي. ٻنهي کي اتي شاهي نشان ڏنا ويندا آهن ۽ دهل ۽ باجن جي شور ۾، ڪين ڳلن جا تاج پهرايا ويندا آهن. ان کان پوءِ نوجوانن منجهان هڪ جڻو، بينچ تي چڙهي، ’راجا‘ تي مختلف قسمن جا الزام مڙهيندو آهي، جهڙوڪ: چوپائي مال سان غفلت جو ورتاءُ. راجا اتي ويٺل شاهدن کي منٿ ميڙ ڪندو آهي ۽ مقدمي جي ڪارروائي شروع ٿيندي آهي. منصف کي اچي ڪپڙي جو گول ٽڪرو چاتيءَ وٽ سندس ڪپڙي ۾ لڳل هوندو آهي، جو سندس عهدي جو نشان هوندو آهي. مقدمي هلائڻ کان پوءِ جج ”ڏوهي“ يا ”بي ڏوهي“ جو فيصلو ٻڌائيندو آهي. جڏهن ’راجا‘ کي قصوروار ٺهرايو ويندو آهي، ته جج پنهنجي منصبي ڏنڊي کي ڀڃي ڇڏيندو آهي. ’بادشاه‘ هڪ اڇي ڪپڙي مٿان گوڏن ڀر جهڪندو آهي ۽ سڀئي حاضرين مٿا اگهاڙا ڪندا آهن، سپاهي ’بادشاه‘ جي مٿي تي ٽي يا چار ٽوپلا هڪ ٻئي جي مٿان رکندو آهي. منصف ٽي دفعا ”گنهگار“ جو لفظ زوردار آواز ۾ ادا ڪندو آهي ۽ نقيب کي ’بادشاه‘ کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏيندو آهي، جو ’بادشاه‘ جي ٽوپلن کي پنهنجيءَ ڪاٺيءَ واريءَ ترار سان ڌڪ هڻي اڏائي ڇڏيندو آهي.

پر شايد اسان جي مقصد لاءِ سڀني کان زياده ڪارائتي بوهيما جي هيٺين رسم آهي: پاسين ضلعي (بوهيميا) ۾، ’وٽمنبي‘ ڏينهن ’بادشاه‘ کي ڇوڏن جا ڪپڙا ڍڪايا ويندا آهن، جن کي گلن ۽ ربينن سان سينگاريو ويندو آهي. مٿي تي سونهري ڪاغذ جو تاج وجهندا اٿس ۽ سندس گهوڙي کي به گلن ۽ ان

ساڻ سينگاريندا آهن. 'بادشاه' کي جلوس جي صورت ۾، جنهن ۾ هڪ منصف، هڪ جلاد ۽ ٻيا اهڙا فرضي ڪردار شامل هوندا آهن، گهوڙيسوار سپاهين جي هڪ دستي جي وچ ۾ ڳوٺ جي چونڪ ۾ آڻيندا آهن، جتي ان موقعي لاءِ 'مئي-وڻ' هيٺان ساين ڏارين ساڻ هڪ ننڍو ڪمرو ٺاهيو ويندو آهي. اهي وڻ گهڻو ڪري ننڍا چيل هوندا آهن، جن جي ٽڙن جو ٻاهريون ڇوڏو لاٿو ويندو آهي ۽ پوءِ ڪين ۽ گلن ساڻ سينگاريو ويندو آهي. ڳوٺ جي گهرڏياڻين ۽ ڪنوارين ڇوڪرين جي نڪتهچيني ڪرڻ کان پوءِ، اهو جلوس هڪ اهڙي اڳواٽ مقرر ڪيل جاءِ تي پهچندو آهي، جا هڪ سڌي ۽ ويڪري گهٽيءَ ۾ هوندي آهي. اتي پهچي هو ٻه سڌيون صفون ٺاهيندا آهن ۽ بادشاه کي ڀڄڻ ڏيندا آهن، کيس ٿوري وٿي ڏيندا آهن، جنهن کان پوءِ سڄي جلوس جا گهوڙيسوار سندس پٺيان پوندا آهن. جيڪڏهن آهي 'بادشاه' کي پڪڙڻ ۾ ناڪامياب ٿيندا آهن، ته پوءِ هو سڄي سال لاءِ 'بادشاه' ٿي رهندو آهي ۽ سندس ساٿي انهيءَ شام جو کيس شرابخاني ڏانهن وٺي ويندا آهن، جتي اهي سندس دعوت ڪندا آهن. پر، جيڪڏهن بادشاه ڦاسي پوندو آهي، ته کيس ڏنڊن يا ڪاٺيءَ جي نقلي ترارين ساڻ مارڪٽ ويندي آهي ۽ کيس گهوڙي تان هيٺ لهڻ لاءِ مجبور ڪيو ويندو آهي. ان کان پوءِ جلاد پاڻ ئي پاڻ کان پڇندو آهي، ته، "ڇا آءٌ هن بادشاه جو سر لاهيان؟" جواب ايندو آهي، "ڀلي لاهينس". جلاد پنهنجي ترار ڦيرائيندو آهي، ۽ "هڪ، ٻه، ٽي، بادشاه جو سر ڀلي لهي" چئي، هو هڪ ئي ڌڪ ساڻ 'بادشاه' جي مٿي تان تاج اڏائي ڇڏيندو آهي. سڀئي حاضرين خوش ٿيندا آهن ۽ 'بادشاه' زمين تي ڪري پوندو آهي، جنهن کان پوءِ کيس ڪاٺيءَ تي رکي، سڀني کان وڌيڪ ويجهي ڪنهن زميندارِي گهر ڏانهن کڻي ويندا آهن.

انهن سڀني سانگن جي گهمسان وچان وڻ يا نباتات جي روح کي سڃاڻڻ مشڪل ڪونه آهي. وڻن جي ڇوڏن، پنن ۽

گلن مان، جن سان مختلف اداڪارن ۽ "بادشاهن" کي ڏيکيو ويندو آهي، ۽ سال جي انهيءَ موسم مان، جنهن ۾ آهي سانگ رچايا ويندا آهن، صاف ثابت ٿئي ٿو ته اهي سڀ ڳالهيون انهيءَ هڪ ئي طبقي سان وابسته آهن، جنهن سان "گاهه جي بادشاهه"، "مئي جي بادشاهه"، "جئڪ-ان-دي-گرين" ۽ نباتات جي ٻين سبز نمائندن جو واسطو آهي، جن جي مفصل چڪاس اسين مٿين بابن ۾ ڪري آيا آهيون. هن باري ۾ باقي رهيل شڪ کي دور ڪرڻ خاطر، اسان ڏٺو آهي ته ٻن حالتن ۾ مقتولن کي "مئي-وڻن" وٽ آندو ويندو آهي، جي وڻن جي روح جا اهڙي ئي طريقي سان غير شخصي نمائندا آهن، جهڙي نموني سان "مئي - بادشاهه"، "گاهه جو بادشاهه" وغيره ان جا شخصي عيوضي آهن. "پفنگسٽل" کي پاڻيءَ سان ڀڄائڻ ۽ هن جو ڪسيءَ اندر چولهه، جيڏي پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ، ٻنهي ڪنهن شڪ جي، مينهن وسائڻ جي انهن ٽوٽڪن مان هڪ آهي، جن جو اسين مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون.

پر جيڪڏهن اهي شخصيتون نباتات جي روح جي بهار جي موسم ۾ نمائندگي ڪن ٿيون، جا يقيناً ڪن ٿيون، ته پوءِ سوال هي آهي ته انهن کي مارجي ڇو ٿو؟ نباتات جي روح کي سال جي ڪنهن به وقت، ۽ خاص طرح بهار جي موسم ۾، جڏهن ان جي خدمتن جي سڀني موسمن کان وڌيڪ ضرورت آهي، مارڻ جو آخر مقصد ڪهڙو آهي؟ انهيءَ سوال جو فقط هڪ ئي امڪاني جواب انهيءَ سمجهاڻيءَ ۾ آهي ڏنل معلوم ٿئي ٿو، جا اسان خدائي بادشاهه يا پوڄاريءَ کي مارڻ جي رسم متعلق اڳيئي پيش ڪئي آهي. اها ديوتائي زندگي، جنهن مادي ۽ فاني جسم اندر پنهنجو ظهور ڪري ٿي، تنهن جي ناپائدار قالب جي ڪمزوريءَ سبب ڪوس داغي ۽ خراب ٿيڻ جو انديشو لاحق رهي ٿو، ۽ جيڪڏهن انهيءَ زندگيءَ کي روزانو وڌندڙ ڪمزوريءَ کان بچائڻ مقصود آهي، جا ڪوس انساني جسم جي وڌندڙ ڄمار سان گڏ لازمي طور

برداشت ڪرڻي پوندي، ته پوءِ اُن کي اُنهيءَ وقت کان اڳي ۾ يا گهٽ ۾ گهٽ عين اُنهيءَ وقت، جڏهن انساني جسم ڪمزوريءَ جون پهريون علامتون ظاهر ڪري، انساني قالب کان جدا ڪرڻ گهرجي ته جيئن اُن کي ڪنهن زياده طاقتور قالب ۾ آسانيءَ سان منتقل ڪري سگهجي. اهو مقصد ديوتا جي پراڻي نمائندي کي ماري، سندس ديوتائي روح کي ڪنهن نئين، ۽ زياده چست انساني روپ ۾ داخل ڪرڻ سان حاصل ڪيو ويندو آهي. چنانچه ديوتا، يعني سندس انساني روپ کي مارڻ، ڪيس نئين سر جيئارڻ يا بهتر شڪل ۽ صورت ۾ پيدا ڪرڻ جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، هڪ ضروري قدم آهي. اُنهيءَ مارڻ سبب ديوتائي روح بلڪل فنا ته نٿو ٿئي، اُلٽو هن جو اڳي کان وڌيڪ پاڪ ۽ زياده زوردار ظهور عمل ۾ اچي ٿو ۽ سندس نئين زندگيءَ جي ابتدا ٿئي ٿي. جيڪڏهن عام طرح خدائي بادشاهن ۽ پوڄارين کي مارڻ جي رسم متعلق اها سمجهاڻي ٺيڪ آهي، ته پوءِ اها ئي سمجهاڻي وڻن جي روح جي نمائندي، يا نباتات جي روح کي هر سال مارڻ جي رسم سان اڃا به وڌيڪ صفائيءَ سان لاڳو ٿئي ٿي. چاڪاڻ ته قديم نسل جو ماڻهو سياري ۾ نباتاتي زندگيءَ جي ڪومائجڻ کي نباتات جي روح جي ڪمزوريءَ سان تعبير ڪري ٿو. هو ائين سمجهي ٿو ته وڻن جو روح پوڙهو ٿي، ڪمزور ٿي چڪو آهي، جنهن ڪري اُن کي ماري، اڳي کان وڌيڪ جوان، ۽ زياده تازي صورت ۾ نئين سر جيئارڻ گهرجي. چنانچه بهار ۾ وڻن جي روح جي نمائندي کي مارڻ، نباتات جي واڌ ۾ تيزي ۽ اضافي آڻڻ جي برابر سمجهيو وڃي ٿو. چاڪاڻ ته وڻن جي روح جي مارجڻ کي هميشه سندس نئين، ۽ زياده قوتمند زندگيءَ جي آغاز سان وابسته سمجهيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح سڪسن ۽ ”ٿورنجين“ نسل وارن ماڻهن جي رسم مطابق، جڏهن ”وحشي ماڻهوءَ“ کي گوليءَ سان ماريو ويندو آهي، تڏهن ڪيس ’ڊاڪٽر‘ وري نئين سر جيئرو ڪندو آهي، هوڏانهن

وري ”ورملنگين“ رسم ۾ هڪ ”ڊاڪٽر فولادي ڏاڙهيءَ“ جو ڪردار به شامل آهي، جو ڪنهن گذريل زماني ۾ شايد ساڳيوئي فرض سرانجام ڪندو هوندو. يقيناً، بهار جي موسم جي هڪ ٻي رسم ۾، جنهن جو اسين اڳتي ذڪر ڪنداسين، ”ڊاڪٽر فولادي ڏاڙهي“ مثل ماڻهوءَ کي جيئري ڪرڻ جو سانگ رچائيندو آهي. پر ديوتا جي انهيءَ دوباره جيئري ٿيڻ متعلق، اڳتي هلي اسان کي ڪجهه وڌيڪ چوڻو آهي.

شمالي يورپ جي انهن شخصيتن، ۽ اسان جي جاچ جي موضوع — ’ٻيلي جي بادشاه‘ يا نيميءَ جي پوڄاريءَ — جي درميان مشابهت جا نڪتا ڪافي نمايان آهن. شمال جي انهن سانگ رچائيندڙن ۾ اسان کي ڪي اهڙا ’بادشاه‘ نظر اچي رهيا آهن، جن جي ڇوڏن ۽ پنن جي پوشاڪ، گلن، ۽ ساون پنن سان خاص طور تيار ڪيل جهوپڙي، جنهن جي هيٺان ويهي آهي دربار ڪن ٿا، پنهنجي زبانِ حال سان هيءُ اعلان ڪري رهيون آهن ته هي به پنهنجن اطالوي هم-رتبه شخصيتن وانگر، ”ٻيلي جا بادشاه“ آهن. انهن وانگر ئي، هنن کي به، نه فقط زوريءَ ڌاريو ويندو آهي، پر انهن وانگر ئي، هو به پنهنجي جسماني قوت ۽ توانائيءَ سان ڪجهه وقت تائين موت کان بچي سگهندا آهن. ڇاڪاڻ ته شمالي ملڪن جي انهن رسمن منجهان گهٽين ۾، بادشاه جي ڀاڄ ۽ سندس تعاقب، رسم جو هڪ نمايان حصو آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ حالت ۾، جيڪڏهن بادشاه ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آهي، ته پوءِ ڪيس ايندڙ هڪ سال لاءِ زندگيءَ، ۽ عهدي جو پروانو ملي پوندو آهي. انهيءَ پوئين حالت ۾ بادشاه کي درحقيقت، انهيءَ شرط تي عهدي ماڻڻ جي اجازت ڏني ويندي آهي ته ڪيس ٻئي سال اهڙي طريقي سان وري پنهنجي حياتي بچائڻ لاءِ ڀڄڻو پوندو، جهڙي نموني سان، پوين ڏورن ۾، ڪئليڪٽ جي بادشاه کي هر ٻارهين سال سڀني حمله آورن سان وڙهي، پنهنجي زندگيءَ کي بچائڻو پوندو هو، ۽ بالڪل اهڙي

ٿي نموني سان، جيئن ”نيميءَ جو پوڄاري“ هن شرط تي عهدو ماڻيندو هو، ته ڪيس ڪنهن به وقت ڪنهن به حملي ڪندڙ سان مقابلو ڪري پنهنجي زندگيءَ کي بچائڻو پوندو. انهن ميڙني حالتن سان هرهڪ ۾، انهيءَ ديوتا ـ انسان کي ويڙهه يا ڀاڄ جي موتمار مقابلي جي ذريعي هن حقيقت کي ثابت ڪرڻ سان ٿي وڌيڪ حياتيءَ جو پروانو ملندو آهي، ته سندس جسماني طاقت اڃا تائين هيٺي ڪانه ٿي آهي، جنهنڪري سندس موت کي، جو اڳي يا پوءِ، موتمار مقابلي جي نتيجي ۾ ٿي واقع ٿيڻو آهي، ۽ جنهن کان هو ڪنهن به حالت ۾ بچي نٿو سگهي، في الحال بغير ڪنهن ڊپ ڊاءَ، يا انديشي جي ملتوي ڪري سگهجي ٿو. ڀاڄ جي متعلق ايترو چوڻ ضروري آهي ته ’پيلي جي بادشاه‘ يا نيميءَ جي پوڄاريءَ جي ڏند ڪٿا، خواه سندس دستور ۽ رواج ۾، ڀاڄ نمايان ڪردار ادا ڪندي هئي. انهيءَ پوڄا جي روايتي بانيءَ، اوريسٽيس جي يادگيريءَ ۾ ”پيلي جي بادشاه“ کي هڪ مغرور غلام هٿان گهربو هو. ان ڪري ٿي هڪ قديم مصنف پيلي جي بادشاهن کي ”هٿ جو مضبوط ۽ پير جو تکو“ ڪوٺيو آهي. جيڪڏهن اسان کي ائريشيا واري هڙيءَ جي رسم بابت پوري پوري خبر چار ميسر هجي ها، ته شايد اسان کي اهو معلوم ٿئي ها ته ”نيميءَ جي بادشاه“ کي سندس پوهيما وارين ڀاڄ وانگر، پنهنجيءَ زندگيءَ کي بچي، بچائڻ جو موقعو ڏنو ويندو هو. مون اڳي ٿي اهو اندازو لڳايو آهي ته روم جي پوڄاري بادشاه جي ساليانيءَ ڀاڄ به پهريائين ساڳئي قسم جي ڀاڄ هئي. ٻين لفظن ۾ ته شروعات ۾ هو انهن خدائي بادشاهن مان هڪ هو، جن کي يا ته مقرر عرصي کان بعد قتل ڪيو ويندو آهي، يا ڪين مضبوط بازوءَ يا تيز رفتار پير سان هن ڳالهه ثابت ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو آهي ته سندن ديوتائي خصلتون اڃا پنهنجي پوري جوڀن ۾ آهن ۽ منجهن ڪا وڌ پيدا ڪانه ٿي آهي. اطالوي پيلي جي انهيءَ بادشاه ۽ يينڊس شمالي هم-رتبي وارن جي، د ميان مشابهت جو هڪ وڏيڪ

نڪتي ۾ ڌيان تي اچي ٿو. مئڪسمي ۽ ٿورنگون ۾ نباتات جي روح جي نمائندي کي قتل ڪرڻ کان پوءِ، هڪ 'ڊاڪٽر' وري زنده ڪندو آهي. نيمي پيلي جي ٻهرين بادشاه، "هپولائيٽس" "يا ورٻيئس" جي حالت ۾ به عين اها ئي ڪارروائي ٿي هئي، جو گهوڙن جي ٿهڻ سبب جڏهن هو مارجي ويو هو، تڏهن ڪوس ديوتائن جي ويد، "ايسڪيولاپيئس" دوباره زنده ڪيو هو. اها روايت هن نظريئي سان بلڪل ٺهڪي ٿي اچي ته 'پيلي جي بادشاه' کي قتل ڪرڻ، سندس دوباره زنده ٿيڻ، يا پنهنجي جانشين ۾ نئون روپ اختيار ڪري اچڻ لاءِ هڪ ضروري قدم هو.

٢- **ڪارنيوال کي دفن ڪرڻ:-** هن وقت تائين ته مون انهيءَ قاعدي جي سمجهاڻي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن موجب نيميءَ جي پوڄاريءَ کي پنهنجي جانشين هٿان مرڻو پوندو هو، ۽ اها سمجهاڻي امڪاني هئڻ کان وڌيڪ دعويٰ نٿي رکي، انهيءَ رسم، ۽ ان جي تاريخ متعلق اسان جي ٿوري ڄاڻ، ان کي امڪاني هئڻ کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن به درجي ڏيڻ جي راه ۾ مانع آهي. پر انهيءَ امڪان کي اوتري ئي تناسب سان تقويت ملندي، جيتريءَ حد تائين انهن مقصدن ۽ خيالن جي طريقن کي، جن کي اهو تسليم ڪري ٿو، اوائلي معاشري ۾ ڪم ڪندڙ ثابت ڪري سگهبو. هن وقت تائين جنهن ديوتا جي موت ۽ نئين جنم سان اسان پنهنجو خاص واسطو پئي رکيو آهي، سو وڻن جو ديوتا آهي. پر جيڪڏهن آءٌ هيءَ حقيقت ثابت ڪري سگهان ته ديوتا کي قتل ڪرڻ جي رسم ۽ ان جي دوباره زنده ٿيڻ جي اعتقاد جو آغاز انساني معاشري جي انهيءَ منزل تي ٿيو، جڏهن انسان شڪاري ۽ خانہ بدوشي زندگي گذاري رهيو هو، ۽ ان وقت سندس مقتول ديوتا هڪ جانور هوندو هو، ۽ ان کان پوءِ ساڳيو ئي اعتقاد معاشري جي زرعي دؤر ۾ به هلندو آيو، جڏهن مقتول ديوتا اناج، يا انساني صورت ۾ اناج جو نمائندو هوندو هو، ته پوءِ منهنجيءَ سمجهاڻيءَ جي صحيح هئڻ

جو امڪان اچا به ڪافي حد تائين وڌي ويندو. ان ڳالهه کي آءٌ بعد ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ انهيءَ بحث جي دوران ۾ اميد ته آءٌ ڪن منجهيل ڳالهين جي سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس، جي اڃا صفائيءَ جون محتاج آهن. ۽ انهن اعترا ن جا جواب به ڏيندس، جي پڙهندڙن جي دلين ۾ مطالعي جي دوران ۾ آئيا هوندا.

اچو ته وري اتان شروع ڪيون، جتي ڇڏيو هوسون — يورپي ڪڙمين جون بهار واريءَ موسم جون رسمون. انهن رسمن کان علاوه، جن جو اسين اڳيئي ذڪر ڪري چڪا آهيون، ساڳيءَ خاندان سان واسطو رکندڙ رسمن جا ٻه اهڙا جوڙا موجود آهن، جن ۾ ديوتائي يا فوق الفطري هستيءَ جو موت سندن سالن جو لازمي حصو هوندو آهي. انهن رسمن مان هڪ ۾، جنهن هستيءَ جو موت ڊرامائي انداز ۾ پيش ڪيو ويندو آهي، سو ڪارنيوال جو مجسمو هوندو آهي؛ ۽ ٻيءَ ۾، خود "موت" جو موت پيش ڪيو ويندو آهي. پهرين رسم قدرتي طور ڪارنيوال جي آخر ۾ ادا ڪئي ويندي آهي، جا موج ۽ مستيءَ جي انهيءَ موسم جي پوئين ڏينهن، يعني شيروو-اگاري" تي يا "لينٽ"* جي پهرين ڏينهن، يعني "انش-اربع" تي، هوندي آهي، ٻيءَ رسم جي تاريخ — يعني 'موت' کي ڪڍي وڃڻ، يا ڌڪي ٻاهر ڪڍڻ، جيئن ان کي عام طور سڏيو ويندو آهي — اهڙيءَ يڪسانيت سان مقرر ٿيل ڪانه آهي. اها گهڻو ڪري "لينٽ" جي چوٿين آرتوار تي هوندي آهي، جنهن تي ان کري "مرده آرتوار" جو نالو ڏنجي ويو آهي؛ پر ڪن هنڌن تي اهو ميلو هڪ هفتو اڳ ٿيندو آهي ۽ ڪن ٻين ملڪن،

* ايسٽر جي ڏڻ کان اڳ چاليهن ڏينهن جو اهو عرصو، جنهن ۾ آرتوار کان سواءِ هر روز نفس کي مارڻ لاءِ عيسائي مذهب وارا روزا رکندا آهن. انهيءَ عرصي جي شروعات اربع جي ڏينهن ٿيندي آهي، جنهن کي "انش- اربع" سڏيو ويندو آهي ۽ ان جو پويون ڏينهن اڱارو هوندو آهي، جنهن کي "شيروو. اڱارو" چوندا آهن .

جهڙوڪ بوهيميا جي زيڪ نسل وارن لوڪن وٽ، هڪ هفتو پوءِ ۽ موراويا جي ڪن جرمن لوڪن جي ڳوٺن ۾ ساڳيو ئي ميلو ايسٽر کان پوءِ ايندڙ پهرين آرتوار تي ملهايو ويندو آهي. ٿي سگهي ٿو ته، جيئن ڪن عالمن طرفان راءِ ڏني ويئي آهي، اوائل ۾ اها تاريخ ڦرندڙ گهرندڙ هجي ۽ ان جي تقرر جو دارومدار بهار جي موسم جي ڪنهن پهرين نقيب جي ظاهر ٿيڻ تي هجي. ڪن مصنفن جو رايو آهي ته اها رسم "سلئو" نسل جي لوڪن وٽان آيل آهي. 'گِرم' جو خيال هو ته قديم "سلئو" نسل وارن لوڪن وٽ اهو "نئين سال" جو ميلو هو، جو انهن جو سال مارچ کان شروع ٿيندو هو. اسين پهريائين 'ڪارنيوال جي دفن' جي سانگ تي غور ڪنداسون، جو ڪئلينڊر ۾ پڻ واقعي کان اڳ ۾ ايندو آهي.

روم ۽ نيپلس جي آڌ تي، ليئم ۾ گٽي جي فروسينون شهر ۾ اطالوي ڳوٺاڻي زندگيءَ جي يڪسانيت، ڪارنيوال جي پوئين ڏينهن تي، قديم زماني جي ميلي جي صورت ۾، جنهن کي "رئبڊيڪا" چيو ويندو آهي، ڏاڍي وڻندڙ نموني سان ٽٽندي آهي. شام جو چئين بجي ڌاري، شهر جي بئنڊ مزيدار ۽ وڻندڙ سُرَ وڄائيندي ماڻهن جي انبوهه سان گڏ "پيازا ڊيل پلوبسيئو" ڏانهن ويندي آهي جتي "سب-پرفيڪچر" ۽ ٻيون سرڪاري عمارتون بيٺل آهن. هتي، چونڪ جي عين وچ ۾، تماشائين جون اميد پريون نظرون رنگا رنگي جهنڊن ۽ بيرڪن سان سينگاريل چئن گهوڙن واريءَ هڪ وڏيءَ گاڏيءَ سان ٽڪرائينديون آهن. انهيءَ گاڏيءَ مٿان هڪ وڏي ڪرسي رکيل هوندي آهي، جنهن جي مٿان 'ڪارنيوال' جو هڪ ۹ فوٽ ڊگهو، سرخ ۽ مشڪندڙ چهري وارو شاهي بت رکيل هوندو آهي، اُجو ڳوٺيءَ جو ٿلهيل هوندو آهي. هن شاهاڻي شخصيت جي ٻاهرين صورت به اهڙي ئي عجيب و غريب نموني سان سينگاريل هوندي آهي: سندس پيرن ۾ هڪ وڏو ويڪرو بوٽ، مٿي تي ٽين جو هڪ ٽوپلو،

جهڙو اٽليءَ جا بحري فوجي آفيسر پائيندا آهن ۽ بدن تي رنگ برنگ ڪپڙي جو ڪوٽ، جنهن تي عجيب و غريب شڪليون چٽيل هونديون آهن؛ هن جو ڪاٺو هٿ آرام سان ڪرسيءَ جي ٻانهن تي رکيل هوندو آهي ۽ ساڄي هٿ سان هو شاهاڻي انداز سان تماشبينن کي سلام ڪندو ويندو آهي. ان جي ٻانهن کي هيٺ مٿي ڪرڻ لاءِ هڪ ماڻهو سندس ڪرسيءَ پٺيان لڪو ويٺو هوندو آهي، ماڻهن جو هجوم، گاڏيءَ جي چوڌاري سمنڊ جي لهرن وانگر چڙهندو ايندو آهي ۽ خوشيءَ ۽ جوش وچان پنهنجا گلا ڦاڙي پنهنجن جذبن جو اظهار ڪندو آهي؛ هرقسم جا ماڻهو، ساده دل خواه تيزمزاج، هڪ ئي هنڌ مليا بيٺا هوندا آهن ۽ ڏاڍي جوش ۽ خروش وچان "سالٽاريلو" ناچ نچندا آهن. هن ميلي جي خصوصيت هيءَ هوندي آهي ته تماشائين مان هرهڪ کي پنهنجي هٿ ۾: "عودالطيب" جي ٻوٽيءَ جو وڏو ٻن ڪٽڻو هوندو آهي. جيڪڏهن ڪوبه تماشائي انهيءَ ٻن کان سواءِ ميلي ۾ شامل ٿيڻ جي جرئت ڪندو آهي، ته ان کي بيعزتيءَ سان ڌڪي مجمع مان ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي، پر اهڙي ٻن جي بدران، جيڪڏهن هو هڪ وڏي لڪڙي جي چوٽيءَ تي گوبيءَ جو وڏو گل ٻڌي، گاهه مان عجيب و غريب نموني سان ونيل چوٽي ٻڌي مٿي ڪري بيهاريندو آهي، ته پوءِ کيس ناچ ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت هوندي آهي. ماڻهن جو هجوم جڏهن انهيءَ گاڏيءَ کي "سب-پرفيڪچر" واريءَ عمارت اڳيان وٺي پهچائيندو آهي، تڏهن جلوس وارا ماڻهو ٻاهر بيهي رهندا آهن ۽ گاڏي حاطي جي پٿرن مٿان گڙگڙ ڪندي آهستي آهستي عمارت جي ايوان ۾ داخل ٿيندي آهي. ماڻهن مٿان ان وقت خاموشي طاري ٿي ويندي آهي ۽ سندن دٻيل آواز، هڪ اهڙي تماشائي جي بيان مطابق، جنهن اهو آواز پنهنجن ڪنن سان ٻڌو هو، ائين معلوم ٿيندا آهن، جيئن طوفاني سمنڊ جو زوڪات ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. هينئر سڀني جون اکيون دروازي ڏانهن کڄي وينديون آهن، جتان "سب-پرفيڪٽ" ۽ قانون جي جاه و جلال جا ٻيا

نمائندا ٻاهر نڪري، وقت جي انهيءَ هيروءَ کي سلامي ڏيندا آهن؛ انتظار جي چند گهڙين کان پوءِ، نعرن ۽ تاڙين جو ٺهڪو شروع ٿي ويندو آهي. ”سب-پرفيڪٽ“ ۽ ٻيا معززين ڏاڪڻ تان هيٺ لهي، ڏاڍي شان ۽ مان سان اچي جلوس ۾ شامل ٿيندا آهن. ان کان پوءِ مجمع جي گڏيل آواز ۾ ’ڪارنيوال‘ جو گيت ڳايو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ تماشائين جي نعرن جي زوردار گونج ۾ ”عودالطيب“ ٻوٽي جا وڏا پن، گوبيون ۽ گاه جون چوٽيون هوا ۾ مٿي اڇلايون وينديون آهن، جي اعليٰ ۽ ادنيٰ جي مٿن تي اچي ٽڪاءُ ڪنديون آهن، ۽ آهي وري هڪ ٻئي سان اچي ڪِرنديون آهن ۽ خوب شور و غوغا بلند ٿيندو آهي. جڏهن اهي سڀ ابتدائي ڪارروايون هرڪنهن جي مرضيءَ مطابق پوريون ٿينديون آهن ۽ سڀني جي دل خوشيءَ وچان اڇلون ڏيندي آهي، تڏهن جلوس اڳتي وڌندو آهي؛ جلوس جي آخر ۾ هڪ گاڏي هوندي آهي، جا شراب جي وڏن پيپن ۽ پوليس جي سپاهين سان ڀريل هوندي آهي، جي دل کولي اهڙن سڀني ماڻهن کي شراب جا جام ڀري ڏيندا ويندا آهن، جي پيئڻ جا مشتاق هوندا آهن؛ ۽ هوڏانهن گاڏيءَ جي پويان ماڻهن جو بي پناه هجوم، سرڪاري خرچ تي مدهوش ٿيڻ جي موقعي مان گهڻي کان گهڻو فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ، هڪ ٻئي جي مٿان ڪرندو، ٿڙندو، ٿاٻڙندو، گاريون ۽ گند ڪيندو، رڙيون ڪندو ۽ هڪ ٻئي کي ڌڪ ڏيندو، خوشيءَ وچان اهي سڀ ڳالهيون برداشت ڪندو، اڳتي وڌندو رهندو آهي. آخرڪار، جڏهن جلوس شهر جي مکيه گهٽين ۽ رستن تان اهڙي شان ۽ شوڪت سان ڦري ايندو آهي، تڏهن ’ڪارنيوال‘ جي مجسمي کي چونڪ جي وچ تي ڪڍي ويندا آهن، جتي منجهس سڀ ڪپڙا لاهي، ڪيس ڪاٺين جي ڍير تي رکي، باهه ڏيندا آهن. تماشائي پيهر ’ڪارنيوال‘ جو راڳ ڳائيندا آهن ۽ ”عودالطيب“ جا پن مجسمي جي چڪيا تي اڇلائي، هڪ دفعو وڏيڪ مستيءَ ۽ مدهوشيءَ ۾ نچڻ، ۽ عيش جو داد ڏيڻ شروع

ڪندا آهن.

ابروزيءَ ۾ چار گورکڻ، جن جي وات ۾ شرنايون ۽ ڪمر ۾ شراب جون بوتلون لٽڪنديون رهنديون آهن، دفتريءَ مان نڪتل "ڪارنيوال" جو بت کڻي هلندا آهن. جلوس جي اڳيان "ڪارنيوال" جي زال، ماتمي ڪپڙا پائي، روئندي رڙندي هلندي آهي. ٿورو اڳيرو هلي، جلوس بيهي رهندو آهي ۽ "ڪارنيوال" جي زال پبلڪ کي مخاطب ٿي همدرديءَ لاءِ اپيل ڪندي آهي ۽ گورکن پنهنجي نفس کي راضي ۽ تازي ڪرڻ لاءِ بوتل مان ڍڪ ڀريندا آهن. شهر جي چونڪ ۾ 'ڪارنيوال' جي بت کي ڪاٺين جي چکيا تي رکيو ويندو آهي ۽ ڪيس دهلن جي ڌما ڌم، زالن جي رڙين ۽ ڇيڪن، ۽ مردن جي ڪِري ۽ گهگهي آواز جي وچ ۾ باهه لڳائي ويندي آهي. جيستائين بت سڙندو رهندو آهي، تيستائين تماشائي هڪ ٻئي تي ڪاڙها ڦڪل ڀر آڇلائيندا رهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن وري سانگ رچائيندڙ "ڪارنيوال" جو بت گاهه مان ٺاهي، هڪ ڏکي لڪڙي تي چاڙهي شهر جي مکيه رستن ۽ گهٽين مان ڦِرن کان پوءِ گهمائيندا آهن. شام جي وقت جلوس مان چار ڄڻا هڪ چادر يا سوڙ کڻي ڇڻن ڪنبڻ کان پڪڙي، ڇڪي جهلي بيهندا آهن ۽ "ڪارنيوال" کي ان ۾ ڪيرائيندا آهن. جلوس وري اڳتي وڌندو آهي ۽ تماشائي ڪوڙا ڳوڙها ڳاڙيندا ويندا آهن. پنهنجي ڏک ۾ اضافي ڪرڻ لاءِ ٿالهيون ۽ گهنڊ وڄائيندا هلندا آهن. ڪڏهن وري ابروزيءَ ۾ مثل "ڪارنيوال" جو ڪردار جيئرو ماڻهو ادا ڪندو آهي ۽ ڪفن جي صندوق ۾ سمهندو آهي. هڪ ٻيو ماڻهو پادريءَ جو پارٽ ادا ڪندو آهي ۽ غسل ڪرڻ جي ٽب مان مڙدي مٿان پاڻي هاري، مقدس پاڻيءَ جي ڇنڊڻ وجهڻ جو ڍونگ ڪندو آهي.

ڪٽالونيا ۾ ليريڊا وٽ، هڪ انگريز ١٨٧٧ع ۾ 'ڪارنيوال' جو ميت ڏٺو هو. 'ڪارنيوال' جي پوئين آرتوار ڏينهن هڪ شاندار جلوس ڪڍيو ويو هو، جنهن ۾ پياده ۽ گهوڙيسوار فوجي ۽

ڪيترن قسمن جا نقاب پوش، ڪي گهوڙن تي، ته ڪي گاڏين ۾، اعليحضرت پانوپي، جيئن مجسمي کي مڏيو ٿي ويو، جي شهر جي اهم رستن ۽ گهٽين مان شاهاڻيءَ سواريءَ جي پيشوائي ڪندا ٿي هليا. ٽن ڏينهن تائين جشن ۽ خوشيون هلنديون رهيون ۽ ڪارنيوال جي پوئين ڏينهن اڌ رات وقت، ساڳيو ئي جلوس گهٽين مان لنگهيو، پر آن دفعي پئي ڍنگ ۽ مختلف مطلب سان. شاهاڻي گاڏيءَ جي بجاءِ هن دفعي هڪ تابوت ساڻ هين، جنهن ۾ اعليحضرت جو لاش رکيل هو. جن نقاب پوشن هن کان اڳ غلط ڪار طالبعلمن جو ڪردار ادا ڪيو هو، ۽ جن هڪ پئي پٺيان چرچن ۽ پوڳن جي پڙ لائي ڏني هئي، سي هينئر پادرين ۽ پشپن جي وردين ۾ ملبوس ٿي، هٿن ۾ مشعلون کڻي ۽ مرثيا ڳائيندا، قدم بقدم اڳتي هلندا پئي آيا. سڀني کي ڪارا ڪپڙا پيل هئا ۽ گهوڙيسوارن کي هٿن ۾ ٻريل مشعلون هيون. شاهي رستي جي ٻنهي پاسن تي ستن ۽ اٺن ماڙين، ۽ ويڪرين ۽ شاندار ڇڇڙين وارين بلند عمارتن جي درين، گئلرين ۽ ڪوٺن تان ماڻهن جا هشام، عجيب و غريب ريشمي نقاب پائي، نظارو ڏسي رهيا هئا. هيءُ عجيب جلوس ڏاڍي سنجيدگيءَ سان قدم بقدم اڳتي وڌندو رهيو. سڄي جلوس مٿان ٻريل مشعلن سبا پاچا ۽ شعاع پوندا رهيا، ڳاڙهيون ۽ نيليون بينگالي هوايون سڙنديون ۽ وسامنديون رهيون. گهوڙي جي سنبن ۽ ماڻهن جي قدمن جي گڏيل آوازن جي وچ مان پادرين جي مرثين جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو. انهن سڀني آوازن وچان فوجي بئنڊ جي دهلن مان جيڪو رکي، رکي دبيل ۽ ماتمي آواز نڪري رهيو هو، سو پنهنجو مخصوص اثر ڇمائي رهيو هو. شهر جي وڏي چونڪ وٽ پهچي جلوس هڪ هنڌ بيهي رهيو، ۽ مرحوم ”پانوپي“ جي جنازي مٿان هڪ زوردار تقرير ڪئي ويئي ۽ سڀ روشنايون گل ڪيون ويئون. هڪدم جلوس مان شياطين نڪري ٻاهر ٽپيا ۽ جنازي کي کڻي وٺي ڀڳا، تماشبين رڙيون

۽ دانهون ڪندا، انهن جي پٺيان پيا ۽ آخرڪار اهي شيطانن کان جنازو کسڻ ۾ ڪامياب ٿيا. شيطانن تي قبضو ڪري، ڪين پچايو ويو ۽ بت کي هڪ قبر ۾ دفن ڪيو ويو، جا ان لاءِ اڳواٽ ئي تيار ڪئي وئي هئي. اهڙي طريقي سان "لوريڊا" وارو ڪارنيوال سن ١٨٧٧ع ۾ مئو ۽ دفن ڪيو ويو.

ساڳي ئي قسم جي هڪ تقريب "پراوينس" ۾ 'ائش-ارنغ' ڏينهن ملهائي ويندي آهي. 'ڪئراماٽران' نالي هڪ مجسمي کي، جنهن کي ٻه ڏنگي ٽمولي جا ڪپڙا ڍڪايا ويندا آهن، گاڏيءَ يا ماڻهن جي ڪلهن تي کنيو ويندو آهي ۽ ڪيس جلوس جي صورت ۾ سڄي شهر جي گهٽين ۽ رستن تان ڦيرايو ويندو آهي. جلوس ۾ شامل ٿيل سڀني تماشائين کي ۽ اهڙي ئي قسم جا ٻه ڏنگا ڪپڙا پيل هوندا آهن ۽ هر هڪ جي هٿ ۾ شراب جو هڪ ڏول هوندو آهي، جنهن مان هو وقت بوقت سرڪي پيئندو ويندو آهي ۽ ائين ڏک ڏيندو آهي ته ڪيس ڏاڍو نشو آهي. جلوس جي منهن ۾ ڪي ماڻهو ججن ۽ بئريسٽرن جي پوشاڪ ۾ هوندا آهن ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ ڊگهو، سنهو ۽ ڏٻرو ماڻهو هوندو آهي، جو خود "لينٽ" جو ڪردار ادا ڪندو آهي. انهن جي پٺيان وري نوجوانن جو هڪ ٽولو هوندو آهي، جنهن ۾ شريڪ ٿيل سڀني ماڻهن کي قاتل ڪپڙا پيل هوندا آهن ۽ اهي ڏٻرن گهوڙن تي سوار هوندا آهن، ماتمي ٽولي جا اهي ماڻهو اهڙو ڍونگ ڪندا آهن، ڄڻ ته ڪين 'ڪئراماٽران' جي اهڙي دردناڪ انجام تي سخت افسوس ۽ ارمان آهي. شهر جي مکيه چوڪ ۾ جلوس ختم ٿيندو آهي، جتي هڪ عدالت تجويز ڪئي ويندي آهي، 'ڪئراماٽران' کي جوابدار جي پڃري ۾ کڙو ڪيو ويندو آهي. ٿوري ڪارروائيءَ پڄاڻا ان کي موت جي سزا ڏني ويندي آهي، جنهن تي هجوم آهه و بڪا بلند ڪندو آهي، جنهن بئريسٽر جوابدار جو بچاءُ ڪيو هوندو آهي، سو ڪيس آخرين بار وڃي ڀاڪر پائيندو آهي ۽ پوءِ انصاف ۽ عدل جي تڪميل ڪندڙ آفيسر پنهنجي فرض ادائي

ڪندا آهن. سزايافته جوابدار کي پٺ ڏانهن ٻڌي ڪري ٻهاريو ويندو آهي ۽ جلد ئي کيس پٿرن سان پورو ڪري، سندس ڇيڇريل ۽ ڇٽيل لاش کي پر واري سمنڊ يا درياهه ۾ اڇلايو ويندو آهي. آرڊيننس جي قريباً سڀني علائقي ۾ "ائش-اربع" ڏينهن اهو رواج هو، ۽ اڄ به موجود آهي، ته هڪ مجسمو، جنهن کي 'ڪارنيوال' جو نمائندو سمجهيو ويندو آهي، سو باهه ۾ ساڙيو ويندو آهي ۽ ان وقت موزون منتر آلاپيا ويندا آهن. ڪوشش ڪري مجسمي جي شڪل ڳوٺ جي اهڙي ماڻهوءَ جي صورت سان مشابهت رکندڙ ڏاهي ويندي آهي، جو پنهنجيءَ زال سان بيوفا ثابت ٿيو هوندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ گهريلو جهڳڙن ٿيڻ جو ڪافي انديشو رهندو آهي، خاص طرح جڏهن اهو مجسمو انهيءَ رنگين طبيعت واري دوکيباز جي گهر اڳيان ساڙيو ويندو آهي، جنهن جو اهو همشڪل هوندو آهي. مجسمي کي باهه لڳڻ وقت حاضرين مان طعنن، لعنت، ملامت ۽ ٺٺڪار جي آوازن بلند ٿيڻ سان گڏوگڏ ڪي سُريلا آواز به ٻڌڻ ۾ ايندا آهن، جن مان ثابت ٿيندو آهي ته واسطيدار ماڻهوءَ جي خانگي ۽ شخصي اخلاقن جي باري ۾ سندس ڳوٺاڻن، واقفڪارن، همساين، دوستن ۽ عزيزن جي دلين ۾ ڪهڙو رايو آهي. آرڊيننس جي ڪن ڳوٺن ۾، هڪ جيئرو جاڳندو نوجوان، جنهن کي سڪل گاهه ۽ پلال جو لباس پارايو ويندو هو، "شروو-اگاري"، ڏينهن "ماردي گراس" (جنهن نالي سان ڪارنيوال کي فرانس جي اڪثر علائقن ۾ سڏيو ويندو آهي) جو ڪردار ادا ڪندو هو. کيس هڪ نقلي عدالت جي روبرو پيش ڪيو ويندو هو، جتان کيس موت جي سزا ملندي هئي. ان کان پوءِ کيس ديوار ڏانهن پٺ ڪرائي بيهاريو ويندو هو ۽ جهڙيءَ طرح هڪ فوجيءَ کي گولي هڻي ماريو ويندو آهي، تهڙيءَ طرح کيس خالي ڪارتوس هڻي، مارڻ جو سانگ رچايو ويندو هو. ورجينا بوئي شهر ۾ "ٽايري" نالي هڪ اهڙي بي ضرر مسخري کي محض هڪ اتفاق سان گولي لڳي ويئي، جا

غلطيءَ کان بندوق اندر رهجي ويئي هئي ۽ هو آفت مري ويو هو. جڏهن ويچارو ”شروو-اڳارو“ گوليءَ لڳڻ سبب ڪري پيو، تڏهن تماشائين مان ڍير تائين زوردار تاڙين جي ٺهڪن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، ڇاڪاڻ ته هن پنهنجو ڪردار اهڙيءَ خوبصورتيءَ سان بلڪل قدرتي نموني سان ادا ڪيو، جو سڀني حاضرين کي بيحد پسند آيو ۽ جڏهن هو گهڻيءَ دير تائين اٿيو ئي ڪونه، تڏهن سڀئي تماشائي اٿي ڏانهنس ڊوڙيا، ۽ ڇا ڏسن ته هو مئو پيو آهي، ان کان پوءِ آرڊينس ۾ وري ڪو به اهڙو سانگ نه رچايو ويو آهي.

نارمنڊي ۾ ”اٿش-اربع“ جي شام جو هڪ اهڙي تقريب ملهائي ويندي هئي، جنهن کي ”شروو-اڳاري جو دفن“ سڏيو ويندو هو. هڪ ميرو ۽ گندو پوتو، جنهن جو جسم ٽورين، گهڻين ليڙين سان اڌورو ڍڪيل هوندو هو، ۽ جنهن جي مٿي ۾ هڪ ڦاٽل، ٽٽل ٽوپلو پيل هوندو هو، جنهن کي زور سان دٻائي، سندس ميري ڇهري کي اڌورو ڍڪيو ويندو هو، ۽ جنهن جي وڏي ۽ گول پيٽ کي گاهه سان ڀريو ويندو هو، سو آلهيءَ بيعزتي، ۽ پوڙهي فضول خرچ جي نمائندگي ڪندو هو، جو ٻک ۽ افلاس جو ڏکيو عرصو گذارڻ کان پوءِ، هينئر پنهنجن گناهن جي سزا ڀوڳڻ وارو هو. هڪ دفعي ”ڪارنيوال“ جي انهيءَ مقبول عام نمائندي، جنهن کي هڪ ٿلهي ۽ متاري ماڻهوءَ جي ڪلهن تي سوار ڪيو ويو هو، جو سندس ڀار هيٺان دٻجي، ٽڙڻ ۽ ٿاٻڙڻ جو ڍونگ ڪري رهيو هو، آخرين بار هڪ اهڙي جلوس جي صورت ۾ شهر جي رستن ۽ گهٽين مان چڪر هنيا، جنهن کي فاتحانه جلوس نه چئي سگهبو. جلوس جي اڳيان هڪ دهلاري هلندو هو ۽ ان ۾ شهر جا رولو چورا، لوفر، لفنگا، بيڪار ۽ بدمعاش وڏي تعداد ۾ اچي ڪٺا ٿيندا هئا، جي ٻت کي ٿالهين، ڇمٽن، دلن، مگن ۽ چانهه دانين جي بي سُري شور، نعرن ۽ سيٽين جي گڏيل غوغا ۾، ڪلهن تي کڻي، مشعلن جي جهڪيءَ روشنائيءَ ۾ شهر ۾ ڦيرائيندا هئا ۽ رڪي رڪي جلوس

ٻيهي رهندو هو ۽ ماڻهن منجهان هڪ چڻو، جنهن کي اخلاق ۽ نيڪيءَ جو علمبردار ٺاپيو ويندو هو، ٻاهر نڪري، دل شڪستہ ۽ ٻوڙهي گنهگار تي گذريل زماني جي سڀني گناهن جا الزام مڙهيندو هو، جن جي پاداش ۾ کيس ان وقت جيئرو باهہ ۾ جلايو ويندو هو. جوابدار پنهنجي بچاءَ ۾ ڪجهہ بہ نہ چئي سگهندو هو، جنهن ڪري کيس گاهہ جي ڍڳ مٿان اڇلايو ويندو هو، جنهن کي هڪدم باهہ ڏني ويندي هئي. باهہ جي شعلن اڀرڻ سان گڏ، ننڍا وڏا، خوش ٿيندا، هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندا ۽ 'ڪارنيوال' جا پراڻا گيت ڳائيندا وتندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن وري ٻوتي کي ساڙڻ کان اڳ، ان کي ڪنهن نڪريءَ جي لاهيءَ تان گسڪائي هيٺ اڇلايو ويندو هو. "سينٽ لو" ۾ 'شرووـ اگاري' جي ڏتڙيل ٻوتي جي پٺيان سندس بيوه ايندي هئي، جا درحقيقت هڪ ڏيڍو مشٽنڊو لفنگو هوندو هو، جنهن کي ماتم جا ڪارا ڪپڙا پارايا ويندا هئا ۽ جو وقت بوقت ٿلهي ۽ گهگهي آواز ۾ افسوس ۽ غم جي اظهار جو ڍونگ ڪندو ايندو هو. ٻوتي کي سڄي شهر جي گهٽين ۽ رستن تان گهمائي ڦيرائي، سندس نقاب پوش ڪانڌي آخرڪار کيس واير درياهہ ۾ اڇلائيندا هئا. اهڙي قسم جي آخرين تماشي جو مفصل بيان مئڊم اوڪينوفليٽ ڏنو آهي، جنهن اهو جلوس ننڍيءَ ڄمار ۾ اٽڪل سٺ سال اڳي پنهنجين اکين سان ڏٺو هو. "منهنجي والدين پنهنجن ڪن دوستن کي 'جين ڪولارڊ' جي منارن تي ويهي ماتمي جلوس ڏسڻ لاءِ مدعو ڪيو هو. اتي ليمونيڊ جون سرڪيون پرينديون ــ چاڪاڻ تہ روزي هئڻ سبب فقط ليمونيڊ پيئڻ جي ئي اجازت هئي ــ اسان شام جي وقت اهڙو نظارو ڏٺو، جنهن جي يادگيري مون کي زندگيءَ تائين تازي رهندي. اسان جي هيٺان واير درياهہ پنهنجي پراڻي پٿريلي پل هيٺان وهي رهيو هو. پل جي وچ تي پنن ۽ گلن سان ڍڪيل "شرووـاگاري" جو بت رکيو هو، جنهن جي چوگرد ڪيترا نقاب پوش هئا ۽ مشعلون جهلي نچندا ۽ ڳائيندا، هيڏانهن هوڏانهن

ڊوڙي رهيا هئا. انهن منجهان وري ڪي، رنگا رنگي ڪپڙن ۾ ملبوس پل جي مٿين ڪناري تان نڪرندڙ شيطانن وانگر ڊوڙي رهيا هئا، ٻيا وري ڊڪ ڊوڙ ۾ تماشي کان ٽڪجي، ٿنڀن جو سهارو وٺي، ٿڪيون ڪاٽي رهيا هئا. جلد ئي ناچ ختم ٿيو ۽ تماشائين منجهان ڪن ٻوٽي کي ٻاهه ڏيئي وٺي درياهه ۾ ڦٽو ڪيو، ان وقت جيڪو هل ۽ شور و غوغا ڪيو ويو، تنهن جو بيان ڪرڻ مشڪل آهي. ٻوٽي کي جو روغن لڳل هو، ان ڪري اهو وائر درياهه جي وهڪري ۾ ٻرندو ۽ تيزيءَ سان هيٺ لهندو ويو ۽ ان جي روشنائيءَ ۾ درياهه جي ڪنارن وارا جهنگ، ۽ قلعي جي فصيل، ۽ مقدس برج، جن جي اندر ڪنهن زماني ۾ لوئيس پارهين ۽ فرئنسس پهرين مٿيون نظربند ڪيون هيون، چٽا ٿي پري رهيا هئا. سڙندڙ ٻوٽي جو آخرين شعاع، واديءَ جي پرين ڪناري وٽ، ڪرندڙ تاري وانگر جڏهن غائب ٿي ويو، تڏهن نقاب پوش ۽ تماشائي هڪ، هڪ ٿي، ۽ گروهن جي شڪل ۾، اتان غائب ٿيندا ويا ۽ اسين به مهمانن سان گڏ اتان اٿي وياسون."

ٽورنجين جي ويجهڙائيءَ ۾، "شروو-اگاري" ڏينهن ڪڻڪ جو هڪ ٻوٽو ٺاهيو ويندو آهي، جنهن کي "شروو-ٽائيڊ" رچ سڏيو ويندو آهي. ڪيس پراڻي پتلون پارائي ويندي آهي ۽ ڪچيءَ ۾ تازي رت سان ڀريل ٻه ڦوهارا رکيا ويندا اٿس. پوءِ رچ تي رسمي طور الزام مڙهيا ويندا آهن، جن جي سزا طور سندس سسي ڌڙ کان ڌار ڪري، سڄي لاش کي هڪ صندوق ۾ بند ڪيو ويندو آهي، جنهن کي "انش-اربع" ڏينهن تي ديول جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويندو آهي. ان رسم کي 'ڪارنيوال جو دفن' چوندا آهن. ٽرانسلوانيا جي ڪن مشڪسن قبيلن وارا 'ڪارنيوال' کي ڦاسي ڏيندا آهن. ساڳيءَ طرح برالر وٽ، انش اربع يا شروو-اگاري ڏينهن، ٻنان ڦيٿن جي هڪ گاڏيءَ ۾ ٻه اڇا ۽ ٻه مشڪي گهوڙا ٻڌا ويندا آهن ۽ ان تي گاهه مان ٺهيل هڪ ٻوٽي کي اڇن ڪپڙن سان ڍڪي

رکيو ويندو آهي. ٻوٽي جي ڀاسي ۾ گاڏيءَ جو هڪ ڦيٿو رکيو ويندو آهي، جو ڦرندو رهندو آهي ۽ ڇوڪرا ٻوڙهن جي ڪپڙن ۾ ملبوس، ٻنان ڦيٿن واريءَ گاڏيءَ جي پٺيان روئندا ۽ ماتم ڪندا ايندا آهن. ڳوٺ جا باقي ڇوڪرا، گهوڙن تي سوار ٿي، ۽ رنگ برنگي پڳين سان سينگارجي جلوس سان گڏ هلندا آهن، جنهن جي اڳيان ۾ ڇوڪريون هونديون آهن، جن کي مٿي تي سدا ساون ٻوٽن جا تاج پيل هوندا آهن ۽ کين هڪ گاڏي يا، ٻنان ڦيٿن واريءَ گاڏيءَ ۾ ويهاري نيون ويندو آهي. وڻ هيٺان ويهي مقدمون هلايو ويندو آهي، ۽ فوجين جي ڪپڙن ۾ ملبوس ڇوڪرا موت جو فيصلو ٻڌائيندا آهن. ٻوڙهن جو سانگ ڪندڙ ۽ ڇوڪرا گاهه جي ٻوٽي کي ڇڏائڻ، ۽ پوءِ ساڻس ڀڄي وڃڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پر ان مان ڪوبه فائدو ڪونه ٿيندو اٿن. ٻئي ڇوڪريون ٻوٽي کي پڪڙي وجهنديون آهن ۽ کيس جلاد جي حوالي ڪنديون آهن جو کيس وڻ ۾ لٽڪائيندو آهي. ٻئي ٻوڙها وڻ تي چڙهي ۽ ان کي بچائڻ جي بيسود ڪوشش ڪندا آهن، پر هر دفعي وڻ تان ترڪي هيٺ ڪرندا آهن ۽ آخرڪار زمين تي ويهي، روئندا رڙندا ۽ ڦاسيءَ تي لٽڪيل گنهگار لاءِ ماتم ڪندا آهن. ان کان پوءِ هڪ آفيسر تقرير ڪري حاضرين کي ٻڌائيندو آهي ته 'ڪارليوال' کي موت جي سزا ان ڪري ڏني ويئي هئي جو هن کين ضرر پهچايو هو، سندن جتيون گسائي، کين ننڊ ۾ مبتلا ڪيو هئائين. ليچرين ۾، هڪ مرد کي زناني ڪپڙا ماتمي پهرائي، چار ماڻهو کاٽيءَ تي کڻي هلندا آهن ۽ پٺيان وري ٻيا ماڻهو عورتن جي ماتمي ڪپڙن ۾ ملبوس، سندس ماتم ڪندا ايندا آهن ۽ ٻوٽي کي ڳوٺ جي چيٽي جي ڍير وٽ آڻي ڦٽو ڪندا آهن. پوءِ کيس پاڻيءَ سان پچايو ويندو آهي ۽ مٿانس گاهه ۽ پلال ڦٽو ڪيو ويندو آهي. "شرووـ اگاري" ڏينهن، ايسٽونيا جا رهاڪو گاهه جو ٻوتو ٺاهيندا آهن، جنهن کي هو 'ميٽسڪ' يا ٻيلي جو ديوتا سڏيندا آهن. هڪ سال کيس مردن وارو ڪوٽ ۽ ٽوپلو

ٻاريو ويندو آهي، ته ٻئي سال وري زنانه ٻيٽي ڪوٽ ۽ ٽوپلا ٻاريا ويندا آهن. ٻوٽي کي هڪ ڏکهي لڪڙي ۾ اٽڪائي، مٿي جهلي، سڄي ڳوٺ جي سرحدن اندر ڦيرايو ويندو آهي. جلوس ۾ شامل ٿيل سڀ ماڻهو خوشيءَ وچان رڙيون ڪندا ويندا آهن ۽ آخرڪار ان کي ٻيلي ۾ هڪ ڏکهي وڻ جي چوٽيءَ ۾ لٽڪايو ويندو آهي. انهيءَ رسم کي هرقسم جي آفات کان محفوظ رهڻ لاءِ ادا ڪيو ويندو هي.

”شروو- ٽائيڊ“ وارين انهن رسمن جي ادائگيءَ وقت ڪن ڪن موقعن تي مئل ماڻهوءَ کي دوباره زنده ڪرڻ جو سانگ رچايو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح سوابيا جي ڪن علائقن ۾ ”شروو- اگاري“ ڏينهن ”ڊاڪٽر فولادي ڏاڙهي“ بيمار جي رت چوڙڻ جو ڍونگ ڪندو آهي، جنهن کان پوءِ اهو ماڻهو زمين تي ڪري، مري ويندو آهي. پر آخرڪار، اهو ’ڊاڪٽر‘ سندس وات ۾ نلڪيءَ سان هوا ڦوڪي، کيس جيئرو ڪري وجهندو آهي. هارز جبلن جي علائقي ۾، ’ڪارنوال‘ ختم ٿيڻ کان پوءِ، مقامي ماڻهو پاڻ مان ڪنهن هڪ ماڻهوءَ کي اٽي ڳوهڻ جي ’ٽب‘ ۾ سمهاري، ماتم ڪندا، کيس قبرستان کڻي ويندا آهن، جتي کيس دفن ڪرڻ بدران، قبر ۾ برانڊيءَ جي گلاس کي دفن ڪندا آهن. ان کان پوءِ تقرير ڪئي ويندي آهي ۽ ماڻهو ڳوٺ موٽي ويندا آهن، ۽ ڳوٺ جي چراگاه وٽ ڪٺا ٿيندا آهن. سيٽي کي ٽڪر جا پائيپ چکڻ لاءِ ڏنا ويندا آهن، جيڪي ماتم جي اهڙن موقعن تي عام طرح استعمال ڪيا ويندا آهن. وري ٻئي سال ”شروو- اگاري“ تي برانڊيءَ جو اهو گلاس قبر مان ڪڍيو ويندو آهي، ۽ حاضرين مان هرهڪ ماڻهوءَ کي انهيءَ براٽي شراب مان ڍڪ پيئاريو ويندو آهي. ماڻهو چوندا آهن ته شراب دوباره زنده ٿيو آهي ۽ نئين سال جي ميلي جي شروعات ان مان ڪئي ويندي آهي.

٣- موت کي ٻاهر ڪڍڻ: ”موت کي ٻاهر ڪڍڻ“ جي

تقريب ۾ جيڪي رسمون ادا ڪيون وينديون آهن، تن جو نمونو ٻه گهڻو ڪري اهڙو ئي آهي جهڙو "ڪارنيوال کي دفن ڪرڻ" وارين رسمن جو، فرق رڳو هي هوندو آهي ته موت کي ٻاهر ڪڍڻ کان پوءِ هڪ ٻي رسم ادا ڪئي ويندي آهي جنهن جو مطلب 'اونهاري'، يا 'بهار يا 'زندگيءَ' کي واپس آڻڻ جو هوندو آهي، اهڙيءَ طرح بوهيميا جي هڪ صوبي، مبل فرئنڪن ۾، "لينٽ" جي چوٿين آرتوار تي ڳوٺ جا ڇوڪرا گاه مان 'موت' جو هڪ مجسمو ٺاهيندا آهن، جنهن کي آهي ڏاڍي شان و شوڪت سان ڳوٺ جي گهٽين ۽ رستن تان گهمائي، ڳوٺ کان ٻاهر کڻي ويندا آهن، جتي کيس وڏي هل، هنگامي سان ساڙيندا آهن. سورهين صدي عيسويءَ جي، هڪ ليکڪ، فرئنڪن، انهيءَ رسم جو هيءُ بيان لکيو آهي: "'لينٽ' جي اڌ ڌاري، جڏهن د يول طرفان خوشيءَ ملهائڻ جي اجازت ڏني ويندي آهي، تڏهن منهنجي ڳوٺ جا ڇوڪرا گاه مان 'موت' جو بوتو ٺاهي، ان کي لڪڙي سان ٻڌي، ٻاسي وارن ڳوٺن ڏانهن ڦيرائڻ لاءِ کڻي ويندا آهن، جتي ڪي ماڻهو سندن آجيان ڪندا آهن، ۽ کين انهيءَ موسم جو کاڌو، جهڙوڪ کير، مٽر ۽ سڪل زردالو کارائي، واپس گهر روانو ڪندا آهن. ڪي وري کين بدقسمتيءَ جا پيغامبر سمجهي، ڇو جو آهي پاڻ سان گڏ 'موت' کڻي ايندا آهن، سندن بيعزتي ڪندا آهن ۽ کين مار ڪٽي، يا هٿيار ڏيکاري، ڳوٺ مان ٻاهر هڪالي ڪڍندا آهن." ارلئنگين ۾ "لينٽ" جي چوٿين آرتوار تي، ڳوٺ جون سڀ ڇوڪريون پنهنجا بهترين ڪپڙا پهري، مٿي جي وارن ۾ گل وجهنديون هيون. اهڙيءَ طرح سينگار ڪري، آهي پر واري شهر ڏانهن وينديون هيون ۽ پاڻ سان گڏ آهي گڏا به کڻي وينديون هيون، جن کي ساون پنن سان سينگاري، اڇن ڪپڙن ۾ ويڙهينديون هيون. پوءِ آهي ٻه، ٻه ٿي، گڏن کي در در گهمائينديون هيون ۽ راڳ ڳائينديون وينديون هيون، جنهن جو مطلب ۽ معنيٰ هيءَ هوندي هئي ته "لينٽ" جو اڌ گذري چڪو

آهي ته اسين موت کي پاڻيءَ ۾ اڇلڻ واريون آهيون. اهڙيءَ طرح
خيرات گڏ ڪرڻ کان پوءِ، آهي سڀئي گڏ ٿي، ريگنيز درياهه
تي وينديون هيون، ۽ 'موت' جي نمائندن، ڳُڏن کي وهندڙ پاڻيءَ
۾ اڇلائينديون هيون. انهيءَ رسم جو مقصد ڀرپور فصل ۽ سٺائي
سال آڻڻ جو هوندو هو، ان کان علاوه ان کي بيماريءَ ۽ اوچتي
موت جي خلاف حفاظتي قدم به سمجهيو ويندو هو. نيورمبرگ
جون ستن سالن کان وٺي ارڙهن سالن جون سڀ ڇوڪريون
ڪفن جي هڪ ننڍي، کليل صندوق کڻي گهٽين ۾ گهمنديون آهن،
جنهن جي تري ۾ چادر هيٺان لڪل هڪ ڳڏو رکيل هوندو آهي.
ٻيون وري وڻ جي هڪ ٽاريءَ جي چوٽيءَ وٽ هڪ صوف ٻڌي، ان
کي کليل صندوق ۾ رکي گهمائينديون آهن ۽ هي گيت ڳائينديون
وينديون آهن ته "اسين 'موت' کي پاڻيءَ ڏانهن کڻي وڃي رهيون
آهيون— کهڙي نه چڱي ڳالهه، آهي اها"، يا "اسين 'موت' کي پاڻيءَ
ڏانهن کڻي ٿيون وڃون: ۽ کيس وري، وري اندر ۽ ٻاهر کڻي ٿيون
وڃون." ٻوويريا جي ڪن علائقن ۾، ويندي سن ١٧٨٠ع تائين ماڻهن
جو اهو اعتقاد هو ته جيڪڏهن "موت کي ٻاهر ڪڍڻ" جي رسم ادا ڪا نه
ڪئي ويندي ته پوءِ ڪو مهلڪ، وچڙندڙ مرض ڳوٺ مٿان نازل ٿيندو.

ٿورنجين جي ڪن حصن ۾ "لينٽ" جي چوٿين آرتوار تي،
ڳوٺ جا ڇوڪرا ننڍين ۽ ڪچڙين ٽارين مان ڳُڏو ٺاهي ڳوٺ
۾ گهمائيندا هئا ۽ بعد ۾ ان کي تلاءَ ۾ ڦٽو ڪندا هئا. ساڻ
ئي هي گيت ڳائيندا هئا "اسين پوڙهي 'موت' کي ڏنار جي
پراڻي گهر جي پرين پاسي کڻي وڃون ٿا، اسان 'اونهاري' کي
هٿ ڪيو آهي ۽ ڪروڊين(؟)* جي طاقت ناس ٿي ويئي آهي."
ڳورا جي نزديڪ، ڊيبشوٽز وٽ، "موت کي ٻاهر ڪڍڻ" جي
رسم هر سال مارچ مهيني جي پهرين تاريخ تي ادا ڪئي ويندي
آهي، يا ادا ڪئي ويندي هئي. ڳوٺ جا نوجوان گڏ ٿي،
ککن، پنن ۽ پلال مان هڪ پوتو ٺاهي، کيس پراڻن ڪپڙن ۾

* هيءُ سواليه نشان اصلي ڪتاب ۾ انهيءَ هنڌ ڏنل آهي.

ڏکي، جي هنن ڳوٺ جي گهر گهر مان پنيا هوندا آهن، ڳوٺ کان ٻاهر کڻي وڃي درياه ۾ ڦٽو ڪندا آهن. اتان واپس اچي، اهي ڳوٺ وارن کي اها خوشخبري ٻڌائيندا آهن ته، اهي ’موت‘ کي ٻوڙي آيا آهن، جنهن تي ڳوٺ وارا کين آنا ۽ ٻيو ڪاڌي جو سامان انعام طور ڏيندا آهن. اعتقاد اهو هو، يا اڃا به آهي، ته انهيءَ رسم ادا ڪرڻ ڪري ڳوٺ مان بيماري ۽ بک دور ٿيندي ۽ ڳوٺ پاڪ ٿي پوندو. ٽورنجين جي پين ڳوٺن ۾، جتان جي اڪثر آدم شماري اصل ۾ ”سلئو“ نسل جي آهي، ٻوٽي سان گڏ هڪ گيت آلاپيو ويندو آهي، جنهن جو هي ٽُل آهي: ”هاڻي اسين ’موت‘ کي ڳوٺ مان ٻاهر ڪڍون ٿا ۽ ’بهار‘ کي وٺي اچون ٿا.“ سترهين صدي عيسويءَ جي آخر، ۽ ارڙهين صديءَ جي شروعات ۾، ٽورنجين ۾ اها رسم هن ريت ادا ڪئي ويندي هئي: ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گاه ۽ اڳڙين منجهان هڪ ٻوتو ٺاهيندا هئا، جنهن جي شڪل هر سال تبديل ڪئي ويندي هئي، هڪ سال ان جي شڪل پوڙهي ماڻهوءَ جي هوندي هئي، ته ٻئي سال پوڙهيءَ عورت جي، ٽئين سال نوجوان ڇوڪريءَ جي، ته چوٿين سال ’ڪنواري ڇوڪريءَ جي، اهڙي نموني سان ٻوتي کي ڪپڙا به اهڙا ئي پهرايا ويندا هئا، جهڙو هو ڪردار ادا ڪندو هو. ان ڳالهه تي ڳوٺاڻن ۾ وڏي ڇڪتاڻ ٿيندي هئي ته ٻوتو ٺاهڻ ڪهڙي هنڌ، ڇو ته اهو اعتقاد هو ته جنهن گهر مان ٻوتو جلوس جي صورت ۾ ٻاهر ڪڍيو ويندو، تنهن ۾ ان سال موت ۽ مرض ڪونه ايندو. ٻوتي کي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ، کيس هڪ ڊگهي لڪڙي جي چوٽي سان ٻڌي، ٻاهر ڪڍندا هئا ۽ جيڪڏهن ٻوتي جي صورت پوڙهي ماڻهوءَ جي هوندي هئي ته، ان کي ڇوڪريءَ کان کڻائيندا هئا، پر جيڪڏهن منهس شڪل پوڙهي عورت جي هوندي هئي، ته ان کي ڪو نوجوان ڇوڪرو کڻي هلندو هو. اهڙيءَ طرح ان کي ڳوٺ جي گهٽين ۽ رستن تان جلوس جي صورت ۾ گهمايو ويندو

هو ۽ نوجوانن کي هٿن ۾ ڪاٺين جون سنهيون لڪڙيون هونديون هيون، جن سان هو ”موت“ کي ٻاهر هڪاليندا ۽ گيت ڳائيندا هلندا هئا. جلوس جڏهن درياهه جي ڪناري پهچندو هو، تڏهن ٻوتي کي ڏاڍي تکڙ سان پاڻيءَ ۾ ڦٽو ڪيو ويندو هو ۽ ماڻهو هڪ ٻئي مٿان ڪرندا، ٽاپڙندا ۽ ڀڄي هٽندا هئا، جو کين اهو ڊپ ٿيندو هو ته متان ٻوتو پاڻيءَ کان ٻاهر نڪري سندن ڪلهن تي چڙهي ۽ سندن ڳچيون مروڙي ڇڏي. پوءِ آهي احتياط ڪري، ان کي هٿ نه لائيندا هئا ته متان ان کي ڇهندڙ سڪي سوڪ ٿي وڃي. ڳوٺ ڏانهن موٽڻ کان پوءِ، آهي سڀ گڏجي ڪاٺڙين سان ٿامي جون ڇانهه دانيون وڄائيندا هئا جو سندن اعتقاد هو ته انهيءَ ڏنگ سان سندن چوپايو مال مٿارو ۽ ساڻو ٿيندو. ان کان پوءِ آهي انهيءَ گهر، يا انهن گهرن ڏانهن ويندا هئا، جتان هنن ”موت“ جي ٻوتي کي ٻاهر ڪڍيو هو، آتان کين آڏورا پڙڪيل منر خيرات ۾ ملندا هئا. ”موت کي ٻاهر ڪڍڻ“ جي رسم سنڪسيني ۾ به ادا ڪئي ويندي هئي. ليپسڪ ۾ حرامي ٻار ۽ فاحش عورتون گڏجي هرسال ’لينٽ‘ جي اڌ ڏاري گاهه مان ”موت“ جو ٻوتو ٺاهينديون هيون، ۽ ان کي شهرجي گهٽين ۽ رستن تان جلوس جي صورت ۾ گهمائينديون هيون ۽ هر گهر ۾ وڃي اتان جي شادي شده عورتن کي اهو ٻوتو ڏيکارينديون هيون. آخرڪار انهيءَ ٻوتي کي ’پارٿي‘ درياهه ۾ وڃي آڇلائينديون هيون. انهيءَ رسم ادا ڪرڻ مان سندن مقصد نوجوان عورتن کي ٻارن جي نعمت سان سرفراز ڪرڻ، ۽ ڳوٺ کي بک ۽ بيماريءَ کان پاڪ ڪرڻ، جو هو.

ساڳئي قسم جون رسمون سليسيا ۾ به ’لينٽ‘ جي اڌ ڏاري ادا ڪيون وينديون آهن. چنانچه، گهڻن هنڌن تي نوجوان ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا گڏجي گاهه مان ٻوتو ٺاهي، ان کي لاهو سج جي طرف کڻي ويندا آهن. ڳوٺ جي ٻاهرين ڪناري وٽ پهچي آهي ٻوتي جا ڪپڙا لاهي، انهن کي چيري ڦاڙي، چئني طرفن ڏانهن ٻنين ۾ آڇلائي ڇڏيندا آهن. انهيءَ رسم کي ”موت کي دفن ڪرڻ“

چوندا آهن. جنهن وقت آهي بوتي کي ٻاهر ڪڍي ويندا آهن، تنهن وقت هيءُ گيت ڳائيندا ويندا آهن ته آهي "موت" کي شاه بلوط جي وڻ هيٺان دفن ڪرڻ ٿا وڃن ته جيئن آهو ماڻهن وٽان هليو وڃي. ڪڏهن وري گيت جو مطلب اهو هوندو اٿن ته هو "موت" کي جبلن مٿان ۽ وادين وچان ڪڍي وڃن ٿا، ته جيئن آهو واپس نه وري. پولئنڊ جي پاسي، گروس-اسٽريهلز وٽ بوتي کي "گوئڪ" سڏيندا آهن. آتان جا ماڻهو ان کي گهوڙي تي ڪڍي ويجهي ۾ ويجهي وهندڙ پاڻيءَ ۾ اڇلائيندا آهن. انهن ماڻهن جو اعتقاد اهو آهي ته انهيءَ رسم ادا ڪرڻ سان هو ايندڙ سڄي سال لاءِ موت ۽ بيماريءَ کان محفوظ رهندا. ووهلا ۽ گـُهرا ضلعن ۾ وري "موت" جي بوتي کي پرواري ڳوٺ جي حدن اندر اڇلائيندا هئا، ۽ جيئن ته ٻئي ڳوٺ وارا انهيءَ مصيبت کي پنهنجي مٿان مسلط ڪرڻ لاءِ هرگز تيار ڪونه هوندا هئا، ان ڪري آهي اهڙي تاڙ ۾ رهندا هئا، ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي بوتو اڇلائيندي، ڦاسائي وجهندا هئا، ته پوءِ ٻنهي طرفن وارا هڪٻئي جي چڱيءَ طرح مرمت ڪندا هئا. اتر سيليسيا جي انهن حصن ۾، جتي پولش نسل جا لوڪ آباد آهن، آتي پوڙهي عورت جي نمائندگي ڪندڙ جيڪو مجسمو ٺاهيو ويندو آهي، تنهن کي 'مرزانا'، يعني موت جي ديوي، سڏيو ويندو آهي. موت جي ديويءَ جو اهو بت ان گهر ۾ ٺاهيو ويندو آهي، جنهن ۾ سال جو آخرين موت واقع ٿيو هوندو آهي. آخر ان کي ڊگهي لڪڙي سان ٻڌي ڳوٺ جي آخرين چيڙي تائين ڪڍي ويندا آهن، جتي ان کي پاڻيءَ ۾ اڇلايو ويندو آهي، يا باه ۾ ساڙيو ويندو آهي. پولڪوٽز وٽ "موت کي ٻاهر ڪڍڻ" جي رسم ٿوري عرصي تائين ترڪ ڪئي ويئي هئي، ۽ ان وچ ۾ ڳوٺ ۾ اهڙي ته زوردار وبا اچي منهن ڪڍيو، جو ماڻهن وري انهيءَ رواج کي نئين سر زنده ڪيو.

بوهيميا ۾، ننڍا ٻار پلال جو هڪ بوتو ڪڍي ٻاهر نڪرندا آهن، اهو بوتو "موت" جو نمائندو هوندو آهي، جنهن کي ڳوٺ جي

ٻرڻ ۾ تائين کڻي ويندا آهن ۽ ساڻ ئي هيٺيون گيت ڳائيندا ويندا آهن:

”هينئر اسين موت کي ڳوٺ کان ٻاهر کڻون ٿا
۽ نئون ’اونهارو‘ ڳوٺ ۾ آڻيون ٿا،
اي پيارا ’اونهارا‘ تون ڀلي ڪري آئين،
۽ ساوا ننڍڙا اناج!“

ٻوهيميا ۾، ٻيهر وٽ ’موت‘ جو مجسمو ڳوٺ کان ٻاهر کڻي ويندا آهن ۽ ڪنهن اوچي ٽڪر تي چڙهي، اتان کيس پاڻيءَ ۾ اڇلائيندا آهن، ۽ ان وقت هيءُ گيت ڳائيندا آهن:

”’موت‘ پاڻيءَ تي پيو تري،
’اونهارو‘ جلد هت ايندو،
’موت‘ کي اوهان لاءِ ٻري کڻي وياسون،
’اونهاري‘ کي آندوسون،
۽ اي تون، مقدس مارڪيتا!
ڏي اسان کي آسودو سال،
ڪڻڪ لاءِ، ۽ جَوَن لاءِ.“

ٻوهيميا جي هڪ ٻئي علائقي ۾ ’موت‘ جي ٻوتي کي ڳوٺ کان ٻاهر کڻي وڃڻ وقت هيٺيون گيت ڳائيندا آهن:

”اسين ’موت‘ کي ڳوٺ کان ٻاهر کڻون ٿا،
۽ ’نئين سال‘ کي ڳوٺ ۾ آڻيون ٿا،
اي پيارا بهار، تون ڀلي ڪري آئين،
اي ساوا گاهه، تون ڀلي ڪري آئين.“

ڳوٺ جي ڀرسان پاسي کان آهي هڪ چڪيا ٿا هيندا آهن، جنهن تي ’موت‘ جي ڪاٺين ٻت کي ساڙيندا آهن، ۽ جيسين اهو سڙندو رهندو آهي، تيسين ماڻهو، مٿس ٺٺوليون ڪندا، ۽ خوشيءَ وچان نچندا ڪڏندا رهندا آهن. انهيءَ ڪم کان فارغ ٿي آهي واپس موٽندا آهن ۽ هيٺيون گيت ڳائيندا آهن:

"اسان 'موت' کي ٻاهر ڪڍي ويا آهيون،
۽ 'زندگي' آندي اٿائون،
هوءَ ڳوٺ ۾ رهڻ لڳي آ،
ان ڪري خوشيءَ جا گيت ڳايو."

جرمنيءَ ۾، "موريويا" ضلعي جي "جاسنٽز" ۽ "سيٽينبورف" جهڙن ڳوٺن جا نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون "لينٽ" جي ٽئين آرتوار تي گڏ ٿي، پلال مان هڪ مجسمو تيار ڪندا آهن، جنهن کي گهٽو ڪري پشم جي ٽوپي ۽ چمڙي جي سٿڻ پائيندا آهن، بشرطيڪ اهڙيون شيون ڪين موسر ٿي سگهن. پوتي کي هڪ ڊگهي لڪڙي سان ٻڌي، ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڳوٺ مان ڦيرائيندا، ڪلهن ۾ کڻي ويندا آهن، رستي تي هڪ گيت آلاپيندا ويندا آهن ته آهي 'موت' کي ڳوٺ کان ٻاهر ڪڍي وڃي رهيا آهن، ۽ پياري 'اونهاري' کي واپس گهر وٺي ايندا، ۽ 'اونهاري' سان گڏ مٺي مهيني ۽ گلن کي به، ڪنهن مقرر ٽيلي جاءِ تي پهچي، اهي پوتي کي زمين تي رکي، سڀ سندس چوڌاري نچندا، ڳائيندا ۽ ڦيريون پائيندا رهندا آهن. اوچتو ئي اوچتو سڀ ان تي وٺي هلان ڪندا آهن، ۽ بدنصيب پوتي کي هٿن سان چني، کوهي، ذرو ذرو ڪري زمين تي اڇلائيندا آهن. آخر ۾ ان جي سيني ٽڪرن کي هڪ هنڌ ڍير ڪري، لڪڙي کي به پرزا پرزا ڪري، سڄي ڍير کي وٺي باهه ڏيندا آهن، جيئن جيئن باهه ٻرندي ويندي آهي، تيئن تيئن سڀ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون زور زور سان نچندا ۽ ڳائيندا آهن ۽ 'بهار' جي فتحيابيءَ تي خوشي ڪندا آهن. باهه وسامڻ تي هوندي آهي، ته آهي سڀ ڳوٺ واپس اچي، گهر وارن کان ڪڪڙين جي آنن جي خيرات گهرندا آهن، پر خيرات گهرڻ وقت آهي هيءَ ڳالهه واضح ڪندا آهن ته هنن "موت" کي ڳوٺ کان ٻاهر ڪڍيو آهي، جنهنڪري محفل ڪرڻ لاءِ آنا گهري رهيا آهن.

مٿي بيان ڪيل شهادتن مان ظاهر آهي تہ "موت" جي مجسمي کي هر هنڌ ڏپ سان ڏٺو ويندو آهي ۽ ان کان نفرت ۽ ڪراهت ڪئي ويندي آهي، ان ڪري ئي هڪڙا ڳوٺاڻا ان کي ڪوشش ڪري ٻين پروارن ڳوٺن جي حدن اندر اڇلائڻ لاءِ آتا هوندا آهن، تہ ساڳئي وقت پروارا هن تاڙ ۾ رهندا آهن تہ ڪو انهيءَ بدبختيءَ کي سندن ڳوٺ اندر اڇلائڻ ۾ ڪامياب نہ ٿئي. ان مان ثابت آهي تہ ان کي ڪيتري قدر نہ ڏپ، ڊاءُ سان ڏٺو وڃي ٿو. ليوسيشيا ۽ سليشيا ۾ وري ٻوٽي کي ڪنهن نہ ڪنهن گهر جي دريءَ منجهان ليئو پارائيندا آهن، جنهنڪري انهيءَ گهر وارا سمجهندا آهن تہ هلندڙ سال اندر انهن جو ڪو نہ ڪو ڀاتي ضرور مرندو. انهيءَ خيال کان آهي پئسا ڏيئي جان ڇڏائيندا آهن ۽ گهر جي هڪ ڀاتيءَ جي زندگي خريد ڪندا آهن. ڪن هنڌن تي وري ٻوٽي کي ٻوڙڻ يا، ساڙڻ کان هڪدم پوءِ سڀئي وڃي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن ڊوڙندا آهن تہ متان "موت" سندن پٺيان پوي، ڊوڙڻ ۾ جيڪڏهن انهن مان ڪو ڪري پوندو آهي، تہ سمجهندا آهن تہ ان جو خير ڪونهي ۽ هو ان سال ضرور موت سان همڪنار ٿيندو. بوهيميا ۾، چروڊم وٽ، 'موت' جي ٻوٽي کي صليب واريءَ ڪاٺيءَ مان ٺاهيندا آهن ۽ ان جي مٿئين حصي وٽ ٻوٽي جو مٿو ٺاهي، متان نقاب چاڙهيندا اٿس ۽ هيٺين حصي ۾ قميص وجهندا اٿس. 'لينٽ' جي پنجين آرتوار تي ڳوٺ جا ڇوڪرا ان ٻوٽي کي ويجهڙائيءَ واري ڪنهن تلاءُ يا ڪسيءَ ڏانهن کڻي ويندا آهن، جتي سڀئي هڪ سڌي صف ٺاهي بيهندا آهن ۽ ٻوٽي کي پاڻيءَ ۾ اڇلائيندا آهن. سڀئي ڇوڪرا ان جي پٺيان وڃي پاڻيءَ ۾ ٽپ ڏيندا آهن ۽ ٻوٽي کي وري پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ٻوٽي جي پڪڙجي پوڻ کان پوءِ ڪنهن کي بہ پاڻيءَ ۾ لهڻ جي اجازت ڪانہ هوندي آهي. جيڪو ڇوڪرو پٺتي رهجي ويندو آهي، يا سڀني کان آخر پاڻيءَ ۾ هيٺ لهندو آهي، تنهن لاءِ ڇپو ويندو آهي تہ هو ان سال

ضرور مرندو.ٌ ہوءِ ٻوٽي کي ٻاهر ڪڍي، اهڙي ڇوڪري جي ڪلهن تي رکي، وري ڳوٺ ڪئي ايندا آهن، جتي ڪيس ٻاهه ڏني ويندي آهي. ساڳئي وقت اهو ٻہ اعتقاد هوندو اٿن ٿہ جنهن گهر مان ٻوٽو ٽاهي ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي، تنهن مان هلندڙ سال اندر ڪوبہ ڀاتي ڪونہ مرندو ۽ جنهن ڳوٺ مان 'موت' جو ٻوٽو ڪڍيو ويندو آهي، تنهن کي بہ ڪڏهن ڪا بيماريءَ ۽ وبا کان محفوظ سمجهيو ويندو آهي. آسٽرين سيلشيا جي ڪن ڳوٺن ۾ 'مرده آرتوار' کان اڳ واري ڇنڇر تي 'موت' کي ڳوٺ مان ڪڍڻ لاءِ ٻراٿين اکڙين، سڪل گاه ۽ ٻُهہ مان هڪ ٻوتو ٺاهيو ويندو آهي. آرتوار ڏينهن ڳوٺاٺا اٿيون ۽ ڇهڪ ڪئي ان گهر جي اڳيان اچي جمع ٿيندا آهن، جنهن ۾ ٻوتو رکيل هوندو آهي. چار ڇوڪرا ان کي رسا ٻڌي ڳوٺ جي گهٽين ۽ رستن مان گهليندا هلندا آهن ۽ باقي ٻيا ان جي پويان ڪيس اٿيون ۽ ڇهڪ هڻندا، ۽ خوشيءَ وچان دانهون، ڪوڪون ڪندا ويندا آهن. پر واري ڳوٺ جي ڪنهن ٻنيءَ ۾ پهچي آهي ٻوتي کي هيٺ ڌرتيءَ تي رکي، ڏنڊن سان خوب مار ڪڍندا آهن ۽ ان کي ذرو ذرو ڪري ٽيڙي، ٻکيڙي ڇڏيندا آهن. ماڻهن جو اهو اعتقاد آهي تہ جنهن ڳوٺ مان "موت" کي اهڙي نموني سان ڪڍيو ويندو آهي، سو سڄي سال لاءِ وبائي مرض کان آجو رهندو آهي.

۴- اونهاري کي آڻڻ: مٿي ذڪر ڪيل رسمن ۾، 'موت' جي نيڪاليءَ کان پوءِ 'بهار'، 'اونهاري' يا 'زندگيءَ' کي واپس آڻڻ جو خيال پوشيده رکيل آهي، جنهن کي فرض ڪيو ويندو آهي، يا وڏ ۾ وڏ، ان جو اعلان ڪيو ويندو آهي. هيٺ ڄاڻايل رسمن ۾ ان جو باقاعده سانگ رچايو ويندو آهي. چنانچہ، بوهيميا جي ڪن علائقن ۾، "موت" جي مجسمي کي سج لهڻ وقت پاڻيءَ ۾ پوڙيو ويندو آهي. ان کان پوءِ ڳوٺ جون سهڻي ڪنواريون جمع ٿي، جهنگ ڏانهن وينديون آهن، جتان

آهي ساڻي چوڻيءَ وارو هڪ ننڍو وڻ وڍي، ان سان هڪ گڏو ٻڌنديون آهن، جنهن کي زنانا ڪپڙا پهرايل هوندا آهن، ٻوءِ آهي سچي وڻ کي ساڻن، ڳاڙهين ۽ اڇين رنگن سان سينگاري، پنهنجي 'ليڏو' (اونهاري) کي کلهن تي کڻي، ڳوٺ جي در در تان خيرات گهرنديون، هيٺيون گيت ڳائينديون وينديون آهن:

"موت ٻاڻيءَ ۾ تري پيو،
بهار اسان سان ملڻ اچي ٿو،
ڪڪڙين جي آنن سميت، جي ڳاڙها آهن،
۽ ڪيڪن سان، جي پيلا آهن،
اسان "موت" کي ڪڍيو آهي ڳوٺ مان،
۽ اونهاري کي آندو آهي ڳوٺ ۾."

سائيشيا جي ڪيترن ڳوٺن ۾ وري، "موت" جي مجسمي کي پهريائين عزت آبرو ڏيئي، بعد ۾ ان جا سڀ ڪپڙا لاهي، اگهاڙو ڪري، ڪيس بد دعائن سان پاڻيءَ ۾ ڦٽو ڪيو ويندو آهي، يا وري ڪيس چڙي، ڪوهي ڪنهن ٻنيءَ ۾ اڇلايو ويندو آهي. بعد ۾، نوجوان ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا ٻيلي ۾ وڃي هڪ ننڍو وڻ وڍي، ان جي ٿڙ جو پاهريون ڇوڏو لاهي، ڪيس گلن جي هارن، ڪاغذي گلن، ڪڪڙين جي آنن جي رنگيل کلن ۽ رنگ برنگي اگڙين سان سينگاري، "اونهاري"، يا "مئي" جو نالو ڏنو ويندو آهي. ٻوءِ ڳوناٺا ڇوڪرا ان کي ڪلهن تي کڻي ڳوٺ جي گهر گهر سان خيرات گهرندا ۽ موزون گيت ڳائيندا ويندا آهن. اهڙي وقت جيڪي مختلف گيت ڳايا ويندا آهن، تن مان هڪ هي به آهي:

"اسان 'موت' ٽڪي ٻاهر ڪڍيو آهي،
۽ پياري 'اونهاري' کي واپس آڻي رهيا آهيون،
'اونهاري' ۽ 'مئي' ۽ سڀني سهڻن گلن کي."

ڪڏهن ڪڏهن اهي جهنگ سان هڪ سينگاريل مجسمو

۽ ٿاهي ڪٺي ايندا آهن، جنهن کي ”اونهارو“ يا ”مٺي“ يا، ”ڪنوار“ سڏيو ويندو آهي. هولئنڊ جي ضلعن ۾ اهڙي مجسمي کي ’ڊِ زائوانا‘، يعني بهار جي، ديوي سڏيندا آهن.

آئيسيناچ وٽ، ”لينٽ“ جي چوٿين آرتوار تي، نوجوان ڳوٺاڻا ٻلال مان ”موت“ جو هڪ مجسمو ٺاهي، ان کي ڦيٿي سان ٻڌي ٺڪريءَ جي چوٽيءَ تائين ڦيرائيندا ويندا هئا. آتي هو ٻوتي کي ٻاهر ڏيئي، ڦيٿي کي ٻهاڙيءَ جي لاهيءَ تان هيٺ ڪسڪائي ڇڏيندا هئا، بعد ۾ آهي هڪ ننڍو وڻ وڍي، ڪيس رٻڻن سان سينگاري ۽ ٺاهي، ڳوٺ جي ميدان جي وچ ۾ کوڙي ڇڏيندا هئا، ماڻهو وري ان وڻ تي چڙهي، رٻڻن کي لاهي، هيٺ آڻڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ليوسيشيا جي آتر ۾ ڳاهه ۽ ٻلال مان ”موت“ جو هڪ مجسمو ٺاهي، ڪيس ڳوٺ جي آخري ڪنوار جو نقاب، ۽ اهڙي گهر مان ڦِٽيل قميص پارائيندا هئا، جنهن ۾ آخرين موت واقع ٿيو هوندو هو. ٻوتي کي اهڙي نموني سان ڪپڙا پائي، سينگاري ۽ لڪڙي جي مٿان ٻڌي، ڳوٺ جي سڀ کان ڊگهي ۽ مضبوط ڇوڪري پنهنجي هٿ ۾ کڻي، انتهائي تيز رفتاريءَ سان ڳوٺ مان ڊوڙندي آهي، ۽ ڳوٺ جا ٻيا جوان ۽ جوانڙيون ان جي پٺيان ٻوتي کي پٿرن ۽ لٺين سان ماريندڙيون ويندڙيون آهن. جيڪو به ان کي ڌڪ هڻڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آهي، سو پڪ ئي پڪ، انهيءَ سال جي دوران ۾ موت جي چنبي ۾ ڦاسڻ کان بچي ويندو آهي. ”موت“ کي اجهو اهڙي نموني سان ڳوٺ کان ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ ڪيس پاڻيءَ ۾ ٻوڙيو ويندو آهي، يا وري ڪيس آنهيءَ ڳوٺ جي حدن کان پار ڪري، ڪنهن پاسي واري ڳوٺ جي حد ۾ اڇلايو ويندو آهي. ان کان پوءِ هرڪو گهر ڏانهن واپس ورندي، ڪا نه ڪا ساٿي ٽاري کڻي، هٿ ۾ جهلي خوشيءَ سان گهر ايندو آهي، جتي ڀڄڻ بجاءِ هو آها ٽاري آڇلائي ڇڏيندو آهي. ڪن موقعن تي پر واري ڳوٺ جا آهي نوجوان، جن جي پٺيءَ ۾ ”موت“ جو

مجسمو اڇلايو ويو هوندو، سي انهن جي ٻنيان پوندا آهن ۽ پوتي کي واپس انهن جي ڳوٺ جي حد ۾ ڇڏي ڪندا آهن، ڇوته هو پنهنجي ڳوٺ ۾ "موت" جي آمد تي خوش ڪين ٿيندا آهن. ان ڪري، اهڙن موقعن تي پنهي ڌرين جي وچ ۾ خوب لٺبازي ۽ ڏنڊي بازي ٿيندي آهي.

انهن حالتن ۾ جيڪو مجسمو اڇلايو ويندو آهي، سو "موت" جو نمائندو هوندو آهي ۽ "اونهاري"، "بهار" يا "زندگي" جا نمائندا وري ساوا ٽڻ، ساوون ٽاريون، يا ننڍا وڻ هوندا آهن، جي جهنگ مان ساڻ آندا ويندا آهن. ڪن وقتن تي وري ائين معلوم ٿيندو آهي ته خود "موت" جي مجسمي کي "نئين زندگي" جي طاقت بخشي ويئي آهي ۽ ڪيس عام طور، ما بعد واري زندگي جو ذريعو به سمجهيو ويو آهي. اهڙي طرح لوسيشيا جي ڪن حصن ۾، "موت کي باهر ڪيڻ" جو ڪم فقط زالون ڪنديون آهن ۽ انهي ڪم ۾ مردن کي ڪنهن به صورت ۾ دخل ڏيڻ نه ڏينديون آهن. آهي ماتمي ڪپڙا پائي، جي ڪين آهو سچو ڏينهن پائي رکڻا پوندا آهن، ڪڻن، پن ۽ گاهه مان "موت" جو مجسمو ٺاهي، ڪيس اڇي قميص پهرائينديون آهن، ۽ سندس هڪ هٿ ۾ پهارو، ته ٻئي ۾ ڏاتو ڏينديون آهن. ان کان پوءِ آهي ڪيس ڪلهن تي کڻي، مرثيه چونديون ڳوٺ مان لنگهنديون آهن، جتي رولو ڇوڪرا انهن جي پنيان پٿر اڇلائيندا ويندا آهن. ڳوٺ جي حد ن کان باهر نڪري، آهي مجسمي کي چني ڪوهي ذرو ذرو ڪري ڇڏينديون آهن. انهي سڄي ڪارگذاري کان پوءِ، آهي هڪ لئون ۽ سڌو سنئون وڻ وڍي، تنهن کي پوتي واري قميص پارائي، گيت ڳائينديون واپس ڳوٺ اچي سهڙنديون آهن. 'اسينشن'* جي محفل واري ڏينهن، ٽرانسلوانيا جي هڪ ڳوٺ، برالر ۾ آباد سئڪسن نسل وارا ماڻهو "موت کي باهر ڪيڻ" جي رسم هيٺئين نموني ادا ڪندا آهن: صبح جي عبادت

* حضرت عيسيٰ جي آسمان تي کڄي وڃڻ واري ڏينهن جي يادگار تقريب.

کان پوءِ سڀئي اسڪولي ڇوڪريون گڏجي پنهنجيءَ هڪ نه هڪ سهيليءَ جي گهر وينديون آهن، جتي اهي ”موت“ کي ڪپڙا پارائينديون آهن. اهو ڪم هيئن ڪنديون آهن، جو مڪائيءَ جو هڪ سنگ کڻي، جنهن مان اناج ڳاهي ڪڍيو ويو هوندو آهي، تنهن کي ماڻهوءَ جي مٿي ۽ بدن جو روپ ڏينديون آهن ۽ سندس ٻانهن ٺاهڻ لاءِ سنگ کي ٻوهاري جو دستو ٻڌنديون آهن. ٻوتي کي ڪرميائين جهڙا رنگا رنگي ڪپڙا پارائينديون آهن: مٿي تي ڳاڙهو ٽوپ، گچيءَ ۾ چانديءَ جا هار ۽ ٻانهن ۽ ڇاتيءَ ۾ ربين جا گل وجهنديون اٿس. ڇوڪريون پنهنجي انهيءَ ڪم کي پوري ڪرڻ لاءِ هيڏانهن جو هوڏانهن ڏاڍيءَ ڦڙتائيءَ سان هڙهڙ ڪنديون وتنديون آهن ڇو ته جلدئي عبادت جو وقت ايندو ۽ ”موت“ کي ٺاهي، سينگاري دريءَ ۾ رکڻو پوندو، ته جيئن ديول ڏانهن ويندي، ماڻهو ان کي ڏسي سگهن. عبادت ختم ٿيڻ کان پوءِ، ”موت“ جي پهرين جلوس ڪڍڻ جو وقت ايندو آهي، جنهن جو اعزاز فقط اسڪولي ڇوڪرين کي هوندو آهي. وڏين ڇوڪرين مان ٻه، ٻوتي کي ٻانهن کان جهلي جلوس جي اڳيان هلنديون آهن ۽ باقي ڇوڪريون انهن جي پٺيان جوڙي جوڙي ٿاهي هلنديون آهن. ڇوڪرن کي انهيءَ جلوس ۾ ڪنهن به حصي وٺڻ جو حق ڪونه هوندو آهي، ۽ اهي جلوس جي پاسن کان حيرت وچان وات ڦاڙي، ”خوبصورت موت“ کي گهوريندا هلندا آهن. اهڙيءَ طرح اهو جلوس ڳوٺ جي سڀني گهٽين مان لنگهندو ويندو آهي ۽ ڇوڪريون قديم زماني جو هڪ گيت اهڙي غيرمعمولي سُر ۾ ڳائينديون وينديون آهن، جو رواجي گيتن کان مختلف هوندو آهي. جلوس جڏهن ڳوٺ جي هرهڪ گهٽيءَ جو چڪر لڳائي پورو ڪندو آهي، تڏهن ڇوڪريون هڪ گهر ۾ هليون وينديون آهن ۽ اندران دروازو بند ڪري، ”موت“ جا ڪپڙا لاهي، کيس بلڪل اگهاڙو ڪري، باقي بچيل گاهه جي ٻوتي کي پٺئين دريءَ وچان ڇوڪرن جي سپرد ڪنديون آهن، جي ڏاڍيءَ بيتابيءَ ۽ شوق

سان ان کي جـهـلي، ڳوٺ کان ٻاهر پهچندا آهن ۽ شور و غل مچائيندا ويندا آهن. ڳوٺ جي حد کان ٻاهر پهچي، هو ان کي ڪنهن پُرواريءَ ڪسيءَ، واهه يا، درياهه جي حوالي ڪندا آهن. ان کان پوءِ انهيءَ ناٽڪ جو ٻيو حصو شروع ٿيندو آهي. جنهن وقت چوڪرا ”موت“ کي ڳوٺ کان ٻاهر پهچائڻ ويندا آهن، تنهن وقت چوڪرين مان هڪ جڻي پنهنجا ڪپڙا لاهي ”موت“ جي جسمي وارا ڪپڙا پائيندي آهي. اهڙيءَ طرح ملبوس ٿي، هوءَ جلوس جي وچ ۾ شهر جي گهٽين مان گهمندي آهي، ۽ انهيءَ دوران ۾ باقي چوڪريون سندس واسن کان سا ڳيوئي گيت آلاپينديون وينديون آهن. جلوس جي ختم ٿيڻ کان پوءِ سڀئي جڻيون انهيءَ چوڪريءَ جي گهر وينديون آهن، جنهن مٿي ڄاڻايل ڪردار ادا ڪيو هوندو آهي. اتي سندن لاءِ هڪ محفل جو اڳ ئي انتظام ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ ڇوڪرن کي شامل ٿيڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي. آتان جي ماڻهن جو هيءُ اعتقاد آهي ته انهيءَ جشن کان پوءِ لنڊا پار بنان ڪنهن خوف ۽ خطري جي، ٿوت ۽ ٻيو موسمي ميوو کائي سگهندا، ڇاڪاڻ ته ”موت“ کي، جو ان وقت تائين خاص طرح توتن جي پنيان تاڙ ۾ ويٺو هو، ڳوٺ کان ٻاهر هڪاليو ويو آهي، جنهن ڪري آهي هاڻي ٻي ڏپائيءَ سان دروازن کان ٻاهر وهنجي ٻه سگهندا. موراويا جي ڪن جرمن ڳوٺن ۾ ڪجهه سال اڳي، ساڳئي قسم جي هڪ رسم ادا ڪئي ويندي هئي. ايسٽر کان پوءِ پهرين آرتوار تي، سڀ ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا گڏ ٿي ڪکن، پنن ۽ گاهه مان هڪ پوتو ٺاهيندا هئا، جنهن کي آهي ”موت“ جو نالو ڏيندا هئا. ان کي رنگا رنگي پٽيون ٻڌي، ڪپڙا پارائي ۽ ڊگهي لڪڙي سان ٻڌي، ڳوٺ جي پرسان ڪنهن ڏڙي تي کڻي ويندا هئا، جتي ان جا سڀ ڪپڙا لاهي، کيس ڏڙي جي لاهيءَ تان هيٺ گسڪائي ڇڏيندا هئا، يا وري اڇلائي ڇڏيندا هئا. پوءِ اهي سڀ ڪپڙا ۽ ربينون هڪ ڇوڪريءَ کي پارائي، کيس جلوس جي اڳيان ڪري، وري ڳوٺ ڏانهن موٽندا هئا.

ڪن ڳوٺن ۾ وري ”موت“ جي انهيءَ مجسمي کي اهڙيءَ جاءِ تي دفن ڪيو ويندو هو، جا ڳوري سمجهي ويندي هئي ۽ ڪي ته ان کي پاڻيءَ ۾ اڇلائيندا هئا.

مٿي ذڪر ڪيل ’ليوسيشيا‘ واريءَ رسم ۾، ”موت“ کي ناس ڪرڻ کان پوءِ جيڪو وڻ ڳوٺ ڏانهن آندو ويندو آهي، سو هن کان اڳ ڄاڻايل رسمن جي انهيءَ وڻ يا، ٽارين جي مساوي آهي، جو ”موت“ کي اڇلائڻ يا پورڻ، يا ساڙڻ کان پوءِ، ”اونهاري“، يا ”موسم بهار“، يا ”نئين زندگيءَ“ جي نمائندي طور پيلي کان واپس اچڻ وقت ڳوٺ ۾ آندو ويندو آهي. بوٽي جي قميص کي ڦيرائي وڻ کي پارائڻ ڏيکاري ٿو ته وڻ، ناس ٿيل ”موت“ جي بوٽي جو هڪ طرح سان نئون جنم آهي. اهو ساڳيوئي خيال ٽرانسلوانيا ۽ موراويا وارين رسمن مان به ظاهر ٿي رهيو آهي: ”موت“ جي مجسمي تان لاٿل ڪپڙا ڇوڪريءَ کي پارائڻ، ۽ ڪانئس جلوس ۾ ساڳيوئي گيت ڳوائڻ، جو ”موت“ جي بوٽي کي ڪڍي وڃڻ وقت ڳايو ويو هو، ڏيکاري ٿو ته اها ڇوڪري انهيءَ هستيءَ جو نئون روپ آهي، جنهن کي تازو ناس ڪيو ويو هو. انهن مثالن مان هيءُ اندازو نڪري رهيو آهي ته ”موت“ کي، جنهن کي مٿين رسمن ۾ ناس ڪرڻ جا آپاءَ اختيار ڪيا وڃن ٿا، فقط ناس ڪندڙ هستي نٿو سمجهيو وڃي، جيئن ان کي اسين سمجهون ٿا. جيڪڏهن انهيءَ وڻ کي، جنهن کي ايندڙ بهار جي موسم جي تازيءَ ساوڪ جي نئين جنم جي علامت سمجهيو، ڳوٺ ڏانهن آندو وڃي ٿو، ”موت“ جي انهيءَ بوٽي واري قميص پهرائي وڃي ٿي، جنهن کي تازو ناس ڪيو ويو آهي، ته ان مان رسم ادا ڪندڙن جو مطلب يقيناً اهو نه، هوندو آهي ته ان کي ”موت“ واري قميص پهرائي، مقدس ساوڪ ۽ نئين جنم کي روڪيو وڃي، ان جو مطلب ته فقط ساوڪ کي نئين سر روح ڦوڪڻ ۾ مدد ڏيڻ جو ٿي ٿي سگهي ٿو. ان ڪري انهيءَ هستيءَ ۾، جنهن کي تازو ناس ڪيو ويو آهي — نام نهاد ”موت“ —

ٻيهر جيئري ڪرڻ ۽ نئين زندگي بخشڻ ۽ تيزي پيدا ڪرڻ
جو اهو اثر موجود سمجهيو وڃي ٿو، جو اها نباتات ۽ حيوانات
تي وجهي سگهي ٿي. "موت" جي ٻوٽي ۾ نئين زندگي بخشڻ
جي خاصيت جو موجود هئڻ، انهيءَ رسم مان صاف ثابت ٿي رهيو
آهي، جنهن ۾ ان جي ٽڪرن کي، تازن فصلن کي پيدا ٿيڻ ۾
مدد ڏيڻ لاءِ ٻنين ۾ ليڙي، ٻڪيڙي چئني طرفن ڏانهن اڇلايو
ويندو آهي، يا وري چوپائي مال کي متاري ڪرڻ لاءِ سندن
کُرن ۾ وڌو ويندو آهي. چنانچه، آسٽرين سليشيا جي هڪ ڳوٺ،
اسپاچينڊورف جا ماڻهو، پلال، چوڏن، گاهه ۽ اگهڙين مان "موت" جو هڪ
وڏو ٻوتو ٺاهي، تنهنکي ناچ، گاني ۽ هل هنگامي سان ڳوٺ جي
وڏي ميدان ۾ کڻي ويندا آهن، جتي پهچڻ کان پوءِ ان کي ساڙي
ڇڏيندا آهن. جڏهن اهو ٻوتو باهه ۾ پيو سڙندو آهي، تڏهن تماشائي
ٻوٽي جي ٽڪرن کي پنهنجن هٿن سان باهه مان ڪڍڻ جي ڪوشش
ڪندا آهن ۽ ان وقت خوب وٺ پڪڙ ٿيندي آهي، جو انهن
مان جيڪي حاضرين ٻوٽي جا ٽڪرا هٿ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا
آهن، سي انهن هٿ آيل ٽڪرن کي پنهنجن باغن جي ڪن اوچن
وڻن جي چوٽين ۾ ٻڌي ڇڏيندا آهن، يا پنهنجين ٻنين ۾
دفن ڪندا آهن، ڇاڪاڻ ته اهي سمجهندا آهن ته اهڙيءَ طرح
سندن وڻ ڀرپور ميوو ڏيندا يا سندن فصل ڀلا ٿيندا. آسٽرين
سليشيا جي ٽروپا ضلعي ۾، ڇوڪرا گڏ ٿي، "لينٽ" جي چوٿين
آرتوار تي گاهه مان هڪ ٻوتو ٺاهيندا آهن، جنهن کي وري ڳوٺ
جون ڇوڪريون زنانا ڪپڙا پهرائي، ربنن، گلن جي هارن ۽
رومالن وغيره سان سينگارينديون آهن. ان کان پوءِ کيس هڪ
ڊگهي لڪڙي سان ٻڌي، ڳوٺ جي سيني رستن ۽ گهٽين تان
گهمايو ويندو آهي. جلوس ۾ جيڪي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون شريڪ
هونديون آهن، سي گهڙيءَ کلنديون ۽ چرچا، ڀوڳ ڪنديون وينديون
آهن، ته وري ٻيءَ گهڙيءَ ماتم ۽ روڄ راڙو ڪنديون آهن. پنهنجي
منزل مقصود — ڳوٺ کان ٻاهر ٻنيءَ ۾ — تي پهچڻ کان پوءِ ٻوٽي

جا ڪپڙا ۽ زيور لاٿا ويندا آهن، جنهن ڪان پوءِ کولاٽا ان جي مٿان اڇي ڪڙڪندا آهن ۽ انهن مان هرهڪ ڇٽو، ڀوتي جي ڪنهن نه ڪنهن ڏڪر حاصل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌندو آهي جنهن تي خوب گهمسان مچندو آهي. هرهڪ ماڻهو ڀلال يا، گاهه جي هڪ تيلي ڏي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ڇاڪاڻ ته عام اعتقاد آهي ته جيڪو، اها تيلي چوپائي مال جي ڪوڙ ۾ چاري سان گڏ وجهندو، تنهنجو مال متارو ۽ سائو ٿيندو ۽ يا وري، اها تيلي ڪڪڙين جي آري ڪرڻ وقت سندن آلن جي وچ ۾ رکي ويندي آهي ڇو ته اهي ماڻهو ائين سمجهندا آهن ته اهڙيءَ طرح ڪڪڙيون پنهنجا آنا ڀاڻ ڪاڻڻ لاءِ ڇهنب ۾ نه ڪٽي ويندليون، ٻين آرو زياده شوق سان ڪنديون ۽ ڪين گندو نه ڪنديون. ”موت“ جي ڀوتي کي زندگي بخشڻ يا، سائي ڪرڻ جي طاقت ۾ اعتقاد هئڻ جو وجود هن ڳالهه مان به ثابت ٿئي ٿو ته ڪي ماڻهو ائين سمجهندا آهن ته جيڪي ماڻهو ”موت“ جي ڀوتي کي ڪلهن تي رکي ڳوٺ مان گهمائيندا آهن، سي جيڪڏهن انهيءَ رسم کي ادا ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي چوپائي مال کي لٺ سان مار ڪيندا ته سندن ڍور ۽ ڍڳا ٿلها، متارا ۽ ڪيرائتا ٿيندا. شايد اها لٺ ”موت“ جي ڀوتي کي مارڻ واسطي ڪتب آندي ويئي هوندي جنهنڪري ان ۾ ڀوتي جي قوت تحليل ٿي آئي هوندي. اسان اهو به ڏسي آيا آهيون ته ليپسڪ جي نوجوان گهريلو عورتن کي حامله ٿيڻ لاءِ، ”موت“ جي انهيءَ ڀوتي جو ديدار ڪرايو ويندو هو.

”موت“ جي ڀوتي کي ناس ڪرڻ کان پوءِ جيڪو وڻ، يا سندس جيڪي ٽاريون ڳوٺ آنديون ونديون آهن، تن کي ”مئي - وڻ“ کان جدا ڪرڻ ذرا مشڪل معلوم ٿي رهيو آهي. جيڪي ماڻهو وڻ يا، ان جون ٽاريون ڳوٺ آڻيندا آهن، سي اها دعوي ڪندا آهن ته آهي ”اونهاري“ کي ساڻ آڻي رهيا آهن. ان ڪري ظاهر آهي ته اهي وڻ ”اونهاري“ جي نمائندگي ڪن ٿا. درحقيقت، سليشيا ۾ انهن کي ’اونهاري‘ يا ’مئي‘ جي نالن سان سڏيو ويندو آهي.

۽ اهڙي 'اونهاري-وڻ' مان ڪڏهن هڪ ڳڏو پڏو ويندو آهي، جو 'اونهاري' جو نقلي نمائندو هوندو آهي ۽ مارچ ۾ ريت 'مئي-وڻ' يا "مئي-ليڊي" هڪ ئي وقت، ڪنهن هنڌ "مئي" جي نمائندگي ڪندا آهن. ڏوري ۾ ڪٺي ڇنڇي ته 'موت' جي نيڪالي ۽ 'بهار' جي واپس آڻڻ ۾ اسان کي، گهٽ ۾ گهٽ ڪن حالتن ۾، بهار جي موسم ۾ نباتات جي ديوتا جي موت، ۽ ان جي دوباره جنم وارو ساڳيو مثال ملي رهيو آهي، جو اسان هن کان اڳ "وحشي ۾ جي قتل" ۽ ان جي دوباره جنم جي مانگ ۾ ڏسي آيا آهيون. "ڪارنيوال جي دفن" ۽ دوباره جنم ۾ به ساڳيو ئي خيال سمايل نظر اچي رهيو آهي، فقط اظهار جو طريقو مختلف اختيار ڪيو ويو آهي. "ڪارنيوال" جي نمائندي کي ڇيٽي جي ڍير هيٺان دفن ڪرڻ، هڪ بلڪل قدرتي فعل آهي، بشرطيڪ ان ۾ به، 'موت' جي مجسمي وانگر، قوت بخشڻ ۽ تيزي پيدا ڪرڻ جا اثر موجود سمجهيا وڃن. ايسٽونيا جا رهاڪو "شرووا ڳاري" واري ڏينهن، معمول مطابق ڳاه جي جنهن مجسمي کي ڳوٺ کان ٻاهر ڪڍي ويندا آهن، تنهن کي "ڪارنيوال" جي نالي سان ڪوٺي سڏيندا آهن، پر هو ان کي "پيلي جو ديوتا" (ميٽسڪ) ڪوٺيندا آهن ۽ مجسمي کي "پيلي جي ديوتا" سان شناخت ڪرڻ لاءِ، اهي ڪڻس پيلي جي ڪنهن اوچي وڻ سان وڃي ٻڌندا آهن، جتي هو سڄي سال تائين لٽڪندو رهندو آهي ۽ ان تي ڏڻن جي سلامتي ۽ واڌاري لاءِ روزانو ڪيترئون منتون مڃيون، ۽ دعائون پنيون ويندون آهن، ڇو ته ساوڪ جي حقيقي ديوتا وانگر، "ميٽسڪ" به چوپائي مال جو محافظ آهي. ڪڏهن "ميٽسڪ" جي مجسمي کي اناج جي سنگن مان به ناهيندا آهن.

اهڙيءَ طرح اسان اهو اندازو ڪري سگهون ٿا ته "ڪارنيوال"، "موت"، ۽ "اونهارو"، جهڙا الفاظ انهن رسمن جي مرڪزي هستين جا، جن جي متعلق اسان هن وقت تائين تحقيقات ڪندا رهيا آهيون،

نسبتاً پوئين دور جا ناڪاني اظهار آهن. هن باري ۾ جيڪي نالا استعمال ڪيا ويا آهن، تن جي ذاتي نوعيت مان معلوم ٿي رهيو آهي ته اهي پوئين دور جي پيداوار آهن، جو ته وقتن ۽ موسمن، جهڙوڪ ’ڪارنيوال‘ ۽ ’اونهاري‘ کي شخصيتن سان نوازڻ⁸ جو رواج اوائلي دور جو ڪونه آهي؛ ۽ نه وري ’موت‘ جو ذاتياتي مفهوم قديم زماني جو آهي. ۽ر خود رسمن تي ڪنهن نامعلوم قديم دور جي مهر لڳل معلوم ٿئي ٿي. ان ڪري اسان کي اهو فرض ڪرڻو ٿي پوي ٿو ته اهي رسمون، جن نظريات جي بنيادن تي بيٺل آهن، سي اوائل ۾ بنيادي طور سادا ۽ حقيقي هئا. وڻ جو خيال، شايد ڪنهن خاص قسم جي وڻ جو، (جو ته ڪن وحشين وٽ وڻ جو عام لفظ موجود ڪونه آهي) اهڙو ته واضح ۽ حقيقي آهي، جو ان جي بنياد تي، عام دليلبازي⁹ جي ذريعي، ساوڪ جي ديوتا جي وسيع تر خيال تائين پهچڻ آسان نظر اچي رهيو آهي. ۽ر نباتات جي اهڙي عام نظريي جو انهي¹⁰ موسم جي خيال سان منجهي پوڻ جو امڪان آهي، جنهن ۾ ساوڪ نمودار ٿئي ٿي، ان ڪري ’بهار‘، ’اونهاري‘ يا ’مئي‘ جي بجاءِ، وڻ جي ديوتا، يا نباتات جي روح جو استعمال ٿيڻ، هڪ قدرتي ۽ آسان امر آهي، ساڳي¹¹ طرح سڙندڙ وڻ، يا سڪندڙ ساوڪ جي حقيقي خيال مان اهڙي¹² ئي دليلبازي¹³ جي ذريعي ’موت‘ جي عام خيال تي پهچڻ جو قوي امڪان آهي؛ نباتات کي ٻيهر زنده ڪرڻ جي ابتدائي علامت طور سڪندڙ ساوڪ، يا سڙيل پوٽن کي، بهار جي موسم ۾ ٻاهر ڪڍي وڃڻ جي رسم، آخرڪار وڃي ڳوٺ يا ضلعي مان ’موت‘ کي ٻاهر ڪڍڻ جي رسم ۾ تبديل ٿي ويندي. بهار جي انهن رسمن ۾، ’موت‘ جو اصل مطلب سياري جي مرندڙ، يا سڪل ساوڪ هئڻ جي نظريي کي مئنهاردٽ جي ۽ حمايت حاصل آهي؛ هو ان جي هن نموني سان تصديق ڪري رهيو آهي ته ڪن علائقن ۾ پڪل اَن جي ديوتا کي ’موت‘ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي؛ عام طور پڪل اَن جي ديوتا کي مثل نه، ۽ر پوڙهو تصور ڪيو

ويندو آهي، جنهنڪري ان کي ’پيرمرد‘ يا ’پوڙهي عورت‘ جي نالن سان موسوم ڪيو ويندو آهي. ٻين ڪن علائقن ۾ پڪل اناج جو جيڪو پويون سنگ ڪٽيو ويندو آهي، تنهن ۾ اناج جي ديوتا جو مسڪن سمجهيو ويندو آهي، جنهنڪري ان کي ”مثل“ سڏيو ويندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ٻارن کي اهڙيءَ ڀنيءَ ۾ وڃڻ کان روڪيو ويندو آهي، جتي اهڙو آخرين سنگ اڃا بيٺل هوندو آهي، جو چوندا آهن ته اناج ۾ ’موت‘ ويٺو آهي. ٽرانسلوانيا جي سئڪسن نسل وارا ڇوڪرا، مڪائيءَ جي لاباري وقت هڪ راند ڪندا آهن، جنهن ۾ هڪ اهڙي ڇوڪري کي ’موت‘ بڻائيندا آهن، جو انهن کان وٺي چونيءَ تائين مڪائيءَ جي پنن سان ڍڪيل هوندو آهي.

٥- ’اونهاري‘ ۽ ’سياري‘ جي جنگ:- ڪن علائقن جي ڪڙمين جي رسمن ۾ سياري ۾ نباتات جي سٽل طاقتن ۽ بهار ۾ سندس زنده ٿيندڙ نين طاقتن کي ٻن اداڪارن درميان ڊرامائي جنگ جي صورت ۾ پيش ڪيو ويندو آهي، جي علي الترتيب ’سياري‘ ۽ ’اونهاري‘ جو ڪردار ادا ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح، سئيڊن ۾ مئي جي پهرين تاريخ تي، گهوڙيسوارن جا ٻه ٽولا ڪنهن مقرر ٿيل جاءِ تي اهڙي نموني سان اچي ملندا هئا، ڄڻ ته هو ڪنهن موتمار مقابلي ڪرڻ لاءِ آيا هئا. انهن مان ڪنهن هڪ ٽولي جي اڳيان ’سياري‘ جو نمائندو هلندو هو، جنهن کي پشم جو لباس ڍڪيل هوندو هو ۽ جو هلنديءَ هلنديءَ، ’سياري‘ جي حڪومت کي طويل ڪرڻ خاطر برف جا گولا اڇلائيندو هلندو هو. ٻئي ٽولي جو اڳوان وري تازن پنن ۽ گلن سان ڍڪيل هوندو هو. ان کان پوءِ جيڪا ويڙهه ٿيندي هئي تنهن ۾ ’اونهاري‘ وارو ٽولو فتحياب ٿيندو هو ۽ رسم جي آخر ۾ دعوت ٿيندي هئي. هوڏانهن وري رائين ماٿريءَ جي وچين علائقي ۾ ’اونهاري‘ جي نمائندي، جو انهن کان چوٽيءَ تائين ولين سان ڍڪيل هوندو آهي ۽ ’سياري‘ جي نمائندي جي درميان، جو سڪل گاهه ۽ سٽور سان ڍڪيل هوندو آهي، مقابلو ٿيندو

آهي، جنهن ۾ به 'اونهاري' جو عيوضي ڪامياب ٿيندو آهي. شڪست خورده دشمن کي زمين تي اڇلائي، سندس گاهه جو پوش لاهي ۽ ان کي چٽي ڪوهي، ذرو ذرو ڪري اڇلايو ويندو آهي. ساڳئي وقت پنهي رقيبن جا نوجوان ساٿي 'سياري' جي شڪست ۽ 'اونهاري' جي فتح جو گيت ڳائيندا آهن. بعد ۾ اهي "اونهاري" جي گلن جو هار، يا هڪ ساٿي ٽاري کڻي ڳوٺ جي هر گهر ويندا آهن ۽ آنن ۽ سوئر جي گوشت جي بخشش گهرندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن 'اونهاري' جي ڪردار ادا ڪندڙ کي مٿي ۾ گلن جو هار وڌو ويندو آهي. "پٺليئيٽ" ۾ اهو سانگ 'ليئنٽ' جي چوٿين آرتوار تي رچايو ويندو آهي. بوهيريا جي سڄي علائقي ۾ الهي* ساڳئي ڏينهن تي اهو ساڳيو سانگ رچايو ويندو هو ۽ ڪن حصن ۾ اڻويهين صدي* جي وچ تائين به اهو رواج هلندو آيو. هڪ طرف 'اونهارو' سبز پن، ٽارين ۽ گلن سان ڍڪيل هوندو هو، جن جي مٿان رنگا رنگي ربنون هوا ۾ ڦڙڪنديون رهنديون هيون، ۽ آنجي هٿ ۾ هڪ اهڙي ٽاري هوندي هئي، جنهن جي چوٽي* ۾ تازو پور نڪتل هوندو هو، ته ٻئي طرف وري 'سياري' کي پشم جو ڍڳهو ڪوٽ ۽ ٽوپي پيل هوندي هئي ۽ هٿ ۾ برف کوڙڻ جو شيول هوندو هوس. سندن پوئلڳن کي به اهڙي ئي قسم جي پوشاڪ پيل هوندي هئي، ۽ آهي ڳوٺ جي سڄي گهٽين سان چڪر لڳائيندا هئا ۽ هرهڪ در وٽ بيهي پراڻن لوڪ گيتن جا مصرع ڳائيندا هئا، جنهن لاءِ کين روٽي، آنا ۽ ميوو، بطور بخشش ڏنا ويندا هئا. آخر ۾ 'اونهاري' ۽ 'سياري' جي درميان مقابلو ٿيندو هو، جنهن ۾ 'سياري' کي شڪست ايندي هئي ۽ کيس پيلي ڏانهن پڄايو ويندو هو.

بوهيريا جي ڏکڻ ۾، گوئيفرٽز ۾ به* ماڻهو 'اونهاري' ۽ 'سياري' جو سانگ رچائي، "شرووا-اگاري" ڏينهن ڳوٺ جي گهر گهر ويندا هئا، جتي پار ڏاڍي چاهه سان سندن آجيان ڪندا هئا. 'اونهاري' کي سفيد ڪپڙا ڍڪيل هوندا هئا ۽ هٿ ۾ ڏاٽو هوندو هو، سندس ساٿي* کي، جو 'سياري' جو ڪردار ادا ڪندو هو،

مٽي ۽ پٿر جي ڍوهي پيل هوندي هئي، بدن تي سڪل گاهه لڳل هوندو هو ۽ هٿ ۾ برف پيچرن جو شيول هوندو هو ۽ اهي هر هڪ گهر جي دروازي تي واري وٽيءَ سان گيت ڳائيندا ويندا هئا. برونسوڪ ۽ ڊرومنلنگ وٽ، هن زماني تائين 'اونهاري' ۽ 'سياري' جو مقابلو ونسنٽائيڊ جي تقريب تي ڳوٺ جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي گروهن جي درميان ٿيندو آهي. ڇوڪرن جو ٽولو 'سياري' کي ڀڄائڻ لاءِ نچندو، ڳائيندو ۽ واڪا ڪندو، ڳوٺ جي در در تي گهنڊ وڄائيندو ويندو آهي. انهن جي پٺيان وري 'مئي جي راڻيءَ' جي سرڪردگيءَ ۾ ڇوڪرين جو هڪ ٽولو ايندو آهي، جنهن مان هر هڪ ڇوڪريءَ کي رنگا رنگي ۽ چمڪيلا ڪپڙا، ۽ مٿي تي گلن جا هار پيل هوندا آهن، جو موسم بهار جي آمد جي نمائندگي ڪندو آهي. اوائلي دور ۾ 'سياري' جو پارٽ گاهه جو پوتو ادا ڪندو هو، جنهن کي ڇوڪرا ڪٺي گهمائيندا هئا، ۽ هاڻي جيئري جاڳندي ماڻهوءَ کان اهو پارٽ ادا ڪرايو ويندو آهي.

اتر آمريڪا جي مرڪزي "ايسڪيمو" 'قبيلن' ۾ سياري ۽ 'اونهاري' جي مقابلي کي، جنهن يورپ ۾ هينئر ٺوجي فقط هڪ سانگ جي صورت اختيار ڪئي آهي، هوائن تي قبضي رکڻ لاءِ جادوءَ جي هڪ ٽوٽڪي طور استعمال ڪيو ويندو آهي. سرءُ جي موسم ۾، جڏهن طوفان قطبي سياري جي ويرانيءَ جي آمد جي پيشنگوئي ڪندا آهن، تڏهن ايسڪيمو لوڪ ٻن ٽولن ۾ ورهائجي، هڪڙا ٻدڪن جو ڪردار ادا ڪندا آهن، ته ٻيا اڇن قطبي تترن جو، جيڪي سياري ۾ ڄاول هوندا آهن، سي اڇا تتر ٿيندا آهن ۽ جيڪي 'اونهاري' ۾ ڄاول هوندا آهن، سي ٻدڪ ٿيندا آهن. ان کان پوءِ سيل مڇيءَ جي کل مان ٺهيل هڪ رسو وچ تي رکندا آهن، جنهن کي ٻئي ٽولا مخالف طرفن ڏانهن ڇڪيندا آهن ۽ هڪ ڌر وارا ٻيءَ مخالف ڌر وارن کي پنهنجي طرف گهلڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيڪڏهن

اچا تتر گهلجي ويندا آهن، ته پوءِ ايسڪيمو لوڪ اينڌڙ سياري ۾ چڱيءَ ۽ معتدل آب و هوا جي اميد رکندا آهن.

٦- ڪوسٽروبونڪوجو موت ۽ نئون جنم: روس ۾ 'موت کي نيڪالي ڏيڻ' يا 'ڪارنيوال کي دفن ڪرڻ' جهڙا ماتمي جلوسن جون رسمون 'موت' ۽ 'ڪارنيوال' جي نالن سان ڪوٺ ادا ڪيون وينديون آهن، پر انهن کي ڪن ڏندڪٿائن جي نالن، جهڙوڪ "ڪوسٽروبونڪو"، "ڪوسٽروما"، "ڪوپالو"، "لاڊا" ، ۽ "يا ريلو"، سان موسوم ڪيو ويندو آهي. روسي رسمون بهار ۽ اونهاري جي وچ ۾ ادا ڪيون وينديون آهن. اهڙيءَ طرح لٽل وشيا ۾ ايسٽرٽائيڊ وقت هڪ اهڙي رسم ادا ڪئي ويندي هئي، جنهن ۾ ڪوسٽروبونڪو نالي هڪ اهڙي شخص جي دفن ڪرڻ جو سانگ رچايو ويندو هو. هڪ ڇوڪريءَ کي زمين تي اهڙي نموني سان ليٽايو ويندو هو، ڄڻ ته هوءَ مئل آهي ۽ ان جي چوڌاري ڳائيندڙ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گول چڪر ۾ اهي هي گيت ڳائينديون هيون:-

"مري ويو، مري ويو، اسان جو ڪوسٽروبونڪو،
مري ويو، مري ويو، اسان جو هڪ پيارو."

تان جو ڇوڪري اوچتو اٿي کڙي ٿيندي هئي، جنهن تي سڀئي خوشيون ڪندا هئا ۽ هيئين گيت آلاپيندا هئا:-

"جيئرو ٿيو، جيئرو ٿيو، ڪوسٽروبونڪو اسان جو،
جيئرو ٿيو، جيئرو ٿيو، هڪ پيارو اسان جو."

سينٽ جان جي شام تي (مڊسمرايو) ملال سان 'ڪوپالو' جو هڪ مجسمو تيار ڪيو ويندو آهي، جنهن کي زنانا ڪپڙا پارايا ويندا آهن، ڳچيءَ ۾ هار ۽ مٿي تي گلن جو تاج وڌو ويندو آهي، ان کان پوءِ هڪ وڻ ڪيرايو ويندو آهي، جنهن کي رنگ برنگ ربين سان سينگاري هڪ اڪيلي ڇولڊبل جاءِ تي کڻي وڃي کوڙيندا آهن. ان جي پرسان انهيءَ بت کي رکيو ويندو آهي، جنهن جي پاسي ۾ وري هڪ ميز رکي هوندي آهي،

جنهن تي شراب ۽ ڪڪل گوشت رکيو ويندو آهي. پاڻ جو وڏو مڇ ٻاري، ڇوڪرا ۽ ڪنواريون ڇوڪريون، جوڙي جوڙي جي صورت ۾، ٻوٽي کي هٿ ۾ کڻي، پاڻ جي آر پار ٽپا ڏيندا هون آهن. ٻئي ڏينهن تي وڻ ۽ ٻوٽي تان سڀ سازوسامان لاٿو ويندو آهي ۽ انهن کي پاسي واري ڪنهن وهندڙ نهر، يا ڪسيءَ ۾ لوڙهيو ويندو آهي."

سينٽ پيٽر جي ڏينهن (٢٩ جون تي)، يا ان کان پوءِ ايندڙ آرتوار ڏينهن، "ڪوسٽروما"، يا 'لاڊ'، يا 'ياريلو' جو جنازو روس ۾ ڪڍيو ويندو آهي. "پينزا" ۽ "سمبرسڪ" جي حڪومتن ۾ هيٺين نموني سان ماتمي جلوس ڪڍيو ويندو هو. ٢٨ جون تي پاه جو هڪ وڏو ڏانڊ ٻاريو ويندو هو ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو، ڪنواريون ڇوڪريون جمع ٿي، پاڻ منجهان هڪ کي 'ڪوسٽروما' جي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ چونڊينديون هيون ۽ ان کي ڍگها ڍگها سلام ڪري، سندس اڳيان جهڪي ان جو احترام ڪنديون هيون. ان کان پوءِ، کيس هڪ تختي تي ويهاري، پر واريءَ ڪنهن ڪسيءَ يا واهه تي کڻي وينديون هيون. اتي پهچي، سڀ ڇوڪريون گڏجي ان کي واهه جي پاڻيءَ سان وهنجارينديون هيون. سڀني ڇوڪرين کان جيڪا وڏيءَ عمر واري هوندي هئي، سا ان وچ ۾ ليد جي وڻ جو ڇوڏو لاهي، منجهانئس هڪ ٺوڪرو ٺاهي، ڍول وانگر وڄائيندي هئي. اهي سڀ ڪم پورا ڪري، ڇوڪريون واپس ڳوٺ اينديون هيون ۽ شام جو جلوس ڪڍنديون هيون، يا ناچ ڪنديون هيون، يا وري رانديون ڪري ڏينهن پورو ڪنديون هيون. موروم ضلعي ۾ 'ڪوسٽروما' جو ڪردار گاهه مان ٺهيل هڪ ٻوٽي کي ادا ڪرڻو پوندو هو، جنهن کي زنانا ڪپڙا پارائي، گلن سان سينگاريو ويندو هو. انهيءَ ٻوٽي کي هڪ ڪونڊ ۾ رکي، پر واريءَ ڍنڍ، يا نهر تي نيو ويندو هو، جتي جلوس جا ماڻهو ٻن ٽولن ۾ وراهجي، منجهانئس هڪ، ٻوٽي تي حملو ڪندو هو، ته ٻيو ان جو بچاءُ ڪندو

هو. آخرڪار، حمل آور لولو جهڙي ويندو هو. اوتي ڪي ڪڙي لڪرا لڪرا ڪيو ويندو هو ۽ سندس ڪپڙا ۽ زيور ڦريا ويندا هئا، جنهن ڪاه ۾ مان اهو ٻوتو لهيل هوندو هو، تنهن کي ٻين سان لتاڙيو ويندو هو ۽ بعد ۾ درياه يا ڍنڍ ۾ اڇلايو ويندو هو. هوڏانهن وري ٻوتي جي بچاءُ ڪرڻ وارا پنهنجو منهن هٿن ۾ لڪائي، "ڪوسٽروما" جي قسمت تي روئڻ جو مڪر ڪندا هئا. ڪوسٽروما ضلعي ۾ وري "ياريلو" کي دفن ڪرڻ جي رسم ٢٩ يا ٣٠ جون تي ادا ڪئي ويندي هئي. ڳوٺ جا ماڻهو هڪ پوڙهي شخص کي چوندا، ڪيس ڪفن جي هڪ صندوق هٿن ۾ ڏيندا هئا، جنهن ۾ 'ياريلو' جو بت پيو هوندو هو، جنهن کي هو ڳوٺ کان ٻاهر کڻي ويندو هو. ڳوٺ جون زالون سندس پٺيان ماتم ۽ شاهو ڪنديون هلنديون هيون. ڪنهن ٻنيءَ ۾ کڏ کوٽي قبر ڪوٺي ويندي هئي، جنهن ۾ 'ياريلو' جي مجسمي کي، روڄ ۽ راڙي جي آواز جي وچ ۾ دفن ڪيو ويندو هو. ان کان پوءِ رانديون رونديون ڪيون وينديون هيون، جن کي ڏسي "بت پرست سلووينين قبيلن وارن جون قديم زماني واريون ماتمي رانديون ياد اچي وينديون. لٽل رشيا ۾ 'ياريلو' جي بت کي ڪفن جي صندوق ۾ وجهي، شام کان پوءِ ڳوٺ جي گهٽين ۾ گهمايو ويندو هو ۽ جنازي جي پٺيان وري شراب جي نشي ۾ مدهوش عورتون هونديون هيون، جي ماتم جو سانگ رچائينديون وينديون هيون ۽ وات سان "هو مري ويو" "هو مري ويو" چونديون هلنديون هيون. مرد وري ٻوتي کي صندوق مان ٻاهر ڪڍي ڏولڻ ڏيندا هئا، ڄڻ ته اهي مئل ماڻهوءَ کي دوباره زنده ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن. بعد ۾ هو عورتن کي چوندا هئا ته "اي عورتو نه روئو، اسان کي معلوم آهي ته ماکيءَ کان وڌيڪ مٺي ڪهڙي شئي آهي." ۽ عورتون روڄ راڙو ڪنديون رهنديون هيون، جيئن اهي عام طرح جنازي سان ڪنديون آهن: "او، هن ڪهڙو گناه ڪيو هو؟ ڪهڙو نه چڱو هوا هائي ڪڏهن به جيئرو ڪونه ٿيندو. اڙي، تو کان

سواءِ حياتيءَ ۾ ڪهڙو مزو؟ آٽ، آٽ، فقط هڪ ڪلاڪ واسطي ٿي آٽ. هر الا، ٺٺو اٿي، لٺو اٿي." آخرڪار 'پاريلو' کي دفن ڪيو ويندو هو.

٧- نباتات جو موت ۽ نئون جنم:- اهي روسي رسمون ساڳيون ٿي آهن، جن کي آسٽريا ۽ جرمنيءَ ۾ "موت کي نڪالي ڏيڻ" چوندا آهن. تنهنڪري پوئين رسم مان اسان جيڪو مطلب ڪڍيو آهي، سو جيڪڏهن صحيح آهي، ته پوءِ روسي ڪوسٽرو بونڪو، پاريلو ۽ پيا، اوائل ۾ نباتات جي ديوتا جا نمائندا هوندا، جن جي موت کي سندن نئين جنم لاءِ ضروري ابتدا سمجهي ويندي هوندي. موت کان پوءِ نئين جنم جو سانگ پهرين رسم ۾ رچايو ويو آهي، جنهن ۾ ڪوسٽرو بونڪو جو موت ۽ نئون جنم ڏيکاريو ويو آهي. روسي رسمن مان ڪن ۾ نباتات جي روح جي موت جو سانگ، وچ اونهاري ۾ ڇو رچايو ويندو آهي، تنهنجو سبب اهوئي ٿو معلوم ٿئي ته اونهاري جي وڏي ۾ وڏي ڏينهن کان پوءِ، ڏينهن درجي بدرجي ننڍا ٿيندا ويندا آهن ۽ اونهاري جو زوال شروع ٿي ويندو آهي، جڏهن سج پنهنجي هيٺاهين سفر جو آغاز ڪندو آهي.

"انهن اونداهين ڪڏن ڏانهن،
جتي سياري جا پارا پيا هوندا آهن".

ساليانين تبديليءَ جي اهڙي وقت کي، جڏهن اجا ساوڪ ۾ ٿي اونهاري جي پڄاڻيءَ جي شروعات پوشيده آهي، اوائلي انسان پنهنجي جادوءَ جي اهڙن ٽوڻن ٽيڻن کي شروع ڪرڻ لاءِ بجا طور منتخب ڪيو هوندو، جن جي ذريعي هن کي ساوڪ جي سڙڻ کي روڪڻ، يا ڪم از ڪم ان جي دوباره پيدا ٿيڻ جو آسرو هوندو.

حالانڪ بهار ۽ اونهاري جي رسمن مان گهڻين ۾ ساوڪ جي موت، ۽ ٽورڻ ۾ ان جي دوباره جنم، جو سانگ رچايو ويندو آهي، تنهن هوندي به انهن رسمن ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون به موجود آهن، جي فقط الهيءَ نموني سمجهائڻ ڏکيون آهن. انهن

رسمن جي ادا ڪرڻ وقت جيڪو سنجيده قسم جو ماتمي جلوس ڪڍيو ويجي ٿو، يا جيڪو شاهو ڪيو وڃي ٿو، ۽ ماتمي لباس ڍڪيو ويجي ٿو، سو يقيناً ساوڪ جي مهربان ديوتا جي موت تي ٺي موزون ۽ جڳائيندڙ آهي. پر ان لاءِ ڪهڙي سمجهاڻي آهي، جڏهن ٻوٽي جي جلوس سان گڏ ڪل، چرچي، مستيءَ ۽ مذاق جو مظاهرو ڪيو وڃي ٿو ۽ ان کي ٻُڏن ۽ اُنهن سان مار ڪڍي وڃي ٿي، يا ان تي ٺٺولين ۽ طعنن تنڪن جي بارش ڪئي وڃي ٿي؟ يا ڀلا ان لاءِ ڇا چئجي، جڏهن ٻوٽي جي ڪاٺيءَ کي ڪٽي ويندڙ، ان کي ڦٽي ڪرڻ ڪان پوءِ جنهن عجلت ۽ تيزيءَ سان هڪ ٻئي مٿان ڪرندا ۽ ٿاٻا ٿوبا کائيندا، واپس موٽندا آهن، يا هن اعتقاد لاءِ وري ڪهڙي سمجهاڻي ڏيئي سگهجي ٿي ته جيڪڏهن جلوس وقت، ڪنهن گهر اندر ٻوٽي جي نظر پئجي ويندي ته ان گهر جو ڪو نه ڪو ڀاتي ضرور مرندو؟ انهيءَ ڏِپ جي هه ءَ سمجهاڻي ٿي سگهي ٿي ته سڙيل ساوڪ ۾ وڇڙڻ جو اثر آهي، جنهن ڪري ان جي قريب وڃڻ، خطري ڪانِ خالي نه هوندو، پر اها سمجهاڻي اهڙي ته ناقص ۽ ڇڪيل آهي، جو ان مان 'موت کي ٻاهر ڪيڻ' جي جلوس واريءَ خوشيءَ ۽ کل لاءِ ڪو جواز ڳولهي ملي سگهي. ان ڪري مٿين رسمن جون ٻه جدا ۽ متضاد وصفون خيال ۾ رکڻيون پونديون، هڪ طرف، ساوڪ جي موت تي غم، ۽ مرندڙ لاءِ احترام ۽ پيار، ٻئي طرف، مثل شيءِ کان خوف ۽ ان لاءِ نفرت، ۽ ان جي موت تي خوشي، انهن ٻن صورتن مان پهرينءَ جي سمجهاڻي ڏيڻ جي مٿي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، باقي ٻوئين حالت پهرينءَ سان ڪهڙي نموني اچي گڏي آهي، تنهن جي سمجهاڻي هيٺ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

٨- هندستان ۾ ساڳيون رسمون:- هندستان جي ڪانگڙا ضلعي ۾ نوجوان ڇوڪريون موسم بهار ۾ هڪ اهڙي رسم ادا ڪنديون آهن، جا مٿي بيان ڪيل يورپي رسمن سان ملندڙ ۽ نهڪندڙ آهي. انهيءَ رسم کي "رالي ڪا ميلا" سڏيو

ويندو آهي، رلي، شو يا پاروتيءَ جو مٽيءَ جو هڪ چٽيل مجسمو هوندو
آهي. اها رسم ڪانگڙا جي سڄي علائقي ۾ ملهائي ويندي آهي،
۽ ان جا سڀئي ساٿ ۽ سوڻ چوڪريون ادا ڪنديون آهن.
اها تقريبن چيٽ (مارچ - اپريل) جي سڄي مهيني تائين ملهائي
ويندي آهي، تان جو وچي وساک جي سنڪرات تي ختم ٿيندي
آهي. مارچ مهيني جي ڪنهن صبح جو، ڳوٺ جون سڀئي
چوڪريون گلن ۽ گاهه سان ڀريل ننڍيون ٽوڪريون مٿي تي رکي
ڪنهن مقرر جاءِ تي ڪٺي وينديون آهن، جتي سڀئي ٽوڪريون اونڌيون
ڪري، انهن مان گل ۽ گاهه زمين تي ڍير ڪنديون آهن. اُن
کان پوءِ سڀئي ڇٽيون هٿ ملائي ان ڍير جي چوگرد ڦيريون پائي
نچنديون ۽ ڳائينديون آهن. اهو سلسلو ڏهن ڏينهن تائين روزانو
هلندو رهندو آهي، تان جو گلن ۽ گاهه جو اهو ڍير ڪافي بلند
ٿي ويندو آهي. ان کان پوءِ سڀ چوڪريون گڏجي پاسي واري
ٻيلي ۾ وينديون آهن، جتان آهي وڻن جون ٻه اهڙيون ٽاريون وڍي ساڻ
کڻي اينديون آهن، جن جي هڪ پاسي کان ٽي ٽنگيون، ۽ مضبوط
شاخون لڪتل هونديون آهن. اهڙين ٽارين کي صاف ڪري گلن
جي ڍير مٿان اهڙيءَ طرح اونڌو ڪري رکنديون آهن، جو ٽ - ڇانگو
پاسو گلن جي ڍير مٿان، ۽ ٽاريءَ جو سڌو سنئون ۽ ڊگهو پاسو مٿي هوندو
آهي. ٽارين جي مٿين حصن وٽ شوا ۽ پاروتيءَ جون مورتيون لڙڪايون
وينديون آهن، جي ڪنڀارڻ کان مٽيءَ مان ٺهرايون وينديون آهن.
انهن کي سينگارڻ کان پوءِ چوڪريون ٻن ٽولن ۾ تقسيم ٿي
وينديون آهن، جن مان هڪ شوا جي، ۽ ٻي پاروتيءَ جي طرف هوندي
آهي. ٻنهي مورتين جي شادي ڪئي ويندي آهي ۽ ان موقعي تي
ڪابه ننڍي کان ننڍي رسم ادا ڪرڻ کان نظر انداز ڪانه
ڪئي ويندي آهي. شادي گذرڻ بعد هڪ دعوت منعقد ڪئي
ويندي آهي، جنهن جو خرچ چوڪرين جا والدين پاڻ ۾ ويسي ڪري
پورو ڪندا آهن. ٻيءَ سنڪرات (وساکيءَ) تي سڀئي چوڪريون
گڏجي ٻنهي مورتين کي ساڻ کڻي پاسي واري واهه يا درياهه،

تي ويندڙيون آهن، جتي مورتين کي اوائهي پاڻيءَ ۾ اڇلائي اهڙيءَ طرح روئنديون آهن، ڄڻ ته انهن جي مرڻ جي رسم ادا ٿي رهي آهي. ڳوٺن جا ڇوڪرا وري انهن کي ڇيڙڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ غوطا هڻي، مورتين کي مٿي ڪڍي، انهن جي سامهون هوا ۾ لوڏائيندا آهن ۽ ڇوڪريون شاباس ڪنديون آهن. انهيءَ رسم جو مقصد ڇوڪرين لاءِ دلپسند شوهر ڳولڻ جو هوندو آهي.

مٿين هندستاني رسم ۾، شوا ۽ پارتيءَ کي سبزيءَ جو ديوتا ۽ ديوي سمجهيو وڃي ٿو، اها ڳالهه هن مان صاف ظاهر آهي جو انهن جي مجسمن کي ساين ٽارين مٿان ويهاري، گلن ۽ سائي گاهه جي ڍير تي رکيو وڃي ٿو. يورپ جي لوڪ-رسمن والگر هتي ۽، ساوڪ جي ديوتائن کي پنهنجي لمولي سان ڏيکاريو وڃي ٿو— يعني سبز پوٽن ۽ مجسمن ذريعي. موسم بهار جي هندستاني ديوتائن ۽ ديوين جون اهي شاديون يورپ جي انهن رسمن سان مشابهت رکن ٿيون، جن ۾ 'مي-بادشاه' ۽ 'مي-راڻيءَ' يا 'مي-ڪنوار' ۽ 'مي-گهوٽ' جون شاديون بهار جي موسم ۾ ادا ڪيون وينديون آهن. مجسمن جو پاڻيءَ ۾ اڇلائڻ به انهن يورپي رسمن سان مشابهت رکي ٿو، جن ۾ ساوڪ جي مرده روح کي "موت" "ياريلو"، يا "ڪوسٽروما" جي نالن سان پاڻيءَ ۾ ٻوڙي انهن مٿان شاباس ڪيو وڃي ٿو. ساڳيءَ طرح، جيئن هندستان ۾ اهي رسمون ڇوڪريون ادا ڪن ٿيون، اهڙيءَ طرح يورپ ۾ به اهي رسمون صنف نازڪ لاءِ ئي مخصوص آهن. انهيءَ رسم ادا ڪرڻ سبب ڇوڪرين کي دل موافق شوهرن ملڻ جو اعتقاد، ساوڪ جي روح ۾ تيزيءَ سان وڌي ڪرڻ، ۽ جلد ڦلدار بنائڻ جي خوبين هئڻ ڪري پيدا ٿيل اظار اچي ٿو.

٩- جادوءَ جو ڇشمو:- مٿي ذڪر ڪيل رسمن متعلق اسان کي جيڪا سمجهاڻي اختيار ڪرڻي پيئي آهي، سا هيءَ آهي ته اهي رسمون دراصل جادوءَ جا ٽوٽڪا ڦيٺا هئا، جي سٺل فطرت کي موسم بهار ۾ وري جاڳائڻ لاءِ ادا ڪيا ويندا هئا. جن

ذريعن سان اهي ٽوڻا پنهنجو مقصد حاصل ڪندا هئا، سي هئا نقل ۽ هم آهنگي. قدرتي نظام جي حقيقي اسبابن کان بيخبر، اوائلي انسان جو اعتقاد هو ته فطرتي رد عمل پيدا ڪرڻ لاءِ، جنهن تي سندس زندگيءَ جو دارومدار هو، کيس فقط ان جو نقل ڪرڻو پوندو هو، جنهن کان هڪدم پوءِ ڪنهن خفي تعلق يا هم آهنگيءَ سبب، ڪي ڪانئس زياده طاقتور هستيون سندس لنئڙي ناٽڪ جو، جيڪو هن پاڻ، ڌرتيءَ تي ڪنهن ٻيلي جي هڙيءَ، ڪنهن جبل جي واديءَ، ڪنهن ريگستاني ميدان يا وري ڪنهن طوفاني ساحل تي ادا ڪيو هو، خود بخود وڏيءَ ۽ زياده طاقتور سطح تي نقل ڪنديون ۽ سندس مقصد حاصل ٿي ويندو. هن کي خاطري هئي ته هو ساون پنن ۽ گلن سان سانگ رچائي، اگهاڙي زمين کي پاڻ کي ساوڪ سان ڍڪڻ ۾ مدد ڏئي ٿو، ۽ سياري جي موت ۽ دفن جو ناٽڪ ڪري، هو انهيءَ آدمن موسم کي هڪالي، ۽ واپس ورندڙ بهار جي رستي مان رڪاوٽن کي هٽائڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. هن وقت جيڪڏهن اسين پاڻ کي تصور ۾ به انهيءَ دماغي حالت ۾ نه ٿا پهچائي سگهون، جنهن ۾ اهڙيون ڳالهيون هوند ممڪن معلوم ٿين، ته گهٽ ۾ گهٽ وحشيءَ جي انهيءَ فڪر جو بخوبي اندازو ڪري سگهون ٿا، جو هن سڀ کان پهريائين جسماني ۽ حيواني ضرورتن کان بالاتر ۽ آجو ٿي، فطرتي نظام جي سببن ۽ نتيجن تي غور ڪرڻ کان پوءِ، انهن جي مسلسل ظهور واسطي محسوس ڪيو هوندو. اسان کي جو هن وقت نظام شمسيءَ جي مختلف شڪلين، حادثن ۽ واقعن جي باقاعدگيءَ ۽ يڪسانيت جي خاطري ٿي چڪي آهي، ان ڪري اسان کي ڪو وهم وگمان ۾ نه ٿو اچي سگهي ته جيڪي سبب انهن نتيجن جي ظهور لاءِ ذميدار آهن، سي ڪجهه عرصي بعد ختم ٿي ويندا، پر فطرت جي يڪسانيت ۾ اهو اعتقاد اسان وٽ تمام گهڻي تجربي، مشاهدي ۽ زمانن جي روايات جو نتيجو آهي، وحشيءَ وٽ سندس مشاهدي ۽ روايات جي محدود دائري سبب، تجربي جا اهي بنيادي جزا ئي موجود ڪونه،

جي انهن جي دل و دماغ کي فطرت جي روزانه ٿيندڙ گهرندڙ ۽ زياده تر، سندس وجود کي خطري ۾ وجهندڙ، حالتن متعلق ڪو سڪون ۽ آرام بخشي سگهن. ان ڪري، ڪو به عجب ڪونهي جو هو سج يا چنڊ گرهڻ کي ڏسي ڏڪي ٿو ۽ ائين سمجهي ٿو ته، جيڪڏهن هو انهيءَ راڪاس کي، جو انهن آسماني چراغن کي ڳڙڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، پنهنجا تيرڙا ۽ ٻيا اثر ڦير هڻي نه ڀڄائيندو، ته اهو ڪي اهو سج يا چنڊ فنا ٿيو ويندو. ان ۾ به ڪنهن تعجب جي گنجائش ڪانهي ته رات جي پاڇ اونداهيءَ ۾ هو ڪنهن پڇڙ تاري جي ظهور سبب آسمان جي ڪنهن حصي کي اوچتو ئي اوچتو چمڪندو ڏسي، حيران پريشان ٿي وڃي ٿو؛ حالانڪ فطرت جي انهيءَ نظام کي به، جو پنهنجي مقرر وقت تي باقاعدگيءَ سان ظهور پذير ٿيندو رهي ٿو، هو تيسين فڪر ۽ بي آراميءَ سان ڏسي ٿو، جيسين تجربو کيس سيکاري ٿو ته اهي حالتون خود بخود، ۽ بغير ڪنهن ٻاهرين مداخلت يا امداد جي وجود ۾ ايندڙيون رهنديون. هن لاءِ قدرتي چڪر جي انهن فصلي تبديلين کي جلد يا دير سان سمجهڻ جو دارومدار ڪنهن به خاص چڪر يا تبديليءَ جي طوالت تي رهي ٿو. مثال طور، ڏينهن ۽ رات جو چڪر، هر هنڌ، سواءِ قطبي علائقن جي، ايتري قدر ننڍو ۽ جلد ختم ٿيندڙ آهي، جو ماڻهن شايد ان جي دوباره ظاهر نه ٿيڻ جي انديشي کان جلد ئي نجات حاصل ڪئي هوندي، جيتوڻيڪ مصري باشندا، جيئن اسين مٿي ڏسي چڪا آهيون، ان جي انهيءَ گولي کي، جو شام جو مغرب جي گلابي افق ۾ غائب ٿي ويو هو، ٻئي ڏينهن صبح جو مشرق مان ظاهر ٿيڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ هر روز سوين منتر جنتر پڙهندا هئا. پر موسمن جي ساليانه چڪر جي ڳالهه ئي مختلف هئي. ڪنهن به ماڻهوءَ لاءِ سال جو عرصو تمام ڊگهو آهي ۽ وحشيءَ لاءِ، جنهن کي وقت جي پرواز جي حساب ڪتاب رکڻ جا ذريعا ئي ڪونه هئا ۽ جنهن جو حافظو تمام ڪوتاه هو، سچو

سال ايترو ته طويل عرصو هو، جو هو ان کي باقاعده چڪر سمجهڻ کان قاصر هوندو ۽ زمين ۽ آسمان جي تبديلين کي هو دائمي حيرت ۽ استعجاب جي نظرن سان نهاريندو رهندو هوندو، وقتي خوش ٿيندو هوندو، ته ڪڏهن وقت ڏچي ويندو هوندو، ڪڏهن سندس دل خوشيءَ کان اچلندي هوندي، ته ڪڏهن فڪر لاحق ٿيندو هوندس، جيئن جيئن گرميءَ ۽ روشنائيءَ يا حيواني ۽ نباتاتي زندگيءَ جون تبديليون سندس سک يا دک جو باعث ٿينديون رهنديون هونديون. موسم خزان ۾ خنڪ ۽ خشڪ هوائن جي جهوٽن ۾، جيئن جيئن هو وڻ جي سڪل پنن کي گول چڪر کائيندو ڏسندو هوندو، تيئن تيئن کيس شڪ پوندو هوندو ته ڇا، اهي وري ساوا ٿيندا؟ روز بروز جيان، هو سج کي جيئن لوءِ تيئن هيٺ لهندو ڏسندو هوندو، تيئن کيس کهڙي خاطري ٿيندي هوندي ته اهو آسماني چراغ وري به پنهنجيءَ اصلوڪيءَ بلنديءَ تي واپس ايندو يا نه؟ تان جو گهٽندڙ چنڊ جي ڏائني کي روزانو افق ۾ غائب ٿيندو ڏسي، هن جي دل ۾ شڪ پيدا ٿيندو هوندو ته آئينده شايد چنڊ اڀرندو ئي ڪونه.

انهن ۽ ٻين اهڙن هزارين انديشن ۽ خدشن جا هجوم انهيءَ انسان جي دماغ ۾ ايندا ويندا ۽ سندس دلي سڪون ۾ خلل انداز ٿيندا هوندا، جنهن فقط سياڻي جي فڪر کان بالا تر ٿي، دنيا جي ڏورانهين مستقبل جي متعلق ابتدا ۾ سوچڻ شروع ڪيو هوندو. اها هڪ بلڪل فطرتي ڳالهه هئي ته اهڙن خدشن ۽ خيالن کان متاثر ٿي، سڪل شاخ کي وري پور جهلڻ جي طاقت بخشڻ، سياري جي ڪمزور ۽ بي طاقت سج کي آسمان جي هڪ ڪناري کان واپس موٽائي، ان جي اونهاري واريءَ بلنديءَ تي آڻڻ ۽ روزانو گهٽندڙ چنڊ جي سيمين چراغ کي سندس اصلي مڪمل روپ ڏيڻ لاءِ، هو پنهنجيءَ دماغي صلاحيت مطابق سڀ ڪجهه ڪري. پلي ته اسين ان جي بيسود ڪوششن تي کلون،

۽ اهو فقط طويل تجربن جو نتيجو هو، جو انسان آخرڪار،
پنهنجين ڪوششن مان ڪن جي بيڪار ۽ بيسود، ۽ باقي ڪن
جي ڪارگر هئڻ جو سبق حاصل ڪيو. آخرڪار جادو انهن
تجربن جو مجموعو ئي ته آهي، جي ناڪامياب نه ٿيا آهن ۽
جن تي انهن سببن ڪري، جن جو اسين مٿين بابن ۾ بيان ڪري
آيا آهيون، عمل ٿيندو رهي ٿو، جو عامل کي انهن جي ناڪاميابيءَ
جو علم ئي ڪونهي. علم ۽ معلومات جي واڌاري سان، يا ته اهي
رسمون ختم ٿي وڃن ٿيون، يا وري گهڻي زماني جي گذرڻ کان
پوءِ به، جڏهن انهن جي ادائگيءَ جو اصل مقصد ماڻهن کان
وسري وڃي ٿو، انهن تي فقط عادت جي مجبوريءَ کان عمل ٿيندو رهي
ٿو. چنانچه، پنهنجيءَ بلنديءَ کان پستيءَ ڏانهن هيٺ ڪري جڏهن
انهن کي ايتري قدر مؤثر نه ٿو سمجهيو وڃي، جو انهن جي باقاعده
۽ پوري وقت تي ادائگيءَ مٿان ئي قوم جي ڀلائيءَ، ۽ ڪن
حالات ۾، وجود جو دارومدار سمجهيو وڃي، اهي سادين تماشن،
سانگن، نقلن ۽ ولدرن جي صورت اختيار ڪن ٿيون، تان جو آخرين
منزل تي، جڏهن عوام جا بزرگ انهن کي بلڪل نظر انداز ڪن
ٿا، تڏهن اهي ڪنهن زماني جي عقلمندن، حڪيمن ۽ ويڄن
جي سنجيده مشغلي جي اعليٰ درجي کان هيٺ ڪري، ٻارن جي
راند ۽ ولدر جو ذريعو بڻجن ٿيون. نابوديءَ جي انهيءَ آخرين
منزل تي ئي انسان جي يوروپي ابن ڏاڏن جي جادوءَ جون رسمون
موجود نظر اچي رهيون آهن، ۽ پناه جي انهيءَ آخرين جاءِ تان به،
جديد دور جي مختلف اخلاقي، دماغي ۽ سماجي قوتن جي وڌندڙ
موج، جا انسان ذات کي هڪ نئين ۽ اڻ سڃاتل منزل ڏانهن
گهلي رهي آهي، انهن کي ميڙي سيڙهي پاڻ سان گڏ کڻي وڃڻ
جي ڪوشش ۾ مصروف آهي. اهڙين عجيب و غريب رسمن ۽
رنگين ساٿن جي ختم ٿيڻ تي، جن هن خشڪ ۽ مادي دور
۾ به قديم دور جي تازگيءَ ۽ خوشبوءِ ۽ دنيا جي موسم بهار جي
مٺيءَ ۽ فرحت بخش هير کي قائم رکيو آهي، فطرتي طور افسوس

ضرور ٿيندو، ۽ جڏهن انهن هيءَ ڳالهه ياد ڪندا هون ته انهن
رنگين جلوسن ۾ ماڻهن جو بنياد جهالت، وهم ۽ انڌاڌنديءَ تي رکيل
آهي، تڏهن انسان جي رنج جي شدت گهٽجي ويندي. اهي جيڪڏهن
انساني ڪوششن ۽ جدوجهد جي تاريخ آهن، ته ٿيا ڳئي وقت ۽ ڪار
۽ بيسود قابليت، فضول محنت ۽ غلط اميدن جو داستان به آهن؛
۽ جي رنگين سازوسامان — ڳان، انهن رنگ برنگ رسمن ۽ دهل باڄن
جي باوجود اهي هڪ مذاقيه افساني هئڻ جي بجاءِ
هڪ نهايت دردناڪ ۽ افسوسناڪ قصي وانگر آهن.

مسٽر هارڊٽ جي نقش قدم تي هلندي، انهن مان گهڻن ۽ رسمن
۽ رواجن لاءِ متعلق ٿيون جنهن سمجهائڻ ڏين جي ڪوشش ڪئي
آهي، تنهن کي هن ڪتاب جي ڇهڻ ۽ اشاعت کان پوءِ آسٽريليا
جي قبيلن جي انهن رسمن جي متعلق هن معلومات ملڻ کان پوءِ به
اهي فطرت جي مثل قوتن کي بيدار ڪرڻ لاءِ آسٽريلوي ٻيهار
جي اچڻ کان اڳ عجيب ۽ غريب سانگ ڪندا آهن، ڪافي
تقويت ملي آهي. دنيا جي ٻئي ڪنهن به حصي ۾ موسمن جي
فرق ۾ انهن جون تبديليون شايد اهڙيون اوچتيون ۽ نمايان ڪونه
هونديون آهن، جهڙيون مرڪزي آسٽريليا جي ريگستانن ۾ منجهي
طويل خشڪ موسم کان پوءِ، جڏهن ته خاموشي ۽ موت جي
سناٽي جو راڄ هوندو آهي، اوچتو ئي اوچتو وڏي ڦڙن مينهن جي
وسڪارن کان پوءِ زمين ساوڪ سان ڍڪيل ۽ فضا مشڪندڙ
۽ هزارن جيتن جڙن، ڏيڏرن ۽ پکين جي آوازن سان ڇهڪندڙ
نظر ايندي آهي. فطرت جي شڪل و صورت ۾ اهڙن موقعن تي
جيڪا عجيب تبديلي رونما ٿيندي آهي، تنهن کي متعدد يورپي
مبصرن به جادوءَ جي اثر سان تعبير ڏنو آهي، پوءِ ته ان ۾ ڪو به
تعجب ڪونهي ته هڪ وحشي به ان کي، در حقيقت، جادوءَ جو
اثر سمجهي. اهڙي خوشگوار ۽ وڻندڙ موسم جي اچڻ کان ٿورو ئي
اڳ مرڪزي آسٽريليا جا قبائلي جادوءَ جون ڪي رسمون ادا
ڪندا آهن، جن جو مقصد انهن جانورن ۽ ٻوٽن جي تعداد ۾

اضافي اُن جو ھوندو آھي، جن کي اھي غذا طور استعمال ڪندا آھن. اھي رسمون، ان ڪري اسان جي يورپي ڪڙمين جي موسم بھار وارين رسمن سان، نه فقط وقت جي لحاظ کان قريبي مشابھت رکن ٿيون، پر خود مقصد ۾ به؛ چو ته اِن ۾ اسان ذرو به شڪ ڪونه ٿا ڪري سگھون ته موسم بھار ۾ ٻوٽن کي نئين زندگي عطا ڪرڻ لاءِ جيڪي رسمون ادا ڪيون وينديون ھيون ۽ ناٽڪ ڪيا ويندا ھئا، تن جي ادائگيءَ ۾ اسان جي قديم ابن ڏاڏن جو مقصد نوآمد گلن جي خوشبوءِ سنگھڻ يا انھن کي نسيم بھار ۾ جھوليندو ڏسي خوش ٿيڻ جو ڪونه ھو، پر انھن جي پٺيان اھڙين ڪارروائين جو سبب اھو ٿي اعتقاد ھو ته انسان جو وجود ٻوٽن ۽ گلن جي زندگيءَ سان ئي وابسته آھي ۽ جيڪڏھن اھي فنا ٿي ويندا، ته انسان يقيناً باقي ڪونه بچندو، ۽ جيئن ته جادوءَ جي انھن ٽوٽڻ ٽيڻن کان پوءِ عموماً ٿورو اڳي يا پوءِ، حيوانات ۽ نباتات جي تعداد ۾ گھڻو اضافو اچي ويندو ھو، جنھن لاءِ ئي اھي ٽوٽا ٽيڻا استعمال ڪيا ويندا ھئا، ان ڪري آسٽريليا جي قبائلين جو پنھنجي جادوءَ جي اثرائتي ھئڻ ۾ اعتقاد پختو ۽ مضبوط ٿي ويندو ھو. پراڻي زماني جي يورپي وحشين جي به عين اھا ئي حالت ھئي. ڪڏن ڪوپن ۾ تازي ساوڪ جو اھو نظارو، درياھن جي سيتواريل ڪنارن تي ھوا ۾ جھولندڙ بھار جي گلن، جنوبي ملڪن کان موٽندڙ ”سالو“ پکين ۽ آسمان ۾ سج جي روزانه بلند چڙھائيءَ جي مختلف نظارن کي ھو پنھنجن ٽوٽڻ ۽ ٽيڻن، ۽ جادوءَ جي جنترن ۽ منترن جي موثر ھئڻ جا ظاھري ثبوت سمجھي، انھن جي آجيان ڪندو ھوندو، اھي سڀ ڳالھيون ھن ۾ انھيءَ خوش فھم يقين کي جنم ڏينديون ھونديون ته انھيءَ دنيا ۾، جنھن کي ھو پنھنجين خواھشن ۽ ضرورتن مطابق ڦيري گھيري سگھي ٿو، سڀ ڪجھ ٺيڪ آھي. فقط موسم خزان ۾، جيئن جيئن گرم موسم آھستي آھستي ٺنڍي ٿيندي ويندي ھوندي، تيئن تيئن سڪندڙ ۽ سڙندڙ ساوڪ جي نظاري

سڀ وري سندن اعتقادن کي نون شڪن، شبهن ۽ انديشن سبب
چوٽ لڳندي هوندي، جڏهن ڪين هيءَ پتو پوندو هوندو ته
"مياري" ۽ "موت" کي هميشه واسطي تڙي ڪڍڻ لاءِ هن
جهڪي ۾ جتن ڪيا هئا، سي سڀ ڪيتري قدر نه اجايا ۽
بيسود هئا.

باب اڻيهون

اڊونس جي ڏند ڪٿا

ڪائنات جي ساليانه تبديلين جي نظاري هر دور ۾ انسان جي دل و دماغ تي زبردست اثر ڪيو آهي ۽ هن کي اهڙي عجيب و غريب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڦيرگهير تي سوچڻ لاءِ آماده ڪيو آهي. هن جي اها دلچسپي بغير ڪنهن مطلب جي ڪانه هئي، ڇو ته هڪ وحشيءَ جي دماغ تي به اها حقيقت اثر ڪرڻ کان سواءِ نه ٿي رهي ته اهي ساڳيا اسباب، جي هڪ وهندڙ چشمي کي جماڻي ٿا ڇڏين ۽ ڌرتيءَ کي ساوڪ کان محروم ڪن ٿا، سي سندس بقا ۽ وجود کي به خطري ۾ وجهن ٿا. انساني ارتقا جي ڪنهن منزل تي پهچي، ماڻهوءَ اهو خيال ڪرڻ شروع ڪيو آهي ته انهيءَ مصيبت کي ٽارڻ جو علاج سندس ئي هٿن ۾ آهي ۽ اهو پنهنجي جادوءَ جي زور سان موسمن جي ڦيري جي رفتار کي تيز يا آهسته ڪري سگهي ٿو. ان ڪري هو مينهن وسائڻ، سج اڀارڻ، جانورن جي تعداد ۾ واڌاري آڻڻ ۽ زمين جي پيداوار ۾ اضافي آڻڻ لاءِ جادوءَ جا منتر پڙهي ٿو ۽ ڪي ساٺ سوڻ ڪري ٿو. وقت گذرڻ سان، علم ۽ عرفان جي واڌاري سبب، جيئن هن جي اعتقادن ۾ تبديلي ايندي ويئي آهي ۽ گهڻين ڳالهين مان سندس يقين آهستي آهستي نڪرندو ويو آهي، تيئن تيئن انسان ذات جي زياده عقلمند طبقي محسوس ڪرڻ شروع ڪيو آهي ته سياري ۽ اونهاري، يا موسم خزان ۽ بهار جون تبديليون سندس جادوءَ جي جنترن جو ئي نتيجو نه آهن، پر فطرت جي انهن ڦرندڙ گهرندڙ نظارن جو ڪو زياده عميق سبب آهي ۽ ان لاءِ ڪي زبردست

طاقتون ذميدار آهن. ان منزل تي پهچي هن هيءَ تصور ڪرڻ
شروع ڪيو آهي ته نباتات جو پيدا ٿيڻ ۽ سڙڻ، جاندار شين
جو جنم ۽ موت، ديوتائن ۽ ديوين جي وڌندڙ ۽ گهٽندڙ طاقت
جو سڌو نتيجو آهي. آهي ديوين ۽ ديوتائون، جي انساني
طريقي سان ڄمن ۽ مرن ٿا، ۽ انهن وانگر ئي شاديون ڪن ٿا
۽ ٻار ڄڻين ٿا.

اهڙيءَ طرح موسمن متعلق جيڪو جادوءَ جو قديم نظريو
قائم ٿيل هو، تنهنجي بجاءِ هينئر مذهبي نظريو قائم ٿيڻ لڳو،
يا ڪٿي چئجي ته مذهبي نظريي جادوي نظريي کي ٽنڊي، سندس
جاءِ اچي والاري. جو ته هينئر، جيتوڻيڪ ماڻهن تبديلين جي
سالياني چڪر جو سبب پنهنجن ديوين ۽ ديوتائن جي تبديلين
سان وابسته ڪرڻ شروع ڪيو، پر ان جي باوجود، هو ائين
سمجهندا رهيا ته آهي جادوءَ جي ٽوڻن ٽيڻن سان پنهنجي ديوتا کي،
جو زندگيءَ جو مکيه مرڪز هو، سندس مخالف قوت جي خلاف، جا
موت جي مکيه مرڪز هئي، مقابلي ڪرڻ ۾ مدد ڏيئي سگهندا.
آهي هيءَ تصور ڪرڻ لڳا ته هو ديوتا جي گهٽجندڙ طاقت ۾
اضافو ته آڻي سگهندا، پر کيس موت کان به محفوظ رکي سگهندا.
انهيءَ مقصد لاءِ هو جيڪي به رسمون ادا ڪندا هئا سي،
درحقيقت، قدرتي نظام جي الهن قوتن ۽ اسبابن جو محض هڪ
ڊراماڻي اظهار هونديون هيون، جن جي ڪارڪردگيءَ ۾ آساني
پيدا ڪرڻ سندن مقصد هوندو هو. ڇو ته جادوءَ جو هيءَ هڪ
مکيه اصول آهي ته ڪنهن به نتيجي يا اثر کي پيدا ڪرڻ لاءِ
ان جو نقل ڪرڻ ئي ڪافي آهي ۽ جيئن ته هاڻي نباتات جي
اسرڻ ۽ سڙڻ، نئين طرح جنم وٺڻ، ۽ وري فنا ٿيڻ
کي ديوتائن جي شاديءَ، موت ۽ دوباره جنم وٺڻ سان
وابسته سمجهڻ لڳا، ان ڪري سندن مذهبي يا جادوي ناٽڪ هينئر
انهيءَ نوعيت جي خيالن ۽ نظرين جي اظهار ڪرڻ لاءِ ادا ڪيا
ويا، جن ۾ زندگي بخشيندڙ طاقتن جي ٿلدار ميلاپ، ديوتائي

جوڙي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ شريڪ جي افسوسناڪ موت، ۽ سندس دوباره زنده ٿيڻ جا نظارا ڏيکاريا ويندا هئا. چنانچه، هڪ مذهبي نظريي کي جادوءَ جي هڪ رسم سان ڳنڍيو ويو. اهو اشتراڪ تاريخ اندر مشهور و معروف آهي. درحقيقت ڪي ٿورا ئي مذهب هاڻ کي جادوءَ جي اثر کان بچائي سگهيا آهن. ٻن مختلف ۽ متضاد اصولن جي غيرفطري ۽ اڻ ٺهڪندڙ اشتراڪ هڪ فيلسوف جي روح کي ڪهڙي نه ڪٺي اذيت رسائي هجي، ۽ هڪ رواجي ماڻهوءَ کي اِن گهڻو ڪري ڪابه تڪليف ڪانه پهچائي. درحقيقت هن جو ته انهيءَ طرف ڪو ڌيان ئي نه ٿو وڃي. هن جو مطلب آهي عمل ڪرڻ سان، ۽ نه ان جي مقصد سان. انسان ذات جيڪڏهن هميشه کان عقلمند ۽ منطقي هجي ها، ته تاريخ غلطين ۽ ڏوهن جو هڪ طويل داستان ئي نه هجي ها.

موسمن جي تبديليءَ سبب، پوريءَ ڌنيءَ آب و هوا واري ڌني ۾ جيڪي تبديليون اچن ٿيون، تن سڀني کان زياده نمايان نباتات جي تبديلي آهي. مختلف موسمن جو جانورن تي به، جيتوڻيڪ گهڻو اثر ٿئي ٿو، پر ان جي باوجود، اهو ايتري قدر ظاهر نه ٿو ٿئي. ان ڪري جادوءَ جا جيڪي ناٽڪ رچايا ويندا هئا، تن ۾ لازمي طور ”سياري“ کي هڪالڻ ۽ ”بهار“ کي واپس آڻڻ لاءِ زياده زور نباتات تي رهي ٿو، جنهن ڪري انهن ۾ جانورن ۽ پکين جي بنسبت، وڻ ۽ ٻوٽا، گل ۽ ٻن زياده اهم ۽ نمايان ڪردار ادا ڪن ٿا. بهرحال، اهڙين رسمن ادا ڪندڙن جي دل ۾ زندگيءَ جا اهي ٻه پهلو هڪ ٻئي کان علحده ڪونه هئا. دراصل انهن جو گهڻو ڪري هيءُ اعتقاد هو ته جانورن ۽ ٻوٽن جي دنيائن ۾ ايترو ته گهرو تعلق آهي، جيترو سچ پچ ڪونهي. ان ڪري سيون، جانورن ۽ ماڻهن جي واڌاري لاءِ، هو جنس جو حقيقي يا ڊرامائي ميلاپ ڪرائيندا هئا، ته جيئن هڪ ئي وقت ساڳئي عمل ذريعي ٻنهي عالمن جي باشندن جي تعداد ۾ اضافو اچي. هتي لاءِ زندگيءَ ۽ ان جي واڌاري جو اصول،

حيوانن ۽ ٻوٽن لاءِ يڪسان هو. زنده رهڻ ۽ پنهنجي زندگيءَ جو باعث ٿيڻ، کائڻ ۽ ٻار ڄڻڻ، اهي ئي انسان ذات جي ماضيءَ جي دور ۾ بنيادي ضرورتون ۽ تمنائون هيون، ۽ تيستائين رهنديون اينديون، جيستائين هيءَ دنيا قائم آهي. انساني زندگيءَ کي زياده خوبصورت ۽ مالامال ڪرڻ خاطر منجهس پوءِ ڳالهين جو اضافو ٿيندو آندو ويو، پر جيستائين اول انهن ضرورتن جي پورائي ڪانه ٿيندي، تيستائين خود انسانيت جي فنا ٿيڻ جو انديشو آهي. انهن ڪري موسم جي انتظام جي باقاعدگيءَ لاءِ جيڪي جادوءَ جا ٽوٽڪا ڪيا ۽ سڳڻ ساٺ ڪيا ويندا هئا، تن جو مقصد خوراڪ ۽ اولاد حاصل ڪرڻ جو هوندو هو.

ظاهر طور دنيا جي ٻئي ڪنهن به حصي ۾ اهي رسمون ايتري قدر عام طور، يا ايتريءَ سنجيدگيءَ سان ڪونه ادا ڪيون ويون آهن، جيتري قدر انهن علائقن ۾، جيڪي ڀونوچ سمنڊ جي اڀرندي ڪناري تي واقع آهن، مصر ۽ اولهندي ايشيا جي ٻين ملڪن، نباتات جي ساليانيءَ 'موت' ۽ 'نئين جنم' جو "اوسيرس"، "تموز"، "ائڊونس" ۽ "اٽس" جي مختلف نالن سان اظهار ٿيل ڪيو آهي ۽ انهيءَ کي هڪ ديوتا جو روپ ڏنو هو، جو هر سال مرندو هو ۽ موتن جي دنيا مان وري موٽندو هو. هر جڳهه تي نالن ۽ رسمن جي تفصيلات ۾ فرق هوندو هو، پر انهن جو مقصد هڪ ئي هوندو هو. متعدد ۽ قسم قسم جي نالن ۾ اها ساڳي حقيقت واري انهيءَ مشرقي ديوتا جي فرضي "موت" ۽ دوباره جنم جي حالات جي هاڻي جاچ پڙتال ڪرڻي آهي، اچو ته پهريائين "تموز" يا "ائڊونس" سان ابتدا ڪريون.

"ائڊونس" جي پوڄا بابل ۽ شام جا رهاڪو ڪندا هئا، جن وٽان يونانين عيسوي سن کان ست سو سال اڳ، انهيءَ پوڄا جي رسم اختيار ڪئي. انهيءَ ديوتا جو سچو نالو "تموز" هو، 'ائڊونس' جو اضافو اوائلي شامي ٻوليءَ جي لفظ "ائڊون" مان ڪيو ويو، جنهن جي معنيٰ آهي "مالڪ" ۽ اهو هڪ عزت ۽

احترام جو لقب هو، جو ان جي پوڄارين کيس ڏنو. پر، يونانين غلط فهميءَ کان لقب واري لفظ کي ان جو اصلي نالو سمجهيو. بابل جي مذهبي ادب ۾ کيس "اشتر" ديويءَ جو نوجوان رفيقِ حيات، يا عاشق ڏيکاريو ويو آهي. "اشتر" اما ماتا-ديوي آهي، جا سڀني فطرتي طاقتن پيدا ڪرڻ جو سرچشمو آهي. ڏند ڪٿائن ۽ رسمن ۾ انهن ٻنهي جي تعلقات جا حوالا، حالانڪ اڌورا سڌورا ۽ تمام ٿورا آهن، پر ان جي باوجود، اُهين معلوم ٿئي ٿو ته تموز هر سال سري، هن مزيدار دنيا جي تختي تان آداس ۽ ويران زير زمين علائقن ڏانهن ويندو هو ۽ هر سال سندس محبوبه هنجي جستجو ۾ "انهيءَ دنيا ڏانهن ويندي هئي، جتان ڪو واپس ڪونه آيو آهي ۽ جتي دروازي ۽ ڪڙي مٿان خاڪ پئي آهي". ان جي غير حاضريءَ واري زماني ۾ هن دنيا مان محبت جو جذبو مفقود ٿي ويندو هو، انسان ۽ حيوان جڻ بند ڪري ڇڏيندا هوا ۽ هر قسم جي حيات جي فنا ٿيڻ جو خطرو هوندو هو. سڄي حيواني دنيا جي جنسي ڪاروبار سان ديويءَ جو اهڙو گهرو تعلق هو، جو ان جي موجودگيءَ کان سواءِ انهيءَ جي پورائي ڪانه ٿي سگهندي هئي. جهنمي علائقن جي سخت گير ۽ تند مزاج راڻي، جنهن جو نالو "الاتو" يا "اريش-ڪگال" هو، ڏاڍيءَ پيدليءَ ۽ مجبوريءَ سان اشتر کي آب حيات ڇڙڪائڻ ۽ پنهنجي محبوب، تموز جي صحبت ۾ عالم بالا ۾ واپس وڃڻ جي اجازت ڏيندي هئي، ته جيئن انهن ٻنهي جي واپسيءَ سبب سڄي ڪائنات وري هوش ۾ اچي. تموز جي موت تي جيڪو ماتم ڪيو ويندو هو، تنهنجا حوالا بابل جي مذهبي منترن ۾ ڏنل آهن. کيس انهن ٻوٽن سان مشابهت ڏني وئي آهي، جي تمام جلد سڙي ويندا آهن. هو

"اهو ٻوٽو آهي، جنهن کي باغ ۾ پاڻي ڪونه مليو آهي،
جنهن جي چوٽيءَ تي پنيءَ ۾ ڪو پور ڪونه آيو آهي،
اهو بيد (آهي) جو ڪسيءَ جي ڪنڌيءَ تي ملول هو،
اهو بيد، جنهن جون پاڙون پٽيون ويئون،

اها ٻولي، جنهن باغ ۾ پالي ڪئي، هئي."

معلوم ٿئي ٿو ته سندس موت تي مرد ۽ زالون نسرين جي سنهي ۽ تيز آواز تي هر سال اونهاري جي وچ ڌاري، انهيءَ مهيني ۾، جو سندس نالي تي تموز سڏيو ويندو هو، ماتم ڪندا هئا. اهو به معلوم ٿئي ٿو ته اهو شاهو مرده ديوتا جي مجسمي مٿان ڪيو ويندو هو، جنهن کي پاڪ پاڻيءَ سان غسل ڏنو ويندو هو، عطر لڳايو ويندو هو ۽ سندس جسم کي سرخ رنگ جي خوبصورت جبي ۾ ڍڪيو ويندو هو. هرطرف کان تيز ۽ خوشبودار ڌوپ جو واس هوا ۾ ملي، مئل ديوتا جي سُتل حواسن کي بيدار ڪرڻ ۽ کيس موت جي اگهور ننڊ مان جاڳائڻ جو ڪم ڪندو هو. هڪ اهڙي مرثيه ۾، جنهن جو عنوان "تموز لاءِ نسرين جي واويلا" آهي، اسان کي انهن ڳائيندڙن جو آواز ۽ نسرين جا ماتمي سر اڃا تائين درد ڀريو گيت جهونڪاريندي دور کان ايندڙ موسيقيءَ وانگر ٻڌڻ ۾ اچن ٿا:

"هن جي غائب ٿيڻ تي، هوءَ وڏي واڪي پار ڪڍي ٿي،
'منهنجا پٽڙا!' هن جي غائب ٿيڻ تي هوءَ وڏي
واڪي پار ڪڍي ٿي،
'منهنجا دامو!' هن جي غائب ٿيڻ تي هوءَ وڏي
واڪي پار ڪڍي ٿي،
'منهنجا دلبر ۽ پوڄاري'! هن جي غائب ٿيڻ تي هوءَ وڏي
واڪي پار ڪڍي ٿي،
ڇمڪندڙ چندن جي وڻ تي، جو وسيع جاءِ ۾ پوکيل آهي،
انهيءَ پار وانگر، جيڪو هڪ جاءِ پنهنجي مالڪ لاءِ
ڪيلدي آهي، هوءَ پار ڪڍي ٿي،
انهيءَ پار وانگر، جيڪو شهر پنهنجي راڄا لاءِ ڪيلدو
آهي، هوءَ پار ڪڍي ٿي،
هن جو پار انهيءَ ٻوٽي لاءِ پار آهي، جيڪا پنهنجيءَ
پاريءَ ۾ نه ٿي وڌي،

هن جو ٻار اناج جي انهيءَ ٻاڙ وانگر آهي، جو پنهنجي
سنگ ۾ نه ٿو لڙي،
هن جو ڪمرو اها ملڪيت آهي، جيڪا ٻي ملڪيت
نه ٿي پيدا ڪري،
هڪ ماندي عورت، هڪ ماندو ٻار، ٿڪل،
هن جو ٻار هڪ وڏيءَ نديءَ لاءِ آهي، جنهن تي ڪوبه
پيلو نه ٿو ابري،
هن جو ٻار انهيءَ ٻنيءَ لاءِ آهي، جتي اناج ۾ ٻوٽيون
نه ٿيون ڄمن،
هن جو ٻار انهيءَ چشمي لاءِ آهي، جنهن ۾ مڇيون نه
ٿيون اڇلن،
هن جو ٻار ڪانن جي انهيءَ ٻوڙيءَ لاءِ آهي، جنهن ۾
ڪانا نه ٿا ڄمن،
هن جو ٻار انهن ٻيلن لاءِ آهي، جن ۾ گدامڙيءَ جا وڻ
نه ٿا ڄمن،
هن جو ٻار انهيءَ ويرانيءَ لاءِ آهي، جنهن ۾ سرو جا
وڻ (؟) نه ٿا ڄمن،
هن جو ٻار وڻن واري باغ جي انهيءَ گهاٽائيءَ لاءِ آهي،
جنهن ۾ ماکي ۽ شراب نه ٿا وڌن،
هن جو ٻار انهن ٻنين لاءِ آهي، جن ۾ ٻوٽا نه ٿا ڄمن،
هن جو ٻار انهيءَ محلات لاءِ آهي، جنهن ۾ عمر جي
درازي نه ٿي ٿئي.

”اڊونس“ جي المناڪ ڳالهه ۾ ان جي اداس رسمن متعلق بابل جي ادب جي ٽڪرن ٽيرن، يا ازيڪيل نبيءَ جي مختصر حوالي مان، جنهن يروشلم جي عورتن کي ’تموز‘ لاءِ مندر جي شمالي دروازي وٽ روئندو رڙندو ڏٺو، اسان کي اهڙي مڪمل معلومات نه ٿي ملي سگهي، جيتري يوناني مصنفن جي بيانن مان حاصل ٿئي ٿي. يوناني ڏند ڪٿائن جي شيشي جي چوڪٺ ۾

مرڻ جهڙي، هيءَ مشرقي ديوتا اسان کي خوبصورت نوجوان نظر اچي ٿو، جنهن تي ’انفروڊائيٽ‘ ديوي عاشق آهي. هن جي ننڍپڻ ۾ انهيءَ ديويءَ کيس هڪ صندوق ۾ بند ڪري، زير زمين دنيا جي رانيءَ، ’پرسيفون‘ جي سپرد ڪيو. پر جڏهن ’پرسيفون‘ صندوق کولي ۽ ٻار جو حسن ڏٺو، تڏهن هن کيس ’انفروڊائيٽ‘ کي واپس ڏيڻ کان انڪار ڪيو، حالانڪ عشق جي ديويءَ کي پنهنجي پياري کي قبر جي طاقت کان ڇڏائڻ لاءِ بذات خود دوزخ ۾ وڃڻو پيو. عشق ۽ موت جي ٻن ديوين جو جهڳڙو ’زيوس‘ ديوتا نبيريو، جنهن حڪم ڪيو ته ’ائڊونس‘ کي سال جي هڪ حصي ۾ زير زمين دنيا ۾ ’پرسيفون‘ ديويءَ سان گڏ رهڻ گهرجي ۽ سال جو باقي حصو کيس ’انفروڊائيٽ‘ ديويءَ سان عالم بالا ۾ گذارڻ گهرجي. آخرڪار، اهو خوبصورت نوجوان شڪار ڪندي، جهنگلي سوئر، يا پنهنجي حاسد، ’آرس‘ جي هٿان، جنهن پنهنجي رقيب کان انتقام وٺڻ لاءِ پاڻ کي جهنگلي سوئر جي شڪل ۾ تبديل ڪيو، مارجي ويو. ’انفروڊائيٽ‘ پنهنجي پياري ’ائڊونس‘ کان جدا ٿي، سندس موت تي سخت ماتم ڪيو. ڏند ڪٿا جي انهيءَ صورت ۾، ائڊونس جي مالڪيءَ لاءِ ’انفروڊائيٽ‘ ۽ ’پرسيفون‘ ديوين جي درميان مقابلو، مُئن جي دنيا ۾ ’اشتر‘ ۽ ’الاتو‘ جي مقابلي جو صاف عڪس آهي. هوڏانهن وري ’زيوس‘ ديوتا جو اهو فيصلو ته ’ائڊونس‘ کي سال جو هڪ حصو زمين تي، ۽ ٻيو حصو زمين هيٺان گذارڻ گهرجي، ’تموز‘ ديوتا جي ساليالي غائب ٿيڻ ۽ وري ظاهر ٿيڻ جو يوناني ترجمو آهي.

باب ڏيهون

شام ۾ اڊونس

مغربي ايشيا جي ٻن شهرن ۾ ”اڊونس“ جي ڏند ڪٿا کي مقامي افسانن ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ انهن هنڌن تي ان جون رسمون ڏاڍي سنجيدگيءَ سان ادا ڪيون وينديون هيون. انهن مان هڪ شهر، شام جي ساحل تي واقع، ”ٻائبلس“، ۽ ٻيو، قبرص جو هڪ شهر، ”پافوس“ هو. اهي ٻئي شهر ’افروڊائيٽ‘ ديويءَ جي پوڄا جا مرڪز هئا. اولهه ايشيا ۾ اهيءَ ديويءَ کي ’اسٽارٽ‘ سڏيندا هئا ۽ جيڪڏهن ڏند ڪٿائن تي يقين ڪجي ته پوءِ اڊونس جو پيءُ، ’سائنراس‘ ٻنهي شهرن جو بادشاهه هو. انهن ٻنهي مان ٻائبلس زياده قديم شهر هو. دراصل، فونيشيا ۾ اهو شهر سڀني کان وڌيڪ قديم سمجهيو ويندو هو ۽ ان جو بنياد اوائلي زماني ۾ عظيم ديوتا، ”ايل“ وڌو هو، جنهن کي يوناني ’ڪرونس‘، ۽ رومي ’سٽرن‘ جي نالي سان شناخت ڪندا آهن. اهو ڪٿي ڪيئن به هجي، ۾ تاريخي دورن ۾ ان کي هڪ مقدس شهر سمجهيو ويندو هو، جو فونيشيا وارن جو ’مڪو‘ يا ’يروشلم‘ هو. اهو شهر سمنڊ جي ساحل تي هڪ بلنديءَ تي اڏيل هو ۽ منجهس ’اسٽارٽ‘ ديويءَ جو هڪ عاليشان مندر هو، جنهن ۾ هڪ وسيع ميدان جي عين وچ ۾، جنهن جي چوڌاري زير زمين ٻرا لڳل هئا، هڪ وڏو ڳڪنبو منارو اڏيل هو، جنهن کي ماڻهو ديويءَ جو مقدس مجسمو سمجهندا هئا. اهيءَ آستاني ۾ ’اڊونس‘ جا سانگ ۽ سڱن ڪيا ويندا هئا. درحقيقت، سڄو شهر ديويءَ جي ڪري مقدس سمجهيو ويندو هو ۽ ٻائبلس شهر جي ڏکڻ ۾ وهندڙ نديءَ، لهر

ابراهيم، جا سمنڊ ۾ وڃي ڇڙي ٿي، سا قديم زماني ۾ ائڊونس جي نالي سان سڏي ويندي هئي. اهو زمانو سائنيرامس بادشاه جو هو، قديم زماني کان وٺي پوين دورن تائين انهيءَ شهر تي بادشاهن جي حڪومت رهندي آئي آهي، جنهن ۾ ڪڏهن وزيرن يا صلاحڪارن جي ڪائونسل يا سينيٽ شايد مدد ڪندي هئي.

بائبلس شهر جي پوئين حاڪم جو نالو به سائنيرامس هو، جنهن کي پامپي اعظم سندس ظالمانه ڪارروائين ڪري قتل ڪيو هو. انهيءَ بادشاه جي قديم نالي-پائي، سائنيرامس، لبنان جبل مٿان ڪنهن جاءِ تي افروڊائيٽ، يعني اسٽارٽ ديويءَ جي نالي هڪ مندر ٺهرايو هو، جو سندس دارالخلافه کان هڪ ڏينهن جي پنڌ تي هو. اندازو آهي ته اها جاءِ ائڊونس نديءَ جي منهن وٽ، بائبلس ۽ بعلبڪ جي وچ تي، افاڪا وٽ هئي، ڇو ته افاڪا وٽ اسٽارٽ ديويءَ جي هڪ مڙهي ٺهيل هئي، جنهن کي بعد ۾ 'قسطنطنين' اچي ڊهرايو، ڇاڪاڻ ته ان ۾ جيڪا پوڄا ٿيندي هئي، سا سخت وحشيانه، ظالمانه ۽ بيهوده هوندي هئي. انهيءَ مندر واري جاءِ، موجوده زماني جي سياحن انهيءَ ڏتڙيل ڳوٺ جي نزديڪ ڳولي لڌي آهي، جو اڄا تائين 'افڪا' جي نالي سان سڏجي رهيو آهي ۽ خطرناڪ ۽ ويران ائڊونس نديءَ جي منهن وٽ واقع آهي. اهو ننڍڙو ڳوٺ، ٽڪريءَ جي ڪپ تي اخروٽ جي شاندار وڻن جي جهڳٽن جي وچ ۾ پيل آهي، جتان ٿورو ئي پرڀرو، بلند ۽ نوڪدار پهاڙن جي گول چڪر جي دامن ۾ واقع، هڪ مهيب غار مان اهو درياه بي انتها قوت سان نڪري، خطرناڪ پهاڙي اونهاين ۾ متعدد آبشارن جي صورت ۾ وڃي ڪري ٿو. درياه جو پاڻي، جيئن جيئن هيٺاهين طرف وڌندو وڃي ٿو، تيئن تيئن پاسن کان ساوڪ زياده گهاٽي ٿيندي وڃي ٿي ۽ انهيءَ خطرناڪ ۽ اونهيءَ کڏ مٿان سبز پوش چاڙهي، ان کي هڪ عجيب وغريب صورت بخشي ٿو. آبشارن جي هيٺ،

ڪرندڙ پاڻيءَ جي تازگيءَ، جاپلو هوا جي خوشبوءِ، آسپاس جي صفائيءَ، ۽ ساوڪ جي چيٽي ۽ سائي رنگ ۾ هڪ لذيذ ۽ ذري گهٽ نشيدار خصلت آهي. اهو منظر، جنهن جا ٽڪيل ۽ ڇوڪندا وڏا پٿر ۽ سخت ڪاري پٿر جو هڪ منهو ۽ ڏکهو ٽنب اڃا تائين انهيءَ جاءِ تي پيا آهن، سو درياه جي منهن جي عين سامهون، هڪ بلند پهاڙيءَ جي چوٽيءَ تي هڪ هموار ميدان ۾ پيٺل هو، جتان اڄ به هڪ دلڪش قدرتي نظارو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اڄ به آتي آبشارن جي گجگوڙ، ۽ پاڻيءَ جي گجيءَ مٿان آها ئي مهيب غار ۽ ان جي پريان جبلن جون سنهيون ۽ بلند چوٽيون موجود نظر اچن ٿيون. پهاڙيءَ جي چوٽي ايتري قدر بلند آهي، جو ان جي پاسن کان جيڪي بڪريون پهاڙي ٻوٽن کائڻ لاءِ رڙهنديون ۽ مٿي چڙهنديون وينديون آهن، سي سوين فوٽ هيٺان ننڍڙين ماڪوڙين مثل نظر اينديون آهن. سامونڊي طرف وارو نظارو خاص طور حيرت انگيز ۽ ناقابل فراموش آهي. جڏهن سج پنهنجي زرين شعاعن سان، عميق ۽ جاپلو درياه کي روشن ڪري، ان جي عجيب و غريب پٿريلن گول منارن ۽ چاپلو فصيل کي ظاهر ڪري ٿو ۽ ان جي تري وارن وڻن ۽ ساوڪ کي پنهنجن نرم ۽ روشن ڪرڻن سان ڇهي، تيز ۽ سياه سبز رنگت بخشي ٿو، تڏهن جبلن جي خاڪي ۽ نامي رنگ ۽ ساوڪ جي تيز سائي رنگ جي آميزش سان هڪ محيرالعقول نظارو قدرت جي صناعيءَ جو بي نظير نمونو پيش ڪري ٿو. اها ئي جاءِ آهي، جتي ڏندڪٿائن مطابق، 'ائڊونس' جي 'ائفروڊائيٽ' سان پهرين ۽ آخرين ملاقات ٿي هئي ۽ اتي ئي ان جي چچريل لاش کي دفن ڪيو ويو هو. محبت جي دردناڪ داستان ۽ موت لاءِ ان جاءِ کان زياده موزون ۽ خوبصورت مقام ٻيو ڪو ئي مشڪل ملي ها. جيتوڻيڪ اها وادي ٻيءَ آباديءَ کان دور ۽ علحده پيٺل آهي، ۽ هميشه کان وٺي اڏين ٿي پيٺل هوندي، ان جي باوجود، اها بلڪل ويران ۽ غيرآباد ڪانهي. اٿاهه ۽ بي پايان آسمان جي اس منظر ۾، درياه

جي ڪجڪوڙ ۽ گهمسان کان دور، ڪٿي ڪٿي ڪنهن ٻهاڙي جاءِ يا ڪنهن انتهائي بلند ۽ هموار جابلو چوٽيءَ سان چنبڙيل، ڪول ڪو واهڻ يا ڪاڪ ڪا مڙهي اڄ به نظر اچي ٿي. شام جي اولاهيءَ ۾، جڏهن انهيءَ ويرانيءَ مان ننڍيون ننڍيون ٻتيون چمڪنديون نظر اينديون آهن، تڏهن اهڙن اداس ۽ تقريباً غيرآباد جبلن جي لاهين تي، جتي ماڻهوءَ جو پهچڻ ئي مشڪل معلوم ٿئي ٿو، انساني موجودگيءَ جا آثار صاف نظر ايندا آهن. قديم زماني ۾ سڄي خوبصورت وادي ائڊونس جي ناليءَ ۾ ارپڻ ٿيل معلوم ٿئي ٿي ۽ اڄ به اها سندس يادگيريءَ کان خالي ڪانهي، ڇو ته انهيءَ ماٿريءَ جي چوگرد پٿرن ٽڪرين جي بلند چوٽين تي، جن مان ڪي ايتري قدر ته اوچيون آهن، جو انهن تان هيٺ لهاربندي، دماغ چڪرائجي ٿو ۽ جن جي هيٺاهين گهرائين ۾ عقاب پنهنجن آکيرن جي چوڙاري لامارا ڏيندا رهن ٿا، اڄ به ائڊونس جي پوڄا جا نشان پٿرن ۾ اڪيل ۽ مٿن چٽيل صاف نظر اچن ٿا. اهڙن يادگارن مان هڪ، غنيه ۾ موجود آهي. هڪ پٿريلي ۽ ناهموار ڪڏ مٿان، پٿر جي هڪ وڏيءَ ڇپ تي، ائڊونس ۽ ائفروڊائيٽ جا مجسما تراشيل آهن. ائڊونس جي هٿ ۾ ڀالو ڏنل آهي ۽ هو آرام سان سامهون حملي ڪندڙ هڪ رڇ جو انتظار ڪري رهيو آهي ۽ ائفروڊائيٽ افسرده حالت ۾ سندس پرسان ويٺي آهي. ٿي سگهي ٿو ته اها غمزده ۽ افسرده ديوي، لبنان واري ماتم ڪندڙ ائفروڊائيٽ هجي، ۽ سندس پاسي ۾ کوٽيل کڏ، سندس قبر. سندس پوڄارين جي اعتقاد مطابق، "ائڊونس" هر سال جبلن تي زخمي ٿي مرندو آهي ۽ هر سال، خود فطرت جي شڪل ۽ صورت سندس مقدس رت سان رنگجي ويندي آهي. ان ڪري سال بسال شامي دوشيزائون، جن جي بي وقتي موت تي ماتم ڪنديون هيون، هوڏانهن ائڊونس جو گل، سرخ لالو، لبنان

جي بلند قامت وڻ جي درميان لڙندڙ هو، ۽ جڏهن ٻه هوا جو رخ ڪناري طرف ٿيندو هو، تڏهن درياه جو سرخ پاڻي پونوچ سمنڊ جي ور وڪڙ ڪاٺيندڙ ساحل تي ڳاڙهي رنگ جا ٻڌا چڙهي ٻيتي موٽندو هو.

باب ايڪٽيهون

قبرص ۽ ائڊونس

قبرص جو ٻيٽ شام جي ساحل کان هڪ ڏينهن جي ساموندي سفر تي واقع آهي. درحقيقت، اونهاري جي شام جو ان جا پهاڙ لاهو سج جي سرخ باه ۾ سياه ۽ هيٺاهين سطح تي جهڪيل نظر ايندا آهن. ٽامي جي ڀرپور کاڻين، ۽ چيل ۽ چندن جي وڻن هئڻ سبب، تجارتي ۽ جهازران قوم، جهڙوڪ فونيشيا وارن کي هن جزري ڏانهن ڪشش ٿي، هوڏانهن وري ان جي اناج، شراب ۽ تيل جي فراواني، هن ٻيٽ کي سندن وطن جي جابلو ساحل جي غيرآباد نوعيت جي مقابلي ۾، جو چئني طرفن کان جبلن ۽ سمنڊ سان گهيريل هو، هڪ جنت ٺاهي ڇڏيو. ان ڪري، اهي تمام قديم زماني ۾ قبرص ۾ سڪونت اختيار ڪري ويهي رهيا ۽ تيستائين رهيا پيا هئا، جيستائين ان ٻيٽ جي ساحل تي يونانين کي قبضو ڄمائي به ڪافي گهڻو عرصو گذري ويو، ڇو ته اسان کي پٿر تي اڪريل تحريرن ۽ سڪن مان معلوم ٿيو آهي ته "سيليم" ۾، فونيشيا وارا بادشاه سڪندر اعظم واري زماني تائين حڪومت ڪندا هئا. لازمي آهي ته اها ٻيڪ شاهي قوم پنهنجي وطن جي ديوتائن کي پاڻ سان گڏ کڻي آئي هوندي. اهي ماڻهو لبنان واري "بعال" جي پوڄا ڪندا هئا جو، امڪان آهي ته خود ائڊوناس هجي، ۽ ٿي سگهي ٿو ته جنوبي ساحل تي ايماٿس وٽ، هنن ائڊونس ۽ افروڊائيٽ، يا آسٽارٽ جي پوڄا شروع ڪئي هجي. بائبلس وانگر هتي به، جيڪي سڳن ساٿ ڪيا ويندا هئا، سي مصر واري اوسيريس سان اهڙا ته ملندا هئا، جو ڪي ايماٿس واري ائڊونس کي اوسرس ئي سمجهندا هئا.

(٤) ائڊونس ۽ ائفروڊائيٽ جي پوڄا جو عظيم مرڪز قبرص ٻيٽ جي جنوب-مغربي ساحل تي پافوس نالي هڪ شهر هو. انهن ننڍين ننڍين حڪومتن مان، جن ۾ قبرص جو ٻيٽ اسان جي سن جي چوڏهين صديءَ تائين تقسيم ٿيل هو، تن مان پافوس ان وقت جي بهترين حڪومتن منجهان هڪ هئي. اهو علائقو ٽڪرين ۽ ناهموار ميدانن سان ڀريل آهي، جنهن ۾ ڪٿي پوکون، ۽ ڪٿي انگور جون وليون آهن، ۽ اهو درياهن جي اهڙي ڄار سان ڀريل آهي، جو ان جي اندروني حصن جو سفر ڏکائيندڙ ۽ محال آهي. اولائمپس جبل جي شاخ (جديد ٽروڊوس) جنهن جون اوچيون چوٽيون سال جي زياده تر حصي ۾ برف سان ڍڪيل رهنديون آهن، پافوس جي شهر کي شمالي ۽ مشرقي هوائن کان بچائي، ۽ ٻيٽ جي سڄي علائقي کان جدا ڪري بيٺي آهي. انهيءَ شاخ جي لاهين تي قبرص جا جبلَ جا آخرين وڻ بيٺل آهن، جن جي وچ ۾ ڪٿي ڪٿي مڙهيون آهن، جيڪي نظاري جي لحاظ کان ائپيناائين جبلن جي نظاري کان گهٽ ڪينهن. پافوس جو قديم شهر سمنڊ کان هڪ ميل دور ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي ٻڌل هو، نئون شهر بندرگاه وٽ پراڻي شهر کان اٽڪل ڏهه ميل پري نروار ٿي بيو. قديم پافوس (جديد ڪوڪليا) ۾ ائفروڊائيٽ جي مڙهي قديم دنيا جي تمام مشهور زيارتن مان هڪ هئي. هوروڊوٽس جي چوڻ مطابق، انهيءَ زيارت جو بنياد ائسڪالن علائقي ۾ رهندڙ فونيشين نسل جي لوڪن وڌو هو. پر ممڪن آهي ته فونيشيا وارن جي اچڻ کان به اڳي، انهيءَ هنڌ آباديءَ جي ڪنهن مقامي ديويءَ جي پوڄا ٿيندي هجي، جنهن کي اتان جي ماڻهن پنهنجي "بعلث" يا "ائسٽارٽ" ديويءَ سان اهڙو ته مشابهه ڏٺو هجي، جو ڪجهه زماني کان پوءِ انهن ٻنهي کي هڪ ئي سمجهيو هجي. چنانچه، جيڪڏهن ٻن ديوين کي هڪ سمجهي ملايو ويو هجي، ته اسان کي سمجهڻ گهرجي ته اهي ٻئي ماءتا، سبزيءَ ۽ آباديءَ جي انهيءَ عظيم ديويءَ جون ٻه صورتون هيون، جنهن جي سڄي اولهه

ايشيا ۾ تمام قديم وقت کان وٺي پوڄا پکڙيل ٿي ڏسجي. الهيءَ قياس کي سنڌس مجسمي جي انتهائي قديم شڪل ۽ ان جي رسمن جي بد اخلاقيءَ مان تقويت ملي رهي آهي، جو ته اهڙي صورت ۾ اهڙيون رسمون قديم زماني جي ٻين ايشيائي ديوين جون به هيون. ان جي صورت اڇي رنگ جي هڪ ٽڪنڊي ٽڪر وانگر مخروطي هئي. بلڪل ساڳيءَ طرح "بائبلس" ۾ "اشٽارٽ" جو نشان به مخروطي هو، هوڏانهن وري پمفليا ۾، پرگا وٽ، اتان جي مقامي ديويءَ جو نشان به، جنهن کي يوناني آرٽيمس سڏيندا هئا، ساڳيو ئي هو، ته شام واري سورج ديوتا، هيليئوگابالس، جنهن جو مرڪز ايميسا ۾ هو، تنهنجي صورت به ساڳي هئي. مخروطي شڪل جا پٿر، جي شايد بتن وانگر پوڄيا ويندا هئا، قبرص ۾ گولگي وٽ، ۽ مالٽا جي فونيشين مندرن مان لڌا ويا آهن، سينا جي خطرناڪ جابلو چوٽين مان به ريٽلي پٿر جا اهڙا ٽڪنڊا پٿر، "مسٽريس آف ٽورڪئائز" جي مندر مان لڌا ويا آهن.

معلوم ٿي رهيو آهي ته قبرص ۾ شاديءَ کان اڳ سڀني عورتن کي، رسم مطابق، ديويءَ جي مندر ۾، خواه اها افروڊائيٽ جي نالي سان سڏبي هئي، يا اشٽارٽ جي، يا ٻئي ڪنهن نالي سان، اڻ واقف ۽ اڻ ڏٺل مردن سان زنا ڪرڻو پوندو هو. اولهه ايشيا جي ڪيترن علائقن ۾ به اهڙي رسم مروج هئي. الهيءَ رسم جو مقصد ڪٿي ڪهڙو به هجي، پر هڪ ڳالهه صاف ظاهر آهي ته اهو ڪم شهوت پرستيءَ لاءِ نه، پر هڪ سنجيده مذهبي رسم طور اولهه ايشيا جي سڀني ديوين جي وڏيءَ ماءُ جي نالي ۾ ڪيو ويندو هيو، جنهن جو نالو ڪٿي مختلف علائقن ۾ مختلف هو، پر نمونو هرهنڌ ساڳيو هو. اهڙيءَ طرح بابل ۾ هر عورت، غريب خواه امير، کي زندگيءَ ۾ هڪ دفعو 'مائلٽا' جي مندر ۾، يعني اشتر، يا اشٽارٽ ديويءَ جي آستاني تي، غير واقف مرد سان ضرور همبستر ٿيڻو پوندو هو ۽ مذهبي اجازت واري الهيءَ زنا مان جيڪو ڪمين العام حاصل ٿيندو هو، سو ڪمين مندر جي

خدمت ۾ ڏنو ويندو هو. مندر جو پاڪ حاطو اهڙين عورتن سان ڀرپور رهندو هو، جي انهيءَ رسم جي ادائگيءَ جي انتظار ۾ رهنديون هيون، ڪن کي ته سالن جا سال ترسڻو پوندو هو، تڏهن وڃي سندن ڪم ٿيندو هو. شام ۾ هيليئو پولس، يا بعلبيڪ وٽ، جو پنهنجن ٿنڀن ۽ ڀڳل مندرن جي پرشڪوه ۽ شاندار نظاري ڪان مشهور آهي، ملڪي رسم جي تقاضا هئي ته هر ڪنواري ڇوڪري اسٽارٽ ديويءَ جي مندر ۾ غير ماڻهوءَ کي پنهنجي عصمت ڏئي ۽ ڪنواريون توڙي شادي شده عورتون ديويءَ سان محبت هئڻ جو اظهار انهيءَ طريقي سان ڪنديون هيون. شهنشاهه قسطنطين انهيءَ رسم تي بندش وڌي ۽ مندر ڊهرائي ان جي جاءِ تي هڪ ديول تعمير ڪرائي. فونيشين مندرن ۾ عورتون مذهب جي خدمت لاءِ، پنهنجي عصمت غير ماڻهن کي پئسن تي فروخت ڪنديون هيون ۽ سندن اعتقاد هو ته انهيءَ ڍنگ سان اهي ديويءَ جي رضامندي حاصل ڪنديون. "ائموري قوم وارن جو قانون هو ته جنهن ڇوڪريءَ جي شادي ٿيڻ واري هوندي هئي، تنهن کي ستن ڏينهن تائين مندر جي دروازي تي، ڪنوارن ڇوڪرن سان زنا ڪرڻ لاءِ وهڻو پوندو هو". بابلس جا ماڻهو هر سال اڊونس جي ماتم ۾ مٿو ڪوڙائيندا هئا. جيڪي عورتون پنهنجن وارن جي قرباني ڏيڻ کان انڪار ڪنديون هيون، تن کي ميلي واري ڪنهن ڏينهن تي، ڪنهن اجنبيءَ سان هم صحبت ٿيڻو پوندو هو ۽ ان مان آهي جيڪي پئسا ڪمائينديون هيون سي ڪين ديويءَ جي مندر جي خدمت لاءِ پيش ڪرڻا پوندا هئا. لڊيا ۾ "ٽرالس" وٽ هڪ يوناني ڪتبي جي تحرير مان معلوم ٿيو آهي ته غيرن سان جنسي تعلق جي مذهبي اجازت جو رواج اسان جي زماني جي ٻيءَ صديءَ تائين قائم هو. ان ۾ لکيل آهي ته "آريليا ائميليا" نالي هڪ عورت، ديوتا جي صريح حڪم موجب پاڻ کي هن جي خدمت ۾ سينڌيءَ طور پيش ڪندي هئي ۽ ان کان اڳ سندس ماءُ ۽ ان جون وڏيون، سڀ اها خدمت انجام ڏيئي چڪيون هيون. انهيءَ ڳالهه، جي

رڪارڊ مان، جو سنگ مرمر جي هڪ ٿنڀ تي اڪريل آهي، جنهن تي هڪ ٻاسبل قرباني لٽڪيل آهي، معلوم ٿئي ٿو ته اهڙي زندگيءَ، يا اهڙي جنم کي ڪوبه معيوب ڪونه سمجهندو هو. آرمينيا ۾ اسيلسينا وٽ جيڪو اناٽيس ديويءَ جو مندر هو، تنهن ۾ وڏن گهراڻن جي ڇوڪرين کي ديويءَ جي خدمت لاءِ ارپڻ ڪيو ويندو هو ۽ ڪنوارين ڇوڪرين کي شاديءَ ڪرڻ کان اڳ ڪيتري زماني تائين زنا ڪرڻو پوندو هو. اهڙيءَ خدمتگذاريءَ جي مدي گذرڻ کان پوءِ ڪوبه اهڙيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ ۾ عيب ڪونه سمجهندو هو. هوڏانهن وري، پونٽس ۾، ڪومانا وٽ، ماتا ديويءَ جي خدمت ۾ اهڙي قسم جون سوين مذهبي ونشاڻيون موجود رهنديون هيون، ۽ مردن ۽ عورتن جا انبوه، پروارن شهرن ۽ آسپاس وارن ملڪن مان، ديويءَ جي ساليانن ميلن تي، پنهنجن وعدن کي پوري ڪرڻ لاءِ اچي ڪٺا ٿيندا هئا.

انهيءَ موضوع تي جيڪي ثابتيون مليون آهن، جن مان اجا گهڻيون پڌرن اکيان اڳتي هلي پيش ڪيون وينديون، تن کي مد نظر رکي، اسان انهيءَ فيصلي تي پهچي سگهون ٿا، ته اوله، ايشيا جون متعدد قومون، انهيءَ عظيم ديوي ماتا جي، جا قدرت جي زندگي بخشيندڙ ۽ جنم ڏيندڙ سڀني قوتن جي نمائنده شخصيت هئي، مختلف نالن، پر ساڳين روايتن ۽ رسمن سان، پوڄا ڪنديون هيون، ته هن سان هڪ عاشق، يا عاشقن جو هڪ سلسلو وابسته هو، جو ديوتا هئڻ جي باوجود فاني هو، جنهن سان هوءَ سال بسال جنسي ميلاپ ڪندي هئي ۽ جنهن جو اهو ميلاپ انسانن ۽ حيوانن، وڻن ۽ ٻوٽن جي نسلي واڌاري لاءِ تمام ضروري هو، ته ديوتائن جي جوڙي جي انهيءَ تصوراتي ميلاپ کي دنيا ۾ زياده قوتمند ۽ طاقتور بنائڻ ۽ ان جي نقل ڪرڻ لاءِ ديويءَ جي مندر ۾ انساني جوڙن جو سچو پچو، پر عارضي جنسي ميلاپ ڪيو ويندو هو، ته جيئن انهيءَ ميلاپ جي نتيجي

۾ ڌرتيءَ جي ڀرپور ٿين، ۽ ماڻهوءَ توڙي جانور جي واڌاري جي خاطري ٿئي.

پافوس ۾، جيئن وجي ٿو ته انهيءَ مذهبي زناڪاريءَ جو رواج سائنيراس بادشاهه وڌو، سندس ڌيئون، ائڊونس جون ڀينرون، انهيءَ رواج جي پوئواري ڪنديون هيون، ائڊونس جون اهي ڀينرون، جن تي ايفروڊائيٽ جو غضب نازل ٿيو هو، غير ماڻهن سان جنسي ميلاپ ڪرڻ ۾ مبتلا هونديون هيون ۽ انهن پنهنجا آخرين ڏينهن مصر ۾ گذاري پورا ڪيا. هن روايت ۾ افروڊائيٽ جي غضب نازل ٿيڻ جي ڳالهه شايد ڪنهن پوئين اختياريءَ واري طرفان ڳنڍي ويئي آهي جنهن کي، جهڪا ۽ رسم سندس شخصي اخلاقي معيار کان ڪريل نظر آئي آهي، تنهن کي هن ديويءَ جي طرفان پنهنجن پوڄارين کان گهربل قربانيءَ جي بجاءِ، ان جي سزا ۽ قهر سان تعبير ڪيو آهي. بهرحال، ان ڳالهه مان پتو پوي ٿو ته پافوس جي شهزادين، اميرزادين ۽ غريب ڇوڪرين کي، هڪ ئي طريقي سان اها رسم ادا ڪرڻي پوندي هئي.

سائنيراس بادشاهه جي باري ۾، جو پافوس جي پوڄاري بادشاهن جو وڏو ۽ ائڊونس جو پيءُ هو، جيڪي ڳالهيون ڪيون وڃن ٿيون، تن مان ڪي اسان جي توجهه جي قابل آهن. پهريائين ته هن لاءِ چيو ويو آهي ته هن پنهنجي ڌيءَ "مائراه" سان ناجائز جنسي ميلاپ ڪيو هو، جنهن جي نتيجي ۾ ائڊونس جنم ورتو هو، اها ڪارروائي اناج جي ديويءَ جي ميلي وقت ڪئي هئائون، جڏهن عورتون اڇي رنگ جا جُبا پهري، فصل جا پهريان وڍيل سنگ هار وانگر پوئي، ديويءَ جي خدمت ۾ پيش ڪنديون هيون ۽ نون ڏينهن تائين جنسي تعلق ۽ ٻي هر ڳالهه کان پرهيز ڪنديون هيون. ڌيئرن سان اهڙي ناجائز جنسي تعلق رکندڙ قديم بادشاهن جا انيڪ مثال ملن ٿا. ائين ٿو ٿي سگهي ته اهي ڳالهيون ڪي بي بنياد آهن، يا ڪنهن موقعي تي شهوت جي غير فطري غلبي جو نتيجو آهن. جن ملڪن ۾ شاهي رت عورتن جي ورثي ۾

هوندي هئي، ۽ بادشاه تخت و تاج جو مالڪ فقط ان ڪري
ٿيندو هو، جو هو ڪنهن تخت جي وارثياڻيءَ شهزاديءَ سان
شادي ڪندو هو، جا حقيقي حاڪم هوندي هئي. اتي گهڻو
ڪري ائين به ٿيندو هو ته شهزادو پنهنجيءَ سڳيءَ ڀيڻ سان
جا تخت جي وارثياڻي هوندي هئي، ان ڪري شادي ڪندو
هو ته سندس تخت و تاج، جو هوائن ڀي ڪنهن کي ملي
ها، جو شايد اجنبي ۽ شاهي خاندان سان وابسته نه به هجي
ها، ان جي ڀاڻهن سان گڏ کيس ملي ۽ اهڙيءَ طرح اهو خاندان
جي اندر رهي. ڇا، ورثي جي ساڳئي قسم جي قانونن ڏيءَ سان اهڙن
ناجائز تعلقات رکڻ لاءِ ماڻهن کي مجبور نه ڪيو هوندو؟ ڇو ته
انهيءَ قانون جي نتيجي طور هيءَ ڳالهه واضح ٿي رهي آهي، ته
بادشاه کي سندس زال جي موت تي، جا تخت و تاج جي حقيقي
وارثياڻي هوندي هئي ۽ جنهن جي صدقي ٿي هو بادشاه ٿيندو هو،
تخت ڇڏڻو پوندو هو، جنهن ڪان پوءِ ان جو مالڪ اهو ٿي
ٿيندو هو، جو سندس ڌيءَ جو مڙس هوندو هو. ان ڪري زال
جي مرڻ پڄاڻا، جيڪڏهن بادشاه کي اڃا به تخت و تاج
ماڻڻ جو ارادو هوندو هو ته پوءِ قانوني لحاظ کان هو فقط ان حالت
۾ ٿي تخت و تاج تي برقرار رهي سگهندو هو، جڏهن پنهنجيءَ
ڌيءَ سان شادي ڪندو هو ۽ اهڙي نموني سان هو تخت و تاج
تي پنهنجو حق ڄمائي سگهندو هو، جو ان کان اڳ سندس
ڌيءَ جي ماءُ جي وسيلي سان هن کي مليل هو.

سائيپراس پنهنجيءَ خوبصورتيءَ لاءِ مشهور هو ۽ خود
افروڊائيٽ ديويءَ هن جي محبت ماڻڻ لاءِ، سندس نازبرداري
ڪئي هئي. اهڙيءَ طرح معلوم ٿئي ٿو ته سائيپراس پنهنجي ٻٽ،
ائڊونس جو پيو روپ هو، ڇو ته انهيءَ ساڳيءَ شهوت پرست ديويءَ
هن کي به دل ڏني هئي. ازالسواءِ، پافوس جي شاهي خاندان جي
ٻن ماڻهن سان افروڊائيٽ جي محبت جون ڳالهيون، قبرص جي
هڪ فونيشين بادشاه، پگميلائن جي هڪ جهڙيءَ روايت ڪان.

جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو ائفروڊائيٽ جي هڪ مجسمي تي
اهڙو عاشق ٿي پيو هو، جو ان سان همبستر ٿيو هو، مشڪل
ٿي جدا ڪري سگهجڻ ٿيون. هاڻي، جڏهن هن ڳالهه تي ڌيان
ڏجي ٿو ته، پگمالين، سائنوراس جو سهرو هيو ۽ سائينراس جو
پٽ ائڊونس هو ۽ اهي ٻيئي چئا، هڪ ٻئي پٺيان، پشت
بپشت "ائفروڊائيٽ" جي محبت ۾ مبتلا هئا، ته پوءِ هن
نتيجي ڪڍڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي، ته پافوس جا
فونيشين بادشاه يا سندن پٽ، باقاعده طور، نه فقط ديويءَ جي
پوڄارين هئڻ جو دم ڀريندا هئا، پر ساڳئي وقت آهي سندس :عاشق
به هوندا هئا، ٻين لفظن ۾ جنجي نه آهي ائڊونس جا اوتار هوندا هئا.
بهرصورت، هيءَ ڳالهه صاف ثابت آهي ته ائڊونس قبرص ۾ حڪومت
ڪندڙ هو ۽ هيءَ به ذري گهٽ خاطري آهي ته قبرص جي
فونيشين بادشاهن جا پٽ ائڊونس جو خطاب اختيار ڪندا هئا.
هيءَ حقيقت آهي ته ائڊونس جي لفظي معنيٰ دراصل "آقا" آهي،
ان هوندي به، اهي روايتون ۽ ڏند ڪٿائون، جيڪي قبرص جي
فونيشين شهزادن کي محبت جي ديويءَ سان وابسته ڪن ٿيون،
سي هن ڳالهه جو به امڪان پيدا ڪن ٿيون ته اهي، نه فقط
ائڊونس جي ديوتائي نسل جي دعويٰ ڪندا هئا، پر هن جي انساني
شان و شوڪت ۽ دٻدٻي جا به پاڻ کي حقدار سمجهندا هئا.
پگمالين جي ڳالهه، مان هڪ مقدس شاديءَ جي رسم ادا ٿيڻ
جي خبر ملي ٿي، جنهن ۾ بادشاه ائفروڊائيٽ، يا دراصل ائسٽارٽ
جي هڪ بت سان شادي ڪئي هئي. جيڪڏهن ائين هو، ته پوءِ اها
ڳالهه ڪنهن حد تائين، هڪ ماڻهوءَ لاءِ نه، پر سڄي ساري خاندان جي
مسلسل سيني ماڻهن جي حالت ۾ سچي معلوم ٿئي ٿي؛ خاص طرح
پگمالين جي حالت ۾ ته اها ڳالهه هن ڪري سچي هوندي جو
اهو لفظ عام طور سيمٽي سمهڻڪ نسل جا بادشاه، ۽ خاص طرح
قبرص جا سڀ فرمانروا، لقب طور استعمال ڪندا هئا. ڪيئن به هجي،
پگمالين ڳاهر جي الهيءَ مشهور بادشاه جو نالو چيو وڃي ٿو،

جنهن وڏان سندس پٿر، ڏيکاريو پيچي ويٺي هئي؛ قبرص جي ٻن شهرن، سيٽيم ۽ آئڊاليم جي هڪڙي بادشاه جو نالو، جو سڪندر اعظم واري زماني ۾ حڪومت ڪندو هو، پگميلائن، يا دراصل 'پوميالان' هو، الهي فونيشين لفظ کي يونانين خراب ڪري پگميلائن جي صورت ڏني. هيءَ ڳالهه قابل غور آهي ته ڪارٿيج جي هڪ قبرستان لڌل، هڪ سوني ڪول ڳالهي تي، ڪارٿيج جي قديم ٻولي جي آڪريل تحرير ۾ پگميلائن ۽ اسٽارٽ جا نالا هڪ ٻئي سان گڏ لکيل مليا آهن. تحرير جا اکر تمام پراڻي ۽ انساني ارتقا جي ابتدائي دور جا آهن. جيئن ته مذهبي عصمت فروشي جي رسم جو بنياد پافوس ۾ سائنيراس بادشاه جو وڌل چيو وڃي ٿو، جنهن تي سندس ڌيئرون ۾ عمل ڪنديون هيون، انڪري اسين ان مان هي اندازو ڪيون ٿا، ته پافوس جا بادشاه، بت سان شادي ڪرڻ جي رسم ادا ڪرڻ دوران، مختلف طريقي سان ديوتائي کهوٽ ٿين، جو ڪردار ادا ڪندا هئا. دراصل، ڪن خاص ميلن ۾ ڌڻن جي موقعن تي، هنن کي مندر جي ڪنهن هڪ، يا ان کان زياده مقدس ونشانن سان، جي پنهنجي ائڊونس ديوتا جي اسٽارٽ ديوي ٿين جو ڪردار ادا ڪنديون هيون، جنسي صحبت ڪرڻي پوندي هئي. جيڪڏهن ائين هو، ته پوءِ ڪن عيسائي پادرين جي الهي شڪايت ۾ سچ ۽ حقيقت جو ان کان زياده جزو سمايل آهي، جو عام طرح سان سمجهيو ويندو آهي، ته جنهن اڦروڊائيٽ جي سائنيراس پوڄا ڪندو هو، سا هڪ رواجي شهوت پرست ۽ جنسي صحبت جي شائق ونشيا هئي. انهن جي ميلاپ سان ڄايل ٻار، ديوي جا پٽ ۽ ڌيئر هوندا هئا، جي پنهنجي وقت ۾ وري ديوتائن ۽ ديوين جا ائين ٿي پيئر ۽ مائر ٿيندا هئا، جيئن انهن کان اڳ سندن پيئر ۽ مائر هئا. اهڙي طرح، پافوس ۽ ايشيا جي الهي عظيم ديوي جا پوڄا آستانا ۽، جتي مذهبي عصمت فروشي جو رواج هو، انسان ديوتائن سان پريا پيا هوندا — اهي ديوين ۽ ديوتائون، جي وقت جي 'خدائي بادشاه' ۽ سندس زالن، سريتين ۽ مندر جي ونشانن جي

جائز ۽ ناجائز جنسي تعلق جا ڦل هوندا هئا. ممڪن هو ته انهن مان ڪوبه ڪنهن وقت ابي جي جاءِ تي بادشاه ٿي وڃي، يا جنگ، يا ٻي ڪنهن قومي آفت جي وقت ان جي بجاءِ قربان ٿي وڃي، جيئن اڳئين زماني ۾ عام طور اهڙين مصيبتن کي ٽارڻ لاءِ شاهي خون وهائڻ جي ضرورت پوندي هئي. ملڪ ۽ قوم جي ڀلائيءَ لاءِ، شاهي نسل جي لاتعداد اولادن مان جڏهن ڪنهن هڪ کي اهڙي قيمت ادا ڪرڻي پوندي هئي، ان ڪري نه، ته ديوتائي نسل ۾ ڪا ڪمي واقع ٿيندي هئي ۽ نه الڪري ته اهڙي ابي جي دل درد ۽ ڏک کان ڦاٽندي هئي، جو پنهنجي پدرانه محبت ۽ شفقت کي هيترن سارن پٽن ۽ ڌيئن ۾ تقسيم ڪندو هو. هر حالت ۾، جيئن ته شهادتن ۽ ثابتين مان اهڙيءَ ڳالهه تي اعتبار ڪرڻ جا اسباب موجود آهن، جڏهن سميٽڪ نسل جي بادشاهن کي ساڳئي وقت موروثي ديوتائون به سمجهيو ويندو هو، ته پوءِ انهن بادشاهن جي شخصي نالن جي اڪثريت کي سمجهڻ آسان آهي، جن جو مقصد اهو هيو ته انهن جا مالڪ ديوتا جا پٽ، يا ڌيئر، ڀائر يا ڀينر، پيئر يا مائر هئا، ۽ ڪن عالمن جي راءِ مطابق، انهن نالن جي سڌيءَ ساديءَ معنيٰ مان پٺن مطلبن ۽ معنائن ڪڍڻ جي ڪابه ضرورت ڪانه آهي. انهيءَ معنيٰ جي مصر جي هڪ متوازي رواج مان تصديق ٿئي ٿي، مصر ۾ جتي بادشاهن کي ديوتائون سمجهيو ويندو هو، اتي رانيءَ کي ”ديوتا جي زال“ ۽ ”ديوتا جي ماءُ“ سڏيو ويندو هو ۽ ”ديوتا جي ابيءَ“ جو لقب، نه فقط بادشاه جي حقيقي پيءُ کي مليل هوندو هو، پر سندس سهري کي به، انهيءَ ساڳئي لقب سان نوازيو ويندو هو. ساڳيءَ طرح سميٽڪ نسل وارن ۾، جيڪو به بادشاه جي حرم کي پرڻ لاءِ پنهنجي ڌيءَ اوڏانهن موڪلي ڏيندو هو، تنهن کي پاڻ کي ”ديوتا جو پيءُ“ سڏائڻ جي اجازت هوندي هئي.

سميٽڪ نسل جو اهو بادشاه، جنهن کي سائنيرامس جو نالو مليل هو، تنهن جي نالي جي لفظ جي معنيٰ کي نگاه ۾ رکي

اسين انهيءَ نتيجي تي پهتا آهيون ته اهو ئي، دائود بادشاهه وانگر
ٻنسري وڄائيندڙ هو، جو ته سائنيراس نالو، صاف طور يوناني
لفظ 'سائنيرا' سان وابسته آهي، جنهن جي معنيٰ آهي تنبورو، جو
پنهنجي ليکي وري سيميٽڪ ٻوليءَ جي لفظ "ڪنّور" مان نڪتل
آهي، جنهن جي معنيٰ به تنبورو آهي ۽ اهو ساڳيو لفظ آهي، جو انهيءَ
ساز کي ڏنل هو، جيڪو دائود 'ساؤل' جي سامهون وڄايو هو.
ان ڪري، اسين هن نتيجي ڪڍڻ ۾ هرگز غلط ڪو نه ويندا سون
ته يروشلم، توڙي پافوس ۾ تنبوري يا سارنگيءَ جي موسيقي والدڪائي
جي وندر واسطي ڪانه هئي، جنهن جي مڌر آواز جي دل ڇڪائيندڙ
اثر کي، بلڪل شراب جي اثر وانگر، ديوتا، يا ديويءَ جي
وجد ۾ آڻيندڙ قوت سان منسوب ڪيو ويندو هو. اها حقيقت آهي
ته يروشلم جا باقاعده پادري تنبورن جهانجهن ۽ يڪتارن وغيره
جي مليل موسيقيءَ جي آواز کان متاثر ٿي پيشنگويون ڪندا هئا،
۽ اسين معلوم ٿو ٿئي ته بيقاعده پادري به، جيئن اسين نبين کي
ڪٿي سڏيون، پاڻ کي وجد جي انهيءَ حالت ۾ آڻي لاهو، جنهن
کي اهي ديويءَ سان هڪلام ٿيڻ جي علامت سمجهندا
هئا، اهڙي قسم جي جوش ڏياريندڙ ساز تي دارومدار رکندا هئا.
اهڙيءَ طرح، نبين جي هڪ گروه جي ڳالهه آهي، جي ڪنهن
اوچي مقام تان جهانجهن، تنبورن، توتارين، ۽ سارنگين سان هيٺ
آيا ۽ گهمندي گهمندي پيشنگويون ڪندا ويا. وري، جڏهن جُودا
۽ ايفرائيم جا گڏيل لشڪر دشمن جو پيڇو ڪندا، معاب جي
ويرانيءَ مان لنگهي رهيا هئا، تڏهن کين ٽن ڏينهن تائين
پاڻي ڪونه مليو، جنهن ڪري اڃ وگهي ماڻهو ۽ سندن وهٽ
مرڻ وارا هئا. اهڙي هنگامي صورتحال ۾، ايليشا نبيءَ، جو ان
وقت لشڪر ۾ حاضر هو، هڪ ساز وڄائيندڙ کي گهرائي، کيس
ڳائڻ ۽ وڄائڻ جو حڪم ڏنو. موسيقيءَ جي اثر شروع ٿيڻ سان، هن
سپاهين کي انهيءَ بي آب واديءَ ۾، جنهن مان ڪين لنگهيو هو، خندقن
کوٽڻ جو حڪم ڏنو. هنن ائين ڪيو ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو اهي

خندقون آهي، پاڻيءَ سان ڀرجي ويئون، جو ٻنهي پاسن وارن مهيب ۽ خطرناڪ پهاڙن جي ٻنهي پاسن تان لهي، آهيءَ واديءَ جي زمين سان سمي هيٺ لهي ويو هو. ويرانيءَ ۾ پاڻيءَ ڳولهي ڪڍڻ جي نبي جي ڪاميابي، اڄ ڪالهه جي انهن ماهرن جي ڪاميابيءَ وانگر آهي، جي ڪالهن، يا پاڻيءَ ڳولڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪندا آهن، جيتوڻيڪ ٻنهي جي دستور ۾ فرق هئو. ساڳئي وقت، آهيءَ نبيءَ پنهنجي قوم جي هڪ ٻي خدمت به ڪئي. جو ته معاب وارن ماڻهن، جي جهلن جي پٿرن سان پٿر ٽيا پيا هئا، جڏهن سج جي سرخ رنگ جو پاڻيءَ ۾ عڪس ڏٺو، تڏهن هنن اُن کي رت سمجهي، يا دشمن جي رت وهڻ جو نيڪ شگون سمجهي، همت ڪري نبيءَ واريءَ فوج تي وڃي حملو ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ هنن ڪيتريءَ رت وهڻ کان پوءِ سخت شڪست کاڌي ۽ سندن باقي رهيل ماڻهو وڃي ڀڳا.

وري جڏهن افسردگيءَ جي سياه بادل، جهڙي لمولي سان 'سال' جي دل و دماغ تي رکي رکي اثر ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن کي هو مالڪ جي طرفان موڪليل آهو بد روح سمجهي رهيا هئا، جنهن کي هن 'سال' کي عذاب ڏيڻ لاءِ موڪليو هو، اهڙي لمولي سان، ٻئي طرف وري، سارنگيءَ جي سنجيده سرن کي، جي هن جي ٽٽل دل و دماغ تي جنبو وجهي رهيا هئا، تنهن کي ماليخوليا ۾ مبتلا ٿيل بادشاهه خود خدا، يا رحمت جي ان فرشتي جو آواز سمجهي رهيو هو، جنهن کي مالڪ هن جي روح جي تسڪين لاءِ موڪليو هو. خود اسان جي هلندڙ دور ۾، هڪ مشهور ۽ عظيم مذهبي مصنف، جو موسيقيءَ جي جادوءَ واري اثر جو قائل آهي، لکيو آهي ته موسيقيءَ جا سر، جن ۾ رت ۾ جوش ۽ ولولي پيدا ڪرڻ ۽ دل کي ڳاري پاڻيءَ ڪرڻ جي قوت موجود آهي، اجايا ۽ خالي آواز نٿا ٿي سگهن، جن ۾ پيو ڪجهه به ڪونهي، نه، اهي ڪنهن اوچي مقام مان نڪتل آواز آهن، جي ابدي سک ۽ شانتيءَ جا مٺا سُر آهن، اهي ڪن ملائڪن جو آواز آهن، اهي درويشن طرفان ڳايل انهي مرشد جي گيت جو آواز آهن. درحقيقت، مذهب

جي ترقيءَ ۾ واڌاري ۾ موسيقيءَ جي اثر جو مطالعو دلچسپيءَ کان خالي نه آهي. ڇو ته ان ۾ شڪ نه آهي ته انهيءَ اثرائتيءَ ۽ انسان کي ٻين سڀني لطيف هنرن کان زياده ويجهي هنر، مذهبي جذبات کي پيدا ڪرڻ، ۽ انهن جي اظهار ڪرڻ جي راهه ۾ گهڻو ڪجهه ڪيو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ان مذهبي اعتقادن جي بناوت ۾ ٿوري يا گهڻي تبديلي آندي آهي، جيتوڻيڪ اوائلي طور موسيقيءَ فقط مذهبي جذبات پيدا ڪرڻ جوڳي ڪم ڪيو آهي. مذهب جي بناوت ۾ نبيءَ ۽ فيلسوف سان گڏ، موسيقي ڪار به پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. هرهڪ مذهب کي پنهنجي پنهنجي مخصوص موسيقي آهي ۽ حقيقت ته اها آهي ته مختلف اعتقادن رکڻ وارين قومن جي فرق جو اظهار موسيقيءَ جي سُرَ ۽ تارن ذريعي ٿئي ٿو. مثال جي طور، سائبيل جي وحشياڻي ۽ ڪوڙ گهمسان وارين رسمن ۽ ڪئٿولڪ ڪليسا جي شاهاڻي ۽ سنجيده رسمن جي درميان واري وقفي جي پيمائش انهيءَ خليج جي ذريعي ڪئي ويندي آهي، جا ڪوڏن، نادن ۽ تنبورن جي ٻي سُرن ۽ وحشي آوازن کي ديول جي سنجيده سُرن کان جدا ڪري ٿي. مختلف موسيقيءَ جي سُرن ۾ مختلف جذبات ڪار فرما هوندا آهن.

باب ڏهون

اڊونس جا سانت سڳڻ

اڊونس جي ميلن ۾، جي اولهندي ايشيا ۾ يوناني علائقن ۾ ملهايا ويندا هئا، ديوتا جي موت تي هر سال ماتم ڪيو ويندو هو ۽ آن ۾ عورتن طرفان خاص طرح جوشاهو ڪيو ويندو هو. مقامي ماڻهو ديوتا جي مجسمن کي ڪفن پارائي، دفن ڪرڻ لاءِ کڻي ويندا هئا ۽ پوءِ کين سمنڊ يا چشمن ۾ اڇلائي ڇڏيندا هئا. ڪن علائقن ۾ ان جو ٻئون جنم ٻئي ڏينهن تي ئي ملهايو ويندو هو. پر مختلف جاين تي انهن رسمن جي ادا ڪرڻ جي ڍنگ ۽ موسم ۾ فرق هوندو هو. اسڪندريه ۾ اڊونس ۽ افروڊائيٽ جي مورتين کي ٻن کوچن تي وهاري، سندن نمائش ڪئي ويندي هئي. انهن جي پرسان هرقسم جا ڦل ميوا، ڪيڪ ۽ ڪونڊين ۾ پوکيل ساوا ٻوٽا رکيا ويندا هئا، ٻنهي محبوبن جي هڪڙي ڏينهن شادي رچائي ويندي هئي، ته ٻئي ڏينهن صبح جو عورتون ماتمي لباس پائي، وار کولي ۽ ڇاتيون اگهاڙيون ڪري، مثل اڊونس جو مجسمو کڻي سمنڊ ڏانهن وينديون هيون، جتي آهي ان کي لهرن جي سپرد ڪنديون هيون. ان هوندي به، اهي نااميديءَ جو ماتم ڪونه ڪنديون هيون، ڇو ته اهي هڪ مرثيه ڳائينديون هيون جنهن جو مطلب اهو هيو ته وڇاڙل (مرحوم) اجهو تو واپس اچي. اسڪندريه جي انهيءَ رسم ملهائڻ جي تاريخ واضح ڪانه ڪئي ويئي آهي، پر ڦل ميوي جي حوالي مان اندازو ڪيو ويو آهي ته اها اونهاري جي آخر ۾ ملهائي ويندي هئي. بائيبلس ۾ فونيشين قوم وارن جي اشتارت ديويءَ جي آستاني ۾، اڊونس جي موت جو توتارين جي دردناڪ موسيقيءَ روح راڙي، ۽ عورتن جي شاهي ساڻ، جي پنهنجيون ڇاتيون

آگهاڙيون ڪري پٽينديون هيون. هر سال ماتم ڪيو ويندو هو. ان سندس پوڄارين جو اعتقاد هو ته هو پٺي ڏينهن تي ٻيهر وري جيئرو ٿي، سندن روبرو آسمان ڏانهن مٿي چڙهي ويندو. سندس مايوس معتقد، جي هيٺ زمين تي تنها رهجي ويندا هئا سي، مصرين وانگر، جيڪي 'اوزيرز' نالي هڪ مقدس ديوتا جي موت تي پنهنجا مٿا ڪوڙائيندا هئا، پنهنجي مٿي جا وار لهرائيندا هئا. عورتن کي، جي پنهنجين خوبصورت زلفن کي ديوتا لاءِ قربان نه ڪري سگهنديون هيون، انهيءَ ڪميءَ کي پوري ڪرڻ لاءِ جشن جي ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن تي ڪنهن نه ڪنهن غير واقف مرد جي گود ۾ گذارڻو پوندو هو، ۽ ڪين پنهنجي ان شرمناڪ ڪسب جي اتپتي کي اسٽارٽ ديويءَ جي قدمن ۾ ايشن ڪرڻو پوندو هو.

معلوم ٿئي ٿو ته فونيشين لوڪ وارا اها رسم بهار جي موسم ۾ ادا ڪندا هئا، جو ته ان جي تاريخ اڊونس نديءَ جي، رنگ تبديل ٿيڻ تي مقرر ڪئي ويندي هئي ۽ جديد دور جي سياحن ڏٺو آهي ته اها تبديلي بهار جي مند ۾ اچي ٿي. انهيءَ موسم ۾، برسات جو پاڻي آسپاس جي جبلن تان سرخ مٽي آڻي درياه، ۽ خود سمنڊ کي به گهڻي مفاصلي تائين رت جهڙو ڳاڙهو رنگ ڏيئي ڇڏيندو آهي، ۽ قرمزي رنگت جي انهيءَ داغ کي اڊونس جو رت سمجهيو ويندو هو، جنهن کي لبنان جبل تي هر سال هڪ جهنگلي سوئر زخمي ڪري، ماري ڇڏيندو هو. وري، گلابي رنگ جي "اينيمون" (Anemone) گل لاءِ چيو ويندو آهي ته اهو اڊونس جي رت مان ڦٽي نڪتو آهي يا ان تي اڊونس جي رت جا داغ لڳل آهن، ۽ جيئن ته شام ۾ اهو گل ايسٽر جي موقعي تي ٽڙندو آهي، ان ڪري ان مان هي خيال ڪري سگهجي ٿو ته اڊونس جون تقريبون، يا گهٽ ۾ گهٽ انهن مان هڪ، بهار جي موسم ۾ ادا ڪئي ويندي هئي. ممڪن آهي ته انهيءَ گل جو نالو "نعمان" (محبوب) لفظ مان نڪتل هجي، جو اڊونس جي صفتن مان هڪ جو نالو معلوم ٿئي ٿو. عرب اڃا

ٿاٿين اِنهيءَ گل کي جنهن نالي سان سڏيندا آهن، تنهن جي معنيٰ ”نعمان جا زخم“ آهي. ڳاڙهي گلاب جي گل لاءِ بہ چيو ويندو هو تہ ان جو رنگ اِنهيءَ افسوسناڪ واقعي سان وابستہ هو، چو تہ افروڊائيٽ پنهنجي مجروح ٿيل عاشق ڏانهن ڊوڙندي، گلاب جي اڇن گلن جي ٻوٽي کي لتاڙي ويئي ۽ اي رحم ڪنڊن سندس نازڪ ماس کي ڦاڙي وڌو ۽ سندس مقدس رت اڇن گلن کي هميشه لاءِ سرخ ڪري وڌو. گلن جي ڪئلينڊر مان دستياب ٿيندڙ شهادتن کي زياده وزن ڏيڻ ۽ خاص طرح گلاب جي گل جي ٽڙڻ جهڙي ڪمزور دليل تي زور ڏيڻ شايد بيڪار ٿئي، پر ان جي باوجود، ان جو قدرتي ڪيترو بہ هجي، جيڪو قصو دمشق واري گلاب جي گل کي ائڊونس جي موت سان وابستہ ڪري ٿو، سو ان جي محبت جي جشن ملهائڻ واريءَ موسم کي، بهار جي بدران اونهارو ٻڌائي ٿو. اتيڪا ۾ اها تقريب يقيني طور وچ اونهاري ۾ ايندي هئي، جو تہ ائٿنس وارن سائريڪيوز وارن جي خلاف جيڪو جنگي ٻيڙو تيار ڪيو هو، ۽ جنهن جي ناس ٿيڻ سان ان جي طاقت کي هميشه لاءِ ڪاري ضرب لڳي ويئي هئي، سو وچ اونهاري ۾ هاڪاريو ويو هو ۽ اها هڪ عجيب بدشگوني هئي، جو عين ان وقت، جڏهن اهو ٻيڙو روانو ٿي رهيو هو، تڏهن ائڊونس جا ساٿ ۽ سڳن ادا ٿي رهيا هئا. جنهن وقت فوجون بندرگاه ڏانهن جهازن ۾ چڙهڻ لاءِ وڃي رهيون هيون، تنهن مهل سڀ گهٽيون ۽ رستا ڪفن جي صندوقن ۽ مردن لاءِ مجسمن سان ڀريا پيا هئا ۽ مثل ائڊونس جي ماتم ۾ روئيندڙ ۽ رڙندڙ عورتن جون دانهون ۽ ڪوڪون فضا کي چيري، آپي ڦاڙي رهيون هيون. اِهيءَ واقعي ائٿنس جي اهڙي عظيم الشان لشڪر جي سفر مٿان، جنهن جهڙو مسلح سپاه اڳي ڪڏهن ڪونہ موڪليو هو، غمگينيءَ جو پردو چاڙهي ڇڏيو. گهڻو زمانو پوءِ، جڏهن شهنشاه جولين پهريون دفعو انطاڪيہ ۾ داخل ٿيو، تڏهن بہ مشرق جي اِهيءَ پرشڪوہ ۽ آسودي ۽

مزيدار دارالحڪومت ڪي انڊولس جي سالياني ماتم جو سانگ رچائيندي، غم و اندوه ۾ غرق ڏٺو، ۽ جڏهن هن ڪي ڪنهن اينديڙ مصيبت جو اڳئين ڪو فڪر لڳل هو، ته ٻڌو اٿس روڄ، راڙي ۽ ماتم جو آواز، جو ايندي ٻي سندس ڪن تي پيو، هن ڪي پنهنجي موت جي گهنڊ جي آواز وانگر معلوم ٿيو هوندو.

انهن رسمن جي هندستاني ۽ يوناني رسمن سان مشابهت، جن جو اڳ ۾ ئي ڪنهن هنڌ بيان ڪري آيو آهيان، عيان آهي. خاص طرح، اسڪندريه واري رسم، ان جي مشڪوڪ تاريخ کان سواءِ، جنهن تي اها ملهائي ويندي هئي، باقي سڀ هندستاني رسم سان ذري گهٽ مشابهت رکندڙ آهي. ٻنهي حالتن ۾ ٻن ديوتائي شخصيتن جو سندن مجسمن جي صورت ۾ ساوڪ سان تعلق، هن حقيقت مان ظاهر آهي ته انهن جي جوڙاري ساوا ٻوٽا رکيا ويندا، سندن شادي رچائي ويندي ۽ بعد ۾، مٿائين ماتم ڪيو ويندو، جنهن کان پوءِ انهن کي پاڻيءَ ۾ ڦٽو ڪيو ويندو. انهن رسمن جي هڪ ٻئي سان، ۽ جديد يورپ جي بهار، اونهاري واري رسمن سان جيڪا مشابهت آهي، تنهن مان اسان کي لازمي طور هيءَ توقع رکڻ گهرجي ته انهن سڀني رسمن جي ادائگيءَ جي سمجهاڻي هڪ ئي آهي؛ چنانچه، اوئين حالت ۾ جيڪا سمجهاڻي مون اختيار ڪئي آهي سا، جيڪڏهن صحيح آهي، ته پوءِ انڊولس جي موت ۽ دوباره زنده ٿيڻ جي رسم ۾ نباتات جي سڪڻ ۽ وري سائي ٿيڻ جو ڊرامائي مظاهرو هوندي. رسمن جي مشابهت جي بنياد تي اهي قياس جي انڊولس جي روايت ۽ رسمن جي ٻين خصوصيتن مان تصديق ملي ٿي. سندس جنم جي عام روايت مان هن جو نباتات سان تعلق صاف ظاهر ٿئي ٿو. چيو ويندو ته هو هڪ خوشبودار وڻ (Myrrh tree) مان ڄائو هو، جنهن جي ڇِلُ جو ڀاڳ ڦاٽي ڏهن مهينن جي حمل کان پوءِ ڦاٽي پيو هو ۽ ان مان هڪ خوبصورت ٻار نڪري آيو هو. ڪن جو چوڻ آهي ته اهو جوڙي کي هڪ جهنگلي سوئر پنهنجي ڏند

هئي ڦاڙي ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح هن ٻار جي ٻاهر اچڻ جو رستو صاف ڪيو. انهيءَ روايت کي معقوليت جي رنگ ڏيڻ لاءِ هيءَ ڳالهه ڪئي ويئي ته سندس ماءُ جو نالو ’ماڻره‘ هو، جنهن کي حمل ٿيڻ کان پوءِ ماڻره وڻ ۾ تبديل ڪيو ويو هو. معلوم ٿئي ٿو ته انڊولس جي تقريب تي ’ماڻره‘ جو جيڪو ڏوپ ۽ واس ڪيو ويندو آهي، تنهن انهيءَ روايت کي جنم ڏنو هجي. اسان ڏٺو آهي ته بابل جي ساڳين رسمن ۾ اهڙيءَ طرح ئي ڏوپ ساڙيو ويو هو، جهڙيءَ طرح مصري قوم وارا بت پرست ”جنت جي راڻيءَ“ جي اعزاز ۾ ڏوپ ساڙيندا هئا، ۽ جنت جي اها راڻي، اِشتارت ديويءَ کان علاوه ٻي ڪا نه هئي. وري، جيڪا هيءَ ڳالهه ڪئي ويندي آهي ته انڊونس سال جو اڌ يا ڪن ٻين جي چوڻ مطابق، ٽيون حصو، هيٺين جهان ۾، ۽ باقي حصو مٿاهينءَ دنيا ۾ گذاريندو هو، تنهنجي بلڪل سڌي سنئين سمجهاڻي، هن ڳالهه کي فرض ڪرڻ سان ملي وڃي ٿي ته هو نباتات، ۽ خاص طرح اناج جي نمائندگي ڪندو هو، جو اڌ سال لاءِ زمين اندر دفن رهي ٿو ۽ پوءِ اڌ ۾ زمين کان مٿي نڪري ٿو. يقيناً، قدرت جي ساليانِي نظام ۾، پوکڻ ۽ پوءِ اندر اناج جي سُڪڻ ۽ وري ساڳي ٿيڻ جهڙي ٻي ڪا ۽ اهڙي صورت ڪانهي، جا موت، ۽ دوباره زنده ٿيڻ جي نظريي کي اهڙي صاف نموني سان سمجهائي سگهي. انڊولس کي سج سمجهيو ويو آهي، ۽ خط استوا ۽ پوري ٿي آب و هوا وارن ملڪن ۾ سج جي ساليانِي دوري ۾ ڪا اهڙي ڳالهه ڪانهي، جا هيءُ خيال پيدا ڪري ته اهو سال جي اڌ يا ٽئين حصي تائين مرده، ۽ باقي اڌ سال، يا سال جي ٻن ٽئين حصي تائين زنده ٿئي ٿو. سياري ۾ ان کي ڪمزور ٿيل سمجهي سگهجي ٿو، پر ان کي مرده ڪنهن به صورت ۾ سمجهي نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ ته ان جو هر روز اڀرڻ، انهيءَ قياس کي غلط ثابت ڪري ٿو. قطبي گهيري ۾، جتي مختلف ويڪرائي ڦاڪن مطابق سج هر سال چوويهن ڪلاڪن کان وٺي ڇهن مهينن تائين مسلسل غائب ٿي وڃي ٿو، اتي ان جي ساليانِي موت ۽ دوباره ظاهر ٿي

ٿين جو نظريو صاف ظاهر آهي، ۽ بد بخت منجهر ٻلي* کان علاوه، ٻئي ڪنهن به اهو رايو پيش ڪونه ڪيو آهي ته ائڊونس جي پوڄا قطبي علائقن کان هٽ پيتي آهي. ان جي برعڪس، نباتات جي ساليانی موت ۽ دوباره جيئڻ جو خيال اهڙو آهي، جو مدريل ۽ اڻ مدريل حالت جي هر منزل تي ماڻهن جي دماغ ۾ ازخود اچي حاضر ٿئي ٿو. بار بار وقوع پذير ٿيندڙ موت، ۽ دوباره جيئڻ، جنهن وسيع پيماني تي واقع ٿئي ٿو سو، ۽ ماڻهوءَ جي بقا جو اهو قريبي انحصار، جو مٿس آهي، پاڻ ۾ گڏجي ان کي، گهٽ ۾ گهٽ پوري پنهنجي ۾، فطرت جو سڀني کان زياده رنگين ۽ قابل ديد شاهڪار بڻائي ٿو. چنانچه، هن ڳالهه ۾ ڪو به تعجب ڪونهي ته فطرت جي اهڙي نمايان، ۽ اهڙي عالمي نظام، ساڳئي قسم جا خيال پيدا ڪري، مختلف علائقن ۾ هڪ جهڙين رسمن کي جنم ڏنو هجي. ان ڪري اسان کي ائڊونس جي پوڄا جي اها سمجهاڻي امڪاني قبول ڪرڻ گهرجي، جا فطرتي حقيقتن ۽ ٻين ملڪن جي ساڳين رسمن جي مشابهت سان اهڙي سهڻي نموني سان ٺهڪي اچي ٿي. تنهن کان سواءِ، اها* سمجهاڻي* کي خود قديم زماني جي ماڻهن جي اڪثريت جي راءِ مان تقويت ملي ٿي، جيڪي بار بار مرندڙ ۽ دوباره زنده ٿيندڙ ديوتا کي وڌيڪ ۽ دوباره جيئندڙ اناج سان مشابهت ڏيندا هئا.

'تموز' يا 'ائڊونس' جي اناج جي ديوتا هئڻ جي حيثيت، ڏهين صدي عيسوي* جي هڪ عرب مصنف جي آلهي* بيان مان عيان ٿئي ٿي، جو هن ان جي تقريب ملهائڻ جي متعلق ڏنو آهي. هاران جي بت پرست شامين جي رسمن رواجن، قربانين ۽ سائين سوڻن جو بيان ڪندي، جي آهي سال جي مختلف موسمن ۾ ادا ڪندا هئا، هو چوي ٿو: " تموز (جولاءِ)، مهيني جي وچ ۾ 'البغات'، يعني روئندڙ عورتن جي تقريب منعقد ٿيندي آهي ۽ 'تائوز' جو ميلو لڳندو آهي، جو ساڳي بيالي واري ديوتا جي اعزاز ۾

ملهايو ويندو آهي. عورتون ان جو ماتم ڪنديون آهن، ڇاڪاڻ ته اڻ کي سندس آقا اهڙي بيدرديءَ سان قتل ڪيو، سندس هڏن کي چڪيءَ ۾ اٽيو، ۽ پوءِ انهن کي هوا ۾ منتشر ڪري ڇڏيو. عورتون (انهيءَ تقريب جي دوران ۾) ڪابه اهڙي چيز ڪانه کائينديون آهن، جا چڪيءَ ۾ پيٺل هوندي آهي، پر آهي. پنهنجيءَ غذا کي فقط پاڻيءَ ۾ پُسيل ڪڻڪ، مٺي ميوي، ڪارڪڻ، ڪشمش وغيره تائين محدود رکنديون آهن." تائوز جو تموز کان علاوه ٻيو ڪو به ناهي، سو هن هنڌ "براس" واري "جان بارلي ڪارن" وانگر آهي:

"ساڙيندڙ شعلي مٿان هنن کاري ڇڏي،
هن جي هڏن جي مک،
پر جانباهيءَ هن سان سڀني کان زياده بچڙو سلوڪ ڪيو،
جو هن ڪمس اٽر جي ٻن پڙن جي وچ ۾ پيسي ڇڏيو".

اندلس جي فطرت جو اناج جي فصلن مٿان اهڙيءَ طرح مرڪوز ٿيڻ، سندس پوڄارين جي تهذيب و تمدن جي انهيءَ منزل جو مظهر آهي، جنهن تي اهي تاريخي دور ۾ پهتا هئا. آهي، هينئر رولو شڪاريءَ ۽ ريڍار جي خانه بدوش زندگي گهڻو پهريان ترڪ ڪري چڪا هئا، صدين کان وٽي آهي زمين تي آباد ٿي ويا هئا ۽ پنهنجيءَ بقا ۽ گذر اوقات لاءِ هر ڪيڙ جي پيداوار تي دارومدار رکندا آيا هئا. ويرانين جا ٻير ۽ ٻولين جون ڀاڙون ۽ چراگاهن جو گاهه، جي سندن اڻ ڍڳيل اٺن ڏاڍن لاءِ وڏيءَ اهميت واريون شيون هيون، سي هينئر هنن لاءِ ڪنهن به وقعت واريون نه هيون، سندن خيال ۽ فوتون زياده ۽ زياده سندن زندگيءَ جي بنيادي ضرورت، 'اناج' ۾ محو ۽ مرڪوز رهيون، چنانچه، عام طرح آباديءَ، ۽ خاص طرح اناج جي ديوتائن جي رضامندي ۽ خوشنودي زياده کان زياده سندن مذهب جي مرڪزي خصوصيت ٿيندي ويئي. انهن سائن سوڻن جي ملهائڻ لاءِ جيڪو هنن پنهنجي لاءِ نصب العين مقرر ڪيو، سو بلڪل عملي ۽ حقيقت پسندانه هو، نباتات جي اٿوڻ

جهڙي ڪي خوشي، ۽ ان جي سڪڻ تي ماتم، ڪنهن نامعلوم شاعرانه جذبي ڪان متاثر ٿي ڪونه ڪندا هئا. ڇڪ جو ڏڪ ۽ ان جو احساس، ائڊونس جي پوڄا جو مکيه بنياد هو.

فادر لئگرينج جي راءِ آهي ته ائڊونس جو ماتم بنيادي طور لاباري جي رسم هئي، جا اناج جي ديوتا کي راضي ڪرڻ لاءِ ملهائي ويندي هئي، جو ان وقت لاباري لاهيندڙن جي ڏاٽن هيٺان ڦٿا ٿيندو رهندو هو، يا ڳاهه جي ميدان ۾ ڏڳن جي کرن هيٺان لتاڙجي مرندو رهندو هو. مرد، هڪ طرف کيس قتل ڪندا هئا، ته ٻي طرف عورتون ان جي قدرتي ڪاوڙ کي ٿڌي ڪرڻ لاءِ گهر ۾ ويهي سندس موت تي ڪوڙا ڳوڙها ڳاڙيندڙيون هيون. اهو نظريو تقريبن جي تاريخي سان، جي بهار ۽ اونهاري ۾ منعقد ڪيون وينديون هيون، ٺيڪ نمولي سان ٺهڪي اچي ٿو، ڇو ته انهن ملڪن ۾، جيڪي ائڊونس جي پوڄا ڪندا هئا، بهار ۽ اونهارو، ٻ لسرڻ، جَوَن ۽ ڪڻڪ جي لاباري لاهڻ جون موسمون آهن. ان کان سواءِ، هن الومان جي تصديق مصري لاباري لاهيندڙن جي هن رواج مان ٿئي ٿي، جنهن موجب اهي اَنَ جي پهرين مُٺ وڍڻ وقت ورلاپ ڪري "آئسيس" ديوتا کي پڪاريندا هئا. وري، ڪن شڪاري قبيلن جي مشابهت رکندڙ رسمن مان به اهي الومان کي تقويت ملي ٿي، جي انهن جانورن جو وڏو احترام ڪندا آهن، جن کي اهي کڻي کائيندا آهن.

انهي مفهوم مطابق، ائڊونس جو موت اناتات جي اونهاري جي گرمي يا سياري جي سردي سبب عام ۽ قدرتي مرڻ يا سُڪڻ ناهي، ان جو مطلب ماڻهن جي هٿان اناج جو عام قتل ٿيڻ آهي، جو ان کي پني ۾ وڍي ٿو، ڳاهه جي ميدان ۾ ذرا ذرا ڪري ٿو ۽ جانڊ ۾ وجهي سنهو ڪري پيهي ٿو. اها ڳالهه قبول ڪرڻي پوندي ته 'ليوانٽ' جي زرعي پيشه ماڻهن کي، هوين دورن ۾، ائڊونس پنهنجي انهي بنيادي صورت ۾ نظر آيو، ۽ اهو ابتدا کان وٺي اناج، ۽ فقط اناج ئي هيو، تنهن ۾

ذرا شڪ جي گنجائش آهي. اڃا ۾ زياده اوائلي دور ۾، هڪ ريڍار لاءِ ٻين سڀني شين کان زياده ضروري، اهو نرم ۽ نازڪ گاهه ٿي سگهي ٿو، جو برساتن کان پوءِ ڏتڙيل ۽ لاغر چوپائي مال لاءِ طاقتور چارو مهيا ڪري ٿو. اڃا ۾ ڪنهن اوائلي زماني ۾ هو هڪ وحشي شڪاريءَ ۽ سندس زال جي نظرن ۾ اهي ٻير وغيره جو روح ٿي سگهي ٿو، جي موسم خزان ۾ پيلن منجهان ڪيس سندن گذاري لاءِ ملندا هئا. جهڙيءَ طرح هڪ زراعت پيشه ماڻهوءَ کي اناج جي ديوتا کي راضي ڪرڻ جي ضرورت آهي، جنهن کي هو پنهنجي پيٽ ڀرڻ لاءِ ڪتب آڻي ٿو، اهڙيءَ طرح هڪ ريڍار کي گاهه ۽ ٻڻن جي ديوتا کي راضي رکڻ جي ضرورت آهي، جو سندس ڌڻ اهي شيون کائي پلن ٿا ۽ بلڪل اهڙي ٿي نموني هڪ شڪاريءَ کي انهن ٻوٽن ۽ ميون جي ديوتا کي پنهنجي موافق بڻائڻ جي ضرورت آهي، جي هو زمين مان کوٽي ۽ ڻارن مان چُني پنهنجو پيٽ ڀري ٿو. سڀني حالتن ۾ مجروح ۽ ڪاوڙيل ديوتائن کي راضي ڪرڻ ۾ لازمي طور ڏکيا پهانا ڪرڻ ۽ معافيون وٺڻ ضروري هيون ۽ جڏهن ۾ ڪنهن قابل مذمت حادثي يا ضرورت کان مجبور ٿي ڪيس قتل ڪرڻ ۽ ڦرڻ جي، ضرورت لاحق ٿيندي هئي، تڏهن سندس موت تي وڏي واڪي شاپو ڪرڻ ۾ لازمي هوندو هو. اسان کي فقط هڪ هيءَ ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته انهن اوائلي دورن جو وحشي شڪاري ۽ ريڍار اڃا نباتات جي هم گير ذاتي نظريہ تائين پهتو ٿي ڪونه هو ۽ ان ڪري هن لاءِ جيستائين ائڊونس جي وجود جو تعلق هو، تيستائين هرهڪ وڻ ۽ ٻوٽي جو انفرادي مالڪ ائڊونس هو ۽ ان، سڄيءَ نباتاتي زندگيءَ جو مظهر. چنانچه، جيترا هوندا وڻ ۽ ٻوٽا، اوترا هوندا ائڊونس ۽ انهن مان هرهڪ جي جسم ۾ ملڪيت کي جيڪو ۾ ضرر رسايو ويندو هو، ان لاءِ ڪيس مطمئن ڪرڻ ضروري هو. ۽ جيڪڏهن وڻ هرسال ان چانئيندڙ هوندا، ته سال بسال موسم خزان ۾، جڏهن وڻ پنهنجا سرخ ان چانئيندا هوندا، تڏهن

ائڊونس رت وهائي مرندو معلوم ٿيندو هوندو ۽ وري موسم بهار جي تازي سبزيءَ اچڻ سان، هو دوباره زنده ٿيندو نظر ايندو هوندو.

هن خيال لاءِ ڪجهه سبب موجود آهي ته قديم دور ۾ ڪڏهن ڪڏهن ائڊونس جو ڪردار هڪ جيئرو جاڳندو ماڻهو ئي ادا ڪندو هو، جنهنکي ان جي شخصيت ۾ قتل ڪيو ويندو هو. ان کان علاوه، هن ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ ٻ شهادت موجود آهي، ته مشرقي يورپ سمنڊ وارن ملڪن جي زراعت پيشه قومن ۾ اناج جي ديوتا جي نمائندگي، خواه اهو ڪهڙي به نالي سان مشهور هو، سال بسال لاباري وقت پنيءَ ۾ ماڻهن جون قربانيون ڏيئي، ڪئي ويندي هئي. جيڪڏهن ائين هيو، ته ان صورت ۾ اناج جي ديوتا کي راضي ڪرڻ جي رسم جو، ڪنهن حد تائين، مڙدن جي پوڄا جي رسم سان ملي هڪ ٿي وڃڻ جو انديشو هو. جو ته هن خيال جو امڪان هو ته قربان ٿيل انهن ماڻهن جا روح، انهن سنگن جي صورت ۾ واپس جيئرا ٿي ايندا هوندا، جن کي انهن پنهنجو رت ڏيئي تلهو ڪيو هو ۽ اهي آئڻ ۾ لاباري پوڻ وقت پيو دفعو مرندا هوندا. انهن ماڻهن جا روح، جن کي زوريءَ قتل ڪري ماريو ويندو آهي، زود رنج ۽ بدمزاج ٿي پوندا آهن ۽ موقعي ملڻ تي پنهنجن قاتلن کان انتقام وٺڻ لاءِ آماده هوندا آهن. ان ڪري مقتولن جي روحن کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش جي، ڪم از ڪم عام ماڻهن جي خيال ۾، قتل ٿيل اناج جي روح جي ڪاوڙ کي ٿڌي ڪرڻ جي ڪوشش سان لازمي طور آميزش ٿي ويندي. ۽ جيئن مئا ماڻهو لڏون ڦٽندڙ اناج ۾ واپس ايندا هئا، تيئن هي به خيال ڪيو ويندو هوندو ته اهي موسم بهار جي گلن ۾ به واپس ايندا هوندا، جن کي بهار جي ٿڌڙي هير سندن خواب گران منجهان بيدار ڪندي آهي. مقتولن کي سڪل گاه ۽ پٽن سان ڍڪيل زمين هيٺان دفن ڪيو ويندو هو. چنانچه، هن کان وڌيڪ قدرتي خيال پيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو ته بنفشا ۽ گينڊا، گلاب ۽ لال، سندن

خاڪ ۾ ڪڙيا هوندا، سندن رت مان نيلا، پيلا ۽ لال، گلابي ٿيا هوندا ۽ منجهن سندن روح جو ڪجهه حصو ضرور شامل هوندو؟

"آءٌ ڪڏهن سوچيندو آهيان ته، ڪڏهن به اهڙو سرخ نه ٿو ڪڙي،
گل گلاب جو اهڙو، جهڙو انهيءَ جاءِ تي، جتي ڪنهن مدفون قيصر رت وهايو هو،
۽ هرهڪ بنفشو جو چمن کي سينگاري ٿو،
ان جي گود ۾ ڪريو هوندو، ڪنهن زماني جي ڪنهن سهڻيءَ جي مٿي مان."

۽ هيءَ جان-بخش بوٽي، جنهن جي نفيس سبزي،
ايري ٿي لب-درياه تي، جنهن تي جهڪيا پيئا آهيون،
آه، اچاترو جهڪ انجي مٿان، جو ڪيرٿو چالي ته ڪنهن جي،
خوبصورت لب منجهان ايري رهي آهي، آها ليڪي ليڪي؟

اٺين جي جنگ بعد، جا سترهين صديءَ ۾ يورپ جي سڀني کان زياده خونريز جنگ هئي، اولهاري ۾ ميدان جنگ واريءَ زمين مان، جا ويهن هزارن جوڌن جي رت سان تربتر ٿيل هئي، لکين ڪروڙين ڏوڏيون ڦٽي نڪتيون ۽ هڪ مسافر، جو انهيءَ سرخيءَ مان پريل، اي پايان ميدان وٽان اچي لانگهائو ٿيو هو، سو بيشڪ هيءُ خيال ڪري اٿي سگهيو ته ڌرتيءَ، درحقيقت پنهنجي سيني اندر سمايل موئن کي پاهر ڪڍيو هو. اٿينس ۾ موئن جو "عظيم ياد گار ڏينهن" موسم بهار جي دوران ۾ مارچ جي اڌ ڌاري ايندو هو، جڏهن بهربان گل ڦل ٽڙي پيهندا آهن. ان وقت موئن کي پنهنجين قبرن مان اٿي، گهٽين ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦرندو، گهرن ۽ مندرن ۾ داخل ٿيڻ جي فضول ڪوشش ڪندو خيال ڪيو ويندو هو، جو انهن جاين جي دروازن وغيره کي اهڙن بي آرام روحن جي داخلا کان محفوظ رکڻ لاءِ نوڙين، خاردار ٻوٽن ۽ ڏامر سان بند ڪيو ويندو هو. انهيءَ تقريب جي نالي جو مطلب، ظاهرظهور

۽ قدرتي نفسير مطابق، "گلن جو ميلو" ٿئي ٿو ۽ اهو ٿالو انهن سائين سوڻن جي مقصد سان بلڪل ٺهڪي ايندو هو، جڏهن الهيءَ موسم ۾ ويچارن روحن کي لڙندڙ گلن سان گڏ، پنهنجي تنگ گهرن مان رڙهي ٻاهر نڪرندو خيال ڪيو ويندو هوندو. ان ڪري رينان جي نظريه ۾ سچ جو ڪجهه جزو شامل ٿي سگهي ٿو، جنهن انڊونس جي پوڄا ۾ خواب آلوده ۽ شهوتي خواهشات جي جوش سان پرين موت جو اظهار ڏٺو هو، ۽ جنهن جو تصور "دهشت جي بادشاه" جي صورت ۾ نه، پر هڪ اهڙي عيار جادوگر جي حيثيت ۾ ڪيل هو، جو پنهنجن شڪارن کي دغا ۽ فريب سان پاڻ ڏانهن ڪشش ڪري، انهن کي ابدي ننڊ ڏيئي ڇڏي ٿو. هن جو خيال هو ته لبنان ۾ قدرت جي بي انتها دلربائي الهيءَ قسم جي افسانوي غير حقيقت پسنداڻي مذهبي جذبن کي پيدا ڪرڻ لاءِ ذميدار آهي، جي درد ۽ لذت، ننڊ ۽ ڪوڙهن جي درميان بي مقصد لامارا ڏيندا معلوم ٿين ٿا. موت جهڙي خالص ذاتي نظريي جي پوڄا جي ذميداري فقط شامي مزارعين جي مٿان مڙهڻ لاشڪ هڪ حماقت ۽ غلطي ٿيندي. ان جي باوجود، هيءَ شايد حقيقت هجي ته انهن جي سادين دلين ۾ نباتات جي زندگي بخشيندڙ روح جو خيال مثل ماڻهن جي پوتن جي انتهائي حقيقت پسنداڻي خيال سان ملي هڪ ٿيل هو، جهڙي موسم بهار جي ابتدائي گلن، اناج جي نازڪ ۽ نفيس ساوڪ ۽ وڻن جي مختلف رنگن واري ٻور سان گڏ دوباره جيئرا ٿين ٿا. چنانچه، انهن جا فطرت جي موت ۽ دوباره زندگيءَ جي متعلق خيال، ماڻهوءَ جي موت ۽ وري جيئري ٿيڻ جي سندن نظرين، سندن شخصي فڪرن، اميدن ۽ خوفن جي رنگ ۾ رڱيل هوندا. ساڳئي نموني سان اسان هن باري ۾ ڪو به شڪ نه ٿا ڪري سگهون ته انڊونس جي باري ۾ رينان جو نظريو، بذات خود سندس غيض و غضب جي ياد گيرين جي رنگ ۾ رڱيل هوندو —، موت سان مشابهت رکندڙ خواب غفلت جي ياد، جنهن لبنان جي لاهڻ تي

خود سندس اکين تي موت جي مُهر ثبت ڪئي، ۽ انهيءَ ڏينهن جي ياد، جا انڊلس جي ملڪ ۾ اهڙيءَ گهريءَ ننڊ ۾ ستل آهي، جو لالہ ۽ گلاب جي گلن سان گڏ وري ڪڏهن به بيدار نہ ٿيندي.

باب ٽيٽيهون

ائڊونس جا باغ

هن حقيقت جي بهترين ثابتي، ته ائڊونس نباتات ۽ خصوصاً اناج جو ديوتا هو، شايد ائڊونس جي باغن مان، جيئن ماڻهو انهن کي سڏيندا هئا، ملي رهي آهي. اهي باغ مٽيءَ سان ڀريل ٽوڪرا يا برتن هوندا هئا، جن ۾ ڪڻڪ، جَوَ وغيره پوکيا ۽ ان ڏينهن تائين وڌا ڪيا ويندا هئا ۽ جن جي حفاظت خاص طرح عورتون ڪنديون هيون. سج جي تپش ۾ پلجي، اهي پوٽا هڪدم وڌي ٿي ويندا هئا ۽ پاڙن نه هئڻ سبب اهي اوتري ئي اندر جلد سُڪي سڙي ويندا هئا ۽ انهن ڏينهن کان پوءِ ديوتا جا معتقد انهن پوٽن کي مرده ائڊونس جي مجسمن سان گڏ ٻاهر کڻي وڃي سمنڊ يا چشمن ۾ اڇلائيندا هئا.

ائڊونس جا اهي باغ، بلڪل فطرتي طور، خود ائڊونس جا نمائندا يا سندس طاقت جا مظهر سمجهيا وڃن ٿا. اهي باغ سندس اصلي نوعيت مطابق، ساوڪ جي صورت ۾ ديوتا جي نمائندگي ڪندا هئا ۽ سندس مجسما، جن سان گڏ باغن کي ٻاهر کڻي وڃي پاڻيءَ ۾ اڇلايو ويندو هو، ان جي مابعد انساني صورت جو اظهار ڪندا هئا. جيڪڏهن اهي قياس ۾ آءٌ صحيح آهيان ته پوءِ ائڊونس جي انهن سڀني رسمن جو مقصد، نباتات جي واڌ يا ان کي ٻيهر زنده ڪرڻ خاطر جادوءَ جي ٽوٽڪن ۽ جنترن طور استعمال ڪرڻ جو هو ۽ اهو اصول، جنهن مطابق اهي جنتر گهربل اثر ظاهر ڪندڙ سمجهيا ويندا هئا، سو هم آهنگ يا نقال جادوءَ جو هيو، ڇو ته جاهل ماڻهو ائين سمجهندا آهن ته اهيءَ

اثر جي نقل ڪرڻ سان، جنهن جي پيدا ڪرڻ جي کين خواهش هوندي آهي، اهي ان جي ظهور پذير ٿيڻ ۾، درحقيقت مدد ڪن ٿا. چنانچه، پاڻيءَ جو ڇڙڪاءُ ڪري اهي مينهن پيدا ڪن ٿا، باه ٻاري اس پيدا ڪن ٿا، وغيره وغيره. ساڳيءَ طرح، فصلن جي واڌ جو نقل ڪرڻ سان اهي ڀرپور لاباري جي اميد رکن ٿا. انڊولس جي باغن ۾ ڪڻڪ ۽ جوَن جي تڪڙي واڌ جو مقصد اناج جي فصلن کي جلد وڌي ڪرڻ جو هو، ۽ باغن ۽ مجسمن جو پاڻيءَ ۾ اڇلائڻ، کيتيءَ جي واڌاري لاءِ مينهن حاصل ڪرڻ جو هڪ جنتر هو. جديد يورپ جي "موت" ۽ "ڪارنيوال" جي مجسمن کي پاڻيءَ ۾ اڇلائڻ جي متوازي رسمن جو مقصد به، منهنجي خيال موجب، ساڳيوئي هو. يقيناً، ساون پنن سان ڍڪيل ماڻهوءَ کي، جو بلاشڪ سبزيءَ جي شخصيت جو مظهر هو، پاڻيءَ سان ڀسائڻ جي رسم، اڄ به يورپ ۾ مينهن حاصل ڪرڻ جي مخصوص مقصد لاءِ ادا ڪئي ويندي آهي. ساڳيءَ ريت لاباري وقت آخرين وڍيل اَنَ تي، يا انهيءَ ماڻهوءَ مٿان، جو اهو اَنُ گهر کڻي ايندو آهي، پاڻيءَ اڇلائڻ جي رسم (اها رسم جرمنيءَ ۽ فرانس ۾ مروج آهي ۽ ڪجهه زمانو اڳي انگلنڊ ۽ اسڪاٽلنڊ ۾ به ادا ڪئي ويندي هئي) ڪن جاين تي ايندڙ سال جي فصلن لاءِ مينهن حاصل ڪرڻ جي خاص مقصد لاءِ ادا ڪئي ويندي آهي. چنانچه، والپچيا ۽ ٽرانسلوانيا جي روماني نسل وارن لوڪن ۾، جڏهن ڪا ڇوڪري لاباري وقت آخرين وڍيل سنگن مان ٺهيل تاج گهر کڻي ايندي آهي، تڏهن ان سان جيڪي به ماڻهو رستي ۾ ملندا آهن، سي جلدي جلدي مٿانئس پاڻي اڇلائيندا آهن ۽ گهر جي دروازي وٽ به ڪڙمي نوڪر خاص انهيءَ ڪم لاءِ ٻهاريا ويندا آهن، ڇو ته سندن اعتقاد آهي ته جيڪڏهن ائين نه ڪيو ويندو ته ٻئي سال جا فصل خشڪيءَ سبب سڙي ويندا. روشيا ۾ موسم بهار جي هر ڪيڙڻ کان پوءِ، جڏهن هاري ۽ ٻيا ٻج پوکيندڙ پنهنجي ڪم ڪرڻ کان پوءِ شام جو گهر واپس ايندا

هئا، تڏهن ڪڙميءَ جي زال ۽ سنڌس لوڪ مٽائين پاڻي ڇڙڪائيندا هئا. ماري ۽ پورڪندڙ ان جو جواب هر ڪنهن کي پڪڙڻ، ۽ پاڻيءَ ۾ غوطن کارائڻ سان ڏيندا هئا. ڪڙميءَ جي زال ڏانهن ڏيٺي آهي، ڪارروائيءَ کان پاڻ کي بچائي سگهندي هئي، پر ٻئي هر ڪنهن کي پاڻيءَ ۾ غوطا کائڻا پوندا هئا. اها رسم ادا ڪري، آهي پنهنجي واريءَ موسم لاءِ باقاعده طور مينهن حاصل ڪرڻ جي خاطريءَ جي اميد رکندا هئا.

هيءَ راءِ ته ائڊونس جا باغ ذاتي طور نباتات ۽ خاص طرح فصلن جي واڌ لاءِ جادوءَ جا جنتر آهن ۽ اهي جديد يورپ جي موسم بهار وارين لوڪ-رسمن واري طبقي سان، جن جو مون ٻئي ڪنهن هنڌ بيان ڪيو آهي، وابسته آهن، پنهنجي ثابتي لاءِ محض پنهنجي ذاتي امڪان تي انحصار نه ٿي رکي. خوش قسمتيءَ سان اسين هيءَ ڳالهه ثابت ڪري سگهون ٿا ته ائڊونس جا باغ (جيڪڏهن اسين اهو اصطلاح ان جي عام مفهوم ۾ استعمال ڪريون) اول ته هڪ قديم النسل قوم پنهنجي ڪرڻ جي وقت، ۽ پڻ اوڀائي ڪڙمي وچ اوڀاري ۾، اڃا به پوکيندا اچن ٿا. بنگال جي 'اوران' ۽ 'موندا' قومن ۾، جڏهن چانورن جي روپڻي جو وقت قريب ايندو آهي، تڏهن نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو هڪ گروه ٻيلي ۾ ويندو آهي ۽ اتان "ڪرما وڻ" يا ان جي هڪ ٽاري وڍي کڻي ايندو آهي. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو اهو ٽولو انهيءَ وڻ يا ان جي ٽاريءَ کي فاتحانه انداز سان ڪلهن تي کڻي، نچندو، ڳائيندو ۽ دهل وڄائيندو ڳوٺ موٽندو آهي ۽ ان کي ڳوٺ جي ناچ ميدان جي عين وچ ۾ کوڙيندو آهي. پوءِ وڻ کي قرباني ڏني ويندي آهي، ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو پنهنجي جنسن جا نوجوان ٻانهون ۾ وجهي، هڪ وڏي دائري ۾ "ڪرما وڻ" جي چوڌاري، جنهن کي رنگ برنگ ڪپڙن جي اڳڙين، ۽ چوڙيءَ زانگر ويڙهيل ٻلال جي نقلي پوڄن ۽ هارن سان سينگاريو ويندو آهي، خوب نچندا آهن. انهيءَ تقريب جي

ٻاريءَ لاءِ ڳوٺ جي مکيءَ جون ڌيئرون جَوَن جا ٻج هڪ
مخصوص انداز ۾ ٻوڪينديون آهن. ٻج کي آليءَ ۽ واريءَ مٽيءَ ۾
هڪ خوشبودار ٻوٽيءَ جو پائوڊر ملائي پوکيو ويندو آهي، جنهن ڪري
جَوَن جا ٻن هلڪي پيلي، يا سرخ رنگ جا نڪرندا آهن. تقريب
واري ڏينهن ڳوٺ جون ڇوڪريون اهي ٻن ٽوڪرن ۾ وجهي ڳوٺ
جي ناچ ميدان ڏانهن کڻي وينديون آهن، جتي اهي "ڪرما وڻ" جي
اڳيان بطور احترام سجدو ڪري، انهن مان ڪجهه ٻن ان جي
اڳيان رکنديون آهن. آخرڪار، "ڪرما وڻ" کي اتان کڻي
وڃي ڪنهن ڪميءَ يا تلاءَ ۾ اڇلايو ويندو آهي. جَوَن جي
انهن ٻن ٻوڪڻ، ۽ پوءِ انهن کي "ڪرما وڻ" اڳيان پيش
ڪرڻ جي معنيٰ ۽ مفهوم متعلق سوال ڪرڻ جي ڪا مشڪل ئي
گنجائش آهي. وڻن کي فصلن جي واڌ لاءِ زود اثر سمجهيو ويندو
آهي ۽ خود مذڪور قومن — مونڊن ۽ منڊرائن — ۾ "هڙيءَ جي
ديوتائن کي فصلن جي واڌ لاءِ ذميدار سمجهيو ويندو آهي". ان ڪري،
جڏهن رولبي جي وقت مونڊا قوم جا ماڻهو وڻ وڍي کڻي ايندا آهن
۽ ان جو ايتري قدر احترام ڪندا آهن، تڏهن انهن جو مقصد
فقط چانورن جي تيز واڌ جو ئي هوندو، جن کي اهي ان وقت
هڪ هنڌان ٻئي هنڌ هڻڻ وارا هوندا آهن، هوڏانهن وري
جَوَن جي ٻن کي ڦوهڙيءَ سان ڄمائڻ ۽ بعد ۾ انهن کي وڻ جي
اڳيان پيش ڪرڻ جو مقصد به شايد ان کي فصلن ڏانهن سندس
فرض جي ياد ڏيارڻ ڪرائڻ، ۽ ان جي ڪارڪردگيءَ ۾ نباتات
جي اهڙيءَ ظاهر ظهور تيز واڌ جي ذريعي عجلت آڻڻ جو هوندو.
"ڪرما وڻ" کي پاڻيءَ ۾ اڇلائڻ جي معنيٰ مينهن وسائڻ جي ٽوٽڪي
جي ڪڍڻ گهرجي. اهو ڪونه ٻڌايو ويو آهي ته جَوَن جا ٻن به
پاڻيءَ ۾ اڇلايا ويندا آهن يا نه، پر جيڪڏهن اهڙيءَ رسم جي
جيڪا مون معنيٰ ڏني آهي، سا صحيح آهي، ته پوءِ ائين ئي
ڪيو ويندو هوندو. اهڙيءَ بنگالي رسم ۽ ائڊونس جي يوناني
رسمن ۾ فرق رڳو هيءُ آهي ته اول الذڪر حالت ۾ وڻ جي

روح جو اظهار ان جي اصلوڪي صورت، يعني خود وڻ جي وسيلي
سان ڪيو ويو آهي، حالانڪ اڊونس جي پوڄا ۽ ان جي نمائندگي
انساني صورت ۾ مثل ماڻهوءَ جي وسيلي ڪئي وئي، جنهنڪري
ان جي نباتاتي حيثيت کي اڊونس جي باغن ذريعي واضح ڪيو
ويو آهي، ڪٿي چئجي ته، ان جي اصلوڪي وڻ جي روح واريءَ
طاقت جا ٿالوي مظهر آهن.

اڊونس جا باغ هندو ۽ ظاهري طور، ڌرتيءَ ۾
انسان ذات جي آبادي حاصل ڪرڻ جي مقصد سان پوکيندا آهن.
چنانچه، راجپوتانا ۽ اڏيپور وٽ سگر ۾ سڳائيءَ جي ديويءَ گوريءَ
يا ايساڻيءَ جي اعزاز ۾ هڪ تقريب ملهائي ويندي آهي. الهيءَ
رسم جا ساٿ ۾ سڱن ان وقت شروع ٿيندا آهن، جڏهن سورج
”گهيٽن جي نشان“ ۾ داخل ٿيندو آهي، جا هندن جي سال جي
ابتدا هوندي آهي. گوري ديويءَ جو مجسمو ۾ سنڌين مٽيءَ، ايسورا
جو هڪ ننڍو بت، مٽيءَ مان ٺاهيا ويندا آهن ۾ پوءِ پنهي کي
هڪ ٻئي جي پاسي ۾ رکيو ويندو آهي. ان کان پوءِ، هڪ
ننڍي ٿالهي کوٽي، ان ۾ جَوَ پوکيا ويندا آهن ۾ جيسين
پچ ڦٽندو آهي، تيسين ان کي مصنوعي طور پاڻي ۾
گرمائش ڏني ويندي آهي، جنهن کان پوءِ عورتون هٿن
۾ هٿ ملائي ان جي چوڌاري نچنديون ۾ پنهنجن مڙسن
لاءِ گوري ديويءَ کان دعائون گهرنديون آهن. ان کان پوءِ، عورتون
ڪجهڙي آڻ جا ٽانگا ڪٽي مردن ۾ تقسيم ڪنديون آهن،
جي انهن کي پنهنجن پڳن ۾ وجهي ڇڏيندا آهن. انهن سان
۾ مردن ۾ جَوَن تقسيم ڪرڻ ۾ عورتن جون پنهنجن مڙسن لاءِ
برڪتن جون دعائون پڻ، صاف اشارو ڪن ٿيون ته انهيءَ رسم
جي ادائگيءَ جي مقصدن مان هڪ، اولاد حاصل ڪرڻ جو آهي.
مدراس ۾ برهمڻن جي شاديءَ وقت اڊونس جي باغن جي
استعمال مان به شايد ساڳيوئي مقصد واضح ٿئي ٿو. پنجن يا
نون قسمن جا مختلف ٻج ملائي، مٽيءَ جي ٿالهن ۾ پوکيا ويندا

آهن، جي خاص ان موقعي لاءِ ٺاهيا ويندا آهن ۽ انهن ۾ مٽي ڀري ويندي آهي. ڪنوار ۽ گهوٽ، ٻئي گڏجي ڇهن ڏينهن تائين، صبح ۽ شام انهن کي پاڻي ڏيندا آهن ۽ ڇهين ڏينهن تي انهن ٻچڙن سان کي انڊوليس جي سچن ٻچن ٻاغن وانگر ڪنهن تلاءَ يا نديءَ ۾ اڇلايو ويندو آهي.

سارڊينيا ۾، انڊولس جا باغ "وچ اونهاري" واري وڏي ڏڻ جي موقعي تي، جنهن کي سينٽ جان جو لالو ڏالل آهي، اڃا تائين پوکيا ويندا آهن. مارچ جي آخر ۾، يا اپريل جي پهرين ڏينهن تي، ڳوٺ جو هڪ نوجوان ڪنهن ڇوڪريءَ وٽ حاضر ٿي، کيس سندس "ڪومپير" (گپ شپ هلائيندڙ يا محبوبه) ٿيڻ لاءِ عرض ڪندو آهي ۽ ساڳئي وقت هو پاڻ ان ڇوڪريءَ جي "ڪامپير" ٿيڻ جي پيشڪش ڪندو آهي. ڇوڪريءَ جي خاندان وارا اهيءَ دعوت کي هڪ اعزاز سمجهي، ان کي خوشيءَ سان قبول ڪندا آهن. مئي مهيني جي آخر ۾ ڇوڪري 'ڪارڪ' وڻ جي ڇوڏي مان هڪ برتن ٺاهي، ان کي مٽيءَ سان ڀري، منجهس ڪڻڪ ۽ جَوَن جو ٻُڪ ڀري پوکيندي آهي. برتن کي اُس ۾ رکڻ ۽ ان کي بار بار پاڻي ڏيڻ سان اناج تمام تيزيءَ سان ڦٽي پوندو آهي ۽ "مڊسمر ايو" (سينٽ جانس ايو، ٢٣ جون) تائين اهو چڱو وڏو ٿيندو آهي. ان کان پوءِ، ان برتن کي "ارمي" يا "نيئيري" سڏيو ويندو آهي. "سينٽ جان" واري ڏينهن اهو نوجوان ۽ ڇوڪري پنهنجا بهترين ڪپڙا پائي، هڪ وڏيءَ مرگس سان، جنهن جي اڳيان ننڍا ٻار نچندا، ڪڏندا ۽ رانديون ڪيڏندا هلندا آهن، ڳوٺ جي ٻاهران واقع ديول ڏانهن ويندا آهن. اتي پهچي، اهي اهيءَ برتن کي ديويءَ جي دروازي سان هڻي، ٽوڙيندا آهن. ان کان پوءِ، اهي سڀئي هڪ حلقو ٺاهي، گاهه تي ويهي رهندا آهن ۽ بانسرين جي موسيقيءَ جي مٺن سُرن جي وچ ۾ آنا ۽ ساڳيون ٻوٽيون کائيندا هئا. پيالي ۾ شراب اوتي، ان کي حاضرين ۾ ڦيرايو ويندو آهي، جي سڀئي ان منجهان سرڪي پيئندا ويندا آهن. ان

کان بعد، اهي هٿ ملائي "سينٽ جان جون محبوبائون" (ڪامپوزيٽر
اي ڪوميٽر ڊي سئن گيٿووالي) ڳائيندا رهندا آهن ۽ گيت جي
دوران ۾ ٽنسريون وڄنديون رهنديون آهن. ڳائيندي ڳائيندي،
جڏهن اهي ٿڪجي پوندا آهن، تڏهن اهي اتي ويهندا آهن ۽
حلقو ٺاهي شام تائين اچيندا ۽ موج ۽ مزا ڪندا رهندا آهن. اها
سارڊينيا جي هڪ عام رسم آهي. اوزيٽري ۾ جوڪا ماکي رسم
ادا ڪئي ويندي آهي، تنهن جون ڪي مختلف خاصيتون آهن.
مئي مهيني ۾ "ڪارڪ" جي چوڏي مان هڪ ڪولڊي ٺاهي
ويندي آهي ۽ ان ۾، جيئن اڳيئي مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون،
اناج پوکيو ويندو آهي. پوءِ "سينٽ جان ايو" تي درين جي
چوڪاٺين کي قيمتي ڪپڙن سان سينگاريو ويندو آهي ۽ انهن تي
اهي سينگاريل ڪولڊيون رکيون وينديون آهن، جن کي قرمزي ۽
نيلي رنگ جي ريشمي ڪپڙن ۽ رنگا رنگي ربنن سان سينگاريو
ويندو آهي. اڳين ڏينهن ۾ انهن ڪولڊين مان هرهڪ ۾ هڪ
ننڍڙو مجسمو يا ڪپڙي جي ٺهيل گڏي، جنهن کي زنانا ڪپڙا پارايا
ويندا هئا، يا ڪنهن ڳوٺل شئي مان "پرياپس" جهڙي صورت ٺاهي،
رکي ويندي هئي پر اها رسم ڪليسا جي سخت مخالفت سبب هينئر
مروج ڪانهي. ڳوٺ جا بانڪا ٽوليون ٺاهي، ڪولڊين ۽ انهن جي
سينگار کي ڏسڻ ۽ ڇوڪرين لاءِ انتظار ڪرڻ ويندا آهن، جي انهيءَ
تقريب ملهائڻ لاءِ ڳوٺ جي چوراهي وٽ جمع ٿي ويهنديون آهن.
انهيءَ جاءِ تي باهه جو هڪ وڏو مچ پاريو ويندو آهي، جنهن جي
چوڌاري اهي نچندا ۽ خوشيون ملهائيندا آهن. جن ڇوڪرين کي
"سينٽ جان جون محبوبائون" ٿيڻ منظور هوندو آهي، سي هيئن
ڪنديون آهن: نوجوان ڇوڪرا باهه جي مچ جي هڪ طرف ۽
ڇوڪريون ٻئي طرف ويهنديون آهن ۽ اهي هڪ ڊگهي لٺ کي
ٽي دفعا تمام تيزيءَ سان باهه مان اڳتي ۽ پٺتي ڪندا آهن ۽
ان جي هڪ ڇيڙي کي اهڙي نموني سان پڪڙيندا آهن، جو
انهن کي ٽي مرتبا پنهنجا هٿ جلدي جلدي باهه مان لنگهائڻا

ٻولندا آهن. بس، اهڙيءَ طرح هنن جي باهمي تعلق تي مهر اصب ٿي ويندي آهي. راڪيٽ ۽ ناچ رات جو دير تائين هلندا رهندا آهن. ساردينيا جي انهن الاڄ جي ڪولڊين جي مشابهت اڊونس جي باغن سان مڪمل معلوم ٿئي ٿي ۽ اوائلي وقت ۾ منجهن ڄڻڪي مجسما رکيا ويندا هئا، سي اڊونس جي انهن ٻتن جو جواب آهن، جي سندس باغن سان گڏ ڪڍيا ويندا هئا.

ساڳيءَ قسم جون رسمون سسليءَ جي ٻيٽ ۾ به ساڳيءَ موسم ۾ ادا ٿينديون آهن. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا جوڙا سينٽ جان واري ڏينهن تي هڪ ٻئي جي مٿان هڪ هڪ وار ڇني، مٿانس مختلف قسمن جون عجيب و غريب رسمون ادا ڪري، سينٽ جان جا "ڀچار ڪندڙ" ٿيندا آهن. چنانچه، اهي انهن وارن کي هڪ ٻئي سان ٻڌي، هوا ۾ مٿي اڇلائيندا آهن، يا وري انهن وارن کي ٺڪريءَ مٿان جهلي، هڪ ٻئي سان بدل سدل ڪري، بعد ۾ انهيءَ ٺڪريءَ کي ٻه اڌ ڪندا آهن ۽ منجهائن هرهڪ ڄڻو پنهنجي ٺڪر کي ڏاڍي احتياط سان سنڀاليندو آهي. انهيءَ ٻوٽن لموني سان جيڪو عقد ٿي ويندو آهي، تنهن کي سڄي حياتيءَ تائين قائم سمجهيو ويندو آهي. سسليءَ جي ڪن علائقن ۾ سينٽ جان جا "ڀچار ڪندڙ" پوکيل الاڄ ۽ ڪن ٻين ٻاڄهن وغيره جي سلن سان ڀريل ٿالهيون هڪ ٻئي کي پيش ڪندا آهن، جي انهيءَ ڏڻ کان چاليهه ڏينهن پيشتر پوکيا ويندا آهن. جيڪو به مرد يا جيڪا به عورت اهڙي ٿالهي هٿ ۾ وٺندي آهي، سا منجهس رکيل ٿاڙن ٻوٽن مان هڪ سلاو ڇني، ان کي ڪپڙي جي ٽڪر ۾ ويڙهي، پنهنجين سڀني کان وڌيڪ قيمتي ۽ پيارين شين ۾ محفوظ ڪري رکندي آهي ۽ اها ٿالهي پيش ڪندڙ کي واپس ڏيندي آهي. ڪٿي ڪٿي وري اهي "ڀچار ڪندڙ" هڪ ٻئي کي وڏن ٻادرنگن جي ولين سان پوکيل ٿالهيون ڏيندا ۽ وٺندا آهن. ڇوڪريون انهن ولين کي وڏو ڪنديون آهن ۽ ٻادرنگ، جيئن جيئن وڌيڪ ٿلها ٿيندا ويندا آهن، تيئن تيئن انهن جو زياده قدر ۽ قيمت ڪئي ويندي آهي.

سارڊينيا ۽ سسليءَ جي انهن "وچ اونهاري" جي رسمن ۾، ممڪن آهي ته، مسٽر آر-ووٽش جي راءِ موجب، ائڊونس جي جڳهه، سينٽ جان ورتي هجي. اسين ڏسي آيا آهيون ته تموز يا ائڊونس جا ساڳ سون گهڙو ڪري وچ اونهاري ڌاري ادا ڪيا ويندا آهن، جيروم مطابق، انهن جي ادائگيءَ جي تاريخ جون جي مهيني ۾ هوندي هئي.

سسليءَ ۾ ائڊونس جا باغ بهار ۽ اونهاري ۾ اجها پوکيا ويندا آهن، جنهن مان اسان شايد هي قياس ڪري سگهون ٿا ته، سسليءَ ۽ شام ۾ تمام اوائلي زماني کان وٺي مئل ۽ وري زنده ٿيل ديوتا جي موسم بهار ۾ هڪ تقريب ملهائي ويندي هئي. ايسٽر جي قريب اچڻ تي، سسليءَ جون عورتون ٿالهين ۾ ڪڻڪ ۽ پاچين جا ٻج پوکي، انهن کي اونداهيءَ جاءِ تي رکنديون آهن، جنهن کي اهي هر ٻئي ڏينهن پاڻي ڏينديون آهن، ٻوٽن جا ڏانڊ ڪاڙهين رنگ مان پيدا ويندا آهن؛ ۽ اهي ٿالهيون، جن ۾ ٻوٽا پوکيل هوندا آهن، اهڙن مقبرن مٿان رکيون وينديون آهن، جي مرده مسيح جي مجسمن سان گڏ، گڊفرائيڊي* ڏينهن تي ڪئٿولڪ ۽ يوناني گرجائن ۾ ملڪل اهڙيءَ طرح ٺاهيا ويندا آهن، جهڙيءَ طرح ائڊونس جا باغ مرده ائڊونس جي قبر مٿان ٺاهيا ويندا هئا. اها رسم فقط سسليءَ تائين محدود ناهي. جو ته، اها ڪئلابريا ۾، ڪوسينٽرا وٽ ۽ شايد ٻين هنڌن تي به ادا ڪئي ويندي آهي. اها سڄي رسم—مقبرا ۽ تازي اُن جي ساون ٻوٽن سان ڀريل ٿالهيون—ٿي سگهي ٿو ته اڳين ٽالي سان ائڊونس جي پوڄا کان علاوه ٻيو ڪجهه به نه هجي.

فقط سسليءَ ۾، ڪئلابريا جون ايسٽر واريون رسمون ئي ائڊونس جي رسمن سان مشابهت رکندڙ ڪينهن. "گڊ فرائيڊي" جي سڄي ڏينهن جي دوران ۾ يوناني ديون جي وچ ۾ مرده

* ايسٽر جي تقريب اچڻ کان اڳ آخرين جمعي وارو ڏينهن، جنهن تي حضرت مسيح جي وفات ملهائي ويندي آهي.

مسيح جو مٽيءَ مان ٺهيل مجسمو عام ماڻهن جي ڏسڻ لاءِ کولي رکيو ويندو آهي، ايندڙ ۽ ويندڙ ماڻهن جا هشام ان کي چميون ڏيندا آهن ۽ سڄي ديول درد ڀريل مرثين جي آواز سان گونججي ويندي آهي. شام جو تمام دير سان، جڏهن اونده ٿي ويندي آهي، تڏهن پادري مٽيءَ جي الهيءَ مجسمي کي ڏوليءَ ۾ رکي، ان کي لڙن، گلاب جي گلن، ياسمين ۽ ٻين گلن سان سينگاري ۽ ٺاهي ٻاهر کڻي ۾ کڻي ويندا آهن، جنهن کان پوءِ بيشمار ماڻهو، جي هڪ ٻئي پٺيان قطار در قطار، آهستي آهستي قدم ملائيندا هلندا آهن، هڪ شاندار جلوس جي شڪل ٺاهي نڪرندا آهن، ۽ پوءِ اهي سڄي شهر جو چڪر هڻندا آهن. هرهڪ ماڻهوءَ جي هٿ ۾ هڪ بت هوندو آهي ۽ هو دردناڪ آواز ۾ ماتم سرائيءَ ۾ مشغول هوندو آهي. جن گهرن وٽان جلوس لنگهندو آهي، تن جي ٻاهران عورتون ڌوپ ۽ واس جا برتن جهليو، جلوس وارن کي ان جي خوشبوءِ پهچائڻ لاءِ تيار بيٺيون هونديون آهن. چنانچه، اهي قوم نهايت سنجيدگيءَ سان پنهنجي مسيح کي اهڙيءَ طرح دفن ڪندي آهي، ڄڻ ته هو سچ پچ اُن وقت فوت ٿيو آهي. آخرڪار، مٽيءَ جي الهيءَ مجسمي کي وري به ديول ۾ رکيو ويندو آهي ۽ ساڳيائي دردناڪ آلاپ نئين سر شروع ڪيا ويندا آهن. اهو ماتم سرائيءَ جو اهو سلسلو، جنهن سان گڏ روزا به ڏاڍيءَ سختيءَ سان رکيا ويندا آهن، ڇنڇر جو اڌ رات تائين هلندو آهي. جيئن ئي گهڙيال ٻارهن جا ڌڪ هڻندو آهي، تيئن ئي بشپ اچي پرگهٽ ٿيندو آهي ۽ خوشخبريءَ جو اعلان ڪندو آهي ته "ڪرسٽ (حضرت عيسيٰ) اٿيو آهي"، جنهن تي حاضرين جواب ڏيندا آهن ته "هو بيشڪ اٿيو آهي". اٿون چوندي ئي سڄو شهر يڪ آواز ٿي، ۽ گلا ڦاڙي خوشيءَ جا نعرا بلند ڪندو آهي ۽ ساڻ ئي بندوقون، توبون ۽ هرقسم جي ٺڪاڪن جو هڪ اڻ کٽ سلسلو شروع ٿي ويندو آهي. هڪ ئي ڪلاڪ اندر ماڻهو ڦاٽ ڪشيءَ جي انتهائي حد

ڪان لاءِ، ايسٽر جي رڌ ۾ شراب ناب جي مزن تائين پهچي ويندا آهن."

ساڳئي طرح سان ڪيٿولڪ ڪليسا ۾ "نجات ڏيندڙ" جي موت ۽ مابعد زندگيءَ جي رسم کي بلڪل واضح طرح ۾ پنهنجن معتقدن جي اڳيان پيش ڪندي آئي آهي. اهڙا مقدس ڊراما، جن کي ڪيٿولڪ فرقي جي ظاهري شان ۽ شوڪت ۾ نٽ،* ٽيوٽانڪ قومن جي زياده سرد طبيعت جي مقابلي ۾ زياده جاذب پاتو آهي، سي يورپ جي ڏاکڻين جذباتي قومن جي چست ۽ چوٻند تخيلات تي اثر ڇڏين، ۽ سندن جذبات کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ زياده موزون ۽ پوريءَ طرح ٺهڪندڙ آهن.

جڏهن اسين هن ڳالهه تي غور ڪريون ٿا ته ڪليسا وارن بت پرستيءَ جي پرائيءَ مٽيءَ ۾ نئين مذهب جي ٻج کي کوڙيءَ ۽ حرفتبازيءَ ۽ عياريءَ سان بار بار نئين رنگ ۽ ڍنگ ۾ پوکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تڏهن هيءَ حقيقت قابل قياس معلوم ٿئي ٿي ته ائڊونس ديوتا جي موت، ۽ نئين سر جيئري ٿيڻ جي قديم رسم کي، جا دستياب ٿيل شهادتن مطابق، ساڳيءَ موسم ۾ شام جي مندرن ۾ ادا ڪئي ويندي هئي، ايسٽر ۾ ادا ٿيندڙ مسيح جي موت، ۽ مابعد زندگيءَ جي هڪ جهڙيءَ رسم جو پيوند لڳايو ويو آهي. يوناني مصورن جنهن طريقي سان انهيءَ ماتم زده ديويءَ جي مجسمي جي تخليق ڪئي آهي، جنهن ۾ هوءَ پنهنجي قريب المرگ محبوب کي آغوش ۾ جهلي ويٺي آهي، سو عيسائي مصوريءَ جي "پائيٽا" طريقي سان مشابهت رکي ٿو ۽ ممڪن آهي ته "ڪنواريءَ" جي گود ۾ سندس "خدائي پٽ" جو لاش ڏيئي، انهيءَ تصوير جو بنياد يوناني مصوريءَ تي رکيو ويو هجي. ان جو عملي ۽ مشهور و معروف مثال، سينٽ پيٽر جي گرجا ۾ رکيل ميڪائيل انجيلو جي تصوير آهي. تصويرن جو اهو شاندار مجموعو، جنهن ۾ ماءُ جي غمگينيءَ کي، پٽ جي

* اتر يورپ ۽ خصوصاً جرمنيءَ ۾ رهندڙ قومن جو نسل.

مٿان چالول موت جي غنودگيءَ سان اهڙي حيرت انگيز نموني سان مقابلي ۾ ڀيٽاريو ويو آهي، سو سنگ مرمر ۾ مصوريءَ جي بهترين شاهڪارن مان هڪ آهي. قديم يوناني مصوريءَ انهيءَ جهڙو خوبصورت، يا ان کان زياده مغموم نظارو اينڌڙ ڪو هڪ به شاهڪار اسان لاءِ ورثي ۾ ڪونه ڇڏيو آهي.

ان باري ۾ جيروم جو هڪ مشهور و معروف بيان اهميت کان خالي نه ٿيندو. هو چوي ٿو ته ”آقا“ جو روايتي جنم گهر، بيت اللحم، شام جي انهيءَ اجا به زياده قديم ”آقا“، ادونس جي هڙيءَ جي زير سايه هو ۽ جنهن جاءِ تي معصوم مسيح رنو هو، اتي وينس ديويءَ جي محبوب جو ماتم ڪيو ويندو هو.“ معلوم ٿئي ٿو ته جيروم جو خيال هو، جيتوڻيڪ هو صاف الفاظ ۾ ائين ظاهر نه ٿو چوي، ته بت پرستن مسيح جي جنم کان پوءِ انهيءَ مقدس مقام کي ناپاڪ ڪرڻ لاءِ ادونس جي هڙي پوکي هئي. انهيءَ ڳالهه ۾ هو غلط به ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ادونس، درحقيقت اناج جو ديوتا هو، جيئن مون هن کان اڳ دليلبازي ڪئي آهي، ته پوءِ هن جي جاءِ لاءِ بيت اللحم، ”مانيءَ جو گهر“ کان زياده موزون ٻيو ڪو نالو مشڪل ملندو ۽ امڪان آهي ته هن جي ”مانيءَ جي گهر“ ۾ ”الهيءَ“ جي مبعوث ٿيڻ کان صديون اڳ، جنهن چيو هو ته ”آءٌ ئي زندگيءَ جي ماني آهيان،“ سندس پوڄا ٿيندي هئي. توڙي هيءَ به، ڪٿي فرض ڪجي ته ادونس مسيح کان اڳي نه، پر پوءِ آيو هو، ته به جڏهن اسين پنهي جي الهن سان جي هڪجهڙائيءَ تي ڪجهه غور ڪريون ٿا، جن سان سندن موت ۽ ائين جنم جون تقريبون ملهايون وينديون هيون، تڏهن هيءَ حقيقت ظاهر ٿي پوي ٿي ته عيسائين جي ايمان ۾ ڪٽر وجهڻ لاءِ ادونس جي غمزده تصوير جو انتخاب بلڪل موزون هو. ٿئين ديوتا جي پوڄا جي تمام قديم مرڪزن منجهان انطاڪيه هڪ هو ۽ انطاڪيه ۾ ئي، جيئن اسين مٿي ڏسي آيا آهيون، پراڻي ديوتا جو موت هر سال نهايت

منجهند ڪيءَ سان ملهايو ويندو هو. اڊونس جي تقريب ملهائڻ وقت، شهنشاه جولين جي ان شهر ۾ داخل ٿيڻ تي، جيڪو هڪ عجيب واقعو رونما ٿيو هو، تنهن مان شايد انهيءَ تقريب جي تاريخ تي ڪجهه روشني پوي. جڏهن شهنشاه جي سواري شهر جي قريب پهتي، تڏهن عام ماڻهن سندس آجيان اهڙين دعائن سان ڪئي، ڄڻ ته هو ڪو ديوتا هو ۽ هو ماڻهن جي وڏي هجوم جي آواز تي حيران ٿي رهيو هو، جي وڏي آواز سان چئي رهيا هئا ته مشرق مان مٿن هڪ نجات جو تارو اڀريو هو. ٿي سگهي ٿو ته اهي الفاظ رومي شهنشاه جي شان ۾ نياز ۽ نئوڙت ڪندڙ مشرقي قومن جي واتان قصيدي طور ادا ٿيا هجن، پر هيءَ به ممڪن آهي ته اڊونس جي تقريب جو وقت هميشه هڪ چمڪدار تاري جي طلوع ٿيڻ سان مقرر ڪيو ويندو هجي ۽ قسمت سانگي عين ان وقت، جڏهن شهنشاه جي سواري شهر ۾ داخل ٿي رهي هئي، تڏهن اهو تارو مشرقي آفق مان جلوه افروز ٿي رهيو هو. اهڙو اتفاق، جيڪڏهن درحقيقت اهو رونما ٿيو هو، وهم پرست ۽ جذباتي هجوم جي تصور ۾ هيجان پيدا ڪرڻ لاءِ ڪافي هو، جنهن تي انهيءَ هڪ عظيم انسان جي آجيان الهيءَ ديوتا جي حيثيت ۾ ڪئي هجي، جنهن جي اچڻ جو اعلان آسماني نشان وسيلي ٿيو هو. يا، هيئن به ٿي سگهي ٿو ته شهر جا ماڻهو، جن واڪن ۽ رڙين سان تاري کي مخاطب ٿي رهيا هئا، تن کي شهنشاه محض غلطفهميءَ ڪري پنهنجي طرف آجيان طور منسوب ڪيو هجي. اڊونس جي محبوبه ديويءَ، اسٽارٽ کي زهرا سياره سان شناخت ڪيو ويندو هو ۽ زهرا گره جي صبح جي تاري مان ڦري، شام جي تاري ٿيڻ واريءَ تبديليءَ کي بابل جا منجم نهايت احتياط سان جاچيندا رهندا هئا ۽ اهي ان جي واري وٽيءَ سان ظاهر ۽ غائب ٿيڻ مان انيڪ فال ڪڍندا هئا. چنانچه، اسين هيءُ قياس به ڪري سگهون ٿا ته اڊونس جي تقريب جو وقت هميشه اهڙو مقرر ڪيو ويندو هو، جو اهو زهره جي صبح يا

شام جو تارو ٿي ظاهر ٿين ماڻ نهڪندو هو. پر اڊونس جي تقريب وقت مشرق جي ماٿهن، جنهن تاري جو استقبال ڪيو هو، سو مشرق مان اڀرندو هو، تنهنڪري جڏهن اهو زهره هو، ته ان صورت ۾ اهو فقط صبح جو تارو ٿي سگهي ٿو. شام ۾ انطاڪيه وٽ، جتي اشتارت ديويءَ جو هڪ مشهور مندر هو، اتي ديويءَ جي ماتم سوڙن شروع ڪرڻ جو شهاب ثاقب جي چمڪڻ مان اشارو ورتو ويندو هو، جو هڪ ڏينهن لبنان جبل جي چوٽيءَ تان ظاهر ٿي، هڪ ڪرلدڙ ستاري وانگر، اڊونس درياه ۾ وڃي ڪريو هو. الهيءَ شهاب ثاقب کي خود اشتارت ديوي، ۽ ان جي هوا مان پرواز کي، قدرتي طور، الهيءَ محبت جي متوالي ديويءَ جي پنهنجي عاشق جي آغوش ۾ لهڻ مان منسوب ڪيو ويندو هو. انطاڪيه ۽ ٻين سڀني هنڌن تي، تقريب واري ڏينهن صبح جو تاري جي ظهور کي به ساڳيءَ طرح شايد محبت جي ديويءَ جو ظهور سمجهي، جا پنهنجي عاشق کي ان جي خاڪي بستري مان بيدار ڪرڻ لاءِ آئي هوندي، ان جي آجيان ڪئي ويندي هوندي. جيڪڏهن ائين هو، ته پوءِ اسين هيءَ قياس ڪري سگهون ٿا ته اهو صبح جو ستارو هو، جنهن مشرق جي سياڻن جي بيت اللحم جي الهيءَ مقدس ۽ منور مقام ڏانهن رهبري ڪئي هئي، جن جيروم جي زبان ۾، معصوم مسيح جي روئڻ ۽ اڊونس لاءِ شاميءَ جا آواز پڌا هئا.

باب چوٽيهون

اٽس جي ڏندڪٿا ۽ ان جا ساٿ سڳڻ

انهن ديوتائن مان، جن جي خيالي موت ۽ نئين جنم اولهه ايشيا جي اعتقاد ۽ رسم و رواج ۾ اهڙيون پختيون پاڙون پڪڙيون، تن مان اڊونس کان پوءِ، ٻيو اٽس هو. شام ۾ جيڪا حيثيت اڊونس جي هئي، سا فراڻيگيا ۾ اٽس جي هئي. معلوم ٿئي ٿو ته اڊونس وانگر هو به آباديءَ جو ديوتا هو ۽ هن جي موت ۽ دوباره جنم تي هرسال موسم بهار ۾ ماتم ڪيو ويندو هو ۽ خوشي ملهائي ويندي هئي. انهن ٻنهي ديوتائن جون ڏندڪٿائون ۽ ساٿ سڳڻ ايتري قدر ته هڪ جهڙا هئا، جو خود قديم زماني جا ماڻهو به ڪڏهن هڪ ٻئي سان شناخت ڪندا هئا. چيو وڃي ٿو ته اٽس هڪ خوبصورت نوجوان ريڍار يا ڌنار هو، جنهن سان ديوتائن جي ماءُ "سيبل"، جا آباديءَ جي عظيم ايشيائي ديوي هئي، ۽ جنهن جو مکيه مرڪز فراڻيگيا ۾ هو، محبت ڪندي هئي. ڪي چوندا هئا ته اٽس ان جو پٽ هو. هن جو جنم به ٻين گهڻن ديوتائن وانگر، ڪراماتي هو. سندس ماءُ، "نانا"، هڪ ڪنواري ڇوڪري هئي، جنهن پنهنجي ڇاتيءَ ۾ هڪ پڪل بادامي يا ڏاڙهون رکيو ۽ حامله ٿي پيئي. فراڻيگيا وارن جي تخليق عالم جي نظريي مطابق، بادام کي سڀني شين جو ابو سمجهيو ويندو هو، اهو شايد هن ڪري، جو ان جا نازڪ گلابي گل، خالي ۽ خشڪ ٽارين تي انهن جي ڪلين کان اڳ نمودار ٿي، موسم بهار جا پهريان نقيب ثابت ٿيندا آهن. ڪنوارين مائرن جا

اهڙا قصا انهيءَ دور جي پارائي لاعلميءَ جا يادگار آهن، جڏهن ماڻهن اچا پنهي جنسن جي باهمي صحبت کي اولاد پيدا ٿيڻ جو سچو سبب تسليم نہ ڪيو هو. ”اتيس“ جي موت متعلق بہ مختلف روايتون مروج هيون. هڪ روايت مطابق، هن کي انڊواس والکر، هڪ جهنگلي سوئر ماريو هو. ٻيءَ روايت مطابق، هن ”پائين“ جي وڻ هيٺان ويهي، پنهنجا مرداني مخصوص عضوا وڍي، پاڻ کي نامرد بڻايو هو، جنهن ڪري هو آتي جو آتي گهڻي رت وهائڻ سبب مري ويو هو. اها پوئين روايت پيسينس علائقي جي رهاڪن جي آهي، جو ”سيبل“ ديويءَ جي پوڄا جو هڪ وڏو مرڪز هو. انهيءَ سڄيءَ روايت ۾، جنهن جو هيءَ ڳالهہ هڪ حصو آهي، وحشپڻي ۽ بي ڊولائيءَ جا اهڙا نشان چٽيل آهن، جن مان ان جي قديم دور جي وجود جي ثابتي ملي رهي آهي. پٺي قصا رسم و رواج جي حمايت جي دعويٰ ڪري سگهن ٿا، يا ممڪن آهي تہ، اهي پٺي روايتون ڪن اهڙين رسمن جي سمجهاڻي مهيا ڪرڻ خاطر گهڙيون ويئون هجن، جي ان وقت جا پوڄاري ادا ڪندا هئا. ظاهر آهي تہ اتيس جي پاڻ کي نامرد بڻائڻ واري ڳالهہ، سندس پوڄارين جي پاڻ کي نامرد بڻائڻ واريءَ رسم جي سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش آهي، جي ديويءَ جي خدمت ۾ داخل ٿيڻ تي باقاعده طور پنهنجا خصيہ وڍائي ڇڏيندا هئا. سوئر جي هٿان سندس موت جي روايت، هڻ رسم کي سمجهائڻ لاءِ ايجاد ڪئي ويئي هوندي تہ سندس پوڄاري، خاص طرح پيسينس جا رهاڪو، سوئر کائڻ کان ڇو پرهيز ڪندا هئا. ساڳيءَ طرح، انڊواس جا پوڄاري بہ سوئر جي گوشت کائڻ کان پرهيز ڪندا هئا، جو سندن ديوتا کي سوئر ماريو هو. ڇيو وڃي ٿو تہ موت کان پوءِ اتيس کي ”پائين“ وڻ ۾ تبديل ڪيو ويو هو.

رومين فرائيگيا واريءَ ”ديوتائن جي ماءُ“ جي پوڄا ۲۰۴ سال قبل از مسيح واري زماني ۾ اختيار ڪئي هئي، جڏهن هنيبال

سان سندن طويل جدوجهد وارو زمانو ختم ٿي رهيو هو. ڇو ته، سندن شڪست خورده دلين ۾ عين وقت تي اهڙي پيشنگوئيءَ سبب خوشيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي هوندي، اُن جا سهوليت واريءَ ٻڪوات جي آلهيءَ مجموعي مان ڪڍي ويئي هئي، جنهن کي "سبل ديويءَ جا ڪتاب" سڏيو ويندو هو، جنهن ۾ چيو ويو هو ته پرڏيهي حملي آور کي ملڪ مان تڏهن ئي تڙي سگهبو، جڏهن مشرق جي انهيءَ عظيم ديويءَ کي روم ۾ آندو ويندو. چنانچه، فرائيگيا ۾ سندس مقدس شهر، پيسينس ڏانهن سفير اماڻيا ويا. اهو لنبڙو ڪارو پٿر، جو الهيءَ عظيم ديويءَ جي شخصيت جو مظهر هو، سفيرن جي سپرد ڪيو ويو، جي ان کي روم کڻي آيا. آتي ڪيس ڏاڍي ادب ۽ احترام سان پئلٽائين ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي، "فتح واري مندر" ۾ نصب ڪيو ويو. وچ اپريل جو زمانو هو، جڏهن آها ديوي اتي پهتي ۽ اچڻ سان ئي پنهنجي ڪم کي جنبي ويئي. ڇو ته ان سال اهڙو ته لاپارو پيو، جو گهڻن سالن کان وٺي ڪونه پيو هو ۽ پٺي ئي سال ۾ هنيبال ۽ سندس جنگي جوڌا آفريڪا ڏانهن اسهيا. جنهن وقت هن اٽليءَ جي ساحل کي پوئين دفعو دور کان غائب ٿيندو ڏٺو، تنهن وقت هن اهو اندازو به نه ڪيو هوندو ته يورپ، جنهن سندس مهلڪ هٿيارن کي هيئن پسپا ڪيو هو، سو اڃا به مشرق جي ديوتائن اڳيان پٺ ڏيندو. فاتحن جي هراول دستي اٽليءَ جي وچ ۾ پنهنجا خيما اڃا مس هنيا، ته لشڪر جي شڪست خورده پوئين حصي ان جي ساحل تان جپ چاپ ۾ پاڄ ڪاڍي.

اسين هيءُ اندازو ڪري سگهون ٿا، جيتوڻيڪ اسان کي واضح ڪري نه ٻڌايو ويو آهي، ته "ديوتائن جي ماءُ" پاڻ سان گڏ پنهنجي لئين مغرابي گهر ۾ پنهنجي نوجوان عاشق، پاٽ جي پوڄا به ساڻ کڻي آئي. رومي باشندا، جمهوري دور حڪومت جي ختم ٿيڻ کان اڳ "گال" واري اٽس ديوتا جي نامرد پوڄارين کان يقينا واقف هئا. مشرقي ڪپڙن ۾ ملبوس، اهي

اِي جِنسَ هُئا، جِن جي چاتين وٽ مِون جا ننڍڙا مجسما لٽڪيل هوندا هئا، روم جي گهٽين ۾ جلوس جي صورت ۾ ڦرندا رهندا هئا، هتي ۾ ديويءَ جي مورتي کڻي، ڍالون، دفن، تنبورن، مرلين ۽ سنکن جي موسيقيءَ سان پنهنجا پڄن آلاپيندا رهندا هئا ۽ ماڻهو انهيءَ حيرت انگيز نمائش ۽ وحشي سُرن کان متاثر ٿي، انهن ڏانهن بي انداز خيراتون اڇلائيندا ۽ مورتيءَ ۽ ان جي حمالن کي گلاب جي گلن جي بارش ۾ دفن ڪري ڇڏيندا هئا. شهنشاه ڪلاڊيئس، جڏهن فرائيگيا واري مقدس وڻ جي پوڄا، ۽ آن سان گڏ ”اٽيس“ جي وحشي رسمن کي روم جي قائم ٿيل قديم مذهب ۾ شامل ڪيو، تڏهن هن هڪ وڏيڪ قدم کنيو. ”سبل“ ۽ ”اٽيس“ جي بهار واري موسم جي وڏي تقريب کي اسين انهيءَ لموني ۾ بهترين طرح شناخت ڪيون ٿا، جنهن ۾ اها روم ۾ ادا ڪئي ويندي هئي، ۽ جيئن ته اسان کي مطلع ڪيو ويو آهي ته رومي رسمون فرائيگيا واريون هيون، تيئن اسان هيءَ ، قياس ڪري سگهون ٿا ته اهي ايشيائي رسمن کان مشڪل ئي مختلف هيون. انهيءَ تقريب جي ملهائڻ جو طريقو هن طرح معلوم ٿئي ٿو.

مارچ جي ٻاويهين تاريخ تي، ٻيلي مان هڪ ”پائين“ وڻ وڍي ”سبل“ جي آستاني ۾ آندو ويندو هو، جتي ان کي هڪ عظيم ديوتا ڪري سمجهيو ويندو هو. انهيءَ مقدس وڻ کي کڻي وڃڻ جو فرض ”وڻ ڍوئيندڙن“ جي هڪ طبقي جي سپرد هوندو هو. وڻ جي ٿڙ کي هڪ جنازي وانگر اوني پٽين سان ويڙهيو ويندو هو ۽ ان کي بنفشي جي گلن سان سينگاريو ويندو هو، ڇو ته، چيو ويندو هو ته بنفشي جا گل اٽيس جي رت مان اُڀري پيا آهن، جيئن گلاب ۽ لاله جا گل ائڊونس جي رت مان نڪتا آهن، ۽ هڪ نوجوان جو مجسمو، جو بنان ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي، خود اٽيس جو هوندو هو، ٿڙ جي عين وچ ۾ ٻڌو ويندو هو. تقريب جي ٻئي ڏينهن، يعني ٽيويهين مارچ تي، مڪيہ

رسم ٽوٽارڻ وڃائڻ جي ٿيندي هئي. ڪيون ڏينهن، يعني چوويهين مارچ ”رت جي ڏينهن“ جي نالي سان مشهور هو، وڏو پادري ”ڪمڪالس“، پنهنجين ٻانهن مان رت ڪڍي نذراني طور پيش ڪندو هو ۽ هو انهيءَ رت ۽ چاڙهه واريءَ قربانيءَ ۾ تنها ڪونه هوندو هو. هڪ پٺي سان ٽڪرندڙ جهانجهن جي وحشي موسيقيءَ، گوڙ پيدا ڪندڙ دهلن جي آوازن، ٻرڙاٽ پيدا ڪندڙ سنگن جي شور ۽ چمڪندڙ بانسرين جي سُرن کان متاثر ٿي، ننڍا پادري جهولندڙ مٿن ۽ ڪليل وارن سان ناچ ۾ ڦيريون پائيندا وتندا هئا، تان جو جوش ۾ بي خود ۽ سور کان بيحس ٿي، آهي پنهنجن جسمن کي اوڇڪدار ڪرين سان ڦاڙي، يا چاقن سان چيري، قربانگاه ۽ مقدس وڻ کي پنهنجي وهندڙ رت سان داغدار ڪري ڇڏيندا هئا. اهو دهشتناڪ رواج شايد ”اتيس“ جي ماتم جو هڪ حصو هو، جنهن جو مقصد ان کي دوباره جنم وٺڻ لاءِ طاقت بخشڻ جو هو. آسٽريليا جا قديم النسل وحشي ماڻهو، جيئن پنهنجن دوستن جي قبرن تي پاڻ کي شايد هن مقصد سان چيري، ڏيندا هئا، ته سندن دوستن کي وري جنم وٺڻ ۾ مدد ملي. ان کان علاوه، اسين هيءَ اندازو لڳائي سگهون ٿا، حالانڪ اسان کي واضح طور اڃان ڪونه ٻڌايو ويو آهي، ته مبتدي انهيءَ ”رت واري ڏينهن“ تي بلڪل ساڳئي مقصد سان پنهنجي مرديءَ جي قرباني ڏيندا هئا. مذهبي جنون جي انتهائي بلنديءَ تي پهچي، آهي پنهنجا منقطع ٿيل عضوا ان رحم ديويءَ جي مجسمي کي هڻندا هئا. انهن وڍيل مردانه عضون کي بعد ۾، احترام سان ويڙهي سوڙهي، مٽيءَ، يا انهن زير زمين اڱڻن ۾ دفن ڪيو ويندو هو، جيڪي ”سيبل“ جي نالي ۾ مقدس هوندا هئا، جتي رت جي قربانيءَ وانگر، انهن عضون کي به اتيس کي دوباره زنده ڪرڻ ۽ فطرت جي عام بيداريءَ جو ذريعو سمجهيو ويندو هوندو، جا انهيءَ وقت موسم بهار جي آفتابي تپش ۾ اون گان ۽ ٻين جي صورت ۾ نئين رهي هوندي هئي. انهيءَ قياس جي ڪجهه قدر تصديق هن وحشيانه قصي مان ملي ٿي ته اتيس جي ماءُ پنهنجي ڇاتيءَ

۾ هڪ اهڙو ڏاڙهون رکي حامل ٿي هئي، جو اڳڊسٽس ٽالي هڪ ساٿهو- بلا جي منقطع ٿيل مردانه مخصوص عضون مان ڄميو اڪتو هو، جو "اٽيس" جو هڪ طرح جو همزاد هو.

اهي رسم جي هن انوکائي سمجهاڻيءَ ۾، جيڪڏهن ڪو سچ سمايل آهي، ته پوءِ اسان هيءَ حقيقت آسانيءَ سان سمجهي سگهون ٿا ته، آباديءَ جي پڻ ايشيائي ديوين جي خدمت لاءِ نامرد پوڄاري ڇو مامور ڪيا ويندا هئا. انهن ديوين کي سنڌن لر پوڄارين وٽان، جي ديوتا- عاشق جو ڪردار ادا ڪندا هئا، اهي ذريعا حاصل ڪرڻا پوندا هئا، جن سان اهي پنهنجو ارادو لاڳو فرض جي سرانجامي ڪري سگهن، خود انهن ديوين کي اهي حيات بخش قوت سان اثر ڪرڻو پوندو هو، جنهن کان پوءِ ٿي آهي دنيا وارن کي اها طاقت منتقل ڪري سگهنديون هيون. جن ديوين جي خدمت ۾ نامرد پوڄاري مامور ٿيل هوندا هئا، تن ۾ ايفيسس واري عظيم ديوي، آرٽيمس، ۽ هيئراپولس واري عظيم ديوي اسٽارٽ، شامل هيون، اهي پوئين ديويءَ جو آستانو زائرين جي انبوهن سان ڀريو رهندو هو ۽ اهو اسوريا ۽ بابل، عربستان ۽ فونيشيا جي اندران سان مالا مال ٿي، پنهنجي اوج جي زماني ۾ مشرق ۾ هر خاص و عام جي عقيدت جو مرڪز هو. هاڻي، هن شامي ديويءَ جا خصي پوڄاري "سبل" جي پوڄارين سان اهڙي قريبي مشابهت رکندا هئا، جو ڪي ماڻهو انهن کي هڪ ڪري سمجهندا هئا. ان کان علاوه، جنهن طريقي سان اهي پنهنجي مذهبي زندگيءَ ۾ داخل ٿيندا هئا، سو به پڻ جو هڪ جهڙو هوندو هو. هيئراپولس ۾ سال جو وڏي ۾ وڏو ميلو موسم بهار جي شروعات ۾ ٿيندو هو ۽ ان وقت حشام ماڻهو جا شام ۽ ان جي پسگردائيءَ وارن علائقن کان ديويءَ جي آستاني جي زيارت لاءِ اچي جمع ٿيندا هئا. جيئن جيئن بنسريون ۽ دهل وڄندا رهندا هئا، ۽ نامرد پوڄاري پاڻ کي چاقن سان چيرا ڏيندا رهندا هئا، تيئن تيئن مذهبي جوش هڪ لهر وانگر تماشاين ۾ ڦهلجندو ويندو هو ۽ گهڻائي موڪل ملهائيندڙ تماشبين به ان وقت

آهو ڪجهه ڪري ويهندا هئا، جنهن جو انهن گهران نڪرڻ وقت
ڪو خواب خيال به ڪونه ڪيو هو. ڇو ته، جڏهن ماڻهن
جي نسن ۾ موسيقيءَ جي اثر سبب خون جوش کائڻ لڳندو هو؛
وهندڙ رت جو نظارو سندن نظرن کي مسحور ڪري پاڻ ڏانهن
ڪشش ڪندو هو، تڏهن هڪ پنهان پيو، پنهنجا ڪپڙا لاهي؛
نعرو هڻي، ميدان ۾ ٽپي پوندو هو؛ پاسي ۾ رکيل تراررن مان
هڪ اگهاڙي ترار ڇڪي، جي انهيءَ مقصد لاءِ اڳئي ائي تيار رکيون
وينديون هيون، اتي جو اتي پاڻ کي خصي ڪري ڇڏيندو هو.
پوءِ هو پنهنجا رت ۾ ٻڏل ويڙهيل عضوا هٿ ۾ کڻي شهر ۾
ڊوڙندو ويندو هو، تانجو پنهنجي جنوناڻي ڊوڙ جي دوران ۾
سندس پاسي ۾ جيڪي گهر ايندا هئا، تن مان ڪنهن هڪ وٽ
هو انهن عضون کي هوا ۾ مٿي اڇلائيندو هو. جنهن گهر کي اهو اعزاز-
ملندو هو، تنهن کي لازمي طور انهن کي زناني ڪپڙن جو وڳو؛
زناني زيور مهيا ڪري ڏيڻا پوندا هئا، جي هو پنهنجيءَ زندگيءَ جي
باقي عرصي ۾ پائيندو رهندو هو. جڏهن جذبات جو اهو طوفان
پنهنجو جوش ختم ڪري چڪندو هو؛ انهيءَ ماڻهوءَ جو هوش و حواس
ٺڪاڻي ٿيندو هو، تڏهن انهيءَ ناقابل تلافي قربانيءَ کان پوءِ
هن کي گهڻو ڪري تا زندگي غم ۽ پڇتاءَ ۾ غرق رهڻو پوندو
هوندو. جنوني مذهب جي انهيءَ جوش و خروش کان پوءِ، فطرتي
انساني جذبات جي انهيءَ اوچتيءَ بغاوت کي، ڪئٽلس نالي هڪ
شاعر پنهنجي مشهور و معروف نظم ۾ نهايت طاقتور نموني ۾
پيش ڪيو آهي.

شامي پوڄارين جو اهو متوازي مثال، هن نظريي جي
تصديق ڪري ٿو ته سبل جي ساڳيءَ نوعيت واريءَ پوڄا ۾
مردانه قوت جي قرباني، ديويءَ جي موسم بهار واري ميلي تي
”رت واري ڏينهن“ تي پيش ڪئي ويندي هئي، جڏهن بنفشي
جا گل، جن کي سندس مجروح عاشق جي سرخ خون جي قطرن
مان ڦٽندڙ سمجهيو ويندو هو، ”پائين“ جي وڻن جي وچ ۾ ڪڙيا

پيئا هوندا هئا. درحقيقت، صاف ظاهر ٿي رهيو آهي ته اتيس جي هيءَ ڳالهه، ته هن 'ڀائين' جي وڻ هيٺان ويهي پاڻ کي نامرد بڻايو هو، ويچارڻ جي انهيءَ رسم جي سمجهاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ گهڙي ويئي هئي ته اهي ساڳي وقت، گل بنفشي جي هارن سان ويڙهيل مقدس وڻ جي پاسي ۾، جو اٿين ڪندا هئا. بهرحال، هن ڳالهه ۾ شڪ و شبهي جي ڪا، گنجائش ڪانهي ته ٽرت واري ڏينهن تي انيس جي مجسمي مثال ماتم ڪيو ويندو هو ۽ بعد ۾ ان کي دفن ڪيو ويندو هو. جنهن مجسمي کي اهڙيءَ طرح مقبري ۾ دفن ڪيو ويندو هو، سو شايد اهو ئي هوندو هو، جو وڻ سان ٻڌل رهندو هو. ماتمي عرصي جي سڄي دوران ۾، ويچاري ماڻهن کائڻ کان پوءِ روزو رکندا هئا، جنهن جو نام نهاد سبب اهو هيو، ته اتيس جي موت ۾ سبل ديويءَ پنهنجي غم و اندوه کان اهڙو ڪيو ويندو هو، پر ان جو حقيقي سبب شايد اهو ساڳيوئي هو، جنهن جي ڪري هاران جون عورتون تموز ديوتا جي ماتمي عرصي جي دوران ۾ چڪيءَ ۾ پيٺل هر شيءِ جي کائڻ کان پرهيز ڪنديون هيون. اهڙيءَ موسم جي دوران ۾، ماڻهن پيا اٽي وارائڻ کي، شايد ديوتا جي پيڪل تڏل ۽ زخمي جسم جي سخت بيحرمتي سمجهي ويندي هوندي. يا، ممڪن آهي ته اهو روزو ڪنهن مقدس طعام کائڻ جي تياريءَ لاءِ رکيو ويندو هجي.

پر جڏهن رات ٿيندي هئي، تڏهن ويچارن جو غم خوشيءَ ۾ تبديل ٿي ويندو هو. ڇو ته، اوچتوئي اوچتو اوندهه ۾ روشنائي چمڪڻ لڳندي هئي: قبر کولي ويندي هئي: ديوتا اهل ممات وارن مان اٿيو هو: ۽ جيئن پادري ماتمين جي چپن کي خوشبودار مرهم لڳائيندو ويندو هو، تيئن هو آهستگيءَ سان انهن جي ڪنن ۾ سس اس ڪري ڪرڻ نجات جي خوشخبري ٻڌائيندو ويندو هو. ديوتا جي دوباره زنده ٿيڻ کي، سندس معتقد هن ڳالهه جو وعدو سمجهي، ان جو خير مقدم ڪندا هئا ته اهي پاڻ به قبر جي گندگيءَ مان فتحياب ٿي نڪرندا. ٻئي ڏينهن، يعني ٢٥ مارچ تي، جڏهن

رات ۾ ڏينهن هڪ جيترا سمجهيا ويندا هئا، تڏهن ديوتا جي وري جيئري ٿيڻ ڪري وڏيءَ خوشيءَ ۽ شادمانيءَ سان ملهايو ويندو هو. روم ۾ شايد پڻ هنڌن تي اِهو خوشيءَ جو ڏينهن ڪارنيوال جي صورت ۾ ملهايو ويندو هو. اهو خوشيءَ جو ميلو (هلئيرا) هوندو هو، جنهن ۾ عام آزادي مليل هوندي هئي. هر شخص، جيئن چاهيندو هو، تيئن چوندو هو ۽ جيڪي چاهيندو هو، سو ڪندو هو. ماڻهو ڇمڙا ويس ڍڪي، ٻاهر گهٽين ۾ نڪري پوندا هئا. انهن ڏينهن تي ننڍي کان ننڍي درجي واري ماڻهوءَ کي اعليٰ کان اعليٰ ترين شان و شوڪت ۽ دٻدٻي اختيار ڪرڻ جي ڪامل آزاديءَ ۽ اجازت هئي. شهنشاه ڪومبس جي دور حڪومت ۾، سازشين جي هڪ گروهه انهيءَ ميلي مان فائدو وٺڻ جي خيال کان شاهي محافظن جون ورديون پائي ۽ خوشي ملهائيندڙ مجمع ۾ ملي، شهنشاه جي ايتري قدر قريب وڃڻ چاهيو، جو کين ان کي خنجر هڻي مارڻ ۾ آساني ٿئي. پر منصوبو ناڪامياب ٿي پيو. خود سخت مزاج اليگزينڊر سيورس انهيءَ خوشيءَ جي ڏينهن، احتياط کي ايترقدر ترڪ ڪري ڇڏيندو هو، جو پنهنجي مختصر دسترخوان ۾ هڪ گهرو شامل ڪرڻ جي اجازت ڏيندو هو. ٻيو ڏينهن، يعني ڇويهين مارچ، آرام ۽ آسائش لاءِ مخصوص هوندو هو، جو اڳين ڏينهن جي خوشين ۾ جوش و خروش ۽ ٿڪاوٽ کان پوءِ انتهائي ضروري هوندو هو. آخرڪار، اهو رومي ميلو ستاويهين مارچ تي، جڏهن آلمو نهر ڏانهن جلوس ڪڍيو ويندو هو، ختم ٿيندو هو. ديويءَ جو سيمين مجسمو، جنهن جو منهن ناهموار ڪاري پٿر جو هوندو هو، هڪ گاڏيءَ ۾ ويهاريو ويندو هو، جنهن کي ڏاند ڇڪيندا هئا. اهو جلوس، جنهن جي پيشوائي پيرين اُگهاڙا امير ڪندا هئا، سو شرنائين ۽ تنبورن جي موسيقيءَ جي آواز سان آهستي آهستي وڌندو، پورٽا ڪئپينا وٽان ٻاهر نڪري، آلمو نهر جي ڪنارن ڏانهن ويندو هو، جا روم جي شهر پناه جي هيٺان ٽائيبر درياهه ۾ وڃي ڇڙي ٿي. اتي پوڄيءَ وڏو پادري،

جنهن کي قرمزي جُبا پيل هوندا هئا، گاڏي، مجسمي ۽ ٻيءَ هر مقدس شيءِ کي اهڙ جي پاڻيءَ سان ڌوئيندو هو. گاڏي ۽ ڍڳن کي اتهي غسل ڏيڻ کان پوءِ، وري ۽ موسم بهار جي تازن گلن سان جهنجهيو ويندو هو. هر طرف خوشي ۽ شادمانا هوندا هئا. جنهن کي ۽ انهيءَ رت جو فڪر ڪونه هوندو هو، جو نوروئي اڳ اهڙيءَ آزاديءَ سان وهيو هو. خود اهي امرد پوڄاري پنهنجن زخمن کي فراموش ڪري ڇڏيندا هئا.

اٽيس جي موت ۽ دوباره زنده ٿيڻ کي اجهو اهڙيءَ طرح موسم بهار ۾ هر سال ملهايو ويندو هو. ۽ انهن پبلڪ سائن سوڻن کان علاوه، هن جي پوڄا ۾ ڪي اهڙيون خفيه رسمون ۽ شامل ٿيل معلوم ٿين ٿيون، جن جو مقصد شايد پوڄارين، ۽ خاص طرح هڪ مبتديءَ کي، مقدس ديوتا جي قريب آڻڻ جو هو. انهن خفيه رسمن جي نوعيت ۽ انهن جي ادائگيءَ جي تاريخ متعلق اسان جي معلومات، بدقسمتيءَ سان تمام ٿوري آهي. پر معلوم ٿئي ٿو ته انهن ۾ مقدس طعام ۽ رت جي اپتسمه شامل هئي. انهيءَ پاڪ طعام ۾، هڪ مبتدي دهل مان کاڌو کائي ۽ سنک مان پاڻي اي، جيڪي ٻئي ساز اٽيس جي جوش ڏيارينڌڙ سازن ۾ اهميت رکندا هئا، انهن خفيه رازن ۾ شريڪ ٿيندو هو. مرده ديوتا جي ماتم سان گڏ جيڪو روزو رکيو ويندو هو تنهنجو مقصد، معلوم ٿئي ٿو، ته ديوتا سان توصل قائم ڪرڻ واري جسم کي انهيءَ سڄي مواد کان پاڪ ۽ صاف ڪري، جنهن سان لڳل ڪري مقدس طعام جا پاڪ عناصر پليت ٿي پئي سگهيا، مقدس طعام جي ماڻهن لاءِ تيار ڪرڻ جو هو. اپتسمه ۾ معتقد کي هڪ سونهرو تاج پهرايو ويندو هو ۽ ريبن جا هار وڌا ويندا هئا، جنهن کان پوءِ کيس هڪ کڏ ۾ هيٺ لاٿو ويندو هو، جنهن جو منهن ڪاٺيءَ جي جاريءَ سان ڍڪيل هوندو هو. ان کان پوءِ گلن جي هارن سان سينگاريل هڪ ڍڳي کي، جنهن جي پيشاني سونهري ورقن سان چمڪندي هئي، انهيءَ جاريءَ ڏانهن هڪليو ويندو هو ۽ کيس

هڪ ٻاڪ ڪول ٻالي سان قتل ڪيو ويندو هو. هن جو گرم رت ڇاريءَ جي سوراخن مان آبشارن جي صورت ۾ وهي اڪرندو هو، جنهن کي اهو پوڄاري نهايت انهماڪ ۾ دل جي صدق سان پنهنجي سڄي جسم ۾ ڪوڙن تي مکيندو هو، تانجو هو رت سان تربتر ٿي، جسم جي هر حصي مان رت ڳاڙيندو ۾ مٿي کان-پيرن تائين خون ۾ لال ٿي، پنهنجي پيش ورن جي ثواب، ۽ ٻين، دعا حاصل ڪرڻ لاءِ، جنهن کي اهي ابدي زندگيءَ ماڻڻ لاءِ دوباره زنده ٿي، ۽ ڏکي جي رت سان سارق گناهن کي ڌوئي ڌوئي واپس آيل سمجهندا هئا، ڪڏڪان ٻاهر ايندو هو. ڪجهه ولت تائين هن جي اٿين جنم جي ڏندڪٿا کي سچي ثابت ڪرڻ لاءِ، ڪيس اٿين چاول ٻار والڪر کير جي خوراڪ تي رکندا هئا. پوڄاريءَ جو اٿين جنم اڻ وقت عمل ۾ ايندو هو، جڏهن سنڌس ديوتا اٿين سر زنده ٿيندو هو، يعني موسم بهار ۾، جڏهن ڏينهن ۽ رات هڪ جيترا ٿيندا آهن. معلوم ٿئي ٿو ته روم ۾ اٿين جنم ۽ ڏکي جي رت وهائڻ سان گناهن جي معافيءَ جي رسم، ٻين سيني ڳالهين کان علاوه، فراڻيگين ديويءَ جي آستاني ۾، وئٽيڪن پهاڙيءَ تي، الهيءَ جاءِ وٽ يا ان جي پرسان، جتي هينئر سينٽ پيٽر جي وڏي ديول بيٺل آهي، ادا ٿيندي هئي. جو ته ١٦٠٨ع يا ١٦٠٩ع ۾، جڏهن ديول کي وڏو ٺهي ڪيو ويو، تڏهن انهن رسمن جي متعلق ڪيئي تحريرون اڪرهل مليون هيون. وئٽيڪن مان، جنهن کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي، وهم پرستيءَ جو اهو وحشي سرشتو رومي سلطنت جي ٻين حصن ۾ ڦهلجندو نظر اچي ٿو. ساڳئي ذريعي مان معلوم ٿئي ٿو ته ڏکي جا خصيا ۽ اڻ جو رت رسمن جي ادائگيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا هئا. ممڪن آهي ته انهن کي آباديءَ ۾ اضافي آڻ ۽ اٿين جنم ۾ تيزي پيدا ڪرڻ لاءِ جادوءَ جو هڪ زبردست جنتر سمجهيو ويندو هو.

باب پنجاهون

اٽيس – نباتات جو ديوتا

نباتات جي روح جي حيثيت ۾، اٽيس جي اصليت "پائن" وڻ جي الهي ڪردار مان واضح ٿئي ٿي، جيڪو اهو وڻ سندس ڏنڊ ڪٽڻ، ماتم ۽ يادگارن ۾ ادا ڪري ٿو. هي روايت، ته اهو ديوتا هڪ ماڻهو هو، جنهن کي بعد ۾ "پائن" وڻ ۾ تبديل ڪيو ويو هو، سا قديم اعتقاد کي، جيڪي ڏنڊ ڪٽائڻ ۾ اسان کي بار بار ۽ هر هنڌ ملن ٿا، معقوليت جي جامي پهرائڻ جي پڻ صاف ڪوشش منجهان محض هڪ وڌيڪ ڪوشش آهي. "پائين" وڻ کي بنفشي جي گلن ۽ اونين سان سينگاري، پهلي مان ڪٽي گهر آڻڻ، جديد لوڪ-رسمن ۾ "مي-ٽري" يا "سمر-ٽري" کي گهر آڻڻ جي رسم جي مترادف آهي؛ ۽ اهو مجسمو، جيڪو "پائين" وڻ ۾ لٽڪايو ويندو هو، سو فقط وڻ جي روح، اٽيس جو هڪ نقلي نمائندو هوندو هو. وڻ سان ٻڌڻ کان پوءِ، مجسمي کي هڪ سال لاءِ باقي رکيو ويندو هو، جنهن کان پوءِ اهو ساڙيو ويندو هو. معلوم ٿئي ٿو ته ڪن وقتن تي "مي-پول" سان به ساڳي ڪارروائي ڪئي ويندي هئي؛ ۽ ساڳي ئي نموني سان اناج جي ديوتا جو مجسمو به، جو لاباري وقت ٺاهيو ويندو هو، گهڻو ڪري ان وقت تائين محفوظ رکيو ويندو هو، جيستائين ايندڙ سال لاباري وقت ٻيو نئون مجسمو ٺاهيو وڃي. اهڙين رسمن جو اصلي مقصد، نباتات جي ديوتا کي سڄي سال جي دوران ۾ زنده رکڻ جو هوندو هو. فرائيگيا وارن "پائين" وڻ کي پڻ سيني وڻن منجهان پرستش جي قابل ڇو سمجهيو،

تنهنجو سبب اسين فقط قياس آرائيءَ سان ئي معلوم ڪري سگهون ٿا. شايد، سندس ساوڪ جي غير متبدل، حالانڪ هلڪي، سائي رنگ، جو هيٺاهين وادين جي ٻيلن جي سرڪ سببان ڪوماڻل شان وشوڪت جي مقابلي ۾، ڪائن ٻريان ٻٽل اوچين ٻهاڙين جي قطارن جي چوٽين تي سبز تاج ٺاهيو پيو هوندو هو تنهن، انهيءَ هنڌ کي، عام ماڻهن جي نظرن ۾، ڪنهن اهڙيءَ زياده پاڪ زندگيءَ لاءِ مخصوص ٿيل مقام بڻائي پيش ڪيو هوندو، جو موسمن جي افسوسناڪ تبديلين کان مستثنيٰ، دائمي ۽ آهيءَ آسمان وانگر ابدي هجي، جيڪو انهيءَ خاص مقام سان ملڻ لاءِ ڪين هيٺ جهڪندو نظر ايندو هوندو. ٿي سگهي ٿو ته شايد ساڳي ئي سبب ڪري، اٽس کي "آئوي" وڻ جو ٻوٽو مقدس هو، بهرحال، اسان پڙهيو آهي ته هن جي نامرد پوڄارين جي بدن تي "آئوي" ٻوٽي جي پن جو نمونو چاڙهيو ويندو هو. "پائين" جي تقدس جو هڪ ٻيو سبب، ان جي فائديمندي به ٿي سگهي ٿو. "پائين" وڻ جي ٻورن جي ڪوڪڙن مان جيڪو ٻج نڪرندو آهي، سو کائڻ جي قابل هوندو آهي، ۽ اهو قديم زماني کان وٺي، کائڻ لاءِ استعمال ٿيندو آيو آهي. مثال طور، انهيءَ ٻج کي اڄ تائين روم جي غريب طبقن جا ماڻهو کائيندا آهن. تنهن کانسواءِ، انهن ٻجن مان هڪ شراب ٺاهيو ويندو هو ۽ اهو، ٿي سگهي ٿو ته "سبل" ديويءَ جي ساڻن سوڻن ۾، جن جي قديم زماني جا ماڻهو ڊيونيسس جي ساڻن سان مشابهت ڪندا هئا، جيڪا شرابخوري ۽ زنا ڪيا ويندا هئا، تن لاءِ اهو ئي سبب، ڪجهه قدر ذميوار هجي. ان کان سواءِ، "پائين" جي ڪڪڙن کي آباديءَ جون علامتون، يا البت آباديءَ جا ذريعا سمجهيو ويندو هو. چنانچه، ٿيسموفوريا جي ميلي تي اهي ڪڪڙا، سوئرن ۽ آباديءَ جي ٻين علامتن يا وسيلن سان گڏ، ڊيميٽر جي مقدس مقبري اندر ڦٽا ڪيا ويندا هئا، ته جيئن زمين، ۽ عورتن جا پيٽ، ڦر پيدا ڪرڻ جي ڪم ۾ زود اثر ٿين.

وڻن جي عام ديوتائن وانگر، اٽس کي به غالبا زمين

جي پيداوار تي اختياري ھلائيندڙ يا ڪن حالتن ۾، بذات خود اناج، سمجھيو ويندو ھو. انھن جي مختلف خواصن ۽ لقبن مان ھڪ، "ڪڻو ڦر ڏيندڙ"، بہ ھو. ڪڻس مخاطب ڪرڻ وقت "اي آنَ جا لٽيل ساوا (يا پيلا) سنگ" جي لفظن سان پڪاريو ويندو ھو. سندس ڏکن، موت ۽ ٻئين جنم جي ڳالھہ، کي ھيڪل آنَ جو لاباري ڪندڙ جي ھٿن ۾ زخمي ٿيڻ، گدام ۾ ٻوڙجڻ ۽ زمين ۾ چٽجڻ، وري نئين سر نمودار ٿيڻ سان تعبير ڪيو ويندو ھو. روم جي ليٽرن عجائب گھر ۾ انھيءَ ديوتا جو ھڪ مجسمو رکيل آھي، جو زمين جي پيداوار ۽ خاص طرح اناج، سان انھيءَ ديوتا جي تعلق ھئڻ کي نمايان ڪري ٿو، ڇاڪاڻ تہ مجسمي ۾ انھيءَ ديوتا جي نمائندگي ھن طرح ڪئي ويئي آھي، جو سندس ھڪ ھٿ ۾ ان جي سنگن جو ھڪ مُٺو ۽ ڪي ميوا ڏنا ويا آھن، مٿي تي "پائين" وڻ جي ٻجن جو ھار، ڏاڙھون يا ٻيا ڦل رکيا ويا آھن ۽ سندس مٿي ۾ پيل ڦرائيگيا وارن لوڪن جھڙي ٽوپ مان آنَ جا سنگ چمندا ڏيکاريا ويا آھن. پٿر جي گھگيءَ جھڙي ھڪ برتن تي، جنھن ۾ انھن ديوتا جي وڏي پادريءَ آرڪي گالس جي ھڏن جي سڙي محفوظ ٿيل ھئي، تنھن ۾ بہ انھيءَ ساڳيءَ خيال جو، ٿوري گھڻي ڦيرڦار سان، اظھار ڪيل آھي. برتن جي ڍڪ تي آنَ جا سنگ انھيءَ طرح تراشيل آھن، جو سندن پاڇا بہ چڱيءَ طرح نظر اچن ٿا ۽ ان جي چوٽيءَ تي ھڪ ڪڪڙ پيھاريل آھي، جنھن جو اچ آنَ جي سنگن جو ٺھيل آھي. "سبل" ديويءَ جو تخيل بہ ساڳيءَ طرح، آباديءَ جي ديويءَ جي حيثيت ۾ ڪيو ويو ھو، جا زمين جي ڦلن ڦولن وغيره کي پٽائي يا بگاڙي سگھي ٿي، جو تہ ڳال جي علائقي ۾ سنوبونم (آٽون) جا ماڻھو اناج جي پٺن، ۽ انگور جي ولين جي ڀتريءَ لاءِ ديويءَ جي مجسمي کي گاڏيءَ ۾ ڦيرائيندا ۽ ان جي اڳيان ڳائيندا ۽ نچندا ويندا ھئا ۽ اسان ڏٺو آھي تہ ھڪ دفعي انليءَ ۾ ھڪ عيد

معمولي لاڀاري کي "عظم ماءُ" جي آمد سان منسوب ڪيو ويو هو. ممڪن آهي ته ديويءَ جي مجسمي کي درياه ۾ غسل ڏيڻ جو مقصد، فصلن لاءِ گهڻي مقدار ۾ پاڻي حاصل ڪرڻ واسطي جادوءَ جي هڪ ٽوڻي جو هجي.

باب چئنيهون

اتيس جا انساني نمائندا

اڪري تحريرن مان ظاهر ٿئي ٿو ته، پيسينس ۽ روم جي ٻنهي علائقن ۾، ملڪ جو وڏو پادري باقاعده طور اتيس جي نالي مان سڏيو ويندو هو. چنانچه، هيءَ ڳالهه قابلِ قياس معلوم ٿئي ٿي ته، هو ساليالي ميلي ۾ پنهنجي نالي- پائيءَ، يعني ڏالڪتائن واري اتيس ديوتا جو ڪردار ادا ڪندو هوندو. اسان ڏٺو آهي ته ”رت واري ڏينهن“ تي هو پنهنجون ٻانهون ڪپي چيري، ڏيئي، منجهائن رت ڪيرائيندو هو، ۽ ٿي سگهي ٿو ته اهو اتيس جي الهيءَ موت جو نقل هجي، جو هن ”پائن“ جي وڻ هيٺان وهي، پنهنجي مٿان پاڻ نازل ڪيو هو. هيءَ قياس ناموزون ناهي ته انهن رسمن جي ادائگيءَ وقت، اتيس جي نمائندگي سندس مجسمي ذريعي ڪئي ويندي هئي، جو ته، اهڙا مثال ڏيکاري سگهجن ٿا ته الهيءَ ديوتائي هستيءَ جي نمائندگي اڪثر زنده ماڻهوءَ وسيلي ڪئي وئي آهي ۽ ان کان پوءِ، سندس هڪ مجسمي کان اهو ڪم ورتو ويو آهي، جنهن کي بعد ۾ ساڙيو، يا ٻئي ڪنهن نموني سان ناس ڪيو ويو آهي. شايد اسين هڪ قدم اڃا به اڳتي وڃي، هيءَ اومان به ڪري سگهون ٿا ته، پادريءَ جو اهو نقلي قتل، جنهن مان سچي پچي رت و ڇاڻ ، ڪئي هوندي هئي، پوءِ هنڌن وانگر، ارائيڪيا ۾ به، ماڻهوءَ جي سچي پچي قربانيءَ جو نعم البدل هو، جا قديم زماني ۾ گوشت و پوست جي هڪ جيئري، جاڳندي ماڻهوءَ کي سچ پچ قتل ڪري ٿي پيش ڪئي ويندي هئي.

ديوتا جي انهن قديم اماڻندن کي، جنهن ڏنگ سان قتل ڪيو ويندو هو، تنهن جو يادگار شاهد مارسياس جي آڪاٽيءَ ۾ محفوظ ٿيل آهي. جيڪو ويندو هو ته هو فراڳيا وارو ”مائيناس“، يا اڌ ماڻهو ۽ اڌ ٻڪر هو. ڪن ٻين جو چوڻ هو ته هو هڪ ريڍار، يا ڌنار هو، جو ٻنسريءَ وڄائڻ جو ماهر هو. هو ”سبل“ ديويءَ جو دوست هو ۽ ’اٽس‘ ديوتا جي موت تي الهيءَ ديويءَ کي جيڪو غم ۽ اندوهه ٿيو هو، تنهن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ هو الهيءَ غمزده ۽ افسرده خاطر ديويءَ سان ٻيلن ۾ رلندو وتندو هو. فراڳيا جي سيلائيني علائقي جا ماڻهو ”مدرس ايئر“ نالي موسيقيءَ جي هڪ سُرَ کي، جو ”عظيم ماتا ديويءَ“ جي اعزاز ۾ ٻنسريءَ تي وڄايو ويندو هو، تنهنڪري الهيءَ ديويءَ سان منسوب ڪندا هئا. پنهنجيءَ مهارت تي مغرور ٿي، هن اپولو ديوتا کي موسيقيءَ جي مقابلي ڪرڻ لاءِ چئلينج ڏنو. مقابلي ۾ هن کي ٻنسري، ۽ اپولو کي سندس سارنگي، استعمال ڪرڻ جي اجازت هئي. مقابلي ۾ هارائڻ جي نتيجي ۾، مارسياس کي ”پائين“ وڻ سان ٻڌو ويو ۽ کيس چهبڪ هڻي، ماريو ويو، يا ڪن جو چوڻ آهي ته اپولو بذات خود، يا ”سيٿين“ اسل واري سندس غلام، هن کي ٽڪرٽڪر ڪري ڇڏيو هو. تاريخي وقتن ۾، مارسياس جي چمڙي سيلائيني ۾ ڏيکاري ويندي هئي. اها هڪ غار اندر، جتان مارسيا درياه انتهائي جوش ۽ خروش ۽ گوڙ گهمسان سان ٽپي ٻاهر نڪري ٿو، ۽ ميئنڊيئر سان وڃي ملي ٿو، هڪ ٽلچ لما پٿر تي وڏيءَ چپ تي لٽڪائي وئي هئي. ساڳيءَ ريت، ائڊونس درياهه، پنهنجي پوري جوڀن ۽ جوانيءَ سان لبنان جي اوچين پهاڙن مان ٽپي ٻاهر نڪري ٿو، ساڳي ئي طريقي سان آبريز جو لولو درياه ٽارس جي سرخ پهاڙن مان هڪ صاف ۽ شفاف روشنائيءَ زوردار ڦوهاري جي صورت ۾ نڪري نروار ٿئي ٿو. آهڙيءَ ئي امولي ۾ اها لهر، جا هيٺئر زمين جي هيٺين تهه ۾ گجگوڙ ڪندي رهي ٿي، سا پنهنجي وهڪري جي دوران ۾، ڪوريشيا غار جي ڏاڍاڪيءَ روشنائيءَ ۾، هڪ اونده کان

ٻيءَ ٿائين، هڪ لحظي لاءِ، ان جو جلوو ڏيکاريندي، نظرن کان غائب ٿي ويندي هئي. قديم زماني جا ماڻهو سينٽي ٻراوو چشمن ۾، جن ۾ آباديءَ ۽ زندگيءَ جو دل کي خوش ڪندڙ وعدو سمايل هوندو هو، ته ۾ آهي خالق جو هٿ ڏسندا هئا، ۽ آهي انهيءَ تيز رفتار درياه جي ٻاسي ۾، جتي ان جي جوشيلي پاڻيءَ جي آواز سان پيدا ٿيندڙ موسيقيءَ سان سندن ڪن ٻرجي ويندا هئا، آلي آهي ان جي مالڪ جي پوڄا ۾ مصروف رهندا هئا. جيڪڏهن روايت تي ڀروسو ڪريون ته پوءِ سيلائيني ۾ بنسري نواز مارسياس کي، جو ان جيءَ غار ۾ لڪو پيو هوندو هو، موت کان بعد به موسيقيءَ لاءِ دل باقي هئي. جو ته، جيئو وڃي ٿو ته، ان جي ملڪ فرائيگيا جي مقامي موسيقيءَ جي آواز ٻڌڻ تي مرده ابو-انسان جي چمڙيءَ ۾ جنبش پيدا ٿيندي هئي. ٻر، جيڪڏهن ڪو موسيقي نواز اُپولو جي تعريف ۾ ڪو سُر ڇيڙيندو هو، ته ان جي طرف هو ڪن ئي نه ڏيندو هو ۽ بي حس و حرڪت لڪيو رهندو هو. جا، فرائيگيا وادي انهيءَ ابو-انسانَ، ريڍار يا ڌنار جي شخصيت ۾، جنهن کي ”سبل“ ديويءَ جي دوستيءَ جو فخر حاصل هو، جو ديويءَ جي رسم و رواج جي مخصوص موسيقيءَ کي خوابيءَ سان ادا ڪندو هو ۽ جو سندس مقدس وڻ، ”پائين“ جي هيٺان ويهي ميو، اسان کي اتيس جي قربي مشابهت جو سراغ نه ٿو ملي، جو بذات خود ديويءَ جو دل گهريو ڌنار يا ريڍار هو، جنهن کي خود به هڪ بنسري وڄائيندڙ چئو وڃي ٿو، جنهن لاءِ اها روايت به مشهور آهي ته سندس هيءَ زندگي ”پائين“ جي وڻ هيٺان پوري ٿي هئي ۽ جنهن جي ساليالي نمائندگي، مارسياس والكر، سندس مجسمي کي ”پائين“ جي وڻ تي لڪائي ڪئي ويندي هئي؟ اسين هيءَ قياس ڪري سگهون ٿا ته قديم زماني ۾ جيڪو پادري سبل جي بهار واري ميلي تي اتيس ديوتا جو ڪردار ادا ڪندو هو، تنهن کي هر سال ”پائين“ جي مقدس وڻ تي باقاعدگيءَ سان لڪايو يا ٻئي ڪنهن طريقي سان قتل ڪيو ويندو

هو ۽ انهيءَ وحشي رسم کي، بعد ۾ اها نرم صورت ڏني وئي، جنهن ۾ اسين اوڊن دورن ۾ ان سان روشناس ٿيا آهيون، جڏهن پادري وڻ جي هيٺان فقط پاڻ کي چيرو ڏيئي پنهنجو رت ڪيرائيندو هو ۽ وڻ تي پاڻ کي لٽڪائڻ بدران، هڪ مجسمي کي لٽڪائيندو هو. اپسالا جي مقدس آستاني ۾، ماڻهن ۽ جانورن کي پاڪ وڻن تي لٽڪائي، سندن قربانيون ڏنيون وينديون هيون. جيڪي ماڻهو ”اوڊن“ جي نالي ۾ قربان ڪيا ويندا هئا، تن کي باقاعدگيءَ سان لٽڪائڻ، يا لٽڪائڻ ۽ ڀالي جي چڀرن ڏيڻ سان، جنهن ۾ قربان ٿيندڙ ماڻهوءَ کي وڻ يا ڦاهيءَ سان ڇڪي ٻڌي، پوءِ ڀالي سان زخمي ڪيو ويندو هو، ماريو ويندو هو. چنانچه، ”اوڊن“ کي ”ڦاهيءَ جو مالڪ“ يا ”ڦاهيءَ تي چڙهيلن جو خدا“ سڏيو ويندو هو ۽ ان کي ڦاسيءَ جي وڻ هيٺان ويٺل ڏيکاريو ويو آهي. درحقيقت، چيو وڃي ٿو ته، هن کي رواجي طرح مقدس ٿي نالي ۾ قربان ڪيو ويو هو، جهڙيءَ طرح اسان کي ”هئوامل“ جي عجيب و غريب شعرن مان معلوم ٿئي ٿو، جن ۾ ديوتا ٻڌائي ٿو ته ڪيئن ه، هن جادوءَ جا منتر سکي، ديوتائي طاقت حاصل ڪئي:

”مون کي معلوم آهي ته آءٌ هوا ۾ جهوليندڙ وڻ تي لٽڪيو پيو هوس،

سچين سارين نون راتين تائين،
ڀالي سان زخمي ٿيل، اوڊن جي نالي ارپ ٿيل،
پنهنجي ئي نالي ۾، آءٌ پاڻ“.

قلوالين ٻيٽن جي ”منڊالائو“ ٻيٽ جا ”پاڪوبو“ قبيلي وارا ماڻهو هرسال فصلن جي ڀلائيءَ خاطر، ساڳئي طريقي سان ماڻهن جون قربانيون ڏيندا هئا. ڊسمبر مهيني جي ابتدائي حصي ۾، جڏهن ”اوريئون“ تارن جو مجمو شام جو سوير اڀري ظاهر ٿيندو هو، تڏهن ماڻهن کي معلوم ٿيندو هو ته ٻج ڇٽڻ لاءِ ٻنين کي صاف ڪرڻ ۽ هڪ ٻانهي جي قربانيءَ پيش ڪرڻ جو وقت اچي پهتو هو. اها قرباني ڪن طاقتور ديوتائن کي سٺي گذريل سال لاءِ، جيڪو

ماڻهو اڳئي ماري چڪا هئا، ۽ اينديڙ موسم لاءِ ديوتائن جي رحم ۽ ڪرم جي خاطر، جي قيمت طور پيش ڪئي ويندي هئي. قربان ٿيندڙ ماڻهوءَ کي پهرين هڪ وڏي وڻ ڏانهن نيو ويندو هو، اتي ٻهچڻ کان پوءِ، هن کي وڻ ڏانهن پٺي ڪرائي، سندس ٻانهن کي اهڙيءَ طرح مٿي ڪرائي، ڇڪي ٻڌو ويندو هو، جهڙيءَ طرح قديم مصور، مارسياس کي الهيءَ موتمار وڻ تان لٽڪيل ڏيکاريندا هئا. جيئن ئي هو اهڙيءَ طرح، ٻانهن ذريعي لٽڪندو رهندو هو، تيئن ئي بغلن جي سڌائيءَ ۾ سندس جسم مان پالو آرپار ڪڍي، کيس ماريو ويندو هو. بعد ۾ ان جي جسم کي چيلهه، وٽان پورن پن اڌن ۾ وڍيو ويندو هو ۽ معلوم ٿئي ٿو ته ان جي جسم جي مٿئين اڌ کي ٿوري وات لاءِ وڻ ۾ لٽڪندو ڇڏيو ويندو هو ۽ هيٺيون اڌ زمين تي ڪري رت ۾ لٿڙيون ڏيندو رهندو هو. آخرڪار لاش جي ٻنهي حصن کي وڻ جي پرسان هڪ تراڪڙي کڏ کوٽي، ان ۾ دفن ڪيو ويندو هو. پر اتين ڪرڻ کان اڳ، جنهن جي مرضي ٿيندي هئي، سو لاش مان گوشت جو ٽڪرو يا وارن جي هڪ چڳ وڍي، پنهنجي ڪنهن اهڙي مائٽ جي قبر تي کڻي ويندو هو، جنهن جي لاش کي گورپٽ کائي، کپائڻ ۾ لڳو ويٺو هوندو هو. تازي گوشت جي بوءِ تي ڇڪجي، اهو گورپٽ ورائي ۽ سڙندڙ جسم کي آرام ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏيندو هو. اهي قربانيون اهڙن ماڻهن ۾ ڏنيون آهن، جي اڄ به جيئرا آهن.

معلوم ٿئي ٿو ته يونان ۾، خود عظيم ديوي آرٽيمس کي به آرڪيڊيا پهاڙين واري سندس آستاني ۾، هر سال مجسمي جي صورت ۾ لٽڪايو ويندو هو، ان ڪري، هوءَ انهيءَ جاءِ تي "لٽڪيل" جي نالي سان مشهور و معروف هئي. درحقيقت، انهيءَ ساڳئي رواج جو نشان، خود ايفيسس ۾ به، جو هن جي آستانن مان سڀني کان وڌيڪ مشهور آهي، هڪ اهڙي عورت جي ڏند ڪٿا ۾ شايد پوشيده صورت ۾ موجود ملي ٿو، جنهن پاڻ کي ڦاسي ڏني

هئي، جنهن تي رحمدل ديويءَ کيس پنهنجيءَ ديوتائي پوشاڪ ۽ ملبوس ڪري هيڪيٽ جي نالي سان موسوم ڪيو. ساڳيءَ طرح، ايفيا ۽، موسلا ئيسٽ وٽ، اسپالس نالي هڪ ڇوڪريءَ جي ڳالهه ڪئي ويندي آهي، جنهن پاڻ کي ڦاسي ڏني هئي، ۽ جيڪا، درحقيقت، آرٽيمس جو محض هڪ ٻيو روپ معلوم ٿئي ٿي. ڇو ته، سندس موت کان پوءِ سندس لاش جو ڪپڙو، پتو ڪولي هو، پر ان جو هڪ مجسمو آرٽيمس ديويءَ جي بت پر سان اپيل ڏنو ويو، جنهن تي ماڻهن ونئي ان کي "هيڪريج" يا "دور تائين مارو ڪندڙ"، جي لقب سان نوازيو، جو خود آرٽيمس ديويءَ جي خصوصي لقبن مان هڪ باقاعده لقب هو. هر سال ڪنواريون ڇوڪريون ديويءَ جي مجسمي کي هڪ ننڍيءَ ٻڪريءَ جي قرباني ڏينديون هيون، جنهن کي آهي لٽڪائي مارينديون هيون، ڇو ته اسپالس لاءِ چيو ويندو هو ته ان پاڻ کي، ڦاسي ڏيئي ماريو هو. ٿي سگهي ٿو ته اها قرباني ڪنهن مجسمي يا آرٽيمس جي اصلي نمائندي کي لٽڪائڻ جي رسم جو نعم البدل هجي. هوڏانهن وري، رهوڊس ۽ خوبصورت هيلن کي "وڻ واريءَ هيلن" جي نالي سان پوڄيو ويندو هو، ڇو ته پيٽ جي رانيءَ پنهنجين خدمتگار عورتن کي "فيوريز" جو ڇمڙا پوش بڻائي، انهن جي هٿان سندس مجسمي کي وڻ جي ٽاريءَ ۾ لٽڪارايو هو. ايشيا ۽ آباد ٿيل يوناني لوڪ جانورن جي قربانيءَ انهيءَ طريقي سان ڏيندا هئا، تنهن جي ثابتي "اليم" جي انهن سڪن مان فراهم ٿئي ٿي، جن ۾ ڪنهن ڍڳي يا ڳئونءَ کي وڻ مان لٽڪيل ڏيکاريو ويو آهي ۽ ان کي، هڪ ماڻهو، جو وڻ جي ٽارين ۾ لڪو ويٺو آهي يا خود انهيءَ جانور جي پٺيءَ تي سوار آهي، سو کيس خنجر سان وار ڪري ماري رهيو آهي. هيئراپولس ۾ به قربانيءَ وارن ماڻهن يا جانورن کي ساڙڻ کان پهرين وڻن ۾ لٽڪايو ويندو هو. انهن يوناني ۽ اسڪينڊينيويا جي هڪ ڇهڙن مثالن مان، جي اسان جي سامهون اچي چڪا آهن، اسين

هن انومان کي بلڪل غير امڪاني قرار ڏئي، نظر انداز
نه ٿا ڪري سگهون ته فرائيگها ۽ هڪ ماڻهو ديوتا
سان بسال الهي مقدس، پر موتمار وڻ تي لٽڪندو
رهندو هوندو.

باب ستاويهون

مشرقي مذهب مغرب ۾

ديوتائن جي عظيم ماءُ ۽ سندس محبوب يا پٽ جي پوڄا رومي سلطنت ۾ ڏاڍي هردلعزيز هئي. اڪريل تحريرن مان ثابت ٿئي ٿو ته انهن کي جدا جدا يا اجتماعي طور، نه فقط اٽليءَ ۽ خاص طرح روم ۾، پر رومي سلطنت جي صوبن ۾ به، خصوصاً آفريڪا، اسپين، پورچوگال، فرانس، جرمني ۽ بلگيريا ۾، ديوتائي اعزاز ڏنا ويندا آهن. انهن جي پوڄا ڪانسٽنٽائين جي دور حڪومت ۾، عيسائيت جي بنياد پوڻ کان پوءِ به جاري رهي، جو ته سائماڪس عظيم ديوي ماتا جي ميلي جي متعلق بيان ڪري ٿو ته آگسٽين جي ڏينهن ۾ ديويءَ جا زنانا پادري ڪارٿيج جي رستن، گهٽين ۽ چوڪن ۾، اڇن منهن، خوشبودار وارن ۽ زنانيءَ چال سان گهمندا، ڦرندا وتندا هئا ۽ وچين صدين جي رولو پاون وانگر راهگيرن کان خيرات گهرندا هئا. ان جي برعڪس، يونان ۾ انهيءَ ايشيائي ديويءَ ۽ سندس رفيق حيات جي خونريز رسم و رواج جو ٿورو ئي خيرمقدم ڪيو ويو. انهيءَ ديويءَ جي پوڄا جي وحشي ۽ ظالمانه نوعيت ۽ ان جون جنونيانه زيادتيون يونانين جي انسانيت پسند خيالن ۽ حليم طبيعتن کي، لاشڪ ناپسند پونديون معلوم ٿيون ٿيون، جو ته، معلوم ٿئي ٿو ته انهن اڊونس جي ساڳئي قسم جي، پر زياده نرم، رسمن کي ترجيح ڏني. ان جي باوجود، انهن ساڳين خصوصيتن، جن يونانين کي ڀڄائي، پاڻ کان دور ڪري ڇڏيو، ته شايد گهٽ مهذب رومين ۽ مغربي وحشين کي پاڻ ڏانهن ڪشش ڪئي هوندي. وجد ۾ آئيندڙ اهي دماغي ڪيفيتون، جن کي غلط فهميءَ کان خدائي جذبو

سمجهيو ويندو هو، جهڙوڪ، جسم کي چيرڻ، انهن جنم جي نظريي ۾ رت جي وهائڻ سان گناهن جي معافي گهرڻ وغيره. تن سڀني جو بنياد وحشي دور واري معاشري ۾ ڳهٽو اونهون ويل معلوم ٿئي ٿو، جنهنڪري فطرتي طور، اهي ڳالهيون اهڙين قومن لاءِ جاذبيت رکنديون هيون، جن ۾ وحشي خصلتون تا هنوز زوردار هيون. درحقيقت، انهن جي اصلي نوعيت کي ڳهٽو ڪري خيالي ۽ مثالي، يا فلسفيانه تفسير جي معرفت پڙدي ۾ پوشيده رکيو ويندو هو، جا شايد وجد ۾ آيل ۽ جوشيلن پوڄارين تي رعب وجهڻ لاءِ ڪافي هوندي ۽ خود تهذيب يافته ماڻهن کي ان اهڙين ڳالهين کي برداشت ڪرڻ لاءِ آماده ڪندي هوندي، جن کي اهي رواجي طرح حقارت ۽ ڌپ جي نظرن سان ڏسندا هوندا.

انهيءَ عظيم ديويءَ جو مذهب، جنهن ۾ وحشت ۽ روحاني آرزوئن جو اهڙو عجيب و غريب اشتراڪ هو، سو ساڳيءَ نوعيت وارن اهڙن مشرقي مذهبن جي مجمع مان محض هڪ هو، جي اٿ پرستيءَ جي پيدائش: ڏينهن ۾ رومي سلطنت ۾ ڦهليل ويا هئا ۽ جن يورپي ماڻهن جي دماغن کي ڏنڊ ڪيءَ جي غير ملڪي ۽ ڏاريين نظرين سان اثر ڪري، آهستي آهستي سندن قديم تهذيب جي سڄيءَ بناوت جو بنياد کوکلو ڪري وڌو. يوناني ۽ رومي معاشرو قوم جي مقابلي ۾ فرد جي، ۽ رياست جي مقابلي ۾ شهريءَ جي تحتي حيثيت جي نظريي تي تعمير ٿيل هو. دولت مشترڪ جي سلامتيءَ کي انهيءَ معاشري اهالي چال چلت جو اعليٰ ترين مقصد مقرر ڪيو هو ۽ ان کي هن دنيا، خواه آخرت ۾ فرد جي سلامتيءَ کان زياده افضل قرار ڏنو هو. ننڍپڻ کان وٺي انهيءَ غير خود غرضانه نظريي جي ساه، هيٺ پلجي، شهرين پنهنجيون زندگيون عوام جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيون ۽ اهي عام ڀلائيءَ خاطر، انهن جي قرباني ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار هوندا هئا، يا جيڪڏهن انهن ڪنهن به وقت انهيءَ اعليٰ ترين قربانيءَ ڏيڻ کان ڪيٻايو هوندو، ۽ ڪين اهوئي خيال هميشه مٿانهون رهيو هوندو، ته انهن پنهنجي ملڪ

جي بهبوديءَ جي مقابلي ۾ شخصي نفعي ۽ غرض کي ترجيح ڏيڻي، ڪمائيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪين ڪيو آهي. اهي سڀ نظريات مشرقي مذهبن جي ڦهلجڻ سبب بدلجي ويا، جو انهن اهو نئون سبق ڏنو ته روح جو خدا سان رابطو ۽ ان جي ابدي نجات ئي اهڙيون شيون آهن جي زندگيءَ کي قابل زيست بڻائين ٿيون ۽ انهن جي مقابلي ۾ رياست جي آسودگي يا خود ان جي بقا هيچ آهن. خودغرضيءَ ۽ بداخلاقيءَ جي انهيءَ اصول جو لازمي نتيجو هيءُ نڪتو، جو انهيءَ پوڄاريءَ کي جيئڻ بدران، بلڪ زندگيءَ مان گهٽي کان گهٽو ڇڪي ٻاهر ڪيو ۽ ان جي خيالن کي سندس روحاني جذبن طرف مرڪوز ڪري، هن جي دل ۾ موجوده زندگيءَ لاءِ نفرت پيدا ڪئي، جنهن ڪري هن ان کان بهتر ۽ ابدي زندگي ماڻڻ جو محض هڪ آزمائشي عرصو ڪري ڄاتو. هڪ سنت ۽ گوشه نشين ماڻهو جو وجود، زمين ۽ ان جي هر شيءِ کان نفرت ڪرڻ ۽ هميشه آسمان جي خيالن ۾ محو رهڻ ڪري، عام راءِ مطابق، انسانيت جو اعليٰ ترين مقصد ٿي پيو ۽ انهيءَ محب وطن ۽ ملڪ جي جان نثار جي قديم مقصد کي ٿڏي، رد ڪيو ويو، جو پنهنجي وجود کي فراموش ڪري، پنهنجي وطن لاءِ زنده رهي ٿو ۽ ان جي ننگ ۽ ناموس لاءِ مرڻ واسطي هر وقت تيار رهي ٿو. ڌرتيءَ جو ڪوبه شهر انهن ماڻهن کي حقير ۽ ناچيز معلوم ٿيڻ لڳو، جن جون نظرون ڪڪرن ۾ ”خدا جي شهر“ کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏسنديون هيون. چنانچه، ائين ڪئي چئجي ته ڪشش ثقل جو مرڪز موجوده زندگيءَ کان ٽري، مستقبل ڏانهن هٽي ويو ۽ انهيءَ تبديليءَ سبب آخرت کي خواه ڪيترو قدر به فائدو پهتو هجي، پر هن باري ۾ ڪنهن به شڪ ۽ شبهي جي گنجائش ڪانهي ته هن دنيا کي وڏو نقصان پهتو. عوام جي سياسي زندگي عام طرح پاش پاش ٿي ويئي. رياست ۽ ڪٽنب جي تعلقات جو رشتو ٽٽڻ لڳو ۽ معاشري جو پيڙهو آهستي آهستي پنهنجن مختلف عنصرن جي صورت ۾ جدا ٿيڻ لڳو ۽ اهڙيءَ طرح اهو دوباره وحشي دور

ڏانهن اُتي قدم کڻڻ لڳو، جو ته تهذيب فقط ننڍن شهرن جي باهمي تعاون ۽ سندن شخصي خواهشن ۽ دلچسپين کي عوام جي مفاد جي مقابلي ۾ هيٺ ڪرڻ سان ئي ممڪن ٿي سگهندي آهي. ماڻهن پنهنجي ملڪ جي بچاءَ ڪرڻ ۽ ڪن حالتن ۾ خود پنهنجي نسل کي جاري رکڻ کان انڪار ڪيو. پنهنجن ۽ ٻين روحن کي بچائڻ جي فڪر ۾، آهي هن مادي دنيا کي، جنهن کي اُهي برائيءَ ۽ بديءَ جي مرڪز سان شناخت ڪيو، پنهنجين نظرن جي سامهون فنا ٿيڻ لاءِ ترڪ ڪرڻ ۾ قانع ۽ راضي هئا. اها ماليخوليا هڪ هزار سالن تائين قائم رهندي آئي. وچين صدين جي آخر ڌاري رومي قانون، ارسطوءَ جي فلسفي ۽ قديم هنر ۽ ادب جي نئين سر زنده ٿيڻ، يورپ کي زندگيءَ ۽ دنيا ۾ هلت چلت، ۽ هن عالم جي متعلق زياده معقول ۽ مردانه وار نظرين جو نئون سبق ڏنو. تهذيب جي پيشقدميءَ ۾ جيڪو طويل تعطل اچي ويو هو، سو ختم ٿي ويو. مشرقي حملي جي موج جو زور آخرڪار وڃي ٽٽو ۽ اها پٺتي هٽڻ لڳي ۽ ان جي الهيءَ پسپائيءَ جو سلسلو تا هنوز جاري آهي.

مشرقي حسب نسب وارن الهن ديوتائن مان، جن قديم دنيا جي زوال وقت مغرب جي وفاداري حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي سان چٽاڀيٽي ڪئي، تن ۾ قديم ايراني ديوتا، ”مترا“ به شامل هو. سندس پوڄا جي هردلعزيزيءَ جي تصديق سندس انهن يادگارن مان ٿئي ٿي، جي رومي سلطنت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهليل مليا آهن. مترا جو دين، اصولن ۽ رسم و رواج جي لحاظ کان، نه فقط ”ديوتائن جي عظيم ماءُ“، بلڪه عيسائيت سان، گهڻين ڳالهين ۾ مشابهت رکي ٿو. الهيءَ مشابهت خود عيسائي عالمن جو توجه به پاڻ ڏانهن ڇڪايو، جن ان کي شيطان جو ڪارناموَ سمجهيو، جو هڪ ڪوڙي ۽ دوکي ڏيندڙ نقل ذريعي ماڻهن جي دلين کي حقيقي مذهب کان هٽائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هو. ساڳيءَ طرح مڪسيڪو ۽ پيرو جي هسپانوي فاتحن کي به اتان جي

مقامي بت پرستاڻا رسم و رواجن مان اڪثر، عيسائيت جي مذهبي رسمن جا شيطاني نوع ڪوڙا نقل معلوم ٿي رهيا هئا. مسيحي مذهب جو هڪ جديد طالب علم زياده امڪان جي حد اندر، اهڙين مشابهتن کي انساني دل و دماغ جي هڪ جهڙن، حالانڪ آزاداڻا خيالي رجحانات ۾ کولي ٿو، جي هن ڪائنات جي پوشيده ۽ گهرن رازن کي معلوم ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجي انفرادي زندگي کي، انهن جي عين مطابق، ساڃي ۾ وجهڻ جي مخلصاڻي، حالانڪ بي ڦڙين ڪوشش ڪندي، اختيار ڪيا آهن. اهو ڪٿي ڪيئن نه هجي، پر هن باري ۾ ڪوبه شڪ ڪونه ٿو ٿي سگهي ته مٿرا جو مذهب عيسائيت جو هڪ طاقتور رقيب ثابت ٿيو، جو ته ان ۾ سنجيده نوعيت جي رسم و رواج سان گڏ، اخلاقي پاڪيزگي ۽ لازواليءَ جي اميد هڪ ٻئي سان شامل ڪيل هيون. معلوم ٿئي ٿو ته، درحقيقت، انهن ٻنهي مذهبن جي درميان جيڪو اختلاف هو، سو تمام گهڻي عرصي تائين بنان ڪنهن فيصلي جي، هلندو رهيو. انهيءَ طويل ڪشمڪش جو هڪ سبق آموز يادگار اسان جي ناتال جي تقريب ۾ محفوظ آهي جنهن کي، معلوم ٿئي ٿو ته، ڪليسا پنهنجي بت پرست رقيب کان سڌيءَ طرح اڌارو ورتو هو. جيولين ڪئلينڊر ۾ ٢٥ ڊسمبر کي، سياري جو نقطو ۽ ننڍو ڏينهن سمجهيو ويندو هو ۽ ان کي "سج جو جنم" چيو ويندو هو، جو ته ان ڏينهن کان پوءِ ڏينهن ڊگهو ٿيڻ شروع ٿيندو آهي ۽ سال جي انهيءَ ڦرندڙ نقطي کان وٺي سج جي قوت ۾ اضافو اچڻ شروع ٿيندو آهي. سج جي جنم جي اها رسم، جيئن ان کي مصر ۽ شام ۾ ملهايو ويندو هو، عجيب و غريب معلوم ٿئي ٿي. تقريب ملهائيندڙ ڪن اندروني آستانن ۾ هليا ويندا هئا، جتان اڌ رات جي وقت هي نعرا بلند ڪندي ٻاهر نڪرندا هئا ته "ڪنواريءَ ٻار ڄڻيو آهي! روشنائي گهٽبي وڃي ٿي". مصري ته نئين ڄاول سج جي نمائندگي هڪ معصوم ٻار جي ذريعي ڪندا هئا، جنهن کي ان جي جنم

ڏينهن، سياري جي لنهي ڪان لنهي ڏينهن، تي ٻاهر ڪڍي ايندا هئا ۽ مقدس ٻوچارن کي ڏيکاريندا هئا. بيشڪ، اها ڪنواري، جيڪا حامل ٿي، اهڙيءَ طرح ٢٠ ڊسمبر تي ٻار ڄڻيندي هئي، سا اها عظيم مشرقي ديوي هئي، جنهن کي سيميٽڪ نسل وارا لوڪ "آسماني ڪنواري" يا فقط "آسماني ديوي" سڏيندا هئا، سيميٽڪ نسل وارن لوڪن جي ملڪن ۾ اها ديوي اشٽارٽ ديوي جو هڪ روپ هئي. هاڻي، مٿرا کي مقدس ٻوچاري هميشه سج، "اڻ فتح ٿيل سج" سان شناخت ڪندا هئا، چنانچه، ان جو جنم ب ٢٥ ڊسمبر تي ٿيندو هو. مسيح جي جنم متعلق مقدس ڪتاب خاموش آهن، جنهن ڪري اوائلي ڪليسا ان کي نه ملهائيندي هئي. ڪجهه زماني بعد، مصر جا عيسائي، ڇهين جنوريءَ کي جنم جو ڏينهن سمجهڻ لڳا ۽ "نجات ڏيارينڊڙ" جي جنم کي يادگيريءَ ڏينهن ملهائڻ جي رسم آهستي آهستي پکڙجندي ويئي، تانجو چوٿين صديءَ ڌاري اها مشرق ۾ عام سطح تي مقرر ٿي ويئي. پر ٽين صديءَ جي آخر، يا چوٿين صديءَ جي اوائل ڌاري مغربي ڪليسا، جنهن ٦ جنوريءَ کي ڪڏهن به جنم جو ڏينهن ڪري تسليم ڪونه ڪيو هو، تنهن پنجويهين ڊسمبر کي حقيقي تاريخ ڪري اختيار ڪيو ۽ ڪجهه عرصي بعد، ان جي انهيءَ فيصلي کي مشرقي ڪليسا به ڪٿي تسليم ڪيو. انطاڪيه ۾ انهيءَ تبديليءَ کي سن ٣٨٠ع ڌاري اڃا مروج ڪونه ڪيو ويو.

ناتال جي تقريب جي رواج وجهڻ لاءِ ڪليسا وارن کي ڪهڙين ڳالهين آماده ڪيو؟ انهيءَ تجديد جي مقصدن کي هڪ شامي مصنف، جو پاڻ هڪ عيسائي آهي، نهايت فراخدليءَ سان هن طرح بيان ڪيو آهي: "ڇهين جنوريءَ جي تقريب کي،" هو چوي ٿو، "پادرين تبديل ڪري جو پنجويهين ڊسمبر تي آندو، تنهن جو سبب هيءُ هو، ته بت پرستن وٽ هيءُ رسم هئي ته اهي انهيءَ ساڳي پنجويهين ڊسمبر جي ڏينهن تي سج جي جنم جي تقريب ملهائيندا هئا، جنهن ۾ اهي خوشيءَ جي اظهار ڪرڻ لاءِ

ٻٽيون روشن ڪندا هئا، ساڻن سوٽن، رسمن ۽ رواجن ۽ خوشيءَ جي انهن محفلن ۾ ڪرسٽان ۾ حصو وٺندا هئا. چنانچه، جڏهن ڪليسا جي عالمن ڏٺو ته عيسائين جي رغبت انهيءَ تقريب ڏانهن آهي، تڏهن انهيءَ پاڻ ۾ مشورو ڪري فيصلو ڪيو ته حقيقي جنم جي تقريب انهيءَ ڏينهن تي، ۽ ”ايپيفني“* جي، ڇهين جنوريءَ تي ملهائي وڃي. ناتال جي بت پرستانه نوعيت ڏانهن آگسٽائين جي انهيءَ تقريب ۾ اشارو موجود آهي، حالانڪ هو انهيءَ حقيقت کي واضح ڪري، پنهنجن عيسائي ڀائرن کي هدايت ڪري ٿو ته اهي انهيءَ سنجيده ڏينهن کي بت پرستن وانگر نه ملهائين، جي ان کي سورج ديوتا جي اعزاز ۾ ملهائين ٿا، پر ڪن اهو وڏو ڏينهن ان هستيءَ جي يادگيريءَ ۾ ملهائڻ گهرجي، جنهن خود سورج کي خلقيو آهي. ساڳيءَ ريت، عظيم ليئو انهيءَ خطرناڪ اعتقاد وارن جي مذمت ڪئي، جي چوندا هئا ته ناتال ان ڪري ملهايو ويندو هو، جو اهو نئين سج جو، ۽ نه مسيح جي جنم جو ڏينهن هو.

چنانچه، معلوم ٿي رهيو آهي ته عيسائي ڪليسا پنهنجي باليءَ جو جنم ڏينهن پنجويهين ڊسمبر تي هن ڪري ملهائڻ جو فيصلو ڪيو، ته جيئن بت پرستن جي سج لاءِ تڪريم ۽ تعظيم کي ان ڏانهن منتقل ڪيو وڃي، جنهن کي ”سچائيءَ جو سج“ سڏيو ويندو هو. جيڪڏهن اها حقيقت هئي، ته پوءِ هن الزام ۾ به بذات خود ڪا غير امڪاني حالت نظر نه ٿي اچي ته ساڳين انهن جي مقصدن ۽ غرض ڪليسا جي اختياريءَ وارن کي پنهنجي آقا جي موت ۽ دوباره جنم جي ايسٽر واريءَ تقريب کي به ڪنهن ٻئي ايشيائي ديوتا جي موت ۽ دوباره جنم جي ڪنهن اهڙيءَ تقريب تان نقل ڪيو هوندو، جا ساڳيءَ موسم ۾ منعقد ڪئي ويندي هوندي. هاڻي يونان، سسليءَ ۽ ڏکڻ اٽليءَ جي ڪن

* غير - يهودين لاءِ حضرت مسيح جو ظهور ۽ ان ڪري انهيءَ واقعي جي يادگار طور ٦ جنوريءَ تي هڪ تقريب ملهائي ويندي آهي.

علائقن ۾ ايسٽر تي جهڙيون رسمون اڄ تائين ادا ڪيون وينديون آهن، سي ڪن ڳالهين ۾ اڊونس جي رسمن سان نمايان مشابهت رکن ٿيون ۽ موٽ اها راهه ڏني آهي ته مسيح لاءِ نون روحن کي تسخير ڪرڻ خاطر، انهن تقريب کي سندس بت پرستاڻي اوائلي تقريب سان ملائي، پنهنجي کي هڪ جهڙي صورت ڏني وئي آهي. ۽ معلوم ٿئي ٿو ته اها تبديلي قديم دنيا جي لاطيني ٻولي ڳالهائيندڙ علائقن جي بجاءِ ۾ يوناني ٻولي واري علائقن ۾ وڌيڪ اڳ ۾ آئي، جو ته جيستائين ته اڊونس جي پوڄا يونان ۾ مروج هئي تيستائين معلوم ٿئي ٿو ته اها روم ۾ مغرب تي ڪو به اثر نه ڄمائي سگهي. يقيناً اها رسم روم جي سرڪاري مذهب جو ڪو به حصو ڪانه هئي. واقعات ماڻهن جي دلين ۾ الهي پوڄا لاءِ جيڪا محبت جي چاهه ڪئي پيدا ٿي هئي، سا ان کان اڳ ئي اٽيس ۽ عظيم ماتا ديوي جي هڪ جهڙين ۽ زياده وحشيانه رسمن واري چڙهي هئي. اٽيس جي موت ۽ دوباره جنم جي تقريب روم ۾ چوويهين ۽ پنجويهين مارچ تي ملهائي ويندي هئي، جن مان پوئين تاريخ تي ڏينهن ۽ رات هڪ جيترو سمجهيو ويندو هو، جنهن کي نباتات جي ديوتا جي موڪل ۾ اچڻ لاءِ، جو سڄي سياري ۾ مئل يا ستل سمجهيو ويندو هو، اهو ڏينهن سڀني کان زياده موزون هو. ۽ هڪ قديم ۽ عام ڦهليل روايت مطابق، مسيح کي پنجويهين مارچ تي صليب تي چاڙهيو ويو هو، جنهن ڪري ڪجهه مسيحي جنهن جي حالت کان بي نياز ٿي، الهي ڏينهن تي صليب تي چڙهڻ جي رسم ادا ڪندا هئا. اها رسم يقيناً فرائگيا، ڪئپاڊوشيا ۽ گال ۾ ملهائي ويندي هئي ۽ هن باري ۾ ڪي دليل موجود آهن ته ڪنهن نه ڪنهن وقت تي، اها روم ۾ به ادا ڪئي ويندي هئي. چنانچه، جنهن روايت مطابق مسيح جي وفات جي تاريخ پنجويهين ڊسمبر مقرر ڪئي وئي هئي، سا قديم ۾ پختي پاڙ واري هئي. اها ڳالهه هن سبب ڪري اڃا به زياده عجيب و غريب آهي، جو فلڪيات جي حساب، ڪتاب

ساڻ ڳاڻهه ٿئي ٿو، ته اِن کي ڪوبه تاريخي بنياد ڪونهي. اِن ساڻ
هيءُ نتيجو لازمي طور ڪري ٿو ته مسيح جي موت کي، ٻين ڪنهن
سوچ ويچار جي، انهيءَ تاريخ ساڻ ان ڪري حوالو ڏنو ويو هو
ته جيئن ان کي موسم بهار ۾ هڪ جهڙي ڏينهن ۽ رات واريءَ
قديم تقريب ساڻ ٺهڪايو وڃي. اهائي راءِ ڪليسائي عالم ۽
تاريخ نويس، موسيو ڊچيسنيءَ جي آهي، هو اها ڳالهه ڏانهن اشارو
ڪري ٿو ته ”نجات دهنده“ جي موت جي تاريخ کي عين انهيءَ
ڏينهن تي آڻي ٻهاريو ويو آهي، جنهن تي، عام اعتقاد مطابق هيءَ]
دنيا خلقي ويئي هئي. ۽ ان لاءِ، جنهن ۾ ”خدائي پيءُ“ ۽ ”خدائي
پٽ“، جون خصلتون هڪ ئي وقت موجود سمجهيون وينديون
هيون، تنهنجي دوباره زنده ٿيڻ جي تقريب روم ۾ سرڪاري طرح
انهيءَ ڏينهن تي ملهائي ويندي هئي. جڏهن اسين هيءَ ڳالهه ذهن نشين
ڪريون ٿا ته اپريل واري مهيني چارج جي تقريب قديم زماني
جي اٽ پرستن جي ”پاريليا“ واريءَ تقريب جي بجاءِ آندي ويئي
آهي، ته جون مهيني ۾ سينٽ جان دي بپٽسٽ وارو ڏڻ قديم
دور جي غير مسيحي قومن جي ”پاڻيءَ جي ميلي“ بدران ملهايو
وڃي ٿو، ته آگسٽ مهيني واري ”ڪنواريءَ جي آسمان
ڏانهن چڙهڻ“ جي تقريب، ڊائنا جي ميلي کي ڊڪي، سندس
جاءِ والاري آهي، ۽ خود مسيح جو جنم ڊسمبر ۾ سياري جي
ننڍي ڪان انهي ڏينهن ساڻ وابسته ڪيو ويندو هو، جو ته
انهيءَ ڏينهن کي سج جي جنم جو ڏينهن سمجهيو ويندو هو، ته
ان حالت ۾ هن قياس ڪرڻ ۾ اسين مشڪل اپرا يا نامعقول
ٺهرايا وينداسون، ته عيسائي ڪليسا جي ٻي وڏي تقريب — ايسٽر
جو وڏو ڏينهن — ساڳئي نموني، ۽ اخلاقي هدايت ڪرڻ جي
ساڳين غرض ۽ مقصدن ساڻ، فرائيگيا واري اٽيس ديوتا جي
ساڳي قسم جي ڪنهن تقريب ساڻ ٺهڪائي ويئي هجي، جا بهار
جي موسم ۾ انهيءَ ڏينهن تي ملهائي ويندي هوندي، جڏهن ڏينهن
۽ رات هڪ جهڙا ٿيندا آهن.

جيڪڏهن پيو ٿي، ته به هيٺ، گهٽ ۾ گهٽ، اتفاق جو هڪ صورت انگيز اشتراڪ آهي ته ديوتائن جي موت ۽ دوباره جنم وٺڻ جون عيسائي ۽ بت پرستاڻ تقريبون ساڳيءَ موسم ۾ ساڳين هنڌن تي ملهايون وينديون هيون. جو اُهي جن علائقن ۾ بهار جي موسم ۾ مسيح جو موت ملهايو ويندو هو، سي فريجيا، گال ۽ شايد روم هئا، ۽ اهي ئي جايون هيون، جن ۾ ائٽس جي پوڄا مٿين ڪيل پا جڙ ۾ انهيءَ پختيون پاڙون پڪڙيون. انهن ٻنهي واقعن جي اشتراڪ کي مشڪل هڪ خالص حادثو چئي سگهبو. جيڪڏهن بهار جي موسم جي انهيءَ ڏينهن کي، جنهن تي پوري اتي آب و هوا وارن ملڪن ۾، فطرت جي سڄي صورت طاقت جي نئين سر قائم ٿيڻ جي حقيقت جي شهادت ڏيندي آهي، تنهن کي قديم زماني کان وٺي اهو وقت سمجهيو ويندو هو، جڏهن ديوتا جي نئين سر زنده ٿيڻ ۾ هيءَ دنيا هر سال نئين سر خلقي ويندي هئي، ته پوءِ نئين ديوتا جي دوباره جنم وٺڻ کي سال جي انهيءَ عظيم وقت تي مقرر ڪرڻ کان زياده فطرتي ٻي ڪهڙي ڳالهه هوندي. فقط هڪ هيءَ ڳالهه، قابل غور آهي ته جيڪڏهن مسيح جي موت جي تاريخ پنجويهين مارچ تي مقرر ڪئي وئي، ته مسيح نئون جنم، ڪرسچاني روايت مطابق، ستاويهين مارچ تي ٿيو هوندو، جو جوليئن ڪئلينڊر جي موسم بهار جي چوٽي، ۽ ائٽس ديوتا جي نئين جنم کان فقط ٻه ڏينهن پوءِ آهي. ساڳيءَ طرح ٻين بت پرستاڻ رسمن، جهڙوڪ، سينٽ جارج ۽ ”ڪنواريءَ جي آسمان ڏانهن وڃڻ“ جي تقريبن کي مسيحي مذهب ۾ داخل ڪندي، اهائي ٻن ڏينهن جي وٿي رکي وئي آهي. بهرحال، هڪ ٻيءَ عيسائي روايت مطابق، جنهن تي لئڪٽنشيس ۽ شايد گال واري ڪليسا ۾ عمل ڪندا هئا، مسيح جي موت جي تاريخ ٽيويهين، ۽ مسيح نئون جنم پنجويهين، مارچ تي مقرر ڪيو ويو هو. جيڪڏهن ائين ئي هو ته پوءِ مسيح جو نئون جنم ائٽس جي نئين جنم سان بلڪل ٺهڪي ٿي آيو.

درحقيقت، هڪ نامعلوم عيسائيءَ جي تحرير مان، جا هن چوٿين صدي عيسويءَ ۾ قلمبند ڪئي هئي، معلوم ٿئي ٿو ته عيسائي ۽ بت پرست، ٻئي پنهنجن ديوتائن جي موت ۽ ٻيهر جنم جي اهڙي لڳندڙ تاريخن تي حيران هئا ۽ اهو ٻنهي مخالف مذهبن جي پوئلڳن ۾ اهيءَ ڳالهه تي سخت اختلاف هو. بت پرستن جي دعويٰ هئي ته مسيح جو ٻيهر جنم اتس جي ٻيهر جنم جو ڪوڙو نقل هو ۽ هوڏانهن وري عيسائي به اوتري جوش و خروش سان دعويٰ ڪندا هئا ته اتس جو ٻيهر جنم مسيح جي ٻيهر جنم جو هڪ شيطاني نقل هو. اهيءَ ناشائسته چون و چرا ۾ بت پرست هڪ اهڙو دليل پيش ڪندا هئا، جو سطحيءَ نظر واري مبصر کي مضبوط نظر ايندو هوندو، ته سندن ديوتا زياده قديم هو ۽ ان ڪري اهو لازمي طور اصلي ۽ نه نقلي هو، جو ته عام قاعدي مطابق اصل پنهنجي نقل کان زياده پراڻو هوندو آهي. عيسائي اهيءَ ڪمزور دليل کي آسانيءَ سان ٽالي ڇڏيندا هئا. درحقيقت، اهي تسليم ڪندا هئا ته وقت جي لحاظ کان سندن ديوتا، (مسيح) زياده جديد هو، پر ساڳئي وقت عيسائي فاتحانه انداز سان مسيح جي قدامت کي شيطان جي عياريءَ جي ٻهاني سان ثابت ڪندا هئا، جنهن اهڙي اهم موقعي تي پنهنجي معمول کان ٻاهر وڃي، فطرت جي دستوري تسلسل کي اُبتو ڪري ڇڏيو هو.

مجموعي طور، عيسائين ۽ بت پرستن جي تقريبن ۾ واقعي جا اشتراڪ ايتري قدر قريبي ۽ گهڻا آهن، جو انهن کي محض اتفاق نه ٿو سمجهي سگهجي. اهي ڪليسا جي انهيءَ ٺاهه ڏانهن اشارو ڪن ٿا، جو انهيءَ کي پنهنجيءَ ڪاميابيءَ جي گهڙيءَ ۾ پنهنجي مفتوح، حالانڪ اڃا به خطرناڪ رقيب سان، ٺاهه ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. قديم پادرين جي اڻ لچڪندڙ "احتجاجي اصولن" کي، جي بت پرستيءَ جي سخت مذمت ڪندا هئا، دور انديش ۽ چالاڪ پادرين جي لچڪندڙ نيتيءَ، آسان قوت

برداشت ۽ همدردي سخاوت سان تبديل ڪيو ويو هو. اهڙن پادرين صاف طرح ڏٺو ته، جڏهن عيسائيت کي عالمي فتح حاصل ڪرڻي آهي ته، پوءِ ان کي نجات ڏانهن ويندڙ تنگ دروازي کي ڪجهه قدر زياده وڪرو ڪري، ڪليسا جي باني جي حد کان زياده سخت اصولن کي ڪجهه حد تائين ڍلو ڪرڻو پوندو. ان باري ۾ ٻڌ ڌرم جي تاريخ مان هڪ سبق آموز هڪجهڙائي ڪڍي سگهجي ٿي. اهو ٻڌي نظام، پنهنجي اصليت ۾ اهي اخلاقي مدارا هئا، جي سندن ايڪ طبيعت ۽ شاهاڻن "باڻين" جي فراخدلانه جذبات، اعليٰ خواهشن ۽ نرم دليءَ مان پيدا ٿيا هئا، اهي ٻڌي باني اهي خوبصورت روح هئا، جي تمام ڏکين وقتن کان پوءِ روءِ زمين تي ايندا آهن ۽ ڪنهن بهتر دنيا کان آيل هستيون وانگر انسان جي ڪمزور ۽ خطاڪار فطرت کي تقويت ڏين ۽ انهن جي رهنمائي ڪرڻ لاءِ ايندا آهن. ٻڌي جيئن زندگيءَ جي اعليٰ ترين مقصد، انفرادي روح جي ابدي نجات کي حاصل ڪرڻ لاءِ، اخلاقي خوبيءَ کي ان جو ذريعو ظاهر ڪيو، حالانڪ هڪ عجيب تضاد سبب انهن مان هڪ جنهن الهيءَ نجات جي مڪمل خوشي بخشيندڙ ابد ۾، ۽ ٻئي ان جي دک درد مان آخرين ڇوٽڪاري ۽ نيستيءَ ۾ جستجو ڪئي. پر پاڪائيءَ جا اهي سخت گير اصول، جي انهن سچڪارين، سي نه فقط انسانذات جي ڪمزورين، پر ان جي فطرتي رجحانات جي ابتر بلڪل خلاف هئا، جو سندن خاص مريدن جي ٿوري تعداد کانسواءِ انهن جي عملي طور تعميل ڪرڻ تمام ڏکي هئي، جو انهن کي ديول جي تنهائيءَ ۾ رهي، دائمي طور پنهنجي خاندان ۽ رياست مان سڀ ناتا ٽوڙي، پنهنجي نجات لاءِ رات ڏينهن ڪشالا ڪڍڻا پوندا هئا. جڏهن اهي مذهب سڄين قومن يا سڄيءَ دنيا کان قبول ڪرائڻا هئا، ته ان صورت ۾ اهو ضروري هو ته انهن کي هيٺين طبقن وارن ماڻهن جي اڳوڻن راين، خواهشن ۽ وهمن سان ٺهڪائڻ لاءِ انهن ۾ ڪجهه حد تائين تبديليون

ڪيون ويون ۽ ڪي ترميمون آنديون ويون. تاهم توهم، جو اهو سلسلو ٻن صدين ۾ اهڙن ماڻهن طرفان قائم رکيو ويو، جي پنهنجن آقائن کان گهٽ درجي جي لطيف مواد مان ٺهيل هئڻ سبب، انهن ۽ "عام ڏڻ" جي درميان ثالث جي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ زياده موزون ۽ مناسب هئا. چنانچه، جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن تيئن انهن ٻنهي مذهبن، پنهنجي پنهنجي روزافزون هر دلعزيزيءَ جي تناسب سان، پاڻ ۾ اهڙي قسم جا اڻچ عناصر جذب ڪيا، جن کي دٻائڻ لاءِ ئي خود انهن جو بنياد وڌو ويو هو. اهڙن قسمن جون روحاني ٻستيون اڻ ٽر ۽ لازمي آهن. هيءَ دنيا پنهنجن عظيم شخصيتن جي معيار تي نه ٿي رهي سگهي. انهي جي باوجود، عيسائيت ۽ ٻڌ ڌرم جي پنهنجن اصولڪين صورتن کان بتدريج اختلاف ۽ علحدگيءَ کي انسان ذات جي عام طبقي جي دماغي ۽ اخلاقي ڪمزورين ڏانهن منسوب ڪرڻ، انهن سان بي انصافي ٿيندي. جيو ته، هيءَ ڳالهه فراموش نه ڪرڻ گهرجي ته ٻنهي مذهبن افلاس زده ۽ مجرد زندگيءَ گذارڻ جي تعريف ڪري، نه فقط شهري معاشري، پر خود انساني نقا جي سڌي سنئون بيخ ڪني ڪئي، پر انهيءَ حملي کي انسانذات جي وڏيءَ اڪثريت جي عقلمنديءَ، يا غلطيءَ ٽاري وڌو، جنهن انساني اسل کي ختم ڪرڻ جي قيمت تي پنهنجي روح جي نجات خريد ڪرڻ کان صف انڪار ڪيو.

باب اڻٽيهون

اوسيرس جي ڏند ڪٿا

قديم مصر ۾، جنهن ديوتا جي موت ۽ ٻيهر جنم کي هر سال ماتم ۽ خوشيءَ جي ذريعي، واري وٽيءَ سان ملهايو ويندو هو، سو اوسيرس هو، جو سڀني مصري ديوتائن منجهان زياده هردلعزيز ۽ مقبول هو، ۽ ان کي، سندس هڪ خصوصيت ۾، انڊولس ۽ اتيس سان فطرت جي سالياني وڏين تبديلين، خصوصاً اناج جي مظهر جي حيثيت ۾، گڏي رکڻ لاءِ ڪافي سڌا ثبوت موجود آهن. ۾ الهيءَ ديوتا کي متعدد صدين تائين جيڪا زبردست هردلعزيزي حاصل هئي، تنهن سندس پوڄارين کي ٻين گهڻن ديوتائن جي طاقتن ۽ خوبين جي وارث ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو، جنهنڪري ان جا اڌارا ورتل ڪنب لاهي، انهن کي پنهنجن پنهنجن اصلوڪن مالڪن کي واپس ڏيڻ، ڪنهن به وقت ممڪن ٿي نه ٿو سگهي.

اوسيرس جي سلسلہ وار ڳالهه، فقط پلوٽارچ ڪري ٿو، جنهن جي جديد دور ۾ ڪن يادگارن جي شهادت سان تصديق ٿي ٿي ۽ ڪنهن حد تائين ان باري ۾ وڌيڪ تفصيل به معلوم ٿيا آهن.

اوسيرس ديوتا ڌرتيءَ جي ديوتا، سيب (ڪيب يا گيب، جيئن ان جو ڪن وقتن تي هڪ زبان سان بيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويندو آهي) ۽ آسماني ديويءَ، "نوت" جي سازش جو نتيجو هو. يوناني ان جي والدين کي پنهنجن ديوتائن، ڪرونس ۽ ري سان شناخت ڪندا هئا. جڏهن سورج ديوتا، "را" ڏٺو ته، سندس زال، نوت، ساڻس بيوفائي ڪئي هئي، تڏهن هن بد دعا ڏيندي اعلان ڪيو ته شل سندس ٻار اهڙي ڪنهن وقت ڄمي، جڏهن نه ڪو مهينو

هجي، ته ڪو سال. ۽ ديوي* جو هڪ ٻيو عاشق هو، جنهن کي يوناني ”ٿوٿ“ يا ”هرمس“ ديوتا سڏيندا هئا ۽ ان چنڊ سان شطرنج کيڏندي، ڪالشن هر ڏينهن جو ٻاهتريون حصو رانڊ ۾ جيتي ورتو، انهن سڀني حصن کي پاڻ ۾ ملائي، هن انهن مان سچا سارا پنج ڏينهن ناهيا، انهن کي نئي ٿو سٺ ڏينهن جي مصري سال ۾ گڏي ڇڏيو. مصري باشندا سج ۽ چنڊ جي مختلف سالن ۾ هڪسانيت پيدا ڪرڻ لاءِ، هر سال جي آخر ۾ جيڪي پنج ڏينهن گڏيندا هئا، تن جو ذڪر ڪتابي بنياد اهو اهو آهي. انهن پنجن ڏينهن تي، جي ٻارهن مهينن جي سال کان جدا ليکيا ويندا هئا، سورج ديوتا جي بددعا ڪنهن کي به نه لڳي سگهندي آهي، ۽ اهڙي* طرح، اوسيرس انهن پنجن ڏينهن مان هڪ تي ڄائو. ان جي جنم وقت هڪ غيبي آواز اعلان ڪيو ته سڀني جو آقا ۽ مالڪ دنيا ۾ آيو آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته ٿيبس جي پامليس نالي هڪ شخص، ٿيبس واري مندر مان هڪ آواز ايندي ٻڌو، جنهن کيس هن اعلان ڪرڻ جو حڪم ڏنو ته هڪ عظيم بادشاه ۽ برڪتن وارو اوسيرس ڄائو آهي. ۽ اوسيرس پنهنجي ماءُ جو اڪيلو اولاد ڪونه هو. اضافي وارن پنجن ڏينهن جي ٻئي ڏينهن تي، سندس ماءُ هورس ڄڻيو، ٽئين ڏينهن تي سيٿ ديوتا، جنهن کي يوناني ٽائفون سڏيندا هئا، چوٿين ڏينهن تي (آئسس) ديوي* ۽ پنجين ڏينهن تي، نيفٿائيس ديوي* کي جنم ڏنو. بعد ۾ سيٿ ديوتا پنهنجي* ڀيڻ، نيفٿائيس ديوي* سان شادي ڪئي ۽ اوسيرس، پنهنجي* ٻي* ڀيڻ، آئسس ديوي* سان.

زمين تي حڪومت ڪندي، اوسيرس مصرين کي وحشي حالت مان ٻاهر ڪڍيو، کين قاعدا ۽ قانون ڏنا ۽ کين ديوتائن جي پوڄا ڪرڻ جو سبق ڏنو. هن جي زماني کان اڳ، مصري آدم خور هئا. ۽ آئسس ديوي*، جا اوسيرس ديوتا جي ڀيڻ ۽ زال هئي، تنهن ڪڻڪ ۽ جون کي جهنگلي حالت ۾ ايجاد ڪيو ۽ اوسيرس انهن اناجن جي پوک کي پنهنجن ماڻهن ۾ مروج ڪيو، جن هڪدم آدم خوري ترڪ ڪري، اناج جي کاڌي تي زندگي

گذارڻ کي پسند ڪيو. ازانسواءِ، جيئن وچين ٻڌو ته اوسيرس پهريون ديوتا هو، جنهن وڻن مان ڦل لاٿا، انگور جي ول کي لڪڙين تي چاڙهيو ۽ ڊاک کي لتاڙڻ جا هنر سيکاريا. پنهنجن انهن مفيد ايجادن کي سڄيءَ انسانيت کي منتقل ڪري ڏيڻ لاءِ، هن مصر جي سڄي حڪومت پنهنجي زال، آئسيس جي سپرد ڪري، پاڻ سڄيءَ دنيا جي سياحت اختيار ڪئي ۽ هو جتي به ويو، اتي تهذيب ۽ زراعت جون نعمتون ڦهلائيندو ويو. انهن ملڪن ۾، جتي ناموافق آب و هوا، يا بخيل زمين انگور جي ول جي پوک جي راهه ۾ مانع ٿيندي هئي، اتي هن ماڻهن کي شراب جي بدران جون مان ٻير ڪڍڻ جو سبق سيکاري، کين ڪجهه قدر تسلي بخشي. احسانمند قومن جي انعام و اڪرام سان ورجي، جن جي انهن مٿس بارش ڪئي هئي، هو واپس مصر آيو ۽ هن انسان ذات کي جيڪي نعمتون بخشيون هيون، تن جي عيوض هر ڪو سندس سلامتي ۽ کيس ديوتا ڪري پوڄيندو هو. پر سندس ڀاءُ ”سيت“ (جنهن کي يوناني ٽائفون سڏيندا هئا) ٻاهتر ٻين سان گڏجي ڀاءُ جي خلاف سازش ڪئي. پنهنجي ڀاءُ جي بدن جي لڳوڳي ماپ وٺي، بدطينت ڀاءُ، ٽائفون ڪفن جي هڪ صندوق ٺهرائي، ان کي ڏاڍو سينگاريو ۽ هڪ دفعي جڏهن سڀئي ڄڻا شراب پي خوب موج ۽ مزا ڪري رهيا هئا، تڏهن هو انهيءَ صندوق کي سڀني جي وچ ۾ کڻي آيو ۽ مذاق طور سڀني کي مخاطب ٿي وعدو ڪيائين ته هيءَ صندوق انهيءَ کي ڏيندس، جنهن کي سڀني کان زياده پوري ايندي. خير، سڀني ڄڻن واري وٽيءَ سان آزمايو ۽ آما ڪنهن کي به پوري ڪانه آئي. آخرڪار، اوسيرس ان ۾ هيٺ ليٽيو ۽ آرام سان سمهي پيو. انهيءَ تي سازشين ڊوڙي وڃي ڪفن جو ڍڪ بند ڪيو ۽ ان کي ميخون ٺوڪي، ۽ سندن ۾ پگهريل شيهو وڌائين، صندوق کي نيل درياهه جي موجن جي سپرد ڪيو. اهو واقعو اٿور مهيني جي سترهين ڏينهن تي ٿيو، جڏهن سج عقرب جي برج ۾ هوندو آهي. اوسيرس جي عمر ان

وقت اٺاويهه سال هئي، يا اهو سال سندس حڪومت جو اٺاويهون سال هو. جڏهن آئسس کي ان ڳالهه جي خبر پئي، تڏهن هن پنهنجن وارن مان هڪ زلف وڍي، ماتمي لباس پاتائين، ملڪان ملڪ رلندي، لاش جي تلاش ۾ سرگردان رهي.

عقل جي ديوتا جي مشوري تي، هن درياهه جي ڪنڌيءَ جي ڪانهن وارن ٻيلن ۾ وڃي پناهه ورتي. سندس ڦراريءَ وقت ستن وڇن ان جي همراهي ڪئي. هڪ شام جو، جڏهن هوءَ ٿڪجي، ماندي ٿي پئي، تڏهن هڪ عورت جي گهر آئي، جنهن وڇن جي نظاري کان ڊڄي، سندس منهن ۾ ڪٺي دروازو بند ڪري ڇڏيو. هڪ وڇونءَ دروازي هيٺان گهر ۾ گهڙي، ان عورت جي ٻار کي اهڙو زوردار ڏنگ هنيو، جو اهو مري ويو. پر، جڏهن آئسس ٻار جي ماءُ جا ورلاپ ٻڌا، تڏهن سندس دل پگهرجي پئي ۽ هن ٻار تي هٿ رکي، پنهنجا طاقتور منتر پڙهي ان کي ڦوڪيا، جنهنڪري ٻار مان زهر لهي ويو ۽ هو وري جيئرو ٿي پيو. ان کان پوءِ، آئسس پاڻ ٻيلن ۾ هڪ پٽ ڄڻيو. اهوئي ٻار جو حمل کيس ان وقت ٿيو هو، جڏهن هوءَ هڪ باز جي صورت ۾ پنهنجي مڙس جي لاش مٿان ورلاپ ڪري رهي هئي. اهو ٻار هورس ٿالي هو، جنهن کي يوناني ۾ هارپوڪريٽس سڏيو ويندو هو، جنهن جي معنيٰ "ٻار هورس" هئي. ان کي شمال جي ديوي، ٻوٽو سندس ظالم چاچي، سيٽ جي غضب کان ڪٿي لڪايو. ان جي باوجود، هوءَ کيس هر قسم جي ضرر کان محفوظ نه رکي سگهي، ڇو ته، هڪ ڏينهن جڏهن آئسس پنهنجي پٽ جي جاءِ پناهه ڏانهن آئي، تڏهن ڇا ڏسي، ته سندس پٽ، مرده حالت ۾ ڊگهو ٿيو زمين تي بيحس و حرڪت پيو هو. هڪ وڇونءَ کيس ڏنگي وڌو هو. ان کان پوءِ، آئسس سورج ديوتا، را، کي مدد لاءِ پڪاريو. ديوتا سندس دانهن ٻڌي ۽ پنهنجيءَ ٻيڙيءَ کي آسمان ۾ بيهاري، ٿوٿ کي هيٺ موڪليو ته اهو کيس اهڙو منتر سيکاري، جنهن جي ذريعي هوءَ پنهنجي پٽ کي دوباره زنده ڪري سگهي. پوءِ هن

اهي طاقتور الفاظ پڙهيا ته هڪدم زهر هورس جي بدن مان وهي ويو ۽ ان ۾ هوا داخل ٿي ويئي ۽ هو جيئرو ٿي پيو. ان کان پوءِ ٿوٿ وري آسمان تي چڙهي ويو ۽ هڪ دفعو پيهر سورج جي ڪشتيءَ ۾ پنهنجيءَ جاءِ تي وڃي ويٺو، جنهن کان پوءِ اهو روشن جلوو خوشيءَ ڪندو اڳتي وڌي ويو.

ان وچ ۾ ڪفن واري صندوق، اوسيرس جي لاش سميت درياه جي وهڪري مان لڙهندي سمنڊ ۾ وڃي لڳي، تاڃو اها وهندي، وهندي شام جي ساحل تي بائبلس وٽ وڃي پهتي. اتي پهچڻ شرط، صندوق جي چوڌاري هڪ شاندار ”ايريڪا“ وڻ اڀري آيو، جنهن صندوق کي پنهنجي ٿڙ اندر سمائي ڇڏيو. ملڪ جو حاڪم ان وڻ جي ٿڙ کي پسند ڪري، ان کي وڍائي، منجهانئس پنهنجي گهر جو شهتير تيار ڪرايو، پر کيس اها خبر ڪانه هئي ته اوسيرس جي لاش سان گڏ ان جي ڪفن واري صندوق ٿنڀي ۾ بند هئي. اها ڳالهه آئسس وٽ پهتي ته هن هڪدم بائبلس جو سفر اختيار ڪيو ۽ اتي پهچڻ پڄاڻان، غريبن جهڙا ڪپڙا پائي هڪ کوهه جي پاسي ۾ ويهي روئندي رهي. هن ڪنهن سان به ڪوبه ٿي ڳالهايو، تانجو بادشاهه جون ڪنيزون وٽس آيون، جن جي هن خوشيءَ سان آجيان ڪئي، سندن چوٽيون ڪيون ۽ پنهنجي ديوتائي جسم منجهان انهن تي هڪ عجيب قسم جي خوشبوءِ ڇوڪاري. پر جڏهن رانيءَ پنهنجين خدمتگارڻين جون چوٽيون ڏٺيون ۽ اها خوشبوءِ سنگهي، جا سندن جسمن مان اڪري رهي هئي، تڏهن ان اجنبي عورت کي پاڻ وٽ گهرايائين ۽ کيس پنهنجي ٻار جي دائي ڪري رکيائين. پر آئسس ان ٻار کي پنهنجي ڇاتي ڏيڻ بدران، آڱر ڏيئي لاهه ڏئي ۽ رات جو هن سندس وجود مان هر فاني شيءِ ساڙڻ شروع ڪئي، ۽ پاڻ هڪ ڳجهي جي صورت ۾ انهيءَ ٿنڀي جي چوڌاري لامارا ڏيئي ۽ ماتم سرائي ڪرڻ لڳي، جنهن ۾ سندس پيءُ جو لاش پيل هو. پر رانيءَ ڏسي ورتو ته هوءَ ڇا ڪري رهي هئي ۽ جڏهن پنهنجي ٻار کي شعلن ۾ سڙندو ڏٺائين ۽

تڏهن ولي ڌاڙهوءَ ۽ ڪوڪون شروع ڪيائين ۽ اهڙيءَ طرح هن کي لالائي ڏئي ڪان روڪي وڌائين. اوءَ ته، ديويءَ پاڻ کي ظاهر ڪيو ۽ هن کي شهتير ڏيڻ لاءِ منٿ ڪئي، ڪيس اهو شهتير ڏنو ويو، جنهن کي چيري، هن ان مان صندوق ٻاهر ڪڍي ۽ ان جي مٿان ڪري، ان کي ڀاڪر پائي، ايتري زور سان روڄ ۽ راڙو شروع ڪيو، جو بادشاه جو سيني ڪان ننڍو ٻار ڊپ وچان اتي جو اتي مري ويو. آئسس وڻ جي ٿڙ کي سڳنڌون ٻهون ويڙهي، انهن مٿان خوشبودار تيل هاريو ۽ ان کي بادشاه ۽ راڻيءَ جي سپرد ڪيو، اهو ٿنڀ آئسس جي مندر ۾ اڃا آهي ۽ اڄ تائين ٻائيلس جا ماڻهو ان جي پوڄا ڪندا آهن. ڪفن واريءَ صندوق کي هن هڪ ٻيڙيءَ ۾ وڌو ۽ بادشاه جي سيني ڪان وڏي ٻار کي پاڻ سان وٺي، ٻيڙي هاڪاري هلي وئي. جڏهن اهي اڪيلا ٿيا، تڏهن هن اها صندوق کولي ۽ پنهنجي پياءُ جي منهن مٿان پنهنجو منهن رکي ان کي چمون ڏيئي روئڻ لڳي. ۽ بادشاه جو پٽ آهستي آهستي اچي سندس پٺيان بيٺو ۽ هوءَ جيڪي ڪجهه، ڪري رهي هئي، سو ڏسي ورتائين، جنهن تي ديويءَ ڪنڌ ڦيرائي هن کي اهڙي ته غيض ۽ غضب وارين نظرن سان ڏٺو، جو ٻار برداشت ڪونه ڪري سگهيو ۽ مري ويو. ۽ ڪن جو چوڻ آهي ته انهن ڪونه هو، هو سمنڊ ۾ ڪري پيو ۽ ٻڏي ويو. اهو ڇوڪرو ئي آهي، جنهن جون مصري پاشندا ماڻهوس جي نالي سان محفلن ۾ ٺاريون ۾ نعتون ڳائيندا آهن.

۽ آئسس لاش واري صندوق هڪ هنڌ رکي، پنهنجي پٽ کي ڏسڻ لاءِ ٻوٽو ديويءَ جي شهر وئي ۽ هوڏانهن ٽائفون، هڪ رات چوڏهينءَ جي چنڊ جي روشنائيءَ ۾ جهنگلي سوئر جو شڪار ڪيڏيندي، ان صندوق کي ڏسي ورتو. هن لاش کي شناخت ڪيو ۽ ان کي چوڏهن ٽڪر ڪري هيڏانهن هوڏانهن ٽڪڙي ڇڏيو. ۽ آئسس "پيپائرس" جي ڪاٺيءَ مان ٺهيل هڪ ننڍي ٻيڙيءَ ۾

ٻرندي لاش جي ٽڪرن کي ڳوليندي رهي، اهو ئي سبب آهي جو، جڏهن ماڻهو "پيانرس" مان ٺهيل ٻيڙين ۾ سفر ڪندا آهن، اُڏهن واڳون سندن قريب ڪونه ايندا آهن، جو ته اهي ديويءَ کان ڊڄندا، يا سندس احترام ڪندا آهن. اهوئي سبب آهي، جو مصر ۾ اوسيرس جون ايڏيون ساريون قبرون آهن، جو ته هن کي جتي جتي لاش جو ٽڪر ملندو رهيو، تتي تتي هوءَ ان کي دفن ڪندي وئي. ٻر ڪن ٻين جو چوڻ آهي ته هن هرهڪ شهر ۾ هن خيال کان سندس مجسمو دفن ڪيو هو ته جيئن اهو خود اوسيرس هو، ته جيئن اوسيرس جي ڪوڙن هنڌن تي اوچا ٿئي، جيڪڏهن ٽائفون اوسيرس جي اصلي لاش جي تلاش ڪري، ته هو ان جستجو ۾ ناڪامياب ٿئي. بهرحال، اوسيرس جو آلہ تناسل مڇيون کائي ويٺيون هيون، جنهنڪري آئسس ان عضوي جو هڪ نمونو تيار ڪرايو. آلہ تناسل جي اهڙي نموني کي مصري باشندا اڄ تائين پنهنجين محفلن ۾ استعمال ڪندا آهن. ڊيوڊورس سائڪولس نالي هڪ تواريخ نويس لکي ٿو ته "آئسس کي آلہ تناسل کان سواءِ جسم جا ٻيا سڀ عضوا مليا هئا. چاڪاڻ ته سندس مرضي هئي ته سندس مڙس جي قبر غير معروف رهي، ۽ جيڪي ۽ ماڻهو مصر ۾ رهن، سي سڀ ان جو احترام ڪن، ان ڪري هن هيٺين ترڪيب اختيار ڪئي. هن اوسيرس جي جسم جي هرهڪ عضوي جي جوڙاري سان ۽ مصالحن مان انساني عضون جا نمونا تيار ڪيا، جن جو قد و قامت اوسيرس سان ملندڙ هو. ان کان پوءِ، هن سيني پادرين کي سندن خاندان مطابق پاڻ وٽ ڪوٺايو ۽ انهن سڀني کان حلف ورتو ته هوءَ جيڪو راز کين ٻڌائڻ واري هئي، سو اهي ڪنهن به ٻئي بشر اڳيان ظاهر نه ڪندا. سو هن ائين ڪيو، جو انهن مان هرهڪ کي خانگي طرح چيائين ته هن فقط کيس ئي لاش جي دفن ڪرڻ جو ڪم سونپيو آهي ۽ هن کين انهن احسانن جي يادگيري ڏياري، جي کين ان کان اڳ ملي چڪيون هيون. هن کين لاش کي پنهنجي ملڪ ۾ دفن ڪرڻ ۽ ان جي ديوتا طور تعظيم ۽

تڪريم ڪرڻ لاءِ چيو. هن کيس اها به منٿ ڪئي ته هو پنهنجي ملڪ جي هڪ جانور کي، خواه اهو ڪهڙو به هجي، ارپڻ ڪري، ان جي جيتري ڪِس اهڙي عزت ڏين، جهڙي اهي اوسيرس کي ڏئي ٿي ۽ جڏهن اهو جانور مري، تڏهن ان جو اوسيرس وانگر ڪريا ڪرم ڪن. ۽ چاڪاڻ ته هن پوڄارين کي، سندن ڀلائيءَ خاطر مٿين اعزازن ڏيڻ لاءِ هٿايو، ان ڪري هن کين زمين جو ٽيون حصو ديوتائن جي خدمت ۽ پوڄا لاءِ استعمال ڪرڻ واسطي ڏيئي ڇڏيو. چنانچه، چيو وڃي ٿو ته پادرين اوسيرس جون نعمتون ياد ڪندي، راڻيءَ کي راضي ڪرڻ لاءِ ۽ آئينده جي فائدي جو خيال رکندي، آئسس جي سيني حڪمن جي تعميل ڪئي. ان ڪري، اڄ ڏينهن تائين پوڄارين مان هرهڪ اهو ٿي سمجهندو آهي ته اوسيرس سندس ئي ملڪ ۾ دفن آهي ۽ جن جانورن کي ابتدا ۾ ديوتا جي نالي ۾ مقدس ڪيو ويو هو، تن کي اڄ تائين عزت ڏني ويندي آهي ۽ جڏهن اهي جانور مرندا آهن، تڏهن پوڄاري انهن جي دفن ڪرڻ وقت اوسيرس لاءِ نئين سر ماتم ڪندا آهن. پر اوسيرس جي نالي ۾ ڏڳا مقدس ڪيا ويا هئا، جن مان هڪ کي "اپيز" ۽ ٻئي کي "منيوز" سڏيو ويندو هو ۽ اهو طئي ڪيو ويو هو ته انهن کي سڀئي مصري باشندا عام طرح پوڄين، ڇو ته ٻين سڀني جانورن کان زياده، انهن ئي اناج جي موجدن کي ٻج پوکڻ ۽ زراعت جي عام نعمتن کي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏني هئي."

اها آهي اوسيرس جي ڏند ڪٿا يا ان جي روايت، جيئن يونانين مصنفن ٻڌائي آهي، يا جيئن مقامي مصري ادب ۾ جاڻايل ٽڪرن يا گهڻن جزوي اطلاعن يا حوالن مان معلوم ٿي سگهي آهي. ڊين ڊيره واري مندر ۾ هڪ طويل تحرير ۾ ديوتا جي انگن جي فهرست محفوظ ٿيل آهي ۽ ڪن ٻين ڪتابن ۾ سندس جسم جي انهن حصن جو ذڪر ڪيل آهي، جن کي هرهڪ آستاني ۾ مقدس يادگارن طور احتياط سان رکيو ويو آهي. چنانچه، سندس دل

اٿريبيز ۾ هئي، ته سندس ڪرنگهو بسيرز ۾، سندس ڳردن ليٽوپوليز ۾، ته مٿو ميمفس ۾. جيئن اهڙين حالتن ۾ گهڻو ڪري ٿيندو آهي، تيئن هن حالت ۾ به سندس ديوتائي عضون مان هرهڪ جو تعداد ڪراماتي نموني سان وڌندو ويو. سندس مٿو مثال طور، ابائيڊوز ۾ به هيو، ته ساڳئي وقت ميمفس ۾ به؛ سندس ٽنگون، جن جو تعداد عجيب طرح سان تمام گهڻو هو، سي به متعدد رواجي ۽ فاني انسانن لاءِ ڪافي هيون. ان باري ۾، بهرحال، اوسيرس جي سينٽ ڊينيز جي مقابلي ۾ ڪا به وقعت ڪانه هئي، جنهن جا ست مٿا موجود آهن، جي پنهنجي جاءِ تي سڀئي بلڪل سچا آهن.

مقامي مصري بيان مطابق، جي پلوٽارڪ جي بيان ۾ اضافو آڻن ٿا، جڏهن آئسس پنهنجي مڙس، اوسيرس جو لاش لڌو، تڏهن هوءَ ۽ سندس ڀيڻ نيفٿائيز، ان جي ڀرسان اهڙو ته ورلاپ ڪرڻ ويٺيون جو، بعد جي زماني ۾، اهو مڙدن لاءِ هر قسم جي مصري شاعري جو هڪ نمونو ٿي پيو. "منهنجي گهر اچ"، هنن روئندي رڙندي چيو، "منهنجي گهر اچ. اي مٿان وارا ديوتا! منهنجي گهر اچ، جو توکي ڪي به دشمن ڪينهن، اي خوبصورت جوان، منهنجي گهر اچ، ته جيئن مون کي ڏسي سگهين. آءٌ تنهنجي ڀيڻ آهيان، جنهن کي تون پيار ڪرين ٿو، تون مون کان جدا نه ٿيندين. اي خوبصورت ڇوڪرا، تون منهنجي گهر اچ... آءٌ توکي نه ٿي ڏسان. ان جي باوجود منهنجي دل تنهنجي لاءِ سڪي ٿي. ۽ منهنجا نيڻ تنهنجو انتظار ٿا ڪن. ان ڏانهن اچ، جيڪا توسان محبت ڪري ٿي، جيڪا توکي پيار ڪري ٿي، اي آنيفر، تون، جنهن جي مٿان رحمت نازل آهي! پنهنجيءَ ڀيڻ ڏانهن اچ، پنهنجيءَ زال ڏانهن، تون، جنهن جي دل بيٺل آهي پنهنجي زال ڏانهن اچ. پنهنجيءَ گهر ڌياڻيءَ ڏانهن اچ. آءٌ ساڳيءَ ماءُ منجهان تنهنجي ڀيڻ آهيان. تون مون کان گهڻو دور نه هوندين. ديوتائن ۽ انسانن پنهنجا منهن تو ڏانهن ڦيرايا آهن ۽ تو لاءِ گڏجي روئن ٿا. آءٌ تنهنجي لاءِ هڪ ئي وقت پڪاران ۽ روئان ٿي... آءٌ تنهنجي پيار سڏ ڪريان

ٿي ۽ روئان رڙان ٿي، ته جيئن منهنجي فرياد عرش ۾ پڌي وڃي، ۽ تون منهنجو آواز ٻڌو سگهين، ان جي باوجود، آءٌ تنهنجي اهائي پڻ آهيان، جنهن سان تون زمين تي محبت ڪندو هئين، تون ته مون کان سواءِ ٻي ڪنهن سان به محبت نه ڪندو هئين، منهنجا ادا! منهنجا پيارا! اِلهي خوبصورت نوجوان لاءِ، جنهن جي جواني اڃا اڄ ۾ وڃي ويئي، اها آه و بڪا، اسان کي اڊونس لاءِ روح راڙي جي ياد تازي ڪرائي ٿي. مثل "انفر" يا "ايڪ انسان"، جو جيڪو لقب اُن هو، تنهن مان الهه لوازمن جو نشان ملي ٿو، جيڪي اوسيرس سان هرهنڌ وابسته ڪيون وينديون هيون، سندس لقبن منجهان اهو هڪ عام لقب هو ۽ بادشاه جي حيثيت ۾ جيڪي ڪيس مختلف نالا مليل هئا، تن مان اهو هڪ هيو.

الهن پنهنجي ڀيڻن جي واويلا پڪار ڪان ويئي. الهن جي غم و اندوه تي رحم کائي، سورج ديوتا، 'را' آسمان منجهان گدڙ-منهن ديوتا، انوبس کي هيٺ زمين تي موڪليو، جنهن آئسس ۽ نفٿائيس، ٿوٿ ۽ هورس جي مدد سان مقتول ديوتا جي ٽڪرن ٽڪرن عضون کي هڪ ٻئي سان ملائي گڏ ڪيو، ان کي ڪپڙي جي پٽين سان ويڙهيو ۽ ان مٿان سڀ اهي ساڳيون رسمون ڪيون، جيڪي مصري باشندا پنهنجن مڙدن مٿان رواجي طرح ادا ڪندا هئا. پوءِ آئسس پنهنجن پرن سان سرد مٽيءَ کي هوا ڏني، اوسيرس هوش ۾ آيو ۽ ان کان پوءِ ٻئي جهان ۾ مئلن مٿان بادشاه جي حيثيت ۾ حڪومت ڪندو رهيو. اتي کيس اهڙا لقب ڏنا ويا، جهڙوڪ "عالم زيرين جو آقا"، "ابد جو مالڪ"، "اهل ممات جو حاڪم". اتي ان، "ٻن سچن" جي "وڏي ايوان" ۾ هو ٻائيتاليهن مشيرن جي مدد سان، جي مصر جي هرهڪ مکيه شهر مان هڪ جي حساب سان هوندا هئا، اهل ممات جي روحن جي مقدمي ۾ منصف جي حيثيت ۾ صدارت ڪندو هو، جي سندس روبرو سنجيدگيءَ سان اقرار ڪندا هئا ۽ جڏهن سندن دلين جو انصاف جي تارازيءَ ۾ وزن ٿي ويندو هو، تڏهن کين ابدي

زندگيءَ ۾ ليکي جي جزا ملندي هئي يا ڪين سندن گناهن جي پاداش ۾ موزون سزا ڏني ويندي هئي.

اوسيرس جي دوباره زنده ٿيڻ ۾ مصرين پنهنجي لاءِ ابد جي ارانءَ ڪنديءَ طرف ابدي زندگيءَ جو وعدو ڏٺو. سندن اعتقاد هو ته ٻيءَ دنيا ۾ هر هڪ ماڻهو ابدي زندگي ماڻيندو، بشرطيڪ سندس دوست ان جي لاش لاءِ اهو ڪجهه ڪن، جيڪي ديوتائن اوسيرس جي مرده جسم لاءِ ڪيو هو. چنانچه، مرده لاشن مٿان مصري پاشندا جيڪي ساٽ سوڻ ڪندا هئا، سي آهن ساڳين چوڻن اٺن هوندا هئا، جي انيوبس، هورس ۽ ٻين گڏجي مرده ديوتا جي لاش مٿان پورا ڪيا هئا. "هر هڪ لاش کي دفن ڪرڻ وقت ديوتائي راز جي اهيءَ اموني جو سالک رچايو ويندو هو، جو قديم دور ۾ اوسيرس جي لاش مٿان رچايو ويو هو، جڏهن سندس پٽ، سندس ڀينرون ۽ سندس دوست ان جي چوڌاري لاش جي چوگرد جمع هئا ۽ اهي پنهنجن منترن ۽ ناه ٿوهه وسيلي مئل ديوتا جي ڀڳل ٽٽل جسم کي ٻهراڻءَ "مميءَ" ۾ تبديل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا هئا ۽ جنهن کي انهن، بعد ۾ وري جاندار بڻايو هو ۽ قبر کان هڪ پار الهڪ هڪ ٿيڻ انفرادي زندگيءَ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ کيس ضروري وسيلا مهيا ڪري ڏنا هئا. مرحوم جي "مميءَ" خود اوسيرس هو، پيش ور ماتمي عورتون سندس ڀينر، آئسس ۽ نفٿائيس هيون ۽ انيوبس ۽ هورس، اوسيرس جي ڏاڍ ڪتا وارا آهي ديوتائون هئا، جي لاش جي ارد گرد جمع هئا." اهيءَ طرح هر هڪ مصريءَ کي اوسيرس سان شناخت ڪيو ويندو هو ۽ اُن کي اوسيرس جو نالو ڏنو ويندو هو. "وچينءَ پادشاهيءَ" کان وٺي اڳتي، هر هڪ مئل ماڻهوءَ کي "اوسيرس فلاڻو يا فلاڻو" ڪري مخاطب ڪرڻ جو عام جام رواج ٿي ويو هو. ان سان گڏ هن جي دائمي خواهش يعني "قول جو سچو" به مڙدي جي نالي سان ڳنڍي ويندي هئي، جو ته قول جي سچائي اوسيرس جي هڪ خصوصيت هئي. نيل درياه جي واديءَ ۾ جيڪي هزارين اڪريل ۽ چٽيل قبرون کوليون ويئون آهن، تن مان ثابت ٿئي ٿو ته ٿيبس جي جڳهه

وٽن جي رسم هر هڪ مثل مصريءَ جي فائدي خاطر ادا ڪئي ويندي هئي، جهڙيءَ طرح اوسيرس مري ويو هو ۽ موٽي منجهان وري زنده ٿي اٿيو هو، اهڙيءَ طرح سڀئي ماڻهو موت مان بيدار ٿي هڪ نئين ۽ ابدي زندگيءَ ۾ داخل ٿيڻ جي اميد رکندا هئا.

چنانچه، مقامي عام روايت مطابق، اوسيرس مصر جو هڪ نيڪ ۽ هردلعزيز بادشاهه هو، جنهن کي قتل ڪري ماريو ويو هو، ۽ جو، موٽي جي وچان دوباره جنم وٺي اٿيو هو، جنهن کان پوءِ ان کي ديوتا جي حيثيت ۾ پوڄيو وڃڻ لڳو. انهيءَ روايت مطابق، مصور ۽ سنگ تراش هن کي هميشه انساني ۽ شاهاڻيءَ صورت ۾ هڪ مثل بادشاهه وانگر نمايان ڪندا هئا، جو هڪ "مميءَ" جي اندر ۾ ويڙهيل سيڙهيل هوندو هو، ۽ جنهن جي مٿي تي شاهي تاج پيل هوندو هو ۽ سندس هڪ هٿ ۾، جي ٻئي اندر کان ٻاهر آيا جڏيل هوندا هئا، شاهي اقتدار جو ڏنڊو پڪڙيل هوندو هو. ٻين سڀني شهرن کان زياده، ٻه شهر خاص طور، ان جي ڏاند ڪتا، يا يادگيريءَ سان وابسته هوندا هئا. انهن منجهان هڪ زيرين مصر ۾، بوسيرز نالي هڪ شهر هو، جنهن لاءِ اها دعوا ڪئي ويندي هئي ته، ان ۾ اوسيرس جو ڪرنگهو دفن ٿيل هو، ٻيو بالائي مصر ۾، ابائيڊوز نالي هڪ شهر هو، جو هن ڳالهه ۾ فخر محسوس ڪندو هو ته ان ۾ ديوتا جي سسي دفن ٿيل هئي. انهيءَ مثل، حالانڪ زنده ديوتا جي نور جي دائري ۾ گهيريل، ابائيڊوز شهر، جو اوائل ۾ هڪ غيرمعروف شهر هو، "قديم بادشاهيءَ" جي خاتمي کان وٺي مصر جو سڀني کان زياده مقدس مقام ٿي ويو، معلوم ٿئي ٿو ته ديوتا جي انهيءَ شهر واري قبر مصرين لاءِ اهڙي ئي مقدس هئي، جهڙي يروشلم جي مقدس قبرستان واري ڪليسا عيسائين جي نظرن ۾ پاڪ آهي. هر هڪ ديندار ۽ نيڪ ماڻهوءَ جي اها ئي آرزو هوندي هئي ته سندس لاش عظيم الشان اوسيرس ديوتا جي قبر جي پر واريءَ مٽيءَ ۾ دفن ٿئي. درحقيقت، ڪي ٿورا ئي ماڻهو ايترقدر دولتمند هئا،

جو آهي ته اِن انداز رعايت مان ڪو فائدو حاصل ڪري سگهن، جو ته آهي ته مقدس شهر ۽ قبر جي خرچ کان علاوه، صندوقن ۾ بند ٿيل ۽ مصالحن ۾ محفوظ ٿيل لاشن کي ڏکين مفاصلن تان فقط مقدس شهر تائين پهچائڻ ۾ نهايت دشواري ۽ تمام گهڻي خرچ جو ڪم هو. انهي جي باوجود، اڪثر ماڻهو آهي ته مقدس مقبره مان نڪرندڙ رحمت واري اثر کي موت کان پوءِ جذب ڪرڻ لاءِ ايتري قدر ته منتظر هوندا هئا، جو اهي پنهنجن جيئرن دوستن کي وصيت ڪندا هئا ته سندن خاڪي پنجري کي ابائيڊوز ڏانهن اماڻي وڃي جتي، ڪجهه وقت ترسڻ بعد، سندن لاش کي درياه رستي واپس سندن وطن پهچايو وڃي ۽ اتي ڪين انهن قبرن ۾ دفن ڪيو وڃي، جي سندن اباڻي وطن ۾ انهن لاءِ تيار ڪيون ويئون هيون. پيا وري، پنهنجي مئل ۽ دوباره زنده ٿيل آقا جي قبر ڀرسان پنهنجون خالي قبرون ٺهرائي ڇڏيندا هئا، يا وري پنهنجي لاءِ يادگار تختيون هڻائي ڇڏيندا هئا ته جيئن ان مان گڏ خوشي واري لئون جنم جي رحمت ۽ سلامتي شريڪ ٿين.

باب اٺيتاليهون

اوسيرس جا سڳن ساٿ

١- عوامي رسمون: ڪنهن به ديويءَ يا ديوتا جي متعلق مفيد سراغ عام طرح سان انهيءَ موسم مان ملندو آهي، جنهن ۾ ان جي تقريب ملهائي ويندي آهي. چنانچه، جيڪڏهن ڪا تقريب چوڏهينءَ جي چنڊ يا ٻارهين تاريخ تي ايندي آهي، ته پوءِ ان صورت ۾ هيءَ تمام يقيني امر هوندو آهي ته جنهن ديوتا کي انهيءَ تقريب ذريعي اها عزت بخشي ويئي ٿي سو، يا ته خود چنڊ آهي، يا وري اهو ڪنهن نه ڪنهن طرح چنڊ سان وابسته آهي. جيڪڏهن ڪو ميلو اونهاري جي وڏي ڏينهن يا سياري جي ننڍي کان ننڍي ڏينهن تي ايندو آهي، ته ان حالت ۾ اسين قدرتي طرح اهو نتيجو اخذ ڪندا آهيون ته اهو ديوتا، جنهن جي تالي ۾ ميلو ملهايو وڃي ٿو، سو خود سورج ديوتا آهي، يا بهرصورت، اهو انهيءَ روشن چراغ سان ڪنهن قريبي رشتي ۾ منسلڪ آهي؛ وري جيڪڏهن ڪا تقريب ٻج پوکڻ، يا لاباري جي وقت سان ٺهڪي ٿي، ته ان صورت ۾ اسين هن نتيجي ڪڍڻ لاءِ آماده ٿيون ٿا ته اهو ديوتا يا ديوي ڌرتيءَ يا اناج جي شخصيت جو مظهر آهي. اهي الومان يا نتيجا، ٻنهي سر ڪنهن به صورت ۾ يقيني نوعيت جا ڪونهن، پر جيڪڏهن انهن جي ڪن ٻين اشارن مان خاطري ٿئي ٿي، ته ان صورت ۾ انهن شهادتن يا ثابتين کي ڪافي حد تائين مضبوط سمجهڻ گهرجي.

بدقسمتيءَ سان مصري ديوتائن سان وهنوار رکندي، اسين انهيءَ سراغ مان ڪم وٺڻ کان گهڻي حد تائين قاصر آهيون،

ان جو سبب اهو آهي ته مصري تقويم جون تاريخون ڪي هميشه نامعلوم آهن، ٻه ان ڪري جو اهي سال ٻسال ڦرنديون رهنديون هيون، تانجو ڪجهه وقت کان پوءِ اهي موسمن جي سڄي چڪر مان ڦري اينديون هيون. مصري تقويم جي انهيءَ آهستي ڦرڻ چڪر جو سبب اهڙي ڪئلينڊر واري سال جو استعمال هو جو، نه ته سج واري سال مان پوريءَ طرح ٺهڪندو هو ۽ نه وري ان ۾ ڪنهن ڏينهن جو وقت ٻوات اضافو ڪري، ڪا درستي ڪئي ويندي هئي.

قديم زماني جي مصري ڪڙميءَ کي جيڪڏهن، سواءِ ڪن نادر موقعن جي، سرڪاري يا مذهبي ڪئلينڊر مان ڪا مدد ڪانه ملندي هئي، ته ان حالت ۾ هن کي انهن قدرتي اشارن کي بذات خود جاچڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پوندو هوندو، جي زراعت جي مختلف ڪمن جي وقتن لاءِ مقرر هوندا. جن دورن جي متعلق اسان وٽ ڪي به دستاويزي ثبوت موجود آهن، تن ۾ مصري باشندا هميشه زراعت پيشه ماڻهو ٿي گذريا آهن ۽ پنهنجي گذر اوقات لاءِ اناج جي وڌڻ ۽ ويجهڻ تي دارومدار رکندڙ هئا. اناج جا جيڪي قسم هو پوکيندا هئا، سي هئا، ڪڻڪ، جَوَ، ۽ شايد مڪئي (هولڪس سورغم، لنائيس) جنهن کي جديد دور جو مصري ڪڙمي "دورا" سڏي ٿو. اڄ وانگر ان وقت به، ڀوماچ سمنڊ جي سنهي ساحلي پٽي کان علاوه سڄو ملڪ ڏري ڪهٽ برسات کان محروم هو ۽ اهو پنهنجي اتريءَ ساريءَ آباديءَ لاءِ مڪمل طور نيل درياه جي طغيانيءَ جي مرهون منت هو. اهو درياه، مختلف بندن ۽ واهن جي هڪ وڏيءَ جار جي ذريعي پٽن ۾ ڦهليل هو ۽ سال ٻسال تازيءَ چيڪيءَ مٽيءَ کي، جا اُها خط استوا جي وڏن ڍنڍن ۽ ائبيسينيا جي جبلن مان گهلي ڪٽي ايندي هئي، هر طرف ڦهلائي پٽن جي مٽيءَ کي اوپتو ڪري ڇڏيندي هئي. چنانچه، درياه جي چاڙهه کي مقامي باشندن هميشه کان وڏي التهائي فڪرمنديءَ سان پئي جاچيو آهي، ڇو ته جيڪڏهن اها

ڪنهن خاص بلنديءَ تائين نہ ٿي پهچي، يا ان کان زياده مٿي چڙهي ٿي، تہ ٻنهي صورتن ۾ قحط ۽ فقدان ان جا لازمي نتيجا ٿين ٿا. درياه جو پاڻي جون مهيني جي اوائل ۾ چڙهڻ شروع ٿيندو آهي، ۽ جولاءِ جي پوئين حصي کان پوءِ اهو طاقتور سيلاب جي صورت اختيار نہ ڪندو آهي. سيپٽمبر جي آخر تائين طغياني پنهنجي انتهائي عروج تي پهتل هوندي آهي. سڄو ملڪ هيٺ پاڻيءَ جي هيٺان اچي ويندو آهي ۽ سڄي پاڻيءَ جي اٿاهه سمنڊ جو نظارو پيش ڪندو آهي، جنهن جي وچ مان مٿاهين پٽن تي اڏيل شهر ۽ ڳوٺ جزيره وانگر منهن مٿي ڪيو بيٺا هوندا آهن. اٽڪل هڪ مهيني تائين سيلاب هڪ هنڌ بيٺل معلوم ٿيندو آهي، جنهن کان پوءِ ڏينهون ڏينهن زياده تيزيءَ سان هيٺ لهندو ويندو آهي، تانجو ڊسمبر جي آخر يا جنوريءَ ڌاري درياه پنهنجي اصلوڪي پيٽ ۾ واپس هليو ويندو آهي. اونهاري جي ارب اچڻ تي، پاڻيءَ جي سطح هيٺ ڪرندي رهندي آهي. جون جي اوائلي حصي ۾ نيل درياه گهٽ ٿيندو، پنهنجي اصلوڪي ۽ رواجي ويڪرائيءَ جي اڌ حصي تي وڃي پهچندو آهي، ۽ مصر، سج جي تمازت کان سڙندي ۽ گرم هوائن جي زوردار جهولن ۾ اچندي، جي گهڻن ڏينهن کان وٺي صحرا جي رڻ پٽ مان ايندا رهندا آهن، رڻ پٽ جي سلسلي جو محض هڪ حصو معلوم ٿيندي آهي. وڻ ناسي رنگ جي مٽيءَ جي ڍڳهن تهن ۾ منجهيا پيا هوندا آهن، ڳوٺن جي ترت ويجهڙائيءَ ۾ نباتات جا محض چند ٽڪرا، جن کي تمام گهڻي دشواريءَ سان پاڻي ڏنو ويندو آهي، پنهنجي بقا لاءِ ڏاڍيءَ تڪليف سان جدوجهد ڪندا رهندا آهن. واهن جي پرسان ۽ اهڙين ڪنڌن ۾ جن جي لمي پاڪ ٿي، مڪمل طرح نہ اڏامي ويئي هوندي آهي، تن ۾ ساوڪ جو ٿورو گهڻو ڏيک باقي بچيل هوندو آهي. ساوڪ کان خالي، ڏوڙ ۽ ڌوڙ ڌوڙيل، رک جهڙي رنگ واري، چوڌاري ۽ حد نگاه تائين ڦهلي جي چار سان ڦهليل ميدان، سج جي اڻ رحم تمازت ۾ سهڪندو نظر ايندو آهي، اپريل

جي اڌ کان وٺي، جون جي وچ تائين مصر جي سرزمين لمر زاده ۽ لٽين جواني حاصل ڪيل نيل درياه جي انتظار ۾ هوندي آهي.

بيشمار زمانن کان وٺي، قدرتي واقعات جي انهيءَ چڪر تي مصري مزارعين جي ساليانيءَ مشقت جو مدار رهندو آيو آهي. زراعتي سال جو ورهاڱو انهن ٻن جي ڪاٽيءَ جو هوندو آهي، جن هن وقت تائين سيلاب زده درياه کي واهن ۽ بندن ۾ بوڌ ڪرڻ کان روڪيو آهي. انهيءَ ڪارروائيءَ کان پوءِ، درياه جي بند ٽوڙڻ واريءَ کي آگسٽ جي پڇاڙيءَ اڌ ۾ سندس مفيد مهم لاءِ آزاد ڪيو ويندو آهي. نومبر ۾، جڏهن سيلاب جو پاڻي هيٺ لهي ويندو آهي، تڏهن ڪڻڪ، جَوَ ۽ "سورغم" پوکيا ويندا آهن. لاباري جو وقت هر ضلعي لاءِ مختلف هوندو آهي ۽ شمال ۾ آهو جنوب کان هڪ مهينو اڳ ڪيو ويندو آهي. بالائي يا جنوبي مصر ۾ جَوَن جو لابارو مارچ، ۽ ڪڻڪ جو اپريل جي ابتدا ۾ ڪيو ويندو آهي ۽ "سورغم" جو لابارو سانئي مهيني جي آخر ۾ لنيو ويندو آهي.

هيءُ قياس ڪرڻ ۾ هڪ فطرتي امر آهي ته مصر جو ڪڙمي زرعي سال جي مختلف واقعن کي ڪن سادين مذهبي رسمن سان ملهائيندو هو، جن جو مقصد سندس محنتن لاءِ ديوتائن جي دعائن حاصل ڪرڻ جو هو. هو انهن دهقاني رسمن کي سال بسال، ساڳيءَ موسم ۾ ادا ڪندو رهندو هوندو، حالانڪ پوڄارين جون سنجيده نوعيت جون رسمون تبديل ٿيندڙ ڪئلينڊر سان گڏ ٻهار کان ٿينديون اونهاري ۾، ۽ اونهاري کان ٿري سياري ۾، ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي موت ڪاٽيندي. سرڪ سان اونهاري ڏانهن اينديون ۽ وينديون رهنديون هيون. هڪ ڪڙميءَ جون رسمون مقرر هونديون هيون، جو ته انهن جو انحصار فطرت جي سڌيءَ سنئين جاچ تي هوندو هو، پوڄاريءَ جون رسمون مقرر ڪونه هيون، جو ته انهن جو بنياد غلط حساب ڪتاب تي رکيل هو. ان جي باوجود، امڪان اغلب آهي ته پوڄارين جي

رسمن جي اڪثريت گهڻن زمانن جي دوران ۾، مذهبي تقدس جي شان ۽ شوڪت واري لباس ۾ قديم دهقاني تقريبن کان وڌيڪ ڪجهه به نه هوندي هئي ۽ اهي رسمون ڪئلينڊر جي مهوڪان موسمن جي فطرتي چڪر جي انهيءَ اصولڪيءَ ڀاڱن کان منقطع ٿي ويئون هونديون.

اهڙن قياسن ۽ الومانن جي تصديق انهيءَ ٿوريءَ گهڻيءَ معلومات مان ٿئي ٿي، جا اسان کي مصر جي عوامي ۽ سرڪاري مذهب متعلق حاصل آهي. چنانچه، اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته مصري باشندا نيل درياهه ۾ پاڻيءَ جي چڙهڻ وات آئسس ديويءَ جي ڳوڙهن منعقد ڪندا هئا. هنن جو اعتقاد هو ته ان وقت اها ديوي پنهنجي گم ٿيل محبوب، اوسيرس ديوتا لاءِ ماتم ڪري رهي هوندي آهي ۽ ڇڪي لڙڪ مقدس نيل مان نڪرندا آهن، سي انهيءَ جوشيلي درياهه جي سيلاب کي ڦنڊائي ڇڏيندا هئا. هاڻي، جڏهن اوسيرس اناج جو ديوتا هو، ته ان صورت ۾ هن کان زياده فطرتي ڳالهه ٻي ڪهڙي هوندي ته ان جو ”وچ اونهاري“ ۾ ماتم ڪيو وڃي، جو ته انهيءَ وقت تائين لابارو گذري چڪو هوندو آهي، پٽيون خالي ٿي چڪيون هونديون آهن، نديءَ جي سطح هيٺ لهي آئي هوندي آهي، زاد کي معطل ٿي چڪي هوندي آهي ۽ اناج جو ديوتا موت سان همڪنار ٿي چڪو هوندو آهي. اهڙي وقت ٿي اهي ماڻهو، جيڪي فطرت جي مٿيني ڪارنامن ۾ ديوتائن جي صناعي ڏسندا هئا، سي انهيءَ مقدس نهر جي طغيانيءَ جو سبب ديويءَ جي وهندڙ لڙڪن ۾ ڏسندا هوندا، جيڪي هوءَ اناج جي نيڪ ديوتا، پنهنجي مڙس جي موت تي وهائيندي هئي.

زمين تي نديءَ جي چڙهندڙ پاڻيءَ جي نشانيءَ سان گڏوگڏ آسمان ۾ به هڪ نشاني نمودار ٿيندي هئي. جو ته مصري تاريخ جي اوائلي ڏينهن ۾، اسان جي سن جي ابتدا کان ڪي ٽي يا چار هزار سال اڳ، آسمان جي هڪ هنڌ پيتل ستارن کان زياده چمڪدار ۽ شاندار ستارو، ”سائرس“، اونهاري جي وڏي کان وڏي ڏينهن واريءَ منڊ ۾، جڏهن نيل درياهه جو پاڻي چڙهڻ

شروع ٿيندو آهي، پر، ٿئي کان ڪجهه اڳيرو مشرق-ڏان نمودار ٿيندو هو. مصري ان کي "سوٿيس" سڏيندا هئا ۽ ان کي آئسيس ديويءَ جو تارو سمجهندا هئا - بلڪل ساڳيءَ طرح، جيئن بابل وارا زهرا سياره کي انسٽارٽ ديويءَ جو ستارو سمجهندا هئا. ظاهر آهي ته، پنهنجي اوسن کي صبح صادق جي وقت آسمان ۾ ايترو اهو چمڪدار سياره زندگيءَ ۽ محبت جي ديوي نظر ايندو هوندو، جا پنهنجي مرحوم محبوب يا مڙس لاءِ ماتم ڪرڻ ۽ ان کي اهل ممات جي وچان بيدار ڪرڻ لاءِ آئي هوندي. ان ڪري، سائرس ستاري جو طلوع ٿيڻ مقدس مصري سال جي ابتدا جي علامت هوندو هو، جنهن کي باقاعده طور هڪ تقريب ذريعي، جا ڦرندڙ گهرندڙ سرڪاري سال سان ته، ڦرندي هئي، ملهايو ويندو هو.

نيل ندي ۽ واهن جي پاڻيءَ ۾ پاڻي چڙهڻ مصري سال جو هڪ وڏو واقعو آهي. اها ڪارروائي قاهره ۾ گهڻو ڪري جون ۽ سورهين آگسٽ جي درميان ڪئي ويندي آهي ۽ ڪجهه، ٿورو وقت اڳ، اهي سوليءَ تي اهڙيون رسمون ادا ڪيون وينديون هيون، جي قابل غور آهن، جو ته امڪان آهي ته اهي قديم دور کان وٺي مصرين کي سندن ابن ۽ ڏاڏن کان ورثي ۾ مليون هيون. هڪ قديم واهه، جنهن کي "خليفو سڏيو ويندو هو، سو اڳين وقت ۾ قاهره جي مقامي شهر وچان لنگهندو هو. ان جي منهن وٽ واهه جي آر پار، مٽيءَ جو هڪ بند ٺهيل هو، جو هيٺ بنياد وٽ ويڪرو ۽ جيئن پوءِ ٿيئن مٿي سوڙهو ٿيندو ويندو هو ۽ اهو بند نيل درياه ۾ پاڻي چڙهڻ کان اڳ، يا ان جي چڙهڻ کان ٿورو ئي پوءِ، کوٽيو ويندو هو. بند جي سامهون، درياه جي ڪپ طرف مٽيءَ جو هڪ وڏو ٽڪنڊو ٽڪر ڪڙو ڪيو ويندو هو، جنهن کي "عروس" يا "ڪنوار" سڏيو ويندو هو ۽ ان جي چوٽيءَ تي گهڻو ڪري مڪئي يا مٽرن جو هڪ ننڍو بوٽو پوکيو ويندو هو. اهيءَ "ڪنوار" کي گهڻو ڪري درياه جو چڙهندڙ پاڻي، بند کوٽڻ کان هڪ يا ٻه هفتا اڳ، ڳاري ڇڏيندو هو. ان باري ۾

روايت هيئن آهي ته قديم زماني ۾ هڪ ڪنواري ڇوڪريءَ کي خوبصورت ڪپڙا پارائي درياهه ۾ قربانيءَ طور ڦٽو ڪيو ويندو هو ته جيئن پاڻيءَ ۾ گهڻي طغياني اچي. حقيقت اُها هئي پاڻ به اِهيءَ رسم جو مقصد درياهه کي نر طاقت هئڻ جي حيثيت ۾ سندس ڪنوار، يعني سان شاديءَ ڪرائڻ جو معلوم ٿئي ٿو، جنهن کي درياهه جو پاڻي جلد ئي سائو ۽ آباد ڪرڻ وارو هو. اها رسم ان ڪري فصلن ۾ واڌ آڻڻ لاءِ هڪ منتر جو ڪم ڪندي هئي. جديد دور جا ماڻهو واهه ۾ پيسا اڇلائيندا هئا ۽ عام ماڻهو پاڻيءَ ۾ غوطا لڳائي اهي پيسا ٻاهر ڪڍي ايندا هئا. اها رسم پڻ قديم معلوم ٿي رهي آهي، چو ته "سينيڪا" چوي ٿو ته هڪ جاءِ تي جنهن کي "نيل جون رڳون" سڏيو ويندو هو ۽ جا 'فلائي' کان گهڻو دور ڪانه هئي، پوڄاري هڪ تقريب ۾ درياهه کي اهڃاڻ ۽ سون جي ڀيٽ ڏيندا هئا، جا گهڻو ڪري ان وقت ملهائي ويندي هئي، جڏهن درياهه ۾ پاڻي چڙهندو هو.

مصر ۾ زرعي سال جو پهريون وڏو واقعو، نومبر ۾ ٻج پوکڻ جو آهي، جڏهن درياهه جي سيلاب جو پاڻي پنهنجي مان لهي ويندو آهي. پڻ قديم قومن وانگر، مصرين ۾ به ٻج کي زمين جي سپرد ڪرڻ، هڪ سنجيده ۽ ماتمي رسم جي صورت اختيار ڪئي. اهيءَ موضوع تي پلوٽارچ پاڻ ڳالهائي. "اسين" هو چوي ٿو، "انهن افسرده خاطر، غمگين ۽ ماتمي رسمن مان گهڻو مطلب ڪيون، جڏهن قائم ٿيل رسمن کي نظرانداز ڪرڻ، يا بيهوده شڪن ذريعي انهن ديوتائن جي متعلق نظريي کي منجهائڻ ۽ انهن ۾ گڙٻڙ پيدا ڪرڻ گناهه آهي؟ چو ته يونانين به اهڙيون گهڻيون رسمون ادا ڪندا آهن، جي مصرين جي رسمن سان مشابهت رکندڙ آهن ۽ گهڻو ڪري ساڳئي وقت ادا ڪيون وينديون آهن. چنانچه، ايٿنس ۾ ٿيسموفوريا جي مقام وٽ عورتون زمين تي ويهي روزا رکنديون آهن. ساڳيءَ طرح، بوئوشيا وارا "غمزده" جا ايوان کولي ڇڏيندا آهن، اهيءَ تقريب کي اهي

غمناڪ ڪري سڏيندا آهن، جو ته ڏيهاڙي ديوتا "ڪنواري"
جي هيٺ لهڻ لاءِ السوس ۾ هوندو آهي. اهو مهينو پڄ پورو ٿيڻ جو
مهينو هوندو آهي، جو پلئيڊس جي غروب ٿيڻ جو هوندو آهي.
مصري ان کي اٿيهر، اٿيس وارا ماتم ۽ پوئيوشيا وارا ڏيهاڙي
جو مهينو سڏيندا آهن .... جو ته سال جو اهو ئي وقت
هو، جڏهن اهي ميوو کي وڻن تان غائب ٿيندي يا ڪرندي
ڏسو ۽ ساڳئي وقت اهي زمين کي هٿن سان ڪرڙي ۽ هڪ هنڌ ڪڏ
ڪري، پڻ ميوڻ کي اي دلي، تڪليف ۽ غير يقيني ساڻ پوکيو،
جو ڪمن يقين ڪوا هو ته، جيڪي هو زمين ۾ وجهي رهيا هئا،
سو الاجي ڪڏهن اچي راس ۾ ٿيندو يا نه. چنانچه اهي گهڻين
ڳالهين ۾ اهڙي ڪندا هئا، جهڙي اهي ماڻهو ڪندا آهن، جي
پنهنجن مردن کي دفن ڪري، مٿن ماتم ڪندا آهن."

مصر ۾ لاباري سرڪ ۾ ا . ۽ اسان جيئن ڏٺو آهي،
بهار جي موسم ۾ مارچ، اپريل ۽ مئي جي مهينن ۾ پوندو آهي.
هڪ زراعت پيشي ماڻهوءَ لاءِ لاباري جو وقت، ڪم از ڪم پڇاڙي
سال ۾، لازمي طور خوشيءَ جي موسم هوندو، آن جون پورڀون
پريو، جڏهن هو گهرڪٽي ايندو آهي، تڏهن ڪيس ڊگهي طويل ۽
انتظار پڄي محنت جو انعام ملندو آهي. ان جي باوجود، جيڪڏهن
قديم مصري هاري کي اناج لڻي ۽ ان سان پنهنجون ڪندين کي ڀرڻ
۾ هڪ خفي خوشي محسوس ٿيندي هئي، ته به هن لاءِ اهو ضروري
هو ته هو الهيءَ قدرتي جذبي کي انتهائي افسردگيءَ جي ته هيٺان
پوشيده رکي، جو ته، جڏهن هو آن - ديوتا جي جسم کي پنهنجي ڏاٽي
سان جدا نه ڪري رهيو هو ۽ جڏهن هو ڳاهه جي ميدان ۾ ان کي
ڏڪڻ جي ڪرڻ هيٺان چٿي ۽ چيپاڙي نه رهيو هو؟ چنانچه، اسان
کي معلوم ٿيو آهي ته قديم مصر جي لاباري لاهيندڙن ۾ ان
جي پورين مٿ وڍڻ وقت ساهي اچڻ، ورلاپ ڪرڻ ۽ ساڳي
وقت آئسس ديويءَ کي پڪارڻ جي رسم هئي. معلوم ٿئي ٿو ته
الهيءَ پڪار غمگين مرثيه جي صورت اختيار ڪئي هئي، جنهن

ڪي يونانين ”مانيروس“ جو نالو ڏنو هو، ساڳئي قسم جا دردناڪ
سُر فونيشيا ۽ اولهه ايشيا جي ٻين علائقن جا لابارو ڪندڙ به
آلاپيندا هئا. ممڪن آهي ته اهي سڀئي دردناڪ گيت اناج جي
ديوتا لاءِ، جو لاباري ڪندڙن جي ڏاٽن سان قتل ڪيو ويو هو،
ورلاپ هئا. مصر ۾ اهو مقتول ديوتا اوسيرس هو، ۽ مرثيه سان
وابسته لفظ ”مانيروس“ ڪن اهڙن لفظن مان حاصل ڪيل معلوم
ٿئي ٿو، جن جي معنيٰ، ”پنهنجي گهر اچ،“ آهي، جي مٿي ديوتا
جي شان ۾ جابجا ايندا رهن ٿا.

ساڳي ٿي قسم جون رسمون ٻين قومن ۾ ادا ڪيون آهن،
جي شايد ساڳي مقصد لاءِ هيون. چنانچه، چيو وڃي ٿو ته ٻين
سڀني مان آڳ ڪي، جنهن مان ظاهري طور مڪائي جو مطلب
آهي، ڪڙهن هندستانين جي ”چيروڪي“ ليکي وارن جي گهريلو
اقتصاد ۽ رسم و رواج جي ادائگيءَ ۾ ههڙيون مقام حاصل آهي
۽ اهي ان کي ”پوڙهيءَ عورت“ جي نالي سان پڪاريندا آهن، جو
ان جو واسطو هڪ اهڙيءَ ڏندڪٿا سان آهي، جنهن ۾ چيو ويو
آهي ته اناج جو اهو قسم هڪ پوڙهيءَ عورت جي رت مان اپريو
هو، جنهن کي سندس نافرمان پٽن قتل ڪيو هو. فصل جي آخرين
وڍ کان پوءِ، هڪ پادري ۽ سندس نائب پنيءَ ۾ ويندا هئا ۽
اناج جي روح کي پڪارڻ لاءِ گيت ڳائيندا هئا. ان کان پوءِ پنيءَ ۾
وڏي آواز سان سرسر پڌڻ ۾ ايندي هئي، جنهن کي ”پوڙهيءَ
عورت“ جو، پنيءَ ڏانهن آن آلي وات پيدا ٿيندڙ آواز سمجهيو
ويندو هو، ”ته جيئن ان کي گهر ۾ رهڻ لاءِ همت ڏياري وڃي
۽ اهو پنيءَ کان ڪڏهن هٽي نه وڃي.“ هڪ ٻي عجيب و غريب
رسم، جنهن جي يادگيري، هن وقت ذري گهٽ فراموش ڪئي
ويئي آهي، هيءَ هئي ته اناج جي پوکڻ مهل جي وڍڻ کان
پوءِ پادري ۽ پنيءَ جو مالڪ، واري واري سان پنيءَ جي چئني
ڪنڊن مان هر هڪ تي پهچي زور زور سان روئيندو ۽ رڙندو هو.
خود پادري، هن وقت الهيءَ ڪارنامي جي سمجهاڻي فراهم

ڪرڻ کان قاصر آهن، جو شايد "سيلو"، يعني "اناج جي ٻڍڙي عورت" جي خوارزيءَ واري موت تي هڪ قسم جو ماتم هو. ڇيروڪي قبيلي وارن جي اهڙن رواجن ۽ "اناج جي ٻڍڙي عورت" لاءِ ماتم ۽ ٻڪارون مصر جي هارين ويڙهل آن تي ماتم ڪرڻ ۽ آسيرس ديويءَ کي، جا خود شايد پنهنجين مختلف صورتن مان هڪ ۾ "اناج جي ٻڍڙي عورت" هئي، ٻڪارڻ جي قديم رسمن سان مشابهت رکنديون ٿيون. ان کان علاوه، پڙ کان وٺي گهر تائين، صاف پڌري رکڻ جي ڇيروڪي قبيلي وارن جي خبرداري مصرين جي اوسيرس واريءَ دعوت، "پنهنجي گهر اچ" سان مشابهت رکي ٿي. ساڳيءَ ريت، ايسٽ انڊيز جا ماڻهو اچ" تائين "چانورن جي روح" کي پڙن مان ان جي ديري تائين آڻ لاءِ ڏکيون رسمون ادا ڪندا آهن. مشرقي آفريڪا جي "ننڊي" قبيلي وارا سپٽمبر جي مهيني ۾، جڏهن "ايلوسين" اناج پچي ۾ هوندو آهي، تڏهن هڪ رسم ادا ڪندا آهن. هر اهڙي عورت، جنهن کي ڪو ٻچو هوندو آهي، سا پنهنجون ڌيئرڻ سان گڏجي پڙن ۾ وينديون آهي ۽ اتي هڪ خاص وڻ جي ٽارين ۽ پنن مان ٻاهه، جو وڏو مچ ٻاريندي آهي. ان کان پوءِ اهي ڪجهه اناج پٽي، منجهائن هرهڪ ڄڻي هڪ هڪ داڻو پنهنجي هار ۾ وجهندي آهي ۽ هڪ هڪ داڻو وات ۾ چٻاڙي ان کي پنهنجي پيشانيءَ، ڳچيءَ ۽ ڇاتيءَ تي مليندي آهي. اهي موقعي تي عورتون ڪنهن به قسم جي خوشي ڪانه ملهائينديون آهن ۽ اهي نهايت غمگين حالت ۾ آن جو هڪ ٽوڪرو وڏي گهر کڻي وينديون آهن، جتي آن کي مڪانن لاءِ ٽوڪري کي ڪوٺي ۾ رکنديون آهن."

اناج جي روح جو لاباري وقت ٻوڙهي ۽ مثل ماڻهوءَ جي صورت ۾ نظرڻ، مغاب جي عراق جي هڪ رسم ۾ صاف طرح سمايل هو. لاباري ڪندڙن، جڏهن پنهنجو سڄو ڪم ذري گهٽ مڪمل ڪري ڇڏيو هوندو آهي ۽ باقي پڙيءَ جي هڪ ننڍڙي ڪنڊ ان لئيل ڇڏيندي آهي، تڏهن پڙيءَ جو مالڪ ڪڻڪ جي

مٿس ڪٽي، اڻ ڪپي ڇڏيندو آهي. ان کان پوءِ پٽيءَ ۽ ٿورانما هڪ ڪڏ ڪوٺي ويندي آهي، ۽ ان جي سرانديءَ ۽ پيرانديءَ کان هڪ هڪ پٿر سڌو ڪري اٿڻ ويهاريو ويندو آهي، جنهن هڪ رواجي دفن وقت ڪيو ويندو آهي. ان بعد، ڪڻڪ جي مٿس ڪڏ جي ٻاري ۽ رکي ويندي آهي ۽ ان وقت شيخ هي الفاظ ادا ڪندو آهي ته ”پوڙهو مري ويو آهي“. ان کان پوءِ اناج کي ڍڪڻ لاءِ، مٽي اڇلائي ويندي آهي ۽ هيءَ دعا پڙهي ويندي آهي، ”شل الله اسان ڏانهن مٿان جي ڪڻڪ واپس آڻي!“

٢- سرڪاري رسمون: اهڙا هئا مکيه واقعا قديم مصر جي هاريءَ جي ڪئلينڊر جا ۽ اهي هيون اهي ساديون مذهبي رسمون، جن جي ذريعي هو انهن کي ادا ڪندو هو. پر اسان کي اچا ۽ سرڪاري ڪئلينڊر جون اوسيرس وارون تقريبون اڻ حد تائين، جيستائين انهن جو يوناني مصنفن بيان ڪيو آهي، يا انهن جو يادگارن تي ذڪر ٿيل آهي، سي اڻ پورو آٿيون آهن. انهن جي جاچ پڙتال ڪرڻ ۽ هيءَ ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهي ته، قديم مصري ڪئلينڊر جي ڦرندڙ گهرندڙ سال سبب سرڪاري تقريبن جون حقيقي يا منجهيل تاريخون ۽ سال بسال، ڪم از ڪم سنه ٣٠ ق.م تائين، جڏهن پهريون اسڪندري ڪئلينڊر اختيار ڪيو ويو، تبديل ٿينديون رهنديون هونديون. انهيءَ وقت کان وٺي اڳتي، ظاهر طور تقريبن جون تاريخون انهن ڪئلينڊر مطابق مقرر ڪيون وينديون هيون ۽ اهڙيءَ طرح شمسي سال جي سڄي دوران ۽ انهن جو ڦرڻ گهرڻ بند ٿي ويو. بهرحال، پلوٽارچ پهرينءَ صديءَ جي آخر ڌاري لکندي اشارو ڪري ٿو ته انهيءَ زماني ۾ ته اهي مقرر ٿيل هيون، ۽ نه ڦرندڙ گهرندڙ جو ته، حالانڪ هو اسڪندري ڪئلينڊر جو واضح طرح نالو نه ٿو ڪٿي، ان جي باوجود، هو مختلف ڏڻن جون تاريخون اڻ مطابق ٿي ٻڌائي ٿو. ازانسواءِ اسنيءَ جو ڏکو ڏڻن جو ڪئلينڊر، جو شهنشاهي دور جو اهم آرڪ دستاويز آهي، سو ظاهري طرح مقرر ٿيل اسڪندري سال تي مبني آهي، جو ته، اهو

اٺين سال جي ڏينهن کي انهيءَ ڏينهن سان شناخت ڪري ٿو، جو اٺهين آگسٽ سان ٺهڪي ٿو ۽ جو اسڪندري سال جو پهريون ڏينهن هو. ۽ اُن جا نيل درياه جي چاڙهه، آسمان ۾ سج جي منزلن ۽ زراعت جي ڪاروبار ڏانهن جهڪي حوالا ڏنل آهن، جي سڀ انهيءَ قياس سان ٺهڪي اچن ٿا. چنانچه، اسان هن حقيقت کي انهيءَ نتيجي سمجهي سگهون ٿا ته سنه ۳۰ ق.م کان پوءِ مصري تقريبن شمسي سال موجب غير متبدل نوعيت جون هيون.

هيروڊوٽس ٻڌائي ٿو ته اوسيرس جي قبر زيرين مصر ۾ سائس نالي هڪ مقام وٽ هئي، جتي هڪ ڍنڍ تي رات جي وقت ديوتا جي ڏکن ڏاکڙن جي هڪ پوشيده راز وانگر نمائش ڪئي ويندي هئي. ديوتا جي انهيءَ تڪليف جي ياد سال ۾ هڪ دفعو ملهائي ويندي هئي ۽ ماڻهو ديوتا جي موت تي غم جي اظهار ڪرڻ لاءِ ماتم ڪندا، ۽ پنهنجا سينا ڪٽيندا هئا ۽ سونهري روغن لڳل ڪاٺءَ سان ٺهيل ڳئونءَ جي هڪ مجسمي کي، جنهن جي سڱن جي وچ ۾ سونهري سج ابهاريل هوندو هو، ان جي ڪمري مان ٻاهر ڪڍي، جنهن ۾ اهو سال جي باقي حصي تائين رکيل هوندو هو، ڦيرايو ويندو هو. ان ۾ شڪ ناهي ته ڳئون، خود آئسس ديويءَ جي امانت هئي، جو ته ڳئون ان لاءِ مقدس هيون ۽ جڏهن به آئسس جو مجسمو ٺاهيو ويندو هو، تڏهن ان جي مٿي تي ڳئونءَ جا سڱ ڏيکاريا ويندا هئا، يا ڪڏهن ته ڪوس ڳئونءَ جي مٿي ۽ باقي عورت جي بدن سان ڏيکاريو ويندو هو. ممڪن آهي ته ڳئونءَ جي صورت واري سنڌس مجسمي کي ٻاهر ڦيرائڻ جو مطلب اهو هيو ته ديوي پنهنجي مئل ديوتا، اوسيرس جي لاش جي جستجو ڪري رهي هئي. جو ته هڪ ساڳيءَ رسم جيڪا پلوٽارچ جي وقت ۾ سياري جي ننڍي کان ننڍي ڏينهن تي ملهائي ويندي هئي، ۽ جنهن ۾ انهيءَ ڳاڙهي ڳئونءَ کي مندر جي چوڌاري ست دفعا ڦيرايو ويندو هو. اهائي مقامي مصري سمجهائي هئي. انهيءَ تقريب جي وڏي خصوصيت اها هئي، جو رات جي وقت چراغان ڪئي ويندي

هئي. ماڻهو پنهنجن گهرن جي ٻاهران تيل جا ڏيئا ٻاريندا هئا، جي سڄي رات ٻرندا رهندا هئا. اها رسم ماڻهن تائين محدود ڪانه هئي، پر سڄي مصر ۾ ادا ڪئي ويندي هئي.

سال جي هڪ رات تي گهرن ۾ چراغان ڪرڻ جي رسم مان هيءَ ڳالهه قرين قياس نظر اچي ٿي ته اها تقريب، نه فقط مئل اوسيرس جي، پر عام طرح سڀني مئلن جي يادگار طور ملهائي ويندي هئي، ٻين لفظن ۾ ڪٿي چئجي ته اها "سڀني روحن جي رات" هئي. جو ته، هيءُ اعتقاد عام جام آهي ته مئلن جا روح سال ۾ هڪ رات تي پنهنجن گهرن ۾ ايندا آهن، ۽ انهيءَ سنجيده موقعي تي، ماڻهو انهن روحن جي آجيان ڪرڻ خاطر انهن لاءِ کاڌو پيتو رکندا آهن ۽ قبرن کان وٺي گهر تائين ۽ واپس، انهن جي اولاهي رستي کي روشن ڪرڻ لاءِ ڏيئا ٻاريندا آهن. هيروڊوٽس، جو انهيءَ تقريب جو مختصر بيان ڪري ٿو، ان جي تاريخ جو ڪوبه ذڪر نه ٿو ڪري، پر اسين ان کي امڪان جي ڪنهن حد تائين ٻين ذريعن مان معلوم ڪري سگهون ٿا. چنانچه، پلوٽارڪ چوي ٿو ته اوسيرس کي اٿر مهيني جي سترهين تاريخ تي قتل ڪيو ويو هو، ۽ ان ڪري مصري ايندڙ اٿر مهيني جي سترهين تاريخ کان وٺي، چئن ڏينهن تائين ماتمي رسمون ادا ڪندا هئا. هالي اسڪندري ڪئلينڊر مطابق، جنهن کي پلوٽارڪ استعمال ڪندو هو، اهي چار ڏينهن نومبر مهيني جي ٽيرهين، چوڏهين، پندرهين ۽ سورهين تاريخ سان ٺهڪن ٿا ۽ اها تاريخ پلوٽارڪ جي ڏنل اشارن مان، بلڪل ٺهڪي اچي ٿي، جن ۾ هو چوي ٿو ته انهيءَ تقريب جي موقعي تي نيل درياهه جو پاڻي لهندڙ هو، اتر ۾ هوائن جو زور گهٽجندڙ هو، راتيون ڊگهيون ٿيندڙ هيون ۽ وڻن مان پن ڇڻندا هئا. انهن چئن ڏينهن جي دوران ۾، هڪ گيلٽي ڍڳيءَ جي ڪارن ڪپڙن ۾ ويڙهيل مجسمي جي آئسس جي حيثيت ۾ عوام اڳيان نمائش ڪئي ويندي هئي. ان ۾ شڪ ناهي ته اهو ساڳيو مجسمو هو، جنهن جو هيروڊوٽس

الهيءَ لقريب جو ايان ڪندي، ذڪر ڪيو آهي. مهڻي جي آڏوهين تاريخ تي ماڻهو سمنڊ تي ويندا هئا ۽ سنڌن پادري هڪ لنڍڙي زيارت ڪٽي هلندا هئا، جنهن ۾ هڪ صندوق رکيل هوندي هئي. الهيءَ صندوق آي هو تازو پاڻي هاريندا هئا، جنهن ڪان پوءِ تماشائي بلند آواز سان چوندا هئا ته اوسيرس لڌو آهي. ان ڪان پوءِ اهي ڪنهن ڳوٺل پاڻيءَ جو چاٺو ڪٽي، ان ڪي پاڻيءَ سان ڳرڪيري، منجهس قيمتي مصالحا ۽ خوشبوءِ ون ملائي، ان ڪي لنڍڙي چنڊ جي صورت جهڙي مجسمي ۾ تبديل ڪري، ڪوس قيمتي ڇٽا ۽ زيور پارائيندا هئا. چنانچ، معلوم ٿئي ٿو ته جن رسمن جو پلوٽارچ ذڪر ڪري ٿو، تن جو مقصد هنن ڳالهين جو ڊراماٽي انداز ۾ اظهار ڪرڻ هوندو هو: هڪ اوسيرس جي لاش لاءِ جستجو ۽ پوءِ ان جو برآمد ٿيڻ، جنهن ڪان پوءِ ديوتا جو دوباره جنم ٿيندو هو، جو پاڻيءَ جي چاٺي ۽ مصالحن جي صورت ۾ اٿين زندگي اختيار ڪندو هو. لنڪٽيوش اسان ڪي ٻڌائي ٿو ته ڪيئن اِ الهيءَ موقعي تي پوڄاري، جن جي سڄي بدن جا وار ڪوڙيل هوندا هئا، پنهنجا سينا ڪٽيندا ۽ ماتم ڪندا ۽ مغموم آنسوس جي پنهنجي پٽ، اوسيرس لاءِ جستجو جو اقل ڪندا هئا ۽ ڪيئن اِ بعد ۾ جڏهن ڪُدڙ جي سميءَ وارو ديوتا، انٽوبيز، يا ان جي بدران هڪ سالگ رڇائيندڙ، هڪ لنڍڙو ٻار آڻي ڏيندو هو، جو الهيءَ وڃايل ديوتا جو جيئرو لمائندو هو، جيڪو ڳر ٿي وري دستياب ٿيو هو. چنانچ، لنڪٽينشيس جي خيال موجب، اوسيرس آنسيس جو پٽ هو ۽ نه مڙس، نه وري هو پنهنجي ايان ۾ ڪٽي ۽ پاڻيءَ جي چاٺي جو ذڪر ڪري ٿو. ممڪن آهي ته جيڪو لنڍو ڇوڪرو مقدس ڊرامي ۾ ڪم ڪندو هو، سو اوسيرس جو نه، پر سنڌس پٽ، هورس جو ڪردار ادا ڪندو هو، پر جيئن ته ديوتا جي موت ۽ دوباره زنده ٿيڻ جي اقريب مصر جي گهڻن ئي شهرن ۾ ملهائي ويندي هئي، ان صورت ۾ امڪان آهي ته ڪن شهرن ۾ زنده ٿيل ديوتائن جو ڪردار مجسمي بدران زنده ماڻهو ادا

ڪندو هو. هڪ ٻيو عيسائي مصنف لکي ٿو ته ڪيئن نه مصري، ڪوڙيل مٽن مان، ڏاڍن ٿيل اوسيرس جي مجسمي مٿان سال بسال ماتم ڪندا، سينا ڪٽيندا، ڪلها ڇوريندا ۽ پنهنجن پراڻن زخمن کي تيسين ڦاڙيندا رهندا هئا جيسين، ڪيئن ڏينهن جي ماتم سرائي کان پوءِ، آهي ديوتا جي چچريل لاش کي لهڻ جي دعوي ڪندا ۽ خوشيون ملهائيندا هئا. بهرحال، ٿي سگهي ٿو ته اهي رسم جي تفصيلن ۾ جابجا سڪيون، فرق هجي؛ مثل ديوتا جي لاش کي لهڻ ۽ شايد ان کي دوباره زندگي بخشڻ جو ڏوانگ، مصر جي تقريباتي سال جو هڪ وڏو موقعو هوندو هو. اهي موقعي تي جهڪي خوشي جون رڙيون ۽ شور و غل مچايو ويندو هو، تن جو ذڪر يا حوالو ڪيترن قديم مصنفن ڏنو آهي.

اوسيرس جي موت تي جهڪي رسمون مصر جي سورهن درگاهن ۾ ادا ڪيون وينديون هيون، سي ٽالمي جي دور جي هڪ طويل تحرير ۾، جي ڊينديره وٽ، جنهن کي يونالي ليننا ٿرا چوندا هئا، ديوتا جي مندر جي ڀتين تي اڪريل آهن، بيان ڪيل آهن؛ اهو شهر مصر جي بالائي حصي ۾، نيل درياه جي اولهندي ڪناري، ٿيبس کان چاليهه ميل دور واقع آهي. بدقسمتي سان اها تحرير، جيتوڻيڪ ڪيترن ڳالهين ۾ پوري ۽ باريڪ آهي، ان جي باوجود، تحرير ۾ اختيار ڪيل جوڙجڪ اهڙي منجهيل آهي، جو ان مان الڳ رسمن جو صاف ۽ يڪسان بيان، من حيث المجموع، مشڪل سان ڪڍي سگهجي ٿو. ان کان علاوه، اسان کي اهي دستاويز مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي رسمون مختلف شهرن ۾ ڪجهه قدر مختلف هونديون هيون، مثال طور، اباڻيدوز جون رسمون بسيريز جي رواجن کان مختلف هيون. مقامي رسم و رواج جي خصوصيات جي سراغ ڪڍڻ جي ڪوشش ڪرڻ کان قطع نظر، آءُ اهي تقريب جي نمايان خصوصيتن کي، جيتري قدر اهي قابل قدر يقين سان معلوم ٿي سگهن ٿيون، مختصر طور نمايان ڪريان ٿو.

اهي رسمون خونياڪ مهيني جي ارڙهين ڏينهن، يعني پارهين تاريخ کان وٺي ڏهين تائين هلنديون هيون. اوسيرس کي سندس ڏه-طرفي حيثيت ۾، اماڻان ڪنديون هيون — مثل، عضوو عضوي کان جدا ٿيل. آخرڪار ان جي منتشر عضون جي ميلاپ سان دوباره وجود ۾ آيل. انهن خصوصيتن مان ٻهرين ۾ ان کي چينٽ-آمينٽ (خينٽي-آمينٽي) ٻيءَ ۾ اوسيرس-سوپ. ٽين ۾ سوڪاري (سوڪر) سڏيندا هئا. ديوتا جا انيڙا مجسما رتيءَ، ڀاڄين جي مٽيءَ ۽ آن مان ٺاهيا ويندا هئا، جن ۾ ڪڏهن خوشبودار ڏوپ ملايو ويندو هو، سندس مٿهن کي پيلو ۽ ڳلن جي هڏن کي سائو رنگ هنيو ويندو هو. انهن مجسمن کي خالص سون جي سانچي ۾ ڍڪاريو ويندو هو، جو ديوتا جي "مميءَ" جي حيثيت ۾، جنهن جي مٿي تي اڇو تاج رکيل هوندو هو، نمائندگي ڪندو هو. انهيءَ تقريب جي خونياڪ مهيني جي پارهين ڏينهن تي، هر هلائڻ ۽ ٻج ڇٽڻ جي رسم جي ادائگيءَ سان ابتدا ڪئي ويندي هئي. ٻه ڪاريون ڳئون هر سان جوٽيون ونديون هيون، جو هڪ خوشبودار ڪاٺيءَ منجهان ٺهيل هوندو هو ۽ هر جي جوٽي ڪاري ٽامي منجهان ٺهيل هوندي هئي. هڪ ڇوڪرو ٻج ڇٽيندو هو، ٻنيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ جَوَ، ٻيءَ ۾ ڪنڪ ۽ ٽِج ۾ وري فلئڪس پوکي ويندي هئي. انهيءَ ڪارروائيءَ جي دوران ۾، خوشي ملهائيندڙن جو سربراه "ٻنين جي پوک" جي رسم ادا ڪرڻ جو باب پڙهندو هو. بوسيراز ۾، خونياڪ مهيني جي وهين تاريخ تي ديوتا جي "باغ" ۾، جا هڪ قسم جي ڳلهه جي وڏي ڪوابڙي هوندي هئي، رتي ۽ جَوَ وڌا ويندا هئا. اها ڪارروائي ڳئون-ديويءَ، شينٽيءَ جي روبرو ڪئي ويندي هئي، جنهن جي نمائندگي ظاهري طور "مٽڪامور" وڻ جي روغن لڳل ڪاٺيءَ مان ٺهيل ڳئون جي مجسمي ذريعي ڪئي ويندي هئي، جنهن جي پيٽ اندر ٻنان سنيءَ واري مالهوءَ جو هڪ مجسمو رکيل هوندو هو. "ان کان پوءِ ديويءَ ۽ 'باغ' جي مٿان

سوڻ جي هڪ ارڙن منجهان سيلاب جو تازو پاڻي اوتيو ويندو هو ۽ ديوتا جي ڌرتيءَ ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ٻئين سر زنده ٿيڻ جي علامت طور جتوڻ کي وڌڻ ڏنو ويندو هو، ”جو نه باغ جو واڌارو ديوتائي وجود جو واڌارو آهي.“ خوئياڪ مهيني جي چوويهين تاريخ تي، اٺين ڪلاڪ وقت اوسيرس جا مجسما، جنهن جي ٺاهڻ ۾ ديوتائن جا چولها، مجسما هوندا هئا، ”ايپائرس“ ٻوٽي جي ڪاٺيءَ مان ٺهيل چوڏهن ننڍڙن ٻيڙين ۾ وجهي، جن ۾ ٽي سو پنجهٺ ڏيئا روشن ڪيا ويندا هئا، هڪ خفيه ۽ رازداريءَ واري سفر تي موڪليا ويندا هئا. خوئياڪ مهيني جي چوويهين تاريخ تي سج غروب ٿيڻ بعد، اوسيرس جي مجسمي کي توت جي ڪاٺيءَ مان ٺهيل صندوق ۾ وجهي قبر ۾ دفن ڪيو ويندو هو، ساڳيءَ رات جو نائين ڪلاڪ وقت، ديوتا جي مجسمي کي، جو گذريل سال ٺاهيو ۽ دفن ڪيو ويو هو، قبر مان ڪڍي ”سڪامور“ قسم جي وڻ جي ٽارين ۾ رکيو ويندو هو. سڀ کان پوءِ، خوئياڪ مهيني جي ٽيهين تاريخ تي ساڳيو مقبرو ڏانهن ويندا هئا، جو هڪ زمين دوز ڪمرو هوندو هو، جنهن جي مٿان ”پرسي“ قسم جي وڻ جو جهڳٽو ڄميل معلوم ٿيندو هو. اهيءَ گنبذ ۾ مغربي دروازي کان اندر داخل ٿي، هو صندوق ۾ بند ٿيل ديوتا جي مجسمي کي نهايت تعظيم ۽ تڪريم سان ڪڍي ۾ ايل ”ريتيءَ“ تي رکندا هئا. اهڙيءَ طرح اهي کيس دفن ڪري، مشرقي دروازي مان ٻاهر نڪري مقبري مان هليا ويندا هئا. اهڙيءَ طرح خوئياڪ مهيني جون رسمون ۽ تقريبون ختم ٿينديون هيون.

اهي تقريبون جي متذڪره بالا بيان ۾، جو ڊينڊيره جي وڏي اکريل ڪتبي مان ڪڍيو ويو آهي، اوسيرس جي دفن کي ممتاز جاءِ مليل آهي. باقي هن جي، دوباره زنده ٿيڻ جي حقيقت ڏانهن لڪل اشارو ٿيل آهي ۽ ان جو واضح طور اظهار ٿيل ڪونهي. دستاويز جي اهيءَ خاميءَ کي خاڪن جي هڪ سلسلي سان، جي اهيءَ تحرير سان گڏ ڏنل آهن ۽ جن ۾ ان جا مثال ڏنا ويا

آهن، پر ڪيو ويو آهي. انهن خاڪن ۾ اهڙن نظارن جو هڪ سلسلو ڏيکاريو ويو آهي، جنهن ۾ مثال طور، هڪ "ممي" وانگر انهن جي ڪفن جي ڪوٺڙي ۾ ويڙهيل سڙهيل چکيا تي ليٽيو پيو آهي، جنهن کان پوءِ هو پاڻ کي بتدريج مٿي ڪندو، آخرڪار چکيا کي ڇڏي پنهنجيءَ آئسس جي محافظ پرن جي وچ ۾ سڌو ٿي بيٺو آهي، جا هن جي مٿان بيٺي آهي ۽ هوڏانهن وري هڪ مجسمو ديوتا جي اکين آڏو "ڪرڪس انساٽا"، يعني زندگيءَ جي مصري علامت کي جهلي بيٺو آهي. ديوتا جي لاشن ۽ زنده ٿيڻ جي حقيقت کي هن کان زياده تفصيلوار خاڪي وسيلي عيان ڪرڻ مشڪل هو. انهيءَ ساڳئي واقعي جو اظهار، جيڪو فلائيءَ وٽ آئسس جي مندر ۾ هڪ ڪمري اندر ڪيل آهي، جو اوسيرس جي نالي ۾ ارپڻ ٿيل آهي، سو اڃا به زياده معلومات سان ڀريل آهي. ان ۾ اوسيرس ديوتا جو جنازو ڏسون ٿا، جنهن مان اناج جا سلا نڪري آيا آهن ۽ جن کي پادري هڪ برتن مان پاڻيءَ پياري رهيو آهي، جو سندس هٿ ۾ جهليل آهي. ان تي جيڪا تحرير اُڪريل آهي، تنهن ۾ چيل آهي ته "هيءُ انهيءَ جو لمولو آهي، جنهن جو ڪنهن کي به نالو وٺڻ نه گهرجي — غيب جي پوشيده رازن وارو اوسيرس، جو واپس ايندڙ پاڻيءَ مان ڄمي نڪري ٿو." تصوير ۽ الفاظ تي گڏجي غور ڪرڻ سان هن باري ۾ ڪنهن شڪ ۽ شبهي لاءِ ڪا به گنجائش باقي نه ٿي رهي ته، هن حالت ۾ اوسيرس کي اناج جي شخصيت طور تصور ڪيو ويو هو، جو پيدا ٿي آن وقت کان پوءِ اڀري ٿو، جڏهن سيلاب جو پاڻي ان کي سيراب ڪري وڃي ٿو. تحرير مطابق، پوشيده رازن جو اندروني ڪارآمد ڪيپ، ۽ سڀني کان زياده خفيه رکيل راز اهوئي هو، جو فقط انهن تي واضح ڪيو ويندو هو، جن کي ديوتا جو قرب حاصل ٿيل هوندو هو. ساڳيءَ طرح، ايليوسيز ۾ ڊيميٽر جي ساٿين ۾، پوڄارين کي سندن مذهب جي مرڪزي راز طور اناج جو هڪ لڻيل سنگ ڏيکاريو ويندو هو. اسين هيٺ هن حقيقت

کي مڪمل طرح سمجهي سگهون ٿا ته خوفناڪ مهيني جي پڇاڙيءَ وارين وڏين تقريبن کي اوچاريو ويندو هو. ان وقت ۾ مٽيءَ مان تيار ڪيل اوسيرس جا مجسما زمين ۾ دفن ڪندا هئا. سال جي پڇاڙيءَ ۾ يا ان کان ڪجهه ٿورو عرصو گذرڻ بعد، جڏهن اهي مجسما دوباره ڪڍيا ويندا هئا، تڏهن اوسيرس جي جسم منجهان اَن جا سلا نڪتل نظر ايندا هئا. اَن جي انهن سلن کي هڪ نيڪ فال، يا ڪٿي پڇجي ته اصلي اُپرڻ جو سبب، سمجهيو ويندو هو، اناج جو ديوتا اناج کي پنهنجي بدن مان پيدا ڪندو هو. هو پنهنجو بدن ماڻهن کي کائڻ لاءِ ڏيندو هو، هو مرندو هو، ته جيئن اهي زنده رهن.

پنهنجي الهيءَ عظيم ديوتا جي موت ۽ دوباره زنده ٿيڻ جي حقيقت مان مصري باشندا، نه فقط هن زندگيءَ ۾ پنهنجو سهارو ۽ جياپو حاصل ڪندا هئا، پر قبر جي پريءَ ڪنڌيءَ تي به، ابدي زندگيءَ جي اميد رکندا هئا. الهيءَ اميد جو بلڪل صاف اظهار اوسيرس جي انهن عجيب و غريب مجسمن ۾ ڪيل آهي، جي مصري قبرستانن منجهان دستياب ٿيا آهن. چنانچه ٿيبس ۾ واقع ”بادشاهن جي ماٿريءَ“ مان هڪ شاهي پکي-بردار جي قبر لڌي وئي آهي، جو سنه ١٠٠٠ ق.م واري زماني ۾ رهندو هو. قبر ۾ رکيل قيمتي ساز و سامان ۾ هڪ چکيا به شامل هئي، جنهن تي ڪاٺ مان ٺهيل هڪ قسم جو گاديلو رکيل هو، جو ڪوڙي جي ٽن تهن سان ڍڪيل هو. ڪوڙي جي پاهرين تهه مٿان اوسيرس جو قد آدم مجسمو چٽيل هو، مجسمي جي اندروني حصي ۾، جو پاليءَ کان متاثر ٿيڻ وارو نه هو، پاڻيءَ جو ڪوال چاڙهو، جنو ۽ هڪ گهاليءَ، چنبڙندڙ پنڙي شيءِ پيل هئي. جنو مان ٽي چار انچ ڊگها سلا نڪري چڪا هئا. هوڏانهن وري ساڳيءَ طرح ”اوسيرس“ جي مجسمن جا مختلف مدفن موجود هئا. اهي ڪوڙي ۾ پڌل ان جي داڻن مان اوسيرس جي اڀ ڊولي مجسمي وانگر جوڙيل هئا ۽ قبر جي پاسي ۾ مرڻ جي ٺهيل هڪ ننڍڙيءَ

ڪوزيءَ ۾، ڪڏهن وري هڪ راز جي "مميءَ" جي صورت ۾ ڍڪيل ڪاٺ جي صندوقن ۾، ۽ ڪڏهن بغير ڪنهن صندوق جي، رکيل هئا." آنَ جي داڻن سان ڀريل اهڙن مجسمن کي "مميءَ" وانگر ڪپڙن ۾ ويڙهيو ويو هو، جن تي ڪتي سوارين رنگ چڙهيل هو، جو سوڻ جي انهيءَ سالجي جي قتل خاطر ڪيل هو، جنهن ۾ ٻج ڇٽڻ واريءَ تقريب جي موقعي تي اوسورس جا ساڳئي قسم جا مجسما ٺاهيا ويندا هئا. وري ٻئي طرف، ٿيبس جي پرسان اوسورس جا اهڙا مجسما دفن ٿيل مليا، جن جون شڪليون سبز رنگ جي موم جون ٺهيل هيون ۽ سندن اندرواري حصا ان سان ڀريل هئا. آخر ۾ پروفيسر ارمن اسان کي ٻڌائي ٿو ته "ممين" جي ٽنگن جي وچ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اوسورس ديوتا جو مجسمو رکيل هوندو آهي، جو ڪڻڪ مان ٺهيل هوندو آهي، اهو سڄو اناج جي داڻن سان ڀريل هوندو آهي ۽ ان جي سلن ڦٽڻ جو مقصد ديوتا جي اٿڻ جنم جي علامت هوندو آهي. "هن باري ۾ اسان کي ڪنهن به شڪ ۽ شبهي ڪرڻ لاءِ گنجائش ڪانهي ته ٻج ڇٽڻ واريءَ تقريب وقت، جهڙيءَ طرح اوسورس جي اناج سان ڀريل مجسمن کي زمين اندر دفن ڪرڻ جو مقصد ٻج جي ڦٽڻ ۾ تيزي پيدا ڪرڻ جو هو، بلڪل ساڳيءَ طرح اهڙن مجسمن جي قبر ۾ دفن ڪرڻ جو مقصد به مڙدن جي اٿڻ ۾ جيئري ٿيڻ ۾ تيزي پيدا ڪرڻ، يعني ٻين لفظن ۾، انهن جي روحاني ابديت جي خاطري ڪرڻ جو هو."

باب چاليهون

اوسيرس جي نوعيت

١- اوسيرس، اناج جي ديوتا جي حيثيت ۾ : اوسيرس جي اڳين ٻن بابن جي مٿي ذڪر ڪيل ڇڪاس، هن حقيقت کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي ته اهو ديوتا هڪ حيثيت ۾ اناج جي شخصيت جو مظهر هو جو، ڪٽي ڇڏجي، ته هر سال مرندو ۽ دوباره جيئرو ٿيندو هو. سندس پوڄا کي اوائلي دورن جي پادرين جيتري ۽ شان و شوڪت، رعب ۽ دٻدٻي سان نوازيو هو، ۽ ان جي باوجود، سندس اناج جي ديوتا هئڻ جو نظريو، سندس موت ۽ ٻيهر جيئري ٿيڻ جي آهيءَ تقريب مان صاف جهلڪ ڏيئي رهيو آهي، جا اوائل ۾ خوشحالي ۽ پوکڻ دور ۾ اٺهين مهيني ۾ ملهائي ويندي هئي. اها تقريب، خاص طرح ٻج ڇٽڻ جي تقريب هئي، جا انهي وقت ٿيندي هئي، جڏهن هڪ ڪڙمي سچ پچ ٻج کي زمين جي سپرد ڪندو هو. انهيءَ موقعي تي اناج جي ديوتا جو مٽيءَ ۽ اَنَ مان ٺهيل مجسمو ماتمي رسمن سان زمين ۾ هن ڪري دفن ڪيو ويندو هو، ته جيئن هو آئي مري، انهيءَ فصل سان گڏ ٻيهر زندگيءَ ۾ داخل ٿئي. اها تقريب، درحقيقت، اناج جي واڌ جي خاطري ڪرڻ لاءِ، هم آهنگ جادوءَ جو هڪ نمونو هئي، لهذا، اسين هيءَ قياس ڪري سگهون ٿا ته انهيءَ رسم کي انهيءَ وقت ڪان گهڻو اڳ، جڏهن ان کي پادرين ڪليسا جي هڪ رعب دار رسم ۾ تبديل ڪري پاڻ لاءِ اختيار ڪيو، هر هڪ مصري ڪڙمي پنهنجيءَ پنهنجيءَ پنيءَ تي بلڪل سادي طريقي سان جادو جي هڪ نموني طور ادا ڪندو

هوءَ عربن جي جديد ۽ بلا شبہ قديم "ٻوڙهي ماڻهوءَ" يعني ڪڪڙ جي هڪ مٽ کي لاڀاري وارن زمين ۾ دفن ڪرڻ ۽ انهيءَ دعا ڪرڻ جي رسم ۾، ته شل هو اهل ممات وٽان واپس موٽي، اسان کي اهو چوڻ ۾ اطر اچي رهيو آهي جنهن مان، ممڪن آهي ته اناج جي ديوتا، اوسيرس، جي اوچا ترائيءَ جو منزلون طئي ڪيون هجن.

ديوتا جي ڏندڪٿا جا افسانوي ۾ سندس لاڳي جي مفهوم سان چڱيءَ طرح ٺهڪي اچن ٿا. هن لاءِ چيو ويندو هو ته اهو آسمان ۽ زمين جو اولاد هو. اناج کي، جو انهيءَ زمين مان پيدا ٿئي ٿو، جنهن کي آسماني پاڻيءَ سان آباد ڪيو ويو آهي، تنهن کي هن کان بهتر ٻي ڪهڙي ولديت ڏئي سگهجي ٿي؟ سچ آهي ته مصر جي سرزمين پنهنجي آباديءَ لاءِ نيل درياهه جي مرهونِ منت هئي، ۽ نه آسماني وسڪارن جي؛ پر مصر جي باشندن کي اها خبر هوندي يا انهن اهو قياس ڪيو هوندو ته انهيءَ عظيم درياهه کي، پنهنجي ليکي، اهي مينهن خوراڪ مهيا ڪندا هوندا، جي ملڪ جي دور دراز اندروني علائقن ۾ وسندا هوندا. وري هيءَ ڏندڪٿا، ته اوسيرس ئي پهريون اهو شخص هو، جنهن ماڻهن کي اناج استعمال ڪرڻ جو سبق ڏنو، بلڪل قدرتي طرح، خود اناج جي ديوتا متعلق ئي بيان ڪئي ويندي هوندي. ان کان علاوه، ممڪن آهي ته هيءَ ڳالهه، ته سندس ٽڪرن ٿيل عضون کي هنڌان هنڌان منتشر ۽ مختلف جاين ۾ دفن ڪيو ويو هو، ٻج ڇٽڻ يا واڍ ڪرڻ جي ڪارروائي جي تشريح ڪرڻ جو هڪ ڏندڪٿائي طريقو هو. انهيءَ پوئينءَ معنيٰ کي هن قصي مان تقويت ملي ٿي ته آئسس اوسيرس جي منقطع ٿيل عضوڻ کي اُن جي ڇاڄيءَ تي ڪٿي رکيو هو. يا امڪان اغلب آهي ته اها روايت ڪنهن ماڻهوءَ کي، جو گهڙو ڪري اناج جي روح جو نمائندو هوندو، زمين کي آباد ڪرڻ خاطر ذبح ڪرڻ، ۽ ان جي گوشت کي تقسيم ڪرڻ يا سندس رک کي پوکڻ ۾ منتشر ڪرڻ جي رسم جي باقي مانده ياد هجي.

جديد يورپ ۾ 'موت' جي مجسمي کي گهڻو ڪري ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويندو آهي ۽ پوءِ فصلن کي ڀلي ڪرڻ لاءِ انهن ٽڪرن کي زمين ۾ دفن ڪيو ويندو آهي ۽ دنيا جي ڪن ٻين حصن ۾ جيئرن ماڻهن سان اها ساڳي ڪارروائي ڪئي ويندي آهي. جيستائين قديم مصرين جو سوال آهي، تن بابت اسان کي ماڻهو جي اختياري سان پڌايو ويو آهي ته اهي ڳاڙهن وارن ماڻهن کي ساڙي، سندن رک کي ڇڄڻ سان منتشر ڪندا هئا، هي ڳالهه انتهائي غور طلب آهي ته اها وحشي رسم بادشاهن طرفان اوسيرس جي قبر تي ادا ڪئي ويندي هئي. اسان هي قياس ڪري سگهون ٿا ته اهي ماڻهو خود اوسيرس جي نمائندگي ڪندا هوندا، جن کي هر سال ذبح ڪيو ويندو هو ۽ جن جا عضوا جدا جدا ڪري، ڪين انهن ماڻهن جي علامت طور دفن ڪيو ويندو هو ته جيئن اهي زمين اندر دفن ٿيل ٻج کي تيزي سان اپڻ جي قوت بخشين.

امڪان آهي ته قبل از تاريخ واري اوائلي دور ۾ بادشاه پاڻ ديوتا جو ڪردار ادا ڪندا هئا ۽ ڪين انهيءَ حيثيت ۾ قتل ڪري، ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويندو هو. چيو وڃي ٿو ته سيٽ ۽ اوسيرس، ٻنهي کي ارڙهن ڏينهن جي حڪومت کان پوءِ ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو هو، جنهن کان پوءِ انهيءَ واقعي جي ياد تازي رکڻ لاءِ، هر سال ايتري ئي عرصي لاءِ هڪ تقريب ملهائي ويندي هئي. هڪ روايت آهي ته روم جي پهرين فرمانروا، روموليس کي سندس سينيٽرن ٽڪرا ٽڪرا ڪيو هو ۽ انهن سندس جسم جي ٽڪرن کي زمين اندر دفن ڪيو هو، ۽ سندس موت جي روايتي ڏينهن، يعني ستين جولاءِ کي ڪن عجيب و غريب رسمن سان ملهايو ويندو هو، جي ظاهري طور انجير جي مصنوعي آبادي سان وابسته هيون. وري، يوناني روايت ۾ پڌايو ويو آهي ته ڪيئن نه ٿيبس جي بادشاه، پينٿيئس ۽ ٿريشيا جي ايڊوانن نسل وارن ليڪين جي بادشاه، لائڪرگس، انگور جي وڻ جي ديوتا،

ڊيونيسس جي مخالفت ڪئي ۽ ڪيئن نہ انهن بدڪردار بادشاهن مان هڪ کي ڪاوڙيل بيڪانال قبيلي وارن ماڻهن ۽ پٽي کي گهوڙن، جهڙي ڦاڙي، ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. اهي يوناني روايتون ماڻهن، ۽ خاص طرح، خدائي بادشاهن کي ڊيونيسس ديوتا جي شخصيت ۾، جو گهڻين ڳالهين ۾ اوسيرس سان مشابهت رکندو هو، ۽ جنهن لاءِ چيو ويندو هو تہ ان کي بہ ٽڪرا ٽڪرا ڪري، ماريو ويو هو، صدقي ڏيڻ جي رسم جون بگڙيل يادگيريون ٿي سگهن ٿيون. اسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ چيئوس ۾ ڊيونيسس جي نالي ۾ صدقو ڏيڻ لاءِ ماڻهن کي جهڙي ڦاڙي، ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويندو هو، ۽ جنهن صورت ۾ انهن ماڻهن جو موت بہ سندس ديوتا جي موت وانگر ليکيو ويندو هو، ان ڪري هيءَ ڳالهہ قابل قياس آهي تہ اهي پنهنجي ديوتا جي شخصيت جو ڪردار ادا ڪندا هوندا. هيءَ ڳالهہ، تہ ٿريشيا واري اورفيئس کي بہ بيڪانال قبيلي وارن ساڳيءَ طرح ٽڪرا ٽڪرا ڪيو هو، سا هن حقيقت کي ثابت ڪندي نظر اچي ٿي تہ آهو بہ اهيءَ ديوتا جي حيثيت ۾ مئو هو، جنهن وانگر ئي کيس ٽڪرا ٽڪرا ڪري ماريو ويو هو. هيءَ ڳالهہ قابل غور آهي تہ ايڊونيا وارن جي بادشاهہ ٿريشين لائيڪرگس کي ان ڪري قتل ڪيو ويو هو تہ جيئن اها زمين، جنهن ڦر ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو هو، سا هڪ دفعو ٻيهر آباد ۽ سائي ٿئي.

ان کان سواءِ اسان ناروي جي هڪ بادشاهہ هالفڊن، "ڪاري" جي متعلق پڙهيو آهي تہ ان جي بدن کي وڍي، ٽڪرا ٽڪرا ڪري، هرهڪ ٽڪر کي سندس بادشاهيءَ جي مختلف علائقي ۾ دفن ڪيو ويو هو، تہ جيئن زمين جي آباديءَ ۽ ساوڪ جي خاطري ٿئي. چيو وڃي ٿو تہ هن جو موت چاليهن سالن جي ڄمار ۾ بهار جي موسم ۾، برف جي ٽٽڻ ۽ ان ۾ ٻڏڻ سبب واقع ٿيو هو. ان کان پوءِ جا ٿيو، تنهن جو بيان ناروي قوم جي هڪ قديم تواريخ لکيس، سنوري اسٽرلوسن، هن طرح ڪيو آهي: "هو ٻين بادشاهن کان زياده آسودو (لفظي طور هرچيز

جي جهجهائيءَ سان اوزيرس) هو، ماڻهن کي هن جو ايترو ته قدر هو جو، جڏهن سندس موت جي خبر سان گڏ هيءَ اها پئي ته سندس لاش کي هرينگاريڪيءَ ڏانهن نيو ويو آهي، جتي ماڻهن کي ڪيس دفن ڪرڻ جو ارادو هو، تڏهن راماريڪيءَ ۽ ويسٽفولڊ ۽ هيڊمارڪ جا ٻيا معزز آئي ڪٺا آيا ۽ درخواست ڪيائون ته کين ان جي لاش کي پاڻ سان کڻي وڃڻ ۽ پنهنجن پنهنجن صوبن ۾ دفن ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي، هنن جو خيال هو ته جنهن علائقي وارا ان کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا، تنهن ۾ ان جي برڪت سان آسودگي اچي ويندي. آخرڪار، اهو فيصلو ڪيو ويو ته لاش کي چئن ڀاڱن ۾ تقسيم ڪيو وڃي. لاش جي مٿي کي هرينگاريڪيءَ ۾ اسٽون وٽ، پٿرن جي هڪ ڍير هيٺان رکيو ويو ۽ باقي بچيل ٽن ڀاڱن مان هر هڪ جماعت وارا پنهنجو پنهنجو حصو وٺي کڻي ويا ۽ ان کي پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ دفن ڪيائون. انهن سڀني ڍيرن کي هالفڊن جا ڍير سڏيو ويندو آهي.“ هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته اهو هالفڊن ينگلنگ خاندان سان واسطو رکندڙ هو، جي پنهنجو شجرو اسڪنڊينيويا جي آباديءَ جي عظيم ديوتا ”فري“ سان ملائيندا هئا.

برٽش نيو گائنا ۾، فلائي نديءَ جي منهن کان ٻاهر، ”ڪيوائي“ ٻيٽ جا مقامي باشندا سيگيرا نالي هڪ جادوگر جي ڳالهه ڪندا آهن، جنهن جو خانداني نشان صابو داڻن جو ٻوٽو هو. جڏهن سيگيرا پوڙهو ٿي بيمار ٿيو، تڏهن هن ماڻهن کي چيو ته هو پاڻ ته جلد ئي مرندو، پر سندس باغيچن کي آباد ڪرڻ جو سامان کين مهيا ڪري ڏئي ويندو. چنانچه، هن کين هدايت ڪئي ته جڏهن هو مري وڃي، تڏهن هو کيس وڍي، سندس گوشت جا ٽڪرا کڻي پنهنجن باغن ۾، ۽ سندس سريءَ کي سندس ئي باغ ۾، دفن ڪن. هن لاءِ چيو ويندو آهي ته هن جي عمر غيرمعمولي طور ڊگهي هئي ۽ سندس ولديت جي ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي، پر هن صابو داڻن جي ٻوٽن کي پيدا ڪيو ۽

ان کان پوءِ ڪو، ماڻهو پڪو يا ڏکيو ڪونه رهيو. ڪجهه سال اڳي، جڏهن پوڙها جيئرا هئا، تن ان ڳالهه جي خاطري ڏني ته اهي پنهنجي جواني ۾ سوڪڙا سان آشنا هئا ۽ ڪوائي جي باشندن جو اهو عام رايو معلوم ٿئي ٿو ته سوڪڙيا ڪي مري ويا ۽ پشتيون سس ٿيون آهن.

انهن سڀني ڳالهين تي مجموعي طور غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته اهي روايتون ۽ ڏندڪٿائون بادشاه ۽ جادوگر جي بدن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري، ملڪ جي مختلف حصن ۾ دفن ڪرڻ جي عام جام رسم ڏانهن اشارو ڪري رهيون آهن، جنهن جو مقصد ڌرتي، ۽ شايد ماڻهن ۽ مرون جي آبادي ۽ آسودگي جي خاطري ڪرڻ هو.

جيڪي ماڻهن جي لاشن کي ساڙڻ کان پوءِ، مصري لوڪ سندن رک کي هوا ۾ واڇرائي ڇڏيندا هئا، تن جي حالت تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته انهن بدنصيبن جي ڳاڙهن وارن کي شايد ڪا خاص اهميت حاصل هئي. ڇو ته مصر ۾ جيڪي ڏڳا قربان ڪيا ويندا هئا، تن جو رنگ ته لازمي طور سرخ هئڻ ضروري هو. انهن جي جسم تي، جيڪڏهن هڪ به ڪارو، يا اڇو وار هوندو ها ته جيڪر ڪين قرباني لاءِ نااهل بڻائي وجهي ها. جيڪڏهن ماڻهن جي قربانين ڏيڻ جو مقصد، جيئن مون قياس آرائي ڪئي آهي، فصلن جي واڌ ۾ مدد ڏيڻ جو هو — ۽ انهن جي رک کي ڇڄڻ سان هوا ۾ منتشر ڪرڻ، انهيءَ نظريي جي پيروي ڪري رهيو آهي — ته پوءِ ڳاڙهن وارن ماڻهن کي انهيءَ مقصد لاءِ هن ڪري منتخب ڪيو ويندو هو، جو اهي سرخي مائل اناج جي شخصيت جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ ٻين سڀني ماڻهن کان زياده موزون هئا. ڇو ته، جڏهن ديوتا جي نمائندگي هڪ جيئري انسان کان ڪرائي ويندي هئي، تڏهن هيءَ لازمي آهي ته انهيءَ نمائندي کي سندس ديوتائي اصل سان خيالي مشابهت جي بنياد تي، انهيءَ ڪردار جي ادا ڪرڻ لاءِ چونڊيو

وڃي. جنانچ، ميڪسيڪو جا قديم باشندا مڪائيءَ کي هڪ شخصي هستي تصور ڪندي، جا ٻج وجهڻ جي وقت کان وٺي لاباري ٿيڻ تائين، زندگيءَ جي سڀني منزلن کي طئي ڪندي نظر ايندي هئي، تنهن کي اوڪن وقت ننڍن ٻارن، ڪچڙن سنگن ڪين وقت وڏن ٻارن، ۽ اهڙيءَ طرح، سنگن جي پچڻ وقت، نوجوانن، ۽ اڃا سڪڻ وقت پوڙهن ماڻهن جي قرباني ڏيندا هئا. اوسيرس لاءِ هڪ نالو ”اصل“ يا ”لاباري“ هو، ۽ قديم زماني جا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن ان جي سمجهاڻي لاءِ کيس اناج جو نمائندو سڏيندا هئا.

٢- اوسيرس، وڻن جي روح جي حيثيت ۾: ار،

اوسيرس فقط اناج جو ديوتا، يا روح ڪونه هو، اهو وڻن جو روح به هو ۽ ممڪن آهي ته هن جي اها حيثيت ايلاءِ از تاريخ واري زماني جي هجي، ڇو ته مذهب جي تاريخ ۾ وڻن جي پوڄا اناج جي پوڄا کان زياده اوائلي آهي. اوسيرس جي وڻن جي روح جي حيثيت ۾ نمائندگيءَ جي سمجهاڻي فرمڪس مئٽرنس جي ٻڌايل هڪ رسم ۾ هن طرح تفصيل سان ڏنل آهي: ”پائين“ وڻ کي ڪيرائي ۽ منڊس ٽڙ کي چيرڻ، صاف ڪري اندران پورو ٻنايو ويندو هو ۽ ٽڙ کي پورو ٻنائڻ مان جيڪو ڪاٺ جو پورو يا چوڏا وغيره نڪرندا هئا، تن مان اوسيرس جو هڪ مجسمو تيار ڪيو ويندو هو، جنهن کي هڪ جنازي وانگر، وڻ جي پوري ٽڙ اندر بند ڪيو ويندو هو. وڻ اندر ڪنهن شخصي هستيءَ جي رهڻ جي نظريي جو، انهيءَ کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي واضح نموني سان اظهار ڪجي، سو سمجهڻ ذرا مشڪل آهي. اوسيرس جو اهڙيءَ طرح ٺاهيل مجسمو هڪ سال تائين محفوظ رکيو ويندو هو، جنهن کان پوءِ ان کي بلڪل اهڙي ئي نموني سان ساڙيو ويندو هو، جهڙيءَ طرح ”پائين“ وڻ مان ٺڪيل اٽيس جي مجسمي کي ساڙيو ويندو هو. وڻ کي وڍڻ جي رسم جو ذڪر، جنهن نموني سان فرمڪس مئٽرنس ڪيو آهي، تنهن جو پلوٽارڪ ۾ حوالو ڏنو آهي.

معلوم ٿئي ٿو ته، اها رسم اوسيرس جي لاش جو "ايريڪا" وڻ مان دستياب ٿيڻ واري ڏنل ڪٿا جو هڪ رسمي حصو آهي. ڊينڊرا ۾، اوسيرس جي مندر واري ايوان اندر، جنهن ديوتا جي ڪفن واريءَ صندوق ۾ باز جي صورت واري "ممي" رکيل آهي، تنهن کي بالڪل صاف طرح وڻ، ۽ شايد صنوبر جي اوري ٿڙ اندر ويڙهيل ڏيکاريو ويو آهي، وڻ جو ٿڙ ۽ سندس ٽاريون ڪفن جي صندوق جي مٿان ۽ هيٺان اڪريل نظر اچن ٿيون. اهو نظارو اهڙيءَ طرح، فرميڪس مٿرامس جي بيان ڪيل ڏنل ڪٿا ۽ ساڻن سوڻ سان بالڪل قريبي طرح ٺهڪي اچي ٿو.

اوسيرس جو وڻن جو ديوتا هئڻ، ان ڪري هيءَ ڳالهه جڳائيندڙ هئي ته، سندس پوڄارين کي ميويدار وڻن کي نقصان رسائڻ کان منع ٿيل هجي ۽ ان جي عام طرح نباتات جي ديوتا هئڻ جي حيثيت ۾، سندس معتقدن کي کوهن جي پاڻيءَ کي روڪڻ، يا بند ڪرڻ جي اجازت نه، هئڻ گهرجي، جو اهي گرم جنوبي علائقن جي آبپاشيءَ لاءِ انتهائي ضروري آهن. هڪ روايت مطابق، اوسيرس پنهنجن پوئلڳن کي انگور جي ول کي مٿن تي چاڙهڻ، ضرورت کان زياده سندس پَنَ کي ڇانگڻ ۽ انگور مان رس ڪڍڻ جو هنر سيکاريو. ٿيبيءَ جي ڪتبي ۾، جو اٽڪل ۱۵۰۰ ق-م واري زماني ۾ لکيو ويو هو، تنهن ۾ اوسيرس کي هڪ آستاني ۾ ويهاريل ڏيکاريو ويو آهي، جنهن جي ڇت مان انگور جا ڇڳا لٽڪي رهيا آهن، ۽ شاهي محرر، لکت جي ڪتبي ۾ اسين ديوتا کي هڪ اهڙي چشمي جي سامهون تخت تي ويٺل ڏسون ٿا، جنهن جي ڪناري وٽان سرسبز ۽ گهاٽن ڇڳن سان ڀريل انگور جي ول ويٺل ديوتا جي سبز صورت ڏانهن وڌندي وڃي ٿي. "آئوي" ٻوٽي جي ول الهيءَ ديوتا کي مقدس هئي ۽ ان کي سندس ٻوٽي سڏيو ويندو هو، ڇاڪاڻ ته اها هميشه سرسبز هوندي هئي.

۳- اوسيرس، آباديءَ جي ديوتا جي حيثيت ۾:

نباتات جي ديوتا جي حيثيت ۾، اوسيرس کي عام طرح سان تخليقي

قوت جو ديوتا سمجهيو ويندو هو، جو ته ارتقا جي ڪنهن منزل تي عام ماڻهو حيوانات ۽ نباتات جي تخليقي قوتن ۾ تميز ڪرڻ کان قاصر ٿين ٿا. چنانچه، سندس پوڄا ۾ هڪ نمايان، حالانڪ پست اخلاق خصوصيت اها علامت نگاري هئي، جنهن جي ذريعي سندس فطرت جي انهيءَ نظريي جو، نه فقط سندس معتقدن ۽ مريدن، پر عوام الناس کي به جلوه ڏيکاريو ويندو هو. هن جي ميلي تي، ڳوٺ جون عورتون سندس تعريف جا گيت ڳائينديون ۽ سندس بيهوده تصويرون کڻي، ڳوٺ ۾ گهمنديون ڦرنديون هيون ۽ انهن کي ڌاڳن جي وسيلي متحرڪ ڪنديون رهنديون هيون. اها رسم، ممڪن آهي ته فصلن جي واڌ ۾ تيزي آڻڻ لاءِ جادوءَ جو هڪ نمونو هجي. جيئن وچ ۾ ته ديوتا جو هڪ انهڙوئي مجسمو، جنهن کي زمين جي سينو قلن سان سينگاريو ويندو هو، سو سندس هڪ مندر ۾ آئسيس ديويءَ جي سامهون بيهاريو ويو هو، انهيءَ ۾ هن ديوتا جي انهيءَ ۾ جيڪي ڪمرا اڏايل آهن، تن مان هڪ ۾ مئل ديوتا جو هڪ پيو مجسمو انهيءَ انداز سان چٽيا تي ستل ڏيکاريو ويو آهي، جو اهو بلڪل واضح نموني ۾ ڏيکاري رهيو آهي ته مئل حالت ۾ به ديوتا جي تخليقي قوت مري ڪانه ويئي هئي، پر اها عارضي طور معطل ٿيل هئي، جا موقعي مان تي هن دنيا لاءِ زندگيءَ ۽ آباديءَ جو ذريعو ثابت ٿيڻ لاءِ تيار هئي. اوسيرس جي تعريف ۾ جيڪي قصيدا ڳايل آهن، تن ۾ سندس فطرت جي انهيءَ اهم خوبيءَ جا حوالا بار بار ڏنا ويا آهن. انهن مان هڪ ۾ چيل آهي ته "هيءَ دنيا فقط انهيءَ ديوتا جي انهيءَ قوت جي ذريعي سان ٿي سرسبز ۽ شاداب ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿي، هڪ ٻئي قصيدي ۾ اعلان ٿيل آهي: "تون ئي انسان ذات جو پيءُ ۽ ماءُ آهين، ماڻهو تنهنجي دم قدم سان زنده آهن، ۽ سندن جيا پي جو دارومدار تنهنجي جسم جي ماس مٿان آهي". انسان هيءُ نتيجو ڪڍي سگهون ٿا ته انهيءَ بدران حيثيت ۾، آباديءَ جي پڻ سينئي ديوتائن وانگر، هن کي به مردن ۽ عورتن

کي اولاد جي نعمت سان نوازيندڙ سمجهيو ويندو هوندو ۽ سندس تقريب تي جهڪي جلوس ڪڍيا ويندا هئا، ان جو مقصد اهو، ته زمين ۾ ٻوٽن ٻج کي تيزيءَ سان اسرڻ جي طاقت بخشڻ جو هوندو. انهن علامتن ۽ رسمن کي، جن کي مصري باشندا ديوتا جي الهيءَ نطريءَ کي مؤثر بنائڻ جي ارادي سان عمل ۾ آڻيندا هئا، ته کي بيهوده ۽ اخلاقي معيار کان ڪريل سمجهي، سندن مذمت ڪرڻ، قديم مذهبن سان بي انصافي ڪرڻ جي مترادف ٿيندو. انهن رسمن جي ادائگيءَ سان آهي جن مقصدن کي حاصل ڪرڻ جو ارادو رکندا هئا، سي بلڪل فطرتي ۽ تعريف جي لائق هئا، فقط جيڪي وسيلا اختيار ڪيا ويندا هئا، سي غلط هئا. بوالهوس کي ئي ساڳي ئي اسم جي غلط فهميءَ ديئونيسس ديوتا واري سندن تقريبن ۾ اهڙين علامتن کي اختيار ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ انهن ٻنهي مذهبن ۾ جيڪا متاثري، حالانڪ بلڪل نمايان مشابهت، اهڙيءَ طرح پيدا ٿي بيٺي لڳهن، پر سڀني ڳالهين کان زياده، قديم خواه جديد تفتيش ڪندڙن کي انهن ٻنهي ديوتائن کي جيڪي، انهنجيءَ فطرت ۾ هڪ ٻئي سان قريبي يڪسانيت رکڻ جي باوجود، انهنجي انهنجي بنياد ۾ هڪ ٻئي کان يقيناً مختلف ۽ آزاد آهن، ان کي هڪ ڪري سمجهڻ لاءِ گمراه ڪيو آهي.

٤- اوسيرس، اهل ممات جو بادشاه: اسان ڏسي آيا آهيون ته اوسيرس، انهنجي هڪ صورت ۾ مثل ماڻهن جو حڪمران ۽ منصف هو. مصريان جهڙيءَ قوم، جيڪا مابعد موت جي زندگيءَ ۾ نه فقط يقين رکندي هئي، ان جا سچ اچ انهنجو اڪثر وقت، پورهيو ۽ پيسو ان جي تياري ڪرڻ ۾ صرف ڪندي هئي، تنهنجي نظرن ۾ ديوتا جو اهو فرض، ڌرتيءَ سان پوريءَ موسم ۾ سڀني ميون کي نمودار ڪرڻ جي خاطريءَ ڪرڻ جي سندس فرض ادائگيءَ کان زياده اهم حيثيت وارو هوندو، هيءَ لباس آرائي ڪري سگهجي ٿي ته سندس پوڄارين ۽ پوئلڳن جي اعتقاد موجب، ديوتا جا اهي ٻئي علائقا هڪ ٻئي سان قريبي رشتي ۾ منسلڪ سمجهيا

ويندا هوندا. پنهنجن مٿان کي زمين ۾ دفن ڪرڻ سان هو انهن کي انهيءَ هستيءَ جي مورد ڪندا هئا، جا کين خاڪ مان ٻيهر اڀري زندگيءَ بخشڻ جي بلڪل انهيءَ طرح قابل هئي، جهڙيءَ طرح اها ٻج کي زمين مان ڦوٽي ٻاهر ڪڍڻ جي طاقت جي مجاز هئي. انهيءَ اعتقاد متعلق، مصري مقبرن مان دستياب ٿيل اوسيرس جا اناج سان ڀريل مجسما، بالغ ۽ لاثاني ثبوت مهيا ڪري رهيا آهن. اهي مجسما، هڪ ئي وقت تي، انهن زندگيءَ جي علامت ۽ ذريعو هئا. چنانچه، اناج جي داڻي جي ڦٽڻ يا اڪرڻ مان، قديم مصري لوڪ انسان جي لافاني حيثيت متعلق شگون ڪڍندا هئا. انهيءَ ڪمزور ۽ هلڪي بنياد تي ساڳين اعليٰ اميدن جي بلند عمارت اڏي ۽، مصري قوم انتها تائين.

انهيءَ ديوتا، جو انهيءَ طرح پنهنجن ماڻهن کي هن دنيا اندر پنهنجي پيڪل ۽ ٽٽل جسم جي زور تي جيئرو رکندو هجي ۽ جو هن کان پوءِ، هڪ بهتر عالم ۾ کين ابدي مسرت زندگيءَ جو وعدو ڏيندو هجي سو، لازمي طور، سندن دلين تي حڪومت هلائيندو هوندو. چنانچه، هن ڳالهه تي اسان کي ڪوبه تعجب نه ٿئي گهرجي ته مصر ۾ اوسيرس ديوتا جي پوڄا ٻين ديوتائن جي پوڄا تي حاوي ٿيندي وئي هئي ۽ هڪ طرف، جتي انهن ديوتائن جي پوڄا فقط سندن مختلف ۽ محدود علائقن ۾ ڪئي ويندي هئي، اتي اوسيرس جي پوڄا هڪ ئي وقت تي انهن سڀني علائقن ۾ ٿيندي هئي.

باب ايڪيتاليهون

آئسس

آئسس ديويءَ جي اصلي حقيقت کي سندس پاڻ ۽ مڙس، اوسيرس جي اصليت جي مقابلي ۾ سمجهڻ زياده مشڪل آهي. سندس خصلتون ۽ صفتون ايتريقدر گهڻيون هيون، جو قديم مصري پوڄاريءَ ۾ اهيءَ ديويءَ کي ”گهڻن نالن واري“، ”هزار نالن واري“ سڏيو ويو آهي ۽ يوناني تحريرن ۾ ان کي ”انيڪ نالن“ واري ڪوٺيو ويو آهي. ان جي باوجود، هن جي اهڙي دشوار، اهم شخصيت ۾ اهيءَ اصلي مرڪزي نقطي جو سراغ لڳائي سگهڻ اجا به ممڪن آهي، جنهن جي چوڌاري پوءِ جزئي گڏجي آهستي آهستي ان جي مقدار ۾ اضافو آندو آهي. جو ته جڏهن سندس پاڻ ۽ مڙس، اوسيرس هڪ صورت ۾ اناج جو ديوتا هو، جيئن اسان مٿي ڏسي آيا آهيون، ته پوءِ هوءَ ضرور اناج جي ديوي هوندي. اهڙي خيال لاءِ اسان وٽ ڪي ان ڪري ڪجهه دليل موجود آهن. جو ته جڏهن ڊايوڊورس سالڪيولس تي اعتبار ڪجي، جنهن مصر جي تاريخ لکي، مالٿو جي اختياريءَ تي ڀاڙيو آهي ته پوءِ ڪڻڪ ۽ جَوَن جي موجودگي آئسس ساڻ وابسته ڪئي وئي هئي، ۽ ان جي ميلي تي اناج جي مختلف قسمن جا سلا، هن مقصد سان جلوس جي صورت ۾ کڻيا ويندا هئا ته جيئن اهيءَ نعمت لاءِ سندس شڪرگذاري ڪئي وڃي ۽ ان جو يادگار ملهايو وڃي. آگسٽين وري ان باري ۾ هڪ اهڙي تفصيل جو اضافو ڪيو آهي. هو چوي ٿو ته آئسس اهيءَ وقت تي جَوَن جا سنگ لڌا هئا، جڏهن هوءَ

پنهنجي ۽ اوسيرس جي اَن، ڏاڏن جي نالي ۾، جي ميٺي
بادشاهه ٿي گذريا هئا، قرباني ڪري رهي هئي ۽ هُن اهي لواڻ
لاڙل چوَڻ جا سنگ اوسيرس ۽ سندس صلاحڪار، ٿوٿ ۽ ٻا،
مرڪيوريءَ کي، جنهن رومي مصنفن هن کي سڏيو آهي، ڏيکاريا.
آگسٽن چوي ٿو ته اهوئي سبب آهي جو اهي کيس سوريس سان
شناخت ڪندا آهن. ان کان سواءِ، مصري ڪڙمي لاباري وقت
جڏهن ٻهريان سنگ لڙهندا هئا، تڏهن انهن کي زمين ۾ رکي
پنهنجا سيئا ڪٽيندا هئا ۽ ورلاپ ڪري آسيس کي پڪاريندا هئا.
الهيءَ رسم جي سمجهاڻي اِهو اڳيئي هيءَ ڏيئي آيا آهيون ته اهي
ورلاپ الاڄ جي مقتول روح لاءِ ڪيا ويندا هئا، جنهن کي ڏاٽيءَ
سان قتل ڪيو ويندو هو. تحريرن ۾ جن صفتن سان آسيس کي
مخاطب ڪيو ويو آهي، ان ۾ "سڀني شين جي خلقيندڙ" سائي
ديوي، جنهن جو سائو رنگ سائيءَ ڌرتيءَ وانگر آهي"، "مائيءَ
جي مالڪياڻي"، "ابر جي خاتون"، "آسودگي ۽ خوشحاليءَ جي
مالڪياڻي"، جهڙا نالا شامل آهن. ارگس جي راءِ مطابق هوءَ،
نه فقط الهيءَ ساوڪ جي خلقيندڙ آهي، جا روءِ زمين کي سائو
پوش چاڙهي بيٺي آهي، ۽ هوءَ سائي آهه جي خود بني ان
آهي، جنهن کي ديويءَ جي شخصيت ڏني آهي." الهيءَ
حقيقت جي تصديق سندس هن صفت مان به ٿي رهي آهي،
جنهن کي "سوچيٿ" يعني "اَن جي هڪ بني" چيو ويو ٿو.
الهيءَ لفظ جو ڪونڪ پوليءَ ۾ اچا نه، اهو مفهوم ورتو ويو
ٿو. يوناني باشندا آئسس جو تصور آلاڄ جي ديويءَ جي حيثيت
۾ ڪندا هئا، جو ته اهي هن کي ڊيميٽر ديويءَ سان هڪ ڪري
سمجهندا هئا. هڪ يوناني نظم ۾ کيس "اها، جنهن زمين جي
ميوي کي جنم ڏنو آهي" ۽ "اَن جي سنگن جي ماءُ" جي نالن
سان سڏيو ويو آهي، ۽ هڪ اشلوڪ ۾، جو سندس اعزاز ۾
منظوم ڪيو ويو آهي، هوءَ پاڻ کي "ڪڻڪ جي بنيءَ جي ملڪه"
سڏي ٿي ۽ ساڳي ٿي هنڌ کيس "ڪڻڪ سان ڀريل ٻيڙي جي

سنڀال ڪرڻ جي فرض ادائيءَ ڪرڻ واري" ڪوٺيو ويو آهي. چنانچه، يوناني خواه رومي ڪلاڪارن، گهڻو ڪري، سندس مٿي تي يا هٿ ۾ اَنَ جا سنگ ڏيئي، سندس شخصيت نمائنده ڪئي آهي.

اها هئي قديم زماني جي آئسس — اناج جي هڪ دهقاني ماتا، جنهن جي مصري ڀانڪا، ابوده رومي ماڻهو پوڄا ڪندا هئا. پر مصرين جي شڪل ۽ صورت جهڙيءَ الهيءَ ديويءَ جي مڏيءَ ساديءَ صورت کي الهيءَ ڏيکاريو ۽ درويشاڻي شڪل ۾ شناخت ڪرڻ مشڪل آهي، جا هن صدين جي مذهبي ارتقا جي روحانيت سبب، انهن دورن جي پوڄارين اڳيان، هڪ سچي زال، مشفق مادر ۽ فطرت جي رحمدل راڻيءَ جي صورت ۾ پيش ڪئي ۽ جنهن جي چوڌاري اخلاقي خلوص، ۽ انتهائي قديم ۽ رازدار تقدس جو منور حلقو لڳل هو. اهڙيءَ طرح سڀني ڪدورتن کان پاڪ ٿي، ۽ پنهنجي اصليت ڦيرائي، هن پنهنجي اصلي وطن جي سرحدن کان گهڻو دور تائين ماڻهن جون دليون تسخير ڪري ورتيون. قديم دور ۾، جڏهن قومي زندگيءَ جي زوال سان گڏ، مختلف مذهبن جو جهڳڙو ۽ گهمسان روان ٿيو هو، تنهن ۾ هن ديويءَ جي پوڄا روم ۽ ان جي سلطنت جي سڀني دور دراز علائقن ۾ انتهائي دلپسند ۽ هردلعزيز هئي. رومي فرمانروائن مان ڪي، خود به انهيءَ پوڄا جا بلڪل ڪليءَ طرح دلداده ۽ عادي هئا. آئسس جي مذهب کي، ٻين سڀني مذهبن وانگر، پست اخلاق ۽ بدڪردار ماڻهن ڪيتري قدر به ڪئي پنهنجي بداعمالين کي پوشيده رکڻ لاءِ پردي طور استعمال ڪيو هجي، ان جي باوجود اهو معلوم ٿئي ٿو ته ان جي ساڳين سوڻن ۽ رسم و رواج کي سنهڻ وقار، شان ۽ شوڪت، سنجيدگي ۽ شرافت سبب، جي هڪ اي آرام ۽ اڇين روح کي سڪون بخشڻ ۽ هڪ مغموم دل جي بار کي هلڪي ڪرڻ لاءِ بلڪل موزون ۽ بجا آهي، سراسري طور ٻين مذهبن جي رسمن کان باعزت طريقي سان ممتاز ڪيو ويو آهي. ان ڪري، انهن ساڳين سوڻن نازڪ مزاج روحن ۽ ڪن ٻين کي، جن ۾ عورتون سڀني کان زياده

نمايان هيون، جن کي پڻ مشرقي ديون جي بداخلاقي ۽ خونخوار
رسم ۽ رواج چرڪائي، پاڻ کان متنفر ڪري ڇڏيو، پاڻ ڏانهن
زياده ڪشش ڪئي. اهڙيءَ حالت ۾ اسان کي ڪو عجب نه
ڪرڻ گهرجي ته اهڙيءَ ستيءَ ۽ زوالت جي دؤر ۾، جڏهن
روايتي اعتقادن ۾ جنبش اچي ويئي، جڏهن مختلف طريقن جو
هڪ ٻئي سان ٽڪر ٿيو، جڏهن ماڻهن جي دلين ۾ بي آراميءَ
اچي گهر ڪيو ۽ جڏهن خود سلطنت جي تار و پود ۾، جنهن کي
ڪنهن وقت ابدي سمجهيو ويو هو، خطرناڪ چير ۽ شگاف نمودار
ٿيڻ لڳا، ان وقت آئسس جي پُر سڪون مجسمي، جنهنجي روحاني
سڪون ۽ بقا جي فراخدلانه وعدي سان اڪثر ماڻهن کي طوفاني
آسمان ۾ هڪ تاري وانگر نظر آيو هوندو ۽ ان سندن دلين ۾
عبادت جو اهڙو جذبو پيدا ڪيو هوندو، جنهن جي نوعيت
وچين صدين ۾ "ڪنواري مريم" لاءِ ماڻهن جي دلين ۾ پيدا
ٿيل جذبي کان مختلف ڪانه هئي. درحقيقت، ان جي شاهاڻن سائين،
سندن ٺوڙهيل پادرين، ان جي صبح ۽ شام جدا جدا عبادتن، مرلي
موسيقيءَ، بتسمن ۽ پاڪ پاڻيءَ جي ڇنڊڻ، سندس سنجيده ۽ رعب دار
جلوسن، ۽ "ديوتا جي ماءُ" جي هيرن ۽ جواهرن سان جڙيل
مجسمن ۾ ڪيٿولڪ فرقي وارن جي شان و شوڪت، رسمن ۽
رواجن سان مشابهت رکندڙ ۽ ٺهڪندڙ گهڻئي نڪتا موجود هئا.
اهو ڪو ضروري ناهي ته ٻنهي جي درميان جيڪا مشابهت نظر
اچي ٿي، سا ڪا هرو ڀرو اتفاقي آهي. ممڪن آهي ته قديم مصر،
ڪيٿولڪ ڪليسا جي شاندار علامتي مصوريءَ ۽ سندس فقه جي
ڦڪن نظرين ۾، پنهنجو حصو شامل ڪيو هجي. مصوريءَ ۾ يقيناً،
آئسس جو اهو مجسمو، جنهن ۾ هوءَ معصوم هورس کي ٿڃ ڏياري
رهي آهي، سو "مڊونا"* ۽ سندس ٻار واري مجسمي سان ايتري قدر
مشابهت رکي ٿو، جو ڪن وقتن تي جاهل ۽ بي علم عيسائين

* اهو مجسمو، جنهن ۾ ڪنواري بيبي مريم معصوم مسيح کي ٿڃ
پيئاري رهي آهي.

ان جي ٻوڇا ۾، ڪٿي آهي، ممڪن آهي ته "ڪنواري مريم" کي، ٻيان ڏئورڪ ۾ "اسٽيلا مارس"، يعني "سمنڊ جو ستارو" جي چمڪدار خوبصورت صفت ڏني وئي هئي، جنهن جي تحت طوفان ۾ ڦاٿل جهازن جا خلاصي ڪيس مدد لاءِ پڪاريندا آهن. انهن لاءِ هوءَ شايد آئسس ديويءَ جي مرهون منت آهي. معلوم ٿئي ٿو ته آئسس ديويءَ کي سامونڊي ديويءَ جون صفتون اسڪندريه جي سامونڊي سفر ڪندڙ ٻيڙيائن عطا ڪيون هيون؛ اهي صفتون هن جي اصليت ۽ مصرين جي عادتن کان، جن کي سمنڊ سان ڪابه الفت ڪانه هئي، بلڪل بيگانيون آهن. انهيءَ ڀاس آرائيءَ جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته آئسس جو چمڪدار ستارو، سائرس، جو جولاءِ مهيني جي ڏينهن ۾ صبح جو سوير مشرقي پڙلوچ سمنڊ جي شفاف لهرن مان اڀرندڙ معلوم ٿيندو آهي ۽ جو خلاصين لاءِ خوشگوار آب و هوا جو اشارو ۽ پيغامبر هوندو آهي، سوئي سچو "اسٽيلا مارس"، يعني "سمنڊ جو ستارو" آهي.

باب ٻاويتاليهون

اوسيرس ۽ سج

اوسيرس کي ڪڏهن ڪڏهن سورج ديوتا سمجهيو ويو آهي ۽ جديد دور ۾ اهو نظريو اهڙن ممتاز مصنفن قائم ڪيو آهي، جو اهو هن هنڌ مختصر جاچ جو مستحق آهي. ان باري ۾ جيڪڏهن اسين اهو دريافت ڪريون ته اوسيرس کي ڪهڙن شهادتن جي آڌار تي سورج، يا سورج ديوتا سان شناخت ڪيو ويو آهي، ته پوءِ انهن شهادتن جي تجزيي ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته سندن مقدار بلڪل خفيف، ۽ جنس، جي حالت ۾ اها بلڪل بيڪار ناهي، مشڪوڪ آهي. جديد دور جو هڪ محنتي ۽ اورچ عالم، "جابلونسڪي"، جنهن قديم مصري مذهب جي متعلق ڏالدڪتائي دور جي مصنفن جي شهادتن کي هڪ هنڌ جمع ڪري، انهن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي آهي، سو چوي ٿو ته اها حقيقت ڪنهن ٻي رستي سان ثابت ڪري سگهجي ٿي ته اوسيرس سج آهي ۽ ان ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ هو ڪيترائي شاهد پيدا ڪري سگهي ٿو. پر اهڙي تڪليف ڪرڻ جي ڪا، ضرورت ڪانهي، ڇو ته، ڪوبه پڙهندڙ ماڻهو ان حقيقت کان بيخبر ڪونهي. جي قديم مصنفن جي حوالي ڏيڻ جي هو تڪليف گوارا ڪري ٿو، ته هو سان ڇهڪي ، اوسيرس کي سج سان صاف لفظن ۾ شناخت ڪن ٿا، سي ڊيوڊورس ۽ مئڪروبيس آهن. پر انهن جي شهادتن کي ڪو خاص وزن نه ٿو ڏيئي سگهجي، ڇو ته ڊيوڊورس جو بيان مبهم ۽ رڳو اصطلاح آهي، ۽ اوسيرس جي سج سان شناخت لاءِ مئڪروبيس، جو سج سان

واسطہ ڏيندڙ ڪتابن جي انهن مان هڪ آهي، انهن جهڙي سڀ
ڏنا آهن، سي بلحد خصوص آهن.

اوسيرس کي سج سان شناخت ڪرڻ لاءِ جديد دور جا ڪي
مصنف، جنهن دليل تي خاص طرح آڌار رکندا معلوم ٿين ٿا، سو
هيءَ آهي ته ان جي موت جي ڳالهه، فطرت جي انهي ڪنهن نه
نظام سان اتريندڙ ٿي لڳي، جهڙوڪ شمسي نظام سان. هيءَ
ڳالهه ته آسانيءَ سان قبول ڪري سگهجي ٿي ته سج جي روزمره
جي طلوع ۽ غروب ٿيڻ جي حقيقت جو اظهار سندس موت ۽ دوباره
جنم وٺڻ جي ڏيندڙ ذريعي بلڪل خوبيءَ سان ڪري سگهجي
ٿو، ۽ جهڙي مصنف اوسيرس کي سج سان شناخت ڪن ٿا،
جي هن ڳالهه ڏانهن خاص طور اشاري ڪرڻ جو احتياط ڪندا
آهن ته هو سمجهن ٿا ته اها ڏيندڙ سج جي روزاني، ۽ نه
سالياني، گردش سان واسطہ آهي. چنانچه، رينوف، جنهن اوسيرس
کي سج سان شناخت ڪيو هو، انهن هيءَ ڳالهه تسليم ڪئي
آهي ته هڪ مصري باشندو سج کي ڪنهن به معقول طريقي سان سياري
۾ مئل ڪري سمجهي! سگهجي. اها ۽ جهڙڪڏهن الهيءَ روايت جو
موضوع سج جو روزانو موت آهي ته ان صورت ۾ ان کي سالياني
تقريب ذريعي جو لڳو ملهايو وڃي؟ اها هڪ ٿي حقيقت الهيءَ
ڏيندڙ جي سج جي روزمره جي طلوع ۽ غروب ٿيڻ واريءَ
سمجهاڻيءَ جي راه ۾ سوقمار دليل ثابت ٿئي ٿي، جهڙوڪ
الهن ۾ ڪٿي چئجي ٿو ته سج روزانو مري ٿو، ته ان حالت ۾ اهو
ڪهڙي مفهوم ۾ ناس ٿئي ٿو.

اسان جي تفتيش جي دوران ۾، منهنجي خيال موجب اها
ڳالهه صاف ڪئي وئي آهي ته الهيءَ ڪان سواءِ هڪ ٻيو به اهڙو
فطري نظام قائم آهي، جنهن سان موت ۽ دوباره جنم جو نظريو
اتري قدر ته لاڳو آهي، جيتري قدر سج جي غروب ۽ طلوع سان،
۽ جنهن کي درحقيقت لوڪ ۽ رسمن ۾ الهيءَ ٿي حيثيت سان
خيال ۾ آندو، ۽ نمائندو ڪيو ويو آهي. اهو نظام نباتات جو

سالياني چڪر ۾ ڪوماڻجڻ آهي. اوسيرس جي موت مان سج جي غروب ٿيڻ جي مقابلي ۾ نباتات جي ڪوماڻجڻ جي معنيٰ ڪڍڻ لاءِ، هڪ زوردار سبب، قديم زماني جي انهيءَ عام، حالانڪ غيرمتفق، راءِ مان ملي ٿو، جنهن اوسيرس، ائڊونس، اٽيس، ڊايونيسس ۽ ڊيميٽر جي مذهبن ۽ ڌار ڪٿائن کي بنيادي طور ساڳي نوعيت جي مذهبن جي طبقي ۾ رکيو آهي. انهيءَ موضوع تي قديم زماني جي راءِ ۾ ايڪو اتفاق آهي، سو ايتري قدر گهڻو معلوم ٿئي ٿو، جو ان کي محض وهم سمجهي مسترد ڪري نٿو سگهجي.

اوسيرس جا مکيه ۽ ساٿ بائيبلس واري ائڊونس جي رسمن سان ايتري قدر ويجهي مشابهت رکندا هئا، جو خود بائيبلس جي باشندن مان ڪن جو اهو رايو هو ته اهو اوسيرس هو، ۽ نه ائڊونس، جنهن جي موت تي اهي ماتم ڪندا هئا. يقيناً، اهڙي راءِ ڪڏهن به قائم نه ڪئي وڃي ها، جيڪڏهن انهن ٻنهي ديوتائن جون رسمون ۽ رواج ايتري قدر هڪ جهڙا نه هجن ها، جو هڪ ٻئي کان ذري گهٽ ناقابل شناخت هجن ها. هيروڊوٽس کي اوسيرس ۽ ڊايونيسس جي رسمن ۾ ايتري قدر ته گهڻي مشابهت نظر آئي، جو کيس اها ڳالهه ناممڪن معلوم ٿي ته مؤخرالذڪر بالڪل آزادانه طور نمودار ٿيون هونديون، سندس خيال هو ته اهي يونانين، ٿورو ئي زمانو اڳ ٿورن گهڻين تبديلين سان، مصرين کان اڌاريون ورتيون هونديون. هوڏانهن وري پلوٽارچ، جو مختلف مذهبن جو هڪ اونهو طالبعلم آهي، سو اوسيرس ۽ ڊايونيسس جي رسم و رواج جي تفصيلي مشابهت تي ڏاڍو گهڻو زور ڏئي ٿو. اسان اهڙن هوشيار، بيدار مغز ۽ معتبر شاهدن جي بيان کي محض ساده حقيقتن جي بنياد تي، جي سندن ئي دائره عمل ۾ هيون، رد نٿا ڪري سگهون. پوءِ انهن جون اهي جيڪي سمجهاڻيون ڏنيون آهن، تن کي مسترد ڪرڻ ممڪن آهي، ڇو ته مذهبي طريقن جي معنيٰ ۾ گهڻو ڪري اختلاف هوندا آهن، پر رسم و رواج جون مشابهتون مشاهدي جا معاملا آهن. ان ڪري، جيڪي

اوسيرس کي سچ سمجهندا آهن، تن کي يا ته اوسيرس، انبواس،
اتيسس، ڊيئونيسس ۽ ڊيميٽرجي هڪ جوڙائي* متعلق قديم زماني جي
شهادتن کي غلط سمجهي نظرانداز ڪرڻو پوندو آهي، يا وري ڪين انهن
سڀني رسمن کي حج جي اوچا سان وابسته ڪرڻو پوندو آهي. جديد
دؤر جي ڪنهن به عالم انهن متضاد ڳالهين جي ٻنهي طرفن مان
هڪ کي به ان جڳهه* طرح منهن ڏنو آهي ۽ نه ان کي قبول
ڪيو آهي. انهن ٻنهي ڳالهين مان پهرين* کي قبول ڪرڻ جو
مطلب هن حقيقت کي تسليم ڪرڻ ٿيندو ته انهن ديوتائن جي
رسمن متعلق اسان کي انهن مائهن کان زياده معلومات آهي،
جن انهن تي عمل ڪيو، يا گهٽ ۾ گهٽ، جن انهن تي عمل
ٿيندو ڏٺو. ٻين* ڳالهه کي قبول ڪرڻ سان اسان کي انهن
ديوتائن جي ڏاڍ ڪٿائن ۽ رسم و رواج کي ٺڳ ۽ ڪوڙهه، ڪتڻ،
ڇڇڙڻ ۽ سنڌڻ حلي، کي ڳالهين جي مترادف ٿيندو، جنهن کان خود
ملڪرواس جهڙو شخص به احتراز ڪيو هو. ٻئي طرف هڪ* نظريو،
ته انهن سڀني مائن جو مول مقصد نباتات جي موت، ۽ انهن سر
جيئڻ جو نقل ڪرڻ هو، انهن سڀني سائن سوان ۽ رسمن، رواجن
جي، انفرادي، خواه اجتماعي طور، بلڪل آسان، سڌي سنئين ۽
قدرتي اصولي مان سمجهاڻي فراهم ڪري ٿو ۽ قديم زماني جي
مائهن انهن جي بنيادي يڪسانيت جي باري ۾ جيڪي عام شهادتون
ڏنيون آهن، تن سان به اها سمجهاڻي بلڪل ٺهڪي اچي ٿي.

باب ٽيتاليھون

ڊيئونيسس

مٿين باب ۾ اسان ڏٺو ته قديم زماني ۾ مغربي ايشيا ۽ مصر جهڙن مهذب قومن، موسمن جي تبديلين، ۽ خاص طرح نباتات جي ڄمڻ ۽ ڪومائجي مري وڃڻ کي ديوتائن جي زندگيءَ جي واقعات جي سلسلي جهڙن مختلف ٽڪرن سمجهنديون هيون، جن جي افسوسناڪ موت ۾ خوشيءَ واري ٻيهر نئين جنم کي آهي واري وڏيءَ شان، ورلاءَ ۽ خوشيءَ جي ڊرامائي رسمن ذريعي ملهائينديون هيون. پر جيڪڏهن انهن رسمن جي ملهائڻ جو انداز ڊرامائي هوندو هو، ته ساڳئي اصليت جادوي هوندي هئي، يعني ته هم آهنگ جادوءَ جي اصولن تي، ان جو اصلي مقصد، بهار جي موسم ۾ ٻوٽن جي نئين جنم ۽ جانورن جي تعداد ۾ اضافي آڻڻ جي خاطري ڪرڻ هو، جن جو وجود سماري جي ٻڌاءُ ڪارڻ سخت خطري ۾ پئجي ويو هو. بهرحال، قديم دنيا ۾ اهڙا نظريا ۽ رواج ڪنهن به صورت ۾ فقط بابل ۽ شام، فرائگيا ۽ مصر جي مشرقي قومن تائين محدود ڪين هئا، اهڙا خيال فقط خواب آلوده مشرق جي مذهبي رازدارن جي مخصوص پيداوار نه هئا، پر انهن ۾ زياده چست تخيل ۽ سمائي طبيعت وارين قومن به شريڪ هيون، جي ايجيئن جي پٽن ۽ ڪنارن تي آباد هيون. اسان کي قديم ۽ جديد دورن جي چند تفتيش ڪندڙن ساڻ گڏ ائين نه سمجهڻ گهرجي ته انهن مغربي قومن مشرق جي قديم تهذيب وٽان "مرندڙ ۽ "دوباره زنده ٿيندڙ خدا" جو نظريو ۽ ان جا سنجيده لوازمات جا ساڳ سمڻ آڌارا ورتا هئا، جن ۾ انهيءَ تخيل کي پوڄارڻ جي

ساھمون ڊراماڻي انداز ۾ پيش ڪيو ويندو ھو. ان باري ۾، وڌيڪ امڪان ھيءُ آھي تہ مشرق ۽ مغرب جي مذھبن جي درميان، جنھن مشابھت جو سراغ ملي ٿو، سا انھيءَ حالت کان زياده تہ ھجي، جنھن کي اسين عام طرح، حالانڪ غلطيءَ کان، محض اتفاقي جو اشتراڪ سڏيون ٿا، جنھن ۾ ساڳين سببن جو اثر ھڪ جھڙيءَ تفاوت وارن انساني دلين تي، مختلف ملڪن ۾ مختلف آسمانن ھيٺان، ساڳيءَ طرح ڪارگر رھندو ھو. ھڪ ٻالاڻيءَ کي موسمن جي تبديلين جي راز سکڻ، مشڪ ۽ گلاب جي عارضي حسن، سنھري رنگ واري آن جي فاني شان و شوڪت ۽ گلابي رنگ جي ڏاک جي ناپائدار خوبصورتيءَ جي ديدار ڪرڻ لاءِ، دوردراز علائقن جي سفر اختيار ڪرڻ جي ڪا، ضرورت ڪانہ ھئي. ھو پنھنجي خوبصورت ملڪ اندر ئي اونھاري جي روشن شان و شوڪت کي، فطرتي طور حسرت و ياس جي نظرن سان سياري جي اولاھ ۽ اوسٽيءَ ۾ تبديل ٿيندو، ۽ وري بھار جي موسم جي واپسيءَ ڪري نئين زندگيءَ کي خوشيءَ جي فطرتي جذبي سان ڏسي، سال بسال ان جو خير مقدم ڪندو ھو. فطرت جي قوتن کي شخصيت بخشي، سندس سرد ذاتي نظرين کي تصور جي پيارن رنگن سان پرڻ، سندس عريان حقيقتن کي ڏندڪٿائي تخيل جي رنگا رنگي پوشاڪ سان ڍڪڻ جو عادي ھئڻ سبب، ھن پنھنجي لاءِ موسمن جي ڦرندڙ گھرندڙ نظارن مان ديوين ۽ ديوتائن، روحن ۽ پرين جو ھڪ سلسلو وجود ۾ آندو ۽ ھو انھن جي قسمتن جي ساليانن تبديلين جي خوشيءَ ۽ افسردگيءَ، مسرت ۽ حسرت جي جذبات سان يادگيري قائم رکندو آيو، جن جو فطرتي اظھار خوشيءَ ۽ رونق رانديون، عيش و عشرت ۽ ماتم جي مختلف رسمن ذريعي ٿيندو رھيو. ديوي ديوتائن منجھان، ڪن جي حالات تي غور ڪرڻ سان، جي انھيءَ طرح مري، مٿن جي دنيا مان وري نئين سر زنده ٿي اٿندا ھئا، تن جون اسان کي شايد ڪي انھيون تصويرون دستياب ٿي وڃن،

جي الڊواس، اٽيس ۽ اوسيرس ديوتائن جي مغموم تصويرن سان گڏ رکڻ جي قابل هجن. ان باري ۾ اسين ڊيونيسس سان آغاز ڪريون ٿا.

ڊيونيسس، يا باڪس ديوتا کي اسين انگور جي ول ۽ ڊاک جي رس مان پيدا ٿيندڙ خمار جي شخصيت ۾ ڏسڻ کان وڌيڪ قريبي طرح سڃاڻون ٿا. معلوم ٿئي ٿو ته هن جي بيخودي پيدا ڪندڙ ۽ وجد آور اوچا، جا اڻ ضبط ناچن، جذبات کي متحرڪ ڪندڙ موسيقيءَ ۽ انهي جي زيادتيءَ سان مخصوص هئي، انهن ٿريس جي وحشي قبائل ۾ جنم ورتو، جي بداعتداليءَ جي حد تائين انهي جا عادي هئا. ان جا صوفيانہ اصول ۽ فضول سان سون يوناني قوم جي صاف دماغ ۽ سنجيده طبيعت لاءِ بنيادي طور ڌاريا هئا. ان جي باوجود، اهي اوچا اڪثر ماڻهن جي غيبي داناءَ جي شوق ۾ وحشپڻي جي اوائلي حالت ڏانهن مراجعت ڪرڻ جي مادرزاد خواهش کي ايتري قدر پسند آئي، جو اهو مذهب يونان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هڪ اڻ ڦاٽ باه واڱر ڦهلجي ويو، تانجو اهو ديوتا، جنهن اڳ قديم يونان جي مشهور شاعر "هومر" جي اک ۾ نہ ٻڌي هئي، سو يوناني ڪلاسڪا جي سڀني کان زياده هردلعزيز شخصيت ٿي پيو. هن ديوتا جي داستان ۽ سنڌس رسمن جي، اوسيرس جي داستان ۽ رسمن سان ايتري قدر مشابهت آهي، جو اڄ قديم ۽ جديد تفتيش ڪندڙن مان ڪن کي هن راءِ قائم ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو آهي تہ ڊيونيسس پوشيده صورت ۾ اوسيرس ئي هو، جنهن کي مصر کان سڌو يونان ڏانهن درآمد ڪيو ويو هو. پر شهادتن جو زور هن ڳالهہ تي آهي تہ هن جو حسب نسب ٿريس جو هو ۽ انهن ٻنهي جي اوچائن جي درميان جيڪا مشابهت آهي، سا سنڌن نظرين ۽ رسمن جي هڪ جهڙائيءَ مان صاف طور سمجهي سگهجي ٿي.

ڊيونيسس جي اوچا جي، جيتوڻيڪ انگور جي ڇڪڻ سان ڀرپور وڻ ئي خصوصي مظهر آهي، ان جي باوجود، هو هڪ ئي

وقت ۾ وڻن جو عام طور ديوتا ٿي ويو. چنانچه، چيو وڃي ٿو ته قريباً سڀ ٻڌائي "وڻ واري ديوتائن جي آڳ ۾ صدقا ڏيندا هئا" جو، ايشيا ۾، سنڌ ۾ مختلف قبيلن مان "وڻ ۽ وڻن ديوتائن"، هڪ هو. هن جو مجسمو، گهڻو ڪري، محض هڪ سڌو ٿنڀ هوندو هو، جنهن کي ٽاريون ڪونه هونديون هيون، ۽ جنهن کي هڪ ڍڳهو جيو ايل هوندو هو ۽ مٿي جي بدران، هڪ لڪاٽ ڍڪيل هوندو هو، جنهن مان ڏاڙهي لڙڪيل هوندي هئي. ۽ ديوتا جي اصلي فطرت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ، ان جي مٿي، يا جسم مان وڻ جون ٽاريون ڦٽنديون ڏيکاريون وينديون هيون. هڪ گلدستي ۾ سنڌ ۾ ٻئي ديوتا جو مجسمو اڪريل آهي، جو انجيري ۾ واري هڪ وڻ، يا ڪالبري مان اڪرندو ڏيکاريو ويو آهي. چيو وڃي ٿو ته، مالابار دراوڙ ۾، منگنيشيا وٽ، هڪ وڻ جي اندران، جنهن کي هوا لوڏي ڇڏيو هو، ديوتائن جو مجسمو لڌو هو. اهو ديوتا هت مان پوڄيل وڻن جو سرپرست هو ۽ سنڌ ۾ حضور ۾ اهي ئي دعائون ڪيون وينديون هيون ته هو شال وڻن جي واڌ ۾ اضافو آڻي ۽ هن کي آبادگار طبقي جا ماڻهو، خاص طرح ميون جا پوکيندڙ، عزت ڏيندا هئا، جي هڪ قدرتي وڻ جي ٿڙ جي صورت ۾ سنڌ ۾ مجسمي کي پنهنجي باغيچن ۾ کوڙي ڇڏيندا هئا. هن لاءِ چيو ويندو هو ته هن سڀني قسمن جا ميوا، جن ۾ صوف ۽ انجير جو خاص طرح ذڪر هو، کولي لڌا هئا، هن جو حوالو ڏيندي، کيس "گهڻي ميوي وارو"، "اهو، جنهن ساڻي ميوي وارو آهي"، ۽ "ميوي کي وڌائڻ وارو" سڏيو ويندو هو. سنڌ ۾ قبيلن مان هڪ، "پريل" يا "قالندر" (جنهن رس، يا پور سان) هو ۽ اٽيڪا ۽ اٿاڻيا ۾، پٽرائي وٽ، هڪ گلن وارو ديوتا هو. انهن وارا زمين جي ميون جي واڌ ۽ پنهنجي آسودگيءَ لاءِ کيس صدقا ڏيندا هئا. جڏهن ته وڻ کيس مقدس هئا، ان ۾ انگور جي ول کان علاوه، "پائين" وڻ به شامل هو. ڊيلفيءَ واري غيبي آواز ڪارنٿيا وارن کي هڪ خاص قسم جي "پائين" وڻ

کي ”ديوتا مان ابرار“ ٻوٽن جو حڪم ڏنو هو، ان ڪري انهن مائٽن آن وڻ مان ڊيئونيسس جا ٻه مجسما تيار ڪيا، جن جا منهن سرخ ۽ باقي جسم گلٽ جا ٺهيل هئا. مصورن جي ناهيل شاهڪارن ۾ ديوتائن، يا سندن پوڄارين جي هٿ ۾ هڪ لڪڙي ڏنل آهي، جنهن جي منهن ۾ ”ٻانهن“ وڻ جو ڪوڪڙو لڳل ڏيکاريو ويو آهي. هيٺين، انهي ديوتا سان ۽ ”آئوي“ قسم جي وَل ۽ انجير جي وڻ کي خصوصي طور واسطو ڪيو ويو آهي. اچرانگي جي اٽڪ شهر ۾ ”ڊيئونيسس-آئوي“ نالي هڪ وَل هوندي هئي، لسبائي وٽ ”انجير-ڊيئونيسس“ نالي هڪ وڻ هوندو هو، اٽڪسوس ۾ جتي انجيرن کي ”ميليچيا“ چيو ويندو هو، اتي ڊيئونيسس ميليچيئوس نالي هڪ اهڙي ديوتا جي پوڄا ڪئي ويندي هئي، جنهن جي مجسمي جو منهن انجير جي ڪاٺي جو ٺهيل هو.

ان کان سواءِ، ڪي اهڙيون علامتون آهن جي، حالانڪ ٿوريون، پر ان جي باوجود، قابل غور آهن، جن مان ثابت ٿئي ٿو ته ڊيئونيسس جو زراعت ۽ اناج جي ديوتا جي حيثيت ۾ به تصور ڪيو ويو هو. چيو وڃي ٿو ته هو پاڻ به آبادگاريءَ جو ڪم ڪندو هو، هيءُ به ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ته هو پهريون شخص هو، جنهن ڍڳن کي هر ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيو، ان کان اڳ ۾ هر کي هٿ کان گهليو ويندو هو، انهيءَ روايت ۾ هن راز جو سراغ ڳولي هٿ ڪيو ويو، جنهن اڳتي هلي ڏسنداسون ته ديوتا پنهنجن پوڄارين کي ٻڌو چوپائي ڍور جي صورت ۾ ديدار ڪرائيندو هو، اهڙيءَ طرح، چيو وڃي ٿو ته ڊيئونيسس ديوتا، هر جي جوڙيءَ جي رهبري ڪندي، اڳتي هلندي ۽ ٻج ڇٽيندي، آبادگارن جي مشقت ۾ آساني پيدا ڪئي. ان کان علاوه هي به چيو ويو آهي ته ٿريس رياست ۾ پئسالٽالي نالي هڪ ٻيلي جي ملڪ ۾ ڊيئونيسس جو هڪ وڏو ۽ خوبصورت مندر هو، جنهن ۾ سندس ميلي جي رات تي، هڪ تيز روشنائي چمڪندي نظر ايندي هئي، جا پرورو ۽ پلي اصل لاءِ ديوتا جي طرفان ڏنل ضمانت هوندي

هئي. پر، جيڪڏهن اهو سال فصل ناڪامياب ٿيڻ وارا هوندا هئا، ته اها پراسرار روشنائي نظر ڪانه ايندي هئي. آسماني مثال، حسب سابق، اولهه جو سياه اڙدو چانڊوڪي نظر ايندو هو. انهن ڪانسواءِ، ڊايونيسس جي نشانن ۾ ڇڄ ۽ شامل هو، جنهن کي اڄ تائين ۽ ڪڙمي، اناج جي داڻن کي مٽي هوا ۾ اڇلائي، وري منجهس ڇڇڻي، اناج کي ٿوٽڙن کان جدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن. انهيءَ سادي زرعي اوزار کي ڊايونيسس جي صوفيانه رسم و رواج ۾ وڏو درجو حاصل هو، درحقيقت، هڪ روايت ۾ چيو ويو آهي ته انهيءَ ديوتا جي جنم وقت اُن کي پينگهي جي بجاءِ، هڪ ڇڄ ۾ رکيو ويو هو. مصوريءَ جي شاهڪارن ۾ کيس هڪ معصوم ٻار جي صورت ۾ ڇڄ ۾ اندر ليٽيل سمهيل ڏيکاريو ويو آهي. انهن ئي روايتن ۾ اهڙن اظهارن سبب، هن "لڪنائيٽس" جي صفت حاصل ڪئي، جنهن جي معنيٰ آهي، "اهو، جيڪو ڇڄ وارو آهي".

نباتات جي ٻين پڻ ديوتائن وانگر، ڊايونيسس لاءِ ۽ اهو ئي اعتقاد هو ته هن کي قتل ڪري زوريءَ ماريو ويو هو، پر کيس دوباره زنده ڪيو ويو هو، هن جي ڏکن ڏاکڙن، موت ۽ اٿڻ جنم کي مقدس رسمن ۾ ڊرامائي طور ادا ڪيو ويندو هو. هن جو دک ڀريو داستان نونّس نالي هڪ شاعر انهيءَ طرح بيان ڪيو آهي. زيوس ديوتا هڪ نانگ جي صورت ۾ پرسيفون وٽ ويو، جنهن هن کي زئگريوس، يعني ڊايونيسس، سڱن وارو معصوم ٻُٽ ڄڻي ڏنو. اهو معصوم ٻار اڃا ڄائو مس هو، ته هو پنهنجي والد، زيوس ديوتا جي تخت تي چڙهي ويو ۽ وڄ کي پنهنجي ننڍڙي هٿ ۾ کڻي ڦيرائيندي، انهيءَ عظيم ديوتا جو نقل ڪيو. پر هو گهڻيءَ دير تائين تخت تي ڪونه ويهي سگهيو، جو ته دغاباز ٽائٽنن* ٽيولي جي ماڻهن، جن جا منهن چنّ

* غيرمعمولي جسامت وارن ماڻهن جي هڪ قوم، جا زيوس ديوتا جي هٿان ۾ قائم ٿيل عالمي نظام کي ظاهري ناراضگيءَ سان مچيندي هئي.

سان اچا ٿيل هئا، مٿس اُن وقت حملو ڪيو، جڏهن هو آئيني ۾ پنهنجو منهن ڏسي رهيو هو. ڪجهه وقت تائين ته هو سندن حملي کي پنهنجي شڪل کي مختلف صورتن ۾ بدلي، ٽاريندو رهيو ـــ ڪڏهن هو ڍڳي جي ڪرواس ديوتائن، ڪڏهن ڪنهن نوجوان، ته ڪڏهن شينهن يا گهوڙي ۽ نانگ جهڙن صورتون هڪ ٻئي پٺيان اختيار ڪيون. آخرڪار، هو ڍڳي جي صورت ۾ پنهنجن دشمنن جي خونخوار خنجرن جو شڪار ٿيو، جن کيس ٽڪرا ٽڪرا ڪري کٽي ڇڏيو ڪيو. ڪريٽ ٻيٽ واري سندس ڏاڍ ڪٿا، جنهن جو ارهڪس مفرائس ذڪر ڪيو آهي، سا هن طرح آهي: هن لاءِ چيو ويندو هو ته هو ڪريٽ جي ٻيٽ جي جيوپيٽر نالي هڪ بادشاه جو حرامي پٽ هو. جيوپيٽر پنهنجي ملڪ کان ٻاهر ويندي، پنهنجو تخت و تاج ٽو سال ڊيئوليسس کي منتقل ڪري ڏنو، پر جيئن ته کيس معلوم هو ته سندس زال، جونو جي دل ۾ پار لاءِ متعصبانه نفرت پيدا هئي، ان ڪري هن ڊيئوليسس جي سارسنڀال ۽ پرورش سندس محافظن سان هڪ اهڙي جي سپرد ڪئي، جنهن تي کيس ڀاور هو. پر جيونو محافظن کي رشوت ڏئي ۽ ٻار کي هڪ جهنجهڻ ۽ حرفت سان تيار ڪيل هڪ آرسيءَ سان ولڏرائي ۽ ٺڳائي، هڪ ڪمينگاه ڏانهن وٺي وئي، جتي سندس ظفلي سائي، ٽيٽن ابهاڻي وارا تيار بيٺا هئا ۽ انهن ٻار تي حملو ڪري، سندس هر هڪ عضوو جدا ڪيو ۽ ان جي مرده جسم جي ٽڪرن کي مختلف جڙي ٻوٽين ۾ جوش ڏئي، کائي ڇڏيو. پر جيوپيٽر جي ڌيءَ منروا، جا بذات خود الهيءَ ڪٿي ڪم ۾ شريڪ هئي، تنهن ٻار جي دل ٻاڻ وٽ رکي ۽ جڏهن جيوپيٽر واپس آيو، تڏهن اها هن کي ڏئي، الهيءَ ڏوه جو سچو داستان سندس گوش گذار ڪيو. غصي ۾ باه ٿي، جيوپيٽر ٽيٽن ابهاڻي وارن کي عذاب ڏئي ماريو ۽ پٽ جي موت سبب جيڪو کيس رنج رسيو، تنهن کي لڏي ڪرڻ لاءِ هن سندس هڪ مجسمو تيار ڪرايو، جنهن ۾ هن الهيءَ جي دل بند ڪري، سندس اعزاز ۾ هڪ وڏو مندر تعمير ڪرايو. هن

صورت ۾، جوپيٽر ۽ جونو (زيوس ۽ هيرا) کي ڪريٽ ٻيٽ جو بادشاهه ۽ راڻي ٻڌائي، ڏيڍڪٽا کي حفاظت ڪندڙ، ولڳ ڏنو ويو آهي. جن محافظن جو حوالو ڏنو ويو آهي، سي اهي ڏيڍڪٽائي ڪوريبنٽس آهن، جن معصوم ڊائونيسس جي چوگرد اهڙي ئي لموڻي مان جنگ جو ناچ ڪيو هو، جيئن اهن لاءِ چيو ويندو آهي ته اهن معصوم زيوس جي چوڪيداري ڪئي هئي. هي روايت، جنهن کي ٻنهي اوليس ۽ فرموڪس بيان ڪيو آهي، ته پنهنجي پاراڻي عمر ۾ ڊائونيسس پنهنجي پيءُ، زيوس جي تخت تي ويٺو هو، خاص طرح قابل غور آهي. ساڳئي طرح، پروڪلس ٻڌائي ٿو ته "ديوتائن جي اهن بادشاهن مان، جن کي زيوس مقرر ڪيو هو، ڊائونيسس آخرين بادشاهه هو. جو ته سندس پيءُ کيس شاهي تخت تي ويهاري، اقتدار جو ڏنڊو سندس هٿ ۾ ڏنو ۽ کيس دنيا جي سڀني ديوتائن جو بادشاهه بڻايو". اهي روايتون بادشاهه جي بدران سندس پٽ کي قربان ڪرڻ کان اڳي ادا ٿيندڙ آهي رسم ڏانهن اشارو ڪري رهيون آهن، جنهن موجب شهزادي کي عارضي طور شاهي شان وشوڪت مان نوازيو ويندو هو. جيئن وڃي ٿو ته جهڙي طرح اڊونس جي رت مان لالہ گل ۽ اٽيس جي رت مان بنفشو گل ڦٽي نڪتا هئا، تهڙي طرح ڊائونيسس جي رت مان ڏاڙهون ڦٽي نڪتا هئا، چنانچه، ٿيسموفوريا جي تقريب تي عورتون ڏاڙهون جو ٻج کائڻ کان پرهيز ڪنديون هيون. ڪن جو چوڻ آهي ته زيوس جي حڪم تي اپولو ديوتا ڊائونيسس جي منقطع ٿيل عضون کي ڪٺو ڪيو هو ۽ انهن کي پارنيسس پهاڙي تي دفن ڪيو هو. ڊائونيسس جي قبر ڊيلفي جي مندر ۾ اپولو ديوتا جي سوني مجسمي جي پاسي ۾ ڏيکاري ويندي هئي. بهرحال، هڪ ٻي روايت مطابق، ڊائونيسس جي قبر ٿيبس ۾ هئي جتي، جيئن وڃي ٿو ته کيس ٽڪر ٽڪر ڪيو ويو هو. هن حد تائين ته ديوتا جي دوباره جنم جو ڪو ذڪر ڪونه ڪيو ويو آهي، پر اهڙي ڏيڍڪٽا جي ڪن ٻين روايتن ۾ ان جو مختلف نمونن مان ذڪر ڪيو ويو آهي. هڪ روايت

مطابق، جنهن ۾ ڊايونيسس کي زيوس ۽ ڊيميٽر جو پٽ سڏيو ويو آهي، سندس ماءُ پنهنجي پٽ جي ويڙهيل عضون کي وري جوڙيو هو ۽ ان کي هڪ دفعو ٻيهر نوجوان بڻائي ڇڏيو هو. ڪن ٻين روايتن ۾ فقط ايترو چيو ويو آهي ته دفن ٿيڻ کان ٿوروئي پوءِ، هو مئلن جي وچان اٿيو ۽ آسمان ڏانهن چڙهي ويو، يا وري، هن کي زيوس ديوتا ان وقت مٿي کنيو، جڏهن هو زخمي حالت ۾ زمين تي پيو هو، يا زيوس ديوتا ڊايونيسس جي دل ڳڙڪائي ويو ۽ ان کي نئين سر سيميل جي پيٽ مان ڄڻايو، جنهن کي عام روايت ۾ ڊايونيسس جي ماءُ چيو ويو آهي. يا وري، چيو وڃي ٿو ته ڊايونيسس جي دل ڇٽي، سيميل کي دوا ۾ پياري وئي هئي، جنهن مان ڊايونيسس ڄائو هو.

ڏلڊڪتا کي ڇڏي، ساڳئي سوال تي نظر ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته، ڪريٽ جا باشندا هر ٻئي سال کان پوءِ هڪ تقريب منعقد ڪندا هئا، جنهن ۾ اهي ڊايونيسس جي انتهائي سخت تڪليفن ۽ ڏکن ڏاکڙن کي تفصيلوار نموني سان پيش ڪندا هئا، زندگيءَ جي آخرين لمحن ۾، هن جيڪي ڪجهه پاڻ ڪيو يا برداشت ڪيو هو، سو سندس پوئلڳن جي اکين آڏو ڊرامائي انداز ۾ پيش ڪيو ويندو هو، جي هڪ ڇتري ڍڳي کي پنهنجي ڏندن سان چڪ پائي، ٽڪر ٽڪر ڪندا هئا ۽ ساڳئي وقت شور و غل مچائيندا ٻيلن ۾ ڊوڙندا وتندا هئا. انهن جي اڳيان هڪ ٽوڪرو هوندو هو، جنهن لاءِ چيو ويندو هو ته ان ۾ ڊايونيسس جي مقدس دل رکيل هوندي هئي، نفيرين ۽ جهانجهن جي بي ترتيب موسيقيءَ سان ماڻهو انهن ڇڻڇڻين وڄائڻ جو نقل ڪندا هئا، جي معصوم ديوتا کي سندس موت طرف ڪشش ڪري وٺي ويا هئا. جتي دوباره جنم ڏلڊڪتا جو هڪ حصو هيو، اتي ديوتا جي ٻئي ساڳئي سوانگ ڪرڻ وقت ۾، ان جو نمونو پيش ڪيو ويندو هو، ايتري قدر ۾ نظر اچي ٿو ته، دوباره جنم يا ڪر از ڪر لاڪاليت جي عام اصول جي پرچارڻ جي ڏاڍن تي زوردار انهن چيو ويندو هو، جو ته

پلوٽارچ پنهنجي ننڍڙي ڌيءَ جي وفات جي موقعي تي پنهنجي زال کي تسلي ڏيڻ لاءِ لکندي، ان کي روح جي لازواليت جي خيال جي آڌار تي آٿت ڏني هئي، جيئن روايت ذريعي کين سيکاريو ويو هو، يا جيئن ڊيونيسس جي خفيه رازن ۾ عيان ڪيو ويو هو. ڊيونيسس جي موت ۽ ٻيهر جنم وٺڻ جي ڏند ڪٿا جو هڪ ٻيو نمونو ورهيه ۾ آهي ته هو پنهنجي ماءُ، سيميل کي اهل ممات وارن وٽان واپس آڻڻ لاءِ تحت الثري ۾ لهي ويو هو. مقامي آرگيو قوم وارن جي روايت هيءَ هئي ته هو الهيءَ سفر تي الشيونين ڍنڍ مان هيٺ ويو هو، ۽ عالم زيرين مان سندس واپسي، يا دوباره جيئري ٿيڻ جي تقريب، هر سال آرگو قوم وارا الهيءَ جاءِ تي ملهائيندا هئا ۽ اهي توتارا وڄائي کيس پاڻيءَ مان ٻاهر اچڻ لاءِ سڏ ڪندا هئا ۽ اهل ممات جي چوڪيدار کي اڌرائي ڏيڻ لاءِ، اهي هڪ رڍ کي ڍنڍ ۾ ڦٽو ڪندا هئا. اها موسم بهار جي تقريب هئي يا ڪين، سا ڳالهه معلوم نه ٿي ٿئي، پر لديا جي ملائڻي وارا ڊيونيسس جي آمد جي تقريب يقيناً بهار ۾ ملهائيندا هئا، ماڻهن جو اهو اعتقاد هو ته ديوتا الهيءَ موسم کي پاڻ سان گڏ وٺي ايندو هو. نباتات جي الهن ديوتائن کي، جن لاءِ اهو اعتقاد هوندو آهي ته اهي هر سال ٿوڙو ڪجهه حصو زير زمين گذاريندا آهن، فطرتي طور عالم زيرين يا عالم ارواح جي ديوتائن جي حيثيت ۾ تصور ڪيو ويندو آهي. ڊيونيسس ۽ اوسيرس جي الهيءَ حيثيت ۾ ئي تصور ڪيو ويندو هو.

ڊيونيسس جي ڏند ڪٿائي حيثيت ۾ سندس هڪ خصوصيت، جا بظاهر نظر ۾ سندس نباتات جي ديوتا هئڻ جي فطرت سان غير موزون معلوم ٿئي ٿي، سا هيءَ آهي ته هن کي گهڻو ڪري حيواني صورت ۾ تصور ڪيو ويندو هو، ۽ ڪن حالتن ۾، ان جي الهيءَ حيثيت ۾ نمائندگي ڪئي ويندي هئي، جا خاص طرح ڍڳي جي صورت ۾، يا ڪم از ڪم ڍڳي جي سڱن سان وابسته جوڙيل هئي.

چنانچ، ڪيس "ڪڻڪ مان چانور" "ڏيکو"، "ڏيکي جي صورت وارو"، "ٻن سڱن وارو" "سڱن وارو" چئو ويندو هو. ماڻهن کي اهو اعتقاد هو ته هو، ڪم از ڪم ڪن موقعن تي، ڏيکي جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو هو. اهڙي سڱن واري ڊيڊوليسس جا اهڙا قديم زماني جي باقيمانده، ۽ اڃا تائين اڻ ڀڳل، يادگارن ۾ لڌا ويا آهن. هڪ ننڍڙي مجسمي ۾ هو ڏيکي جي چمڙي ۾ ملبوس معلوم ٿئي ٿو، جنهن ۾ ڏيکي جو مٿو، سڱ ۽ ڪُر ٻئي ڪن هيٺ لٽڪيل آهن. هڪ ٻي حالت ۾ ورهيه، هن کي ٻار جي صورت ۾ ڏيکاريو ويو آهي، جنهن جي پيشانيءَ جي چوگرد ڊاک جا ڇڳا ورڙهيل آهن ۽ سندس مٿي جي ڀِتان هڪ ڳائي جي سڱي ڪنڊيل آهي، جنهن مان ٻوان سڱ ڦٽي ٻاهر اڪري رهيا آهن. سرخ رنگ جي تصويرن واري هڪ گلدستي مٿان، اهيءَ ديوتا کي ڳائي جي سڱيءَ واري ٻار جي صورت ۾ ڏيکاريو ويو آهي، جو هڪ عورت جي گود ۾ ويٺو آهي. ماڻهائيءَ جا باشندا سياري جي موسم ۾ ڊيڊوليسس ديوتا جي تقريب ملهائيندا هئا ۽ ان موقعي تي مرد، جن اهيءَ موقعي لاءِ پنهنجي سڄي بدن کي ايل ٿڪيو هوندو هو، ڏکن جي ڏڻ وچان هڪ ڏيکو منتخب ڪندا هئا ۽ ان کي ديوتا جي آستاني ڏانهن وٺي ويندا هئا. ماڻهو ائين سمجهندا هئا ته اهيءَ خاص ڏيکي جي انتخاب ۾ خود ڊيڊوليسس سندن امداد ڪندو هو ۽ اهو ڏيکو ئي ديوتا جي نمائندگي ڪندو هو، ڇو ته اهو اعتقاد هو ته پنهنجن تقريبن تي اهو ديوتا ڏيکي جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو هو. ايلوس علائقي جون زالون ان کي ڏيکي جي حيثيت ۾ خوش آمديد ڪنديون هيون ۽ سندس حضور ۾ اها دعا ڪنديون هيون ته هو ڏيکي جي ڪُرن سان وٺي وڃي. اهي عورتون هي گيت ڳائينديون هيون:

"اي ڊيڊوليسس، هيڏانهن اچ، سمنڊ جي ساحل تي واقع پنهنجي مقدس مندر ڏانهن، پنهنجن نعمتن سان گڏ پنهنجي مندر ڏانهن اچ، پنهنجي ڏيکي جي پيرن سان ٽڪو ڊوڙندو اچي اهڙو، اي برڪتن

وارا ڏٺا، اي چڱا ڏٺا!" ٿريس جي انچالاڪ ڀيلي وارا پنهنجي ديوتا جي نقل ڪرڻ خاطر، مٿي ۾ سڱ وجهي گهمندا هئا. هڪ روايت مطابق، ٽيٽن ڀيلي وارن ان کي ٻڪري جي صورت ۾ ٽي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو هو ۽ ڪريٽ واري ڊائونيسس جي ڏکڻ ڏاکڻ ۽ موت جي اداڪاري ڪندي، آهي هڪ جيئري جاڳندي ٻڪري کي چڪن سان ٽڪر ٽڪر ڪندا هئا. درحقيقت، جيئرن ٻڪرن ۽ ڍڳن جو چيرڻ، ڦاڙڻ ۽ ڪچو کائڻ ڊائونيسس جي مذهب جي رسم و رواج جي هڪ دستوري خصلت معلوم ٿئي ٿي. جڏهن اسين ديوتا کي ٻڪري جي صورت ۾، يا ان جي چند خصوصيتن واري ڪنهن ٻئي جانور جي شڪل ۾، ان جي تصور ڪرڻ جي رسم آڻيون، يا انهيءَ اعتقاد تي، ته هو پنهنجي مقدس ساٿن جي اداڪاريءَ واٽ پنهنجي پوڄارين اڳيان ٻڪري جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو هو ۽ هن روايت تي، ته کيس ٻڪري جي صورت ۾ ٽي ٽڪرا ڪيو ويو هو، غور ڪريون ٿا ته، پوءِ اسين هن باري ۾ ڪو به شڪ شبهو نه ٿا ڪري سگهون ته، مقدس پوڄاري ديوتا جي ميلي وقت، جيئري ٻڪري کي چڪن سان چيرڻ، ڪوهڻ ۽ ڪچو کائڻ ۾ هيءُ اعتقاد رکندا هئا ته، هو ان وقت خود ديوتا کي ماري، ان جو گوشت کائي ۽ مقدس رت پي رهيا هئا.

ڊائونيسس جنهن ٻئي جانور جي شڪل اختيار ڪندو هو، سا ٻڪري هوندي هئي. سندس مختلف نالن مان هڪ نالو "چيلو" به هو. ايٿنس ۽ هرمين ۾ کيس "ڪاريءَ ٻڪريءَ جي کل وارو" جي لقب سان پڪاريو ويندو هو ۽ هڪ هيءَ روايت عام طرح مشهور هئي ته ڪنهن موقعي تي هو اهڙي چمڙي ۾ ملبوس ٿي ظاهر ٿيو هو، جنهن سان کيس اهو لقب ڏنو ويو هو. فلئيس جي شراب پيدا ڪندڙ ضلعي ۾، جتي موسم خزان ۾ زرد اڃا انگوري ول جي سرخ ۽ سونهري ڪومائيل پنن سان ڍڪي ويئي هوندي آهي، اتي قديم زماني کان وٺي، ڪنجهي مان ٺهيل ٻڪريءَ جو هڪ مجسمو بيٺل هوندو هو، جنهن کي اتان جي آبادگارن پنهنجي

واهڻ کي ٻاري کان محفوظ ڪرڻ جي خاطري ڪرڻ لاءِ سوڻ وڙان ساڻ اٿي ڇڏيو هو. اهو مجسمو ڪهڙو ڪري خود الڪوري وڻ جي ديوتا جو نمائندو هو. نوجوان ڊيونيسس کي هيرا ديويءَ جي غيض و غضب کان بچائڻ لاءِ، سندس پيءُ، زيوس، ڇيليءَ جي صورت ۾ تبديل ڪيو هو؛ ۽ جڏهن ديوتائون ٽائفون جي قهر کان بچڻ لاءِ مصر ڏانهن فرار ٿيا هئا، تڏهن ڊيونيسس کي ٻڪريءَ ۾ تبديل ڪيو ويو هو. چنانچه، جڏهن سندس پوڄاري جيئري ٻڪريءَ کي چيري، ڦاڙي، ڪچو کائيندا هئا، تڏهن کين اهو ئي يقين هوندو هو ته اهي پنهنجي ديوتا جو گوشت ۽ رت کائي رهيا هئا. جانورن ۽ ماڻهن جي جسمن کي چيرڻ ڦاڙڻ ۽ ان کان پوءِ انهن کي ڪچو کائڻ جي رسم کي جديد دور جي وحشين مذهبي ساڪ طور ادا ٿي ڪيو آهي. ان ڪري، ٻاڪس ديوتا جي جنوني پوڄارين جي انهن ساڳين رسمن جي ادائگيءَ متعلق، قديم زماني جي شهادت کي هروڀرو هڪ فرضي آکاڻي سمجهي، اسان کي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي.

ديوتا کي حيواني صورت ۾ قتل ڪرڻ جي رسم متعلق، جنهن جي اسين اڳتي هلي زياده تفصيلوار جاچ ڪنداسون، انساني ثقافت جي ابتدائي قديم دورن ۾ غلط فهميءَ پيدا ٿيڻ جو امڪان رهيو آهي. خيالات جي ارتقا قديم حيواني ۽ نباتاتي ديوتائن جي پاهرين پهمال، ۽ نباتاتي ڪوهي کي لاهي، ۽ سندن انساني خصلتن ۽ خوبين کي (جي هميشه کان ونئي انهيءَ نظريي جا ڪيپ رهيون آهن) انهن جي آخرين ۽ اڪيلي اڄڪه جي حيثيت ۾ ٺهڻ ڀالي ڇڏڻ طرف لاڙو رکيو آهي. ٻين لفظن ۾ ڪٿي چئجي ته حيواني ۽ نباتاتي ديوتا خالص انساني شوڪن ۽ خصلتن جا مالڪ ٿي پون ٿا. جڏهن اهي هڪ دفعو ڪلي يا جزوي طور ائين ٿي چڪا آهن، تڏهن اهي جانور ۽ ٻوٽا، جي اهڙيائين بذات خود ديوتائون هئا، اجا ۾ انساني خصلتن وارن ديوتائن سان، جي انهن مان ئي ترقي ڪري پيدا ٿيا آهن، هڪ مبهم ۽ گمراه ڪندڙ رابطو قائم

اچن ٿا. هڪ دفعو، جڏهن ديوتا ۽ جانور يا ٻوٽي جي
ان وارو رشتو فراموش ٿي وڃي ٿو، تڏهن ان کي سمجهائڻ
مختلف آکاڻيون ۽ روايتون ايجاد ڪيون وڃن ٿيون. اهي
سمجهاڻيون، مقدس جانور يا ٻوٽي مان اختيار ڪيل عادتن يا
خصوصي هلت چلت مطابق، ٻنهي طريقن مان هڪ صورت اختيار
ڪري سگهن ٿيون. مثال طور، جيڪڏهن هڪ مقدس جانور کي
عادتاً ڇڏي ڏنو ويندو هو ۽ ڪن خصوصي حالات ۾ ذبح ڪيو
ويندو هو، ته ان حالت ۾ انهن ٻن صورتن مان هڪ جي سمجهاڻي
ڏيڻ لاءِ، هن ڏند ڪٿا جي ايجاد ٿيڻ جو امڪان رهندو ته ان کي ڇو
ذبح ڪيو ويندو هو. انهن ٻنهي مقصدن مان، جيڪڏهن اول الذڪر
لاءِ ڏند ڪٿا ايجاد ٿيندي، ته اها هيءَ صورت اختيار ڪندي ته
انهيءَ خاص جانور ديوتا جي ڪا نه ڪا خدمت ڪئي هئي؛
جيڪڏهن موخرالذڪر مقصد لاءِ ڪا ڏند ڪٿا ايجاد ڪئي ويندي،
ته ان ۾ ٻڌايو ويندو ته انهيءَ جانور ديوتا کي ڪو نه ڪو ضرر
رسايو هو. ڊائونيسس جي خدمت ۾ ٻڪرين جو قربان ٿيڻ ٻئين
قسم جي ڏند ڪٿا جو مثال پيش ڪري ٿو. انهن کي هن سبب ڪري
قربان ڪيو وڃي ٿو، جو چيو وڃي ٿو ته انهن انگورن ول کي نقصان
پهچايو هو. هاڻي، اسين جيئن مٿي ڏسي آيا آهيون، ٻڪري دراصل
خود انهيءَ ديوتا جي وجود جو مظهر هئي. پر، جڏهن ديوتا
پنهنجي حيواني حيثيت جو جامو لاهي ڦٽو ڪيو ۽ اهو خالص
انساني خصلتن جو مالڪ ٿي پيو، تڏهن کان پوءِ سندس پوڄا ۾
ٻڪريءَ جي ذبح کي خود ديوتا جي ذبح سمجهڻ ڇڏي ڏنو ويو
پر، انهيءَ کان پوءِ انهيءَ ذبح کي ديوتا جي حضور ۾ قربانيءَ
جي حيثيت ۾ تصور ڪيو ويو، ۽ جنهن صورت ۾ انهيءَ ڳالهه جو
ڪوئي ڪو سبب مهيا ڪرڻو هو ته خصوصاً ٻڪريءَ کي ڇو قربان
ڪرڻو پوندو هو، تڏهن اها دعويٰ ڪئي ويئي ته ٻڪريءَ کي اها
سزا انگورن جي ول کي نقصان پهچائڻ جي پاداش ۾ ڏني ويئي هئي، جا
ديوتا جي خاص حفاظت هيٺ آيل هڪ شيءِ هئي. چنانچه، اسان جي

ساموهون هڪ ٻيو عجيب نظارو موجود آهي، جنهن ۾ خود ديوتا
کي سندس حضور ۾ هن دليل تي قربان ڪيو ويو ته هو
پنهنجو دشمن پاڻ آهي. ۽ جيئن ته ديوتا جي حضور ۾ قربان
ڪيل حيوان يا انسان جي گوشت مان ڪجهه حصو ضرور کائڻو
آهي، ان ڪري اِن مان هيءُ نتيجو لازمي طور نڪري ٿو ته جڏهن
قربان ڪيل هستي خود بخود ديوتا آهي، تڏهن ديوتا پنهنجو
گوشت پاڻ کائي ٿو. چنانچه، ٻڪري - ديوتا، ڊايونيسس کي ٻڪريءَ
جو ڪچو گوشت ۽ رت کائيندو ڏيکاريو ويو آهي، ۽ ڍڳي - ديوتا،
ڊايونيسس کي "ڍڳن - خور" سڏيو ويو آهي. انهن مثالن جي مشابهت تي
اسان هيءُ قياس آرائي ڪري سگهون ٿا ته جتي به ڪنهن ديوتا
کي ڪنهن خاص جانور جو کائيندڙ بيان ڪيو ويو آهي، اتي
مذڪور جانور، دراصل، خود ديوتا کان علاوه ٻيو ڪو نه
هو. اڳتي هلي اسين ڏسنداسين ته ڪي وحشي مثل رڇن ۽
وڏن مڇين کي راضي ڪرڻ لاءِ، سندن ئي جسم جا ڪجهه
حصا ڏيئي، کين بطور نذرانو پيش ڪندا آهن.

بهرحال، اهي سڀ ڳالهيون هن حقيقت کي سمجهائڻ کان
قاصر آهن، ته لڊيا جي ديوتا کي حيواني صورت ۾ ڇو اچڻ
گهرجي. اهو بهتر ٿيندو، جيڪڏهن اُن نڪتي تي غور و خوض،
ديوتا جي اخلاق ۽ خصلتن تي بحث ڪرڻ بعد، ڪيو وڃي.
ان وچ ۾، هيءَ ڳالهه قابل ذڪر آهي ته ڪن جاين تي ڊايونيسس
جي مالن موقعن وقت، جانور جي بجاءِ زنده انسان کي چيري ۽ ڪوهي،
ٽڪر ٽڪر ڪيو ويندو هو. اها رسم چيوز ۽ ٽينيڊوز ۾ موجود
هئي؛ ۽ بوئيوشيا ۾، پوٽنيائي وٽ هيءَ روايت مشهور هئي ته قديم
زماني ۾ هيءَ رسم هئي ته ٻڪري - ماريندڙ ڊايونيسس کي ٻار جي
قرباني ڏني ويندي هئي، جنهن جي بجاءِ بعد ۾ ٻڪري آندي
وئي. آرڪومينس ۾، جيئن اسان مٿي ڏسي آيا آهيون، جنهن
ماڻهوءَ جي قرباني ڏني ويندي هئي، سو اُن جي قديم شاهي
خاندان جي عورتن مان ورتو ويندو هو. جنهن ذبح ٿيل

ڍڳو يا ٻڪري، ذبح ڪرڻ ديوتا جي امانت گي ڪندا هئا، انهن
ايمان ڪري اهو ۽ سمجهه ڪهڙي ته قربان ڪرڻ انسان ۽ ضرور مقتول
ديوتا جو امانتدار هوندو.

ايٿنس ۾ لائڪرگس نالي هڪ بادشاهه جون روايتون، جن مان
هڪ ۾ چيو ويو آهي ته ايٿنس کي بئڪانال ايهلي وارڻ، ۽ لائڪرگس
گهوڙن، ڊائونيسس جي سائي سوڙهه جي مخالفت ڪرڻ سبب لڪر
کي لڪر ڪري ڇڏيو هو، مقدس بادشاهن کي ڊائونيسس
جي حيثيت ۾ قربان ڪرڻ ۽ سندن لڪر لڪر ٿيل جسم کي
پنهن جي آبادي ۾ جي مقصد خاطر، منتشر ڪرڻ جي رسم جا،
جنهن آءُ مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان، بگڙيل يادگار ٿي سگهن
ٿيون. اهڙو ڪو محض اتفاق جو اشتراڪ نه ٿو ٿي سگهي ته خود
ڊائونيسس کي ٿيبس ۾ چيرڦاڙ ۾ ڦاڙي، لڪر لڪر ڪيو ويو
هو، اها ساڳي جاءِ آهي جتي، روايت مطابق، ٿيبس بادشاهه
جو الگور جي ول جي ديوتا جي پوڄارين جي هٿان ساڳيو
حشر ٿيو هو.

بهرحال، انساني قرباني جي روايت ڪن وقتن تي قرباني
جي رسم جي محض هڪ غلط معنيٰ هوندي، جنهن ۾ قربان ٿيندڙ
جانور سان هڪ انسان جهڙي هلت ڪئي ويندي هئي. مثال
طور، ٽينيڊوس ۾ ڊائونيسس جي نالي ۾ قربان ٿيندڙ هڪ ٻڇڙو جاول
گابي جي پيرن ۾ جهڙي جا اهڙا بوٽ وڌا ويندا هئا، جي ان جي
ڪوڏن تالهن وچ پهچندا هئا ۽ سوٽا ڳئون جي حفاظت هڪ
ڄڻيندڙ عورت وانگر ڪئي ويندي هئي. روم ۾ هڪ ٻڪري کي
ويڊيجووس جي نالي ۾ انسان جي طرح قربان ڪيو ويندو هو، جنهن ته
اها ڪا قربان ٿيندڙ ماڻهو هوندي هئي. ان هوندي به، پڇي
طرف هي ڳاله، يا اوتري قدر ٿي سگهي، يا اڃا به زياده ڏاڍي
قياس آهي ته، خود اهي عجيب و غريب سات، ماڻهن کي قربان
ڪرڻ جي اڃا به زياده قديم ۽ زياده وحشي رسم جا نمونا هئا
۽ انهن دور جو قرباني جي جانورن سان ماڻهن جهڙي سلوڪ

ڪرڻ جو ڍونگ، ايڪ ليتيءَ ۽ رحمدليءَ واريءَ لڳيءَ جو محض هڪ حصو هو، جا ديوتا سان چالاڪي ڪري، ڪيس جهڙن مردن ۽ عورتن کان گهٽ قيمتي قربانيون ڏيئي، راضي ڪري ڇڏيندي هئي. الهيءَ معنيٰ ۽ مفهوم جي متعدد غير مشڪوڪ حالتن جي ذريعي، جن ۾ قربان ٿيندڙ ماڻهن جي بجاءِ جانورن کي ڪتب آندو ويو آهي، تصديق ٿئي ٿي.

باب چوٽيتاليهون

ڊيميٽر ۽ پرسيفون

ڊايونيسس کي، نه تنها اهڙو يوناني ديوتا ڪوٺيو ويو، جنهن جي الميناڪ قصي ۾ ساڳئي نموني سان نباتات جي ڪومائجڻ ۽ وري زنده ٿيڻ جو عڪس ملندو نظر اچي ٿو. اهو پراڻو قصو ڊيميٽر ۽ پرسيفون جي ڏند ڪٿا ۾، هڪ ٻئي نموني ۾ مختلف مقصد سان وري اچي نمودار ٿئي ٿو. سندن ڏند ڪٿا ڪافي حد تائين شامي ائفروڊائيٽ (الستارت) ۽ ائڊونيس، فريجيا جي سبل ۽ اٽيس، ۽ مصري آئسس ۽ اوسيرس جي ڏند ڪٿائن جهڙي ئي معلوم ٿئي ٿي. ايشيائي ۽ مصري ڏند ڪٿائن وانگر، يوناني ڳالهه ۾ به هڪ ديوي پنهنجي محبوب جي موت تي ماتم جا ڳوڙها ڳاڙي ٿي، جو نباتات، ۽ اڃا به زياده خصوصيت سان، اناج جو نمائندو آهي، جيڪو بهار جي موسم ۾ دوباره زنده ٿيڻ لاءِ سياري ۾ مري وڃي ٿو. فقط هڪ طرف، جتي مشرقي تخيل محبت واري ۽ وڇائيل شخص کي مثل عاشق يا مثل مڙس جي حيثيت ۾ تصور ڪيو، جنهن لاءِ سندس محبوبه يا سندس زال ماتم ڪندي هئي، اتي يوناني خيال اهي ساڳي جدائي کي مثل ڌيءَ لاءِ هڪ غمگين ماءُ جي روح ۾ راڙي جي زياده پاڪ ۽ زياده نرم جدائي جي شڪل ۽ صورت بخشي.

ان باري ۾ سڀني کان زياده قديم ادبي دستاويز، جنهن ۾ ڊيميٽر ۽ پرسيفون جي ڏند ڪٿا جو ذڪر ڪيل آهي، سو ”هومر“ جو اهو خوبصورت ”ڊيميٽر جو گيت“ آهي، جنهن کي وقت جا نقاد ستين صدي قبل مسيح سان وابسته ڪندا آهن. انهيءَ گيت جو

مقصد ”اپلوسس رياست جي مذهبي خفيه رازن“ جي بنياد سمجهائڻ جو هو ۽ شاعر جي طرفان ائٿنس ۽ ائٿنس جي باشندن متعلق، جن اوائلي دورن ۾ الهيءَ تقريب ۾ نمايان حصو ورتو، جنهن مڪمل خاموشيءَ کان ڪم ورتو ويو آهي، سا هن حقيقت کي ممڪن بڻائي ٿي ته اهو ڪيترو اهڙي قديم زماني ۾ بڻايو ويو هو، جڏهن اپلوسس اڃا تائين هڪ معمولي ۽ ننڍڙي آزاد رياست هئي، ۽ جڏهن سونهري مهيني جي روشن ڏينهن ۾ الهه ”رازن“ جي شاندار جلوس الهه هيناهون جالو ڦاڙيو جي ساحلي وٽان، جي اپلوسس جي الاج جي هموار ٻنهن کي ائٿنس جي زياده وسيع ۽ زرخيز جي وڻن سان ڍڪيل ميدان کي هڪ ٻئي کان جدا ڪن ٿيون، اڃا تائين پيشقدمي شروع ڪانه ڪئي هئي. بهرحال، اهو ڪٿي ڪوشش نه هجي، اهو ڪيئن هو خيال کي اسان ٿي بيان ڪري ٿو، جو الهه ٻنهي ديوين جي اصليت ۽: فرض متعلق شاعر جي دل ۾ موجود هو. الهه جون فطرتي بناوٽون ۽ ديول ديوي شاعريءَ جي تصورات جي سنهري پڙدي وچان ڪافي اهڙيءَ ساڳئي اظهار ٿي سگهن ٿا. نوعمر ۽ نوجوان پرسيفون، گاله ڪئي ويندي آهي، هڪ ڏينهن جڏهن سرسبز پٽيءَ مان گلاب ۽ واڻڪ، گلابي ۽ بنفشي، چنبيليءَ ۽ نرگس جا گل پٽي رهي هئي، تڏهن اوچتو ئي اوچتو زمين ۾ هڪ وڏو ڦاٽ ٿي پيو، جنهن مان ”مقام جو آقا“، پلوٽو، ٻاهر نڪري آيو ۽ ان کي پنهنجي ڪنوار ۽ زير زمين ۽ اونداهيءَ دنيا جي ملڪه ٿيڻ لاءِ پنهنجيءَ سونيءَ گاڏيءَ ۾ وٺي ويو. ٻال سان گڏ ڪٿي هليو ويو. سندس غمگين ماءُ، ڊيميٽر، پنهنجين سونهري زلفن کي سياه ماتمي لباس ۾ ويڙهي، ڪيس ٻر ۽ بحر ۾ ڳولهيو ۽ پنهنجيءَ ڌيءَ جي انجام جو بيان سج کان ٻڌي، هن سخت غصي جي عالم ۾ ديوتائن کان دور، گوشه نشيني اختيار ڪئي ۽ اپلوسس ۾ قيام اختيار ڪيو، جتي هن پاڻ کي هڪ اهڙيءَ پوڙهيءَ عورت جي صورت ۾ بادشاه جي ڌيئرن جي خدمت ۾ پيش ڪيو، جا زيتون جي وڻ جي ڇانو ۾ ”ڪنواريءَ جي کوه“ پرسان ويٺي

هئي ۽ جنهن مان دوشيزائون پنهنجي اپٽ جي گهر لاءِ ڪنجهيءَ جي ڳڻا گهرن ۾ ٻاهر پرن لاءِ آپوڻ هوون، پنهنجي ساٿ، ٿي غصي ۾ اچي، ان ديويءَ زمين ۾ جنهن ٻج کي ڦٽڻ نه ڏنو، ۽ اُن کي زمين اندر ئي پوشيده ڪري رکي ڇڏيو ۽ اسرکيو ته جيسين ڪين سندس ڌيءَ واپس نه ڏني ويندي، تيسين هوءَ ڪڏهن به اولادمين* ئي اندر نه رکندي؛ ۽ نه ڪڏهن اناج کي زمين مان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت ڏيندي. ڏڪا پئين ۾ هرڻ کي اچايو هڏانهن جو هوڏانهن ڦيرائيندا گهمائيندا رهيا، آن ڇهندڙ ڪڙمي، هرڪا هرکاڪي رنگ جي پئين ۾ جهوڪ جو ٻج بلڪل بيڪار ڇٽيندا رهيا، اسائيل ۽ پيدرلڌ مٽيءَ مان ڪاهه شيءِ نه ٿي جاڳي، اهتر قدر جو اپالوهين جي اروپ خود زيرپا وارو ميدان، جو هميشه زرد رنگ جي لُڪان مان جهولندو رهندو هو، بلڪل خالي ۽ غير آباد پئو رهيو. السالذات جيڪر بک وکهي پاه ٿي، فنا ٿي وڃي ها ۽ ديوتائن کي انهن اربانيه تان هٿ ڌوئڻو پوي ها، جيڪڏهن انهيءَ حالت کان گهبرائجي ژيوس ديوتا هرمز کي پنهنجي شڪار کي ٻاهر ڪڍڻ، ۽ انهيءَ ڪنوار، پرسيفون کي سندس ماءُ ڊيميٽر کي واپس ڏيڻ جو حڪم نه ڏئي ها. "مثلي جو غضبناڪ مالڪ مشڪيو ۽ حڪم جي تعميل ڪئي، پر پنهنجيءَ زالءَ کي سوڻهري گاڏيءَ ۾ ويهاري، مٺين هوا ۾ متوڪلن کان پيشتر، کيس ڏاڙهونءَ جو ٻج کائڻ لاءِ ڏنائين، جنهن مان اها خاطري ٿي ته هوءَ وٽس واپس ويندي. پر ژيوس ديوتا حڪم صادر فرمايو ته ان کان پوءِ پرسيفون سال جو ٻه ڀاڱي ٽيون حصو پنهنجيءَ ماءُ ۽ ديوتائن سان گڏ عالم بالا ۾ گذاري ۽ سال جو باقي حصو پنهنجي مڙس سان گڏ عالم زيرين ۾ گهاري، جتان کيس سال بسال اهڙي وقت واپس اچڻو هو، جڏهن هيءَ ڌرتي موسم بهار جي گلن سان مسرور هجي. ڌيءَ ڏاڍيءَ خوشيءَ سان سج جي روشنائيءَ ۾ واپس آئي ۽ اوتريءَ

* يوناني ڏندڪٿائن ۾ اهو ميدان، جنهن ۾ ميئشي ديوتائون ۽ ديويون رهنديون هيون.

لي خوشيءَ سان سندس ماءُ هن جو استقبال ڪيو ۽ سائس ڀاڪر ٻي وڌي. انهيءَ وچان ڌيءَ کي واپس حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ ۾، ڊيميٽر اناج کي هر ڪاهل ٿيءَ جي ڦوڙائڻ وچان ڦٽي نڪرڻ، ۽ هن عريض ۽ وسيع ڌرتيءَ کي اَنَ ۽ گلن جي بار سان ڀوري ڇڏڻ جو حڪم ڏنو. ۽ ان کان پوءِ هوءَ سڌو ايليوسس جي شهزادن ٽرپٽوليمس، يومولپس، ڊيوڪلس ۽ خود بادشاهه سيليئس ڏانهن ويئي ۽ کين اهو وڻندڙ نظارو ڏيکاريائين ۽ ان کان علاوه کين پنهنجن سائن ۽ رازن کان به واقف ڪيائين. شاعر چوي ٿو ته اهو ڀاڳ انسان بخشيل آهي، جنهن اهي ڳالهيون ڏٺيون آهن پر اهو جنهن کي هن زندگيءَ ۾ انهن جو ڪوبه حصو نصيب ڪونه ٿيو، سو موت ۾، جڏهن هو قبر جي اونداهيءَ ۾ هيٺ لهندو، ڪڏهن به خوش ڪونه رهندو. اهڙيءَ طرح پئي ديويون اولمپس ڏي پنهنجن ديوتائن سان گڏ خوش گذارڻ لاءِ اُتان روانيون ٿي ويئون ۽ شاعر پنهنجي گيت جي آخر ۾ ڊيميٽر ۽ پرسيفون کي پرخلوص دعا ڪري ٿو ته اهي سندس گيت جي معاوضي ۾ کيس روزيءَ جي نعمت بخشين.

هيءَ حقيقت عام طرح تسليم ڪئي ويئي آهي، ۽ ان ۾ ڪنهن به شڪ ۽ شبهي جي ڪا گنجائش ڪانهي، ته انهيءَ شعر لکڻ ۾ شاعر جو ڪو خاص مقصد پنهنجي روبرو رکيل هو، سو ايليوسيا جي مذهبي "رازن" جي روايتي بنيادن کي ڊيميٽر ديويءَ جي زباني بيان ڪرڻ جو هو. اهو سمجهڻ پڻ آسان آهي ته انتقال جي انهيءَ نظاري ڏانهن وٺي وڃي ٿو، جتي ايليوسينا جو بي برگ ميدان اوچتو ئي اوچتو، ديويءَ جي مرضيءَ مطابق سرخ رنگ واري اناج سان ڀريل هڪ وسيع هموار ميدان ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو؛ رحمدل ديوي ايليوسس جي شهزادن کي اوڏانهن وٺي وڃي، کين پنهنجو ڪارنامو ڏيکاري ٿي ۽ کين پنهنجا رازداراڻا ساٿ سيکاري، پنهنجي ڌيءَ سان گڏ جنت ڏانهن غائب ٿي وڃي ٿي. مقدس "رازن" جو اظهار انهيءَ پوءِ جو اتحمندانه انجام آهي. انهيءَ لاءِ

جي خاطري ٻهت جي زياده باريڪ جاچ مان ان ٿي ٿي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته شاعر، نه فقط انهن رازن جي بنياد متعلق هڪ عام بيان ڏنو آهي، پر ان مان گڏوگڏ هن ڪن خاص مالن سوڻن متعلق، جن لاءِ هن اعتقاد رکڻ واسطي اسان وٽ ڪافي مثال سبب موجود آهن، ته انهي ديويءَ جي تقريب جا انتهائي ضروري ۽ نمايان جز مثال، نوريءَ ڪوٺيءَ پوشيده زبان ۽ ڏاڍ ڪٿائي سمجهائي ، ڏني آهي. جن سان متعلق شاعر اهڙي اصولي ۽ معنيٰ اشارا ڏئي ٿو، تن ۾ ديويءَ جي مذهب ۾ از سر نو داخلا حاصل ڪرڻ وارن اميدوارن جو ابتدائي روزو، مشعلن جي روشنائيءَ وارو جلوس، سڄيءَ رات جي بيداري، اميدوارن جو نقاب وجهڻ، خاموشيءَ سان ويهن جي ڪلن مان ڏيکاريل اصولن تي وهڻ، بدتهذيب زبان جو استعمال ڪرڻ، بيهوده مذاق ڪرڻ ۽ هڪ پاڪ پيالي مان جتوَن جي پاڻيءَ مان هڪ ڍڪ پيڻ، ديويءَ سان منجهيل نوعيت واري حال محرمي ڪرڻ وغيره جهڙيون، چند انتهائي ضروري ۽ اهميت واريون رسمون شامل آهن.

پر انهن اسرارن جو اڃا به ڪو ٻيو ۽ زياده عميق راز آهي، جنهن کي بيت جو مصنف پنهنجي قصي جي بيان جي ڍڪ هيٺان واشگاف ڪندو معلوم ٿئي ٿو. هو اسان کي پڌائي ٿو ته ڪيئن نه هن، اليوسينا جي خاڪي رنگ واري غيرآباد علائقي کي سونهري رنگ واري اناج سان ڀريل پنيءَ ۾ منتقل ڪرڻ کان هڪدم پوءِ، ٽرپٽوليمس ۽ اليوسينا جي ٻين شهزادن کي وڏاڻ ۽ تيار ڪيل اناج جو اصل ڏيکاري، سندن دليون خوش ڪيون. اسين جڏهن آڳاٽيءَ جي هن حصي کي ٻي صديءَ جي هڪ عيسائي مصنف، هپولائيٽس، جي بيان سان مشابهت ڏيون ٿا ته انهن اسرارن جو قلب ئي انهيءَ مذهب جي پوڄارين کي ان جو وڏيل سنگ ڏيکارڻ هو، تڏهن اسين هن باري ۾ ڪو شڪ نه ٿا ڪري سگهون ته هن بيت جو شاعر انهيءَ منجهيل ساٿ کان بخوبي واقف هو ۽ ان جي بنياد کي سمجهائڻ لاءِ ڪيس جاڻي واڻي اهو

ٿي طريقو اختيار ڪيل هو، جنهن سان هو انهن اسرارن جا ڳجها ساٿ سمجهايا هئا، يعني ڪيئن اهو ڏيکاريو هو ته ڊيميٽر بذات خود الاهيءَ رسم ادا ڪرڻ جو مثال قائم ڪيو هو. چنانچه، ڏلڊڪتا ان جا ساٿ سوڻ، هڪ ٻئي جي اهڙيءَ طرح سمجهائي ڏين ٿا ۽ هڪ ٻئي جي تصديق ڪن ٿا. ستين صدي قبل مسيح واري زماني جو شاعر اسان کي فقط ڏلڊڪتا ٻڌائي ٿو — ساٿ سوڻ جو ذڪر هو پاڻ کي گنهگار بنائڻ ڪان سواءِ ئي ڪري سگهي ها. عيسائي پادري ساٿ سوڻ جو اظهار ڪري ٿو ۽ ان جو اظهار قديم شاعر جي پوشيده اشاري سان بلڪل پوريءَ طرح لڪي اچي ٿو. انهن سڀني ڳالهين جي مد نظر، اسين جديد دور جي ٻن ڪهڙن عالمن سان گڏ، عيسائي عالم ۽ پادريءَ، اسڪندريه واري ڪليمنٽ، جي ڳالهه پاڻ کي بلڪل خاطريءَ سان تسليم ڪري سگهون ٿا ته ڊيميٽر ۽ پرسيفون جي ڏلڊڪتا کي ايليوسس جي اسرارن ۾ مقدس ڊراما طور ادا ڪيو ويندو هو.

ان، جيڪڏهن الاهيءَ ڏلڊڪتا کي قديم يونان جي مذهبي رسمن جو هڪ، ۽ شايد مکيه، حصو، ڪري ادا ڪيو ويندو هو، ته پوءِ، هڪ هيءُ سوال اڃا جواب طلب آهي ته الاهيءَ ڏلڊڪتا تان پوءِ دورن جي اضافي مواد لاهي ڪان پوءِ، جنهن جي جوڙاري پوين زمانن ۾ دهشت ۽ اسرار جو نوراني حلقو نظر اچي ٿو، ۽ جو يوناني ادب ۽ مصوريءَ جي روشن ترين ڪرڻن جي نور سان روشن هو، ان جو اصلي ۽ الدروايتي روپ، ڇا هو؟ ان باري ۾، جيڪڏهن اسين پنهنجي قديم ترين ادبي اختيارن، يعني "ڊيميٽر" جي حضور ۾ "هومر" واري گيت جي مصنف جي ڳالهه اشارن جو مطالعو ڪنداسين، ته پوءِ اها پرولي پچڻ ڪا ڏکي ڪال ٿيندي. ٻئي ديوتون، ماءُ ۽ ڌيءَ، پاڻ کي الاج جي شخصيتن ۾ تحليل ڪن ٿيون. اها حقيقت گهٽ ۾ گهٽ، يعني پرسيفون جي حالت ۾ ڪافي حد تائين يقيني معلوم ٿئي ٿي. اها ديوي، جا سال جا ٽي، ۽ الاهيءَ ڏلڊڪتا جي هڪ ٻيءَ روايت مطابق، چار،

مهينا زير زمين مٿان سان ۾ سال جو باقي حصو بالائي زمين تي
جيئرن سان گڏ گذاري ٿي، جنهن جي غيرموجودگيءَ ۾ جيئن جو
ٻج زمين ۾ پوشيده پيو رهي ٿو ۽ پوءِ ٻنيون خالي ۽ غيرآباد رهن ٿيون.
جنهن جي موسم بهار ۾ بالائي زمين تي واپسيءَ تي اناج جا سلا
سنيءَ جي قوتن سان اُبري نڪرن ٿا ۽ ڌرتي اُن ۾ گلن سان
ڀرجي وڃي ٿي — اها ديوي يقيناً نباتات ۾ خاص طور اناج جي
ڏاڍ ڪندڙ شخصيت کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ٿي نه ٿي سگهي — جا
هر سياري جي چند مهينن لاءِ سنيءَ هيٺان دفن رهي ٿي ۽ هر بهار
جي ڦٽندڙ آهَ جي سان ۾ ٽڙندڙ گلن ڦلن ۾ اُن جي صورت ۾
جيئن ته قبر مان نڪري، دوباره زنده ٿئي ٿي. پرسيفون جي متعلق
اِهي ڪارڻ معقول ۽ امڪاني سمجهائي ممڪن نظر نه ٿي اچي. ۽
جيڪڏهن ڌيءُ — ديوي هلندڙ سال جي اٿندڙ اناج جي شخصيت
هئي، ته پوءِ چوڻ ماءُ — ديوي گذريل سال جي ڪڻڪ، اناج جي شخصيت
ڪانه ٿي ٿي سگهي، جنهن نئين فصل کي جنم ڏنو آهي؟ ڊيميٽر
جي الهيءَ نظريي جو بدل فقط هيءُ فرض ڪرڻ نظر اچي ٿو ته
اها ڌرتيءَ جي شخصيت آهي، جنهن جي وسيع سيني مان اناج
۽ ٻيا سڀ ٻوٽا اُپرن ٿا ۽ جنهن جون اهي سڀ، ان ڪري، بلڪل
سولن طريقي سان، ڌيئون ٿي سگهن ٿيون. ڊيميٽر جي اصلي نوعيت
متعلق اهو نظريو، درحقيقت چند مصنفن ورتو آهي، جن ۾ قديم
۽ جديد مصنف شامل آهن، ۽ اهو نظريو اهڙو آهي، جنهن کي
معقول نموني سان قائم رکي سگهجي ٿو. پر، معلوم ٿئي ٿو ته
ڊيميٽر جي شان ۾ "هومر" واري گيت جي مصنف ان نظريي
کي مسترد ڪري ڇڏيو آهي، ڇو ته هو، نه فقط ڊيميٽر کي
شخصيت ڌرتيءَ کان ممتاز ڪري ٿو، پر هو انهن ٻنهي کي
هڪ ٻئي کان انتهائي سخت مخالفت وارن رُخن ۾ رکي ٿو. هو چوي
ٿو ته اها ڌرتي ئي هئي جنهن، زيوس جي مرضيءَ مطابق ۽ پلوٽو
کي راضي رکڻ لاءِ، پنهنجي مٿان نرگس جا گل پوکيا، جن
نوجوان ديويءَ کي لالچايو، جيئن مدد پهچڻ واري مقام کان دور،

سرسبز ٿيڻ ڏانهن ڪشش ڪري، سندس بربادي ڏانهن ڌڪيائين. چنانچه، ڪيترا واري ڊيميٽر، ڌرتي ديويءَ سان مشابهت رکندڙ ته ڪجهه هوءَ ته ان ديويءَ کي پنهنجي بدترين دشمن سمجهندي هوندي، ڇو ته هوءَ پنهنجي ڌيءَ جي گمشدگيءَ کي ان جي مڪارانه چالبازين جو نتيجو ئي سمجهندي هوندي. پر، جيڪڏهن ڪيترا واري ڊيميٽر ڌرتيءَ جي شخصيت نه ٿي سگهي ٿي، ته ان جي ئي ظاهري صورت هيءَ ٿي سگهي ٿي، نه اها اناج جي شخصيت جي مظهر هئي.

الهيءَ نعمتن جي تصديق، يادگار اڏاوتون ڪري رهيون آهن، ڇو ته قديم هنر لطيف ۾ ڊيميٽر ۽ پرسيفون کي، اناج جي تاجن ذريعي، جي سندن مٿن ۾ اڙيل آهن، ۽ اناج جي سلن وسيلي، جي سندن هٿن ۾ ڏنل آهن، هڪ ئي نموني سان اناج جي ديوين جي حيثيت ڏني وئي آهي. وري، اها ڊيميٽر ديوي ئي هئي، جنهن ايليوسس جي باشندن تي اناج جو راز واشگاف ڪيو ۽ جنهن ٽرپٽولمس جي معرفت، الهيءَ فائديمند ايجاد کي دور دور تائين ڦهلايو، جنهن کي هن هڪ گشتي مبلغ جي حيثيت ۾ الهيءَ نعمت کي سڀني نوع انسان تائين پهچائڻ لاءِ ٻاهر موڪليو. هنري يادگارن، خاص طرح گلدستن جي تصويرن تي، هن کي هر حالت ۾، ڊيميٽر سان گڏوگڏ، الهيءَ حيثيت ۾ ڏيکاريو ويو آهي، ۽ ڪرسي ۾ ويٺل، هٿن ۾ اناج جا سلا ڏنا، گاڏيءَ ۾ وهاريو ويو آهي، جنهن ۾ ڪڏهن پر لڳل ڏيکاريا ويا آهن، ڪڏهن ان کي بلائون ڪاهينديون ڏيکاريون ويون آهن، ۽ جنهن مان، جيئن چيو وڃي ٿو، هن سڄيءَ دنيا مٿان، هوا مان اڏامندي، ٻج ڇٽي ڇڏيو هو. الهيءَ جي اها نعمت جي شڪرگذاريءَ طور، اڪثر يوناني شهر پنهنجن جون ۽ ڪڻڪ جي فصلن جا پهريان ميوا انهن ٻنهي ديوين، ڊيميٽر ۽ پرسيفون جي خدمت ۾، احسانمنديءَ جي نذرانن طور، ايليوسس ڏانهن موڪليندا هئا جتي، هر طرف کان پهچندڙ مقدار ۾ ايندڙ اناج کي محفوظ ڪرڻ لاءِ زيرزمين ديرا تعمير ڪيا

ورتا هئا. ڊيموڪراٽيز پڌائي ٿو ته ڪيئن ان ڪوز ٽالي هڪ ٻيٽ ۾، اونهاري وقت، ڪڻڻي پنهنجي لاباري جا ڀريل موڙا ڊيميٽر جي حضور ۾ آڻيندا هئا، جنهن سندن ڳاهه واري ميدان کي جهون مان پري ڇڏيو هو ۽ جنهن جي ديهاتي مجسمي جا هٿ سنگن ۽ ڏوڏين سان ڀريا پيا هوندا هئا. ڊيميٽر کي جن خصلتن ۾ قديم سان قديم دور وارن ماڻهن نوازيو هو، تن مان اڪثر بلڪل صاف طور هن جو اناج سان واسطو ظاهر ڪن ٿا.

قديم يونانين جي دلين ۾ ڊيميٽر ۾ اناج جي ديويءَ جي حيثيت ۾ اعتقاد، ڪيتري قدر عميق ۽ پختو هو، تنهن جو هن واقعي مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ديويءَ جي ايليوسس واري قديم آستاني ۾ رهندڙ سندس عيسائي جانشينن جي دلين ۾ اهو اعتقاد اڻويهين صدي عيسويءَ جي ابتدا تائين مچ اچ اهارت پرستيءَ مان قائم رهندو آيو، جو ته، جڏهن فرنگي سياح، ڊاڊويل وري ٻيهر ايليوسس گهمڻ ويو، تڏهن اتان جي باشندن سندس روبرو ڊيميٽر جي هڪ تمام وڏي مجسمي جي گم ٿيڻ تي، جنهن کي ١٨٠٢ع ۾ ڪلارڪ ڪڻي ويو، ڪيمبرج يونيورسٽيءَ کي ڏنو هو ۽ جو اڃا تائين اتي ئي موجود آهي، سخت افسوس جو اظهار ڪيو. ڊاڊويل چوي ٿو ته "منهنجي يونان جي پهرئين سفر وقت، اها محافظ ديوي پنهنجي پوري جوڀن ۾ هئي ۽ پنهنجي مندر جي قديم اشان ۾، ڳاهه واري ميدان جي عين وچ ۾ ايستادل هئي. ڳوٺاڻن تي هن ڳالهه جو اثر ويٺل هو ته سندن ڀرپور لابارا انهيءَ ديويءَ جي نوازش جو نتيجو هئا ۽ ان کي اتان هٽائڻ کان پوءِ سندن آسودگي، جيئن اهي مون کي يقين ڏيارو، گم ٿي وئي هئي. چنانچه، اسين اناج جي ديويءَ، ڊيميٽر کي عيسوي سن جي اڻويهين صديءَ ۾ ايليوسس جي ڳاهه جي ميدان ۾ اهڙي، پنهنجن پوڄارين کي اهڙيءَ طرح اناج جي خيرات ڏيندي ڏسون ٿا، جهڙيءَ طرح سندس مجسمو ڊيموڪراٽيز جي زماني ۾ ڪوز جي ڳاهه واري ميدان ۾ ايتو

اناج تقسيم ڪندو هو ۽ جهڙيءَ طرح اڻويهين صديءَ ۾ ايليوسس
جي باشندن پنهنجن فصلن جي ڪميءَ کي ڊيميٽر جي مجسمي
جي غائب ٿيڻ سان منسوب ڪيو هو، ساڳيءَ طرح قديم زماني ۾
سسليءَ وارن، جي اناج جي انهن پنهنجي ديويءَ جا پوڄاري ۽
آبادڪار هئا، شڪايت ڪئي ته ڪهڙن شهرن جا اصل فقط ان ڪري
ناس ٿي ويا هئا، جو اتان جي بدطينت رومي گورنر، ويرس، ڊيميٽر
جي مجسمي کي سندس مشهور هيڪل واري مندر مان ڪڍي ورتو هو.
ڇا، اسين هن لاءِ، ته ڊيميٽر درحقيقت اناج جي ديوي هئي، هن
اعتقاد کان، جو جديد دور تائين به يونان ۾ موجود هو، اڃا به
ڪنهن زياده صاف ثابتيءَ جي تقاضا ڪري سگهون ٿا، ته اناج
جي فصلن جو دارومدار سندس موجودگيءَ ۽ رحمت تي هو ۽
جڏهن اهو جو مجسمو کڻايو ويندو هو، تڏهن اهي سڙي ۽
سڪي، ناس ٿي ويندا هئا؟

بهرصورت، جيڪڏهن مختلف نظرين کي نظرانداز ڪندي،
اسين ايليوسس جي رسمن متعلق خود قديم دور جي ماڻهن جي
شهادت تي ئي ڀروسو رکون، ته پوءِ امڪان آهي ته انهن کي
شايد قديم دور جي سڀني ماهر عالمن کان زياده مشهور عالم،
رومي وئرو سان متفق ٿيڻو پوي جنهن، سندس راءِ متعلق آگسٽين
جي رپورٽ جي حوالي مطابق، "ايليوسينا جي سڀني اسرارن کي
اهيءَ اناج سان وابسته ڪيو هو، جو سيرس (ڊيميٽر) ڳولي لڌو
هو، ۽ اهيءَ پروسرپائن (پرسيفون) سان، جنهن کي پلوٽو وٽانئس
ڦڇائي ڪڍي ويو هو. خود پروسرپائن جو مطلب، ٻج جي آباد
ٿيڻ جي حالت آهي، جنهن جي ڪنهن زماني ۾ ناڪاميابيءَ ڏڪاريءَ
کي پنهنجيءَ غير آباديءَ تي ماتم ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو هو ۽
ان ڪري هيءَ راءِ قائم ڪئي ويئي هو ته سيرس جي ڌيءَ، يعني
خود آباديءَ، کي پلوٽو اغوا ڪري، زبردستيءَ زير زمين بند ڪري
رکيو هو، ۽ جڏهن قحط ۽ فقدان لاءِ علي الاعلان ماتم ڪيو
ويو ۽ آبادي هڪ دفعو دوباره ملڪ ۾ واپس آئي، تڏهن پروسرپائن

جي موٽي اچڻ تي هر طرف خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي ۽ اهڙيءَ طرح سنجيده نوعيت وارين رسمن جو بنياد وڌو ويو. ائين ڪان پوءِ، آگسٽين ورو جو حوالو ڏيندي اڪٽي چوي ٿو ته "سندس اسرارن ۾ ڪيتريون ڳالهيون اهڙيون سيکاريون وينديون، جن جو سواءِ اناج جي ايجاد ڪان، ٻيءَ ڪنهن به ڳالهه سان واسطو ڪونه هو."

هن واقعي تائين مون زياده ڊيميٽر ۽ پرسيفون ديويءَ جي— ماءُ ۽ ڌيءَ جي درميان طبيعت جي هڪجهڙائي تسليم ڪئي آهي جي گذريل سال جي ٻج واري اناج ۽ هلندڙ سال جي پڪل اَنَ جي سنگهن جي شخصيتن جون مظهر آهن ۽ ماءُ ۽ ڌيءَ جي الهيءَ بنيادي اتحاد متعلق نظريي جي يوناني هنر لطيف جي تصويرن سان، جي ايترقدر هڪجهڙيون آهن، جو انهن کي هڪ ٻئي کان مميز ڪرڻ ناممڪن آهي، تصديق ٿي رهي آهي. ڊيميٽر ۽ پرسيفون جي مجسمن جي درميان اهڙي قريبي مشابهت يقيناً الهيءَ نظريي جي خلاف بغاوت ڪري ٿي ته اهي ٻئي ديويون ٻن اهڙين مختلف ۽ اهڙيءَ آسانيءَ سان قابل شناخت شين، جهڙوڪ ڌرتي ۽ ٻيزي، جا ان جي مٿان جمي ٿي، تن جون ڌالڪتالي شخصيتون آهن. ڊيميٽر ۽ پرسيفون جي متعلق، جيڪڏهن يوناني فنڪار الهيءَ نظريي کي تسليم ڪن ها، ته اهي يقينا انهن جا نمونا ٺاهين ها، جي انهن جي درميان واري فرق کي آسانيءَ سان ظاهر ڪري ٿين ها. ۽ جيڪڏهن ڊيميٽر ڌرتيءَ جي شخصيت جي مظهر نه هئي، نه ته، هن باري ۾ ڪو معقول شڪ ٿي سگهي ٿو ته، انهنجيءَ ڌيءَ والگر، هوءَ اناج جي شخصيت جي مظهر هئي، جنهن کي "هومر" جي زماني کان وٺي، اهڙي عام طرح، هن جي نالي سان سڏيو ويندو هو؟ ماءُ ۽ ڌيءَ جي درميان جيڪا بنيادي هڪجهڙائي آهي تنهنجو پتو، نه فقط انهن جي مجسمن جي قريبي مشابهت مان، پر انهن جي "آهي ٻه ديويون" واري سرڪاري لقب مان به پوي ٿو، جو انهوسمن واري آستاني ۾ سندن نالي

سان باقاعده طور، سندن انفرادي خصلتن ۽ لڇڻن کي ظاهر ظهور بيان ڪرڻ کان سواءِ، استعمال ڪيو ويندو هو، جن ۾ سندن جداگانه انفراديت، هڪ ئي ديوتائي ماده ۾ ذري گهٽ تحليل ٿي ويئي هئي.

انهن سڀني شهادتن کي نظر رکندي، اسين هن نتيجي اخذ ڪرڻ لاءِ پوري حق بجانب آهيون ته هڪ رواجي پولائي باشندي جي دل ۾ اهي ٻئي ديوتائون بنيادي طور الاج جون شخصيتون هيون، ۽ سندن مذهب جو سچو ماحاصل جي الهيءَ جزئن، ۽ پوشيده طور سمجهائي ملي ٿي. ۽ ان ڳالهه کي تسليم ڪرڻ جو مطلب هن حقيقت کان انڪار ڪرڻ ناهي ته طويل ارتقا جي دوران ۾ هن مادي مواد تي اعليٰ اخلاقي ۽ روحاني نظرين جو پيوند لڳايو ويو ۽ ان ڪري اهو جيوَن ۽ ڪٺڪ جي پور کان زياده خوبصورت گلن جي صورت ۾ بهره ور ٿي پيو. بهرحال، ٻج جي متعلق هن خيال، ته اهو زمين ۾ دفن ٿي هڪ نئين ۽ زياده اوچي زندگي حاصل ڪندو، هڪدم انساني تقدير سان مشابهت جو خيال پيدا ڪيو، ۽ الهيءَ هن اميد کي تقويت بخشي ته انسان لاءِ به، سندس قبر، هڪ زياده روشن ۽ نامعلوم دنيا ۾ زياده آرامده ۽ بهتر زندگيءَ جو آغاز ٿي سگهي ٿي. اهو سادو ۽ فطرتي خيال ايليوسس جي الاج جي ديويءَ جي موت جي اسرار ۽ مسرت پريءَ ابدي زندگيءَ سان وابستگيءَ کي سمجهائڻ لاءِ بلڪل ڪافي معلوم ٿئي ٿو. جو ته، هيءَ جو قديم زماني جا ماڻهو ايليوسينا جي اسرارن جي اندروني ۽ خفيه حال کي جنت جي دروازي جي ڪنجي سمجهندا هئا، سا ڳالهه انهن حوالن مان ثابت ٿيندي معلوم ٿئي ٿي، جڏهن ته انهن جا اعليٰ بياني وارا مصنف اسرارن جي اهڙن چاڙهو ماڻهن لاءِ هن کان بعد ابدي زندگيءَ ۽ خوشيءَ جي متعلق ڏيندا رهيا آهن. ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي، ته جنهن منطقي بنياد تي اهڙيون اعليٰ اميدون تعمير ڪيون ويئون هيون، تنهن جي ڪمزوريءَ کي ڏسڻ اسان لاءِ بلڪل

ساڻ آهي. ۽ جيئن ته ٻڏندڙ ماڻهو ڪکن ٻئن کي به سهاري لاءِ پڪڙيندا آهن، تيئن انسان کي به هن باري ۾ ڪو تعجب نه ڪرڻ گهرجي ته خود انسان وانگر ٻوڙائون به، جن جي دلين ۾ موت جو خوف ۽ هن دنيا جي زندگيءَ جي محبت جو جذبو ڪارفرما هو، انهن دليلن جي ٽڪ اوڙ ڪرڻ لاءِ سنجيدگيءَ ۽ صبر سان ڪو خيال ئي ڪونه ڪيو هجي، جي ماڻهوءَ جي ابدي زندگيءَ جي امڪان جي حق ۾، ۽ ان جي خلاف پيش ڪيا ويا. اها دلبازي، جنهن سينٽ پال کي مطمئن ڪيو هو، ۽ جنهن هزارين نامعلوم ۽ مغموم عيسائين کي سندن قريب المرگ عزيزن جي بسترن پرسان يا انهن جي پيارن جي ڪامل قبرن مٿان بيٺي، سڪون ۽ راحت پهچائي آهي، سا قديم زماني جي بت پرستن کي به اهڙي وقت مطمئن ڪرڻ لاءِ ڪافي هئي، جڏهن اهي به غم ۽ الم جي بوجهه کان گردن اوارو بڻا هوندا هئا ۽ زندگيءَ جي شعاع کي شمعدان ۾ جهڪو پوندو ڏسي، اهي به ڪنهن نامعلوم مستقبل جي اونداهيءَ ۾ اکٽي ڏسندا هئا. ان ڪري، اسين ڊيميٽر ۽ پرسيفون جي ڏند ڪٿا جي، — جا اهڙين ئي ڏند ڪٿائن مان هڪ آهي، جن ۾ ٻوڙائي ذات جي روشنائيءَ ۽ صفائيءَ مٿان موت جو ساهو ۽ اسرار اچي ڪري ٿو — ڪا بيعزتي نه ٿا ڪريون، جڏهن اسين ان جي اصليت جو سراغ فطرت جي سينن کان زياده چاتل سچائين، حالانڪ هميشه لاءِ اثرانداز ٿيندڙ رهن، موسم خزان جي غمناڪ اونداهيءَ ۽ انهن ۽ موسم بهار جي تازگيءَ، روشنائيءَ ۽ ساوڪ ۾ ڳولهون ٿا.

باب پنجيتاليهون

شمالي يورپ ۾ آن-ماءُ ۽ آن-ڪنواري

مشهارڊٽ هڪ دليل پيش ڪيو آهي ته ڊيميٽر جي نالي جو پويون حصو ڪريٽ جي ٻوليءَ جي لفظ "ڊيائي" مان اخذ ٿيل آهي، جنهن جي معنيٰ "جَوَ" آهي؛ ان ڪري ڊيميٽر جي معنيٰ سواءِ "جَوَن جي ماءُ"، يا آن جي ماءُ" کان علاوه، ٻي ڪا به ڪانه هئي؛ ڇو ته انهيءَ لفظ جي اشتقاق کي آريه قوم جي مختلف شاخن مختلف اسمن جي آن لاءِ استعمال ڪيو آهي. جيئن ته ڪريٽ جو ٻيٽ ڊيميٽر- پوڄا جي قديم ترين مرڪزن مان هڪ هو، ان ڪري هن ۾ ڪو به تعجب ڪونه ٿيندو، جيڪڏهن انهيءَ نالي جو بنياد ڪريٽي ٻوليءَ جو هجي. پر ان لفظ جي بنياد متعلق سنگين اعتراض آهن، جنهن ڪري بهتر ٿيندو ته ان تي ڪو خاص زور نه ڏنو وڃي. اهو ڪجهه ڪيئن به هجي، ڊيميٽر کي آن جي ماءُ سان شناخت ڪرڻ لاءِ اسان کي الڳ ثبوت دستياب ٿيا آهن. آن جي جن ٻن قسمن، يعني جَون ۽ ڪڻڪ مان ان کي يوناني مذهب ۾ وابسته ڪيو ويو آهي، تن مان جَوَن کي ان جي اصلوڪي عنصر هئڻ جي شايد بهتر دعويٰ حاصل آهي، جو نه رڳو اهو معلوم ٿئي ٿو ته اهو ان، نه فقط هومر واري زماني کان وٺي يونانين جي مستقل غذا رهندو آيو آهي، پر ان سان گڏ هن اعتقاد رکڻ لاءِ چند وجوهات موجود آهن ته آريه نسل وارن لوڪن قديم دور ۾ جيڪي اناج پوکيا هئا، تن مان هڪ آن، جيڪڏهن اڪيلائي اناج نه، ته به انهن مان هڪ ضرور هو. قديم زماني جي هندن ۽ يونانين جي مذهبي رسمن ۾

سڃي ۾ ڇنڊڻ جو استعمال، يقيناً هن ڳالهه جي حق ۾ هڪ زبردست دليل فراهم ڪري ٿو ته اهڙي قسم جي اَنَ جي لوڪ رسم قديم دور کان وٺي هلندي آئي آهي. هيءَ حقيقت به معلوم آهي ته ”ڀتر واري زماني“ ۾ ڍنڍن جي ڪنارن تي رهندڙ يورپ جا باشندا اها لوڪ ڪندا هئا.

قديم يونان جي ”اَنَ-ماءُ“ يا ”جَوَن-ماءُ“ سان مشابهت رکندڙ ايڪ ڳالهيون ڊاڪٽر مئنهارڊٽ جديد يورپ جي لوڪ-آکاڻين مان جمع ڪيون آهن. انهن مان هيٺيون مثال اختصار طور ڪم اچي سگهن ٿيون.

جرمنيءَ ۽ سڪاٽلينڊ ۾ عام طرح ”اَنَ-ماءُ“ جي شخصيت بخشي ويندي آهي. چنانچه، موسم بهار ۾ جڏهن سڪاٽلينڊ جو اَنُ هوا ۾ لڏندو آهي، تڏهن اتان جا ڳوٺاڻا چوندا آهن، ”اَنَ-ماءُ پئي اچي“، يا ”اَنَ-ماءُ پٽيءَ مان ڊوڙندي پئي وڃي“، يا ”اَنَ-ماءُ پٽيءَ مان پئي لنگهي“. جڏهن ٻارن کي پٽين ۾ وڃي اَنَ جي ساين ڳنڍين يا سرخ ڦولڙن پٽڻ جي خواهش ٿيندي آهي، تڏهن کين ائين ڪرڻ کان تنبيهه ڪئي ويندي آهي، چيو ته اَنَ-ماءُ پٽيءَ ۾ ويٺي هوندي آهي ۽ اها کين پڪڙيندي. يا وري ڪيترن فصل جي جنس مطابق ”رائي-ماءُ“ يا ”مٽر-ماءُ“ ڪوٺيو ويندو آهي ۽ ٻارن کي ”رائي-ماءُ“ يا ”مٽر-ماءُ“ جي ڌمڪين سان رائيءَ يا مٽرن جي پٽيءَ ۾ رلڻ کان منع ڪئي ويندي آهي. وري هيءُ به اعتقاد رکيو ويندو آهي ته اَنَ-ماءُ فصل کي وڌائيندي آهي. چنانچه، مئگڊبرگ جي ڀرواريءَ ۾ جڏهن چيو ويندو آهي ته، هيءُ سال فلئڪس لاءِ سٺو ٿيندو، جو فلئڪس-ماءُ کي ڏٺو ويو آهي“. سٽائريا جي ڳوٺ ۾ چيو ويندو آهي ته اَنَ-ماءُ کي، وڏيل اَنَ جي آخري مٺ مان ٺهيل گڏيءَ جي صورت ۾ اچڻ ڪري، رات جو پٽيءَ ۾ ڏسي سگهجي ٿو، جنهن کي هوءَ ان مان لنگهندي آباد ڪندي ويندي آهي، يا

جڏهن هوءَ ڪاوڙجي ساڻ ناراض ٿيندي آهي، ته فصل کي سڪائي ۽ ساڙي ڇڏي ويندي آهي.

ان کان سواءِ، اَن ـ ماءُ لاباري جي رسم ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. عام طرح اهو اعتقاد آهي ته هوءَ اَنَ جي آخري مُٺ ۾ موجود رهندي آهي، جا لاباري لاهڻ کان پوءِ ٻنيءَ ۾ ٻڌل ڇڏي ويندي آهي، ۽ آخري پوئين مُٺ جي وڍڻ سان ان کي قابو، هڪالڻ يا قتل ڪيو ويندو آهي. آخري مان ٻڌل مُٺ کي خوشيءَ سان گهر نيو ويندو آهي ۽ هڪ ديوتائي هستيءَ جيان ان جي عزت ڪئي ويندي آهي. ان کي دري ۾ رکيو ويندو آهي ۽ ڳاهه ڪرڻ وقت اَنَ جو روح وري ظاهر ٿيندو آهي. هنوور جي هيڊلن ضلعي ۾ لاباري وارا آخري پوئين مُٺ جي ڇوڙاري ڪري، اَنَ ـ ماءُ کي اتان هڪالي ڪڍڻ لاءِ لٺين سان ڪُٽيندا آهن. اهي هڪ ٻئي کي سڏ ڪري چوندا آهن، ”او، اها ٿي! ماريس! خبردار ٿجانءِ، متان پڪڙي وجهئي!“ اها مارڪٽ تيستائين هلندي آهي، جيستائين سڄو اَنُ لڪري ايندو آهي، ان کان پوءِ ٻڌڻ ڪيو ويندو آهي ته اَن ـ ماءُ ڀڄي وئي آهي. ڊنزگ ۾ جيڪو شخص اَن جا پويان سنگ وڍيندو آهي، سو اُن کي هڪ گُڏي جي صورت ۾ ٺاهيندو آهي، جنهن کي ”اَن ـ ماءُ“ يا ”پوڙهي عورت“ سڏيو ويندو آهي ۽ ان کي سڀني کان پوئين گاڏيءَ ۾ گهر آندو ويندو آهي. هولسٽين جي ڪن علائقن ۾ پوئين مُٺ کي زنانو لباس پهرايو ويندو آهي ۽ ڪيس ”اَن ـ ماءُ“ سڏيو ويندو آهي ۽ اتي ان جي مٿان پاڻي هاري، ڪيس تربتر ڪيو ويندو آهي. پاڻيءَ سان تربتر ڪرڻ، بنا ڪنهن شڪ وشبهي جي مينهن وسائڻ جو منتر آهي. اسٽائيريا جي ارڪ ضلعي ۾، اناج جي پوئين مُٺ کي، جنهن کي ”اَن ـ ماءُ“ چيو ويندو آهي، ڳوٺ جي سڀني کان زياده پوڙهي شادي شده عورت، جنهن جي عمر پنجاهه کان پنجونجاهه سال هوندي آهي، زنانن ڪپڙن ۾ ملبوس ڪندي آهي. سڀني کان زياده سنها سنگ

آڻ مان ٻڌيا ويندا آهن ۽ منجهائن هڪ هار ڳاڻيو ويندو آهي، جنهن کي ڳلن سان وڪوڙي، ڳوٺ جي سڀني کان زياده خوبصورت ڇوڪري، انهيءَ مٿي تي رکي ڪڙهي ۽ يا زميندار وٽ کڻي ايندي آهي ۽ ”ان-ماڻ“ کي دڙي ۾ رکيو ويندو آهي ته اها ڪڻڪ کي اتان بچائي ڪڍي. ساڳي ئي ضلعي جي ڏهن ڳوٺن ۾ ”ان-ماڻ“ کي لاباري جي آخري وقت لئي ٻه ڇوڪرا لڪڙي جي چوليءَ تي چاڙهي کڻي هلندا آهن. هو اهي ڇوڪريءَ جي ڏيان هلندا آهن، جا هار پائي زميندار جي گهر ويندي آهي ۽ جنهن دوران ۾ زميندار هار وٺي پنهنجي ڪمري ۾ لٽڪائيندو آهي، تنهن وچ ۾ ”ان-ماڻ“ کي ڪاڻين جي ڍير مٿان رکيو ويندو آهي، جتي اها لاباري جي دعوت ۽ اناج جو مرڪز رهندي آهي. ان کان پوءِ کيس دڙي ۾ لٽڪايو ويندو آهي، جتي اها آئينده رهندي آهي، جيستائين ڳاهه ڳاهڻ جي پورو ٿئي. ڳاهه وقت جيڪو ماڻهو سڀني کان آخرين ڏڪ هڻندو آهي، تنهن کي ”ان-ماڻ“ جو پٽ سڏيو ويندو آهي. کيس ”ان-ماڻ“ سان ٻڌو ويندو آهي ۽ پوءِ کيس ماريندي ماريندي ڳوٺ ۾ ڦيرايو ويندو آهي. هار کي اينڌڙ آرتوار ڏينهن ديول ۾ پيش ڪيو ويندو آهي ۽ ايستائين جي شام جو ستن سالن جي هڪ ننڍڙي ڇوڪري ان منجهان داڻا کي مٿي ٻاهر ڪڍندي آهي ۽ لڙهن آڻ ۾ جتي ڇڏيندي آهي. ٻانال لي، اهي هار جا ڪڪ ۽ ٻن ڍورن جي ڪوارڻ ۾ رکيا ويندا آهن، ته جيئن ڇوپايو مال وڌي ۽ ويجهي. هن حالت ۾ ”ان-ماڻ“ جي آباديءَ جي قوت کي، اُن جي جسم مان (جو ته هار ”ان-ماڻ“ مان ٺهيو ويندو آهي) لڪتل ٻج کي اٿڻ اناج ۾ ملائي، عيان ڪيو ويو تو ۽ چوپائي مال مٿان آن جي اثر کي ظاهر ڪرڻ لاءِ، ڪڪن کي ڪوار ۾ رکيو ويو تو. ملئو اصل وارين قومن ۾ ان مختلف فصلن مطابق، ويڙهل آن جي اوڻهه مٺ کي *”اوڙس-ماڻ“، ”جوڙن-ماڻ“، ”رائي-ماڻ“،

* هي هڪ قسم جو اناج آهي، جو جون سان مشابهت رکي ٿو.

"ڪٺڪ - ماهُ" يا "مڻر - ماهُ" ڪوٺيو ويندو آهي. ان کي هڪ ڇوڪريءَ جي مٿي تي رکيو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ ان کي موسم بهار تائين محفوظ رکيو ويندو آهي. هن حالت ۾ به "آنَ - ماهُ" جي آباديءَ جي قوت کي عيان ڪيو وڃي ٿو. فرانس ۾، آڪسيئر جي پسگردائيءَ ۾ پوئين وڍاڻ مهل کي "ڪٺڪ جي ماهُ"، "ڇٽون جي ماهُ"، "رانيءَ جي ماهُ" يا "اوانس جي ماهُ" سڏيو ويندو آهي. ڪڻمي آن کي انساني ٻُنيءَ اندر پئل ڇڏي ڏيندا آهن، جيستائين آخري سال پوري ڪاڏن منجهان سڀني کان آخرين، گهر وڃڻ لاءِ تيار ٿيندو آهي. ان کان پوءِ، منجهائنس هڪ گڏو ناهي، ڪيس ڪڻميءَ جا ڪپڙا پهرائي، مٿي تي هڪ ايلو يا اڇو رومال ٻڌو ويندو آهي. الهيءَ منزل تي اڇي، گڏي جي سيني ۾ وڻ جي هڪ ٽاري لوڪي ويندي آهي، ۽ هيٺر آن کي "سورس" جي ٽالي سان سڏيو ويندو آهي. شام جو ناچ وات، "سورس" کي وچ ميدان ۾ رکيو ويندو آهي ۽ جنهن لاباري ڪندڙ ڪڻميءَ سڀني کان زياده تيزيءَ سان لابارو لٿيو هوندو آهي، تنهن کي ڪوٺ جي سڀني کان زياده خوبصورت ڇوڪريءَ سان آن جي چوڌاري ناچ ڪرڻ ڏنو ويندو آهي. سڀئي ڇوڪريون، جن مان هر هڪ جي ڪچيءَ ۾ هار پيل هوندو آهي، گڏي کي آگهاڙو ڪري، ڇني ۽ ڪوهي، ڪيس الهه گلن سان گڏ، جن سان اهو سينگاريل هوندو آهي، ناهه جي ڏاڍي مٿان رکنديون آهن. پوءِ اها ڇوڪري، جنهن پڻ سڀني کان اڳ لابارو لٿي پورو ڪيو هوندو، سا ان ڏاڍي کي ناهه ڏيندي آهي ۽ ان وقت سڀئي دعا ڪندا آهن ته شل "سورس" کين ڀرپور ۽ ڀڪيو ستابو سال بخشي. هن حالت ۾، جيئن مينهارڊٽ چوي ٿو، پراڻي رسم جيئن جو تيئن رهندي آئي آهي، باقي "سورس" ٽالو ذرا هڪ اسڪول ماستر جي تعليم آهي. اتر ارڙنيءَ ۾ آنَ جي پوئين وڍاڻ مهل کي هميشه مالهوءَ جي صورت ۾ ٺاهيو ويندو آهي، ۽ جيڪڏهن ڪڻمي شادي شده هوندو آهي، ته پوءِ ان کي ٻٽيو ٺاهيو ويندو آهي ۽ هڪ وڏي

ڳڏي جي ٻيٽ ۾ هڪ ننڍو ڳڏو رکيو ويندو آهي، جو اناج مان ٺاهيو ويندو آهي. انهيءَ کي ”ماءُ-“ سڏيو ويندو آهي. اهو ڳڏو ڪڙميءَ جي زال کي ڏنو ويندو آهي، جا کيس ڳولهيندي آهي ۽ ان جي عوض ۾ طور، هوءَ شراب جي هڪ جام جيترا پيسا ڏيندي آهي.

ڪڏهن ڪڏهن ٻوٽن ۽ مٽ کي ”آن-ماءُ“ ۽ ۽ ”لاباري-ماءُ“ يا ”وڏي-امان“ سڏيو ويندو آهي. هئنوور جي اوسنابرڪ صوبي ۾ ان کي ”لاباري - ماءُ“ سڏيو ويندو آهي، کيس عورت جي صورت ڏني ويندي آهي ۽ پوءِ لاباري لاهي وارا کيس ساڻ کڻي، اچيندا ڪڏندا آهن. ويسٽفاليا جي ڪن حصن ۾ رائيءَ جي لاباري وقت ٻوٽن ۽ مٽ کي خاص طور ڳري ڪرڻ لاءِ ان ۾ پٿر پڌا وجهندا آهن. ان کي سڀني کان پوءِ گاڏي تي گهر کڻي ايندا آهن ۽ پوءِ کيس ”وڏي - امان“ سڏيندا آهن، حالانڪ کيس خاص صورت ۾ ڪو نه ٺاهيو ويندو آهي. اپر فرٽ ضلعي ۾ هڪ تمام ڳريءَ مٽ کي، جا هر وڏيرو آخرين ڪالهه هوندي آهي، ”وڏي-امان“ ڪوٺيو ويندو آهي ۽ کيس سڀني کان آخرين گاڏي ۾ وجهي ڏيري ڏانهن پهچايو ويندو آهي، جتي کيس هيٺ لاهي ۾ سڀيئي ڄڻا هٿ ڏيندا آهن ۽ خوب چرچا ۽ مسخريون ڪندا آهن.

ڪڏهن ڪڏهن وري ٻوٽن ۽ مٽ کي ”ڏاڏي-امان“ ڪوٺيو ويندو آهي، ۽ کيس گلن، رٻن ۽ زنانن ڪپڙن سان سينگاريو ويندو آهي. اوپر ارشيا ۾، رائيءَ يا ڪڻڪ جي لاباري وقت، لاباري لڻيندڙ انهيءَ عورت کي، جيڪا ٻوٽن مٽ ٻڌندي آهي، چوندا آهن، ”تون ٻوڙهيءَ ڏاڏي-امان کي پڪڙي رهي آهين.“ مئجبرگ جي ڀرسانديءَ ۾ مرد ۽ زالون اڪثر هڪ ٻئي سان شرط پچائيندا آهن ته ڏسون ته سڀني کان ٻوٽن مٽ، جنهن کي ”امان-ڏاڏي“ سڏبو ويندو آهي، ڪير ٿو حاصل ڪري. جيڪو مرد يا جيڪا به عورت ٻوٽن مٽ وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيندي آهي، انهن کي ايندڙ سال شادي ڪرائي ويندي آهي، پر ان جي زال يا ان جو مڙس ٻوڙهي يا ٻوڙهو هوندو آهي. جيڪڏهن اها مٽ ڪا ڇوڪري

حاصل ڪندي، ته ڪُنهن هڪ ڪراڙو رائي مڙس ڏلو ويندو، ۽ جڏهن اها ڪنهن مرد کي هٿ لڳندي ته ڪنهن ڪنهن ته ڪنهن ڪراڙي ڪوڪب سان شادي ڪرڻي پوندي. سلوشيا ۾ "ڏاڏي - امان" — هڪ وڏو بنڊل، جو ٽن يا چئن مٺن مان اهو ساڳيو ٺاهيندو آهي، جنهن آن جي پوئين مٺ وڏي هوندي آهي — کي اڳئين زماني ۾ هڪ اي ٻڍي اماڻي مجسمي جي صورت ۾ ٺاهيو ويندو هو. پولئاسٽ جي ڀسڪرداڻي ۾ پوئين مٺ کي ڪڏهن ڪڏهن "ڪراڻي (امان - ڏاڏي)" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. ان کي دستوري صورت ۾ ڪپڙا وڌا ويندا آهن، ۽ سڀئي لاپارو لٺيندڙ ان کي هيٺ ڪيرائڻ لاءِ پنهنجا ڏاٽا اڇلائيندا آهن. ان کي چوٽي جي صورت ۾ وڪوڙيو ويندو آهي ۽ موسم خزان (اينڌڙ؟) تائين رکيو ويندو آهي. جيڪو به ان کي حاصل ڪندو آهي، سو اُهي سال جي دوران ۾ شادي ڪندو آهي.

گهڻو ڪري اناج جي پوئين وڍڻ مٺ کي "پوڙهي عورت" يا "پوڙهو مرد" سڏيو ويندو آهي. جرمنيءَ ۾ ان کي گهڻو ڪري عورت جي صورت ۾ ٺاهيو، ۽ زناني ڪپڙن ۾ ملبوس ڪيو ويندو آهي ۽ جيڪو ماڻهو ان کي وڍيندو يا ٻڌندو آهي، تنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته اُهيءَ "پوڙهيءَ عورت کي پڪڙيو آهي". سوابيا ۾ اٺلنوشوم وٽ، جڏهن ڪنهن به ٻنيءَ جو سڄو اَنُ، فقط هڪ ٻنيءَ کان سواءِ، وڍيو ويندو آهي، تڏهن سڀئي لاپارو لٺيندڙ اُهيءَ ٻنيءَ اڳيان قطار ڪري بيهندا آهن ۽ انهيءَ مان هر هڪ تيزيءَ سان وڍڻ شروع ڪندو آهي ۽ جيڪو به سڀني کان آخرين وڍ ڪندو آهي، تنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته "پوڙهي عورت وٽس آهي". جڏهن وڍڻ ان کي ڍڳز جي صورت ۾ ٺاهي رکندا آهن، تڏهن جنهن شخص کي "پوڙهي عورت" هٿ چڙهي هوندي آهي، جا سڀني وارڻن کان زياده وڏي ۽ ڳري ۽ ڳري هوندي آهي، تنهن لي پيا سڀئي ٺٺوليون ڪري، کيس وڏي واڪي چوندا آهن، "اڙي، هن وٽ ئي پوڙهي عورت آهي ۽ اها وٽس ته

رهڻ گهرجي“. جيڪا عورت مٿي کان ٻوٽن وڙهي ٻڌلدي آهي، تنهن کي ڪڏهن ”ٻوڙهي عورت“ سڏيو ويندو آهي ۽ هيءَ ٻ چيو ويندو آهي ته ان جي شادي ايندڙ سال اندر ٿيندي. اوله، ٻرشيا جي ايوستاس علائقي ۾ ٻوٽين وڙهوٽيءَ — جنهن کي چٽڪيت، ٽوپلو، ۽ ريتون پاراوڻ ويندئون آهن — ۽ انهيءَ عورت کي، جيڪا انهيءَ کي ٻڌلدي آهي، ٻنهي کي ”ٻوڙهي عورت“ سڏيو ويندو آهي. ٻنهي کي گڏهي مٿي کان ٻوٽن گاڏي تي گهر آندو ويندو آهي ۽ مٿاڻن پاڻي اڇلائي، کين لوٽائر ڪيو ويندو آهي. اتر جرمنيءَ جي مختلف علائقن ۾ لاباري وقت مٿي کان ٻوٽن وڏيل وڙهوٽيءَ کي انساني مجسمي جي صورت ۾ ٺاهي، کيس ”ٻر مرد“ سڏيو ويندو آهي ۽ جنهن عورت اها وڙهوٽي ٻڌي هوندي آهي، تنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته ”وٽس ٻي ٻر مرد آهي“.

مغربي ٻرشيا ۾، جڏهن راڻيءَ جي آخري داڻ کي ڏالداريءَ سان ٻوڙهي هڪ هنڌ گڏ ڪيو ويندو آهي، تڏهن عورتون ۽ ڇوڪريون ڪڻ ۾ تمام گهڻي عجلت ڪنديون آهن، جو ته انهن مان ڪابه اهو نه چاهيندي آهي ته اها ڪڻ ۾ مٿي کان پٺتي رهجي وڃي ۽ ”ٻوڙهو ماڻهو“، جو آخرين مٺيءَ مان ماڻهوءَ جي صورت جو مجسمو ٺاهيو ويندو آهي، ۽ جنهن کي ساڻ ڪٺي آخرين لڻيندڙ کي ٻڌن لاباري ڪندڙن جي روبرو ڦرڻو هوندو آهي، سندس ٻڙ ٿڃي وڃي. سلوشيا ۾، آخرين مٺيءَ کي ”ٻر مرد“ يا ”ٻوڙهي عورت“ سڏيو ويندو آهي ۽ آها هرڪس و ناڪس جي ٺٺوليءَ جو موضوع هوندي آهي ۽ ان کي غير معمولي طور وڏو ٺاهيو، ۽ ٻڙ سان وزندار ڪيو ويندو آهي. وينڊ ٿيڻ وارن ۾ انهيءَ مرد يا عورت لاءِ، جيڪا ڪڻڪ جي لاباري وقت ٻوٽن مٿي ٻڌلدي آهي، چيو ويندو آهي ته ”ٻر مرد“ ان وٽ آهي. ڪڻڪ جي سنگن ۽ ٽڻهن مان ماڻهوءَ جي شڪل و صورت وارو هڪ گڏو ٺاهيو ويندو آهي، جنهن کي گلن سان سينگاريو ويندو آهي. جنهن ماڻهوءَ ٻوٽن مٿي ٻڌي

هوندي آهي، تنهن کي ٿي ”ٻڍو مرد“ کي گهر کڻي وڃڻو پوندو آهي ۽ باقي ٻيا اُن مٿان کلندا ۽ ٽوليون ڪندا آهن. انهيءَ گاڏي کي زميداري گهر ۾ لڪايو ويندو آهي، جتي اهو تيسين رهندو آهي، جيسين ايندڙ سال نئون ”ٻڍو مرد“ ٺاهيو وڃي.

انهن رسمن مان ڪن ۾، جيڪي مٿي ڄاڻايون ويون آهن، انهيءَ ماڻهوءَ کي، جنهن کي پوئين سٿيءَ جهڙي ساڳئي ٽالي (ٻڍو مرد يا پوڙهي زال) سان سڏيو ويندو آهي ۽ جو اُن جي پرماڻ آخرين گاڏي تي ويهندو آهي، ظاهري طور انهيءَ سان شناخت ڪيو ويندو آهي، هو يا هوءَ اناج جي روح جي نمائندگي ڪندي آهي، جنهن کي اُن جي پوئين سٿيءَ ۾ ڦاسايو ويو هوندو آهي؛ ٻين لفظن ۾ ڪٿي ڇنجي ته اناج جي روح جي ٻٽي نمائندگي، هڪ ماڻهوءَ ۽ ٻي سٿيءَ ذريعي، ڪئي ويندي آهي. ماڻهوءَ جي انهيءَ آخرين سٿيءَ سان شناخت ڪئي، انهيءَ ماڻهوءَ کي، جيڪو انهيءَ آخرين سٿيءَ کي وڍيندو يا ٻڌندو آهي، اُن ۾ ويڙهڻ جي رسم ذريعي، اڃا به زياده صاف ۽ عيان ڪيو وڃي ٿو. چنانچه، سليشيا ۾ مشهور وٽ انهيءَ عورت کي، جيڪا آخرين سٿي ٻڌندي هئي، انهيءَ سٿيءَ جي وچ ۾ ٻڌڻ جي هڪ باقاعده رسم هوندي هئي. بئويريا ۾ ويلبين وٽ پوئينءَ سٿيءَ جي وڍيندڙ، ۽ ٻڌندڙ کي منجهس ٻڌڻ جي رسم هوندي هئي. هن حالت ۾ جيڪو ماڻهو اُن ۾ ٻڌل هوندو آهي سو، بلڪل اهڙي ئي نموني اناج جي روح جي نمائندگي ڪندو آهي، جهڙيءَ طرح ٽارين يا پنن ۾ ويڙهيل ماڻهو وڻن جي روح جي نمائندگي ڪندو آهي.

پوئين سٿي، جنهن کي ”پوڙهي عورت“ جو ٽالو ڏنو ويندو آهي، ٻين سٿين کان جسامت ۽ وزن ذريعي، گهڻو ڪري، ممتاز ڪئي ويندي آهي. چنانچه، اولهه پرشيا جي ڪن ڳوٺن ۾ ”پوڙهي عورت“ کي رواجي سٿين کان طوالت ۽ جسامت ۾ ٻيڻو ٺاهيو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اُن کي ايترقدر وزندار ٺاهيو ويندو آهي، جو هڪ ماڻهو اُن کي کڻي نه سگهندو آهي. شمبلشنبد ۾ اناٽ - پلا وٽ، ”پوڙهي - عورت“ ٺاهڻ لاءِ اٺ يا شايد سٿين کي گڏ ٻڌو

ويندا آهن ۽ جيڪو ماڻهو ان کي ڪڙو ڪري ٻهاريندو آهي، سو اُن جي گهٽي وزن سبب پڻ پڻ ڪندو آهي. سفڪس ڪوارگ ۾، ازگرانڊ وٽ ٻوڻن سٿيءَ کي، جنهن کي "ٻوڙهي عورت" سڏيو ويندو آهي، ڇاٽي واري ۽ خاص طرح هن اراديءَ سان وڏو ڪاهيو ويندو آهي، ته جيئن ايندڙ سال ڀرپور فصل حاصل ٿئي. چنانچه، ٻوڻن سٿيءَ کي غير معمولي طور وڏو يا ڳورو ڪاهن، هڪ قسم جو جادوءَ جو جنتر آهي، جو هم آهنگ جادوءَ تحت عمل ڪري ٿو ۽ جو ايندڙ لاباري جي وقت ڀرپور ۽ گهٽي اصل ڪڻ لاءِ خاطري ڪرڻ واسطي ادا ڪيو وڃي ٿو.

اسڪاٽلينڊ ۾، جڏهن هئلومامس* ڪان پوءِ آخري اناج لڻيو ويندو آهي، تڏهن ان منجهان جيڪو زالائي صورت وارو مجسمو تيار ڪيو ويندو هو، تنهن کي ڪڏهن ڪارلائين، يعني "ٻوڙهي عورت" سڏيو ويندو هو. پر جيڪڏهن اهو هئلومامس ڪان اڳ ۾ وڍيو ويندو هو، ته ان کي "ڪنواري" سڏيو ويندو هو، جيڪڏهن ان کي سج لهڻ بعد وڍيو ويندو هو، ته ان کي "ڏائڻ" سڏيو ويندو هو، جو ان لاءِ هيئن سمجهيو ويندو هو، ته لاهو سج وقت آڻ لڻ سان بدقسمتي ايندي. اسڪاٽلينڊ جي جابلو ايراضين ۾ لاباري وارو جيڪو پويون آن وڍيو ويندو آهي، انهن کي "ٻوڙهي زال" (ڪليچ) يا "ڪنواري ڇوڪري" سڏيو ويندو آهي، في الجمله، ٻهراڻين ٽالو مغربي ۽ ٻيون مرڪزي ۽ مشرقي ضلعن ۾ عام جام ڦهليل معلوم ٿئي ٿو. "ڪنواريءَ ڇوڪريءَ" جو ذڪر اسين جلد ئي ڪنداسون، هتي اسين "ٻوڙهيءَ زال" سان واسطو رکون ٿا. اهيءَ رسم متعلق رپورٽ جي- جي- ڪئمپبيل، ٽائري جي هڪ دوردراز هيبريڊين ٻيٽ جي پادريءَ، جو هڪ باخبر ۽ جاچو انتيش ڪندڙ آهي، هيئن عام بيان ڏنو آهي: "لاباري واري ٻوڙهي زال (اي ڪئليچ) — لاباري وارو هن ڳالهه لاءِ وڏي

* هڪ عيسائي تقريب، جا "سڀني ديوتائن جي ڏينهن" (آل سينٽس ڊي) تي ملهائي ويندي آهي.

جهوجهڙ ڪٽي ويندي هئي ته ڪوٺي ۾ سيءَ کان ٻوٽي ۽ رهجي وڃي ۽ جڏهن مشترڪ آباديءَ جو رواج هو، تڏهن اهڙا مثال عام هئا، جن ۾ ڏسڻ جو هڪ اهڙو پٽو اڻ وڻيل ڇڏيو ويندو هو (جنهن لاءِ ڪوبه ماڻهو دعوي ڪونه ڪندو هو)، جو پڻ سيءَ کان بچيل هوندو هو. اڻ ٻاري ۾ لاٻاري وارن کي هيءَ ڏپ هوندو هو ته مٿان ”پٽيءَ جي ڏڪار“ کي (گورٽ اي پولي) اينڊز لاٻاري ڌاڙي ڪارائڻو پوي. اهي ٻوڙهيءَ جي ڏپ کان تمام گهٽي ولدر ۽ مالڪ ٻاڙي پڻدا ٿيندي هئي ...... جڏهن سيءَ کان ٻهراڻين فارغ ٿيندو هو، سو آڻ جي ڪڇ، ڦرهن مان هڪ گڏو ڪاهيندو هو، جنهن کي ”ٻوڙهي زال“ سڏيو ويندو هو ۽ اڻ کي پنهنجي وڃڻ کان وڃڻ ٻاڙيءَ ڏانهن موڪليندو هو. اهو ورڻ پنهنجي ليکي اڻ کي پنهنجي ڪنهن اهڙي همسائي ڏانهن موڪليندو هو، جو اڃا ته گهٽ رفتار وارو هوندو هو ۽ جنهن وٽ اڃا سيءَ کان ٻچاڙيءَ ۾ رهجي ويندي هئي، انهن وٽ ”ٻوڙهي عورت“ مهمان سمجهي ويندي هئي، جنهن کي ڪس اهيءَ سڄي سال لاءِ پاڻ وٽ رکڻو پوندو هو.“

آئلي پٽ ۾ جڏهن پوڻ آن لڻيو ويندو آهي، تنهن کي ”ٻوڙهي زال“ (ڪنليچ) سڏيو ويندو آهي ۽ جڏهن لاٻاري وقت اڃا پنهنجو فرض ادا ڪري چڪندي آهي، تڏهن اڻ کي ديوار تي ٽنڪايو ويندو آهي، جتي اڃا اڻ وقت تائين رهندي آهي، جيستائين ٻئي سال جي اصل لاءِ پٽيءَ ۾ هر ڪاهڻ جو وقت اچي. اڻ کان پوءِ ڪيس هيٺ لاٿو ويندو آهي ۽ پورڙين ڏينهن، جڏهن مرد هر ڪاهڻ لاءِ ويندا آهن، تڏهن اڻ کي گهرڌيالي الهڻ مردن ۾ تقسيم ڪندي آهي. اهي مرد اڻ کي پنهنجن ڪيسن ۾ وجهي کڻي ويندا آهن ۽ جڏهن پٽيءَ ۾ پهچندا آهن، تڏهن اڻ کي ٻاهر ڪڍي گهوڙن کي کارائيندا آهن. ائين ڪرڻ سان سمجهيو ويندو آهي ته اينڊز لاٻاري لاءِ خوش قسمتي حاصل

ڏيندي ۽ ان کان علاوه "ٻوڙهي زال" جي انجام جو اهو موزون طريقو سمجهيو ويندو آهي.

اهڙن قصن جي رسمن جي خبر ويلس مان ئي آيل آهي. چنانچه، اتر ڄمبروڪ شائر ۾ ٻوٽين ويڙهڻ ان جي اجڙي کي، جا جهڙن کان پاراهين الڳن جتري ڏکي هوندي آهي، جڙني والگر وڪوڙيو ويندو آهي ۽ ان کي "ٻوڙهي عورت" (رانڇ) سڏيو ويندو آهي، ۽ ڪيٽن سالهن جي يادگيري جي عرضي الدر، جي اجا تائين حيات آهي، اڻ مان گڏ عجيب و غريب انوکيون قديم رسمون ادا ڪيون وينديون هيون ۽ لاباري لڻڻ وارن ۾ اڻ وقت وڏو جوش و خروش نظر ايندو هو، جڏهن پڇي ۾ اڻپل آن جي ٻوٽين ٽڪر کي وڍڻ جو وارو ايندو هو، جڏهن سڀئي جڻا واري وٽي سان مٿائس پنهنجا ڏاٽا اڇلائيندا هئا ۽ منجهائن جيڪو به ان کي وڍڻ ۾ ڪامياب ٿيندو هو، تنهن کي گهر ۾ ٺهيل شراب جو هڪ پيالو انعام ڏنو ويندو هو. ان کان پوءِ، ڪڻڪ جي ٽڪر مان "ٻوڙهي عورت" (رنڪ) کي ٺاهيو ۽ پاڻي واري هڪ اهڙي پڃي ۾ ٻڌايو ويندو هو، جتي لاباري لڻيندڙ اچا پنهنجي ڪم ۾ مصروف هوندا هئا. اهو ڪم، ڪيٽو ڪري، هر هلائيندڙ ڪندو هو، ٻه هن کي اهو، ۽ کيس زبردست احتياط ڪرڻو پوندو هو ته کيس سندس همسايا نه ڏسي وٺن، جو ته جيڪڏهن آهي کيس ڏسي وٺندا هئا ۽ سندس ارادي متعلق ڪين ذرو به شڪ پئجي ويندو هو، ته اهي کيس: ڪڪر ٻوٽو ٻڌ موڪليندا هئا. ٻوڙهي جي پيهان گسڪندو ۽ وڙهندو، هو ٿيسون انتظار ڪندو هو، جيسين سندس همسائي جي لاباري لڻڻ وارن جو مهندار سندس ڪيري سامهون اهڙي هنڌ اچي پهچندو هو، جتي اهو سندس دسترس کان پاهر نه هوندو هو. اڻ وقت هو ڦڙتي ڪري "ٻوڙهي عورت" کي لوڙهي، يا جيڪڏهن مڪري ئي سگهندو هو، ته مهندار جي ڏاٽي مٿان اڇلائيندو هو. اهو ڪم اڪرو ڪري، هو وٺي ڀڄندو هو ۽ جيترو جلد ئي سگهندو هوس، اوترو جلد اتان ٽرڻ جي ڪوشش ڪندو

هو، ۽ اهو خوش نصيب ٿيندو هو، جنهن اڪثر ڪري، يا ڪاوڙيل لاپاري ڪنڌڙن جي اڏامندڙ ڏانئن جي زخمن کانئن ڪاڻ سواءِ، جي سندس ٻوٽن مٿس وسايا ويندا هئا، پڇي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيندو هو. پنهنجي حالتن ۾ "ڪوڪ" کي لاپاري ڪنڌڙن مان هڪ چڱو زميندار گهر ڏانهن کڻي ايندو هو. اُن جي ڪوشش اها رهندي هئي ته "ڪوڪ" کي بغير آلي ڪرائڻ جي، ۽ لڪ چپ ۾، گهر تائين پهچايو وڃي، ۽ جيڪڏهن گهر جا ماڻهو سندس ارادي کي پالهي وٺندا هئا، ته سندس مرمت ٿيڻ جو زبردست انديشو رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن، هن کي ذري گهٽ اگهاڙو ڪيو ويندو هو ۽ ڪڏهن ڪيس پاڻيءَ سان، جو اهڙي موقعي لاءِ نهايت خبرداريءَ سان بالٽين ۽ دلن ۾ پوري رکيو ويندو هو، ترتر ڪيو ويندو هو. پر، جيڪڏهن هو "ڪوڪ" کي هر حالت ۾ لڪ چپ ۽ سڪل حالت ۾ گهر پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو هو، ته گهر جي مالڪ کي ڪيس ڪجهه ڏلپ پوري ڏيڻو پوندو هو، يا ڪڏهن ڪڏهن "ڪوڪ" کي گهر ايندڙ ديوار جي پرسان رکڻ ٻپ مان، جنهن ۾، معلوم ٿئي ٿو ته، بهترين قسم جو ٻير رکيو ويندو هو، ٻڌ جي هڪ پيالي جي تقاضا ڪندو هو. اُن کان پوءِ "ڪوڪ" کي گهر جي وڏي ڪمري ۾، يا پٺي ڪنهن هنڌ تي، احتياط سان ڪيليءَ تي لٽڪائي ڇڏيو ويندو هو، جتي اها سڄي سال تائين رهندي هئي. "ڪوڪ" (رڪ) کي گهر آڻڻ ۽ لٽڪائي ڇڏڻ جي رسم، اتر نمبروڪ شاير جي ڪن فارمن ۾ اڃا تائين مروج آهي، ۽ اهي قديم رسمون، جن جو تازو ذڪر ڪيو ويو آهي، ختم ڪيون ويون آهن.

ٿوراٽي سال اڳ، جڏهن انٽرم* ڪالونيءَ ۾ لاپاري لٺيندڙ مشين ڏاٽيءَ کي آخرين طرح ميدان مان اڏي ڇڏيو، تڏهن اناج جا ڪجهه سلا، جن کي آخرين طرح پٺيءَ ۾ ڇڏي، ڏاو

* الڪانڊ جو هڪ نئيو علائقو، جو اسان جي ملڪ جي ضلعي جي هڪ ڊويزن کان ٿورو ٿي گهٽ يا وڌ ٿيندو.

وڃندو هو، جولي جي صورت ۾ وڪيا ويندا هئا. ان ڪان پوءِ لاباري لٽيندڙ، اکين ۾ پٽيون ٻڌي جولي واڪر ويڙهڻ، الاج جي سڀن تي پنهنجا ڏاٽا اڇلائيندا هئا ۽ منجهائن جيڪو ۽ ان کي بلڪل صفائي سان وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيندو هو، سو ان کي پاڻ سان گڏ پنهنجي گهر کڻي ويندو هو، جتي ان کي دروازي تي لٽڪائي ڇڏيندو هو. الاج جي اهڙي مڇي کي "ڪارلي" سڏيو ويندو هو — جو شايد "ڪاران" جهڙو لفظ آهي.

سلٽو لسل وارين قومن ۾ ماڳين تي رسمون ادا ڪنديون آهن. چنانچه، پولينڊ ۾ آخرين ستي کي عام طرح "بابا" يعني "پوڙهي عورت" سڏيو ويندو آهي. "پوئين ستي ۾ الدر" ماڻهو چوندا آهن، "بابا ويٺي هوندي آهي." خود اهڙي ستيءَ کي ئي "بابا" ڪوٺيو ويندو آهي، جا عام طرح ٻارهن ٽنڊين سٽن کي هڪ ٻئي سان ٻڌي، ٺاهي ويندي آهي. بوهيميا جي ڪن علائقن ۾، پوئين ستي مان ٺاهيل "بابا" کي عورت جي صورت هوندي آهي ۽ ان جي مٿان ڪڪڙ جو هڪ وڏو ٽوپلو رکيو ويندو آهي. ان کي لاباري وارڻ ڪاڏن مان سڀني ڪان پوئين تي گهر ڏاڍهن ٿيون ويندو آهي ۽ ان کي هارن سان سينگاري، ۽ ڇوڪريون ڪڙمڻ اڳيان پيش ڪنديون آهن. سٽن ٻڌڻ ۾ عورتون سڀني ڪان پٺتي رهجي وڃڻ کان ڏاڍي خبرداري ڪنديون آهن، جو ته انهن مان جيڪا ۽ آخرين ستي ٻڌندي، تنهن کي ايندڙ سال ٻار ڄمندو. ڪڏهن ڪڏهن لاباري ڪندڙ اهڙي عورت کي، جيڪا آخرين ستي ٻڌندي آهي، واکو ڪري چوندا آهن، "او، اهڙي وٽ بابا آهي"، يا "اهائي بابا آئي." ڪراڪائو ضلعي ۾، جڏهن ڪو ماڻهو آخرين ستي ٻڌندو آهي، تڏهن ٻيا ماڻهو چوندا آهن ته، "ڏاڏو اهڙي ۾ ويٺو آهي"، جڏهن آخرين ستي ڪا عورت ٻڌندي آهي، تڏهن چوندا آهن، "بابا ان ۾ ويٺي آهي"، ۽ خود اهڙي عورت کي ستيءَ ۾ اهڙيءَ طرح ويڙهيو ويندو آهي، جو ان جو فقط مٿو ٻاهر نڪتل هوندو آهي. اهڙيءَ طرح ستيءَ ۾

ويڙهيل حالت ۾ کيس لاچاري واري آخرين گاڏي ۾ گهر پهچايو ويندو آهي، جتي گهر جا سڀ ڀاتي مٿانئس پاڻي هاري کيس شرابور ڪري ڇڏيندا آهن. ناچ ختم ٿيڻ تائين اها سٿيءَ اندر ويڙهيل رهندي آهي ۽ سڄي سال تائين هوءَ "بابا" جي نالي سان سڏي ويندي آهي.

لٿوانيا ۾ پوئين سٿيءَ لاءِ "بوبا" (پوڙهي زال) جو لفظ استعمال ٿيندو آهي، جو پولش ٻوليءَ جي "بابا" لفظ سان ملندڙ آهي. "بوبا" لاءِ چيو ويندو آهي ته اها سڄي اناج کان هيٺ ڇڏيل ۽ اڻ لڀ آنَ ۾، ويٺي هوندي آهي. جيڪو ماڻهو پوئين سٿي ٻڌندو آهي يا آخري پنڊ مٿي ڪري ٻڌندو آهي، تنهن سان تمام گهڻا چرچا ڪيا ويندا آهن ۽ کيس "رائيءَ جي پوڙهي عورت" يا "ٻڪريءَ جي پوڙهي زال" جو نالو ڏنو ويندو آهي، جو ان کي گهڻي عرصي تائين برداشت ڪرڻو پوندو آهي. پوئين سٿيءَ — "بوبا" — کي زناني صورت ڏني ويندي آهي، کيس سيني کان آخرين گاڏي ۾ ويهاري ڏاڍيءَ سنجيدگيءَ سان ڳوٺ مان ڦيرائي، ڪڙميءَ جي گهر پهچائي، پاڻيءَ سان ڀسايو ويندو آهي، ان کان پوءِ هر هڪ ساڻس ناچ ڪندو آهي.

روس ۾ به پوئين سٿيءَ کي گهڻو ڪري زنانيءَ صورت ۾ ڏسي، کيس زنانا ڪپڙا پهرائي، ناچ ۽ راڳ سان زميندار جي گهر ڏانهن کڻي ويندا آهن. بلغيريا وارا پوئين سٿيءَ مان هڪ گڏو ٺاهيندا آهن، جنهن کي اهي "اناج جي راڻي" يا "اڻ ـ ماءُ" سڏيندا آهن. ان کي زناني لباس پارائي، سڄي ڳوٺ جي چوڌاري ڦيرايو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ کيس درياهه ۾ اڇلايو ويندو آهي ته جيئن ٻئي سال جي فصل لاءِ مينهن ۽ ماڪ جوڳي مقدار ۾ مهيا ٿئي. يا وري ان کي ساڙي، سندس رک کي پٽيءَ ۾ منتشر ڪيو ويندو آهي، جنهن جو مقصد، لاشڪ، پٽن کي آباد ڪرڻ جو هوندو آهي. راڻيءَ جي نالي سان، جهڙيءَ طرح اهو پوئين سٿيءَ مان ٺاهيو ويندو آهي، مشابهت رکندڙ

مثال مرڪزي ۽ شمالي يورپ ۾ موجود آهن. چنانچه، آسٽريا جي سالزبرگ ضلعي ۾، لاباري جي ختم ٿيڻ کان پوءِ هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويندو آهي، جنهن ۾ اناج جي سنگن جي ”راڻيءَ“ (آهرينڪوئيگين) کي هڪ ننڍيءَ گاڏيءَ ۾ ويهاري، نوجوان ڇوڪرا گهليندا هلندا آهن. معلوم ٿئي ٿو ته ”لاباري جي راڻيءَ“ جي رسم انگلنڊ ۾ عام جام هئي. ملٽن کي ان جي ضرور ڄاڻ هوندي، جو ته *”پيراڊائيز لاسٽ“ ۾ هو چوي ٿو :

”آدم ان وچ ۾،

هن جي واپسيءَ جي انتظار ۾، چونڊيءَ مثل ڪُنڊو هو،

چونڊ گلن مان هڪ هار، سينگارڻ لاءِ

هن جي زلفن کي، ۽ سندس ڏيهاتي محنتن کي تاج پهرائڻ لاءِ،

جيئن لاباري ڪندڙ عام طرح هريل هوندا آهن لاباري جي راڻيءَ کي پهرائڻ لئي.“

اهڙيءَ قسم جون رسمون گهڻو ڪري، لاباري واريءَ پڙيءَ تي به، ۽ ڳاهه واري ميدان تي، ادا ڪيون وينديون آهن. اناج جو روح، لاباري لڻيندڙن جي اڳيان، جيئن جيئن اهي پڪل ان وڍيندا ويندا آهن، ٽپي آنءِ کي ڇڏي وڃي پڇندو آهي ۽ دوري ۾ وڃي پناهه وٺندو آهي، جتي اهو پوئينءَ ڳاهيل سٿيءَ ۾، يا ته ڏڪندڙن جي ڏکڻ کان مرڻ يا ازان، پڇڻ ۽ پاسي واري فارم جي ابها اڻ ڳاهيل آنءِ ۾ لڪڻ لاءِ، وري اچي ظاهر ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح جيڪو ان سڀ کان آخر ڳاهيو ويندو آهي، تنهن کي ”ماءُ-آن“ يا پوڙهي عورت“ سڏيو ويندو آهي. ڪٿي ڪٿي، جيڪو ماڻهو ڏليءَ جو آخري ڏڪ هڻندو آهي، تنهن کي ”پوڙهي عورت“ سڏيو ويندو آهي ۽ ڪڻس پوئين سٿيءَ جي ڪڪن ۾ ويڙهيو

---

*انگلنڊ جي مشهور نابينا شاعر، جان ملٽن، جو شهره آفاق منظوم ڪتاب، جنهن ۾ هن ڏيکاريو آهي ته عزازيل جنت ڪيئن وڃائي.

ويندو آهي يا سندس پٺيءَ تي ڪک پڌا ويندا آهن. ٻه ڪکن ۾ ويڙهيل هوندو آهي، خواه ڪک سندس پٺيءَ تي پڌل هوندا آهن، ٻنهي حالتن ۾ ڪيس عام ڪري ٺڪريءَ جي وچ ۾ ڳاڏيءَ تي وهاري ڳوٺ مان ڦيرايو ويندو آهي. اتريا، ٽوراڪين ۽ ٻين علائقن جي ڪن ضلعن ۾، جڏهن ڪو ماڻهو آخري ساهي ڪاهيندو آهي، تنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته، ولس "پوڙهي عورت" يا "پوڙهي اناج-عورت" آهي، ڪيس ڪکن ۾ پڌو ويندو آهي ۽ پوءِ ڪلهن تي کڻي يا ڳاڏيءَ تي وهاري ڳوٺ ۾ ڦيرايو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ ڪيس جهنگ جي ڏيک لاءِ رکيو ويندو آهي، يا وري ڪنهن اهڙي همسائي ڪڙميءَ جي ڪم ڪرڻ واري ميدان ڏانهن نيو ويندو آهي، جنهن اڃا تائين پنهنجو ڪم پورو ڪونه ڪيو هوندو آهي. پولينڊ ۾، جڏهن ڪو ماڻهو ڪم ڪرڻ وقت سٿيءَ کان پوءِ ڍڪ هڻندو آهي، تنهن کي "بابا" (پوڙهي عورت) سڏيو ويندو آهي، ڪيس اَن ۾ واڙهي، ۽ ڳاڏيءَ ۾ وهاري، سڄي ڳوٺ ۾ ڦيرايو ويندو آهي. لٿوانيا ۾، کٽو ڪري، آخري سٿيءَ کي ڪولي ڪاهيو ويندو آهي، ان کي زالاڻي شڪل و صورت ڏني، ڪنهن اهڙي پاڙيسريءَ جي داري ڏانهن نيو ويندو آهي، جنهن پنهنجو ڪم پورو ڪونه ڪيو هوندو آهي.

سائبريا جي ڪن علائقن ۾، جڏهن ڪا اجنبي عورت ڪم واري ميدان ۾ اوچتو اچي سهڙندي آهي، تڏهن سندس جسم جي چوڌاري هڪ جهٽڪ ۽ گردن جي چوگرد اناج جون ٽاليون ويڙهيون ويندڙيون آهن، سندس مٿي تي سنگن جو تاج رکيو ويندو آهي ۽ ڪم ڪاهيندڙ واڪا ڪري چوندا آهن، "اڙي اَن-عورت کي ڏسو". هن حالت ۾ اجنبي عورت کي، جا اهڙيءَ طرح اڻ ڄاڻ اچي ار کهٽ ٿيندي آهي، اَن جو روح سمجهيو ويندو آهي، جنهن کي تازو ئي جهٽڪن ۽ ڌڪن جي مار سان سنگن مان لوڏي ڪڍيو ويو آهي. ٻين حالتن ۾، ڪڙميءَ جي زال اَن جي روح جي نمائندگي ڪندي آهي. چنانچه، سلاوين (وينڊين) جي اجتماعي ڪيٽ ۾ ڪڙميءَ

جي زال کي، ٻوٽي سٿيءَ سان گڏوگڏ چادر ۾ ٻڌي ۽ چِکا تي چاڙهي، ڳاهه ڪرڻ واريءَ مشين ڏانهن نيون ويندو آهي ۽ ان جي هيٺان ڪيس قتل ڪيو ويندو آهي. ان کان پوءِ عورت کي چکي ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي، ۽ اناج جي سٿيءَ جو ڳاهه پنهنجي لوڪي تي ويندو آهي، ۽ عورت کي چادر ۾ وجهي اهڙيءَ طرح هيٺ ۽ مٿي اڇلايو ويندو آهي، جڻ ته ڪيس ڇڄ ۾ وارايو ويو وڃي. عورت جي اناج سان شناخت جو، ڪيس ڳاهڻ ۽ وائرائڻ جي باقاعده نقل ڪرڻ جي طريقي کان، ٻئي ڪنهن زياده واضح نموني سان اظهار ڪرڻ بلڪل ناممڪن ٿيندو.

هنن رسمن ۾ ڪل ان جي روح کي پوڙهيءَ، يا ڪم از ڪم بلوغت کي رسيل، چمار جو مجسمو وجهي ٿو. ان ڪري ٿي، ڪيس "ماءُ"، "ڏاڏي-امان"، "پوڙهي عورت" جهڙا نالا، ڪنهن ناني ڏنا وڃن ٿا. ٻه، ٻين حالتن ۾، اناج جي روح کي جوان تصور ڪيو وڃي ٿو. چنانچه، وولفين ٻٽيل جي پرسان، سالبرن وٽ، جڏهن رائي جو لابارو ختم ڪيو ويندو آهي، تڏهن ٿي سٿين کي اهڙي نموني رسيءَ سان ٻڌو ويندو آهي، جو منجهائن هڪ گڏو ٺهي پوندو آهي، جنهن ۾ مٿي جي بدران ان جا سنگ لڳل هوندا آهن. انهيءَ گڏي کي "ڪنواري" يا "ان-ڪنواري" سڏيو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ان جي روح جو هڪ اهڙي ٻار جي صورت ۾ تصور ڪيو ويندو هجي، جنهن کي ڏاٽيءَ جي ڌڪ سان پنهنجيءَ ماءُ کان جدا ڪيو ويو آهي. اهو نظريو پولئنڊ جي هن رسم ۾ موجود ملي ٿو، جنهن ۾ اناج جي سڀ کان آخرين مٺ وڍڻ واري ماڻهوءَ کي واڪو ڪري چيو ويندو آهي ته "تون ٻار جو ناڙو وڍي ڇڏيو." اولهه پرشيا جي ڪن ضلعن ۾ پوئينءَ سٿيءَ سان ڇوڪو مجسمو تيار ڪيو ويندو آهي، تنهن کي "حرامي" سڏيو ويندو آهي ۽ ان ۾ هڪ ڇوڪري کي ويڙهيو ويندو آهي. جنهن عورت پوئين سٿي ٻڌندي، ۽ ان-ماءُ جي نمائندگي ڪندي آهي، تنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته هوءَ ٻار کي

استري داخل ٿيندي. پوءِ هوءَ سورن واريءَ عورت وانگر دانهون ڪندي آهي ۽ هڪ پوڙهي عورت ناليءَ جي ڪردار ۾ دائيءَ جو ڪردار ادا ڪندي آهي. آخرڪار، واڪو ڪري اعلان ڪيو ويندو آهي ته ٻار ڄائو آهي، اهو آواز ٻڌائيندي، آن جي مٿيءَ ۾ ويڙهيل ڇوڪرو ٿئين چانور معصوم ٻار وانگر، اوئان اوئان ڪرڻ شروع ڪندو آهي، ناليءَ ٻار کي لنڊڻ ۾ ٻڌڻ جو اٿل ڪندي، ڪيس ڪوليءَ جي لڪر ۾ ويڙهيندي آهي. جنهن کان پوءِ اٿيءَ ناليءَ ٻار کي ڏاڍيءَ خوشيءَ سان آن جي ڏيري ڏانهن نيئوڻ ويندو آهي، ته متان کليل هوا ۾ ڪيس سردي لڳي ۽ زڪام ٿي پوي. اتر جرمنيءَ جي ڪن علائقن ۾، پوڙهن مٿيءَ يا منجهانئس ٺاهيل گڏي کي "ٻار"، "لاٻاري جو ٻار" وغيره جهڙن نالن سان سڏيو ويندو آهي ۽ جيڪا عورت آخرين مٺي ٻڌندي آهي، انهن کي زوردار آواز ۾ چيو ويندو آهي، "تون ٻار کي ماڻي اڪڙان".

اسڪاٽلئنڊ جي ڪن حصن ۽ شمالي انگلستان ۾ ٻي لاٻاري واريءَ پنيءَ ۾ آن جي جيڪا آخرين مٺ وڍي ويندي آهي، تنهن کي "ڪرن" سڏيو ويندو هو ۽ اهڙي ماڻهوءَ لاءِ، جيڪو اها ڪٽي ويندو هو، اهن چيو ويندو هو ته اهو "ڪرن" کي ڄڻيو ويو. ان کان پوءِ ڪيس هڪ ٻاراڻي گڏي وانگر ڪپڙا ڍڪائي، "ڪرن - ٻار"، "ڪرن - گڏو" يا "ڪنواري ڇوڪري" سڏيو ويندو هو. اتراهين صلعيءَ جي وچ ڌاري لائين ۾، اروڪشاير ۾ لاٻاري لڻڻ وارن جي وچ ۾ اهڙي اناج جي آخرين مٺ کي وڍڻ لاءِ زبردست ڪشمڪش ٿيندي هئي. سڀئي جڻا ٿورو مفاصلو ڇڏي آن جي چوڌاري اچي جمع ٿيندا هئا ۽ واري وٽيءَ تي منجهانئس ڏاٽا اڇلائيندا هئا، منجهانئن جيڪو به ڪيس صفائيءَ سان وڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو هو، سو اها مٺ ڪٽي ڪنهن اهڙيءَ ڇوڪريءَ کي ڏيئي ڇڏيندو هو، جنهن کي هو ٻين سڀني کان زياده ڀائيندو هو. پوءِ اها ڇوڪري اهڙيءَ طرح وڍيل آن کي "ڪرن-گڏيءَ" وانگر ٺاهي، ڪپڙا پهرائيندي هئي، جنهن کان پوءِ گڏيءَ

کي زمينداري گهر ڏانهن نيئو ويندو هو، جتي کيس ايندڙ سال لاءِ لاباري تائين ٽڪائي ڇڏيو ويندو هو، جڏهن سندس جاءِ هڪ ٻئي "ڪڻڪ-ڪڏو" اچي والاريندو هو. يارڪشاير ۾، اسپالس ووڊ جي مقام وٽ، لاباري وقت اناج جي آخري اپتل مُٺ کي وڍڻ جي ڪارگذاريءَ کي عام طرح "راڻيءَ کي وڍڻ" يا اوڙي اڏر لي عام طور، "ڪڻڪ کي وڍڻ" سڏيو ويندو آهي. انهيءَ کي وڍڻ جو طريقو مٿس ڏاٽين اڇلائڻ جو ڪيو، هو. لاباري لئي وارڻ مان هڪ جڻو پنهنجين اکين تي پٽيءَ ٻڌائڻ لاءِ رضامند ٿيندو هو ۽ سندس نوجوان سالي، کيس هٿ ۾ ڏاٽو ڏيئي، ٽي ڀيرا چوگرد ڦيرون ڀارائي، انهيءَ "ڪڻڪ" کي وڍڻ لاءِ ڇڏي ڏيندا هئا. جنهن طريقي سان هو ٿاڦوڙا هڻندو ۽ ڏاٽي سان هوا ۾ آڏا ۽ اپٽا ڌڪ ٺوڪيندو هو، تنهن تي ڪل جا ڪوڪراٽ پئجي ويندا هئا. آخرڪار، جڏهن هو ان کي اِي ڦالڊو ٽڪالي ڇڏيندو هو ۽ پنهنجون ڪوششون ترڪ ڪندو هو، تڏهن واري پٺ ماڻهن منجهان هڪ ٻئي جڻي جي اکين تي پٽي ٻڌي ويندي هئي، جو ان انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ خاطر، ان کي انهيءَ طرح ڪلهه هاب ڪري واپس ايندو هو ۽ انهيءَ طرح، اهو سلسلو تيستائين جاري رهندو هو، جيستائين "ڪڻڪ" وڍجي ويندو هو. ڪامياب اميدوار کي سندس ڏاڏي ٻالي، خوشيءَ جا ٽي نعرا بلند ڪري، هوا ۾ مٿي ڪڏائيندا هئا. اسپالس ووڊ ۾، جنهن ڪمري ۾ "ڪڻڪ-دعوت" منعقد ڪئي ويندي هئي تنهن، ۽ دري کي، جنهن ۾ ناچ ڪيو ويندو هو، سينگارڻ ۽ ناهڻ لاءِ پڻ عورتون هر سال "ڪڻڪ-گڏيون" يا "راڻيون" ٺاهينديون هيون، آن جي روح جا اهڙا ڪيئي هڪجهڙ سان گڏ ٽنگيل، ديهاتي مجسما انهيءَ جاءِ تي اڄ به ڏسي سگهجن ٿا.

اسڪاٽلنڊ جي مقامن ۾ جي ڪن حصن ۾، لاباري ڪندڙ جڏهن ڪڻڪ جو فارم تان آن جي آخري مُٺ وڍيندا آهن، تڏهن اهي کيس "ڪنواري" يا ڪالڪ پوليءَ ۽ "ميڊين ارڻين"

ڏيندا آهن، جنهن جي لفظي معنيٰ ”وارن کوڙيل ڪنواري“ آهي. الهيءَ ”ڪنواريءَ“ کي حاصل ڪرڻ جي مقابلي ۾ سوپاري ڏهن سان گهڻئي وهم ۽ تمنا وابسته ڪيل آهن. جڏهن ان کي ڪو نوجوان مرد حاصل ڪندو آهي، تہ ان کي هن ڳالهہ جو شگون سمجهو ويندو آهي تہ الهيءَ جوان جي ايندڙ لاڀاري کان اڳ شادي ٿيندي. الهيءَ، يا ڪن ٻين سببن ڪري، لاڀارو ٿيندڙن جي درميان خاص چٽاڀيٽي ٿيندي آهي ۽ اهي ڪيس حاصل ڪرڻ جي ارادي سان مختلف قسمن جي حرڪتن کان ڪم وٺندا آهن. مثال طور، منجهانئن هڪ ڇٽو عام طرح لاڀارو ٿيندي، الاچ جي هڪ مُٺ کي ان وڍيل ڇڏي ڏيندو ۽ آن کي ٻين ٿيندڙن جي نظرن کان بچائڻ خاطر، مٿس مٽي وجهي ڍڪي ڇڏيندو، الهيءَ جو ٻنيءَ تي ٻيڻل سچو آن وڍجي ويندو. ممڪن آهي تہ هڪ کان زياده ماڻهو ساڳي ئي چالاڪي ڪرڻ جي ڪوشش ڪن — ۽ انهن ۾ جيڪو ٻين سڀني کان زياده تڪي دماغ وارو هوندو آهي ۽ انهن جي راز کي ٻين سڀني کان زياده دير تائين پاڻ وٽ پوشيده رکي سگهندو آهي، سوئي اهو اعزاز ماڻي سگهندو آهي. جڏهن آن کي وڍيو ويندو آهي، تڏهن ”ڪنواريءَ“ کي رانڊن سان ڍڪي، ڪيس گڏي جي صورت ڏني ويندي آهي، جنهن کي زمينداريءَ گهر جي پٽ تي لٽڪايو ويندو آهي. شمالي اسڪاٽلينڊ ۾ ”ڪنواريءَ“ کي *”يول ـ صبح“ تائين احتياط سان محفوظ رکيو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ ڪيس هن مقصد سان چوپائي مال ۾ تقسيم ڪيو ويندو آهي تہ ”اهي سڄي سال جي دوران ۾ ڀلا ۽ ساوا رهن“. پرٿ شاير ۾ بالڪهيڊر وٽ، فصل جي آخرين مُٺ کي ٻنيءَ تي موجود ٻئل عورتن مان سڀني کان زياده ڪمسن ڇوڪري وڍيندي آهي ۽ آن کي ڪاغذ جي پوشاڪ پهرائي ۽ رانڊن سان سينگاري، گڏيءَ

* ناتال جي موقعي تي جيڪي تقريبون ملهايون وينديون آهن، تن کي ”يول“ چيو ويندو آهي ۽ ”يول ـ صبح“ مان مقصد ناتال جي صبح جو آهي.

جي شڪل ڏاڍي وڻندي آهي. اوھ آن کي "ڪنواري" ڪوٺيو ويندو آهي ۽ ڪوس زميندارن گهر ۾ عام طرح دودڪش مٿان، رکيو ويندو آهي، جتي اها ڪافي ڏکهي عرصي، ڪڏهن ڪڏهن ته پئي سال جي اهڙي "ڪنواري" جي اچڻ تائين، اتي هوندي آهي. هڪ ڪتاب جي مصنف سنه ١٨٨٨ع ۾ بالقوئيدر وٽ "ڪنواري" جي وڃڻ جي رسم جو عيني مشاهدو ڪيو هو. هڪ خاتون دوست مون کي ٻڌايو ته، جڏهن هوءَ اجا ننڍڙي ڇوڪري هئي، تڏهن هن لاڀارو لڻندڙن جي منت ميڙ تي ارت جي آس پاس ڪيئي دفعا "ڪنواري" کي پنهنجن هٿن سان ڪاٽيو هو. "ڪنواري" ڳالو، پني تي ايندڙ اناج جي آخرين مٺ کي ڏانو ويو هو، هڪ لڻندڙ الهي سٿي جي بالائي حصي کي جهليندو هو ۽ هوءَ ان کي وڍيندي هئي. بعد ۾ الهي سٿي کي چوٽي واٽکر ڪُٽيو ويندو هو ۽ ڪوس ربن سان سينگاري، اورچيخالي جي پٺ تي ڪنهن اماڻن هنڌ اتي، تيسين لٽڪائي ڇڏي ڏانو ويندو هو، جيسين ايندڙ سال جي "ڪنواري" آندي ويندي هئي، انهن کي اڻ "ڪنواري" سڏيو ويندو هو. لاڀارو لڻندڙ الهي موقعي تي، اچڻ ۽ ڪڏاندا هئا.

ڊمبارٽن شائر ۾، گيئرلاڪ جي ڪن فارمن تي، سنه ١٨٣٠ع ڌاري، پني تي ايندڙ آن جي آخرين مٺ کي "ڪنواري" سڏيو ويندو هو. ان کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪري، چوٽي واٽکر ڳنڍيو ويندو هو، جنهن ڪان پوءِ هڪ ڇوڪري ان کي وڍي ڇڏيندي هئي، جنهن جي متعلق وري هيءُ خيال ڪيو ويندو هو ته اها خوش قسمت ٿيندي ۽ سندس شادي جلد ئي ٿي ويندي. اها "ڪنواري" جڏهن وڍي هئي، تڏهن سڀئي لاڀارو لڻندڙ آن جي اوڳرو اچي جمع ٿيندا هئا ۽ سڀ ڄڻا پنهنجا ڏاٽا مٿي هوا ۾ اڇلائيندا هئا. "ڪنواري" کي ربن سان مانوس ڪري، ڪوس اورچيخالي ۾ ڇت جي ڀرسان لٽڪايو ويندو هو، جتي اها گهڻن سالن تائين اتي رهندي هئي ۽ مٿانئس تاريخ لڳائي ويندي هئي.

ڪڏهن ڪڏهن ته، هڪ ئي وقت اٺ اٺ، ڏهه، ڏهه، "ڪنواريون" هٿڪن مان لٽڪنديون نظر اينديون هيون. لاپاري جي ڏينهن، منجهند واري مانيءَ ۾ "ڪيڙن" سڏيو ويندو هو. ڪيترا ڪ ئي ڀيرا فارمن ۾ آن جي اوڻهه مٿ کي "ڪنواريءَ جو مٿو" يا فقط "مٿو" سڏيو ويندو هو، آن جي چوٽي صفائيءَ سان ڪٽيندا هوندي هئي، جنهن کي ڪڏهن ڪڏهن ربين سان سينگاريو ويندو هو ۽ سڄي سال تائين بورچيخاني ۾ لٽڪائي رکيو ويندو هو، جنهن کان پوءِ منجهائنس آن جا دانا ڪڍي، ڪڪڙين ۽ پکين کي ڏنا ويندا هئا.

اترين شاير ۾، لاپارو اڳندڙ "پوڻيءَ وڍڻ-مٿيءَ" يا "ڪنواريءَ" کي، ڏاڍيون خوشيون ڪندا، جلوس جي صورت ۾ گهر کڻي ويندا آهن. ان کي، پوءِ گهرڌياڻيءَ اڳيان پيش ڪيو ويندو آهي، جا کيس ڪپڙا پهرائي، تنهن پاڻ وٽ محفوظ رکندي آهي، جيستائين ڪا پهريائت گهوڙي ٿر ڏئي. ان کان پوءِ "ڪنواريءَ" کي هٿ لائي، گهوڙيءَ کي پهرين خوراڪ طور پيش ڪيو ويندو آهي. اهيءَ رسم کي نظر انداز ڪرڻ ڪري وڇوري تي بري اثر پوڻ جو انديشو رهندو آهي ۽ ٻنيءَ جي سڀني ڪارگذارين جا نتيجا سڄي سال جي دوران ۾ عام طرح ناڪامين ڪرائيندا."

اترين شاير جي شمال مشرق ۾، آن جي اوڻهه مٿ کي عام طور "ڪلاڪ" مٿي سڏيندا آهن. اهيءَ مٿيءَ کي سڀني کان ننڍيءَ چار واري ڇوڪري وڍيندي هئي ۽ ان کي زنانا ڪپڙا پهرايا ويندا هئا. کيس شان و شوڪت ۽ شادمانيءَ سان گهر آندو ويندو هو ۽ نانال جي صبح تائين حفاظت سان رکيو ويندو هو، جنهن کان پوءِ آن کي ڪنهن اهڙيءَ ڍڳيءَ گهوڙيءَ کي کارائي ڇڏيو ويندو هو، جا ٻنيءَ تي حاضر هوندي هئي، ۽ جيڪڏهن ٻنيءَ تي ڪا اهڙي گهوڙي موجود ڪانه هوندي هئي، ته ان صورت ۾ آها سڀني کان زياده پوڙهيءَ ڍڳيءَ ڳئونءَ کي کارائي ڇڏي ويندي هئي. پوءِ جانَ تي اهيءَ مٿيءَ کي سڀني ڳئن ۽ مينهن ڳائن ۽ ڳائين يا

وري سيٽي گهوڙن ۽ ڦارم جي ٻين چوپاين ڍورن جي درميان تقسيم ڪيو ويندو هو. ڦائيف شاير ۾، الاج جي پوئين مٺ کي، جا "ڪنواريءَ" جي نالي سان مشهور هوندي آهي، هڪ نوجوان ڇوڪري وڍيندي آهي ۽ ان کي هڪ گڏي جي شڪل ڏيئي، ربن سان ٻڌو ويندو آهي، جن جي وسيلي ان کي ڦارم جي بورچيخاني جي ڀت تي لٽڪايو ويندو آهي، جتي اهو ايندڙ بهار تائين لٽڪيو رهندو آهي. "ڪنواريءَ" کي لاباري وانگ وڍڻ جي رسم انورنيس شاير ۽ سدرلئنڊ شاير ۾ ان ادا ڪئي ويندي هئي.

الاج جي روح کي "ڪنوار"، "*اوٽس - ڪنوار" ۽ "ڪڻڪ - ڪنوار" جهڙا لقب ڏيئي، جي جرمنيءَ ۾ ڪن وقتن تي الاج جي پوئين سٽيءَ ۽ الهيءَ صورت کي، جڏهن اها سٽي ٻڌلدي آهي، ڏنا ويندا آهن، ڪيس ڪڻڪ، ڦلر ڪي، ۽ راڄا ۾ جوانيءَ جي عمر ڏني ويئي آهي. موراويا ۾ مگاز وٽ، ڪڻڪ جو، لاباري وانگ سڄي ڪڻڪ لڻڻ بعد پٺيءَ جو هڪ ننڍو ٽڪر اڻ - اڻلڻيل ڇڏيو ويندو آهي. الهيءَ باقي بچيل ٽڪر کي، لاباري لڻيندڙن جي خوشين ۽ شادمانين جي درميان، هڪ نوجوان ڇوڪري، جنهن جي مٿي تي ڪڻڪ جي سنگن جو هار پيو هوندو آهي ۽ جا "ڪڻڪ - ڪنوار" جي نالي سان مشهور هوندي آهي، لڻيندي آهي. ماڻهن جو اعتقاد آهي ته اها الهيءَ سا ڪئي سال اندر حقيقي ڪنوار ٿيندي. اسڪاٽلنڊ ۾ روزلين ۽ اسٽون هئون وٽ، الاج جي پوئين وڍيل مٺ کي "ڪنوار" جو نالو ڏنو هو ۽ ان کي 'اراس'، يا ڏودڪهن مثال رکيو ويندو هو، جنهن متعدد 'ڪنن' هيان ۽ ڪمر جي چوڌاري، هڪ هڪ ربن ٻڌل هوندي هئي."

ڪنوار جي نالي ۾ جهڙو نظريو پوشيده آهي، تنهن کي زياده زوردار نموني ۾ پيش ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن الاتات جي اخلاقي نوان جي اهالئدگي ڪنوار ۽ گهوٽ جي صورتن ۾ ڪئي

* ان جو هڪ قسم.

وينندي آهي، چنانچه، ووهارز ۾ اوڊس - مرد ۽ اوڊس - عورت، جي
لهڻ کان ولي چوڻيءَ تائين ٻلال ۾ ڍڪيل هوندا آهن، لاباري
جي قريب وقت اچڻدا آهن. ڏکڻ سڪسنيءَ ۾ لاباري جي
قريب ئي اوڊس - گهوٽ ۽ اوڊس - ڪنوار گڏيل ڪردار ادا
ڪندا آهن. اوڊس - گهوٽ اوڊس جي گاهه ۾ مٿي کان ٻيرن
تائين ڍڪيل هڪ مرد هوندو آهي؛ اوڊس - ڪنوار ۾ هڪ مرد هوندو
آهي، جو زناڻن ڪپڙن ۾ ملبوس، ۽ گاهه ۾ واڙهيل ڪولو
هوندو آهي. ٻنهي کي گاڏي تي ويهاري، شراب خاني ڏانهن وٺي
ويندو آهي، جتي ناچ منعقد ڪيو ويندو آهي. ناچ جي ابتدا ۾
ناچو اوڊس - گهوٽ جي جسم تان اوڊس جا ڇڳڙا هڪ هڪ
ڪري، ڇنڻ ۽ کوهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ هو ٻنهنجي
طرفان انهن کي ٻاڻ وٽ صحيح ۽ سالم رکڻ جي جدوجهد ڪندو
آهي، تانجو هو بلڪل اگهاڙو ئي ٻولدو آهي ۽ سڄي مجمع
جي کل ۽ چرچي جو مرڪز ٿي ٻولدو آهي. آسٽريا واري سائليسيا
جي علائقي ۾، "ڪڻڪ - ڪنوار" جي رسم انان جا نوجوان لاباري
جي آخر ۾ ملهائيندا آهن. "ڪڻڪ - ڪنوار" جو ڪردار اها عورت
ادا ڪندي آهي، جا اناج جي آخرين مٺ ٻڌندي آهي ۽ سندس
مٿي تي ڪڻڪ جي سنگن ۽ گلن مان ٺاهيل لاباري جو تاج
ٻيل هوندو آهي. اهڙيءَ طرح سينگاريل، ٻنهنجي گهوٽ جي ٻرسان
گاڏي ۾ ويهي، جتي ڪنوار جون ساهيليون سندس ٻٺيان ايندڙيون
هونديون آهن، ڪُس شاديءَ جي جلوس جو مڪمل نقل ڪندي،
۽ ڏکا ڳوٺ جي شرابخاني ڏانهن نيندا آهن، جتي صبح تائين
ناچ جو سلسلو جاري رکيو ويندو آهي. ساڳيءَ موسم ۾ ڪجهه
دير پوءِ، اوڊس - ڪنوار جي شادي اهڙي ئي ديهاتي شان و شوڪت
سان ملهائي ويندي آهي. سائليسيا ۾، نائسيءَ جي آس پاس
اوڊس - بادشاهه ۽ اوڊس - راڻيءَ کي گهوٽ ۽ ڪنوار جهڙا عجيب و
غريب ڪپڙا پهرائي، ڏکڻ تي چاڙهي، ڳوٺ ولي ويندا آهن،
انهن ٻنهي مثالن ۾ انن جي روح کي نر ۽ ماديءَ جي

صورت ۾ ٻئي شخصيت ڏني ويئي آهي. ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهو روح ٻنهي زناني صورتن ۾، جن ۾ ٻڍاپي ۽ جوانيءَ جون حالتون شامل هونديون آهن، ظاهر ٿيندو آهي جي، جيڪڏهن منهنجي تشريح صحيح آهي، پوالي ڊيميٽر ۽ پرسيفون مان بلڪل ٺهڪي اچن ٿيون. اسين ڏسي آيا آهيون ته اسڪاٽلنڊ ۾ خاص طرح گائلڪ ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن ۾، آخري وڍل اَنَ کي ڪڏهن "پوڙهي زال" ۽ ڪڏهن "ڪنواري" سڏيندا آهن. هاڻي، اسڪاٽلنڊ ۾ ڪي اهڙا به حصا آهن، جن ۾ لاباري وقت پڇاڙيءَ، "پوڙهي زال (ڪالليچ) ۽ ڪنواري" وڏيون وينديون آهن. اهڙيءَ رسم جون روايتون بلڪل صاف ۽ مستقل نوعيت جون ناهن، پر عام اصول اهو نظر اچي ٿو ته جتي لاباري وقت وڍل اَنَ مان پڇاڙيءَ، "پوڙهي عورت" (ڪالليچ) ۽ "ڪنواري" ٺاهيون وينديون آهن، اتي "ڪنواري" اڪثر سلي مان ٺاهي ويندي آهي، جيڪي پڇاڙيءَ ۾ آخري وڍ تائين ڇڏيا ويندا آهن ۽ انهيءَ کي اهو ڪڙمي پاڻ وٽ رکندو آهي، جنهن جي زمين تان اها وڍي ويندي آهي، ٻئي طرف "پوڙهي زال" پڻ، ڪڏهن ڪڏهن ته آخري وڍل، سلي مان ٺاهي ويندي آهي ۽ ان کي باقاعده طور پاسي واري ڪنهن سست رفتار ڪڙميءَ ڏانهن منتقل ڪيو ويندو آهي، جو اڃا تائين لاباري کي لڳو پيو هوندو آهي. چنانچه، هرهڪ ڪڙمي "ڪنواريءَ" کي اناج جي نوجوان ۽ آباد ڪندڙ روح جي شخصيت طور پاڻ وٽ رکندو آهي ۽ جيترو ٿي سگهندو اٿس، اوترو جلد "پوڙهيءَ زال" کي پنهنجي پاڙيسريءَ وٽ پهچائيندو آهي، اهڙيءَ طرح، ويچاري پوڙهيءَ عورت کي ڪنهن آرام ڏيندڙ جاءِ تي پنهنجي معزز مٿي کي آخري طرح ٽيڪڻ کان اڳ، شايد سڄي ضلعي جي فارمن جو چڪر هڻڻو پوي. جنهن آبادگار ماڻهن کي آخري طرح سنڀال اختيار ڪرائي هوندي آهي، سو يقيناً اهوئي هوندو آهي، جنهن آس پاس جي سڀني ڪڙمين کان پوءِ پنهنجو اناج جو لاباره پورو ڪيو هوندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح

هن جي استقبال ڪرڻ جو اعزاز ڏسڻيءَ ۾ حصد جو معاملو هوندو آهي. هن لاءِ سمجهو ويندو آهي ته هو مفلسيءَ جي مصيبتن جو شڪار ٿيندو يا وري ڪنهن ايندڙ موسم ۾ "سڄي شهر جي اڪدان لاءِ رسد مهيا ڪرڻ" جي مرهون منت ٿيندو رهندو. ساڳيءَ طرح، اسان ڏٺو ته، هيبروڪ شاير ۾، جتي ٻوٽن وڍڻ وقت آن کي، "ڪنواري" يا "پوڙهي ڪوڪ" سڏيو ويندو آهي، اتي ڪنهن تمام گهڻيءَ عجلت سان اهڙي پاڙيسريءَ ڏانهن منتقل ڪيو ويندو آهي، جو اڃا تائين پنهن ۾ لاباري کي لڳو پيو هوندو آهي ۽ جو انهيءَ معمر مهمان جي آجيان خوشيءَ کان علاوه پڻ هر هڪ چڱي سان ڪندو هوندو. "پوڙهي ڏاڏي"، جيڪڏهن گذريل سال جي اناج جي روح جي نمائندگي ڪري ٿي، جيئن اها شايد هر انهيءَ جاءِ تي ڪري ٿي، جتي جتي اڻ کي "ڪنواريءَ" کان ممتاز ڪيو وڃي ٿو، ته اڻ صورت ۾ هيءَ هڪ قدرتي ڳالهه آهي ته پوڙهيءَ جي ارسوده لاڙن جي مقابلي ۾ سندس ڌيءَ جي تلهي متاري جسم کي، هڪ ڪڙميءَ جي نظرن ۾ زياده جاذب ۽ ڪشش هوندي — اها ڌيءَ جنهن ۾ ايندڙ واري سال سوايري آن جي ماءُ ٿيڻ جي آن وقت اميد رکي سگهجي ٿي، جڏهن گردش ڪندڙ سال ٻي موسم خزان آندي آهي. اناج جي ٽڪل ۽ سڪل ماءُ کي پنهن ماڻهن جي سر ۾ هٽي، ڪاٺس جان ڇڏائڻ جي خواهش انهن رسمن، خاص طرح هلال مان ڏهول هڪ بدصورت گڏي کي پاڙيسري ڪڙميءَ جي پٺيءَ ڏانهن، جو اڃا ڳاهه ڳاهڻ ۾ مشغول آهي، منتقل ڪرڻ جي رسم مان، بلڪل عيان ٿئي ٿي، جي ڳاهه جي اختتام وقت ادا ڪيون وينديون آهن.

لاباريءَ وقت ادا ٿيندڙ رسمون، جن جو اسين هيٺ ذڪر ڪري آيا آهيون، بلڪل واضح طور موسم بهار جي انهن رسمن سان مشابهت رکن ٿيون، جن جو اسين هن ڪتاب جي اڳين حصي ۾ جائزو وٺي چڪا آهيون. (١) جهڙيءَ طرح بهار جي رسمن ۾ وڻن جي روح جي نمائندگي، وڻ ۽ ماڻهو ٻئي گڏجي ڪن ٿا،

تهڙيءَ لاباري جي رسم ۾ اناج جي روح جي نمائندگي ٻوٽن وڍيل سٿي ۽ اهو ماڻهو ڪن ٿا، جو ان کي وڍي ٻا ٻڌي ٻا ڳاهي ٿو. ماڻهوءَ جي سٿيءَ مان هڪجهڙائي، ڪڻس سٿيءَ جهڙي ٿالهي ڏاڻ مان ڏيکاري وڃي ٿي، ڪڻس الهيءَ سٿيءَ ۾ وڏڙهن مان ڏيکاري وڃي ٿي؛ ۽ اها هن قالون مان ۽ ڏيکاري وڃي ٿي، جنهن جي ڪڻ ڄاڻن تي تعمل ڪئي ويندي آهي، ته جڏهن سٿيءَ کي "ماءُ" سڏيو وڃي، تڏهن شادي شده عورتن مان سيني کان وڏيڪ معمر عورت کيس انساني صورت ڏئي، ۽ جڏهن اڻ کي "ڪنواري" سڏيو وڃي، تڏهن کيس ننڍي کان ننڍي ڇوڪري وڍي. هن حالت ۾ اناج جي روح جي شخصي نمائندي جي عمر خود اناج جي روح جي فرضي عمر سان بلڪل اهڙيءَ طرح لهڪي ٿي، جهڙيءَ طرح انهن ماڻهن جي چوڻ، جن کي ميڪسيڪو جا باشندا مڪائيءَ جي واڌ ۾ اضافي آڻڻ لاءِ قربان ڪندا هئا، مڪائيءَ جي چمار مطابق قرادي ڪهڙادي هئي. جو ته ٻوراڻ رسم والڪر، ميڪسيڪو جي رسم ۾ انهن انسان شايد اناج جي روح جا نمائندا، ۽ نه ان جي حضور ۾ هڪ ڏيندڙ قربانيءَ جا ٻڪرا هوندا هئا. (٢) وري آباديءَ جي آهيءَ ساڳي اثر کي، جنهن لاءِ اهوءَ سمجهيو ويندو آهي ته ان کي وڻ جو روح ڦاڻتات، حيوانات ۽ خود عورتن تي وجهندو آهي، اناج جي روح ڏانهن ۽ منسوب ڪيو ويندو آهي. چنانچه، ڦاڻتات تي ان جو فرضي اثر ٻوڏيءَ سٿيءَ جي داڻن (جن ۾ اناج جي روح کي باقاعده طور موجود سمجهيو ويندو آهي) کڻي ۽ انهن کي موسم بهار ۾ ٻوڙڻ ۾ ڇٽڻ ٻا ان کي ٻجن ۾ ملائڻ جي رسم مان ظاهر ٿئي ٿو. جانورن تي ان جو اثر ٻوڏيءَ سٿيءَ کي ڍڳيءَ گهوڙيءَ، ڍڳيءَ ڳئونءَ ٻا ٻڪرين هر هلائڻ وقت گهوڙن کي ڏيڻ جي رسم مان واضح ٿئي ٿو، ۽ آخر ۾ عورتن مٿان ان جو اثر "ماءُ-سٿيءَ" کي حامله عورت جي صورت ۾ ڏاهي، ڪڙميءَ جي عورت کي ڏيڻ جي رسم مان عيان ٿئي ٿو، ساڳيو ئي اثر هن اعتقاد مان ۽ ظاهر ٿئي ٿو ته جيڪا

صورت سڄڻي ڪانه آخرين ستي پڄاڻي، تنهن کي پڻ سال ٻار ڄمندو،
شايد هن خيال مان ته اهوئي اثر ظاهر ٿئي ٿو ته جنهن ماڻهوءَ
کي ابا "ماءُ-ستي" ملندي، تنهن جي جلد ئي شادي ٿيندي.

ان ڪري صاف ظاهر آهي ته موسم بهار ۾ لاباري جي
وقت جي انهن رسمن جو بنياد خيال جي ساڳين قديم طريقن تي
ٻڌل آهي ۽ اهي تاريخي دور کان اڳ واري زماني جي ساڳئي
ئي پرستار سرشتي جو هڪ حصو آهن، جن تي اسان جا ابا ۽
ڏاڏا تاريخي دور جي ابتدا کان اڳ، بلاشڪ وشبهه، عمل
ڪندا هئا. قبل از تاريخ واري زماني جي ماڻهن ۽ سوڻن جي نشانن
منجهان اسين هيٺين تي ڪجهه غور ڪندا سين.

(١) سانن سوڻن جي ادائگيءَ لاءِ ماڻهن جو ڪو مخصوص
طبقو علحده ڪونه رکيو ويو آهي؛ ٻين لفظن ۾ چئجي ته پادرين
جو ڪو وجود ڪونه هو. ڪو به ماڻهو، موقعي جي تقاضا مطابق
پاڻ سوڻ ادا ڪري سگهي ٿو.

(٢) سانن سوڻن جي ادائگيءَ لاءِ ڪي خاص جايون مقرر
ڪيل ناهن؛ ٻين لفظن ۾ چئجي ته مندرن جو وجود ڪونه هو.
موقعي ۽ محل جي تقاضا مطابق، اهي سانت ڪنهن به هنڌ ادا
ڪري سگهجن ٿا.

(٣) روحن ۽ نه ديوتائن کي تسليم ڪيو ويو ٿو. (الف)
ديوتائن جي برخلاف، ارواح انهن جي ڪاروائين ۾، فطرت جي مقرر
محڪمن اندر محدود ٿيل آهن. سندن ذاتي عام آهن ۽ نه خاص. سندن
اوصاف انفرادي نوعيت جا نه، پر عام قسم جا آهن؛ ٻين لفظن
۾ هيئن ڪري چئجي ته هر طبقي ۾ لاتعداد ارواح آهن ۽ ڪنهن
به طبقي جا سڀ فرد هڪجهڙائي آهن؛ ڪن جا خاص طرح مقرر
ڪيل انفرادي ڪانهي؛ سندن بنياد، زندگي، ڪارناما ۽ نوعيت
متعلق ڪي مقبول روايتون مروج ڪينهن. (ب) ٻئي طرف ديوتائون،
روحن جي برخلاف، فطرت جي ڪن مقرر ٿيل محڪمن اندر محدود
ناهن. هيءَ حقيقت آهي ته عام طرح ڪو هڪ اهڙو محڪمو

هوندو آهي، جنهن تي اهي پنهنجي خاص علائقي طور صدارت ڪندا آهن ۽ پر اهي الهن جي اندر بختيءَ ساڻ بند ڪوٺا هوندا آهن، اهي پنهنجي لاءِ ڪ ۾ پڻ اثر ڪي فطرت ۾ زاد ڪيءَ جي گهڻن پڻ شعبن تي اڻ استعمال ڪندا آهن. وري، هيءَ ڳالهه ۽ آهي ته ڪين ڊيميٽر، پرسيفون ۽ ڊائونيسس جهڙا انفرادي ديوتا خاص ڳالا ناما هوندا آهن؛ ۽ سندن انفرادي لوڪتون ۾ تاريخون مروج ڏڻڪتائون ۽ فني مظاهرن ذريعي مقرر ٿيل هونديون آهن.

(ع) ساٿ سون معاهدا، هڙي ٻڌران، جادوءَ لوڪيت وارا هوندا آهن. پڻ لفظن ۽ جنجي ته گهربل مقصد ديوتائن هستين کي اربالي ڏين، يا سندن پوڄا ۾ تعريف ذريعي ته پر اهڙن ٿوڻن ۾ ساڻ وسيلي حاصل ڪيو ويندو آهي، جي سون اڳ ئي هن طرح سمجهايا آهن ته الهن لاءِ هيءَ يقين هوندو آهي ته الهيءَ ساٿ ۾ اڻ جي نتيجي جي درسان، جو الهيءَ ساٿ ساڻ پيدا ڪرڻ جو ارادو هوندو آهي، طبعي اسباب يا مشابهه ذريعي سڏيءَ طرح حاصل ڪيا ويندا آهن.

الهن آزمائش جي بنياد تي هيءُ فيصلو ڪجي ٿو ته اساڻ جي ٻڌايي ڪڙسن ۾ آباد ڪارن جوڻ بهار جي موسم ۾ لاباري جي وقت وارٻون رسمون، قبل از تاريخ واري دور جي رسمن جي صف ۾ شامل ٿين جي قابل آهن. جو ته، الهن جي ادائگيءَ لاءِ سائون جو ڪو خاص طبقو ۾ ڪي خاص ڇاڙون مقرر ٿيل ڪونهن. الهن کي ڪو، آقا يا غلام، خاتون يا ڪنيز، ڇوڪري يا ڇوڪرو ادا ڪري سگهي ٿو، سندن ادائگي مندرن يا ديوان ۾ اڻ ۽ ار پڻان ۾ پٿون ۾، ڪسڻ جي ڪنارڻ تي، آن جي ديرڻ ۾، لاباري واران پٽڻ ۾، ۾ جھوپڙي جي فرش تي مڪمل ٿي سگهي ٿي. الهن ۾ جڻ فوق الفطري هستين جي وجود کي تسليم ڪيو وڃي ٿو، سي ارواح آهن، ۾ ته ديوتائون: الهن جا ڪارناما فطرت جي واضح طور مقرر ٿيل ڪڻ شعبن اندر محدود آهن؛ سندن ڳالا "جوڻ - ماءُ"، "پوڙهي - عورت"، "ڪنواريءَ" وانگر عام

آهن، ۽ اِ "ڊيمٽر"، "پرسيفون" ۽ "ڊائونيسس" وانگر خاص سندن ڌام ڌوم وارن ۽ خصلتن معروف آهن، پر سندن انفرادي تاريخون ۽ اصليتون ڏاڍيون ڪٺنائيءَ جو موضوع آهن. جو ته، سندن وجود طبقي ۽ فردن جي حيثيت ۾ قائم آهي ۽ هرهڪ طبقي جا فرد هڪٻئي کان ناقابل تميز آهن. مثال طور، هرهڪ قوم کي پنهنجي "آن-ماءُ" يا "پوڙهي-عورت" يا "ڪنواري" هوندي آهي، ۽ هڪ "آن-ماءُ" ٻي "آن-ماءُ" جهڙي ئي آهي، ۽ ساڳيءَ طرح "پوڙهيون-عورتون" ۽ "ڪنواريون" هڪٻئي جهڙيون ئي آهن. آخر ۾ هيءَ ڳالهه قابل غور آهي ته بهار جي موسم جي رسمن وانگر، لاباري جي هيٺين رسمن ۾ به، ساڳي موڙ جي لوڪ جادوءَ آهي ۽ اِي مصالحت آميز. اها حقيقت فصلن لاءِ مينهن ۽ ماڪ حاصل ڪرڻ خاطر "آن-ماءُ" کي درياهه ۾ ٻوڙي ڪرڻ جي رسم مان ظاهر آهي، ايندڙ سال ۾ ڀرپور فصل حاصل ڪرڻ لاءِ "پوڙهيءَ-عورت" کي وزندار بڻائڻ جي رسم مان واضح آهي، ۽ پوئين سڀني مان اڪيلي آن کي موسم بهار جي اول فصلن ۾ چڙهڻ ۽ چوپائي مال کي متاري ڪرڻ لاءِ، انهن کي پوئين سڀني ڪارائن جي رسمن مان عيان آهي.

باب ڇائيتاليهون

آن - ماءُ گهڻن ملڪن ۾

١- آن - ماءُ آمريڪا ۾: اناج کي، سڀني ڏيهن جي. ماءُ جي شخصيت بخشڻ جو رواج ڪو يورپ جي قديم خواه جديد ماڻهن تائين مخصوص ڪونه رهيو آهي. اهو ساڳيو ئي سڌو سادو نظريو دنيا جي دوردراز علائقن ۾ وسندڙ زرعي قومن جي دماغ ۾ سمايو آهي، جن ان کي جَوَن ۽ ڪڻڪ کان علاوه، اناج جي ڪن ٻين مقامي قسمن سان به وابسته ڪيو آهي. يورپ ۾ جيڪڏهن "ڪڻڪ - ماءُ" ۽ "جون - ماءُ" موجود آهي، ته آمريڪا ۾ "مڪائيءَ - ماءُ"، ۽ ايسٽ انڊيز ۾ "چانورن - ماءُ" ملي ٿي. انهن شخصيتن جا آءٌ هاڻي ڪي مثال پيش ڪندس ۽ ان باري ۾ آءٌ آمريڪي شخصيت سان ابتدا ڪريان ٿو.

اسان ڏٺو آهي ته يورپي باشندن ۾ لاباري جي پوئينءَ سٿيءَ جي چوٽيءَ والکر ڪِنگڙيل پلال، يا آن سان ڀريل گڏي کي، هڪ لاباري کان وٺي ٻئي تائين محفوظ رکڻ جي عام رسم آهي. انهيءَ رسم جو مقصد، بنان ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي، اناج جي روح جي نمائنديءَ کي محفوظ رکي، خود روح کي هڪ مقصد سان سڄي سال جي دوران ۾ زنده ۽ چست و چالاڪ رکڻ جو آهي يا دراصل هو، ته جيئن آنُ وڌي ۽ فصل پيلا ٿين. انهيءَ رسم جي تشريح قديم پيروءَ جي باشندن جي ساڳيءَ ئي رسم کي، بهرصورت، امڪان جي حد اندر پهچائي ٿي، جنهن جو اسپين جي قديم تاريخ نويس، انڪاسِتا، هن طرح بيان ڪيو آهي:

"هنن جي پنهنجي ۾ جيڪا مڪائي اپرندي آهي، تنهن مان

اهي سڀ کان زياده آباد حصو لٿي، ڪي سال ۽ سگهه ڪري، هڪ خاص ديري ۾ رکندا آهن، جنهن کي اهي 'پيروٽا' سڏيندا آهن ۽ ان جي ئي راڪون چوڪسي ڪندا آهن، اهي پوءِ انهيءَ مڪانيءَ کي زياده کان زياده قيمتي ڪپڙن ۾ ويڙهيندا آهن، جي وٽن موجود هوندا آهن، ۽ اهڙيءَ طرح ملبوس ٿيل 'پيروٽا' جي اهي پوڄا ڪندا آهن ۽ ڪيس وڏي احترام جي نگاهه سان ڏسندا آهن، اهي چوندا آهن ته اها ڪنهن وڏي ۾ مليل مڪانيءَ جي ماڪ آهي ۽ انهيءَ طريقي سان مڪاني وڌندي ويجهندي ۽ محفوظ رهندي آئي آهي. انهيءَ معنيٰ ۾ (جو جهون معنو هوندو آهي ۽ مٿي معنيٰ سان لهڪندو آهي) اهي هڪ خاص قرباني ڪندا آهن ۽ ڏاڍيون انهيءَ "پيروٽا" کان دريافت ڪنديون آهن ته ڇا، وٽس اڃا طاقت رهيل آهي، جا اينڊز سان تائين ڪالي رهندي، ۽ جيڪڏهن اها ناڪاري جواب ڏيندي آهي ته پوءِ هر هڪ ماڻهو، پنهنجي پنهنجي طالت آهر، انهيءَ مڪانيءَ کي انهيءَ پنيءَ ڏاهن سالن لاءِ واپس کڻي ويندو آهي، جتان اها آلي هوندي آهي. پوءِ اهي ساڳين سالن هڪ پيو "پيروٽا" ٺاهيندا آهن ۽ هتان چولدا آهن ته اهي ان کي هن ڪري دوباره تعمير ڪري رهيا آهن ته جئين مڪانيءَ جو اڄ نه سڙي، ۽ جيڪڏهن اها جواب ڏيندي آهي ته وٽس اڃا قوت آهي، جو اها زياده ڏکي عرصي تائين جٽاءُ ڪندي، ته پوءِ اهي ڪيس اينڊز سان تائين ڇڏي ڏيندا آهن. اها احتمال امالش اڄ ڏينهن تائين هلندي پئي اچي ۽ (ڪاڙهن) هندستانين ۾ اهڙن 'پيروٽا' هڻڻ جي عام جام رسم آهي."

انهيءَ رسم جي هن بيان ۾ ڪجهه غلطي معلوم ٿي رهي آهي. ممڪن آهي ته پيروءَ جا ماڻهندا مڪانيءَ جي ملبوس مٿي جي پوڄا ڪندا هجن ۽ ان جي ديري (پيروٽا) جي، ۽ هو انهيءَ مٿي کي ئي "مڪانيءَ جي ماڪ" سمجهندا هجن. پيروءَ وارن جي انهيءَ رسم متعلق، اسان کي هڪ ٻئي ذريعي مان جيڪا

معلومات حاصل ٿي آهي، تنهن ماءُ جي خيال جي تصديق ٿي آهي. جيئن وچ ٿو ته پيروءَ جي رهاڪن جو اعتقاد هو ته سڀني ڪارآمد ٻوٽن کي هڪ خدائي هستي هلائي رهي آهي، جا کين جماڻي ۽ وڌائي ٿي. هر مخصوص ٻوٽي مطابق، اهڙي خدائي هستيءَ کي "مڪائيءَ - ماءُ" (زارا - ماما)، * "ڪئنوئا - ماءُ" (ڪئنوئا - ماما) + "ڪوڪا - ماءُ" (ڪوڪا - ماما) ۽ "پٽاٽي- ماءُ" (اڪسو - ماما) سڏيو ويندو آهي. اهڙي خدائي مائرن جا مجسما علي الترتيب مڪائيءَ جي سنگن ۽ ڪئنوئا ۽ ڪوڪا ٻوٽن جي پنن مان ٺاهيا ويندا هئا، کين زالاڻا ڪپڙا پهرائي، سندن پوڄا ڪئي ويندي هئي. چنانچه، "مڪائيءَ - ماءُ" جي نمائندگي هڪ اهڙو گڏو ڪندو هو، جو مڪائيءَ جي ڪانن مان ٺاهيو ويندو هو ۽ کيس مڪمل زالاڻا ڪپڙا پهرايا ويندا هئا، ۽ هندستانين جو اعتقاد هو ته "ماءُ" جي حيثيت ۾ کيس پيدا ڪرڻ ۽ کڻيءَ مڪائيءَ کي جنم ڏيڻ جي قوت هئي." ان ڪري انديشو آهي ته انڪاسنا پنهنجي مخبر کي شايد غلط سمجهيو هجي ۽ جنهن "مڪائيءَ - ماءُ" جو هو ذڪر ڪري ٿو، سا ديرو (پيروئا) ۾ ٻر مڪائيءَ جو اهو مٺو هجي، جنهن کي قيمتي ڪپڙا پارايا ويندا هئا. پيروءَ جي "مڪائيءَ-ماءُ" کي اڄ بالقوهوز جي "لاباري واريءَ ڪنواريءَ" والگر هن مقصد سان هڪ سال لاءِ محفوظ ڪري رکيو ويندو هو ته جيئن سندس ذريعي اَن وڌي ۽ واڌ ۽ وڌو ٿئي. پر هن لاءِ ته متان سندس طاقت پڻ سال جي لاباري ٿاڻين ڏک ته جهلي سگهي، هن ڪان سال جي دوران ۾ ئي پڇيو ويندو هو ته سندس طبيعت ڪيئن آهي، ۽ جيڪڏهن هوءَ جواب ڏيندي هئي ته هوءَ ڪمزوري محسوس ڪري رهي آهي ته کيس ساڙي، هن مقصد سان ٻاري "مڪائيءَ-ماءُ" تيار ڪئي ويندي هئي ته "مڪائيءَ"

* ڏکڻ آمريڪا ۾ خاص طرح پيروءَ جي علائقي جو هڪ اناج، جنهن جي داڻن کي باهه تي سيڪي، ماڻهون ۾ ڪيڪ پچايا ويندا آهن.

+ پيرو جي اها شيءِ، جنهن کي ڪوڪا سڏيو ويندو آهي.

جو پڄ هميشه لاءِ ناس ٿي وڃي“. هن چاهه ۾، هڪ ڳالهه، قابل ذڪر آهي ته ديوتا کي موسمي طور، ۽ ڳاهه ڳاهي، قتل ڪرڻ جي رسم جي جهڙا مثال اڳي ئي ڏنا ويا آهن، انهن جي متعلق زبردست تصديق ملي رهي آهي. دستور مطابق، ”مڪائي-ماءُ“ کي هڪ سال لاءِ چونڊيو ويندو هو، جو انهيءَ عرصي جي دوران ۾ هيءَ توقع رواجي طرح رکي ويندي هئي ته سندس قوت بناڻ ڪنهن گهٽتائي جي، باقاعده طور جٽاءَ ڪري سگهندي؛ ۽ جڏهن سندس طاقت ۾ ڪوريءَ گهٽيءَ ڪميءَ جي علامت ظاهر ٿيندي هئي، ته ڪيس هڪدم موت جو مزو چکايو ويندو هو ۽ سندس جاءِ هڪ تازي ۽ طاقتور ”مڪائيءَ - ماءُ“ اچي والاريندي هئي، ته مثال مڪائي، جنهن جي وجود ۽ بقا جو سڄو دارومدار انهيءَ ”ماءُ“ جي مثال ٿي هو، سگهي ۽ سڙي، ناس ٿي وڃي.

٢- ايسٽ انڊيز ۾ ”چانورن-ماءُ“: انسان جي ياد گيريءَ واري زماني ۾ اوائلي ڪڙمين جهڙي لاباري واريون رسمون ادا ٿي ڪيون آهن، تن جي معنيٰ ۽ مفهوم متعلق اڄ هنڌ جي دل ۾ اڃا به ڪي شڪ شبها باقي رهيل آهن، ته به انهن رسمن جي ايسٽ انڊيز جي ”ملي“ ۽ ”ڊياڪ“ اصل وارڻ جي رسمن سان، جي اهي چانورن جي لاباري وقت ادا ڪندا آهن، مشابهت ڪرڻ سان اهي شڪ شايد دور ٿي ويندا. جو ته انسان جي آباد ڪار طبقي وانگر اهي مشرقي قومون به، دماغي ارتقا جي انهيءَ منزل کان اڳتي ڪونه وڌيون آهن، جتي انهن رسمن جنم ورتو. انهن جا نظريا ۽ سندن عمل اڃا تائين هڪٻئي سان مليل آهن؛ انهن قومن لاءِ اهي عجيب و غريب مانڌ سوڻ، جي يورپ ۾ گهڻي زماني کان وٺي باقي وڃي عهد قديم جي، بوسيده يادگار طور بچيا آهن ۽ جن هن وقت مورخن لاءِ ولندر ۽ عالمن لاءِ ڪچهارين جي حيثيت اختيار ڪئي آهي، اڃا تائين جيئريون جاڳنديون حقيقتون آهن، جن جي متعلق اهي قابل فهم ۽ سڄو حساب ڪتاب ڏئي سگهن ٿيون. چنانچه، ممڪن آهي ته چانورن متعلق سندن

اعتقادن ۽ رسم و رواج جو مطالعو، قديم يونان ۽ جديد يورپ جي آن وارن رسمن ۽ ساڻن سوڻن جي اصلي معنيٰ تي ڪجهه روشني وجهي سگهي.

هاڻي، "مڻي" ۽ "ڏياڪ" انسان وارا جانورن جي متعلق جيڪي ، رسمون، رواج، ساٽ ۽ سوڻ ادا ڪندا آهن، تن سڀني جو بنياد هن سڌي ۽ سادي نظريي تي ٻڌل آهي ته جانورن ۾ ، انهن ولي روح ساڳيو آهي جهڙو، انساني ذات ڏانهن منسوب ڪيو ويندو آهي. اهي قومون جانورن جي پيدائش ۽ واڌ، سندن ڪومائڻ ۽ موت جي سڄي سلسلي کي انهن ئي اصولن جي بنياد تي سمجهائينديون آهن، جن تي اهي ماڻهن جي ساڳئي سلسلي کي سمجهائينديون آهن. هو سمجهندا آهن ته ماڻهوءَ وانگر ٻوٽي جي تاروپود ۾ ڪو هڪ اهڙو طاقتور ۽ اهم عنصر آهي، جو ٻوٽي کان اپتريقدر آزاد ۽ خود مختار آهي، جو اهو ڪجهه وقت لاءِ، بغير مهلڪ اثر جي ڏيڻ ڏاهو جي، ٻوٽي کان مڪمل طور علحدگي اختيار ڪري سگهي ٿو، حالانڪ، جيڪڏهن ان جي غير حاضري ڪن خاص حدن کان زياده طويل ٿي ويندي، ته پوءِ اهو ٻوٽو ڪومائجي ويندو ۽ مري ويندو! اهو طاقتور، حالانڪ قابلِ علحدگي عنصر، اها چيز آهي، جنهن کي اسين ڪنهن بهتر لفظ جي عدم موجودگيءَ ۾، ٺيڪ اهڙيءَ طرح ٻوٽي جو ڪٿي روح ڪوٺيون، جهڙيءَ طرح هڪ اهڙي ئي طاقتور ۽ قابل علحدگي عنصر کي عام طرح انسان جو روح تصور ڪيو ويو آهي، ۽ مختلف آدمي جي پوڄا جو سڄو سرشتو ٻوٽي جي روح جي انهيءَ نظريي يا ڏلڪتا تي بلڪل اهڙيءَ طرح ٻڌل آهي، جهڙيءَ طرح انساني روح جي نظريي يا ڏلڪتا تي اهلِ ممات جي پوڄا جي سڄي ساري سرشتي جو بنياد پيهاريل آهي — اها هڪ اهڙي بلند و بالا ۽ عاليشان عمارت آهي، جا انتهائي ڪمزور ۽ نازڪ بنياد تي ٻڌل آهي.

هن اعتقاد سبب، ته جانورن کي ماڻهوءَ وانگر هڪ روح

هلائي رهيو آهي. البوايشيا جا باشندا، فطرتي طور، آن جي اهڙي ئي عزت ۽ احترام ڪندا آهن، جهڙي اهي پنهنجي ڏيٺي جي مائٽن جي ڪندا آهن. چنانچه، اهي ننڍڙن جانورن سان آهستي هلت ڪندا آهن، جهڙي هڪ حامله عورت سان پيش ڪبي، ۽ بندوقن ڇوڙڻ يا بلند آوازن ڪرڻ کان هو ڪري پرهيز ڪندا آهن، ته متان اهي جانورن جي روح کي اهڙو ڊيڄاري ڇڏين، جو اهو آنءُ کي ڇولي ۽ وقت کان اڳي ئي آنءُ ڪيرائي ڇڏي، ۽ ساڳئي سبب ڪري اهي جانورن جي ٻچي ۽ آنءَ، مڙدن ۽ پکين جو ذڪر نه ڪندا آهن. ازانسواءِ، اهي ننڍڙن جانورن کي مختلف قسمن جون اهڙيون غذائون کارائيندا آهن، جي ٻار واري عورت لاءِ صحتمند ۽ طاقت بخشيندڙ سمجهيون وينديون آهن، اي جڏهن جانورن جا سنگ اچا ڦٽڻ لڳندا آهن، تڏهن کان وٺي انهن کي معصوم ٻارن وانگر ڏٺو ويندو آهي ۽ زالون ڀنين ۽ ڇوڪر هڻنديون، سنگن کي جانورن جي ارم اڀيجي کارائينديون وينديون آهن، جن ته اهي سنگ ڪي انساني ٻار آهن. آن پيدا ڪندڙ ٻوٽي جي ڇڏيندڙ عورت سان، ۽ ڪجهه آن جي معصوم ٻار سان اهڙي ته ويل ۽ ڪامل مشابهت ۾، انسان کي ساڳي نوعيت واري ٻوليءَ تصور جي "آن - ماءُ" ۽ "آن - ڌيءُ"، ڌهمڙر ؟ پرهوفون جي بنياد جي جانچ جوچ ڪرڻي آهي. ۽ جيڪڏهن جانورن جي ڏڄڻي زالي روح کي فقط وڏن آوازن سان ڊيڄائي، سندس اسقاط حمل ڪري سگهجي ٿو، ته پوءِ هيءُ تصور ڪرڻ آسان آهي ته لاپاري وقت، جڏهن ماڻهو ڪڻس ڏاڍي سان وڍڻ جي افسوسناڪ ضرورت محسوس ڪندا آهن، سندس جذبات ڪوڙا هوندا. اهڙيءَ نازڪ موسم وات لاباري لڻڻ جي ضروري چراهي فعل کي جيترو قدر ممڪن ٿي سگهي، اوتري قدر غير امايان ۽ بي درد بنائڻ لاءِ هر قسم جو حفاظتي قدم کڻڻ ضروري آهي. انهيءَ سبب ڪري پچ وارڻ جانورن جو لاپارو خاص قسم جي اهڙڻ چاقو سان ڪيو ويندو آهي، جن جا ڦر لڻڻ وارڻ جي هٿن ۾ پوشيده رهندا آهن ۽ آهي جانورن جي.

روح کي ڦاسائڻ ۽ ڦيرائيندا آهن، جيسين بلڪل آخرين گهڙيءَ ٽالين، ان جو مٿو (سنگ)، ڪنهن خبر پوڻ کان اڳ ئي، وڍيو ويندو آهي، ۽ اهڙيءَ ريت ازاڪت واري سبب ڪري، ٻنيءَ ۾ لاچارو ڪندڙ هاري هڪ خاص قسم جي اهڙي ٻولي استعمال ڪندا آهن، جنهن لاءِ ڪن جي اميد هوندي آهي ته اها جانورن جي روح کي سمجهه ۾ ڪتال ايندي، ان لاءِ ته، جيڪڏهن ڪنهن به ڳالهه، جو ڦاسائڻ ڪو چٽو يا ڪو اشارو ۽ ملي ۽ جا وهي واري رهيو آهي، جيستائين جانورن جا مٿا سلامتيءَ سان ٽوڪري ۾ جمع ۽ ٿي وڃن.

انڊونيشيا جون جيڪي قومون جانورن کي اهڙيءَ طرح شخصيت بخشينديون آهن، تن مان اسين مرڪزي بورنيو جي "ڪليان" يا "بهالو" قبيلن کي مثال طور وٺون ٿا. جانورن جي هٿن مان نڪري ويندڙ روح کي پڪڙڻ ۽ پاڻ وٽ مضبوط رکڻ لاءِ، "ڪاپاڻ" قبيلي وارا مختلف قسمن جون ترڪيبون استعمال ڪندا آهن. ان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي اوزار ڪتب آندا ويندا آهن، تن ۾ هڪ انيڙي ڏاڪڻ، هڪ انيڙي ڏڪ اٿ ۽ لوهه جي خاردار تارن، ڪنڊن ۽ ڏورن سان ڀريل هڪ ٽوڪرو شامل هوندا آهن. ويچاري انيڙيءَ اٿ سان جانورن جي روح کي ٽڏڙا ڪمائي، ڏاڪڻ تي لاهيندي آهي، جتي اهو قطرتي طور لوهه جي خاردار تارن، ڪنڊن ۽ ڏاڪي ۾ ڦاسي پوندو آهي، اهڙيءَ طرح هوءَ روح کي ڦاسائي، جانورن جي گدام ڏانهن ڪڍي ويندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن بانس جي لڪڙن مان ٺهيل صندوق ۽ هڪ جاري ساڳئي مقصد لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن ۽ ايندڙ سال لاءِ ڀرپور فصل جي خاطري ڪرڻ لاءِ، ۽ فقط گدام ۾ سلامتيءَ سان ذخيري ڪيل جانورن جي روح کي پاڻ وٽ روڪڻ ضروري آهي، پر انهن سڀني جانورن جي روح کي ان، جيڪي زمين تي ڪرڻ يا هرڻ، پالڻ ۽ سوارڻ هٿان ڪاڇن سبب گم ٿي ويل هجن، پاڻ ڏانهن ڪشش ڪرڻ ۽ ڪنهن کولي لهڻ اوتري قدر ضروري آهي. ان لاءِ پادرين مختلف قسمن جا اوزار ايجاد ڪيا آهن. انهن اوزارن منجهان هڪ، مثال طور، بانس جي لڪڙ مان ٺهيل هڪ پڙڇ

هوندو آهي، جنهن کي ڪنهن سوراخدار وڻ جي ڪاٺيءَ مان ٺهيل چار ڪنڊا لڳل هوندا آهن، جن جي ذريعي جانورن جي غير حاضر روح کي ڦاسائي انهيءَ اندر ۾ واپس آڻي سگهبو آهي، جنهن کان پوءِ انهيءَ اندر کي گهر ۾ لٽڪايو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ساڳي ئي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن سوراخدار وڻ جي ڪاٺيءَ مان اڪريل ٻه هٿ استعمال ڪيا ويندا آهن، ۽ جڏهن ته "ڪايان" ٺهيل وارڻ جي گهرڀلو ڍڳن مان ڪا هڪ گهر جي استعمال لاءِ گدام مان ان ڪڍي ويندي آهي، تڏهن ڪيس گدام ۾ انهن جانورن جي روحن کي اڳ ۾ راضي ڪرڻو پوندو آهي، ته متان اهي پنهنجي مال جي ڦرجي وڃڻ سبب ناراض ٿين.

اربا جي "ڪثرانن" ٺهيل وارا ان جانورن جي روح کي، فصل کي پلي ڪرڻ خاطر، هٿ ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪندا آهن. جيڪڏهن جانورن جي ٻني پلي نه ٿيندي آهي، ته اهي سمجهندا آهن ته جانورن جي روح (ڪيلاه) کي ڪنهن نه ڪنهن نموني جانورن ۾ اچڻ کان روڪيو ويو آهي. جيڪڏهن روح کي واپس نه ٿو ڪوٺي سگهجي ته پوءِ فصل ناس ٿيندو. جانورن جي "ڪيلاه" (روح) کي واپس ڪوٺڻ لاءِ هيٺيون عمل اُڪيو ويندو آهي: "اچ، اي جانورن جا ڪيلاه، اچ! ٻنيءَ ڏانهن اچ. جانورن ڏانهن اچ. هر هڪ جنس جي اچ سان گڏ اچ. اچ 'ڪو' درياه طرفان، اچ 'ڪا' درياه طرفان، جتي اهي پاڻي ملن ٿا، اتانئون اچ. مغرب کان اچ، مشرق کان اچ. اکيءَ جي گلي مان، بالدر جي پيٽ وچان، ماليءَ جي گلي مان. درياهن جي نڪرڻ وارن هنڌن مان ۽ انهن جي منهن مان اچ. "شان" ۽ "ارمن" جي ملڪ مان اچ. اربان جي بادشاهين مان اچ. سڀني گدامن مان اچ. او جانورن جا "ڪيلاه"، (روح) جانورن ڏانهن اچ."

اسام جي پوراڻي آبادگارن جي "آءُ-ماڻ" جي هيسر، سماترا پٽ جي "منانگ ڪاباٻر" ٺهيل وارن جي "جانورن-ماڻ" ۾ ملي ٿي. "منانگ ڪاباٻر" ٺهيل وارا جانورن مان هڪ روح کي

يقيني طور وابسته ڪندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ اهي هيءَ دعويٰ بہ ڪندا آهن تہ دستور موجب هٿ سان چٽيل جانورن جي الڳ ڪارخاني ۾ چٽيل جانورن کان بهتر ٿئي ٿي، جو تہ ڪارخاني ۾ جانورن جو جسم ايترو قدر تہ پڪي ۽ پُري پوي ٿو، جو انهن مان روح فرار ٿي وڃي ٿو. جاوا جي باشندن وانگر، آهي بہ انهن سمجهندا آهن تہ جانور "سانگ ساريءَ" ناليءَ هڪ ديويءَ جي خاص حفاظت هيٺ رهن ٿا، جنهن کي جانورن جي پوئي سان اهڙي قريبي رشتي ۾ ڳنڍيل سمجهيو وڃي ٿو، جو جانورن کي گهڻو ڪري انهيءَ ديويءَ جي نالي سان ئي انهن سڏيو ويندو آهي، جيئن روس باشندا اناج کي صورس سڏين ٿا. خاص طرح، "سانگ ساري" ديويءَ جي لماڳنڊ کي "الدوقيا پنڊي" نالي ڪي ڪالا يا آڪ جا داڻا ڪندا آهن، جن جي لفظي معنيٰ "جانورن جي ماءُ" آهي ۽ اهو نالو عام طرح خود محافظ روح" کي ڏنو ويندو آهي. اها نالو نهاد "جانورن جي ماءُ" متعدد رسمن جي ادائگيءَ جو سبب هوندي آهي، جي جانورن جي پوکن، لڻڻ ۽ گدام ۾ محفوظ ڪري رکڻ جي موقعن تي ادا ڪيون وينديون آهن. جانورن جو ٻج جڏهن زمين ۾ پوکجڻ وارو هوندو آهي، تڏهن پوک جي سيلابي سرشتي تحت ٻجن کي روئڻ کان اڳ باقاعده طور ڪجهہ قدر آسرو ڏنو ويندو آهي، اتي "جانورن-ماءُ" کي ڦاهڻ لاءِ بهترين ٻجن کي منتخب ڪيو ويندو آهي. چونڊيل ٻجن کي ٻاريءَ جي وچ ۾ اڪيو ويندو آهي ۽ باقي رواجي ٻج انهن جي چوڌاري پوکيا ويندا آهن. "جانورن-ماءُ" جي حالت جو جانورن جي واڌ تي گهڻي کان گهڻو اثر سمجهيو ويندو آهي، جو ڪڏهن اها ڪومائجي يا سڪي ويندي، تہ ان جي نتيجي طور لاڀارو خراب ٿيندو. جيڪا عورت *"ارسريءَ" ۾ جانور پوکيندي آهي، سا پنهنجا وار کولي ڇڏيندي آهي ۽ بعد ۾ وهنجندي آهي، جو تہ

* اها ٻاري، جنهن ۾ جانورن جو ٻج ابتدائي طور بي ترتيب پوکيو ويندو آهي.

اهڙي عمل کي پرور لاباري حاصل ڪرڻ جو خاطري ڪرڻ جو هڪ وسيلو سمجهيو ويندو آهي. جڏهن چانورن جي روڀي جو وقت ايندو آهي، تڏهن "چانورن - ماءُ" کي پنهنجي عيش وچ ۾ هڪ جدا ڪنڊ ۽ خاص جاءِ ملندي آهي، ۽ ان کي زمين ۾ داخل ڪرڻ وقت هيءَ دعا يا منتر پڙهيو ويندو آهي:

"اي سالنگ ساري، شل چانورن جي هڪ ڪاريءَ مان چانورن جو هڪ ٽوپو، ۽ هڪ ٻاڙ مان چانورن جو پورو ٽوڪرو ملي، شل تون نه وچ کان ڊڄين ۽ نه راهگيرن کان، شل سج جي روشنائي توکي خوش رکي، شل تنهنجو طوفان سان صلح رهي، ۽ منهن تنهنجي مٿين ٽوئن جي خدمت سرانجام ڪري!" چانورن جي وڍڻ جي دوران ۾ اهو مخصوص پوٽو، جنهن کي اهڙيءَ طرح خود "چانورن - ماءُ" سمجهيو ويو هو، سو نظرن کان غائب ٿي ويندو آهي، ۽ لاباري کان پوءِ، هڪ ٻي "چانورن - ماءُ" ڳولي ڪڍي ويندي آهي. جڏهن اصل اچي راس ٿيندو آهي ۽ لاباري لاءِ تيار هوندو آهي، تڏهن سڄي ڪٽنب جي وڏي ۾ وڏي عورت يا جادوگر ان کي ڳولڻ ويندو آهي. ان وقت هوا جي جهوٽن ۾ جهڪي پيريان ڪانا جهڪندا آهن، سي "چانورن - ماءُ" هوندا آهن ۽ انهن کي نشان لاءِ هڪ پٽي سان ڳنڍي ڇڏيو ويندو آهي، ۽ انهن ڪانن کي تيستائين نه وڍيو ويندو آهي، جيستائين پنهنجي جي پورڻين پيداوار آبادڪار جي خاندان ۽: سندس دوستن کان ورتي ويندي سندس ٻالڪ ۽ گهرڀاتي ڏورن ۽ ڏيڻ جي دعوت لاءِ اڳ ۾ گهر نه ايندي هوندي آهي. جو ته "سالنگ ساري" ديويءَ جي اها ئي مرضي هوندي آهي ته جانور به سندس مٿان تحفن ۾ شامل ٿين. جڏهن طعام کاڄي چڪندو آهي، تڏهن پيڪيدار ڪوڙن ۾ مائيون، چند ماڻهو "چانورن - ماءُ" کي اٿي گهر کڻي ايندا آهن، جي ان کي ڏاڍي احتياط سان هڪ صاف ٽوپل ڳوڻيءَ ۾ وجهي، جنهن هيٺان جهلي گدام ڏانهن کڻي ويندا آهن، جتي ڪيس جاءِ جي عيش وچ ۾ رکيو ويندو آهي.

مرڪزي سائبيريا جا "تونگوزي" قبيلي وارا، جڏهن جانورن
جي شڪار شروع ڪرڻ وارا هوندا آهن، تڏهن اهي انهن روحن
کي اندرائي پيش ڪرڻ لاءِ، جي جانورن جي شڪار کي وڌائيندا آهن،
ڪجهه سوغاتون دفن ڪندا آهن. انهيءَ هنڌ جي چوڌاري جهنگلي
جانور شڪار ٿيا ويندا آهن، سي لاپاري وقت سينءَ کان پوءِ لڌا
ويندو آهي. لاپاري جي شروعات وقت، انهيءَ اڪر ۾ شڪار
جانورن جي هڏن کي ملائي هڪٻئي سان گڏ سٿيءَ جي صورت
۾ رکيو ويندو آهي، جنهن کي "جانورن-ماڻهو" (الهندو بابي) سڏيو
ويندو آهي ۽ ان جي خدمت ۾ جانورن، ٻڪيءَ جي چوري، آلو
۽ پڻ شين جي صورت ۾ اندر ۽ آواز آڻي، سندس سامهون رکيو
ويندو آهي. جڏهن انهيءَ سان پيا سڀ جانور لڌجي ويندا آهن،
"تڏهن 'جانورن-ماڻهو'" کي وڏيو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ
کيس باعزت طريقي سان جانورن جي گدام ڏانهن آندو ويندو
آهي، جتي آن کي زمين تي رکي باقي پيون سڀ سٺيون مقالش
ڍير ڪري رکيون وينديون آهن. اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته
"تونگوزي" قبيلي وارا "جانورن-ماڻهو" کي "اوملگا" نالي جانورن
جي روح جي خدمت ۾، جو جنهن ۾ رهندو آهي، هڪ خاص
اندرائو تصور ڪندا آهن. جڏهن انهيءَ روح کي عزت سان
پيش اچبو آهي، ڇاڪاڻ، جڏهن گدام مان جانور آڻيندو
ڪنهن ماڻهوءَ کي شريفاڻو ڪونه ڏيکاريل نه هوندا آهن، ته هو
سالس ڪاوڙجي ويندو آهي ۽ گنهگار کي سزا ڏيڻ لاءِ، هو انهن
جانورن کان پيا جانور پاڻ کائي ويندو آهي، جيترا متعلق ماڻهو
گدام مان ڪڍيا هوندا آهن. ڪن ماڻهن ته جانورن جي انهيءَ
روح کي گدام اندر جانورن کڙڪائڻ وقت انهنجا چپ چٽيندي
۽ ٻڌو آهي. ٻئي طرف، مرڪزي سائبيريا جي 'تورادجا' قبيلي
وارا، جي ان لاپاري وقت "جانورن-ماڻهو" جي رسم ادا ڪندا
آهن، کيس سچي لاپاري جي حقيقي ماڻهو سمجهندا آهن ۽ ان
ڪري کيس نهايت خبرداريءَ سان رکندا آهن ته متان سندس

عدم موجودگيءَ ۾ گدام اندر محفوظ رکيل چانورن جو سڄو ذخيرو بکيرجي، غائب ٿي وڃي.

وري، جيئن اسڪاٽلنڊ ۾ اناج جي پوڙهي ۽ نوجوان روح جي نمائندگي علي الترتيب ”پوڙهي زال“ (ڪئليچ) ۽ ”ڪنواري ڇوڪري“ ڪندا آهن، تيئن ملايا جي اپيت ۾، اسان کي اهڙن انظر اچي ٿو ته، لاباري واريءَ پنيءَ ٿي ”چانورن - ماءُ“ ۽ سندس ٻار جي نمائندگي سنگن جون مختلف سٿون يا انهن جا بنڊل ڪن ٿا. چانورن جي ”روح کي وٺي ۽ ان کي گهر آڻڻ جي رسم جي ادائگي مسٽر ڊبليو- ڊبليو- اسڪيٽ سيلانگور رياست جي چوڏوني مقام وٽ اکين سان ڏٺي هئي. چانورن جي ڪاٽڻ جو اهو سڄو، جنهن کي چانورن جي ”روح جي ماءُ“ جو ڪردار ادا ڪرڻو هو، سو اڳ ۾ ئي چونڊيو ويو هو ۽ ڪيس ڪن خاص نشانن يا سنگن جي مخصوص صورت ذريعي شناخت ڪيو ويو هو. پوءِ ابتلي جي هڪ پوڙهيءَ جادوگرياڻيءَ انهيءَ سڄي مان ستن سنگن جو هڪ ننڍو بنڊل ڏاڍيءَ سنجيدگيءَ سان وڍي جدا ڪيو، سنگن کي سڳنڌي تيل سان خوشبودار بڻايو، انهن جي چوڌاري رنگارنگي ڌاڳو ويڙهيو، کين ٽوپ ۽ واس ڏنو ۽ آخر ۾ انهن سنگن کي اڇي ڪپڙي ۾ ويڙهي، کين بيضوي شڪل جي هڪ ننڍي ٽوڪري ۾ بند ڪري رکي ڇڏيو. اهي ست سنگ چانورن جو ”معصوم روح“ هئا ۽ ننڍڙو ٽوڪرو، سندس پينگهو. هڪ ٻي عورت ان کي ڪڙميءَ جي گهر کڻي وئي، جنهن نازڪ معصوم کي سج جي گرم ڪرڻن کان بچائڻ لاءِ، ان جي مٿان ڇٽي کولي جهلي. جڏهن اها گهر پهتي، تڏهن گهر جي سڀني عورتن ”چانور-ٻار“ جي آجيان ڪئي ۽ اهو سڄو سازو سامان، جنهن ۾ پينگهو به شامل هو، سمهڻ واري انهن لاءِ تي کڻي رکيائون، جنهن جي مٿي واري طرف کان وهاڻا رکيل هئا. ان کان پوءِ ڪڙميءَ جي زال کي ٽن ڏينهن تائين پرهيز جي ڪن قانونن جي پوئواري ڪرڻ جون هدايتون ڪيون ويئون، اهي قانون گهڻين صورتن ۾

اهڙي ڦانوان جهڙا هئا، جن تي هڪ تاڙي ويامڻ عورت سڄي اڄي پار جي جمع ڪان پوءِ ٽن ڏينهن تائين عمل ڪندي آهي. اُهن چانول ”جانور- پار“ جي جهڪا پهار پري سار سنڀار لڏي ويندي آهي، تنهنجي ڪجهه، حصي جهتري سنڀال، بلڪل قدرتي طور، سندس والدهه يعني ڪاڪي جي آهي، سڄي جي ۾ ڪٽي ويندي آهي، جنهن جي جسم مان ”پار“ کي ڪڍيو ويو هو. آهي؛ سڄي کي جو، ”جانورن جي روح“ کي ڪٽي وڃڻ ۽ ڪوس استري داخل ڪرڻ ڪان پوءِ پني ۾ ايئو رهندو آهي، تنهن کي هڪ اُهن ويامڻ عورت واڱر سڏيو ويندو آهي؛ يعني ڪن خاص وان جي ڪچڙان چوان کي سنهو ڪٽي، هر شام جو مسلسل ٽن ڏينهن تائين هوا ۾ منتشر ڪيو ويندو آهي ۽ جڏهن ٽي ڏينهن پورا ٿيندا آهن، تڏهن ناريل جو ڪيپ ڪٽي، ان کي هڪ قسم جي گلن سان ملائي، جن کي ”پکري- گل“ سڏيو ويندو آهي، پوءِ انهي مرڪب کي ڪنڊ سان ملائي، ڪاٺ ۽ رکي رکي منجهانئس ٿورو ذرو ٽوڪاري، جانورڻ تي اڇلائي. ساڳي طرح، سڄي اڄي وقتم ڪاڻ پوءِ، ”جهڪ-اروت“ نالي هڪ ميوي، گلاب - صوف، ڪيلن جي ڪن قسمن ۽ ڪجهن ناريلن جي سنهي ڪپ کي، سڪي مڇي، لوڻ، تيزاب، مصالحن ۽ اهڙين ٻين اڦيس شين سان ملائي، هڪ اسم جو ڪچومر ٺاهيو ويندو آهي، جو ماڻ ۽ پار کي مسلسل ٽن ڏينهن تائين کارايو ويندو آهي. پوءِ سڄي کي ڪڙمي جي زال ٿيندي آهي جا ڪوس واپس گهر ڪٽي وڃي ڳاهيندي آهي ۽ منجهانئس اڪيلو داڻن کي ”جانورڻ - جي - روح“ سان ملائيندي آهي. پوءِ ڪڙمي جانورڻ جي روح ۽ ان جي رهڻ واري ٽوڪري کي، اوئين سڄي مان لڪيل آڻ سوڙو، هڪ وڏي ۽ گول شڪل واري جانورن جي گندي ۾، جا ملايا جا باشندا عام طرح استعمال ڪندا آهن، امانت طور وجهي رکندو آهي. ايندڙ سال جڪو ٻج ڇٽيو ويندو، تنهن ۾ ”جانورڻ - جي - روح“ مان اڪيلو ڪجهه داڻا ملايا ويندا آهن. ملايا اپيٽ جي اهي

"چانورن - ماءُ" ۽ "چانورن - ٻار" ۾ اسان کي قديم يونان جي اڀياس ۽ ڊيميٽر جو نعم البدل، ۽ ڪڻڪ معنيٰ ۾، هڪ نمونو يا مثال نظر اچي ٿو.

هڪ ٻئي وري ٻيهر، اُن جي روح جي ڪنوار ۽ گهوٽ جي ٻنهي صورت ۾ نمائندگي ڪرڻ جي يورپي رسم جو متوازي مثال، اسان کي جاوا وارن جي هڪ اهڙيءَ رسم ۾ ملي ٿو، جا چانورن جي لاباري وقت ادا ڪئي ويندي آهي. لاباري ڪرڻ وارا چانورن کي وڍڻ لاءِ وڃن، انهن کان اڳ پادري يا جادوگر چانورن جا ڪجهه سنگ منتخب ڪندو آهي، جن کي هو هڪ ٻئي سان گڏ ٻڌي، کين خوشبودار تيل لڳائي، گلن ڦلن سان سينگاريندو آهي. اهڙيءَ طرح سينگاريل سنگن کي "پئدي- پينگنٽن"، (Padi-Penganten) يعني "چانورن- ڪنوار" ۽ "چانورن- گهوٽ" سڏيو ويندو آهي، سندن شاديءَ جي تقريب ملهائي ويندي آهي ۽ ان کان هڪدم پوءِ، چانورن جو لابارو شروع ٿي ويندو آهي. بعد ۾، جڏهن چانور ديري ۾ آندا ويندا آهن، تڏهن اُن ۾ "ڪنوار" جو هڪ ڪمرو جدا سينگاريو ويندو آهي، جتي هڪ نئون اڇو، هڪ نئين ۽ سينگار جو سڀ سامان رکيو ويندو آهي. چانورن جون سنگيون "چانورن- ڪنوار" ۽ "چانورن- گهوٽ" جي ڀرسان اهڙيءَ طرح ٿاهي رکيون وينديون آهن، ڄڻ ته اهي سندن جاچي آهن. جيستائين اهو ڪم ڪيو ويندو آهي، تيستائين سڄو فصل ديري ۾ ڪونه آندو ويندو آهي. چانورن کي ديري ۾ ذخيرو ڪرڻ کان پوءِ، پهرين چاليهن ڏينهن تائين ڪو به ديري اندر داخل ڪونه ٿيندو آهي، ته متان نئين شادي شده جوڙي جي تنهائيءَ ۾ خلل پوي.

"بالي" ۽ "لومبوڪ" ٻيٽن ۾، جڏهن لاباري جو وقت ايندو آهي، تڏهن ٻنيءَ جو مالڪ "مکيه چانورن" کي پنهنجن هٿن سان وڍي لاباري جي ابتدا ڪندو آهي ۽ انهن کي ان سنگن ۾ ٻڌندو آهي، جن مان هر هڪ ۾ ٻن سمت، هڪ سوا ڪالژيون

هوندا پيا آهن. اُهي ماڻهو هڪ ئي مرد ۽ ٻي، عورت جي نمائندگي ڪندي آهي ۽ ڪن "مڙس ۽ زال" سڏيو ويندو آهي. انهيءَ کي چوڌاري اهڙيءَ طرح ڍاڪيو ويڙهيو ويندو آهي، جو اُن جو هڪ به اڻ ظاهر ڪونه هوندو آهي، حالانڪ، مادي ٿيءَ جي اُن کي ٻنهي طرف موڙي، ڪن اهڙيءَ طرح ٻڌو ويندو آهي، جو اهي زناني چوٽيءَ وانگر معلوم ٿيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ٻنهي ۾ زياده فرق پيدا ڪرڻ لاءِ مادي ٿيءَ جي اڳيءَ ۾ ڦلن جو هار وڌو ويندو هو. جڏهن ٻنهيءَ کان چانور گهر آندا ويندا آهن، تڏهن اُهي ٻنهي ٿنڀن کي، جيڪي مڙس ۽ زال جي نمائندگي ڪندڙ آهن، هڪ عورت مٿي تي رکي کڻي ايندي آهي ۽ اهي ٻئي ٿنڀا پنهنجي چانورن کان اڳ ۾ دري اندر رکيا ويندا آهن. اڳي، اُنهن کي هڪ ننڍڙي ٽلهيءَ يا ڦلن مان ٺهيل هڪ گاديلي تي رکيو ويندو آهي. انهن کي ٻڌايو ويو آهي ته، اهڙيءَ سڄي انتظام جو مقصد اهو هوندو آهي ته چانورن کي گدام اندر وڌڻ ۽ گهڻي ٿيڻ لاءِ آماده ڪيو وڃي، ۽ اهڙيءَ طرح، مالڪ جيترو اُن گدام اندر رکيو هجي، اُنهن کان زياده کيس ملي. چنانچه، "ٻالي" ٻيٽ جا باشندا، جڏهن اُهي ٻه ٿنڀا، مڙس ۽ زال، کي دري اندر آڻيندا آهن، تڏهن هيئن چوندا آهن: "وڌو ۽ ويجهو ۽ وڌڻ جو اهو سلسلو بند نه ڪجو". دري ۾ رکيل سڀ چانور جڏهن کپي ويندا آهن، تڏهن مڙس ۽ زال جي نمائندگي ڪندڙ ٻئي ٿنڀا، ڪيترائي ڏينهن خالي عمارت ۾ پيا رهندا آهن، جيستائين اهي آهستي آهستي غائب ٿي وڃن يا ڪن ڪوئا کُرڪائي وڃن. ڪڏهن ڪڏهن بک جي باعث ڪان مجبور ٿي، ڪي ماڻهو اُهي ٻن ٿنڀن جا چانور به کائي ڇڏيندا آهن، پر جيڪي بدبخت اهو ڪم ڪري ويهندا آهن، تن کي قدرت جي اڳاه سان ڏنو ويندو آهي ۽ کين سوئرن ۽ ڪتن جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. ڪو به

ماڻهو انهن مقدس مڇن کي سندن پنهنجي گوشت رتي وارن ڀائرن
سان گڏ وڪڻڻ جو خيال به نه ڪندو آهي.

نر ۽ ماده قوتن ذريعي جانورن جي نسلي افزائش جي
نظريي جو اثر ارما جي "سزي" ليلي وارن وٽ به اظهار
ٿيندو معلوم ٿئي ٿو. جڏهن ساريون سنڪايون ۽ گاهه لاءِ
ڍير ڪيون وينديون آهن، تڏهن آبادگار خاندان جي
سڀني دوستن کي گاهه واري ميدان ڏانهن اچڻ لاءِ مدعو
ڪيو ويندو آهي ۽ سندن ڳاڏيون ايتي لاءِ ڪٺيون جمع ڪيون
وينديون آهن. سارين جي ڍير کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويندو
آهي ۽ انهن مان اڌ حصو ڳاهڻ لاءِ ذرتي ۾ الڳ ڪيو ويندو
آهي ۽ باقي ٻيو اڌ، آلين ٿي ڍير ٿيو پيو هوندو آهي. ڍير مٿان
ڳاڏو ۽ شراب رکيا ويندا آهن ۽ ارڏ مڙسن مان هڪ "سارين
جي ٻوٽي جي ابي ۽ ماءُ" کي مخاطب ٿي، مستقبل لاءِ پرورش
۽ پلڻ انسان ذات واسطي دعا ۽ عرض ڪندو آهي ته،
شل ايندڙ سال کان گهڻا دعا قبول ٿيا. گاهه جي ميدان تي الهي
رسم جي ادائگي جو فقط اهو هڪ ئي موقعو هوندو آهي
جڏهن اهي ماڻهو "سارين جي ابي ۽ ماءُ" کي مدد لاءِ
پڪاريندا آهن.

۳- آنَ جي روح جو ماڻهن اندر واسو: چنانچه، يوراپ
"آنَ-ماءُ"، "آنَ-ڪنواري" وغيره ۾ انسان جي زندگي بخشيندڙ
روح جو ساوڪ جي صورت ۾ جيڪو نظريو تسليم ڪري
ٿو، تنهنجي دنيا جي ٻن حصن جي قومن جي شهادتن مان
ڪافي حد تائين تصديق ٿئي ٿي جي، ڇاڪاڻ ته اهي دماغي
ارتقا جي ميدان ۾ يوراپ قومن کان پٺتي رهجي ويون آهن، خود
الهي ئي سبب ڪري، انهن دهقاني سالن ۽ سولن جي ادائگي
جي اصلي مقصدن جي زياده چڱي سمجهه ۽ بوجهه رکنديون اچن
ٿيون، جي اسان وٽ هن وقت محض بي معني يادگارن جي سطح
تي ڪري پيا آهن. ازهنديڙن کي، بهرحال، ياد هوندو ته،

مشاهدت مطابق، جنهن جي نظريي جي اڄ تشريح ڪري رهيو آهيان، اَنَ جو روح پاڻ کي نه فقط نباتاتي، پر انساني صورت ۾ به ظاهر ڪري ٿو، جيڪو ماڻهو پوئين سٿ وڍي ٿو، يا ڳاهه وقت آخرين ڏڪ هڻي ٿو، سو عارضي طور اوتري ئي قدر اَنَ جي روح جو نمائندو تسليم ڪيو وڃي ٿو، جيتري قدر سندس هٿان لٽيل يا ڳاهيل اَنَ جو مُڇو. هاڻي، اهڙن متوازي مثالن ۾ جيڪي هن وقت تائين يورپ کان ٻاهر وارين قومن جي رسمن مان پيش ڪيا ويا آهن، فصل جو روح فقط نباتاتي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. ان ڪري اسان کي هيءَ ڳالهه ثابت ڪرڻ باقي آهي ته اسان جي يورپي ڪڙمين کان علاوه، ٻين قومن به جيئرن مردن ۽ عورتن اندر فصل جي روح جي واسي يا سندس نمائندگيءَ جو تصور ڪيو آهي. پڙهندڙ جي ياد تازي ڪرڻ لاءِ، مون کي هي چوڻو پوي ٿو ته اهڙي ثابتي هن ڪتاب جي موضوع لاءِ بلڪل معقول آهي، جو نه، اهڙا ماڻهو جا، جي بذات خود پوکن جي زندگيءَ يا سندن حيات بخش روح جي نمائندگي ڪندا هئا، جيئن جيئن اسين زياده مثال گڏ ڪنداسون، تيئن تيئن اهڙن ۾ اهيءَ جي "ٻيلي واري بادشاه" جي درجي مقرر ڪرڻ ۾ زياده گهٽ دشواري محسوس ڪئي ويندي.

اتر امريڪا جا "منڊان" ۽ "منيٽيريز" قبائل بهار جي موسم ۾ هڪ تقريب منعقد ڪندا هئا، جنهن کي اهي عورتن جي "اَنَ - دَ'را" واري تقريب سڏيندا هئا. اهي سمجهندا هئا ته "ڪا پوڙهي عورت"، جا "ڪڏهن به نه ٿي مري"، فصلن کي ڄمائيندي هئي ۽ اها پاڻ ڪٿي ڏکڻ طرف رهندي هئي، ۽ هر سال لڏيندڙ آبي پکين کي موسم بهار ۾ پنهنجي علامتن يا نمائندن طور ڏاهن موڪليندي ڏيندي هئي. انهن پکين مان هر هڪ، ڳاڙهن هندستانين جي پوکيل فصلن منجهان ڪنهن هڪ قسم جي فصل جي نمائندگي ڪندو هو؛ جهنگلي آڙيون مڪائيءَ جي، جهنگلي هنج ڪدوءَ جي، ۽ جهنگلي بدڪون داڻن جي

ڦر ڦ جي اماڻندگي ڪندا ٻون هون. ان ڪري، ”ٻوڙهي عورت“ جا آهي ڪتبا وارا پيامبر، جڏهن بهار جي موسم ۾ اُن شروع ڪندا هئا، تڏهن ڪاڙها هندستاني عورتن جي ”آننِدوا“ واري اقرب ملهائيندا هئا. ڪاٺين جا اوچا ٿنڀا کاهيا ويندا هئا، جن تي مقامي ماڻهو ”ٻوڙهي- عورت“ جي حضور ۾ نذرانن طور سڪل گوشت ۽ ٻيون شيون لٽڪائي ڇڏيندا هئا، ۽ هڪ خاص ڏينهن تي، قبيلي جون ٻوڙهيون عورتون، اهي ”ٻوڙهي عورت“ جي اماڻندڙ طور، ”جيڪا ڪڏهن به نه مري“، انهن ٿنڀن وٽ اچي جمع ٿينديون هيون ۽ منجهائن هر هڪ ڇڙي مڪاني جو هڪ سنگ سان ڪٽي ايندي هئي، جو هڪ لٺ جي چوٽي سان ٻڌل هوندو هو. اهي ٻهراڙين انهن لٺين کي زمين ۾ کوڙينديون هيون، جنهن ڪري اهي انهن جي-وڻي ٿنڀن جي چوڌاري لڳنديون هيون ۽ آخر ۾ انهن لٺين کي وري زمين سان ٻاهر ڪڍي، پنهنجن ٻالهڻ تي رکي مٿي کڻنديون هيون. ان وچ ۾، ٻهر مرد ٻوڙهن زالن جي اداڪاري ۽ موسيقي جي چاشني ملائڻ لاءِ ڍولا ۽ ڇڻڇڻ وڄائيندا رهندا هئا. ازانسواءِ، نوجوان عورتون اچي ٻوڙهين جي وات ۾ سڪل گوشت وجهنديون هيون، جنهن جي اندر ۾ ڪري پاڪ ٿيل مڪاني سان هڪ دالوڪاڻ لاءِ ملندو هو. اهي مقدس آن سان گڏ ٻه چار دالا نوجوان زالن جي ٿالهين ۾ رکيا ويندا هئا، نه جيئن بعد ۾ اهي ٻج واري آڻ سان احتياط سان ملايا وڃن، جو انهن لاءِ سمجهيو ويندو هو ته اهي ٻج کي ڦر ڪيڻ جي قابل بڻائيندا. جوڀي ٿنڀن تي جيڪو خشڪ گوشت لٽڪيل هوندو هو، سو ٻوڙهين جو هوندو هو، جو نه، اهي اهي ”ٻوڙهي عورت“ جي اماڻندگي ڪنديون هيون، ”جيڪا ڪڏهن به نه مري.“ جهنگلي مذهبن جي ڏاڻ کي پاڻ ڏانهن ڪشش ڪرڻ ۽ گوشت حاصل ڪرڻ لاءِ، سا ڪُٽي، اسم جي ”آن- دوا“ واري اقراب مرڻ جي موسم ۾ منعقد ڪئي ويندي هئي. اهي وات هر هڪ عورت مڪاني جو هڪ ٻوٽو

ٻغل ۾ دٻائي رکندي هئي، جنهن جون ٻاڙون ٻنيل هونديون هيون. اهي الهيءَ "پوڙهيءَ عورت" جو نالو "چڪا ڪڍهن ۽ نه ٿي مري"، مڪانيءَ ۾ الهن پکين کي ڏينديون هيون، جن کي اهي ڌرتيءَ جي ميون جون علامتون تصور ڪنديون هيون. مرڻ جي موسم ۾ اهي ڪاٺين هيءَ دعا پڙهنديون هيون، "ماءُ، شل اسان وٽ ڪافي گوشت هجي! شڪاروارن سڀني جانورن کي هڪدم وڃڻ نه ڏجانءِ، ته جيئن سياري لاءِ اسان وٽ ڪجهه نه ڪجهه هجي!"
موسم خزان ۾، جڏهن پکي پکڻ ڏکڻ طرف اڏامندا هئا، تڏهن ڳاڙها هندستاني سمجهندا هئا ته اهي "الهيءَ پوڙهيءَ عورت" ڏانهن گهر وڃي رهيا هئا ۽ ڏانهس اهي اڏرندا، خاص طرح خشڪ گوشت، جو آها ڪاٺيندي هئي، ائين رهيا هئا، جيڪي الهن لاءِ چوائي پنجرن ۾ لٽڪايا ويا هئا. اتي پوءِ، اسان کي روح يا سندس ديوي "پوڙهي عورت" جي تخيل ۾ ملي ٿي ۽ پوڙهيون عورتون جسماني صورت ۾ امانگي ڪن ٿيون ۽ امانگن جي حيثيت ۾، ڪيئن آهن الدرنن مان؛ ڪڙا ازڪر ڪجهه ملن تائين جي "پوڙهي عورت" لاءِ هئا.

هندستان جي ڪن حصن ۾ لاٻاري جي ديويءَ، گوريءَ جي لماڻندگي هڪ ٿي رات هڪ ڪنواري ڇوڪري ۽ جهنگلي "بالسم" ٻوٽي جو هڪ مٺڙو ڪندو آهي، جنهن کي زناني صورت ڏيئي، ڪمن زنانو لقاب، زنانا ڪپڙا ۽ زيور ڍڪايا ويندا آهن. ديويءَ جي پنهنجي انساني خواه نباتاتي نمائندن جي پوڄا ڪئي ويندي آهي ۽ الهيءَ سڄيءَ رسم جو مقصد چانورن جي سٺي فصل حاصل ڪرڻ جي خاطري ڪرڻ جو معلوم ٿئي ٿو.

٤- آن جي ماءُ ۽ ڌيءَ جي صورت ۾ پنهنجي نمائندگي:

جرمنيءَ جي "آن - ماءُ" ۽ اسڪاٽلينڊ جي "لاٻاري - ڪنوار" جي مقابلي ۾، يونان جون ڊيميٽر ۽ پرسيفون مذهبي ارتقا جي پوئين دور جي پيداوار آهن. ان جي باوجود، آريا خاندان جي ميمبرن هئڻ جي حيثيت ۾، يونانين ڪنهن نه ڪنهن وقت لاٻاري

جن انهن رسمن ادا ڪيون هونديون، جي اڄا تائين سولٽ،
ڏيوتائن ۽ سلٽو لسان وارا ادا ڪندا اچن ٿا ۽ جي آرين جي
دنيا جي سرحدن کان گهڻو دور، يورپ جي ڳوٺن هندستان
۽ ايسٽ انڊيز جي گهڻين قومن ادا ٿي ڪيون آهن — جا هڪ
ڪافي وزندار ثابتي آهي ته آهي نظريا، جن تي انهن رسمن جو
بنياد پيل آهي، سي هڪ قوم تائين محدود نه آهن، پر اهي بلڪل
فطرتي طور، انهن سڀني ابتدائي قومن جي دماغ ۾ پيدا ٿين
ٿا، جي زراعت پيشي وارا آهن. ان ڪري، هي امڪان آهي
ته يوناني ڏند ڪٿائن جا آهي شاندار ۽ خوبصورت مجسما، ڊيميٽر
۽ پرسيفون، انهن ساڳين سادن اعتقادن ۽ رسمن مان ٿي پيدا
ٿيا هئا، جي اڄا تائين اسان جي جديد دور وارن ڪڙمين ۾ رائج
هلندا اچن ٿا. ساڳيءَ طرح، هي به ممڪن آهي ته فدياس*
۽ پراڪسيٽيلس♇ جهڙن استاد فنڪارن جي ماهرانه هٿن مان
ڪنجهي ۽ سنگ مرمر جي جوڙن جاڳندڙن مجسمن ٺهڻ کان
گهڻو اڳ، لاباري واري گهڻين پنهن ۾ سندن نمائندگي هڪلي رنگ
جي سنگهه ۽ ڪانڊن مان ٺهيل اي ڊولن گڏن ذريعي ڪئي
ويندي هوندي. انهيءَ پراڻي زماني جي ياد — لاباري واريءَ پنيءَ
جي هڪ قسم جي مخصوص خوشبوءِ — آخرين وقت تائين "ڪنواريءَ"
(ڪور) واري لقب ۾، جنهن مان پرسيفون عام طرح سان مشهور
هئي، باقي رهندي آئي. جنانچه، جيڪڏهن ڊيميٽر جو هڪ لمواو
جي رهنديءَ واريءَ "آن - ماءُ" آهي، ته پوءِ پرسيفون جو لمواو،
"لاباري - ڪنواري" آهي، جا هر سال سرءُ جي موسم ۾،
پرائيز آف بالقهدر جي علائقي ۾، اڄا تائين پوئين سٿيءَ مان
ٺاهي ويندي آهي. درحقيقت، جيڪڏهن قديم يوناني هارين جي
متعلق اسان کي وڌيڪ ڄاڻ هجي ها، ته ممڪن آهي ته اسان کي
اهو به معلوم ٿئي ها ته اهي تمام قديم زماني ۾ به هر سال

* قديم دور جو هڪ مشهور يوناني مصور (۴۹۰–۴۰۰ ق.م)

♇ قديم دور جو هڪ مشهور يوناني مصور (چوٿين صدي ق.م)

بنهنجن "آنَ - ماتن" (ڊيميٽرس) ۽ "ڪنوارين" (پرسيفونس) کي لاباري وارين ٻنهن تي پڪل آنَ مان مسلسل ٺاهيندا رهندا هوندا. پر بدقسمتيءَ سان، جنهن ڊيميٽر ۽ پرسيفون سان اسين آشنا آهيون، سي شهرن جون رهندڙ ۽ اميران مندرن جون شاهاڻيون مکيون هيون، قديم زماني جي مهذب مصنفن کين ئي اهڙن ئي ديوين جي ڏسڻ لاءِ اکيون هيون. ٻنهن ۾ اڻ پل آنَ جي وچ ۾ ڪوڙاڻا جيڪي عجيب ۽ ٻي ڏاڪيون رسمون ادا ڪندا هئا، تن تي ٿا سهڻي اک ئي ٿا وجندي هئي. اهي جيتوڻيڪ سندن ڌيان انهن جي طرف مبذول ٿيو به هوندو، اهڙين ۾ ممڪن آهي ته لاٽڻ سان پريل، ۽ آس ۾ چمڪندڙ ٻنيءَ وارين ڪاڙهن ۽ سنگهن مان ٿيل، گڏي ۽ مندر واريءَ ماءُ، دار الذڪار ۾ رکيل مرمرين ديويءَ جي درميان ڪنهن به تعلق جو سندن دماغ ۾ ڪو وهم ۽ گمان به ڪونه آيو هوندو. ان جي باوجود، خود انهن شهر جي اهل ۽ مهذب مصنفن جون تحريرون ڪڏهن ڪڏهن اسان کي اهڙي وحشي ۽ اڻ ٻوليءَ ڊيميٽر جي جهلڪ ڏين ٿيون، جهڙيءَ انتهائي ٻي ٻوليءَ ڊيميٽر جي جهلڪ اسان کي ڪنهن تمام ڏورانهين جرمن ڳوٺ مان نظر اچي ٿي. چنانچه، هڪ ڳالهه، جيڪا ته "اپانيزل" کي ٿي دفعا ڪوڙيل ٻنيءَ ٿي ڊيميٽر مان ماولس ("دولت"، "آسودگي") نالي هڪ ٻٽ جاڻو هو، اوله، پرشيا جي لاباري واريءَ ٻنيءَ ٿي پار جمع جي سانگ ڪرڻ واريءَ رسم سان، مشابهت ٿي سگهي ٿي. پرشيا جي انهيءَ رسم ۾ نقلي ماءُ "آنَ - ماءُ" (زالٽنيا مالڪا) جي نمائندگي ڪري ٿي، نقلي پار "آنَ - پار" جي نمائندگي ڪري ٿو ۽ اهڙيءَ طرح، اها سڄي رسم ايندڙ سال واسطي ڀلي فصل حاصل ڪرڻ جي خاطري ڪرڻ واسطي هڪ قسم جو جادوءَ جو ٽوٽڪو آهي. اها رسم ۽ ڏند ڪٿا، ماڪيءَ طرح، اڃا به زياده قديم زماني جي موسم بهار ۾ تازي ڦٽندڙ آنَ يا موسم خزان ۾ لاٽڻ واريءَ ٻنيءَ ۾ نسلي واڌاري جي حقيقي يا نقلي عمل ڪرڻ جي رسم ڏانهن

اشارو ڪن ٿيون، جيئن اسين ڏسي آيا آهيون ته قبل از تاريخ واري زماني جو ماڻهو فطرت جي ان چال يا ڪمزور ٿيندڙ قوتن ۾ انهن جي طاقتور زندگي ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو. تهذيب يافته، يورپ جي مٿين ته هيٺان، وحشين جي هڪ وڏيڪ جهلڪ اسان کي اڪثر هلي نظر ايندي، جڏهن اسين انهن زراعتي ديوتائن جي هڪ ٻئي رخ تي غور ڪنداسون.

پڙهندڙ ڄاڻو هوندو ته جديد دور جي لوڪ-رسمن ۾ اناج جي روح جي نمائندگي، گهڻو ڪري، "آن-ماءُ" (پوڙهي عورت، وغيره) يا "ڪنواري" (لاپاري-پار وغيره) ذريعي ڪئي ويندي ٿي ۽ نه ٻنهي، "آن-ماءُ" ۽ "ڪنواري" ذريعي. اهو پلا ڪهڙو سبب هو، جو يونان آن جي نمائندگي ٻنهي، ماءُ ۽ ڌيءُ، وسيلي ڪندا هئا.

پريتن وارن جي رسم ۾ "ماءُ-مٽي"— هڪ اهڙو وڏو پوتو جو پولين: "مٽي" جي وچ ۾ آن مان ٺهيل هڪ گڏو وچ ۾ ٺاهيو ويندو آهي — صاف طرح "آن-ماءُ" ۽ "آن-ڌيءُ" جي نمائندگي ڪندي آهي، جن مان آخرالذڪر اڃا چاپڪ ڪال هوندي آهي. وري، پرشيا وارن جي آهي رسم ۾، جنهن جو تازو حوالو ڏنو ويو آهي، جيڪا عورت "آن-ماءُ" جو ڪردار ادا ڪري ٿي، سا دراصل پڪل اَن جي نمائندگي ڪري ٿي، پار ايندڙ سال جي اَن جي نمائندگي ڪندو نظر اچي ٿو، جنهن کي فطرتي طرح، هن سال جي اَن جو ٻار سمجهڻ گهرجي، ڇو ته هن سال جي لاپاري جي ٻج مان ئي ايندڙ سال جو فصل اپرندو. ازانسواءِ، اسان هيٺ ڏٺو آهي ته ملايا انهيءَ جي "مٿلي" اصل وارن ۽ اسڪاٽلينڊ جي مٿاهين ٻن جي رهواسين ۾ آن جي روح جي نمائندگي پڪل فصل مان چونڊ سٿن وسيلي ٿئي ٿي، پوڙهي ۽ نوجوان، ٻنهي صورت ۾ ڪئي ويندي آهي، اسڪاٽلينڊ ۾ آن جو پوڙهو روح "ڪارلائون" يا "ڪاڻلوچ" (پوڙهي عورت) ۽ نوجوان روح، "ڪنواري" جي صورت ۾ نظر اچي ٿو، هوڏانهن

ملايا ايپوٽ جي ”مثالي“ نمل وارن ۾، جانورن جا ۽ روح
ٻنهي طور ماڻهن ۾ ڏيهه جي رشتي ۾ هڪٻئي سان منسلڪ آهن.
انهن مشابهتن جي روشنيءَ ۾ اندازو ڪيو ته ڊيميٽر هاڻوڪي سال
جو پڪل اَنُ ٿيندو، پرسيفون اهي پڪل اَنَ مان نڪتل
ٻج جو اَنُ ٿيندو، جو موسم خزان ۾ پوکجڻ وارو ۽ موسم بهار
۾ وري اُٿڻ سر جمڻ وارو ٿيندو. پرسيفون جو عالم زيران ۾
نزول، اهڙيءَ طرح ٻج جي پوکجڻ جو ڏاندڪتائي طريقي اظهار
ٿيندو، موسم بهار ۾ اُن جي دوباره ظاهر ٿيڻ جي معنيٰ، اُٿڻ
اَنَ جي جمڻ جي مترادف ٿيندي. اهڙيءَ طرح، هڪ سال جي
پرسيفون ايندڙ سال جي ڊيميٽر ٿئي ٿي ۽ امڪان اغلب آهي ته
اهي ڏاندڪتا جو اصلي روپ اهو ئي هوندو. پر، جڏهن مذهبي
خيال جي ترقيءَ سان گڏوگڏ، اَنَ کي شخصيت ڏيڻ شروع ڪئي
وئي، ته ڪنهن اهڙي شخصيت جي، جا هڪ سال جي دوران
۾ جمي، واڌ، اسلي افزائش ۽ موت جي سڄي چڪر مان گذر
ڪندي هئي، ۽ هڪ لافاني ديويءَ جي، ته پوءِ خيالي پختگيءَ
جي تقاضا اها هئي ته ٻنهي شخصيتن منجهان هڪ، ماءُ يا ڌيءَ،
کي قربان ڪيو وڃي. بهرحال، اَنَ جو ماءُ ۽ ڌيءَ جي صورتن
۾ ٻٽو تخيل ايترو ته قديم هوندو ۽ عوام جي دلين ۾ ان جون
پاڙون ايترقدر ته پختيون کتل هونديون، جو منطق ذريعي اَنَ جي
بيخ ڪني ڪرڻ دشوار هوندي، ان ڪري اُهين طرح تشڪيل
ٿيل ڏاندڪتا ۾ ماءُ ۽ ڌيءَ، ٻنهي واسطي گنجائش پيدا ڪرائي
ويئي. اهو مقصد هيئن حاصل ڪيو ويو، جو پرسيفون کي موسم
خزان ۾ پوکيل ۽ بهار ۾ ڦٽندڙ اَنَ جو ڪردار ڏنو ويو ۽ ڊيميٽر
کي اَنَ جي پوري ماءُ جي غير واضح ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ ڇڏيو
ويو، جا اَنَ جي لاءِ زمين گمشده ٿي، ماتم ڪري ٿي ۽ سندس دوباره
ظاهر ٿيڻ تي خوشي ڪري ٿي. چنانچه، ديوتائي هستين جي
باقاعده ۽ مسلسل وراثت بجاءِ، جن مان هر هڪ سال زنده
رهي ۽ پوءِ پنهنجي جانشين کي جنم ڏئي، اُهين تشڪيل ڏنل-

ڏند ڪٿا ۾ ديوتائن ۽ لافاني هستين جي تخيل جو اظهار ڪري ٿي، جن مان هرهڪ سال بسال زمين اندر غائب ٿئي، ورئي ان منجهان ٿري ظاهر ٿئي ٿي، ان ريت ڪي موسمون ۽ رُتيون ۽ هوندي ڪرڻ ڪان سواءِ، ٻيو ڪو خاص ڪم ڪونهي.

ديوتائي ڏندڪٿا ۾ آن جي ٻئي امانت کي جو اظهار هڪ حقيقت کي تسليم ڪري ٿو ته ٻئي شخصيتون (ڊيميٽر ۽ پرسيفون) اصل ۾ اناج آهن. پر، جيڪڏهن اسين هي فرض ڪريون ته ديوتائي ڏند ڪٿا جي ابتدا هڪ شخصيت مان ٿي، ته پوءِ ٻي شخصيت جي اڀرڻ يونان شاخ جي اضافي جي شايد ابها منجهائي ڏئي سگهجي. هي وات ڳالهين جهڙي لاڳاري جون رسمون اسان جي نظر هيٺ گذريون آهن، ان تي نظر ڪرڻ سان هي ڳالهه معلوم ٿئي ٿي ته اناج ۾ آن جي روح جا ٻه مختلف تخيل سمايل آهن. جو ته، جيئي اناج رسمن مان جڪن ۾ آن جي روح کي آن ۾ ئي موجود سمجهيو ويو آهي، اُتي ڪن ٻين رسمن ۾ ان کي هڪ خارجي هستي تصور ڪيو ويو آهي. چنانچه، جڏهن آن جي ڪنهن هڪ سٽي کي آن جي روح جي نالي سان سڏيو ويو ٿي، ڪپهه ڪپڙا پارايا ويا ٿا ۽ احترام سان هٿ لايو ويو ٿي، تڏهن آن جي روح کي يقيناً آن اندر موجود سمجهيو ويو ٿي. پر جڏهن ائين چيو ويو ٿي ته روح اُهان منجهان لنگهي، ڪنهن ٻئي جي موجودگي جي برڪت سان جهڙي ٿي، يا جن ٻنهي جي خلاف سندس دل ۾ ڪو بغض آهي، تن کي اهو سڪائي ۽ ساڙي ڇڏي ٿو، تڏهن ظاهر آهي ته ڪيس آن کان مختلف، حالانڪ مڪاني اثر انداز، سمجهيو ويو ٿو. اهي ٻئي صورت ۾ آن جو روح، جيڪڏهن اڪوات ئي ڪو ديوتا ڪونه ٿيو آهي، ته آن جي ديوتا جي درجي تي پهچڻ وارو ٿي آهي. انهن ٻنهي نظرين منجهان، آن جي روح جو آن اندر موجود هئڻ جو تخيل، بلاشڪ وشبهه، زياده ڪهنو آهي، جو ته فطرت جي متعلق هيءَ نظريو ته ان ۾ رهندڙ اندروني روحن سبب

جان موجود آهي، عام طرح هن نظريي کان اڳواٽ قائم ٿيل معلوم ٿئي ٿو ته فطرت تي ڪن خارجي ديوتائن جو ضابطو آهي. انسان جي ابتدائي آبادگارن جي لاڀاري وارين رسمن ۾ انهن جي روح کي ڪڏهن ته انهن اندر ئي موجود سمجهيو ويندو هو، ته ڪڏهن کين خارجي تصور ڪيو ويندو هو. ٻئي طرف ابتدائي ڏاڍ ڪٿائن ۾ ديوتائن کي انهن جي دنيوي تصور ڪيو ويندو هو، ۽ نه انهن ۾ مماثل انهن جو روح. خيال جو اهو طريقو جيڪو تخيل جي هڪ نموني کان تبديلي ڪري ٻئي تائين پهچائي ٿو، سو انهن ۾ رهندڙ اندروني روحن کي زياده کان زياده انساني خصائل سان نوازي ٿو. جيئن جيئن ماڻهو وحشپڻي جي حالت کان ٻاهر نڪرندا ويندا ٿا، تيئن تيئن پنهنجن ديوتائن ۽ ديون کي انساني صورت ڏيڻ جو رجحان منجهن تقويت وٺندو ويندو ٿو، ۽ اهي جيئن جيئن زياده انساني خصائل جا مالڪ ٿيندا ويندا ٿا، تيئن تيئن منجهن ۽ انهن فطرتي شين جي درميان، جن جا اهي ابتدا ۾ فقط جان بخشيندڙ روح هئا، زياده وسيع خليج حائل ٿيندي ويندي ٿي. اهو وحشپڻي جي منزل کان مٿيرو ترقي ۽ سائي دور جا ماڻهو ڪلهو ڪلهي سان ملائي قدم نه ٿا کڻن، ۽ جيتوڻيڪ انساني خصلتن وارا نوان ديوتائون، ان کان زياده ترقي يافته دماغ رکندڙ انسان جي مذهبي ضرورتن کي پورو نه ٿا ڪن، انهن جي باوجود، قوم جو پٺتي پيل طبقو انهن پراڻن نظرين کي جهٽيو وٺي کي ترجيح ڏئي ٿو، جن مطابق آهي روح کي سڄي زندگي جو سرچشمو سمجهي ٿو. هاڻي، جڏهن ڪنهن نه قدرتي شيءِ، جهڙوڪ انهن جي روح کي، انهيءَ شيءِ کان عليحده ڪري انساني خصلتن سان نوازيو ويو آهي ۽ کيس اهڙو ديوتا بنايو ويو آهي، جو مٿس ضابطو رکندڙ آهي، تڏهن خود اها شيءِ روح جي نڪرڻ سبب بي جان رهجي وڃي ٿي ۽ جنهن ڪري ته اها شيءِ هڪ روحاني خال ٿيو پوي. پر عام ماڻهن جو دماغ، جو اهڙي خال کي برداشت نه ٿو ڪري سگهي، يا ٻين لفظن ۾ جنهن ته ڪنهن

۾ شيءِ کي مجازي تصور ڏئي ڪري سگهجي، سو جڏهن هڪ ماڻهون خيالي هستيءَ کي خلقي وجهي ٿو ۽ ان سان انهيءَ خالي شيءِ کي پڻ ڪري ٿو. چنانچه، مختلف ڏند ڪٿائن ۾ هڪ ئي شيءِ جي نمائندگي ۾ مختلف هستيون ڪنديون نظر اچن ٿيون. هڪ اهو مرڪزي روح، جنهن کي هنئار ان گاڏ علحده ڪري، ديوتا جي درجي تي فائز ڪيو ويو آهي. ٻيو اهو ماڻهون روح، جنهن کي عوام جي تصور مرڪزي روح جي اعليٰ درجي تي فائز ڪري، سندس خالي ڪيل جاءِ کي پرڻ لاءِ ٻيو خلقيو آهي. انهن حالتن ۾ ڏند ڪٿائن لاءِ، جڏهن انهن هڪ ساڳيءَ شيءِ لاءِ ٻه مختلف شخصيتون خلقي ورتيون آهن، هڪ وڏو مسئلو هيءُ پيدا ٿي پوي ٿو ته انهن جو ڇا ڪجي؟ ٻنهي جا هڪ ٻئي سان تعلقات ڪيئن استوار ڪجن ۽ ڏند ڪٿائي نظام ۾ انهن ٻنهي لاءِ ڪيئن جاءِ پيدا ڪجي؟ جڏهن مرڪزي روح يا ماڻهون ديوتا کي انهيءَ شيءِ کي خلقيندڙ يا پيدا ڪندڙ تصور ڪيو وڃي ٿو، تڏهن ته مسئلي جو حل بلڪل آسانيءَ سان ٿي وڃي ٿو. چنانچه، مرڪزي روح جو ماڻهون روح سان تعلق اهو ٿيندو، جهڙو هڪ خلقيندڙ جو پنهنجي مخلوق سان، يعني ڏند ڪٿائن ۾ اهڙو ٿيندو، جهڙو هڪ پيءُ جو پنهنجي اولاد سان، ۽ جڏهن ٻنهي روحن جو تصور مادي جي صورت ۾ ڪيو وڃي، ته پوءِ سندن باهمي تعلق ماءُ ۽ ڌيءَ جو ٿيندو. اهڙيءَ طرح ڏند ڪٿائي تصور، ان جي هيڪڙيءَ زناني شخصيت کان شروعات ڪري، ڪجهه وقت کان پوءِ وڃي ماءُ ۽ ڌيءَ جي ٻن شخصيت تائين پهچي ٿو. ان هن ڳالهه تي زور ڏيڻ خطرناڪ ٿيندو ته ديميٽر ۽ پرسيفون جي ڏند ڪٿا پنهنجي موجوده صورت انهيءَ ئي طريقي سان اختيار ڪئي، پر هيءُ امر بلڪل حق واجبي نظر اچي ٿو ته ٻن ان ديوين جو وجود، جنهن جو ديميٽر ۽ پرسيفون هڪ موزون مثال فراهم ڪن ٿيون، انهيءَ اصول سان روانا ٿيو هوندو. مثال طور، جن ديوين ۽ ديوتائن جي جوڙن جو هن ڪتاب جي اوائلي حصي ۾

ذڪر ڪيو ويو آهي، تن ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته آسيس ديويءَ
۽ سندس ساٿي ديوتا اوسيرس، کي آڻ جي ان شخصيت تصور
ڪرڻ لاءِ ڪي دليل موجود آهن. تازو بيان ڪيل الونان جي
بنياد تي، آئسيس آڻ جو ابدي روح ڄڻيندو ۽ اوسيرس، ائونڻ ۽
ابدي روح جو ائون روح سان تعلق، مختلف وقتن تي پاڻ، مڙس
۽ پٽ جو پيدا ٿيندو هو، جو ته البت ڏاڍڪتائن ۾ ان مختلف
ديوين ۽ ديوتائن جي هر وجود کيءَ کي هڪ ڳالهه وڌيڪ اهوايو
۾ سمجهائڻ جي هميشه آزادي رهندي آئي آهي. بهرحال، هيءَ
ڳالهه، فراموش نه ڪرڻ گهرجي ته ديوين ۽ ديوتائن جي اهڙن
جوڙن جي جيڪا مجوزه سمجهاڻي ڏني وئي آهي، سا محض قياس
آرائيءَ تي مبني آهي ۽ ان جو قدر ۽ قيمت فقط اها ئي آهي،
جنهن جي اها لائق آهي.

باب ستيتاليهون

لٽيرسز

١- لاٽويا جا گيت: مٿين صفحن ۾ هن ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته اتر يورپ جي "آن-ماڻ" ۽ "لاپاري-ڪنواريءَ" ۾ اسان کي ڊيميٽر ۽ پرسيفون جا اهڃاڻ ملن ٿا. پر سندن مشابهت کي مڪمل ڪرڻ لاءِ، هڪ اهم جزو اڃا به غائب آهي، يوناني ڏلڊڪٽا جو هڪ اهم واقعو، پرسيفون جو موت ۽ سندس دوباره جيئرو ٿيڻ آهي. اهو ئي اهو واقعو آهي جو، اناج جي ديويءَ جي ايامات جي ديويءَ هئڻ جي حيثيت سان گڏجي، هن ڏلڊڪٽا کي اڊونس، اٽس، اوسيرس ۽ ڊيونيسس جي مذهبن سان وڃي ڳنڍي ٿو ۽ اهو ئي واقعو آهي، جنهن جي بدولت هن ڏلڊڪٽا کي اسان جي "مرندڙ ديوتا" جي بحث مباحثي ۾ جاءِ ملي ٿي. هاڻي اسان کي اهو ڏسڻو آهي ته ديوتا جي ساليانو موت ۽ دوباره جيئري ٿيڻ جي تخيل جو بنياد، جيڪو انهن عظيم يوناني ۽ مشرقي پوڄائن ۾ اهڙو اهم ڪردار ادا ڪري ٿو، يا ساڳي مشابهت رکندڙ مثال، انهن دهقاني رسمن ۾ به ملي ٿو، آهي، جي لاپارو ڪندڙ ڪڙمي اناج جي ڊڙن ۽ انگور جا راڪا ڏاک جي منڍهن ۾ ادا ڪندا آهن.

قديم دور جي ماڻهن جي عام وهمن ۽ رسمن متعلق اسان پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ جو اڳيئي اقرار ڪري آيا آهيون. پر قديم مذهب جي شروعاتي مرحلن مٿان جيڪو غبار ۽ ڌنڌ ڇانيل آهي، سو هوش اسٽيءَ سان موجوده حالت ۾ ڪجهه قدر هٽي وڃي ٿو. اوسيرس، ائڊونس ۽ اٽس جي پوڄائن جا صدر مقام، اسان ڄاڻون ڏٺو آهي، علي الترتيب مصر، شام ۽ ايشيا ڪوچڪ ۾ هئا ۽ اسان کي

معلوم آهي ته انهن ملڪن سان هرهڪ ۾ لاباري ۽ انگور پٽڻ واريءَ موسم ۾ ڪي اهڙيون رسمون ادا ڪيون وينديون هيون، جن جي هڪ ٻئي سان ۽ انهن مختلف ملڪن جي قومي رسمن سان، مشابهت خود قديم زماني جي ماڻهن کي معلوم هئي ۽ انهن رسمن جي جديد دور جي ڪڙمين ۽ وحشين جي رسمن سان مشابهت ڪرڻ سان، اسان جي جاچ هيٺ آيل رسم و رواج جي بنياد تي ڪجهه قدر روشني پوندي نظر اچي ٿي.

هن ڳالهه اڳيئي ڊيوڊورس جي اختياريءَ تي اهو ذڪر ڪيو ويو آهي ته قديم مصر ۾، لاباري ڪندڙن ۾ اناج جي هارين ڀاڪر وڍڻ تي پارڻ ڪرڻ ۽ شاڪي ڪرڻ جو رواج هو، جن ۾ اهي آئسس کي اهيءَ ديويءَ جي حيثيت ۾ پڪاريندا هئا، جنهن کين سڀ ڳالهه اول اناج جي وجود جي خبر ڏني هئي. مصري لاباري الهيءَ وقت جهڪو ڏک ڀريو گيت ڳائيندا هئا يا جهڪي درد ڀريون داهون ڪندا هئا، تن کي يونانين "مئنيروس" جو نالو ڏنو هو، جن آهن گيتن ۽ داهن کي انهيءَ مخصوص نالي ڏيڻ لاءِ هن ڳالهه ذريعي سمجهائي ڏني آهي ته مئنيروس، جو پهرئين مصري بادشاه جو ٻڪيلڙو ۽ اڪيلو پٽ هو، زراعت جو بنياد وڌو هو ۽ ننڍپڻ ۾ بيوقتي موت سبب، سندس ماڻهن اُن لاءِ اهڙيءَ طرح ٿورو ڪيو هو. بهرحال، معلوم ٿئي ٿو ته "مئنيروس" نالو "معا-ني-هرا"، يعني "گهر اچ" چوڻيءَ جي غلط سمجهڻ جو نتيجو آهي، اها چوڻي مختلف مصري ڪتبن، جهڙوڪ "موتن جي ڪتاب" ۾ آئسس جي مرثين ۾ ڪوڪي لڏي وئي آهي. چنانچه، اسان هيءَ قياس ڪري سگهون ٿا ته، "معا-ني-هرا" لفظ کي مصري لاباري اُن جي روح (آئسس يا اوسيرس) جي موت تي ويڻ آڻ مثال مرثئي طور، ۽ روح جي واپسيءَ لاءِ دعا طور، آلاپيندا هئا. جيئن ته اها داهون هارين ويڻ سنگهن تي بلند ڪئي ويندي هئي، تنهنڪري اِن مان معلوم ٿئي ته مصري باشندا اُن جي روح کي هارين ويڻ اُن ۾

موجود سمجهندا هئا، جو سندن ڏاتي هيٺان وڃي مري ويندو هو. اسان ڏسي آيا آهيون ته ملايا جي اپٻيٽ ۽ جاوا ۾ چانورن جي ڦرن سنگن کي "چانورن جي روح" يا "چانورن-ڪنوار" ۽ "چانورن-گهوٽ" جو نمائندو سمجهيو ويندو آهي. روس جي ڪن علائقن ۾، وڍيل اَنّ جي ڦران ۾ سٿيءَ سان اهو ئي سلوڪ ڪيو ويندو آهي، جو پڻ هنڌ تي آخري سٿيءَ سان روا رکيو ويندو آهي، اهيءَ سٿيءَ کي پنيءَ جي مالڪياڻي پنهنجن هٿن سان ٻاهر لڻندي آهي ۽ کيس گهر کڻي وڃي، مقدس تصويرن جي پرسان، عزت واريءَ جاءِ تي رکندي آهي. ان کان پوءِ، اهيءَ سٿيءَ کي علحده ڳاهي، منجهانئس اڪٺل اَنّ مان ڪجهه داڻا ايندڙ سال جي ٻج ۾ ملايا ويندا آهن. اٻرڊين شاير ۾، جهڙوڪ "ڪلئڪ-سٿيءَ" نالي لاءِ، گهڻو ڪري، سڀ کان پوءِ وڍيل اَنّ استعمال ڪيو ويندو هو، پر ان هوندي به، ڪڏهن ڪڏهن، حالانڪ تمام گهڻي وقفي بعد، ٻارڻ وڍيل اَنّ کي ئي زالو لباس پارائي احترام سان گهر آندو ويندو هو.

فونيشيا ۽ مغربي ايشيا ۾، مصري لاباري جي مرثئي والگر، ڊاک پنهن وات ۾ شايد لاباري وات ان (مشابهت ذريعي فيصلو ڪجي ته) هڪ دردناڪ گيت آلاپيو ويندو هو. فونيشيا واري اهيءَ گيت کي يوناني "لائنس" يا "اللائنس" سڏيندا هئا ۽ مشهور والگر، اَنّ جي سمجهائي ۽، لائنس نالي هڪ نوجوان جي ذريعي ڳائي ويندي هئي، جنهن جي بيوقتي موت تي اهو گيت مرثئي طور ڳايو ويو هو. هڪ روايت موجب، لائنس کي هڪ ريڍار پاليو هو، ۽ کيس سندس ڪتن چيري ڦاڙي ڇڏيو. ۽ مشهور والگر، "لائنس" يا "اللائنس" نالي جو بنياد ان زباني غلطفهميءَ مان نڪتل نظر اچي ٿو، جو "اي لانو"، يعني "شل اسان تي قهر پوي" جي دانهن کان پيو ڪجهه ، آهي، جا فونيشيا جا ماڻهو اڊونس جي ماتم ڪندي، شايد ٻاهر ڪندا هئا

معلوم ٿئي ٿو ته ڪم از ڪم ”سنفو“ الدواس ۽ لائنس کي هڪ ئي ڪري سمجهيو ٿو.

بائيٿينيا ۾ ماريانڊينيا جا لاپارا ”بورمس“ يا ”بوريمس“ ناليَ هڪ خوبصورت نوجوان جو ذڪر ڪندا هئا، جو اپيامس ناليَ هڪ بادشاهه يا ڪنهن دولتمند ۽ معزز ماڻهوءَ جو پٽ هو. اونهاري جي هڪ ڏينهن، جڏهن هو پنهنجن ٻنين ۾ لاپارن کي لاپارو ڪندي ڏسي رهيو هو، تڏهن هو انهن لاپارن مان ڪنهن هڪ لاءِ پاڻي جو پاڻي ڪڍڻ ويو، جنهن ڪانءِ پوءِ سندس نالو نشان ئي گم ٿي ويو. ان ڪري، لاپارو ڪندڙن هن لاءِ ڳولا ڪئي ۽ دردمند آوازن سان کيس سڏيندا رهيا، ۽ ان ڪانءِ پوءِ اڄ تائين اهي لاپاري وقت هميشه اهڙا دردناڪ آواز ڪندا اچن ٿا.

٢- آن جي روح جو قتل: فرائيگيا ۾ لاپاري ۽ ڳاهه وقت لاپارا هڪ اهڙو ئي گيت ڳائيندا هئا، جنهن کي ”لٽيرسز“ سڏيو ويندو هو. هڪ روايت مطابق، ”لٽيرسز“ فرائيگيا جي بادشاهه ميڊاس جو حرامي پٽ هو، جو سيلائيناءِ ۾ رهندو هو. هو لاپارو لڻيندو هو ۽ کيس زبردست بک هوندي هئي. جڏهن ڪو اجنبي سندس ٻنيءَ مان يا انهن جي پاسي کان اچي لانگهائو ٿيندو هو، تڏهن هو کيس پيٽ لاءِ هڪ جام ڏيندو هو؛ پوءِ کيس مائينڊر درياهه جي ڪناري تي واٽ، پنهنجن ٻنين تي وٺي ويندو هو، جتي کيس پاڻ سان گڏ لاپاري لڻڻ لاءِ مجبور ڪندو هو. آخر ۾ هن جو دستور اهو هوندو هو، جو هو اجنبيءَ کي ان جي سٿيءَ ۾ ويڙهي، پنهنجي ڏاتي سان سندس سر لاهي، سندس لاش کي ڪاڙهن ۾ ويڙهي، پاڻ سان گڏ کڻي ويندو هو. آخرڪار، *هرڪيولس سان گڏ لاپاري لڻڻ جو ڪم پنهنجي ذمي کنيو ۽ پنهنجي ڏاتيءَ سان هن جو سر وڍي، سندس لاش کي کڻي درياهه ۾ ڦٽو ڪيو. جنهن ته هرڪيولس لاءِ چيو وڃي ٿو ته هن ”لٽيرسز“ کي انهيءَ

* يوناني ڏند ڪٿائن جو هڪ پهلوان هيرو، جو غيرمعمولي بهادريءَ جي ڪارنامن ڪان سڄيءَ دنيا ۾ مشهور آهي.

ساڳئي طريقي سان قتل ڪيو، جيئن هو هاڻ ٻين کي قتل ڪندو هو، ان ڪري، اسان هيءُ قياس ڪري سگهون ٿا ته ”لئيڊرس“ جن ماڻهن کي قتل ڪندو هو، ان جي لاشن کي هو درياهه ۾ اڇلائيندو هو. انهيءَ ڳالهه جي هڪ ٻيءَ روايت مطابق، ”لئيڊرس“، جو ’ميڊاس‘ جو هڪ پٽ هو، ماڻهن کي هاڻ سان گڏ لاباري لڻ جي چٽاڀيٽي ڪرڻ لاءِ چئلينج ڪرڻ جو عادي هو ۽ جيڪڏهن هو کين شڪست ڏيندو هو، ته کين خوب مار ڪيائيندو هو ۽ هڪ ڏينهن، هو ڪنهن اهڙي اجنبي لاباري سان مليو، جنهن کيس ئي قتل ڪري ڇڏيو.

هن قياس لاءِ اسان وٽ چند دليل موجود آهن ته ”لئيڊرس“ جي انهن قصن ۾ اسان کي اراڪيا وارن جي هڪ اهڙيءَ لاباري واريءَ رسم جو پتو ملي ٿو، جنهن مطابق ڪن ماڻهن، خاص طرح لاباري وارين ٻنين مان لنگهندڙ اجنبين، کي باقاعده طور اَنَ جي روح جو نمائندو سمجهيو ويندو هو، ان ڪري لاباري ڪندڙ کين پڪڙي، اَنَ جي سنگن ۾ ويڙهي، قتل ڪري ۽ سندن لاشن کي ڪانن ۾ ويڙهي، سندن وسائڻ جي چنڊ طور، بعد ۾ پاڻيءَ ۾ اڇلائيندا هئا. انهيءَ قياس لاءِ جيڪي دليل موجود آهن، ان مان هڪ، ”لئيڊرس“ قصي وارن يورپ آباد ڪارن جي لاباري وارين رسمن سان مشابهت، ۽ ٻيو وحشي قومن طرفان ٻنين جي آباديءَ ۾ اضافي آڻڻ لاءِ بار بار انساني قربانين ڏيڻ جي رسم، آهن. اسين هيٺر انهن دليلن جي واريءَ وٺيءَ سان جاچ ڪنداسون ۽ ان بارِ ۾ ابتدا يورپ سان ڪريون ٿا.

انهيءَ ڳالهه جي يورپ جي لاباري وارين رسمن سان مشابهت ڪندي، ٽي ڳالهيون اسان جي خاص توجه لائق ظاهر ٿين ٿيون: (١) لاباري لڻ جو مقابلو ۽ ماڻهن کي اَنَ جي سنگن ۾ ٻڌڻ (٢) اَنَ جي روح يا سندس نمائندن کي قتل ڪرڻ، (٣) لاباري واريءَ ٻنيءَ ۾ گهمڻ ويندڙن يا اَنَ جي پاسي مان لنگهندڙ اجنبين سان سلوڪ.

(١) ڀورين ڳالهه جي باري ۾ اسين ڏسي آيا آهيون ته،
جديد يورپ ۾ جيڪو ماڻهو ٻين سان ويڙهندو يا ٻڌائيندو يا ڳالهائيندو
آهي، تنهن سان گهڻو ڪري، سندس ڪڙمي پاڻي ڪٿوري ملڪ
ڪندا آهن. مثال طور، ڪنهن ٻولهءَ سٿيءَ ۾ ٻڌو ويندو آهي
۽ اهڙيءَ طرح ڪنهن بند ڪري ڪاهي يا ڪاڏيءَ تي هڏانهن موڙائين
قبرائو، ماريو، باڻيءَ ۾ ٻسايو ۽ چيڙهيءَ جي ڍير تي ڦٽو ڪيو ويندو آهي
يا اهڙي امر جي ڪا ٻي حلت ڪئي ويندي آهي. يا، جيڪڏهن
ڪنهن اهڙيءَ حلت کان بچايو ويندو آهي ته گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن هرهڪ
جي ٺٺوليءَ ۽ مسخريءَ جو مرڪز بڻايو ويندو آهي، يا وري اهڙين
سمجهيو ويندو آهي ته ڪنهن الهيءَ ٿي سال جي دوران ۾ ڪنهن
نه ڪنهن مصيبت سان دوچار ٿيڻو پوندو. اها ڪري، لاچارا ماڻهو
فطرتي طور لاچاري وقت سٺي کان ٻوڙين ڏاڍي هلائن، يا ڳاهه
وقت آخرين ڏڪ هڻن يا آخرين سٿيءَ ٻڌڻ لاءِ آماده ڪونه ٿيندا
آهن ۽ ڪم جي اچائيءَ کان ڪجهه اڳيرو، هارين ۾ هڪ ٻئي کان
اڳ ڪم ختم ڪرڻ جي چٽاڀيٽي شروع ٿي ويندي آهي ۽
سنجهائين هرهڪ، جيترو جلد ٿي سگهندس، اوترو جلد ڪم ختم
ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف ٿي ويندو آهي، ته جيئن هو سڀني
کان ٻوڙين هڻن جي ناخوشگوار امتياز حاصل ڪرڻ کان بچي
وڃي. مثال طور، پرشيا جي مثل مارڪ ضلعي ۾، جڏهن رائيءَ
جو لابارو لٿي ويندو آهي ۽ آخرين سٿيون ٻڌجن واريون هونديون
آهن، تڏهن سٿيون ٻڌڻ واريون عورتون ٻن قطارن ۾ هڪ ٻئي
جي سامهون ٻيهجي وينديون آهن ۽ اُنهن مان هر هڪ جي سامهون
پنهنجي پنهنجي سٿيءَ ۽ ڀلال سان وٽيل هڪ رسي پيل هوندي
آهي. مقرر اشاري ملڻ تي، اهي سڀئي پنهنجون پنهنجون سٿيون
ٻڌڻ کي جنبي وينديون آهن ۽ جيڪا عورت سڀني کان پٺتي
رهجي ويندي آهي، انهن تي ٻيون سڀئي ٺٺوليون ۽ چٿرون
ڪنديون آهن. نه فقط ايترو، پر سندس سٿيءَ کي انساني صورت
ڏيئي، ڪنهن "پوڙهو مرد" چيو ويندو آهي، جنهن کي ان عورت

کي ڄمنداري اڳ ٿائون ڪٿي وڃڻو پوندو آهي، جتي لاڙيون سنڌس ۾ سندس "ٻر مرد" جي چوگرد حلقو ٻڌي ناچ ڪنديون آهن. پوءِ اهي "ٻر مرد" کي ڪڙميءَ وٽ ڪٺي وينديون آهن، جنهن کي سندس حوالي ڪرڻ وقت هيئن چونديون آهن ته اسان "ٻر مرد" کي آڻيو وٽ آندو آهي. هو ڪيس ڀيئن رکي سگهي ٿو، جيستائين ڪيس اثون (ٻر مرد) ملي." ان کان پوءِ "ٻر مرد" کي وڻ مان ٺهيل ڏياري رکيو ويندو آهي، جتي اهو ڪجهي عرصي تائين مختلف مسخرين جو نشانو بڻيو رهندو آهي. ڇوڪريا ۽ انشباهڪ وٽ، جڏهن لاڙو ذري گهٽ ختم ٿيڻ تي هوندو آهي، تڏهن لاڙيا چوندا آهن ته "هيئنر اسين 'ٻر مرد' کي هڪالي ڪڍنداسين." منجهانئن هرهڪ ٻنيءَ جي هڪ هڪ ٽڪر کي جلد از جلد لڻڻ شروع ڪندو آهي. انهن مان جيڪو به سڀني کان آخرين مُٺ يا پوڙي ڪاٽو ويندو آهي، تنهن کي ٻيا سڀئي گڏجي، خوشيءَ وچان واڪو ڪري، هيئن مخاطب ٿيندا آهن: "ٻر مرد تو وٽ آهي". ڪڏهن ڪڏهن لاباري جي منهن تي ڪارو لاپ وڌو ويندو آهي ۽ کيس زنانا ڪپڙا پهرايا ويندا آهن، پر جيڪڏهن اها عورت هوندي آهي، ته کيس مردانا ڪپڙا پهرايا ويندا آهن. ان کان پوءِ ناچ ٿيندو آهي ۽ مالڪ واڻ "ٻر مرد" کي پنهنجي مالڪ کان ڪاڍي جو پيڙو حصو ڏنو ويندو آهي. ڪاهه وقت به ساڳئي قسم جي ڪارروائي ڪئي ويندي آهي، جيڪو آخرين ڏٿ ڪٽيندو آهي، تنهن وٽ ئي "ٻر مرد" موجود سمجهيو ويندو آهي. ڪاهه واري کي جيڪا مالي ڪارائي ويندي آهي، تنهن ۾ کيس ملائيءَ ٿانءَ جي اٽي ۾ تمام گهٽي مقدار ۾ ڪاڻو ۽ پيٺو پوندو آهي، جيستائين هو ان کي اڳاڙي يا پڻ اڳاڙي پنهنجي جان آجي ڪري.

سڀني حالتن ۾ لاباري لڻڻ، ڪاهه ڪاهڻ ۽ سڀني ٻئڻ جي مقابلن جا مثل مان ٿا، جي لاباري ۾ الهيءَ انوليءَ ۽ بي آراميءَ کي برداشت ڪرڻ جي خيال کان ڪيا ويندا آهن، جڏهن آخران

ڪم ختم ڪرڻ واري کي سڃاڻڻ ۾ون ڏيون. هيءَ ڳالهه ياد هوندي ته جيڪو ماڻهو لاباري اٿو، سڄين ٻڌڻ يا ڳاهه ڳاهڻ ۾ سڀني ڪان پوئتي هوندو آهي، تنهن کي آڪ جي روح جو نمائندو سمجهيو ويندو آهي ۽ انهيءَ نظريي جو زياده مڪمل اظهار انهيءَ مرد يا عورت کي ڪان الدر ٻڌڻ سان ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ پوائين رسم جا اڳئي مثال ڏنا ويا آهن، ان انهيءَ ڏس ۾ جيڪڏهن ڪجهه زياده مثالن جو اضافو ڪيو وڃي، ته حرج ڪانهي. اسٽيٽين پرسان، ڪلوڪسين وٽ، لاپارا سڀني ڪان آخرين سٽي ٻڌڻ عورت کي واکو ڪري چوندا آهن ته ”پوڙهو تو وٽ آهي ۽ آهو توکي ٿي رکڻو پوندو.“ اٺارهين صديءَ جي آخرين اڌ واري زماني ۾ ا، خود انهيءَ عورت کي مڙڻ جي ملي ۾ واڙهڻ ۽ ڪرس دهان راجن سان زميداري گهر ڳالهن پهچائڻ جي رسم مروج هئي، جتي لاپارا ساڻس گڏ تيسين اچندا رهندا هئا، جيسين سندس جسم کي ويڙهڻ ملي هرت ڪري پوي. اسٽيٽيءَ جي اسڪرداني ۾، جڏهن لاپاري جو آخرين ڳاڏو سٽين سان پريو ويندو آهي، اڏهن لاپارو ڪندڙ عورتن ۾ باقاعده جٿابندي ٿيندي آهي ته جنهن ڪا سڀني ڪان پٺتي نه رهجي وڃي، چو ته جيڪا عورت سڀني ڪان پوءِ سٽي ڳڏي ۾ اڇلائيندي آهي، تنهن کي ”پيرمرد“ سڏيو ويندو آهي ۽ سندس مٿو ٻڌڻ ڪالهه ۾ واڙهيو، ڍڪيو ويندو آهي ۽ ڪرس ڳلن سان ٻن سينگاريو ويندو آهي ۽ سندس مٿي تي، ڳلن ۽ ٻنهي سان ٺهيل هڪ ٽوپلو رکيو ويندو آهي. پوءِ هوءَ هڪ سنجيده جلوس جي اڳواڻي ڪندي، لاباري واري انهيءَ اناج کي زميندار وٽ پهچائيندي آهي جتي هوءَ آن کي سندس مٿي ڪان ٿورو مٿيرو جهلي، هٿن لاءِ اوڪ ارادن ۽ ايڪ نرتيءَ جي هڪ ڊگهي دعا پڙهندي آهي. ان ڪان پوءِ جيڪو اناج ٿيندو آهي، تنهن ۾ ”پيرمرد“ کي انهيءَ جي ساڻين، يا زياده تر حالتن ۾، ساڻيءَ منتخب ڪرڻ جو حق حاصل هوندو آهي. ساڻس گڏ اهڙي کي هڪ اعزاز سمجهيو ويندو آهي.

منج برگ جي پوسان، گومرڻ وٽ، جڏهن ماڻهو لاڏاڻي ڄا آخرين سنگ وڌ پندو آهي، تنهن کي گهڻو ڪري اٽڪي قدر ڪلاڪ ۽ وڌيڪ وهندو آهي، جو اهو ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو آهي. اهڙي وڌيڪ سوڙهيل حالت ۾ هڪ پيو تداور ۽ طاقتور لايارو ڪيس پنهنجي اڳ تي رکي، پوءِ جي چرڏاري ڦيرو پارائيندو آهي ۽ ان وقت پاڻي پيا لاپارا هوشي ڪان ڪلي ڪلي ڪيرا ٿي پولدا آهن. مرسبرگ جي لزديڪ، لوهاسين وٽ جڏهن ماڻهو آخرين ستي پڏلدو آهي، تنهن کي ”اوٽس“ جي سنگن ۾ وڌيڪ ويندو آهي ۽ سيئي چڙا ڪيس ”اوٽس ميٺن“ جي حيثيت ۾ سلام ڪندا آهن، جنهن ڪان پوءِ سندس چوڏاري هڪ عام ناچ منعقد ڪيو ويندو آهي. آئيل ڊي فرانس ۾، برائيءَ وٽ، خود زميندار کي ٻي ”پهرينءَ ستيءَ“ ۾ پڏو ويندو آهي. ارفرت ضلعي ۾، ڊلڪلميئٽ وٽ، الوهين صديءَ جي اوائلي اڌ وارن سالن تائين هڪ ماڻهوءَ کي آخرين ستيءَ ۾ پڏڻ جي رسم هوندي هئي. ڪيس ”پير مرد“ سڏيو ويندو هو ۽ آخرين ڳاڏيءَ ۾ وهاري خوشيءَ جي نعرن ۽ دهلن باجن سان گهر پهچايو ويندو هو. زميداري گهر وٽ پهچڻ سان ڪيس ڏيري جي چوگرد ليٽڙيون پارايون وينديون هيون ۽ پاڻيءَ سان ترپتر ڪيو ويندو هو. پٿوريا ۾، ناردلنگين وٽ، جڏهن ماڻهو ڳاهه وقت سيني ڪاٺ پورڻ ڏک هڻندو آهي، انهيءَ کي ٻلال ۽ واڙهي ڳاهه واري سيداڻ ۾ ليٽڙيون پارايون وينديون آهن. پٿوريا ۾، اوبرپفالز وٽ، جنهن ماڻهوءَ اڃا پنهنجو ڳاهه ڳاهي پورو ڪونه ڪيو هوندو آهي، تنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته هُن پير مرد کي پڪڙيو آهي.“ سائيشيا ۾ جيڪا عورت سڀني کان آخرين ستي پڏلدي آهي، تنهن کي ڪافي حد تائين پنهنجين ساٿياڻن جي مسخري ۽ ٺٺولي برداشت ڪرڻي پوندي آهي. ڪيس ڏڪا ڏنا ويندا آهن، اوڏو ڪيرايو ويندو آهي ۽ ان جي ستيءَ ۾ وڌيڪ ويندو آهي، تنهن کان پوءِ ڪيس ”اَنَ جي ڳڏي“ (ڪورن وومن) سڏيو ويندو آهي.

”الهن سيني حالتن ۾، جڏهن خيال پوشيده رکيل آهي،

سو هيءَ آهي ته، ان جي روح — انبالات جي ٻڍرمرد — کي آخرين وڍڻ ۽ آخرين ڳاهيل اَنَ مان ڌڪي ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي ۽ اهو سڄي سياري جي دوران ۾ اَنَ جي ڍيري اندر گذاريندو آهي. ٻهڙي وقت، هو هڪ دفعو وري ٻاهر ايندو آهي ۽ تازن ڇمڻن ستان ۾ ڪيئن جان بخشيندڙ قوت جي حيثيت ۾، دوباره پنهنجي ڪارگذاري ڪرڻي پوندي آهي.

٢- لٿيرنز وارين ڳالهه، ۽ يورپ ڪڙمڻ جي لاباري وارن رسمن درميان مشابهت جا جهڪي اکتا آهن، ان مان پڻ ڏسڻ ڏاڍهن ايندي، اسان کي هيٺر اهو ڏسڻو آهي ته، پوڻ حالت ۾ گهڻو ڪري هي تمام ڪيو ويندو آهي ته، اَنَ جو روح لاباري يا ڳاهه واري وقت تي مري ويندو آهي. ناروي جي روميدال ۾ پوڻ حصن ۾، جڏهن سياري لاءِ گاهه ميڪاڻ جو ڪم ختم ٿي ويندو آهي، تڏهن ماڻهو چوندا آهن ته، "سڪل گاهه وارو ٻڍرمرد قتل ٿي ويو آهي." ٻئوريا جي ڪن علائقن ۾، ڳاهه ختم ٿيڻ وقت جهڪو ماڻهو آخرين ڌڪ هڻندو آهي تنهن لاءِ، اصل جي مناسبت مطابق، الين چيو ويندو آهي ته "هن ميڪالي - ماڻهوءَ، اوٽس - ماڻهوءَ يا ڪڻڪ - ماڻهوءَ کي قتل ڪيو آهي." لورين ۾ تيلاتي نالي هڪ علائقي ۾، جي آخري ڳاهه وقت، ڳاهه ڪندڙ پنهنجون لٺيون ساڳ ڌڪ هڻندا، هڪ آواز ۾، هي الفاظ بار بار ڳائيندا آهن: "اسين ٻوڙهيءَ عورت کي قتل ڪري رهيا آهيون! اسين ٻوڙهيءَ عورت کي قتل ڪري رهيا آهيون." جيڪڏهن ڪا ٻوڙهي عورت گهر اندر موجود هوندي آهي، ته کيس پاڻ بچائڻ لاءِ چتاءُ ڏنو ويندو آهي، ته متان کيس ڪو ڌڪ لڳي، جو ماري وجهيس. لتوانيا ۾ رلگينٽ وٽ، وڍڻ فصل جي پوئين مٺ کي اڪيلو ڇڏيو ويندو آهي ۽ هي الفاظ دهرايا ويندا آهن ته، "ٻوڙهي عورت (بوبا) انهيءَ اندر ويٺي آهي". ان کان پوءِ، هڪ نوجوان لاباري پنهنجو ڏاٽو تيز ڪندو آهي ۽ هڪ ئي طاقتور ڌڪ سان انهيءَ پوئين مٺ

کي لُٽي ڇڏيندو آهي. ان لاءِ ٻيءَ انهن جو ويندو آهي ته،
"هُنَ 'بويا' جي سڀ وڏي ڇڏي آهي" زميندار وٽان اهڙي
لاٻاري کي شاباش طور انعام ملندو آهي ۽ زميندار جي زال ٻارڻ،
سندس مٿي تي ٻاليءَ جو هڪ ڀريل ٻراڻ اوڍيو ويندو آهي. هڪ
ٻيءَ روايت مطابق، لٿوانيا جو هر هڪ لاٻارو پنهنجي ڪم کي
ختم ڪرڻ لاءِ عجلت ڪندو آهي، جو ته "راڻيءَ جي پوڙهي
عورت" پوئين ڪاٺ اندر رهندي آهي ۽ جيڪو به پوئين ڪاٺا
وڍيندو آهي، سو "راڻيءَ جي پوڙهي عورت" کي قتل ڪندو
آهي ۽ ڪيس قتل ڪري، هو پنهنجي مٿان مصيبت نازل ڪندو
آهي. ٽلسٽ ضلعي جي والڪيشڪي ناليءَ هڪ ڳوٺ ۾، جيڪو
مالهو سٿيءَ کان آخران اَنَ لڻيندو آهي، انهن کي "راڻي ـ عورت
جو قاتل" ڪوٺيو ويندو آهي. ورين لٿوانيا ۾ هيءُ اعتقاد آهي
ته، اَنَ جو روح، پنهي، ڳاهه ۽ لاٻاري، جي وقت تي ماريو
ويندو آهي. ڳاهه، واهه جڏهن باقي هڪ ڍير اَڻ ـ ڳاهيل وڃي
بچندو آهي، تڏهن ڳاهه وارا اوچتو ئي ٽي قدم اڳرو پٺتي هٽي
ويندا آهن، جڻ ته، ڪنهن وٽان حڪم مليو اٿن. ان کان پوءِ
آهي ڪم کي جنبي ويندا آهن ۽ پنهنجن لٺن کي انتهائي تيزيءَ
۽ زور سان وهائيندا ويندا آهن، تانجو اهي وڃي آخران سٿيءَ
تي پهچندا آهن. اهيءَ پوئين سٿيءَ تي آهي، ذري گهٽ جنوناڻ
جوش و خروش سان ۽ پنهنجي جسم جي هر هڪ رڳ کي ڇڪي
۽ تاڻي، تيسين انهن جا وڪارا ڪندا آهن، جيسين سندن اکوان
جي زبان مان صاف ۽ کڙاڪيدار آواز ۾ "اس ڪراو" جا الفاظ
اُٿيا ۾ نه بلند ٿيندا آهن. جنهن مالهوءَ جي لٺ "اس ڪراو"
جي حڪم مان کان بعد، سٿيءَ کان پوءِ هيٺ لڳندي آهي،
انهن کي باقي ٻيا هڪدم چوڌاري وڪوڙي ويندا آهن ۽ زور
زور سان رڙيون ڪندي چوندا آهن ته "هن تي پوڙهي راڻي ـ
عورت کي ڏک هٿي ماري وڌو آهي." اهيءَ فعل جي ڪفاره
طور ڪيس سٿيءَ کي ٻرانڊي پهاڙي پياڻي آهي ۽ اهيءَ ماڻهوءَ

والڪر، جهڙڪو آخرين آڻ وڍيندو آهي، ڪيس ۾ "پوڙهيءَ رانيءَ عورت جو قاتل" سمجهيو ويندو آهي. اٺويانا ۾ قتل ٿيل آڻ جي روح جي لماڻندگي هڪ ڪُنڌي جي ذريعي ڪئي ويندي آهي. چنانچه، آڻ جي ڪاڻ مان هڪ ڙاڻو مجسمو تيار ڪيو ويندو آهي، ڪيس ڪپڙا ڍڪايا ويندا آهن ۽ آخر ۾ ڪيس الهيءَ آڻ جي ڏيهر هيٺان ڪاهه واري ميدان ۾ رکيو ويندو آهي، جنهن جو باقي پٺي آڻ جي ڪاهه ڪاڻ پوءِ، آخر ۾ ڪاهه ڪاهڻ وارو هوندو آهي. ان ڪان پوءِ، ڪاهه وقت جهڙڪو ۾ سيني ڪان آخرين ڏڪ هڻندو هو، "سو اوڙهي عورت کي ڏڪ هڻي ماري وجهندو هو." آڻ جي روح جي لماڻند کي ڪنڌ مجسمي کي ڀاهه ۾ ساڙڻ جي مثالن سان اسين اڳئي روشناس ٿي چڪا آهيون. ياڪشاٿر جي ايسٽ ريڊنگ ۾ لاباري جي آخرين ڏينهن تي "پوڙهيءَ ڏائڻ کي ساڙڻ" جي رسم ادا ڪئي ويندي آهي. پٺيءَ ۾ آڻ جي هڪ مٽي، ٻاڙن مان ٺاهيل ڀاهه، جي مچ ۾ ساڙي ويندي آهي، ڀاهه تي مٽر پچايا ويندا آهن، جي شراب جي فراخدلانه مقدار سان گڏ کاڌا ويندا آهن. نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڀاهه جي شعلن جي چوگرد اچيندا آهن ۽ هڪ ٻئي جا منهن ڪارا ڪري واندر ڪندا رهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن وري آڻ جي روح جي لماڻندگي هڪ ماڻهو ڪندو آهي، جو آخرين لُڻيل آڻ هيٺان ليٽيو پيل هوندو آهي، اهو آڻ سندس جسم مٿان ڳاهيو ويندو آهي ۽ ماڻهو چوندا آهن ته "پوڙهي ماڻهوءَ کي ڏڪ هڻي، ماريو پيو وڃي." ڪڏهن ڪڏهن ته اسان ڏٺو سون ته زميندار جي زال کي آخرين لُڻيل آڻ سان گڏ ڳاهه واريءَ مشين اندر اڇن ڦٽو ڪيو ويندو آهي، جڻ ته، ڪيس ۾ ڳاهيو ويندو ۽ تنهن ڪان پوءِ وري ڪيس واڻرائي جو اڦل ان ڪيو ويندو آهي. ٽائرول ۽ وولڊرس وٽ، ڳاهه واهه جهڙڪو ماڻهو سيني ڪان آخرين ڏڪ هڻندو آهي، تنهنجي ڪنڌ پٺيان ٽوڙ چنبڙايا ويندا آهن ۽ سندس ڳچيءَ ۾ پلال جو هار وجهي سندس ساهه گهٽيو ويندو آهي. جيڪڏهن اهو ماڻهو قد و قامت جو بلند و بالا هوندو

آهي، ته ماڻهو چوندا آهن ته ٻنيءَ سان آنءَ ٻڌو ٿيندو. ان کان پوءِ ڪيس هڪ ڪنڌ مٿان ٻڌي، درياهه ۾ اڇلايو ويندو آهي. ڪئليفورنيا ۾، جنهن گاهه ڪندڙ آخرين ڏڪ هنيو هوندو آهي، ته گاهه جي ميدان ۾ جنهن ماڻهوءَ آنءَ جي پوئين سٿي کولي هوندي آهي، تنکي پلال جي رسيءَ سان اُڙن کان وٺي چوٽيءَ تائين ٻڌو ويندو آهي؛ سندس مٿي تي پلال جا تاج رکيل هوندا آهن. ان کان پوءِ ڪيس بغير ڦيٿن واريءَ گاڏيءَ ۾ آهستي سان ٻڌي سڄي ڳوٺ ۾ ڦيرائيندا آهن؛ بعد ۾ ڪيس ڪنهن ڪسيءَ ۾ ڦٽي ڪندا آهن. آنءَ جي روح جي نمائندي کي ڪسيءَ ۾ اڇلائڻ جي رسم ڪيس پاڻيءَ ۾ اڇلائڻ جي رسم وانگر، دستور مطابق، مينهن وسائڻ جي خاطري ڪرڻ لاءِ جادوءَ جو هڪ ٽوٽو آهي.

٣- هن وقت تائين آنءَ جي روح جا نمائندا گهڻو ڪري اهو مرد يا زال ٿيندي آئي آهي، جيڪا پويون آنءُ وڍيندي رهي آهي. تاهم هينئر اهڙين حالتن ۾ غور ڪرڻ وارا آهيون، جن ۾ آنءَ جي روح جو نمائندو کي لاباري وارين ٻنين جي پاسي مان لنگهندڙ ڪنهن اجنبيءَ (جيئن لٽيرسز ڳالهه ۾ آهي) يا ٻنيءَ ۾ پهريون دفعو داخل ٿيندڙ ڪنهن ملاقاتيءَ مٿي ڪئي آهي. جرمنيءَ جي طول وعرض ۾ هيءَ رسم عام جام آهي ته اناج جا لاباري ڪندڙ يا گاهه گاهيندڙ راهگير اجنبين کي پڪڙي، ڪڻن ڪانن منجهان ٺاهيل رسي ۾ ٻڌي، تيستائين پاڻ وٽ رکندا آهن، جيستائين اهي ڏنڊ ڀرين؛ جڏهن زميندار يا سندس مهمانن منجهان ڪو هڪ، ٻنيءَ يا گاهه جي ميدان ۾ پهريون دفعو داخل ٿيندو آهي، تڏهن اهڙي سان به ساڳيو سلوڪ ڪيو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن رسي فقط سندس ٻانهن، يا پيرن يا سندس ڳچيءَ جي چوڌاري وڙهي ويندي آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن ته ڪيس باقاعده طور آنءَ ۾ ڍڪيو ويندو آهي. چنانچه، ناروي ۾ سولور وٽ، جيڪو به ٻنيءَ اندر پير رکندو آهي، خواهه اهو وڏيرو هجي، يا سندس هاري، تنهن کي آنءَ جي مٺيءَ ۾ بند ڪيو ويندو آهي؛ ڪيس پنهنجي آزادي خريد ڪرڻي پوندي آهي. سولمسٽ جي اسڪردائيءَ

۾ جڏهن زميندار فلٽڪس پنهندڙن وٽ ٻارڻ ڏني ويندو آهي،
تڏهن کيس فلٽڪس ۾ مڪمل طور ويڙهيو ويندو آهي. راهگيرن
کي ٻه عورتون وڪوڙي وينديون آهن، کين فلٽڪس ۾ ٻنڌ
ڪري ڇڏينديون آهن ۽ ڪالهه پرانڊي جي ڄام جي زوري
تقاضا ڪنديون آهن. مارڊلنگن وٽ اجنبين کي هلال جي رسن
سان جڪڙيو ويندو آهي ۽ کين اَن جي مٿي واڪر پڌو ويندو
آهي، تان جو اهي ڏنڊ ڏيئي آزادي حاصل ڪندا آهن. مغربي
پوميا ۾، هشيابرگ جي جرمن نسل وارن ماڻهن ۾، جڏهن
زميندار پنهنجي اَن جي ذخيري جو سڀ کان آخرين حصو کاٺ
واري ميدان ڏانهن ڳاهڻ لاءِ موڪلي ڏيندو هو، تڏهن کيس
ان ۾ ليٽيون پاراڻي ڏڦن ڪيو ويندو هو، جيستائين هو
مالڪ جو تحفو پيش ڪري پاڻ بچائي. مارمنڊي ۾ ٻوائنجز جي
ضلعي ۾، ٻنيءَ جي مالڪ کي آخرين وڍيل ڪڻڪ جي مٿي ۾
پڌڻ جي رسم جو اجا تائين نقل ڪيو ويندو آهي، يا ڪرال
ڪم انڪل هن صديءَ جي چوٿين حصي کان اڳ تائين اهو
ڊونگ اجا ۽ رچايو ويندو هو. اهو ڪارنامو سرانجام ڪرڻ فقط
عورتن جي پاڳپ ۾ هوندو آهي. اهي ٻي ٻنيءَ جي مالڪ تي
حملو ڪنديون آهن ۽ سندس پاٻورن، ٽنگون ۽ ٻڌن مضبوطيءَ
سان جڪڙي، کيس زمين تي اڇلائينديون آهن ۽ آخرين وڍيل
مٿيءَ تي ڍڳهو ڪري سهارينديون آهن. ان کان پوءِ کيس پڌڻ
جو ڊوانگ رچايو ويندو آهي ۽ لاباري کانپوءِ جيڪا دعوت
منعقد ڪئي ويندي آهي، تنهن ۾ ڇهڙا شرط شروط رکيا ويندا
آهن، تن جي متعلق کانئس انوقت رضامندي ورتي ويندي آهي. جڏهن
هو اهي شرط تسليم ڪندو آهي، تڏهن کيس ڇڏيو ويندو آهي
۽ کيس اٿڻ جي اجازت ڏني ويندي آهي. 'آئيل دي فرانس' جي
پراڻي ماڳ هڪ مقام وٽ، جڏهن ۽ ڪو اهڙو ماڻهو، جيڪو
ٻنيءَ سان واسطو ڪونه هوندو آهي، لاباري واري ٻنيءَ وٽان
اچي لنگهندو آهي، تڏهن لاباري سندس پٺيان پوندا آهن. جيڪڏهن

هو قاصي ٻولدو آهي، ته ڪيس هڪ سٺي ۽ ٻڌو ويندو آهي. لاٽاري وارن ماڻهو هرهڪ واري وٽي سان ڪيس ٻشائي ۽ هڪ چڪ ٻالبندو ۽ وڏي آواز ۾ چولدو ويندو آهي، ”تو کي ٻني جي ڪنجي ڪٿي ٻولدي“. ”ڪنجي هٿ“ جو محاورو لاٽاري وارا ٻئي ڪنهن هنڌ آخرين سٺي ويڻ يا ٻڌڻ يا ڳاهڻ جي مفهوم ۾ استعمال ڪندا آهن، چنانچه، اهو محاورو ”ٻرمرد لووٽ آهي“، ”تون ٻي ٻرمرد آهين“ جي هم معني آهي، جن سان آخرين سٺيءَ جي ويڻندڙ، ٻڌندڙ يا ڳاهيندڙ کي مخاطب ڪيو ويندو آهي. چنانچه، جڏهن ڪنهن اڄوڻي کي آخري سٺي ۾ ٻڌو ويندو آهي، جيئن ٻرالي واري مقام وٽ ڪيو ويندو آهي، ۽ جڏهن کيس چيو ويندو آهي ته ”ڪيس ٻني جي ڪنجي ڪٿي ٻولدي“ تڏهن سندس معني اها هوندي آهي ته هو ٻاڻ لي ٻرمرد، يعني آن جي روح کي جان بخشيندڙ شخصيت آهي. ”هاپ“ ٽالي هڪ ميوو جي ٻڻ واڻ، جڏهن ڪو خوش ٻوشاڪ اڄوڻي ”هاپ“ ميوي جي ميڻهن وڻان اچي لنگهندو آهي ته اٽالڪ جون هاپ چنج ڪندڙ عورتون کيس ٻڪڙي، گند جي دبي اندر ڦٽو ڪنديون آهن ۽ کيس تيسيه انهه هرطال ڏيکي دبي ۾ بند ڪري ڇڏينديون آهن، جيستائين هو ڪجهه ڏانڊ ڏئي جان ڇڏائي.

چنانچه، قديم لٽيرسز واڪر، جديد يورپ جي لاٽاري لٺيندڙن ۾ ڪنهن اڄوڻي راهگير کي ٻڪڙڻ ۽ کيس آن جي سٺي ۾ ٻڌڻ جي رسم هاڻدي آئي آهي. هي اميد ته رکڻ گهرجي ته متوازي مثال کي مڪمل ڪرڻ لاءِ اهي سندس گردن ۾ ويڻ جڏاڻ ۽ ٻر جيڪڏهن اهي ڪو اهڙو سخت الدم ته تا ڪٿي، ته ڪرازڪر سندن ٻولي ۽ اشارا سندن اهڙي خواهش جا مظهر هوندا آهن. مثال طور ميڪلنبرگ ۾، لاٽاري جي اڙاڻ ڏينهن، جيڪڏهن ٻني جو مالڪ يا مالڪاڻي يا ڪو اڄوڻي ٻني ۾ اندر داخل ٿيندو يا فقط ٻني جي پاسي مان ئي لانگهائو ٿيندو آهي، ته سيوئي لاٽارا ڏاڻهنس منهن ڦيرائي، انهنجن ڏاٽن کي تيز ڪرڻ

لڳندا آهن، ۽ سڀئي ڄڻا گڏجي هڪ ئي وقت پنهنجون روحون
کي ڏائڻن مان اهڙيءَ طرح نڪرائيندا آهن، ڄڻ ته اهي لاباري
وڃڻ لاءِ تيار ٿي رهيا آهن. پوءِ جيڪا عورت لاباري وارن جي
اڳواڻيءَ ۽ هدايت ڪندي آهي، سا اندر وڃي، انهيءَ ماڻهوءَ جي قريب
اچي، سندس ڏائيءَ پاڻ ۽ هڪ ٻئي پڏندي آهي. انهيءَ حالت
مان ڪوس ڏاڍ جا پشما پري، پاڻ چڏائڻو پوندو آهي. لانزيبرگ
جي انديڪ، جڏهن بنيءَ جو مالڪ يا ٻيو ڪو معزز شخص بنيءَ
۾ داخل ٿيندو آهي، يا ان جي پاسي کان لانگهائو ٿيندو آهي،
تڏهن سڀئي لابارا ڪم بند ڪري، هڪ مجمع جي صورت ۾
ڏاهڻ ويندا آهن ۽ انهيءَ وچ ۾ مرد پنهنجا ڏائڻا اڳيان ڪري
جهليندا آهن. ساڻس ملڻ وقت عورتون ۽ مرد، ٻئي سڏي قطار
ٺاهي بيهندا آهن. مرد پنهنجن ڏائڻن جي دستن کي اهڙيءَ طرح
زمين ۽ الڪالي چڏيندا آهن، جڏهن اهي ڪهڙي تيز ڪرڻ وقت
ڪندا آهن، پوءِ اهي پنهنجون ٽوپيون لاهي ڏائڻن تي لٽڪائي
چڏيندا آهن ۽ سندن مهندار قطار کان ٻاهر نڪري هڪ تقرير
ڪندو آهي. جڏهن هو پنهنجي تقرير ختم ڪندو آهي، تڏهن
سڀئي لابارا گڏجي پنهنجن ڏائڻن کي وڏي آواز ۽ سڀر مان تيز
ڪندا آهن، جنهن کان پوءِ اهي پنهنجون ٽوپيون پائيندا آهن.
سٺين پڏن وارين عورتن مان ٻه چئيون اڳتي ايندييون آهن، منجهانئن
هڪ جي مالڪ يا اجنبيءَ (جهڙي حالت هوندي آهي) کي اٽي جا
سنگ يا ريشمي ٽي پڏندي آهي، ٻي جي کيس راڳ جي صورت
۾ خطاب ڪندي آهي. اهڙن موقعن تي لاباري لڻڻ وارا جيڪي
تقريرون ڪندا آهن، تن مان چند مثال هيٺ ڏجن ٿا. آورينيا
جي ڪن علائقن ۾ ته هرهڪ راهگير کي اهاريو ويندو آهي،
جو سندس رستي جي آرپار ڦلال مان ونيل هڪ رسو پڌل هوندو
آهي. لابارا راهگير جي چوڌاري پاهون پڌي ويندا آهن ۽ پنهنجا
ڏائڻا تيز ڪندا آهن، سندن اڳوان چوندو آهي:

"ماڻهو تيار آهن، آلا وڏو ۽ نئيو آهي،

ڏاڍا اڻڀل آهن، هن شريف ماڻهوءَ کي لٺ گهرجي."
پوءِ ٿ، ڏاڍيءَ کي اهڙ ڪرڻ جو سلسلو دهرايو ويندو آهي. اسٽيٽن ضلعي جي رامن گوٺ وٽ، لا باري وارڻ جي گهوڙي هيٺ آيل اجنبيءَ کي هيٺين خطاب ڪيو ويندو آهي:

"اسين هن شريف انسان کي اوڪي ڏينداسون،
پنهنجيءَ لنگيءَ تلوار سان،
جنهن سان اسين وڏيون ٽا پارا ۾ پنيون،
اسين وڏيون ٽا شهزادن ۽ نوابن کي،
ڪهي عام طرح اڇايل هوندا آهن،
جڏهن هيءَ شريف انسان اسان کي پيشاري ۾ ور ۾ پرانجي،
ته هيءَ مسخري هوند جلد ٿئي ختم،
پر جڏهن اسان جو عرض ڪوس نا پسند آ،
ته تلوار کي حق ڏڪ هڻڻ جو به آ."

ڳاهه واري ميدان تي اجنبين کي ان جي روح جي زندگي بخشيندڙ شخصيت به سمجهيو ويندو آهي ۽ ان ڪري سانس اهڙي ئي هلت ڪئي ويندي آهي. هليسوڪ ۽ ويبڊگارڊ وٽ جڏهن به ڪو اجنبي ڳاهه واري ميدان ۾ ايندو آهي، تڏهن ڪاڻس هيءَ سوال دريافت ڪيو ويندو آهي ته، "چا، توکي چهبڪ وارو ناچ سيکاريان؟" ۽ جڏهن هو ها چوندو آهي ته پوءِ اهي ڳاهه واري چهبڪ جون پاڇون سندس ڪڇيءَ ۾ اهڙيءَ طرح وجهندا آهن، جو ته هو فقط آن جي هڪ سٽي آهي ۽ انهن کي ايتري زور سان دبائيندا آهن، جو هن جو ساهه ذري گهٽ نڪرڻ تي هوندو آهي. ورملتئنب (سٽينبڪ) جي ڪن ضلعن ۾، جڏهن ڪو اجنبي اهڙي ڪنهن ڳاهه واري ميدان ۾ وجهي نڪرندو آهي، جتي ڳاهه ڳاهجي رهيو هوندو آهي، تڏهن ماڻهو چوندا آهن ته،" اهي ڪنس ڳاهه جو راڳ سيکاريندا." پوءِ سندس ڪڇيءَ ۾ ڳاهه جو چهبڪ وڌو ويندو آهي ۽ سندس بدن کي پلال جو رسو ويڙهيو ويندو آهي. وري، جيئن اسين ڏسي آيا آهيون، جڏهن ڪا

اجنبي عورت ڳڻي، جي ميدان ۾ اچي نڪرندي آهي ته، ڳڻي، وارا
سندس جسم کي ڳڻي، وارو ڇهڪ وڌندا آهن ۽ ڪالن مان
ٿلهو هڪ هار کڇيءَ ۾ وجهندا اٿس ۽ پوءِ واڪو ڪري چوندا
آهن: ”اڙي! آءُ ماڻهوءَ کي ڏسو! ڏسو! آءٌ ڪنواري اٿڻ ٿي
ڏسڻ ۾ ايندي آهي!“

چنانچه، جديد يورپ جي لاباري وارين الهن رسمن ۾ جهڙو ماڻهو آخري ان وڍيندو، ٻڌندو يا ڳاهيندو آهي تنهن سان ان جي سٿڻ ۾ واڌ هڻ، زرعي اوزارن وسيلي مارڻ جي نقل ڪرڻ ۽ باليءَ ۾ اڇلائڻ ذريعي ان جي روح جي زندگي ڏيندڙ شخصيت وارو سلوڪ ڪيو ويندو آهي. ٽيئرمز واريءَ ڳالهه سان الهن اتفاق جي اشتراڪ مان هيءَ ڳالهه ثابت ٿيندي معلوم ٿئي ٿي ته، ٽيئرمز ارالهکيا وارن جي لاباري جي قديم رسم جو حقيقي بيان آهي، ۽ جيئن ته جديد دور جي متوازي مثالن ۾ اَنَ جي روح جي شخصي نمائندي جي قتل کي لازمي طور نظر انداز ڪيو ويندو آهي، يا زياده ڪان زياده ان جو نقل ڪيو ويندو آهي، ان ڪري هيءَ ڳالهه ڏيکارڻ ضروري آهي ته غير مهذب معاشري ۾ زمين جي آباديءَ جي طاقت ۾ اضافي آڻڻ لاءِ انسانن کي عام طرح هڪ زرعي رسم جي حيثيت ۾ قربان ڪيو ويو آهي. هيٺيان مثال انهيءَ حقيقت کي واضح ڪندا.

٣- فصلن لاءِ انساني قربانيون: پوڪيدار ۾ ڳتي پاڪول جا ڳاڙها هندستاني جڏهن زمين پٽين ۾ ٻج ڇٽيندا هئا، تڏهن ماڻهن جو رت ۽ ماڻهن جون دليون قربان ڪندا هئا. ڪنوار (هيٺئر ڪيواڪا-پوڪيدار) جا ماڻهو هرسال لاباري وقت هڪ سو ٻار قربان ڪندا هئا. انهيءَ خونخوار رسم کي پنجين ڏهن ۾ ڪنهن جا بادشاهه پيروءَ جا انڪاس ۽ ڪافي ڳوٺي عرصي تائين هسپانوي حڪمران ناڪامياب رهيا هئا. ميڪسيڪو وارن جي لاباري جي هڪ رسم ۾، جڏهن موسم جا قربان سوا سورج ديوتا جي حضور ۾ پيش ڪيا ويندا هئا، تڏهن هڪ ڏوهاريءَ

کي ٻه وڏن پٿرن جي وچ ۾ ٻهارڻو ويندو هو، جن کي هڪ ٻئي جي عين سامهون اڏ ڏيئي ٻهارڻو ويندو هو ۽ جيئن ئي اهي ٻئي پٿر هڪ وات گڏجي هيٺ ڪرندا هئا، تيئن ئي اهو ماڻهو انهن جي وچ ۾ پيسجي ويندو هو. سندس لاش دان ڪيو ويندو هو، جنهن کان پوءِ هڪ دعوت ۽ ناچ منعقد ڪيو ويندو هو. انهيءَ رسم کي ”پٿرن جو ميلاپ“ سڏيو ويندو هو. اهڙي ڏسي آيا آهيون ته ميڪسيڪو جا قديم باشندا مڪائيءَ جي واڌ جي مختلف منزلن تي ماڻهن جي قربانيون ڪندا هئا ۽ انهن قربانين ۾ قربان ٿيندڙ ماڻهوءَ جي عمر جو مڪائيءَ جي ڄمار سان تناسب رکيو ويندو هو، جو ته ٻجي وقت اهي نوان ڄاول ٻار، انَ جي سلن نڪرڻ وقت ڪجهه زياده وڏا ٻار، وغيره قربان ڪندا هئا، تان جو جڏهن مڪائي اچي راس ٿيندي هئي، تڏهن اهي پوڙهن ماڻهن کي قربان ڪندا هئا. هن ۾ ڪو به شڪ ناهي ته قربان ٿيندڙ ماڻهن جي ڄمارن ۽ مڪائيءَ جي مختلف منزلن جي درميان تناسب کي انهيءَ ٻوٽي جي اثر کي وڌائيندڙ سمجهيو ويندو هوندو.

پالي ٻيٽن جا ڪاڙها هندستاني هرسال موسم بهار ۾ ٻج ڇٽڻ وقت هڪ ماڻهوءَ جي قرباني ڏيندا هئا. سندن اعتقاد هو ته انهيءَ رسم ادا ڪرڻ جو حڪم ڪنهن ”صبح جي ستاري“ يا ڪنهن اهڙي پکيءَ وٽان مليو هو، جنهن کي ”صبح جي ستاري“ پنهنجو پيغامبر ڪري وٽن موڪليو هو. انهيءَ پکيءَ جي لاش کي پوسي سان ڀري، کين هڪ طاقتور طلسم طور محفوظ ڪيو ويو هو. سندن خيال هو ته انهيءَ قربانيءَ کي نظرانداز ڪرڻ سبب مڪائيءَ، دالين ۽ ڪدن جا فصل بلڪل ناڪامياب ٿيندا. قربانيءَ طور پيش ٿيندڙ انسان ڪنهن به جنس جو ٿيندي هوندو هو. کيس انتهائي ڀڪدار ۽ اعلا قيمتي لباس ڍڪايو ويندو هو، چڱا طعام کارائي سان کيس ٿلهو ڪيو ويندو هو ۽ کيس سندس انجام کان ڏاڍي احتياط سان بيخبر رکيو ويندو هو. جڏهن هو ڪافي ٿلهو ٿي ويندو هو، تڏهن سندس محافظ هجوم جي روبرو کيس صليب سان ٻڌندا هئا، جنهن

کان پوءِ اهي سنجيده امر جو ناچ ڪري، ڪهاڙيءَ سان سندس مٿو ٻه اڌ ڪندا هئا ۽ کيس ٽڪر ٽڪر ڪندا هئا. هڪ واپاريءَ جي بيان مطابق، سرخ هندستانين جون عورتون انهيءَ بدنصيب جي گوشت جا ٽڪرٽڪر ڪنديون هيون، جنهن سان اهي پنهنجن راڄن کي سٺو ڪنديون هيون؛ ۽ هڪ ٻئي واپاريءَ، جنهن اها رسم پنهنجين اکين سان ڏٺي هئي، انهيءَ بيان جي ترديد ڪئي آهي. قرباني ڏيڻ کان هڪدم پوءِ، ماڻهو پنهنجن پنهنجن پوکن لاءِ هليا ويندا هئا. ڳاڙهن هندستانين جي "سوڪس" قبيلي وارن جي هڪ ڇوڪريءَ جي قربانيءَ جو، جيڪا "پاني" قبيلي وارن سنه ١٨٣٧ يا ١٨٣٨ع ۾ ڏني هئي، هڪ مخصوص بيان محفوظ رکيو ويو آهي. اها ڇوڪري چوڏهن يا پندرهن سالن جي هئي ۽ کيس ڇهن مهينن تائين سٺو رکيو ويو هو. قربانيءَ کان ٻه ڏينهن اڳ، سڀني اترين مڙسن ۽ جنگي جوڌن جي سڄيءَ ڪائونسل جي همراه کيس هڪ گهر کان ٻئي ۾ ڦيرايو ويو. هر هڪ گهر مان کيس ڪاٺيءَ جو هڪ ننڍو دستو ۽ ٿورو رنگ ملندو رهيو، جو هوءَ پنهنجي ترتيب پٺيان هڪ جوڌي کي ڏيندي ويئي. انهيءَ طريقي سان هوءَ هر هڪ گهر ويئي، جتان کيس ڪاٺ ۽ رنگ جو ساڳيو ايڪڙو ملندو رهيو. پاويهين اپريل ۾ کيس قربان ڪرڻ لاءِ ٻاهر آندو ويو ۽ سندس پٺيان سڀئي جنگي جوڌا، جن مان هر هڪ جي هٿ ۾ انهيءَ ڪاٺ جا ٻه ٻه ٽڪر هئا، جي انهن کي ڇوڪريءَ وٽان مليا هئا، جلوس جي صورت ۾ هلندا رهيا. سندس بدن جي اڌ حصي کي سرخ رنگ لڳايو ويو هو ۽ ٻئي اڌ کي سياهه. کيس هڪ اسر جي ڦاهيءَ ۾ لٽڪايو ويو ۽ ڪجهه وقت تائين مٺيءَ باهه تي ساڙيو ويو، جنهن کان پوءِ کيس تير هنيا ويا. قرباني ڏيندڙن جو سردار پوءِ سندس سينو چاڪ ڪري، ڌڙڪندڙ ڇوڪريءَ جي دل ڪڍي، ڳڙڪائي ويو. اڃا سندس گوشت ڪجهه گرم ئي هو، ته ان کي ننڍن ننڍن ٽڪرن جي صورت ۾ هڏن کان جدا ڪري وڍيو ويو ۽ انهن ٽڪرن کي ننڍڙن ٽوڪرن ۾

وڃڻ پر واري ۾ ٻنهي ڏاهن ليڙن وارو. اتي وري ٻنهي سردارن جي وڏي سردار ٽوڪري مان گوشت جو هڪ ٽڪرو ڪڍي ڪري، ڪاس زور ڏنو ۽ منجهائس ڪجهه رت جو هڪ ڦڙو ڪڍيو، سو تازي ڇنڊيل اڄ جي داڻن مٿان ڇڻڪايو. ٻين سردارن به ساڳئي مثال جي تقليد ڪئي، تان جو سڄي اڄ مٿان رت ڇٽيو ويو، ان کان بعد اڄ کي مٽيءَ سان ڍڪيو ويو. هڪ روايت مطابق، قربان ٿيل ماڻهوءَ جي بدن مان هڪ اسم جي لاءِ ٿاهي ويندي هئي جا، ۽ فقط مڪائيءَ، ۽ ٽڪڙن، دالين ۽ ٻين ٻجن لاءِ به، ڪين آباديءَ جي قابل ٿائين لاءِ مٿي ۾ ڇڻڪائي ويندي هئي. انهيءَ قربانيءَ ڪرڻ سان ڪين پرپور فصلن حاصل ٿيڻ جي توقع هوندي هئي.

اولهه آفريڪا جي هڪ راڻي، هر سال مارچ مهيني ۾ هڪ مرد ۽ هڪ زال جي قرباني ڪندي هئي. انهن کي ٻاهڻ ۽ ڪوڏرين سان ماريو ويندو هو ۽ سندن لاش ڪنهن اهڙيءَ ٻنيءَ جي عين وچ ۾ دفن ڪيا ويندا هئا، جنهن تي تازو هر هلايو ويو هوندو هو. ڪالناچي لاگوس علائقي ۾، سال بسال هڪ ڇوڪريءَ کي لٽڪائي مارڻ جي رسم هوندي هئي، اها ڪارروائي موسم بهار ۾ ڏينهن ۽ رات هڪ جيتري ٿيڻ کان جلد ئي پوءِ، پلي فصل حاصل ڪرڻ لاءِ ڪئي ويندي هئي. ساڻس گڏ رڍون ۽ ٻڪريون به قربان ڪيون وينديون هيون، جن کي مڪائيءَ جي سنگن ۽ انن سان گڏ انهيءَ ٿنڀ جي ٻنهي طرفن کان لٽڪايو ويندو هو، جنهن سان ڇوڪريءَ کي پڻ قربان ڪيو ويندو هو. قربان ٿيندڙ ماڻهوءَ کي انهيءَ مقصد لاءِ بادشاهه جي محلات ۾ پاليو ويندو هو ۽ سندن دلين تي جادوگر اهڙو ته زوردار اثر وجهندا هئا، جو اهي ڪلندي ڪڏندي موت جي منهن ۾ هليا ويندا هئا. گائنا ۾ اينڊ وٽ، ساڳئي قسم جي قرباني سال بسال ڪئي ويندي هئي. پيچوالا ۾ آباد، شرموموڦالي هڪ اوڀلو، فصلن جي بهتريءَ لاءِ ماڻهو قربان ڪندو آهي. قربان ڪرڻ لاءِ هو عام طور اندي قد واري مضبوط ماڻهوءَ کي چونڊيندا آهن. ڪنهن زوردستيءَ پڪڙيو،

يا لشيءَ ۾ بيهوش ڪيو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ ڪمن پنهنجي ۾ آڻي ڪٽڪ ۾ ذبح ڪيو ويندو آهي، ته جيئن آهو "بچ" (جيئن آهي چوندا آهن) جو ڪم ڏئي. سج جي گرميءَ ۾ سندس رت جي جنهن کان پوءِ ان جي پيشانيءَ واري هڏي، ۽ ان سان چهنبل ماس ۽ موچالي کي ساڙيو ويندو آهي، بعد ۾ ذرڙيءَ کي پاڻي ڪرڻ لاءِ انهيءَ رک کي زمين تي منتشر ڪيو ويندو آهي.

فلپائن جزرن جي مينڊاناءَ ٻيٽ ۾ رهندڙ باگوبو ابيلي وارا پنهنجي ۾ جانورن ٻوڪن کان اڳ هڪ ماڻهو قربان ڪندا آهن. اهو ماڻهو ٻانهو هوندو آهي، جنهن کي پيلي ۾ وٺي وچي ڪهاڙن سان ٽڪر ٽڪر ڪيو ويندو آهي. فلپائن ٻيٽن سان لوزان ٻيٽ جي اندروني علائقي ۾ بونٽوڪ وٽ رهندڙ ابيلي وارا، انساني گردن جا تمام جوشيلا ۽ شوقين شڪاري آهن. ماڻهن جي سرن جي شڪار ڪرڻ لاءِ سندن مکيه موسم، جانورن ٻوڪڻ ۽ لڻڻ وارا وقت آهن. پوءِ فصل ڪٽڻ لاءِ، هرهڪ کيت کي پوکڻ ۽ لاباري ڪرڻ وقت، گهٽ ۾ گهٽ هڪ انساني سسي لازمي طور هٿ ڪرجي. انساني سرن جا شڪاري ٻن ٻن ۽ ٽن ٽن جي ٽولين ۾ شڪار لاءِ نڪرندا آهن. شڪار جي انتظار ۾، خواه اهو مرد هجي يا عورت، ڪمينگاهه ۾ لڪي ويهندا آهن، سندس سسي، هٿ ۽ پير وڍي، تمام گهڻيءَ اڪڙ سان پنهنجي ڳوٺ کڻي ايندا آهن، جتي وڏن شادمانن سان سندن استقبال ڪيو ويندو آهي. ڪواڙن کي اهرائن ۾ يا ٽن ڪل وڻ جي شاخن تي رکيو ويندو آهي، جي هرهڪ ڳوٺ جي ميدان ۾ وڏن پترن جي کهري اندر بيٺل هوندا آهن، ۽ جي وڻن جي چانئه جو ڪم ڏيندا آهن. پوءِ ته ماڻهو انهن جي چوگرد اچندا، خوشيون ڪندا ۽ خوب شراب پيئندا آهن. مٿي جو گوشت جڏهن سڙڻ شروع ٿيندو آهي، تڏهن اهو ماڻهو، جنهن اها سسي وڍي هوندي آهي، ان کي يادگار طور محفوظ رکڻ لاءِ پنهنجي گهر کڻي ويندو آهي ۽ سندس ٻيا ساٿي هٿن ۽ پيرن سان ساڳي

ڪارگذاري ڪندا آهن. ساڳي ئي اسم جون رسمون ليوزاڻ جي الدروليءَ علائقن ۾ آباد "اليوپائرز" نالي هڪ ٻيو ٽولو به ادا ڪندو آهي.

ٽهوڙا ناگا ٽبلي وارن ۾، جو آهن متعدد وحشي ٽولن مان هڪ آهي، جي برهمپترا نديءَ جي سرسبز ماٿريءَ مان اندڙ اوائهه ٽڙلي لين جي چار جي ڪنارن تي آباد آهن، جي وروڪڙ ڪنهن اوچن جبلن ۾ داخل ٿين ٿيون، هيءَ رسم عام هوندي هئي ته اهي جڏهن ماڻهن مان ملندا هئا، ان جا مٿا هٿ ۾ ڌار جدا ڪري، انساني جسم جي آهن وڏي لڪ اجزائن کي ڏگهن لڪڙن ۾ الڪائي، مٿي چاڙهي ڇڏيندا هئا، ته جيئن ٻلي فصل جي خاطري ٿئي. جن ماڻهن تي آهي اهي غير رسمي جراحي جو اهڙو عمل ڪندا هئا، ان جي خلاف سندن دلين ۾ ڪاٻه اثري ايت ڪال هولدي هئي. هڪ ڏاهي، آهن هڪ جيئري ڇوڪري جي ڳل لائي ۽ سندس گوشت کي ٽڪر ٽڪر ڪري، سڄي ڳوٺ جي ماڻهن ۾ تقسيم ڪيو، جنهن الذمتيءَ کي روڪڻ ۽ آنَ جي ٻلن اصلي ڪٽڻ جي خاطري ڪرڻ لاءِ اهي گوشت جا ٽڪر آنَ جي ڳنڍين ۾ ڪٽي رکيا. هندستان جي دراوڙ اسل جي "گونڊ" نالي هڪ ٽبلي وارا برهمڻ ڇوڪرن کي اغوا ڪري، ڪن مختلف موقعن تي ارپاڻ ڪرڻ لاءِ پاڻ وٽ قيد ڪري رکندا هئا. ٻج پوکڻ ۽ لاباري جي وقتن تي، قتحابيءَ جي جلوس ڪيڻ ڳاڻ پوء، اهڙن ڇوڪرن مان هڪ کي، زهر ۾ ٻڏل تير مان سوراخ ڪري ماريو ويندو هو. پوءِ سندس رت هر هڪ ڳوڙهل ٻنيءَ يا پڪل آن مٿان ڇڙڪايو ويندو هو ۽ سندس گوشت ڳاڏو ويندو هو. ڇوٽا ناگپور جي "اورائون" يا "اورائون" ٽبلي وارا "النا ڪٿاري" نالي هڪ ديويءَ جي پوڄا ڪندا آهن، جا ڀلا فصل بخشي ۽ ماڻهوءَ کي شاهوڪار بڻائي سگهي ٿي، ان کي اُتي ڪرڻ واسطي آماده ڪرڻ لاءِ، ماڻهن جون قربانيون ڏيڻ ضروري آهن. برطانوي حڪومت جي چوڪسيءَ جي باوجود، اهي قربانيون اڃا تائين پوشيده طور

ڏانهون وينديون آهن. عام طرح، جڏهن ماڻهو قربان ڪيا ويندا آهن، سي گهڻو ڪري رولو ڇوڪرا ۽ غريب ماڻهون هوندا آهن، جن جي گمشدگي ڪنهن جي به ڌيان تي ڪانه ايندي آهي. اوڀر ۾ مٿي جا اهي به مڃيندا آهن، جڏهن انساني سڀڻ جا شڪاري پنهنجا خونخوار لڪڙا ڪڍي، لوهه لاءِ ٻاهر نڪري ويندا آهن. اهڙي وقت تي، اجنبي ماڻهو اڪيلائيءَ ۾ ڪيڏانهن به نه ويندا آهن ۽ والدين پنهنجن ٻارن کي ٻاهر ۾ داخل ٿيڻ يا ڪاٿي وڃڻ جي اجازت نه ڏيندا آهن. جڏهن شڪاريءَ کي شڪار هٿ ڪونه هوندو آهي، تڏهن هو شڪار ٿيل ماڻهوءَ جو گلو وڍي، سندس هٿ جي منڊيءَ واريءَ آڱر جو مٿيون حصو ۽ نَڪ وڍي، پاڻ سان گڏ کڻي ويندو آهي. ديوي اهڙيءَ ماڻهوءَ جي گهر ۾ پنهنجو آستانو ٺاهيندي آهي، جنهن کيس قربانيءَ لاش ڪٽي هوندي آهي ۽ اهڙيءَ وقت کان وٺي، سندس پيڙهيون پيءُ اصل ڏينديون آهن. اها ديوي گهر ۾ هڪ انڌي ٻار جي صورت اختيار ڪندي آهي. گهر جو مالڪ، جڏهن پنهنجا اَڻ ڇڙيل چانور گهر آڻيندو آهي، تڏهن هو ديويءَ کي کڻي، پنهنجي چانورن جي ڍير کي ٻيڻي ڪرڻ لاءِ، ڍير جي مٿان ليٽيون پارائيندو آهي. ۽ جلد ئي هوءَ بي آرام ٿيڻ لڳندي آهي ۽ کيس تازي انساني رت ڏيڻ سان ئي ٺڏو ڪري سگهبو آهي.

۽ انساني قربانيءَ ڏيڻ جو هڪ مشهور ۽ معروف مثال، جنهن ۾ پيلتي فصلن حاصل ڪرڻ جي خاطري ڪرڻ لاءِ باقاعده طور انساني ٻلي چاڙهيا ويندا آهن، اونگال جي 'کوانڊ' يا 'ڪاالڊ' ٽالي هڪ قبيلي جو آهي، جو ان درازي نسل جو هڪ پيو قبيلو آهي. انهن جي متعلق اسان کي جيڪا معلومات حاصل ٿي آهي، سا انهن برطانوي آفيسرن جي ذريعي اسان وٽ پهتل آهي، جي اڻويهين صديءَ جي اڌ ڌاري انهيءَ قبيلي جي ڪاررواين کي دٻائڻ ۾ مصروف هئا. اهي قربانيون ڌرتي ديويءَ، "تاري پيني" يا "بيرا پيني" جي حضور ۾ پيش ڪيون وينديون هيون، جن جو

مقصد پڻ انهن جي خاطري ڪرڻ ۽ سڀني مرضن ۽ حادثن کان حفاظت حاصل ڪرڻ جو هو. خصوصي طور، اهي ارواحون جن جي پوڄ لاءِ ضروري سمجهيون وينديون هيون، جهڙا ڪوئلن جو ان بارو ۾ هيءُ دليل هو ته رت وهائڻ کان سواءِ جن جو راڳ ٻڌي سگهجي ڪو، ٿي سگهندو. قربان ٿيندڙ ماڻهو، يا "ميرياه"، جيئن ڪوئلا کيس سڏيندا هئا، ديويءَ کي فقط ان حالت ۾ قبول پوندو هو، جڏهن کيس خريد ڪيو ويندو هو، يا اهو جنم کان ئي قربان ٿيڻ لاءِ پيدا ٿيو هوندو هو— يعني جيڪڏهن هو اهڙي پيءُ مان پيدا ٿيو هوندو هو، جنهن کي ديويءَ جي چرڻ ۾ قربان ڪيو ويو هو، يا جيڪڏهن کيس ننڍپڻ ۾ سندس پيءُ يا سنڀاليندڙ ديويءَ جي خدمت ۾ ارپڻ ڪيو هوندو هو. مصيبتن ۾ گهيريل ڪوئلا، گهڻو ڪري، پنهنجن ٻارڙن کي الهين قربان ٿيڻ لاءِ وڪرو ڪندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح اهي "پنهنجي روح جي نجات هڪ يقيني امر، ۽ پنهنجن ٻارڙن جو موت، الساالذات جي ڀلائيءَ لاءِ انتهائي معزز، سمجهندا هئا."
پالونا قبيلي جي هڪ ماڻهوءَ کي، هڪ دفعي، ڪنهن ڪوئلا کي خوب گاريون ڏيندي ڏٺو ويو، جنهن وڏائي وڏالي اپت آهيءَ ڪوئلا جي مڻين ۾ ٽڪ ڪٿي اڇلائي، جو ته ڪوئلا پنهنجي هڪ سڳي ٻار کي قربان ٿيڻ لاءِ وڪيو هو، جنهن ساڻ پالونا شادي ڪرڻ ٿي چاهي. ڪوئلن جو هڪ گروهه، جو اهو تماشو ڏسي رهيو هو، هڪدم ڏوڪي اڳتي آيو ۽ ٻار وڪڻندڙ کي هيئن چئي تسلي ڏني ته "تنهنجو ٻار ان ڪري مئو آهي ته ٻالي دايا زاده رهي ۽ ڌرتي ديوي خود بخود اها ٽڪ تنهنجي منهن تان اگهي ڇڏيندي." قربانيءَ لاءِ مخصوص ٿيل ماڻهن کي قربان ڪرڻ کان اڳ، ڪيترن سالن تائين پاليو ويندو هو. اهڙن ماڻهن کي مقدس هستيون تصور ڪيو ويندو هو، جنهن ڪري انهن سان انتهائي محبت ڀري هلت ڪئي ويندي هئي. هر وقت سندن احترام ڪيو ويندو هو ۽ اهي جتي به وڃي نڪرندا هئا، اتي سندن آجيان ڪئي ويندي

هئي. جڏهن ڪو ”ميرياه“ نوجوان بلوغت کي پهچندو هو، تڏهن کيس عام طرح زال ڏني ويندي هئي، جا گهڻو ڪري پاڻ به ”ميرياه“ يا قربانيءَ لاءِ مخصوص ڪيل ڇوڪري هوندي هئي. زال سان گڏ کيس زمين جو هڪ ٽڪر ۽ زرعي اوزار ۽ ٻيو گهرو سازوسامان به ملندو هو. سندس اولاد به قربانيءَ لاءِ مخصوص هوندو هو. اهڙيون قربانيون ڌرتي ديويءَ کي مختلف ٽوليون، قبيلن جون شاخون، يا ڪوٽ موسمي تقريبن ۽ غير معمولي موقعن تي پيش ڪندا هئا. مختلف قبيلا ۽ انهن جون شاخون موسمي قربانين جو اهڙيءَ طرح انتظام ڪندا هئا، جو هر هڪ خاندان جي وڏي مڙس کي سال اندر گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو، پنهنجيءَ پوک لاءِ گوشت جو هڪ ٽڪر، گهڻو ڪري، اهڙي وقت هٿ اچي سگهي، جڏهن هو پنهنجي ملڪ فصل جي پوکي ڪرڻ جي تياري مڪمل ڪري چڪو هوندو هو.

انهن قبائلي قربانين ڏين جو طريقو هيءُ هو: قربانيءَ کان ڏهه يا ٻارهن ڏينهن اڳ، قربان ٿيندڙ ماڻهوءَ جا وار وڍيا، جي ان وقت تائين اڻ وڍيل ڇڏيا ويندا هئا، کيس قربانيءَ لاءِ ارپڻ ڪيو ويندو هو. قربانيءَ جي منظر ڏسڻ لاءِ مردن ۽ عورتن جا هجوم اچي گڏ ٿيندا هئا، ڪنهن کي به اتي حاضر رهڻ کان محروم ڪونه ڪيو ويندو هو، ڇو ته اها قرباني سڄيءَ انسانذات جي ڀلائيءَ لاءِ هوندي هئي. قربانيءَ کان اڳ، گهڻن ڏينهن تائين خوب عياشي، شراب نوشي ۽ زنا ڪيو ويندو هو. قربانيءَ کان هڪ ڏينهن اڳ، قربانيءَ واري ماڻهوءَ کي نوان ڪپڙا پارائي ڪوٽ سان هڪ جلوس جي صورت ۾، ناچ ۽ راڳ سان ”ميرياه ٻڙيءَ“ ڏانهن نيو ويندو هو، جا ڪوٽ کان ٿورو پرڀرو، ڪن اهڙن ٻلالي وڻن جي هڪ جهنگليءَ تي مشتمل هئي، جن کي ڪڏهن به ڪنهن ڪهاڙي جو ڌڪ لڳل ڪونه هوندو هو. اتي پهچي، کيس هڪ ٿنڀي سان ڇڪڙي ٻڌو ويندو هو، جو ڪڏهن خاص قسم جي ٻن ٻوٽن

جي درميان ڪوڙهو وڃندو هو. پوءِ ٽوڪ ۾ گهيرو ۾ هيٺ مٿائي،
ان کي مٿيون ڪيو ويندو هو ۽ ڳاڻ سان سينگاريو ويندو هو ۽
آٺين سڄي ڏينهن جي دوران ۾ سندس "اهڙي اسر جو احترام
ڪيو ويندو هو، جنهن کي اوچا ڳاڻ سيوز ڪرڻ آسان ناهي."
هاڻي سندس جسم مان ڪارو ڪارو، انهي خواهه وڏي، لشالي حاصل
ڪرڻ لاءِ وڏي جدوجهد شروع ٿيندي هئي، هن جي ليٿي جي
هڪ ذري کي، جا ڪيس ڏئي ويندي هئي، ۽ سندس ڳڪ جي
هڪ قطري کي، خاص طرح عورتون شاهي خصوصيت جو حامل
سمجهنديون هيون. هو ڊنب جي چوڌاري موسيقيءَ جي تان تي
نچندو هو ۽ ڌرتيءَ کي خطاب ڪندي چوندو هو ته " اي خدا،
اسين توکي هي قرباني پيش ڪريون ٿا، اسان کي سٺا فصل،
سٺيون موسمون ۽ صحت عطا ڪر." پوءِ قربانيءَ واري ماڻهوءَ
سان ڳالهائيندي، هو چوندا هئا: "اسان توکي قيمت تي خريد
ڪيو هو ۽ زوريءَ نه پڪڙيو هو، هاڻي اسين رسم مطابق
توکي قربان ڪريون ٿا ۽ ان جو گناه اسان جي مٿان ناهي."

آخري ڏينهن تي صبح جو وري ۾ عياشيءَ جو دور شروع
ٿيندو هو، جو گذريل سڄي رات جي دوران ۾ روڪيو ويو نه
ويو هو، ۽ اهو منجهند تائين هلندو هو، جنهن کان پوءِ اهو
بند ڪيو ويندو هو، ۽ سڀني ماڻهو قربانيءَ جي رسم کي مڪمل
ڪرڻ لاءِ مقرر جاءِ ڏانهن ويندا هئا. قربانيءَ واري ماڻهوءَ کي
وري ۾ ٽوڪ مکيو ويندو هو ۽ هر هڪ ماڻهو سندس جسم جي
مٿي لڪڙ کي ڇهي، هٿ کي لڳل ٽوڪ پنهنجي مٿي کي مکيندو
هو. ڪن ڪن جاين ۾ قربانيءَ واري ماڻهوءَ کي جلوس جي صورت
۾ سڄي ڳوٺ ۾ در در ڦيرايو ويندو هو، جتي ڪي ماڻهو سندس
مٿي مان وار پٽيندا هئا ۽ پوءِ وري سندس ڳڪ جي هڪ قطري
حاصل ڪرڻ لاءِ منٿ ڪندا هئا، جا اهي پنهنجن مٿن کي
مکيندا هئا. جتي ته قربانيءَ واري ماڻهوءَ کي، دستور موجب ۾
پٽڻ جائز ڪونه هوندو هو ۽ نه ڪيس ڪنهن مقابلي جو مظاهرو

ڪرڙو هوندو هو، ان ڪري سندس پاڻهي ۽ ضرورت مطابق ٽنگن جا هڏا ٽوڙيا ويندا هئا ۽ گهڻو ڪري، انهيءَ حفاظتي قدم جي ضرورت محسوس ڪانه ڪئي ويندي هئي، جو نه ڪٿي آفيم ساڻ مدهوش ڪيو ويندو هو. ڪوس مارڻ جو طريقو جدا جدا جاين تي مختلف هوندو هو. سڀني کان زياده عام طريقو ساڻ هڪ، ڳچيءَ يا ڇيڀائي مارڻ جو هوندو هو. ڪنهن ساويءَ وڻ جي شاخ کي ڪجهه فوٽن جي ڊيگهه، تائين وچون وچ چيرايو ويندو هو ۽ قربانيءَ واري ماڻهوءَ جي ڳردن (ڪن ٻين هنڌن تي ڇاتيءَ) انهيءَ چير ۾ وڌي ويندي هئي، جنهن کي پوڄاري ٻنهي ٽارين جي مدد ساڻ ٻنهي پوريءَ قوت سان بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو، ۽ هو انهيءَ ماڻهوءَ کي پنهنجيءَ ڪهاڙيءَ ساڻ ٿورو زخمي ڪندو هو، جنهن تي ماڻهن جو هجوم انهيءَ بدبخت مٿان ٽٽي پوندو هو ۽ سندس هڏن مان گوشت ڪوري، باقي سندس مٿي ۽ آنڊن کي ڇڏي ڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪوس جهڙي ٿي ٽڪر ٽڪر ڪيو ويندو هو. چوٽاڪيميڊيءَ ۾ قرباني ٿيڻ واري ماڻهوءَ کي، عام ماڻهن جي هجوم جي گهيري جي وچ ۾، ٻنهي ساڻ گهليو ويندو هو، جي سندس مٿي ۽ آنڊن کي ڇڏي باقي ٻئي جسم تان چاقن ساڻ ماس ڪوريندا ويندا هئا، تانجو هو مري ويندو هو. ساڳئي ضلعي ۾ قربانيءَ ڪرڻ جو هڪ ٻيو عام طريقو هيءُ هو ته، قربانيءَ واري ماڻهوءَ کي ڪاٺ جي هاٿيءَ جي ٻاهر نڪتل ڏاڍڻ ۾ ٻڌو ويندو هو، هاٿي هڪ مضبوط ٿنڀ تي ڦرندو رهندو هو ۽ جيئن جيئن اهو ڦيرو پائيندو رهندو هو، ايئن ايئن ماڻهو سڏائي واري ماڻهوءَ جي جسم مان ٽڪرا ٽڪرا گوشت وڍيندا رهندا هئا، جيستائين منجهس ساهه باقي هوندو هو. ڪن ڳوٺن ۾، ميجر ڪئمپبيل ڪاٺيءَ جا اهڙا جوڙهن هاٿي ڏٺا، جي اڳين قربانين ۾ استعمال ڪيا ويا هئا. هڪ ضلعي ۾ قربانيءَ واري ماڻهوءَ کي آهستي آهستي باهه تي ڀڃائي ماريو ويندو هو. هڪ هنڌ هون ٽلهو ڏاهو ويندو هو، جنهن جا ٻئي

پاڻ ڇت وانگر لاهه تي ھولڊا ھئا، ٽرپان ٽينڊر ماڻهوءَ جون
پاڻهون هڪ مضبوط رسيءَ سان سنڌس ٻڌيءَ ڪان زور سان ٻڌيون
وينديون هيون ۽ اهڙيءَ طرح سنڌس ٽنگون ٻه ڇڪڙيون وينديون
هيون، ته جيئن اهو گهٽو نه ڦٽڪي سگهي. اهڙيءَ حالت ۾ ڪيس
الهيءَ ٽاهي تي رکيو ويندو هو، اڻ ڪان پوءِ الهيءَ ٻه اصوب
کي ٽاهي جي لاهڻ تي، گهٽي ڪان گهٽي وقت ٽاڻن هيٺ ۽
مٿي ليٽڙين ڀارائڻ لاءِ، پنهي پاسن ڪان ٻاهون ٻارهوڻ وينديون
هيون ۽ جڏهن هو ليٽڙيون ڏيندو هيٺ ايندو هو، ٻا هيٺان
رڙهندو رڙهندو مٿي چڙهي ويندو هو، تڏهن ڪيس گرم ٻڌيون
ڏيون وينديون هيون. جو ته جيئن اهو زياده لڙڪ وهائيندو هو،
ليئن ماڻهن کي ميٺهن جي زياده مقدار مهيا ٿين جو آسرو ٿيندو
هو. پٺي ڏينهن تي ان جي جسم کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو
ويندو هو.

ٽرپاڻ ٿيل ماڻهوءَ جي بدن تان جيڪو ماس وڍي لاٿو ويندو
هو، سو هڪدم الهن ماڻهن هٿان گهر موڪليو ويندو هو، جن کي
هرهڪ ڳوٺ الهيءَ گوشت آڻڻ لاءِ پنهنجو اماڻندو ڪري موڪليو
هوندو هو. گوشت جي ارت اهڃ جي خاطري ڪرڻ لاءِ، اهو
ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن جي ٽولين هٿان، هڪ هنڌ کان ٻئي
ٽانئي، ٽپالين جي ٽيزيءَ سان پنجاه يا سٺ ميل دور پهچايو
ويندو هو. هرهڪ ڳوٺ ۾ جيڪي ماڻهو گهر رهجي ويندا هئا، سي
گوشت جي اهڃڻ تائين، ڪاڏي پابنديءَ سان روزو رکندا هئا.
گوشت آڻيندڙ، گوشت کي ڳوٺ جي عام ميڙ واريءَ جاءِ تي آڻي
رکندو هو، جتي پادري ۽ هر گهر جا وڏا ڪانئس اها امانت اچي
وٺندا هئا. ڳوٺ جو پنڊت الهيءَ گوشت جا حصا ۽ ٽڪرا ڪندو
هو ۽ الهن مان هڪ حصي کي هو پنهنجي ٻئي ڦيرائي زمين
۾ ڪٽل هڪ سوراخ ۾ دفن ڪري، ”ڌرتي ديويءَ“ کي پيٽ
ڏيندو هو ۽ ان طرف ٽهاريندو ڪولي هو. پوءِ ان جي مٿان هرهڪ
ماڻهو مٽي وجهي، گوشت جي الهيءَ ٽڪر کي دفن ڪرڻ ۾ هٿ وٺائيندو

هو ۽ پنڊت هڪ ٻڪري جي گوشت مان ٿورو ڪري هر هڪ ٻڪري جو چانڊا
وجهندو هو. باقي اڌ گوشت کي آهو پنڊت ايترن حصن ۾
تقسيم ڪندو هو، جيترن گهرن جا وڏا ان وقت آتي حاضر هوندا
هئا. هر گهر جو وڏو پالي گوشت جو پنهنجو حصو کڻي ۽ وڃي، آن
کي پنهنجي پسنديده ٻني ۾ دفن ڪندو هو ۽ ان کي دفن ڪرڻ ۾
داخل ڪرڻ وقت، پنهنجي ٻني ڏانهن پٺ ڪري ڪنڌ طرف ڪندو
هو، ته جيئن سندس نظر ان تي نه پوي. ڪن هنڌن تي، هر هڪ
ماڻهو پنهنجو حصو اڌ کي ڪٽي وٺندو هو، جا ٻني
کي سيراب ڪندي هئي ۽ هو گوشت جي اڌ کي لڪڙي جي هڪ
لڪڙي تي ٻڌي ڇڏيندو هو. ان کان پوءِ، ٽي ڏينهن تائين
ڪنهن به گهر کي ٻوهاري نه ڏني ويندي هئي. هڪ ضلعي ۾
سختيءَ سان خاموشي اختيار ڪئي ويندي هئي، ڪنهن به گهر
مان باهه ٻاهر ڪڍي نه ڏني ويندي هئي، ڪاٺيون نه وڍيون
وينديون هيون ۽ ڪنهن به اجنبيءَ جو استقبال ڪونه ڪيو ويندو
هو. قربانيءَ کان هڪ رات پوءِ، قربان ٿيل ماڻهوءَ جي باقي
بچيل (يعني مٿو، آنڊا ۽ هڏا) عضون جي سخت چوڪسي ڪئي
ويندي هئي، ۽ ٽئين ڏينهن تي، انهن عضون کي هڪ ٻڪريءَ رڍ
سان گڏ، باهه ۾ ساڙيو ويندو هو. انهن جي سڙڻ کان پوءِ، جيڪا
رک حاصل ٿيندي هئي، انهن کي پوکن ۾ منتشر ڪيو ويندو هو،
گهرن ۽ آنهن جي گدامن مٿان ڳاري طور ڇٽيو ويندو هو، يا انهن
آنَ کي جيتن جنترن کان محفوظ ڪرڻ لاءِ، منجهس ملائي رکيو ويندو
هو. ڪڏهن ڪڏهن مٿو ۽ هڏا ساڙيا نه، پر دفن ڪيا ويندا
هئا. انساني قربانيءَ تي بندش وجهڻ کان پوءِ، ڪن ڪن
هنڌن تي، انهن جي بجاءِ هيٺين طبقن جي جانورن کي قربان ڪرڻ
شروع ڪيو ويو، مثال طور، جيئن ڪمهڙيءَ جي دارالحڪومت ۾
ماڻهوءَ جي جاءِ ٻڪريءَ اچي والاري. ڪي ٻيا وري مينهن
قربان ڪندا آهن. مينهن کي مٿس هڙيءَ ۽ ڪاليءَ جي
هڪ ڪيلي سان ٻڌو ويندو آهي ۽ ماڻهو تيز چاقو کڻي سندس

چرڊاڙي ڳجهن وانگر اچيندا آهن ۽ پوءِ، جهنگلي جانور ان تي حملو ڪري، ڪيس چند منٽن اندر ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندا آهن ۽ گوشت جي ذري حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي سان خوب وڙهندا آهن. جيئن ئي ڪنهن ماڻهوءَ کي گوشت جو ٽڪر هٿ اچيندو آهي، تيئن ئي هو ان کي پنهنجي پٽيءَ ۾ دفن ڪرڻ لاءِ انتهائي تيز رفتاريءَ سان ڊوڙندو آهي، جو اڳين رسم مطابق، ڪن سجهن کان اڳ اها ڪارروائي پوري ڪرڻي هوندي آهي ۽ جيئن ته انهن مان گهڻن کي تمام دور وڃڻو هوندو آهي، ان ڪري ڪين تمام تيز ڊوڙڻو پوندو آهي. سڀ عورتون تيزيءَ سان ڊوڙندڙ ماڻهن جي پٺيان پٿر اڇلائينديون آهن، ڇو ته ان جو اثر تمام سٺو ويندو آهي. جلد ئي مقدس هڙتي، جا ٿورو ئي وقت اڳ شور و غل جو منظر هئي، ٿورن ماڻهن کان سواءِ، جي مقتول جي باقي بچيل حصن، چمڙوڪ سريءَ، هڏن ۽ پيٽ جي چوڪسي ڪرڻ لاءِ رهجي ويندا آهن، خاموش ۽ غير آباد ٿي ويندي آهي ۽ انهن عضون کي، بعد ۾، دستوري سات سوڻ سان قربانگاهه جي دامن وٽ ساڙيو ويندو آهي.

ڪونڌ قبيلي وارن جي انهن صدقن ۽ اسان جي اختياريءَ وارن "ميرياهه" کي صدقي ڏيندڙ آهن ماڻهن جي حيثيت ۾ ڏيکاريو آهي، جي ڌرتي ديويءَ کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪيس صدقي طور آڇيا ويندا آهن. پر انهن ماڻهن سان موت کان اڳ يا پوءِ جهڙا هلت ڪئي ويندي هئي، انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ رسم جي سمجهاڻي محض ديويءَ کي راضي ڪرڻ جي قربانيءَ جي حيثيت ۾ نه ٿي ڏئي سگهجي. گوشت جو ڪجهه حصو ته ڌرتي ديويءَ کي آڇيو ويندو هو، پر باقي گوشت کي هر هڪ گهر وارو پنهنجي پٽيءَ ۾ دفن ڪندو هو ۽ صدقي ٿيل ماڻهوءَ جي بدن جي باقي بچيل حصن جي رک کي پٽين ۾ ڦهلايو ويندو هو، اَن جي دڙن تي گاري جي صورت ۾ اڇليو ويندو هو، يا وري اٽي ۾ اَنَ سان ملايو ويندو هو. انهن پوئين رسمن ۾ هيءَ

حقيقت پوشيده رکيل آهي ته "مورياه" جي جسم ڏانهن قصابن کي
اپارڻ جي سڌي ۽ ذاتي اوت منسوب ڪئي ويندي هئي، جا
الهيءَ آڻ سڌي اثر کان بلڪل آزاد هئي، جو ديويءَ جي
خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن قربانيءَ طور ادا ڪرڻ سبب،
منجهس ڪٿي موجود هوندو. ٻين لفظن ۾ چئجي ته، ماڻهن جو اهو
اعتقاد هو ته قربانيءَ واري ماڻهوءَ جي گوشت ۽ رڳ ۾ زمين کي
آباد ڪرڻ جي جادوئي يا طبعي طاقت موجود هئي. ساڳي ئي
طاقت "مورياه" جي رت ۽ لڙڪن ڏانهن ب منسوب ڪئي ويندي
هئي، جا سندس رت کي سرخي بخشيندي هئي ۽ ان جا لڙڪ
برسات پيدا ڪندا هئا، جو ته، هن ۾ مشڪل سان ئي ڪو
شبهو ڪري سگهجي ٿو ته ڪم از ڪم اوائل ۾، سندس لڙڪن
لاءِ اهو اعتقاد هوندو ته سندس لڙڪ مينهن وسائيندا آهن ۽ نه،
محض ان جي اچڻ جي اڳڪٿي ڪندا آهن. ساڳيءَ ريت،
"مورياه" جي دان ڪيل گوشت مٿان پاڻيءَ اوڻ جي رسم، بنا
ڪنهن شڪ و شبهي جي، مينهن وسائڻ لاءِ جادوءَ جو هڪ ٽوٽڪو
هو. وري، "مورياه" جي خوبيءَ طور، جادوءَ جي طاقت سندس
الهيءَ شاهاڻيءَ خصلت مان ظاهر ٿئي ٿي، جا سندس جسم مان خارج
ٿيندڙ هر شيءِ، جهڙوڪ ڳڙ ۽ وارن ۾ موجود سمجهي ويندي
هئي. "مورياه" جي اهڙيءَ اوت سان وابستگي، هيءَ ڳالهه ظاهر
ڪري ٿي ته، هو محض ماڻهوءَ جي درجي کان بالاتر هو، جو
ديويءَ کي راضي ڪرڻ لاءِ قربان ڪيو ويندو هو. هڪ دفعو
وري ب، هيءَ ڳالهه، ڪرڻي پوي ٿي ته، ڪنهن ڇهڪو اڻ انتها احترام
ڏنو ويندو هو، سو انهيءَ نتيجي ڏانهن اشارو ڪري ٿو. مسٽر
ڪئمپبل "مورياه" لاءِ چوي ٿو ته "ڪنهن هڪ فاني انسان کان
زياده سمجهيو ويندو هو"، ۽ مسٽر مئڪفرسن چوي ٿو ته "ڪنهن
احترام جو اهو قسم ڏنو ويندو آهي، جنهن کي اوچا کان ممتاز ڪرڻ
آسان ناهي". ٿوري ۾ چئجي ته، "مورياه" کي ديوتائي هستي
سمجهيو ويندو هو. الهيءَ صورت ۾ هو اوائلي طرز ڌرتي ديويءَ

يا شايد اپالات جي ديوي ۽ جي نمائندگي ڪندو هو، جيتوڻيڪ
اوائلي وقتن ۾ ڪيس ديوتا جي حضور ۾ آڇيل قرباني ۽ جي حيثيت
۾ ۽ نه ديوتا جي روپ ۾ ڏٺو وڃڻ لڳو. "موراه" جي متعلق
قرباني ۽ جي ٻڪري هٿان جي نظريي ائين، ممڪن آهي ته اوائلي
مصنفن، جن گولڊ قبيلي وارن جي مذهب جي وضاحت ڪئي
آهي، اڃا وڌيڪ زور ڏنو هجي. اوائلي مبصر، جي قرباني ۽ کي ديوتا
جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ سندس حضور ۾ پيش ڏيڻ جي
پوئين دور واري نظريي جا عادي آهن، سڀ مذهبي ڪمن کي
انهي ۽ مفهوم ۾ سمجهڻ لاءِ آماده رهن ٿا ۽ اهي هي ۽ ته فرض
ڪن ٿا ته جيئن ته اهڙو ڪرم ڪيو وڃي ٿو، اهي لازمي طور
ڪو اهڙو ديوتا يا ديوي هوندي جنهن کي، قائلن جي خيال
موجب، اهڙو قتل عام قابل قبول هوندو. چنانچه، هن ڳالهه جو
امڪان آهي ته سندن اڳواٽ سوچيل نظريا، لاشعوري طور، وحشي
قبائل جي رسم ورواج جي بيان کي، پنهنجو رنگ ڏيئي ڇڏين ٿا.
ديوتا جي نمائندي کي قتل ڪرڻ جي ساڳي ۽ رسم جو،
جن جا "گولڊ" قبيلي وارن جي قربانين ۾ زبردست آثار نظر اچن
ٿا، مٿي ذڪر ڪيل ڪن اهڙي قربانين ۾ شايد ڪو سراغ
ملي وڃي. چنانچه، ذبح ڪيل "مثرهو" جي رڳ کي پنهنجي ۾
منتشر ڪيو ويندو هو، ارهنن چوڪري جو رت فصل ۽ پنهي ۽
تي اڇلايو ويندو هو، مقتول ٻار جو گوشت اناج جي گندي ۽ ۾
رکيو ويندو هو ۽ سورڪس قبيلي واري ۽ چوڪري ۽ جي رت کي
ٻج جي مٿان قطرو قطرو ڪري، ڪرڻ ڏنو ويندو هو. وري، قربان
ٿيندڙ ماڻهو ۽ جي اناج سان شناخت، ٻين لفظن ۾ ڪٿي جنهن ته
آهو نظريو، ته 'هو اناج جو روح آهي'، انهن مشقتن مان عيان
ٿئي ٿو، جي سندس ۽ انهي ۽ قدرتي شيءِ جي درميان، جنهن جو
منجهس واسو هوندو آهي يا جنهن جي اهو نمائندگي ڪندو آهي،
جسماني مشابهت پيدا ڪرڻ خاطر ڪيون وينديون آهن. چنانچه،
ميڪسيڪو جا باشندا انهي ۽ آن لاءِ انهيا پار، ۽ رکيل آن ۽

لاءِ ٻوڙها ماڻهو قربان ڪندا هئا، مثريموس ابهلي وارا "اِج" طور هڪ انڊي قد واري ڳاهي ماڻهوءَ کي قربان ڪندا آهن، جنهن جي قد جي ڪرڻهي تاري چاول ان جي انڊي قد سان مشابهت رکندي آهي ۽ سندس ڳوڙهي، الهيءَ حالت سان، جيڪا سنڌن مرضي هوندي آهي، ته فصل حاصل ڪن ۽ "ٻالي" ابهلي جا ڳاڙها هندستاني، شايد ساڳي ئي خيال ڪان الون ماڻهن کي ٻالي الهو ڪندا هئا، جن کي کين قربان ڪرڻو هوندو هو وري، قربان ٿيندڙ ماڻهوءَ جي آنَ سان شناخت، کرس بالجن ۽ ڪوڏرن سان ڪوهن جي آريڪي رسم ۽ کرس آنَ واڪر ٻئي ٿرڻ جي وچ ۾ ٻسجن جي ميڪسيڪو وارن جي رسم سان عيان ٿئي ٿي.

انهن وحشي رسمن ۾ هڪ وڏيڪ اقطو قابل غور آهي. "ٻالي" قبيلي وارن جي سردار "سوڪس" قبيلي جي ڇوڪريءَ جي دل ڪاڍي، ۽ مثريموس ۽ گولڊ قبائل وارن قربانيءَ واريءَ ماڻهوءَ جو ماس ڪاڍو. جيڪڏهن قربان ٿيندڙ ماڻهوءَ کي، جهان اسين سمجهون ٿا، ديوتائي هستي سمجهيو ويندو هو، ته پوءِ هيءُ اهڙو لازمي طور لکري ٿو ته سندس گوشت کائڻ ۾ آن جا ٻوچاري هيءُ اعتقاد رکندا هئا ته اهي خود انهيءَ ديوتا جي جسم جو حصو کائي رهيا آهن.

٤- آن جي روح جو سنڌس انساني نمائندن ذريعي قتل:

جن وحشي ماڻن سوڻن جو هيئر ٻيان ڪري آياسون، ان مان اسان کي يورپ جي لاٻاري وارين رسمن سان مشابهت رکندڙ ڪي ڳالهيون ملن ٿيون. چنانچه، آنَ جي روح ڏانهن آباديءَ جي جيڪا اوت بخش طاقت منسوب ڪئي وڃي ٿي، سا قربان ٿيل ماڻهوءَ جي رت يا رک کي ٻج سان ملائڻ جي وحشي رسم آهه جي ٻولهن ۾ ستيءَ سان لڪتل داڻن کي موسم بهار ۾ انهن چاول آنَ سان ملائڻ جي يورپي رسم سان بلڪل هڪ ئي اصولي بيان ظاهر ٿئي ٿي. وري، ماڻهوءَ جي آنَ سان شناخت،

آنءَ جي قد و قامت ۾ چمار کي اربان ڏينڌڙ ماڻهوءَ جي حقيقي يا
متوقع قد ۾ عمر مطابق گهٽائي ۾ وڌائي جي وحشي رسم مان
بلڪل ساڳيءَ طرح واضح ٿئي ٿي، جهڙيءَ طرح اسڪاٽلينڊ
۾ اسڪاٽلينڊ وارن جي هڪ قاعدي مان، ته جڏهن آنءَ جي روح
جو تصور "ڪنواريءَ" جي صورت ۾ ڪيو وڃي، تڏهن آخري
آنءَ نوجوان ڪنواري ڇوڪريءَ کي وڍڻ گهرجي، ۽ جڏهن
مذكور تصور "آنءَ-ماءُ" جي صورت ۾ ڪيو وڃي، ته پوءِ آخري
آنءَ پوڙهيءَ عورت کي لڻڻ گهرجي، ساڳيءَ طرح، اها حقيقت الهيءَ
ڇتاءَ مان ظاهر ٿئي ٿي، جو لورينءَ ۾ پوڙهين عورتن کي الهيءَ
وقت پاڻ بچائڻ لاءِ ڊنو ويندو آهي، جڏهن "پوڙهيءَ-عورت"
کي قتل ڪيو ويندو آهي، يعني جڏهن پوئين آنءَ کي ڳاهيو
ويندو آهي. بلڪل ساڳيءَ طرح، اها حقيقت ٽائرول وارن جي
الهيءَ اميد مان ظاهر ٿئي ٿي، ته ڳاهه وقت جڏهن آخري
ڌڪ هڻندڙ جو قد ڊگهو هوندو، ته ايندڙ سال جو آنءُ به ڊگهو
ٿيندو. علاوه، اها ساڳي شناخت، وحشين جي آنءَ جي روح جي
عوضيءَ کي ٻلچڙ يا ڪوڏرين مان مارڻ، يا ڪوس ٻن پٿرن جي
درميان چيڀاڙڻ يا ڇهه ڪلاڪ مارڻ جي ڊولڪ ڪرڻ واريءَ پوراڻي
رسم ۾ پوشيده نظر اچي ٿي. اڃا به، قربان ٿيل ماڻهوءَ
جي گوشت مٿان پاڻي اوتڻ جي ڪونڊ قبيلي وارن جي رسم، آنءَ
جي روح جي شخصي نمائندي مٿان پاڻيءَ وجهڻ يا ڪوس پاڻيءَ
جي ڪسيءَ ۾ ٻُڏڻ ڏيڻ جي پوراڻي رسم مان متوازن آهي.
پڻ رسموڪ، ڪونڊ ايبلي ۾ پوراڻي آبادگارن جون، مينهن وسائڻ
لاءِ جادوءَ جا ٽوٽڪا آهن.

اڃا به، هاڻي لئيرسز جي ڳالهه ڏانهن واپس اچون. هيءَ
ڳالهه ڏيکاري وئي آهي ته، وحشي معاشري ۾، فصلن جي واڍ ۾
اضافي آڻڻ لاءِ، ماڻهن کي عام طور قتل ڪيو ويندو آهي. ان ڪري،
هن قياس ۾ ڪا، غير امڪاني ڳالهه ڪانهي ته ڪنهن زماني ۾
فريجيا ۽ يورپ ۾ به، انهن کي ساڳئي مقصد لاءِ قتل ڪيو

وڃندو هو، ۽ جڏهن فرانگيا وارن جي روايت ۽ يورپ وارن جي لوڪ-رسم، هڪ ٻئي سان قريبي طور متفق ٿينديون، هن فيصلي ڏانهن اشارو ڪن ٿيون ته ماڻهن کي درحقيقت، انهيءَ ئي مقصد لاءِ قتل ڪيو ويندو هو، ته پوءِ ايمان کي اهو فيصلو ڪم از ڪم عارضي طور، تسليم ڪرڻو پوندو. ان کان سواءِ، لٿيرسز واري ڳالهه، ۽ يورپ جون لاباري وارون رسمون، ٻئي هن ڳالهه طرف اشارو ڪرڻ ۾ متفق آهن ته اناج واري ماڻهوءَ کي اُن جي روح جي نمائندي جي حيثيت ۾ قتل ڪيو ويندو هو ۽ اهو اشارو انهيءَ نظريي سان بلڪل ٺهڪندڙ آهي، جو ڪن وحشي اناج واري ماڻهوءَ متعلق رکندا معلوم ٿين ٿا، جنهن کي انسان کي پلي ڪرڻ خاطر قتل ڪيو وڃي ٿو. انهن سڀني ڳالهين جي مد نظر، اسين هيءَ قياس بخوبي ڪري سگهون ٿا ته فرانگيا ۽ يورپ، ٻنهي ۾، اُن جي روح جي نمائندي کي هر سال ٻنهيءَ ئي قتل ڪيو ويندو هو. هن باري ۾ اعتبار رکڻ لاءِ اهڙا دليل اڳ ئي ڏيکاريا ويا آهن ته يورپ ۾ ۽، ساڳيءَ ريت، وڻ جي روح جي نمائندي کي هر سال ماريو ويندو هو. انهن ٻنهي عجيب و غريب ۽ ارٻي مشابهت رکندڙ رسمن جون ثابتيون هڪٻئي کان بلڪل آزاد آهن. انهن جو اتفاقي اشتراڪ ٻنهي جي حق ۾ هڪ ٿورو فائديمند خيال مهيا ڪندو معلوم ٿئي ٿو.

هن سوال جو، ته اُن جي روح جو نمائندو ڪهڙي نموني سان منتخب ڪيو ويندو هو، هڪ جواب اڳ ئي ڏنو ويو آهي. لٿيرسز واري روايت ۽ يورپي لوڪ-رسم، ٻئي ڏيکارين ٿيون ته ٻنهيءَ وٽان لنگهندڙ اجنبي اُن جي روح جا نمائندا سمجهيا ويندا هئا، جي لڻڻ يا ڳاهڻ اُن سان اوار ٿي رهيا هئا ۽ ان ڪري کين پڪڙيو ۽ قتل ڪيو ويندو هو. پر، ان باري ۾ جيڪي شهادتون مليون آهن، تن مان فقط اهوئي هڪ جواب نه ٿو ملي. فرانگيا واريءَ روايت مطابق، لٿيرسز جا شڪار محض ڪي راهگير اجنبي نه، پر آهي ماڻهو به هوندا هئا، جن کي هُن لڻڻ جي

مقابلي ۾ جيتو هوندو هو ۽ بعد ۾ ڪين آنَ جي سٿين ۾ وڙهي،
قتل ڪيو هوندو هو. هن ڳالهه مان هيءُ اندازو نڪري ٿو ته
آنَ جي نمائندن کي شايد لاباري وارين ٻنهي ئي مقابلي جي نتيجي
۾ منتخب ڪيو ويندو هو ۽ آن ۾ هارائيندڙ اميدوار کي الهيءَ
موٽمار اعزاز قبول ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويندو هو. الهيءَ قياس
کي يورپ جي لاباري وارن رسمن وٽان حمايت حاصل ٿي رهي
آهي. اسان ڏٺو آهي ته يورپ جي لاباري ۾، ڪڏهن ڪڏهن،
سڀني کان پٺتي رهجي وڃڻ کان بچڻ لاءِ، مقابلو ٿيندو آهي ۽
جيڪو ماڻهو الهيءَ مقابلي ۾ هارائيندو آهي، يعني جيڪو آنَ
لڻڻ ۾ سڀني کان پٺتي رهجي ويندو آهي، انهن کي گهڻو ڪري
مار ڪڍي ويندي آهي. هيءَ هڪ حقيقت آهي ته اسان کي اهو
معلوم ڪرڻ ڏيو آهي ته الهيءَ ماڻهوءَ کي، جيڪو ڳاهه ڳاهڻ
وقت آخرين ڏڪ هڻندو آهي، يعني جيڪو ڳاهه جي مقابلي ۾
هارائيندو آهي، انهن کي قتل ڪرڻ جو ڍونگ ضرور ڪيو ويندو
آهي. هاڻي، جيئن ته آنَ جي روح جي نمائندي جي سرشت ۾
هيءَ ڳالهه شامل آهي ته اولهه رهيل آنَ جي ڳاهيندڙ کي مارڻ
جو ڍونگ ڪيو وڃي ٿو ۽ جيئن ته آخرين آنَ جي لڻندڙ ۽
سٿڻ ٻڌندڙ جي اهڙي ئي نمائنده حيثيت آهي (جيئن اسين ڏسي
آيا آهيون)، جهڙي آخرين آنَ ڳاهيندڙ جي، ۽ جيئن ته، انهن
سڀني ڪمن مان هرهڪ ۾، پٺتي رهجي وڃڻ کان لاباري سا ڳيءَ
نفرت جو اظهار ڪندا آهن، ان ڪري اسين هيءُ اندازو ڪري
سگهون ٿا ته آخرين آنَ وڍيندڙ، سٿڻ ٻڌندڙ ۽ ڳاهه ڳاهيندڙ
کي قتل ڪرڻ جو عام طرح سان ڍونگ ڪيو ويو آهي ۽ قديم زماني
۾ انهن ماڻهن کي، درحقيقت، قتل ڪيو ويندو هو. الهيءَ قياس جي
پٺڀرائي عام ماڻهن جي هن وهم مان ٿي رهي آهي ته جيڪو به
اولهه آنَ وڍيندو، سو جلد ئي مري ويندو. ڪڏهن ڪڏهن، هيءُ
خيال ڪيو ويندو آهي ته جيڪو ماڻهو ٻنيءَ ۾ سڀني کان آخرين
سٿي ٻڌندو، سو ايندڙ سال جي دوران ۾ مرندو. سڀني کان اولهه

آڻ اڻيندڙ، سڀني پڇاڙڙ ۽ ڳاهه ڳاهيندڙ کي آڻ جي روح جي لمائندي مقرر ڪرڻ جو سبب هيءُ هوندو. آڻ جي روح لاءِ اهڙن سمجهيو ويندو آهي ته اهو گهڻي کان گهڻي وقت تائين آڻ ۾ لڪو رهندو آهي ۽ اهو ڪم ڪندڙ لاپاري، سڀني پڇاڙڙڻ ۽ ڳاهه ڳاهيندڙن کان پاڻ کي لڪائڻ لاءِ، پڻ هٽندو ويندو آهي. ان هن کي ڇڏهن آخرين وڍڻ آڻ، يا آخرين پڇل سٿيءَ يا آخرين ڳاهڻ دائن مان زوريءَ ٻاهر ڪڍيو وڃي ٿو، تڏهن هو لاچار ٿي، ڪائن کان علاوه، جي الهيءَ وقت کان پيشتر انهيءَ روح جو لباس يا جسم هئا، ڪا ٻي صورت اختيار ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح خارج ٿيل آڻ جو روح، انهيءَ ماڻهوءَ جي صورت کان علاوه، جو الهيءَ آڻ جي قريب ٿيڻ ايتل آهي، جنهن مان کيس (آڻ جي روح کي) تازو ٿي لڪائي ڏاڍي وڻي آهي، ٻيو ڪهڙو روپ زياده قدرتي طور اختيار ڪري سگهي ٿو؟ اهو ماڻهو لازمي طور، پوڙن آڻ جو اڻيندڙ، پڇاڙڙ يا ڳاهيندڙ هئڻ گهرجي. انهيءَ مرد يا عورت کي، اڻ ڪري، پڪڙي سائس اهو سلوڪ روا رکيو وڃي ٿو، جو هولد هود آڻ جي روح سان رکيو وڃي.

چنانچه، جنهن ماڻهوءَ کي لاپاري وارٿ پڻيءَ ٿي آڻ جي روح جي لمائندي جي حيثيت ۾ قتل ڪيو ويندو هو سو، يا ته ڪو واٽهڙو اجنبي هوندو هو، يا اهو لاپارو هوندو هو جو لڻڻ، پڇل يا ڳاهڻ جي مقابلي ۾ سڀني کان پٺتي رهجي ويندو هو. ان اڻ باري ۾ هڪ ٿيون به امڪان آهي، جنهن ڏانهن قديم روايت خواه جديد لاپاري جي رسم، ساڳيءَ طرح اشارو ڪن ٿيون. لٿورسز، فقط اجنبين کي ئي قتل ڪوا ڪندو هو، خوه کيس به ايت قتل ڪيو ويو ۽ ظاهر آهي ته کيس به الهيءَ ئي طريقي سان ماريو ويو هوندو، جنهن سان هو ٻين کي قتل ڪندو هو، يعني آڻ جي سٿيءَ اندر ويڙهجي، يا گردن وڍائي، يا درياه ۾ اڇلائجي. هيءَ حقيقت نه پوشيده هوندي به ظاهر آهي ته لٿورسز سان اهي سڀ حادثا سندس پنهنجي آڻ ئي ٻاهن

آيا هوندا. ساڳيءَ طرح، لاپارن جي چنڊ رسم ۾ قتل ڪرڻ جو ڏولاڳ پنهنجي مالڪن (ڪڙميءَ يا زميندار) جي جسم مان، اوترو ئي جلد جلد ڪٽيو ويندو آهي، جيترو اڳتي وڌڻ مان. هاڻي، جڏهن اسين هيءَ ڳالهه ياد رکندا سون ته لٽيرسز فرائيڪيا جي بادشاهه جو پٽ هو ۽ هڪ ٻيءَ روايت مطابق، هو پاڻ ئي الاڻ جو بادشاهه هو ۽ جڏهن اسين انهيءَ ڳالهه مان هن روايت کي ملائيندا سون ته ڪنهن آنَ جي روح جي نمائندي جي حيثيت ۾ قتل ڪيو ويو هو، ته پوءِ اسان کي هيءُ انومان ڪرڻو ٿو پوندو ته هتي اسان کي انهن خدائي يا پوڄاري بادشاهن مان وڌيڪ هڪ جو مثال ملي ٿو، جن کي هر سال قتل ڪيو ويندو هو ۽ جن لاءِ هيءَ ڳالهه مشهور آهي ته انهن جو اولهه ايشيا جي گهڻن علائقن، ۽ خاص طرح فرائيڪيا ۾، جيئنتائين تسلط ڇانيل هو. معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ رسم کي، جيئن اسين ڏسي آيا آهيون، ڪن ڪن هنڌن تي ايترقدر ڦيرايو ويو آهي، جو بادشاهه جي بجاءِ بادشاهه جي پٽ کي قتل ڪيو ويندو هو. لٽيرسز جو قصو انهيءَ تبديل ٿيل رسم جو، ڪم از ڪم هڪ مفهوم ۾، هڪ يادگار مثال هوندو.

هاڻي، اچو ته ڏسون ته، فرائيڪيا واري لٽيرسز جو فرائيڪيا واري اٽس سان ڪهڙو تعلق هو. ان باري ۾ هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته پيسينس ۾ — جو پوڄاري بادشاهن جي سلطنت جو وڏو مرڪز هو — وڏي پوڄاريءَ کي اٽس جي نمائندي جي حيثيت ۾ هر سال قتل ڪيو ويندو هو، جو ٻوٽن جو ديوتا هو ۽ هڪ قديم اختياريءَ مطابق، اٽس جي وضاحت ”آنَ جو لڙيل سنگ“ جي لفظن سان ڪئي وئي آهي. چنانچه، ممڪن آهي ته اٽس کي، آنَ جي روح جي نمائندي هئڻ جي حيثيت ۾، جنهن کي هر سال سندس نمائندي جي ذريعي قتل ڪيو ويندو هو، آخرڪار لٽيرسز جو هم-وجود تصور ڪيو ويو هجي ۽ انهن ٻنهي ديوتائن مان پهريون، اٽس جو فقط هڪ ديهاتي نمونو هجي، جنهن مان اٽس جو سرڪاري مذهب آهستي آهستي نمودار ٿيو هجي. امڪان آهي ته ائين ٿيو هجي،

ٻئي طرف، يورپي لوڪ - رسم اسان کي چٽيءَ ڏيئي رهي آهي ته ساڳيءَ نموني وڻ، نباتات جي ٻين مختلف ديوتائن جا جدا جدا شخصي نمائنده موجود ٿي سگهن ٿا، جن ساڻ ٻنهي کي ديوتائن جي شخصيت ۾ سال جي مختلف وقتن تي قتل ڪيو ويندو هجي. جو ته معلوم ٿئي ٿو ته يورپ ۾، جيئن اسين ڏسي آيا آهيون، هڪ ماڻهوءَ کي عام طرح وڻ جي روح جي حيثيت ۾ بهار جي موسم ۾ قتل ڪيو ويندو هو؛ ٻئي کي، اَنَ جي روح جي حيثيت ۾، موسم خزان ۾. ممڪن آهي ته فراليڪيا ۾ به، انهن ٻنهي کي ڏنڊو هجي. اتيس، خصوصي طور، وڻ جو ديوتا هو ۽ اَنَ ساڻ سندس تعلق وڻ جي ديوتا جي طاقت جي محض هڪ اهڙي توسيع هئي، جا ”هارويسٽ-مئي“ جي رسم ساڻ ظاهر ٿئي ٿي. وري معلوم ٿئي ٿو ته اتيس جي نمائندي کي بهار جي موسم ۾ قتل ڪيو ويندو هو، حالانڪ، لٽيرسز کي، فراليڪيا جي لاباري جي وقت مطابق، اونهاري يا سرءُ ۾ قتل ڪيو ويندو هوندو. انهن سڄي حقيقتن تي نظر رکندي، حالانڪ اسين لٽيرسز کي اتيس جو هڪ نمونو تصور ڪرڻ ۾ حق بجانب ڪونه آهيون، ان جي باوجود، انهن ٻنهي کي ساڳي ئي مذهبي نظرئي جي متوازي پيداوار سمجهي سگهجي ٿو ۽ انهن جو هڪ ٻئي ساڻ اهڙو تعلق هوندو هو، جهڙوڪ يورپ ۾ لاباري جي ”ٻڍڙي مرد“ جو موسم بهار جي ”وحشي ماڻهوءَ“ ”پَنَ جي ماڻهوءَ“ وغيره ساڻ هو. ٻئي نباتات جا روح يا ديوتا هئا ۽ انهن ٻنهي جا شخصي نمائندا هر سال قتل ڪيا ويندا هئا. پر، حالانڪ اتيس جي پوڄا کي هڪ اعليٰ مقام حاصل ٿيو ۽ ڪيس سرڪاري مذهب جو درجو ۽ شان و شوڪت نصيب ٿيو ۽ اهو اٽليءَ ۾ به ڦهلجي ويو، پر معلوم ٿئي ٿو ته لٽيرسز جي سانن سونن کي پنهنجي اصلي وطن، فراليڪيا، کان ٻاهر نڪرڻ جو موقعو ڪونه مليو ۽ آهي هميشه لاءِ پنهنجي اصلوڪي دهقاني شڪل و صورت قائم رکندا آيا، جن کي فراليڪيا جا ڪڙمي لاباري وارن ٻنن تي ئي ادا ڪندا رهيا. وڌ ۾ وڌ، ڪجهه، ڳوٺ ٻان

۾ ملي، ڪوليئن وانگر، ڪنهن ماڻهوءَ کي هٿ ڪري، ڪيس اَنَ جي
روح جي نمائندي جي حيثيت ۾، عام مفاد لاءِ ڳڌجي قربان ڪندا
هوندا. ممڪن آهي ته، صدقو ڏيندڙ اهڙا ماڻهو بيچاري بادشاهن
جي مائٽن مان يا ننڍن بادشاهن مان چونڊي ڪڍيا ويندا هئا ۽
اها حقيقت هن ڳالهه جو ثبوت فراهم ڪري ٿي ته، لٽيرسز فراڳيا
جي بادشاه جو پٽ هو، يا خود اتان جو بادشاهه هو. جڏهن
مختلف ڳوٺ پاڻ ۾ ملندا هوندا، تڏهن هرهڪ ڳوٺ يا هرهڪ
ڪٽنب، ڪنهن نه ڪنهن اجنبي راهگير يا اهڙي لاڀاري کي قتل
ڪري، جو لاش، مٽين پٽڻ يا ڳاهه ڳاهڻ ۾ سيئي ڪاڻ پنهنجي
رهجي ويندو هوندو، پنهنجي لاءِ اَنَ جي روح جو جدا جدا نمائندو
حاصل ڪندو هوندو. قديم دور ۾ ماڻهن جي سِسن جي شڪار
ڪرڻ جي رسم، اَنَ جي واڌ ۾ اضافي آڻڻ جي هڪ ذريعي
هئڻ جي حيثيت ۾، شايد يورپ ۽ اولهه ايشيا جي وحشي قومن
۾ ايترقدر عام ڪونه هوندي، جيترقدر اها اڃا تائين، يا گهٽ ۾ گهٽ
ڪجهه زمانو اڳ تائين، آسام، برما، فلپائن ٻيٽن ۽ هندستاني
جزيرن جي مڙن جي وحشي آبادگار قومن ۾ عام هئي. هن
ڳالهه جي اضافي ڪرڻ جي ڪا خاص صورت ڪانهي ته يورپ
وانگر فراڳيا ۾ به، لاباري واريءَ پڙيءَ يا ڳاهه واري ميدان ۾
ماڻهوءَ جي قتل ڪرڻ جي قديم وحشي رسم تاريخي دور کان
تمام گهڻو وقت اڳ، محض هڪ نقل جي صورت اختيار ڪري
چڪي هئي ۽ ممڪن آهي ته، خود لاباري ۽ ڳاهه ڳاهيندڙ اُن
کي هڪ اڻ ڏٺي مسخري تصور ڪندا هجن، جنهن جي ڪري
فصل گهر کڻي وڃڻ جي خوشيءَ جهڙي موقعي لئي، عام آزاديءَ
هئڻ سبب ڪنهن به راهگير، پنهنجي ساٿيءَ يا خود پنهنجي
مالڪ سان، شايد عام اجازت ملڻ هجي.

لٽيرسز واري ٿي مون هن ڪري طويل بحث ڪيو آهي،
جو ته ان ۾ اسان کي يورپ ۽ وحشي لوڪ رسمن جي مشابهت جا
گهڻيئي نڪتا ملن ٿا. اولهه ايشيا ۽ مصر جي لاباري وارن جن

پوءِ گهڻن ڏاهن مٿي ڌيان مبذول ڪرايو ويو آهي، ان کي هيٺ زياده مختصر نموني سان نظر انداز ڪري سگهجو. فرائيڪيا واري ٽوٽمز جي اٽيئا واري بورس سان مشابهت، اهي تشريح کي واضح ڪري رهي آهي، جا ٽوٽمز جي متعلق ڏني وئي آهي. بورس، جنهن جي موت، يا ڪٿي چنجي ته گمشدگي، تي لابارا هر سال مرڻ، خوابي ذريعي ماتم ڪيندا آهن سو، ٽوٽمز والڪن هڪ بادشاهه يا گهٽ ۾ گهٽ، هڪ شاهوڪار ۽ ممتاز شخص جو پٽ هو. جنهن لابارن کي هو جاچي رهيو هو، سي سندس ڏي پئي تي ڪم ڪري رهيا هئا ۽ هو آهن لاءِ پاڻي آڻيندي غائب ٿي ويو. هڪ روايت مطابق، کيس ابيون کڻي ويون، جي بنان ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي، آهي ۽ چشمي يا تلاءَ يا درياهه جون ابيون هيون، جتان هو پاڻي ڀرڻ لاءِ ويو هو. هن معاملي ۾ ٽوٽمز واري ڳالهه ۽ يورپ جي لوڪ رسم جي روشنيءَ ۾ غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته بورس جي اها گمشدگي، خود زميندار کي آن جي سٽيءَ ۾ پٽڻ ۽ بعد ۾ کيس پاڻيءَ ۾ اڇلائڻ جي رسم جي هڪ يادگار هئي. لابارا جيڪو ماتمي گيت ڳائيندا هئا، سو شايد آن جي روح جي موت تي ماتم هو جيڪو، يا ته وڍجڻ آن ۾ قتل ڪيو ويو هو، يا ڪنهن انساني نمائندي جي صورت ۾ ماريو ويو هو ۽ اهي واڍڪا ڪري، جيڪي کيس سڏ ڪندا هئا، سي شايد کيس ايندڙ سال وڌ نئين طاقت ۽ آهنگ سان واپس اچڻ لاءِ پڪاريندا هئا.

فونيشيا جو "لائنس" گيت انگور چونڊڻ واري وقت ڳايو ويندو هو، جنهن بابت اسان کي هومر وٽان معلوم ٿئي ٿو ۽ اها ڳالهه، سالوس جي ڏاڪڻا سان گڏ، اسان جي هيءَ ڳالهه واضح ڪري ٿي ته قديم زماني ۾، انگور چونڊڻ وارا ۽ انگور جي کوٽڻ وارا، راهگيرن سان ساڳيو سلوڪ ڪندا هئا، جيڪو لابارو ٽوٽمز سان ڪندو هو. بلڪ ان سالوس، هڪ روايت مطابق، راهگيرن کي پنهنجي انگور جي مٿهون ۾ پنهنجي بجاءِ کوٽائيءَ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندو هو، تانجو هرڪيولس آئي پهچي، کيس قتل ڪيو

۾ سنڌس سڀني ولن کي ڀاڙون ۾ اڇلايو. اها ڳالهه، لئيمرز واري ڳالهه جي خاڪي والڪر معلوم ٿيڻ ٿئي، ۽ ان ۾ جيڪي خيال رهيل آهن، تن کي اثر ڪرڻ ۾ انهن کي ڪو قديم مصنف ۾ ان ڪا جديد لوڪ-رسم مدد ڏئي ٿي، ۽ ان کان علاوه، "لارس" کي شايد فوئينيشيا جا لاريا ان ڳالهائيندا هئا، جو ته هيروڊوٽس انهن جي "مئنيروس" کي ساڳي مشابهت ڪري ٿو جو جيڪي انسان مٿي ذڪر آيا آهن، مصري لارين جو مرڻو هو، جيڪو آهي لئيل آڻ مٿان بيهي آلاپيندا هئا. ان کان سواءِ، "لارس" کي- الٻولس سان شناخت ڪيو ويندو هو ۽ الٻولس کي خاص طرح آڻ جي ديوتا سمجهي لاءِ ٿوري گهڻي حجت موجود آهي. چنانچه، لاري وقت جيڪو "لارس" جو مرڻو ڳايو ويندو هو، سو الٻولس جي مرڻي جهڙو ئي هوندو، منجهائيندڙ هر هڪ مرڻو لارين لئي وارا آڻ جي مرده روح مٿان ڳائيندا هئا، ۽ هڪ طرف جتي الٻولس، ايڊونس وانگر، ڏاڍ ڪتائن جي هڪ شاهاڻي هستي ۾ ايبدل ٿي ويو، جنهن جي پوڄا ۾ مالر اوائينيشيا واري سنڌس اصلوڪي کور کان گهڻو دور، شاندار شهرن ۾ ڪيو ويندو هو، ٻئي طرف "لارس" محض هڪ سادو ماڻهو ڪيٽ رهجي ويو، جو لاريا ۾ الگور چئن وارا آڻ جي سٿين مٿان ۾ الگور جي مٿئين ۾ ڳائيندا هئا. لئيمرز ۾ يوراپي خواه وحشي لوڪ-رسم جي مشابهت مان هيءَ اندازو ٿئي ٿو ته اڳئين دور ۾ اوئينيشيا ۾ قتل ٿيل آڻ جي روح — مرده ائڊونس — جي امالندگي صدقي ٿيندڙ ماڻهوءَ جي ذريعي ڪئي ويندي هئي، ۾ الهيءَ الوماڻ جي لصعاق هارائ واري هيءَ روايت ڪري ٿي ته تموز (الٻولس) کي سنڌس ظالم مالڪ قتل ڪيو هو، جنهن سنڌس هڏا چڪي ۾ پيهي، هوا ۾ منتشر ڪري ڇڏيا هئا. جو ته ميڪسيڪو، جهڙين اسين مٿي ذڪر آيا آهيون، لاري وات صداو ٿيندڙ ماڻهوءَ کي ٻن اترڻ جي درميان چيڀاٽيو ويندو هو، ۽ هندستان ۾ آفريڪا ۾ قربان ٿيل ماڻهوءَ جي رک کي، يا سنڌس جسم کي ناس ڪرڻ

ڪاڻ ٻوءِ باقي ٻچڙن شين کي، پڻ ان ۾ منتشر ڪيو ويندو هو. ان ۾ ممڪن آهي ته هاران واري روايت جيڪي ۾ آئي جي پسمنظر ۾ اڄ جي ڦهلجڻ جي اظهار ڪرڻ جو محض هڪ ڊاڊڪائي طريقو هجي. هي ڳالهه قابل ذڪر آهي ته بابل جي ”ساڪائي“ تقريب تي، لائوس مهيني جي سورهين تاريخ تي، جنهن نقلي بادشاهه کي قتل ڪيو ويندو هو، سو خود تموز جي نمائندگي ڪندو هو. جو ته تاريخ نويس ايروسش، جنهن الهي تقريب ۾ ان جي تاريخ جو بيان قلمبند ڪيو آهي، شايد مشهور ڪئلينڊر استعمال ڪيو آهي، جو ان پنهنجي آبائي ملڪ تاريخ کي ائنٽيوڪس سوٽر جي ٽالي ۾ اراڻ ڪيو آهي. ۽ منهنجي ڏينهن ۾ مشهور ارا وارن جو لائوس مهينو بابل وارن جي تموز مهيني سان ٺهڪندو هو. جيڪڏهن اهو قياس صحيح آهي، ته پوءِ اهو اظهرو، ته ساڪائي ميلي ۾ نقلي بادشاهه کي ديوتا جي حيثيت ۾ قتل ڪيو ويندو هو، صحيح ثابت ٿئي ٿو.

هن باري ۾ ڪافي گهڻي شهادت موجود آهي ته مصر ۾ مقتول آنَ جي روح — مرده اڊونس — جي نمائندگي صدائي ٽنڊڙ مالهوءَ جي ذريعي ڪئي ويندي هئي، جنهن کي لاچارا لاباري واريءَ پٺيءَ تي قتل ڪندا هئا ۽ منهن موت تي هڪ اهڙيءَ مرثيي ذريعي ماتم ڪندا هئا، جنهن کي يوناني ڪنهن زباني غلط فهميءَ سبب ’منيروس‘ جو نالو ڏنو هو. جو ته معلوم ٿئي ٿو ته بسورس جي روايت انهن انساني قربانين جي ياد محفوظ رکي آهي، جي ڪنهن زماني ۾ مصر جا باشندا اوسورس جي اوچا جي متعلق آڻيءَ ديوتا-کي ڏيندا هئا. بسورس لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو هڪ مصري بادشاهه هو، جو سڀني اجنبين کي زيوس ديوتا جي قربان گاه تي قربان ڪندو هو. اهي رسم جي بنياد جو سراغ امان کي آڻي، قحط جي صورت ۾ ملي ٿو، جو اٺن سالن تائين مصر کي ستائيندو رهيو. ساٿوريا جي هڪ درويش بسورس کي اطلاع ڏنو هو ته اهو قحط هن شرط تي ختم ٿيندو، جيڪڏهن زيوس ديوتا کي هر سال

ماڻهوءَ جي قرباني بہ پيش ڪئي ويندي. سو، الهيءَ ڳالهہ تي ڪنهن ڏينهن، بسيرس قربانيءَ جو بنياد وڌو. پر، جڏهن هرڪيولس مصر آيو ۽ کيس قربان ڪرڻ لاءِ قربانگاهہ ڏانهن گهليو ويو، تڏهن هن زنجير ٽوڙي، بسيرس ۽ سندس پٽ کي قتل ڪري ڇڏيو. هن حالت ۾ بہ، هڪ اهڙي روايت ملي ٿي تہ مصر ۾ فصلن جي ناڪاميابيءَ کي روڪڻ لاءِ، هرسال هڪ ماڻهو قربان ڪيو ويندو هو ۽ هيءَ اعتقاد پوشيده طور موجود معلوم ٿئي ٿو تہ الهيءَ قربانيءَ کي نظر انداز ڪرڻ جي نتيجي ۾ اها قحط سالي وري اچي منهن ڪڍندي، جنهن کي روڪڻ الهيءَ قربانيءَ جو اصلي مقصد هو. چنانچہ، جيئن اسين ڏسي آيا آهيون، "پالي" قبيلي وارن جو اعتقاد هو تہ فصل پوکڻ وقت، جيڪڏهن انساني قرباني نہ ڪبي، تہ سندن فصل مڪمل طور تباهہ ٿي ويندا. بسيرس نالو، دراصل، هڪ شهر جو نالو، "پي - آسارا" يعني "اوسيرس جو گهر" هو. ۽ الهيءَ شهر تي اهو نالو هن ڪري پيو، جو اُتي اوسيرس جي قبر هئي. درحقيقت، ڪن اعليٰ جديد اختيارين وارن کي يقين آهي تہ بسيرس اوسيرس جو اصلوڪو گهر هو، جتان سندس پوڄا مصر جي ٻين علائقن ۾ ڦهلجي وئي. چيو وڃي ٿو تہ انساني قربانيون سندس قبر تي ڏنيون وينديون هيون ۽ جن ماڻهن کي اُتي قربان ڪيو ويندو هو، سي ڳاڙهن وارن وارا هوندا هئا ۽ سندن رک کي ڇڄڻ ذريعي هوا ۾ منتشر ڪيو ويندو هو. اوسيرس جي قبر تي پيش ٿيندڙ انساني قربانين جي روايت جي ثابتي آثارن جي يادگارن ۾ موجود آهي.

هتي بحث ڪيل حقيقتن جي روشنيءَ ۾، بسيرس واري مصري روايت، هڪ مستند ۽ ڪافي حد تائين امڪاني، تشريح مهيا ڪري ٿي. اوسيرس، يعني اَنَ جي روح جي نمائندگي هر سال لاباري وقت هڪ اجنبي ماڻهوءَ ذريعي ڪئي ويندي هئي، جنهن جا ڳاڙها وار کيس پڪل اَنَ جو هڪ موزون نمائندو بڻائيندا هئا. الهيءَ ماڻهوءَ کي، لاباري واريءَ پڙ تي اَنَ جي روح جي

نمائندي جي حيثيت ۾ قتل ڪيو ويندو هو ۽ لاچارا سندس ماتم ۾ ڪندا هئا ۽ ساڳئي وقت اها پرارٿنا به ڪندا هئا ته آڻ جو روح نئين طاقت سان ايندڙ سال، دوباره زنده ٿي، وڻن ۾ واپس اچي (معا - لي - رها، مثهوروس). سڀ کان پوءِ صدائي واري ماڻهوءَ يا سندس جسم جي ڪجهه حصي کي ساڙيو ويندو هو ۽ سندس رک کي پوکن کي آباد ڪرڻ لاءِ، ڇٽي ساڻ ڦهلايو ويندو هو. هن حالت ۾ قربانيءَ واري ماڻهوءَ کي، آڻ سان مشابهت هئڻ جي سبب ڪري، جنهن جي کيس نمائندگي ڪرڻي هوندي هئي، سندس انتخاب هن کان اڳ پاڻ ڪيل آهي ۽ ميڪسيڪو ۾ رسم سان ٺهڪي اچي ٿو. ساڳيءَ طرح، ميڪسيڪو وارن جي وچ اونهاري واري قربانيءَ ڏينهن جي موقعي تي، جيڪا عورت "آڻ - ماءُ" جي حيثيت ۾ مرندي هئي، تنهنجي منهن تي اڌ جي مختلف رنگن واري، سرخ ۽ زرد رنگ لڳايا ويندا هئا ۽ مڪائيءَ جي سنگن جي هڪ مٿڇي جي نقل ڪرڻ لاءِ، سندس مٿي ۾ ڏاتريءَ جو هڪ تاج وڌو ويندو هو، جنهن ۾ هوا ۾ لڏندڙ ڪنهن اڳل هوندا هئا. ٻئي طرف، "سفيد مڪائيءَ" جي ديويءَ جي ملهي تي، ميڪسيڪو جا باشندا ڪوڙهه جي مريضن کي قربان ڪندا هئا. رومي باشندا موسم بهار ۾ "ڪتي - ستاري" جي ساڙيندڙ اثر کي زائل ڪرڻ لاءِ، ڳاڙهن ڪتن کي قربان ڪندا هئا، جو سندن اعتقاد هو ته انهيءَ طرح فصل پچندا ۽ سرخ ٿيندا. هارن جا بت برست سج، جنهن ۾ پوکن کي اهڙن ماڻهن جون قربانيون ڏيندا هئا، جن کي انهن آسماني ستارن سان مشابهت هئڻ جي بنياد تي منتخب ڪيو ويندو هو، جن جي وارن ۾ ڪين قربان ڪيو ويندو هو. مثال طور، پوڄاري پاڻ سرخ ڪپڙا پائي ۽ بدن کي رت لڳائي، ڳاڙهن وارن ۽ ڳاڙهن ڳلن واري ڪنهن ماڻهوءَ جي قرباني "سرخ ستاري، مريخ" جي حضور ۾ هڪ اهڙي مندر ۾ ڏيندا هئا، جنهن کي پڻ ڳاڙهو رنگ ڏنل هوندو هو ۽ اُن ۾ ڳاڙها پڙدا لٽڪيل هوندا هئا. قربانيءَ واري ماڻهوءَ کي انهيءَ ديوتا

۽ قدرت جي اهڙيءَ نظام سان، جنهن جي اهو ديوتا نمائندگي
ڪري ٿو، ملائي هڪ ڪرڻ جي اهڙيءَ ۽ پڻ اهڙن مثالن جو
نمايان آخري طرح، هر آهنگ ۽ اقبال جادوءَ تي ٻڌل آهي ۽
اهو ۽ هيءَ نظريو پوشيده آهي ته جنهن مقصد حاصل ڪرڻ جو
ارادو هجي، سو هڪ اهڙيءَ قربانيءَ وسيلي ڏاڍيءَ آسانيءَ سان
حاصل ٿي سگهندو، جا آهيءَ انهيءَ سان مشابهت رکندڙ هجي،
جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ آها قرباني ڪئي وڃي.

هيءَ ڳالهه، ته اوسيرس جي جسم جا ٽڪر زمين تي هنڌان
هنڌان منتشر ٿيل پيا هئا ۽ انهن کي آسيس ديويءَ انهن ماڳين
تي جاڻي تي دفن ڪيو هو، جتي هن آهي لڌا هئا، ممڪن آهي
ته ڪولهي تيلي وارن جي ڪنهن اهڙيءَ رسم جو يادگار هجي،
جنهن ۾ قربانيءَ واري ماڻهوءَ جي جسم کي ٽڪرن ۾ تقسيم
ڪري، اهڙن مختلف ۽ دور دراز هنڌن تي پوري ۾ دفن ڪيو
ويندو هجي، جي گهڻو ڪري هڪٻئي کان گهڻي مفاصلي جي دوريءَ
تي واقع هجن.

چنانچه، جيڪڏهن اِهو صحيح آهيان، ته پوءِ اوسيرس جي
اسرارن جي ڪٿيءَ، مصري لاڀارڻ جي آها درد ڀري صدا مهيا
ڪري ٿي، جا رومي دور تائين سال بسال پڻ جي الام ۽
اي ايمان وسعت ۾ پڌرن ۽ ابندي هئي ۽ جا آن جي روح جي
موت جو اعلان ڪندي هئي، جو اوسيرس جو هڪ دهقاني لعرالهدل
هو. ساڳين ٿي صدائون، جيڪي اسين مٿي ڏسي آيا آهيون، اوله
ايشيا جي سيني پڻ سان ۽ پڌرن ۽ ابنديون آهيون ۽ الدم دوري
ماڻهن انهن کي راڳ سڏيو آهي، پرلائنس ۽ مئنيروس جي نالي جي
تجزيي ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته، انهن ۾ هاند ڪي ٽوراني اهڙا لفظ
هوندا هئا جي ڪي راڳ جو درجو ڏئي سگهجي. ٿلهي ۽ ڏکي آواز وارين
اهڙين صدائن جو اثر حيرت انگيز ٿيندو هوندو، جي هڪ ڪان وڏيڪ
زوردار آواز وارا ماڻهو گڏجي بلند ڪندا هئا ۽ جي ڪنهن ۽
اهڙي راهگير جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪڻ کان بمشڪل ناڪامياب

ٽپنديون هونديون، جنهن جي ڪنن ٽائين اهو آواز پهچندو هوندو. اهي آواز، جي بار بار دهرايا ويندا هئا، ڪافي آسانيءَ سان گهڻي مفاصلي تي به سڃاڻڻ ۾ ايندا هئا ۽ پر ايشيا ۽ مصر جي سير ڪندڙ ڪنهن به يوناني سياح کي اهي لفظ، گهڻو ڪري، بي معنيٰ معلوم ٿيندا ۽ امڪان آهي ته هو انهن کي بلڪل فطرتي طرح، ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جو نالو (مثلاً مشهورمن، لائنس، انهرسز، نورمس) سمجهندو هوندو، جنهن کي لاهاري وارا مدد لاءِ سڏائي رهيا هئا. ڇاڪاڻ ته پنهنجي سفر جي دوران هن کي هڪ کان وڌيڪ ملڪن، جهڙوڪ بابيلونيا، فارس ۽ مصر جي لاهاري وقت سير ڪرڻ جي ضرورت به پيش آئي هوندي، ته پوءِ کيس مختلف ملڪن جي لاهاري وارن صدائن جي مشابهت ڪرڻ جو موقعو به ضرور مليو هوندو. چنانچه، اسين هيءَ ڳالهه بخوبي سمجهي سگهون ٿا ته ڇو، يوناني سياح لاهاري جي انهن صدائن جو گهڻو ڪري خيال رکندا ۽ ڪڏهن هڪ ٻئي سان پيش ايندا هئا. پر، ڇاڪاڻ ته اهي صدائون باقاعدي طور راڳ جهڙيون هيون، ته اهي اتري مفاصلي تي ٻڌڻ ۾ به اچن ها ۽ ان ڪري اتري سارا سياح جو ڌيان پاڻ ڏانهن به ڇڪي سگهن ها. ان کان علاوه، جيتوڻيڪ ڪو راهگير اتري مفاصلي تي بيٺل هجي ها، جو انهن کي آسانيءَ سان ٻڌي نه سگهي ها، ته به هو انهن لفظن کي اهڙيءَ آسانيءَ سان شناخت نه ڪري سگهي ها.

ٽورو ٿي زمانو ٿيو ته ڊيوون شاير جا لاهارا ساڳئي قسم جون صدائون بلند ڪندا هئا ۽ پنهنجي هڪ اهڙي رسم ادا ڪندا هئا، جا انهيءَ رسم سان بلڪل مشابهت رکندڙ هوندي هئي جنهن مان، ڇاڪاڻ ته غلط نه هيان، اوسيرس جي ساڳي جو بنياد لڪتو هو. انهيءَ ڏانهن ۽ رسم جو هڪ مصور اڻويهين صديءَ جي اڌ ۾ هيئن بيان لکيو آهي: "ڊيوون جي اتر ۾، زياده تر پنهنجي، جڏهن سڀ ڪڻڪ لڻجي ويندي آهي، تڏهن لاهارا 'ڳلو ڦاڙي رڙ ڪرڻ' جي رسم ادا ڪندا آهن. منهنجو خيال آهي ته انهيءَ رسم کي ملڪ جي انهيءَ علائقي جي ڪنهن به

وڏي ڪٺ تي مشڪل ٿي اظهار ڪيو ويندو آهي. اهي جي ادا ڪرڻ جو طريقو هيءُ آهي: هڪ ٻڍو مرد يا ٻڍو ڪو اهڙو ماڻهو جو اهي موقعي تي (جڏهن ڪمي ڪاٺين ڪٺڪ جي آڳرين ۾ لڏندا آهن) ادا ڪندڙ سڀني ماڻن کان بخوبي واقف هوندو آهي، سو لٺ آن جي سٿون ۾ ٻيڙن ڏاهن ويندو آهي ۽ هو جيترا ٻ ٻهترون سنگ ڳوليو سگهندو آهي، اُن جي هڪ سٽڙي ڇولڻ ڪئي ايندو آهي، انهيءَ سٽڙيءَ کي هو بلڪل صاف طريقي سان پڌاڙدو آهي ۽ آن جي انن کي وڏو هي سيڙهي، ڏاڍيءَ اقامت سان ٺاهي رکندو آهي. اهيءَ کي ڪٺڪ يا ڪٺڪ جي سنگن جي "ڳچي" سڏيو ويندو آهي. جڏهن ٻني لڄي ويندي آهي ۽ دلو وري ٻهر ڦرايو ويندو آهي، اڏهن لاڀارل سٿون پڌڻ وارا ۽ موراون گول چڪر ٺاهي ٻهندرون آهن. جنهن ماڻهوءَ جي هٿ ۾ "ڳچي" هوندي آهي، سو وچ ۾ بيهندو آهي ۽ آن کي ٻنهي هٿن ۾ مضبوط پڪڙي جهليندو آهي. ٻهرباڻين هو اولڏو ٿيندو آهي ۽ "ڳچي" کي زمين جي ارڊب جهليندو آهي، چڪر ۾ اِٿل سڀ ماڻهو پنهنجا ٿورلا لاهي، اولڏا ٿيندا آهن ۽ ٿورلن کي ڏرتيءَ جي قريب آڻي ٻنهي هٿن سان مضبوط ڪري جهليندا آهن. ان کان پوءِ، اهي سڀيئي گڏجي هڪ ئي وقت تمام ڊگهي ۽ سريلي آواز ۾ هيءَ صدا بلند ڪرڻ شروع ڪندا آهن "ڳچي" ۽ ساڳي وقت آهي آهستي آهستي پاڻ کي سڌو ڪندا ويندا آهن ۽ پنهنجون پالهوڻ ۽ پنهنجا ٿورلا مٿي ڪان بلند ڪندا ويندا آهن، 'ڳچيءَ' وارو ماڻهو، اُن (ڳچيءَ) کي مٿي ڪندو ويندو آهي. ٽي دفعا ائين ڪيو ويندو آهي. پوءِ اهي پنهنجي صدا کي تبديل ڪري — 'وي - ٻهو!'، 'وي - ٻهو!' — چوندا آهن ۽ اهي لفظن کي، ساڳي ڊگهي آواز ۾، اڳي واڱر آهستي، عجيب هم آهنگيءَ ۽ اثر سان ٽي دفعا ادا ڪندا آهن. اهي پوئين صدا سان ٻ بدن ۽ پالهو جون ساڳيون ئي حرڪتون ڪيون وينديون آهن، جهڙيون 'ڳچي' واريءَ صدا سان ...... اهڙيءَ طرح 'ڳچي' ۽

'وي ٻن' ٻي دفعا دهرائي، اهي ڳجهي وڏي آواز ۾ خوشيءَ وچان ٽهڪ ڏين، ٻنهنجا ٽوپلا ۽ ٽوپيون مٿي هوا ۾ اڇلائن، هيڏاهن هوڏاهن ڪڏن ۽ ٽپن ۽ شايد ڇوڪرين کان ٻيهر وٺڻ شروع ڪندا آهن. پوءِ انهن مان هڪ کي اها 'ڳجهي' ڏني ويندي آهي ۽ هو پوريءَ طاقت سان زميندار جي گهر ڏانهن ڊوڙڻ شروع ڪندو آهي، جتي گهر واري ڇوڪري يا ٻي ڪا نوجوان گهريلو نوڪرياڻي پاڻيءَ سان ڀريل بالٽي هٿ ۾ جهلي، دروازي تي تيار بيٺي هوندي آهي، جيڪڏهن آهو ماڻهو، جنهن کي 'ڳجهي' هوندي آهي، ڪنهن ٻئي رستي کان، پر ظاهر ظهور اڳيءَ دروازي کان سواءِ، جنهن تي ڇوڪري پاڻي جهلي تيار ٿي بيٺي هوندي آهي، گهر اندر داخل ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي، ته پوءِ کيس انهيءَ ڇوڪريءَ کان ٻيهر وٺڻ جو حق ملندو آهي، پر، جيڪڏهن ائين نه ٿيو، ته پوءِ کيس بالٽيءَ ۾ پيل پاڻيءَ سان باقاعدي ترٻتر ڪيو ويندو آهي. "هڪ مٺيءَ ۽ خاموش سرءَ جي شام جو، 'انهيءَ ڳجهيءَ جي صدا' جو دور مفاصلي تي عجيب و غريب اثر هو، جو هڪ ارڪ مؤذن جي بانگ کان، جنهن جي لارڊ بائرن هيتري قدر تعريف ڪئي آهي، ۽ جنهن لاءِ هو چوي ٿو ته اها سچي عيسائي دنيا جي گهنڊن کان زياده وڻندڙ آهي، گهڻي قدر دل لڀائيندڙ هئي. مون هڪ يا ٻه دفعا ويهن کان زياده ماڻهن جي واتان اها رڙ ٻڌي آهي، جن ۾ ڪڏهن ڪڏهن اوتري قدر ٿي زنانا آواز به شامل هوندا آهن. اٽڪل ٻي سال اڳ، ڪن مٿاهين ٻنين تي، جتي اسان جا ماڻهو لاباري لڻي رهيا هئا، مون هڪ ئي رات اندر ڇهن يا ستن 'ڳجهين' جون صدائون ٻڌيون، حالانڪ، مون کي خبر آهي ته انهن مان ڪي ڇهن ميلن جي دوريءَ تان اچي رهيون هيون. ڪڏهن ڪڏهن، اهي شام جي خاموش فضا ۾ ڪافي گهڻي مفاصلي تان به ٻڌڻ ۾ اينديون آهن." وري، مسز براي ٻڌائي ٿي ته، ڪيئن ڊيوونشائر مان سفر ڪندي، "هن لاباري وارن جي هڪ گروهه کي مٿاهين زمين تي گول حلقي جي صورت ۾ بيٺي ۽ ڏاٽا مٿي جهليندي

ڏنو. انهن مان هڪ جڙو پنهنجي هٿ ۾ گلن مان ڳنڍ پڌل آهه جا ڪچهه، سنگ مٿي جهليو بيٺو هو ۽ مجمع تي دفعا وڏي آواز سان رڙ ڪري چئو (جيئن هوءِ لکي رهي آهي) 'آرلنڪ، آرلنڪ، آرلنڪ، وٺي هٿوڻ، وٺي هٿوڻ، وٺي هٿوڻ' پوءِ اهي پنهنجون زالن ۽ ٻارن سان گڏجي، گلن جون ڏاڙهون سان ڪٺي، ڳائيندا ۽ رڙيون ڪندا گهر ويا". مسز بري سان جيڪو مرد .لوڪر سان هو، تنهن چيو ته "اهي ته فقط ماڻهو هئا، جي هميشه والڪر لابارن جي 'روح لاءِ' پنهنجيون رانديون رچائي رهيا هئا." هتي، جيئن مس بري چوڻي آهي، "'آرلنڪ وٺي هون' جي ڊيوون شائر جي لهجي ۾ معنيٰ شايد 'اي لڪ (يا اٺڪ) وٺي هٿو آن' (هڪ ڪچهه اسان وٽ آهي) آهي."

اهي ئي الهير وسر جو هڪ ٻيو احوال، جو سنه ١٨٣٠ع ۾ ڏورور وٽ لکيل هو، هيئن آهي: "هاڻي، جڏهن هيلڪان وٽ سڄو آن 'لٽجي ويندو آهي، تڏهن ڪڙمي مرد ۽ ڪنواريون ڇوڪريون گهر جي سامهون ايندڙون آهن ۽ پاڻ سان گڏ آن جي هڪ مٿي ڪٺي ايندڙون آهن، جا سيئي ڪان پوءِ وڏي ويٺي هولدي آهي، ۽ اهي ڪي رسن ۽ گلن سان سينگاريو ويندو آهي، آن جي هڪ حصي کي مضبوط ڪري سوڙهو جهليو ويندو آهي، ته جيئن اهو طرف ڪچي والڪر نظر اچي. پوءِ اهي رڙ ڪري، وڏي ڪاڻ وڏي آواز ۾ چوندا آهن، 'اسان جو (منهنجو) طرف' ۽ 'اسان جو طرف'. پوءِ ڪير واري ڇوڪري اها 'ڪچي' ڪڙمين جي مهندار کي ڏيندي آهي، جو ڪالٽس اها وٺي، وڏي آواز سان ٽي دفعا هيئن چوندو آهي، 'تو وٽ ڇا آهي؟ تو وٽ ڇا آهي؟، تو وٽ ڇا آهي؟' پوءِ ٻيريون چوندو آهي، 'هڪ ڪچي، هڪ ڪچي، هڪ ڪچي' ۽ جڏهن اهو الهن جي اِس ڪندو آهي، تڏهن سيئي ماڻهو وڏو شور و غل مچائيندا آهن. اهي ٽي دفعا ائين ڪندا آهن ۽ هڪ وڏي رڙ ڪرڻ ڪان پوءِ، الاڻ هليا ويندا آهن ۽ خوب ڪائيندا، اچندا ۽ راڳ ڳائيندا آهن." هڪ ٻئي بيان مطابق، "جڏهن آخري آن لٽيو ويندو

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن ڪي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ڀَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جٿن جٿن جاڙ وڏي تي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڻَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڻَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)